رهاڻ



راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

رهاڻ

۱۹۹۹-۲۰۰۰

مکيہ سمپادڪ

پگوان اتلاڻي

سمپادڪ

سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي
ڪنعيا لعل آگناڻي

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

جي-٧، سياش مارگ، سي اِسڪيم،
جئپور - ۳۰۲۰۰۱ فون ۽ فئڪس 0141 - 381399

यादूं...



साल 98–99, राजयोगिनी दादी प्रकाश मणी खे 'सिंधु रत्न' ॿिनो वियो, सम्मान वठंदे दादी हृदयमोहिनी



साल 97–98, भारतीय प्रशासनिक सेवा जे अधिकारी एम.डी. कोरानी खे 'सिंधु रत्न' सां सम्मानित कंदे सांसद सुरेश केसवानी



24 मई, 98, अजमेर में समितियुन जे सम्मेलन जे मौके ते राजस्व मंत्री किशन मोटवानी जो स्वागत कंदे सलामत राय गुरबानी



14 अगस्त 99, सिंध स्मृति दिवस ते राज्य महिला आयोग जी अध्यक्ष श्रीमती कांता कथूरिया गुब्बारा उॾाये उद्घाटन कयो



27 जून 99, उदयपुर में राज्य स्तरीय सिंधी पंचायत सम्मेलन में खनिज मंत्री हीरालाल इन्दौरा जो सम्मान कंदे अध्यक्ष भगवान अटलानी



20 जुलाई 97, जयपुर में समितियुन जे सम्मेलन जे मौके ते मुख्य अतिथि शांति लाल चपलोत जो स्वागत कंदे अध्यक्ष भगवान अटलानी

فهرست

راجستان سنڌي اڪادمي
١٩٩٧-٢٠٠٠


هاسانند ڇيناڻي، سيڪريٽري راجستان سنڌي اڪادمي، جي-٧، سڀاش مارگ، سي اِسڪيم، جئپور- 302001 طرفان شايع

ڪمپيوٽر ٽائيپنگ ۽ سيٽنگ : ڪشور روپچند ڇيلانندالي، 61، خواس جي ڪا باغ، درگاپورا، جئپور- 302018 ، فون : 552481

پرنٽنگ : مهيش پرنٽرس اينڊ پبلشرس،231 ،دادو مارگ، برڪت ڪالوني، ٽونڪ ڦاٽڪ، جئپور- 302015 ، فون : 571647(S), 591326(R)

رهاڻ

سنڌي وياڪرڻ



معيار ڇا آهي؟ مُلهن، فاصلن ۽ سوچنائن جي تيز وهڪري جي دشا طئه ڪرڻ جنهن دور ۾ لڳاتار ڏکيو ٿيندو ويندو هجي، اُن دور ۾ معيار جي ڳالهه تعجب جهڙي لڳي سگهي ٿي پر جيئن سچ هميشه سچ ئي رهندو تيئن ملهن ۽ معيار جا ماڻ به قيامت تائين دائمي رهندا. يلي ضرورتن جو دٻاءُ ڪهڙا به اِشارا ڏي پر سچ، ايمانداري، نئتڪتا وغيره هر دور ۾ جيئن هئا تيئن رهندا. وقت جا دٻاو يرم پئدا ڪري سگهن ٿا پر سچ ڪڏهن تريءَ پنيان لڪيو آهي ڇا؟

١٩٩٧-٩٨، ١٩٩٨-٩٩ ۽ هاڻي ١٩٩٩-٢٠٠٠ واري رهاڻ سان وابسط سمپادڪ منڊل جا سڀ ميمبر لکڻ ۽ پڙهڻ جي دنيا ۾ يلي يانت ڄاتل-سڃاتل آهن. سنڌيءَ جون گهڻي ڀاڱي سڀ اخبارون/مخزنون پنهنجي سمپادڪ جي رچنائن کي ڇاپينديون رهيون آهن پر رهاڻ ۾ سمپادڪ منڊل جي ڪنهن به ميمبر ليکڪ جي ڪا رچنا نظر نه ٿي اچي. سنڌيءَ جا پاٺڪ ۽ ليکڪ ته اِن بنسبت سوال ڪڙا ڪندا ئي رهيا آهن، اڪاڊميءَ جا پنهنجا ڪجهه ميمبر پڻ اِن مدعي تي مختلف ويچار ظاهر ڪندا رهندا آهن. سمپادڪ منڊل جا ميمبر پاڻ به ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه محسوس ڪندا رهيا آهن ته پنهنجي نظر ۾ مقبول سندن ڪا معياري رچنا رهاڻ ۾ شامل ٿيڻ گُهرجي. معيار ۽ ملهه ڪنهن به ڌرتراشتر جي هٿن ۾ دريوڌن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿا ڏي سگهن. ليکڪ پنهنجي رچنا سان ايترو جڙيل ٿو وڃي جو پنهنجي رچنا جي پاڻ ڪٽ ڪرڻ جي حالت ۾ هو نه ٿو رهي. هونئن به رچنا سمپادڪ جي نِش پڪش فيصلي مان لنگهي جڏهن عام پاٺڪ جي دربار ۾ ٿي پهچي، اُن جي صحي ڪٽ ۽ سمالوچنا تڏهن ئي ٿي ٿئي. ته پوءِ موهه ۾ قاتل ليکڪ کي سمپادڪ جي روپ ۾ پنهنجي رچنا کي پنهنجيءَ ئي مخزن ۾ شامل ڪرڻ جي ڳالهه صحي ڪيئن چئبي؟ سوال سنڌيءَ جي سڄاڻ پاٺڪن ۽ ليکڪن جي ويچار جي گُهر ٿو ڪري.

راجستان سنڌي اڪاڊميءَ کي سيني جي اڪاڊمي، سيني لاءِ اڪاڊمي مڃي هلائڻ جي ڪوشش اسان ڪئي آهي. پروگرام هجن، ڇنا ڇپيتيون هجن، انعام هجن ڇاهي ''رهاڻ'' ۽ ''سنڌو دوت'' ۾ شامل رچنائون هجن، اسان جي ڀرپور ڪوشش نِش پڪش رهي ڪري ڪم کي اڳتي وڌائڻ جي رهي آهي. شايد اِن ڪري سنڌي سماج توڙي سنڌي ساهت ڪارن ۽ سنڌي پريس جو اڪاڊميءَ کي ڀرپور سهيوگ ۽ آشيرواد مليو آهي. سنتوش جي ڳالهه آهي ته اِهو نظريو اڪاڊميءَ کي سرڪاري اِدارو مڃي پاڻ کان الڳ سمجهڻ جي ڀاونا کي گهٽائي سگهيو آهي. موجوده دور ۾ سنڌي سماج لاءِ اڪاڊميءَ جو اِهو نظريو ۽ اڪاڊميءَ لاءِ سنڌي سماج جي اِها ڀاونا ضروري به آهي. لائق تي ليک نه ۽ اڻ لائق جي ڀُٽ ڀرائي نه، اِهو سڌانت هر پل اسان جي سامهون رهيو آهي. رهاڻ لاءِ رچنائن جي چونڊ ڪرڻ وقت به اسان اِن سڌانت تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رهاڻ ۾ شامل ٿيل رچنائن تي توهان جي رد عمل جو سان کي انتظار رهندو.

ڀڳوان اٽلاڻي
مکيه سمپادڪ

رهاڻ

ڪهاڻي

سوچ ويچار......



ڪنهن بہ ڇوڪري ۽ يا عورت جو ست سيل ڏسي هڪدم وا
مان نڪريو وڃي تہ هيءَ تہ ڪا سيتا آهي. سيتا راجا جنڪ جي
ڌيءُ هئي. شري رام سان وواهہ ڪري راجا دسرٿ جي ننهن ٿي
آئي. رام سان گڏ بنواس ۾ وڃي ٿي ۽ لنڪا جي راجا راوڻ جي بن
۾رهي ٿي. راڄ گهراڻي ۾ پلجڻ ڪري هن سڀ سکہ ڏٺا. اُن ڪري
لنڪا پتي راوڻ جي بند ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ، طعام، ڪپڙو، پهراو
ڳهہ ڳٺو، مٽيو وغيره ڪيس نہ مليو هوندو جنهنجو هن پنهنجي پتاراجا جنڪ وٽ يا ساهري
گهر راجا دسرٿ وٽ انجو آنند نہ ورتو هجي.

ٻئي طرف مارئي، غريب مارن جي ڌيءُ، ٿر جي برپٽن جي جهوپڙين ۾ رهندڙ، سردي ۽
۾ ٿڌ جي جهوڪن ۽ گرميءَ ۾ لُڪُن جي لهسن جي لوسائيل ڪٽي جي پهراءَ ۾ رهندڙ، پڪ
پيرون، پُسون ۽ ڏونُرا ڪائيندڙ، هڪ حاڪم وٽ اچي ٿي بند ٿئي ۽ ڪيس اُهي طعام، ڪپڙو،
ڳهہ ڳٺو، مٽيو ۽ سينگار ڏنا وڃن ٿا جيڪي هن سپني ۾ بہ ڪڏهن تصور نہ ڪيا هوندا، اُتي
هوءَ هرڪہ هاري تہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي پر تنهن هوندي بہ هوءَ لالچ جي اڳيان نٿي جُهڪي،
هرڪہ نٿي هاري ۽ اُنهن کي نڪرائي ٿي ڇڏي.

هاڻ سوال آهي تہ سيتا جو تياڳہ وڏ يا مارئيءَ جو تياڳہ مهان؟ مونکي هتي سيتا ماتا جي
مهانتا کي گهٽائڻ جي ڪا ڀاونا ڪونهي.

هيءُ سوال پاٺڪن جي زير ويچار لاءِ ڇڏجي ٿو. اسانکي پاٺڪن جي راين جو اِنتظار
رهندو.

سلامتراءِ گرباڻي
سمپادڪ

فهرست

ڪهاڻي

تقديم

[illegible]


غير وهنوارڪ شخص

جَيَنت ريلواڻي

ڳالهہ بلڪل عام هئي . معمولي ٻہ. جيتوڻيڪ جنهن قسم جو ڪم جيرام سامهون رکيو ويو هو، هو اُن ڏانوَ جا ڪم ڪندڙن مان ڪونہ هو. ياٽيا نہ ڄاڻ ڇا سوچي ڪري ۽ ڪهڙي اُميد رکي ڪري جيرام وٽ آيو هو، سو تہ ڇئي نٿو سگهجي. پر جيرام ايترو ضرور محسوس ڪيو تہ ياٽيا ضرور ڪا شئي تقاضا رکي هن وٽِ آيو هو. هڪ وار تہ دل ۾ آيس تہ ڇئي ڏئيس تہ منهنجو سوشل ورڪ جو دائرو ڪو مائٽيون ڪرائڻ ڪونهي، ۽ نہ ڪو مان پٽ آهيان ؛ پر جنهن انداز ۾ ياٽيا، هن وٽ اچي پنهنجي تقاضا اظهاري هئي ؛ هو گهڙي پل چپ ٿي ويو هو. پهرين رد عمل بعد ڪيس لڳو تہ هي شايد ايترو مجبور ٿي ويو آهي ، جو سُڃاڻپ نہ هوندي ٻہ، هِنسان ملڻَ آيو آهي. پهرين دفعي اِن حالت ۾ ڪو رُکو جواب ، ڪنهن مجبور دل کي شايد نوڪر پهچائي. هو اِئين نٿو ڪري سگهي . پر ڇئبو تہ غير وهنوارڪ شخص ڪيس ايتري بہ ٻيٽ نٿي پوي تہ اسانجي سماج ۾ وڏيڪ پڙهيل عورتن جو نہ صرف ڪو آدر يا قدر ڪونهي، پر اُلٽو ڇڻ بوجو آهن. ياٽيا پاڻ تعليم يافت لڳي ٿو. ٿي سگهي ٿو ، هن تعليم کي وڏيڪ اهميت ڏني هجي ۽ اولاد کي بہ وڏيڪ تعليم ڏياري هجي. ٿي سگهي ٿو، سندس ڌيءُ جو تعليم ۾ ايترو چاهہ هجي.

جيرام کي من ۾ ٿيو تہ هو ياٽيا جي قدرشناسي ڪري. ڪيس شاباسي ڏئي تہ هن ڌيءُ کي بہ ايترو پڙهايو آهي. پر پوءِ سندس ڌيءُ کي بہ ڇا، ليلا وانگر زندگي ڪاٽڻي پوندي!

ڪيترا سال ٿي ويا ؟ شايد ڏهاڪو ڏيڍ! اُن شهر ۾ وڃڻ سانگي ڪيس ليلا سان مِلڻ جي دل ٿي آئي هيس. وڏو شاهي بنگلو هو.



نالو	:	جَيَنت ريلواڻي.
جنم	:	لاڙڪاڻو، ٢-٩-١٩٢٦.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ ١٤ ، گجراتي ٻوليءَ ۾ ٢٩، هنديءَ ۾ ٢.
انعام	:	مرڪزي ڪاتي دهليءَ ، گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ ، ۽ سنڌي اڪادمي دهلي طرفان ١٥ هزارن جو، ۽ ڪيترن سنستائن طرفان سنمان.
پيشو	:	سمپادڪ، گرجر سنڌو هفتيوار، ارپڻ انگريزي، گجراتي ماهوار اخبار نويس، ڪالمنسٽ.
پتو	:	٩/٢، شاستري نگر، گردواري جي پليان، راجڪوٽ- ٢٦٠٠٠١ .

ڪلنديءَ چيو هيس: پر توکي شايد ماءُ آسيس ڏني هوندي- وڌوان ٿيڻ جي! جيتوڻيڪ اهڙي آسيس ڏيندي مون اڃا تہ ڪنهن واتان ٻڌو ڪونهي!'

ليلا ٺهڪ ڏيندي چيو هو،' مونکي دادا شايد ڪن ۾ اِها آسيس ڏني هوندي.'

اُن بعد گهر ۾ ليلا جي مٽي مائٽيءَ جون ڳالهيون شروع ٿي ويون هيون. ليلا جي سندس اِڇا هئي تہ هوءَ پي ايڇ ڊي ڪري. سندس پيءُ بہ رزامندي ڏيکاري هئي. پر زالن جو چوڻ هو، عمر چڙهي ويندس تہ وري ڪو گهر بہ تہ نہ ملندو.

۽ جڏهن سندس مڱڻو طئہ ٿيو هو، تہ جيرام ،ليلا جي پاءُ کان تفصيلون پڇيون هيون. هُن ٻڌايو هيس،'بنگلو اٿن، وڏو واپار اٿن، اُتي وهٽي سٺي اٿن، ليلا خوش رهندي.'

جيرام پڇيو هيس : ' جنهن ننڊي شهر ۾ ليلا ويندي، اُتان جي هلت ۾ فرق نہ هوندو؟'

'هو پڙهيل آهن' ياٽس چيو هو.

' ڇوڪرو ڪيترو پڙهيل آهي؟'

' مئٽرڪ آهي!'

' پر ليلا تہ ڊبل گريجيوئيٽ آهي!'

ياٽس کلي چيو هو 'ليلا کي ڪو نوڪري تہ ڪرڻي ڪونهي،آخر تہ گهر سنڀالڻو اٿس.'

' پڙهائيءَ جو شونق اٿس، اُنجو ڇا ؟'

' ڪو فائدو؟' ياٽس سامهون کان سوال پڇيو هئو.

ذهن تي تري آيل اِن ياد مان ٻاهر نڪرندي جيرام ليلا جي سسُ جي سامهون نهاريو هو.جنهن هنڪان سوال پڇيو هو: ڏيءُ ڏڻ کي وري اهڙو شونق کهڙي ڪم جو!'

جيرام سَٽس سامهون نهاري، پل پر خاموش ٿي ويو هو. بعد ٻڌل دل سان،پر سهمتيءَ جي لهجي ۾ چيوهئائين،'صحيح ڳالهہ آهي، آمان!'

' نہ تہ وري ڇا، ڏسو نہ.' سَٽس، جيرام کي چيو:' سچي سون سان سٺي پئي آهي. ڀڳوان جي ديا آهي. ڪا ڪمي تہ آهي ڪونہ گهر ۾. نوڪر چاڪر آهن. زال زائفان کي ڪو قصا ڪتاب سوُنهن بہ ڇا؟'

ليلا اچي ويئي. هن ٽيبل تي ناشتي جي پليٽ ۽ چانهہ جو ڪوپ رکندي سڌو جيرام جي اکين ۾ نهاريو هو. جيرام کي لڳو هو- ليلا جي ظاهري اکين جي پٺيان، پردي پٺيان، ڪا ٻوڏ سمايل هئي. جيرام، ليلا کي ڏيڻ لاءِ سندس پسندگيءَ جو خاص ڪتاب کڻي آيل هو. هُن اُهو ٽيبل تي رکي ڇڏيو هو. هاڻ هُن، چانهہ جو ڪوپ پنهنجي اڳيان وڌائڻ سان گڏ، اُهو ڪتاب بہ پاڻ طرف سيري ڇڏيو. چانهہ جو ڪوپ رکڻ لاءِ جهڪيل ليلا، هاڻي مٿي نهاريو ۽ بعد، ديوارن طرف نگاهون گهمايون.

ماڊرن فرنيچر، پردن تصويرُن سان سينگاريل. هن پنهنجي واقفيت ڏني هئي، جينوئيڪ کيس ڪوئي سڃاڻندو ڪونہ هو. سياويڪ هو. گهر جا ڀاتي پهرين تہ سندس منهن تڪڻ لڳا هئا. سو شِشتاچار خاطر کيس وهڻ لاءِ چئي ليلا کي سڏ ڪيو هو.

ليلا رنڌڻي مان نڪري ڪري جيئن ئي ڊرائنگ روم ۾ آئي تہ بيهجي ويئي! هن رئو ڇاتيءَ تي نيڪ ناڪ ڪيو. متي تي رکيو، ۽ خاموش بيٺي رهي.

ظاهر هو تہ هوءَ اُن پشيمانيءَ ۾ هئي تہ ڪهڙن اکرن ۾ ۽ ڪيئن سندس آجيان ڪري. جيرام خود اُٿي بيٺو ۽ پڇيو هئائينس ” ڪيئن آهين ليلا ؟ “

” خوش آهيان، وِهو . هتي ڪيئن اچڻ ٿيو اَٿوَ؟“ هن پڇيو هو.

جيرام چيو هو ” ڪم سانگي هن شهر ۾ اچڻ ٿيو تہ توسان ملڻ تي دل ٿي.“

” وِهو، مان چانهہ ناهي اچان“ چئي، ليلا رنڌڻي طرف هلي ويئي.

هيءَ ساڳي ليلا هئي، هڪ چُست گڏي، چلولي. هر ڳالهہ تي سوال ۽ هر سوال تي جواب. گهونگهٽ جو رواج اڄ پلي نڪري ويو آهي، پر لڳو، اجا هوءَ هڪ آدرشي گهونگهٽ ۾ هئي.

ليلا جي سَسُ اڳتي وڌي آئي.” توهان ڪٿان ٿا اچو؟ “ هنجو پهريون سوال هو ۽ اُنجي سلسلي ۾ ئي پڇيو هئائينس:

” مائٽياڻي ٿئيو؟“

جيرام چيو هو ، ” نہ امان، سندس پيڪن سان رستو هو، تہ ليلا کي بہ سڃاڻان.

’ پاڙهيندا هئيس ڇا؟‘

” نہ، کيس ڪتابن جو شونق هوندو هو.“

مُنيس ڏيءَ ڏڍِ کي وري اهڙو شونق ڪهڙي ڪم جو؟‘

جيرام هڪو ٻڪو ٿي ويو هو. کيس ياد آيو تہ ليلا کي هميشهہ پسندگيءَ جي ڪتابن جي چاهڪ هوندي هئي. ايم اي ڪرڻ بعد هن جڏهن پي ايڇ ڊي ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي تہ، هوُ ڏاڍو خوش ٿيو هو. هن چيو هيس : شاباس ليلا، مان ڪنهن سنڌي ڇوڪريءَ جي واتان اهڙي خواهش نہ ٻڌي آهي؛ ۽ بعد مزاق ڪندي چيو هئائينس ، ڇوڪري تہ ڇا، ڇوڪري لاءِ بہ هئي تہ زالون صرف هڪ قسم جون ئي آسيسون ڪنديون آهن.“

تہ، ليلا پڇيو هئس.

’ ڏنوان ٿڄ ‘ چوندي هن چيو هو، آسيس ڪنديون هي لکہ لهندو، هِندورن ۾ لڏندو، ڪروڙ ڪمائيندو، ڪليڪٽر ٿيندو.... اُنجي پنيان جي ياونا صرف ڏنوان ٿيڻ جي هوندي آهي.

ليلا ڪلي ويئي هئي. جيرام بہ ڪلندي

ڏنا ۽ گھڻا ڇوڪرا. تعليم جو دائرو وڌي ويو آهي. گھڻا تعليم يافت آهن. پر سندن دائرو ٽوٽ، ڏيکاءُ ۽ پئسي جي آسپاس رهيو آهي. ڪيترا عملدار ۽ پروفيشنل پنهنجي فيلڊ ۾ چاهي ڪامياب رهيا آهن.

پر ذهني طور صحيح ڳالھ آهي، جيرام چيو، ''پنهنجي فيلڊ ۾ ڪاميابين جي ٿانءِ ۾ ذهني طورجيتامڙا بڻجي رهيا آهن.

سماج جي وچ ۾ رهندي توهان کي ايتري پڙهائيءَ کان اڳ، سوچڻ گھربو هو چوندي جيرام اوچتو چپ ٿي ويو. هنجي اندر ۾ ڪو دٻيل درد اُڀري آيو هيس. ڪيس ياد اچي ويو، سندس ڪٽنب جي ئي هڪ ڀيڻ، راجيشوري ايم اي ۾ فرسٽ ڪلاس ايندي هن اجا پڙهڻ جي چاهنا اظهاري هئي. ڪا نوڪري ڪري انسان گڏ، وڌيڪ ۽ وڌيڪ گيان حاصل ڪرڻ جي سندس خواهش هئي. پر مائٽن جو چوڻ هو، هاڻ وڌيڪ پڙهائي ڪهڙي ڪم جي! عمر بہ چڙهي ويندي تہ اهڙو ڪو ڇوڪرو بہ ملڻ مشڪل بڻجي ويندو.

جيرام پنهنجي راءِ ظاهر ڪندي سندس وڏن کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ پڙهڻ جو شونق اٿس تہ پڙهڻ ڏيوس نہ. نوڪري ڪندي تہ پاڻ هوشيار بہ ٿيندي. اڄ ڪالھ نوڪري ڪرڻ ۾ ڪو عار ڪونهي.

''برابر آهي.'' مائٽن چيو هيس، ''توهان سمجھين ٿو تہ اهي ڇوڪريون هوشيار ٿيڻ لاءِ نوڪري ٿيون ڪن؟ جيسيتائين ڪو ور گھر ملي، نوڪري ڪن ٿيون. ڪنڪي مجبوري نوڪري ڪرائي ٿي. ڪي اگر شونق کان نوڪري ڪن ٿيون تہ صرف ان لاءِ جيئن ناٺ باٺ سان رهي سگھجي. شادي ٿيندي نوڪري ڇڏي ٿيون ڏين يا ڇڏايون ٿيون وڃن. اگر شادي بعد بہ ڪي زالون نوڪري ڪن ٿيون تہ ان پنيان بہ ڪا مجبوري هوندي آهي يا شونق پورائيءَ جي خواهش، ڪو مقصد نہ!''

جيرام، ياٿيا طرف نهاريندي چيو: 'ڪنهن آدرش يا مقصد لاءِ جيون ساٿي ڳولهڻ، آهي تہ مڪڻ جي شيح پچائڻ. مسٽر ياٿيا، مان توهانجي ڏيءُ جي ويچارن جو قدر ٿو ڪريان. اهڙا قصا مون غير سنڌين ۾ ڏنا آهن. منهنجو هڪ دوست هو، برهمڻ. ڪاليجي ڏينهن کان ئي ڪي آدرش ڪٺي گھمندو هو. پوءان جي هلچل هلي تہ گھري پيو سوشل فيلڊ ۾. پد ياترائون ڪيائين ۽ بعد سروديہ جو ڪم ڳوٺن ۾ وڃي اَڻ پڙهيلن کي پڙهائڻ شروع ڪيائين. صرف سندس ويچار ۽ عمر ڏسي، هڪ گريجيوئيٽ ڇوڪري سندس جيون ساٿي بڻجي وئي. تن ڏينهن ۾ هن ڪم جو، اڄ جيان سرڪار جي ايتري پٺ پرائي نہ هوندي هئي . نہ سهولتيون، نہ پرچار، نہ ايترو خرچ. غريبي

جيرام، سندس نظرن جو پيڇو ڪندي ڏٺو، ڏيکاوَ جي هن ماڊرن ۽ شاهوڪار گهر ۾ ڪٿي به، ڪنهن به ڪتاب جو وجود ڪونه هو!

ايتري ۾ سسٽس چيو. ”اڄ ڪالهه ته مت مائٽ به پنهنجن کي ياد نٿا ڪن. هرڪو پنهنجي ۾ پيو آهي.“ ۽ بعد، ليلا طرف منهن ڪري چيو هئائين: ”ڪنوار، رنڌڻي ۾....“

پرتيسنائين ليلا رنڌڻي طرف رواني ٿي چڪي هئي.

جيرام اُٿي کڙو ٿيو. چيائين: ”مهرباني، مان هاڻي هلان، امان!“

جيرام جي من ۾ اُداسي ڇانئجي ويئي. هن پاڻيا طرف نهاريندي پڇيو: ”پاڻيا صاحب، اوهان مون وٽ آيا اُن لاءِ مهرباني. پر نه اسانجي پاڙي واقفيت آهي ۽ نه منهنجو هن قسم جي ڪم جو دائرو.“

چاڻان ٿو. پاڻيا چيو، ”مان سڀ وسيلا آزمائي چڪو آهيان مئريج بيورو، اخبارن ۾ اشتهار. توهانجي سڃاڻپ جو دائرو وسيع هئڻ سبب، لڳو، اگر اوهان ڪا مدد ڪري سگهو.

رسپانس نه ملڻ جو سبب ڪهڙو آهي! جيرام پڇيو.

”منهنجي نياڻي پي ايڇ ڊي ڪيل آهي، سوشيالاجيءَ ۾ ۽ ان وشيه جي فيلڊ ورڪ ۾ به انٽريسٽ رهيو اٿس.“ پاڻيا چيو.

جيرام کي ڇڻ جهٽڪو لڳو. هاڻ اڄا هن پي ايڇ ڊي جي خواهش رکندڙ هڪ نياڻيءَ جي تصور مان ٻاهر نڪتو هو. هن ته سمجهيو هو، وڌيڪ تعليم يافت هوندي. بس ايترو ئي. ان حالت ۾ به پريشانيون رهن ٿيون. هن وري ان ڪان به ڳري ڳالهه ڪئي.“

پاڻيا ئي وڌيڪ چاڻ ڏني، ”منهنجي ڌيءَ کي آدرش پالي رکيا آهن. ان سبب ئي هن سوشيالاجيءَ جو سبجيڪٽ پسند ڪيو هو. صرف ڊگري وٺڻ لاءِ نه، فيلڊ ورڪ ڪرڻ لاءِ به. شهر جي ڪيترن طبقن جو هن اڀياس ڪيو هو، ته ڳوٺن جو معيانو به. هوءَ سوشل ورڪ ۾ ڪرڻ ٿي چاهي. ۽ ان لاءِ، ان قسم جو ئي جيون ساٿي.

هاڻ جيرام ڪان رهيو نه ٿيو. هن چيو: ”پوءِ ته سائين، عمر چڙهي وڃڻ کي ڏوهه نه ڏيو، چڙهندي ئي. آدرش ڪٿي سوشل فيلڊ ۾ ڪم ڪرڻ جو هڪ زمانو هو. ان ۾ عورتون به شامل هيون. سنڌين ۾ به اهڙا مثال هئا. پر هاڻ، هاڻ ته ڳڙو ڳنجو سوشل ورڪر آهي. نالي جي لالسا ۾. عهدي جي ٻڪ ۾، ڪرسيءَ جي موهه ۾. سياست جي اوٽ ۽ حاصلات جون حسرتون رهيون آهن. آدرش ڪٿي توهانجي ڇوڪري مان نٿو سمجهان، ته ڪو ڪامياب وڃي سگهندي، يا ڪو جوڳو ساٿي حاصل ڪري سگهندي.“

ان مشڪلات جي حل لاءِ ئي ته توهان ڪان صلاح ۽ مدد وٺڻ آيو آهيان. ڳهٽا گهر

آهي. راجيشوريءَ سان بہ اِائين ئي ٿيو هو.'
'راجيشوري ڪير؟' ياٽيا عجب ڪائيندي پڇيو.

جيرام يڪدم ڇرڪي ويو. سندس ذهن ۾ راجيشوريءَ جي ياد تري آئي هئي. اُن اَچيت ياوَ ظاهري اظهار پاتو هو. جيرام چيو: 'راجيشوريءَ کي بہ پڙهڻ جو ڳهٽو شونق هو. مائٽن جي سمجهائڻ جي باوجود، گريجوئيٽ ٿيڻ تائين تہ هن گهر ۾ مٽي مائٽيءَ جي ڳالهہ کي ڪو وزن ئي نہ ڏنو. پر گريجوئيٽ ٿيڻ بعد مائٽن جو زوربار وڌي وِيو. ايم اي بعد وڌيڪ پڙهائيءَ جي چاهنا رکڻ جي باوجود، گهر ڳولهيندي ٿڪجي پيل مائٽن سندس شادي ڪرائي ڇڏي. هڪ واپاري هو مئٽرڪ پاس! مائٽن جو چوڻ هو، شاديءَ جو پڙهائيءَ سان ڪهڙو واسطو آهي! گهر ور سنو هجي، نياڻي سکي هجي. پئسو هجي. آخر ڇوڪريءَ کي سنيالڻو تہ رنڍڻو آهي نہ؟'

اِها حقيقت اِنڪاري نٿي سگهجي. پر اِها تہ ٿي زندگي ڪاٽڻي. عام طور اِئين ئي ٿيندو رهي ٿو. سوال آهي زندگي جيئڻ جو. زندگي جيئڻ لاءِ تہ، ذهني سطح تي سمانتا ضروري ٿي رهي.' ياٽيا چيو ۽ اُن سبب ئي پنهنجي ڌيءُ لاءِ مونکي جوڳي ڳولها لاءِ عرصي ڪان هينري جفاڪشي ڪرڻي پيئي آهي.'

'توهان صحيح آهايو. منهنجو چوڻ جو مطلب بہ اِهو ئي آهي. توهان تہ تعليم يافت آهيو. تعليم کي وڌيڪ تَوَج ڏنو اَٿوَ. پر اوهان اِهو اِنڪاري نہ سگهندا تہ اسانجي سماج ۾ ذهني سطح جي اِها سمانتا حاصل ڪرڻ مشڪل آهي يا تقدير تي مدار ٿو رهي.'' اسانجي سماج ۾ ئي اهڙا قصا بہ موجود آهن، جنهن ۾ ڇوڪريءَ کي غير سنڌي پارٽنر حاصل ڪرڻو پيو هجي يا زندگ ي پر ڪنواري رهڻو پيو هجي؛ تڏهن وڃي هنن کي پنهنجي ڪنهن آدرش جا مقصد حاصل ٿيا آهن؛ يا پنهنجي نموني زندگي جي سگهيون آهن. پي ايچ ڊي ڪيل ۽ سماجڪ ڪيتر ۾ آدرش ڪٽي زندگيءَ سان رُوبرُو ٿيڻ وارو، موجوده دور ۾. پنهنجي سماج ۾ ڪو ڇوڪرو ڳولهڻ... چوندي، جيرام پل پر رڪجي ويو. هن پاٽڪي سنيالي ورتو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ياٽيا نراش ٿي وڃي. سندس دل کي تسلي ڏيڻ ضروري آهي. اهو سوچيندي هُن وڌيڪ چيو هِن وقت تہ مونکي ڪو خيال ۾ نٿو اچي، پر مان ضرور ڌيان رکندس.

ياٽيا مسڪرايو. هوُ اُٿي کڙو ٿيو. چيائين: ''ناسمجهيءَ جو نتيجو پوڳڻو پاٽڪي ئي آهي. نصيب ۾ ڪنواري رهڻ لکيل هوندس تہ ڪوئي ڇاٿو ڪري سگهي!''

جيرام ڪيتري دير تائين ياٽيا جي پٺيءَ طرف نهاريندو رهيو.

۽ ٻنڪ ٻنهي سامهون اپنائي هئي. توهانکي عجب لڳندو، ته ٻئي هڪ ٻئي کي کھڙي ڻالي سان سڏيندا هئا.'

'کھڙي ڻالي سان' ڀاڻيا پڇيو.

'ڪامريڊ' جيرام چيو. اِن ڀنيان جي سندن ڀاونا هوندي هئي ساٿيءَ طور سڏڻ جي، پتي يا پتني ۽ طور نه.

'واه،' ڀاڻيا چيو.

جيرام چيو: ' اهڙو ٻيو مثال ڏيانو. منهنجو هڪ بزرگ دوست آهي مکرند دوي اوچ ڪوٽيءَ جو ذهين ڪوي آهي. پنهنجي ذهني سطح تي هن ڪنوارو رهڻ بهتر سمجهو. 'نونيت' ڊائجيسٽ جي سمپادڪا ۽ مشهور ليکڪا آهي- ڪنونيڪا ڪا پڙيا. پنهنجي رچنائن ۾ هميشه سماج جون کھنيون رسمون ٽوڙي، نئين سماج جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ، سوچ جا ائٽم چوڙي، پانڪن ۾ هلچل مچائي ڇڏيندي هئي. اِهو سڀ اديبا جي حيثيت ۾ صرف لکڻ خاطر لکڻ نه هوندو هو. ذهن جي اندرين تهن مان صداقت جو آواز هوندو هو. پنجاه سالن جي عمر ۾، هن سَٺِ سالن جي مکرند دوي سان وواه رچايو. ٻنهي گڏجي، مهانگر ڇڏي هڪ ڳوٺ وڃي وسايو. وشال زمين تي هڪ آدرش بستي کڙي ڪرائي- نندي گرام مقصد ۽ آدرش جي حاصلات لاءِ زندگي ڀر ڪنوارا رهيا. آخر ۾ اگر ساٿ ورتو به ته گڏجي ڪري مقصد حاصل ڪرڻ خاطر.'

وري جيرام ئي چيو: 'منهنجي چوڻ جو مطلب اِهو ڪونهي ته ڪو اهڙي زندگي اپنائڻ ئي سوشل ورڪ آهي. مطلب آهي مثال جو. اهڙا مثال ڪيترن ڪيترن ۾، غير سنڌين ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پوءِ اُهي چاهي غريبن جي شيوا جا ڪم هجن چاهي شهر جي واڌاري لاءِ. مريضن جي شيوا هجي چاهي مهلا منڊل، يا ڪلا جڳت. اسان وٽ مهلا منڊل جي نالي ڪھڙا شيوا جا يا جوڙجڪي ڪم ٿيندا آهن! لوڪل مهلا منڊلن جي وسيع دائرن ڪان، اوهان ضرور واقف هوندا.'

'اوهانجي ڳالهه صحيح آهي. اِنهن غير- موضون حالتن ئي ته منجهايو آهي. چوڪري آدرش ڪٽي اهڙي ڪنهن فيلڊ ۾ زندگي ٻٽر ڪرڻ چاهي ٿي،ان سبب اهڙي فيلڊ جو ساٿي ڳوليندي مان....'

' توهان ٿڪجي پيا آهيو...!' وچ ۾ ڪٽيندي جيرام چيو، ۽ بعد هلڪو کلندي چيو: ' سائين، اِهائي ته مشڪلات آهي. سنڌين ٻن ڳالهين ۾ وڪاس ڪيو آهي پئسو ۽ تعليم. تعليم يعنيءِ، اکري گيان. سرٽيفڪيٽ. مٽي مائٽيءَ لاءِ سرٽيفڪيٽ. اُن ضرورت سبب تعليم جو ڦهلاءُ ٿيو آهي، چاهنا سبب نه. مئٽرڪ ڪندي ئي، چوڪريءَ لاءِ گھر ڳولهڻ شروع ٿي ويندو آهي. گھر ملي، اُن لاچاريءَ جي پورٽ تائين، ڪاليجي تعليم ڏياري ويندي

مونکي ڏسڻ سان يڪدم سڃاڻي سگهندينءَ. تون جڏهن پنهنجو اَصلي رهائش وارو هنڌ ڇڏي، مون واري شهر ۾ رهڻ آئي هئينءَ ۽ مان تنهنجي گهر توسان ڳڏجڻ آيو هوس تہ اُنکي بہ اڄ ٢٥ سالن ڪان مٿي وقت ٿي ويو آهي تہ پوءِ ڪيئن هوندا چهري تي اُهي جوانيءَ وارا آثار ،ڪيئن هوندي ڳالهائڻ ۾ مڪمنا ۽ آواز ۾ اُتساهہ ۽ ٻلندي، ڪيئن هوندو اکين ۾ اُهو غضب جو تِجلو، جنهنجي تون ساک پريندي هئينءَ. هيءُ سڀ وقت جي رفتار انوسار ٿيو آهي. وقت ڪنهن لاءِ بہ رڪجي نہ بهندو آهي، هو پنهنجيءَ مقرر ڪيل ڊار سان هلندو ئي رهندو آهي.

هيءُ سڀ تہ مون پاڻ لاءِ ئي لکيو آهي، توهہ بہ تہ ڪافي ڦيرو اچي چڪو هوندو. البت عمر ۾ تون مونکان ڪجهہ سال ننڍي هونديءَ، ائين محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ جنهن حالت ۾ سريرڪ طور مان اڄ آهيان، تون ڪجهہ سالن ڪان پوءِ اُن حالت کي رسندينءَ، ٿي سگهي ٿو تہ حالتن جي مد نظر وقت سارو عمر جو اثر توتي اڳ ئي ٿيو هجي. مان اِئين بہ محسوس ڪري سگهان ٿو تہ تون وارن کي خضاب هڻندي، وارن جي اڇاڻ لڪائيندي هوندينءَ، چهري تي ڪريم پائوڊر ۽ طرح طرح جا سينگار جا ساڌن ڪم آڻيندي، پئدا ٿيل گهنجن کي لڪائيندي بہ هجين، اکين تي عينڪ جي بدران ڪانٽئڪٽ لينس لڳائيندي هجين. پل مون جيان تنهنجي هٿ ۾ لڪڙي نہ بہ هجي تہ بہ ڪنهنجي هٿ جي سهاري جي ضرورت ڪنهن نہ ڪنهن وقت ونندي هوندينءَ. پل مون جيان تنهنجي خوراڪ ۽ پوشاڪ ۾ سادگي نہ بہ هجي ، تہ بہ گهاٽن رنگن وارو لباس ۽ چٽ پٽي ڪاڏن ڪان پاڻ کي دوُر رکندي هوندينءَ. عمر وڌڻ سان هر ڪنهن لاءِ اهو عالم آ شڪار ٿي پوندو آهي. گهمڻ گهتڻ،وندر وروهہ ۽ پڙهڻ لاءِ پستڪن جي چونڊ بہ تون پنهنجي ارد گرد جي ماحِول سان پاڻ کي نهڪائي ڪندي هوندينءَ. انسان جو سڀاءُ ئي ائين آهي. هو پاڻکي بدل سدل تي هيري سگهندو آهي.

منهنجي جيون جو خاڪو جيئن آهي، مون تيئن ئي انکي بيان ڪيو آهي، پر تنهنجي جيون جي ڪنهن بہ جهلڪ کان واقف نہ هوندي. اُنجي گهرائيءَ جي تهہ ۾ وڃڻ مون لاءِ ممڪن ڪين آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجيءَ آتما جي گهرائيءَ، تنهنجي دل جي گهرائيءَ کان بہ عميق جي گهرائي منهنجي جيون ۾ بہ آهي، جيون يگن جي گهرائيءَ جي رفتار تي نتو هلي، پر يگہ خود ماضيءَ حال ۽ مسطقبل جون راهون آهن. وقت جون اُهي وڇوٽيون اِنسان آنديون آهن، باقي عام طور تہ زندگي صرف زمان حال جي ڌارا تي وهندي ٿي رهي.


وقت جا ڪي گذريل پل يادگيرين جي

تَهن اَندر تَهه

ڪيولراماڻي ڪمل ”پياسي“

منهنجي دماغ تي ويچارن جا ڪوٽ اَڏجي چڪا آهن. هر هڪ ڪوٽ جي اندر ڪوٽ آهي. ائين جيئن ڪنهن چيز جي مٿان مٿيءَ جا تهه چڙهيل هجن. مونکي تاهو به سمجهه ۾ ڪين ٿو اچي ته توسان پنهنجيءَ دل جو اظهار ڪندي پنهنجي هن وستار جي شروعات ڪهڙيءَ طرح ڪريان. ورهيه گذري چڪا آهن، پر ڪي اهڙا خيال به هوندا آهن، جنڪي وقت جي وٽي مؤر وساري ئي ڪين سگهندي آهي ۽ اُهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ هيڪ پيو محسوس ڪيان ته توکي پنهنجي من جي ويدنا کان آگاهه ڪندي ، انجي شروعات ڪيئن ڪيان ۽ آخر ۾ ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين ايندي، هن اُپٽار جي شروعات ۾ هڪ خال ڇڏي ٿو ڏيان، ته جيئن ڪيئن به، ڪهڙيءَ به طرح ۽ ڪنهن به روايت سان، جيئن تون نيڪ سمجهين اُنکي اُن طرح محسوس ڪري،منهنجي من ۾ ويچار آڻين.

تمام گهڻو وقت گذري چڪو آهي. هاڻي ته منهنجي مٽي جا وار به اڇا ٿي چڪا آهن. سرير جي چمڙيءَ ۾ گهنج ڏسڻ اچن ٿا. جسم نبل آهي. ڪنن تي ٿوري بوراڻ آهي. ڏندن ۾ اُهو زور نه رهيو آهي. اکين ۾ ڪئٽرڪ جو آپريشن ڪرايل آهي ڊاڪٽر جي صلاح مڃڻ تي هٿ ۾ لڪڙي کڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي اٿم. گهر مان اڪثرباهر گهٽ نڪرندو آهيان. سرير ۾ نه رهي آهي اُها چستي ۽ ڦڙتي ۽ ٻانهن ۾ اُهو ٻلُ. وقت هو جو ٻوجهه کڻي ميلن جا ميل پنڌ ڪندو هوس. اکين تي چشمو آهي هڪ ڏسڻ لاءِ ۽ ٻيو پڙهڻ لاءِ. کاڌو خوراڪ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ نه رڳو نيمت رهيو آهيان.پر اُن ۾ گهڻي سادائي پڻ اچي ويئي آهي.مان نٿو سمجهان ته تون کو



نالو	:	ڪيولراماڻي، ڪمل پياسي.
جنم	:	جيڪماباد، سنڌ ٢٩-١-١٩٢٩.
ڇپايل ڪتاب	:	٣٨ جنهن ۾ آکاڻي سنگرهه ٧، ڪوتا سنگرهه ٥، ڊرامڪ ١٢، مضمون نگاري ٧، ٻال ساهتيه ٧، ناول ٢.
انعام	:	گجرات سنڌي اڪاڊميءَ پاران ٥ اِنعام ۽ شريشٽ ساهتيڪار سنمان يو پي گورنر طرفان ’سنڌي ساهتي جو ستارو‘ هڪ پارت رصڪار طرفان پرياورڻ اِنعام ڪويتا تي.
پيشو	:	سرڪاري نوڪري، پهرين درجي جي عهدي تان رٽاير ڪيل.
پتو	:	’هري شيوا‘، پلاٽ ٣/٣٨٢، سيڪٽر ٢٩، گانڌي نگر، گجرات-٣٨٢٠٢٩. فون : ٢١٤٣٢-٢١٧٢٠.

مميءَ جي وچ ۾ ڪا نہ ڪا صلاح مصلت ڏيندي رهندي هئي.

پناهہ پائڻ واري کي پناهہ ڏيندڙ واري سان مروت سان هلڻو پوندو آهي. اِهو هڪ دنيا جو دستور رهيو آهي. پنهنجي گهر ۾ تہ مان پنهنجين ڇلولاين کان مشهور آهيان، پر الائي ڇو جو اُتي - بلڪل سانتيڪو هوس؛ ممڪن آهي پنهنجين پولين پالين نظرن ۽ ادائن ڪارڻ مان تنهنجي شخصي ويچار موجب تو طرف ڇڪجي چڪو هوندس؛ پر مون پنهنجيءَ دل ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ طرح جي آتر ويلا محسوس ڪانہ ٿي ڪئي ۽ نہ وري اِهو ئي سمجهي ٿي سگهيس تہ منهنجي رهڻ سان، تنهنجي گهر جي ڀاتين ۽ تنهنجي سهيلن، جن سان تون مونکي واقف ڪرائيندي هئين، اُنهن مون بابت پنهنجي دل ۽ دماغ تي مون لاءِ ڪهڙو خاڪو تيار ڪيو هوندو.

تو وٽان موٽي اچڻ کان پوءِ، توسان پتر وهنوار جو سلسلو تہ شروع ٿيو، پر اهو بہ ڇڊو ۽ رسمي. خطن ۾ تنهنجي پرگهٽ ڪيل ويچارن ۽ بوليءَ ڪڏهن بہ مونکي متاثر نہ ڪيو. سرڪاري نوڪري هٿ ڪرڻ جي خيال کان مان ڪيترن هنڌ ڦريس ۽ آخر ۾ مان اُن ڪوشش ۾ ڪامياب ويس. ٽيڪنيڪل درجي جي نوڪري هٿ ڪرڻ کان پوءِ، مون لاءِ گشت ڪرڻ بہ لازمي هئو ۽ گشت درميان آفيس جي ڪم سان تنهنجي شهر ۾ بہ اچڻ پيو ٿيندو هو ۽ جڏهن بہ ايندو هوس تہ سرڪاري آرام گهر ۾ وشرام ڪندي بہ تو وٽ گڏجڻ ايندو ضرور هوس. تنهنجي گهر جي ڀاتين ۽ توسان ڪيترو ڪيترو وقت ڳالهيون ڪندو رهندو هوس، پر تو ڪڏهن بہ زباني طور، خطن ذريعي يا ڪنهن غئبي اِشاري سان پنهنجي دل جو اِظهار ڪين ڪيو ۽ مون بہ پنهنجي طرفان ڪو رس نہ ورتو ڇو تہ مون کي پنهنجا ؛ سپنا هئا. اُن حالت ۾ ڳالهہ اُتي جو اُتي رهجي ويئي.

اُن وقت سرڪاري نوڪري ۾ ڪو وڏو درجو ماڻڻ کي غنيمت سمجهو ويندو هئو، خود مون کي بہ اِئين لڳندو هو تہ مون ڪا سوڀ حاصل ڪئي آهي. مون کي بہ پنهنجيءَ عزت ۽ مرتبي تي پورو پورو فخر هو. سرڪاري ڪم جي جوابداري ڪارڻ هاڻ هر روز ملندڙ نون آزمودن ڪارڻ سڀاءَ ۾ گنڀيرتا اچي ويئي هئي، جنهن ڪري منهنجي شخصيت بہ نکڙي پئي هئي؛ نتيجي طور هاڻ شاديءَ لاءِ مونکي اوچ خاندان گهرن مان آڇون اچڻ لڳيون ۽ اُن طرح منهنجي مائٽن هڪ هنڌ منهنجي مائٽي پڪي ڪري ڇڏي. شاديءَ لاءِ گهڻو وقت ترسڻو ڪين پيو هئو؛ ڇو تہ منگڻي کان پوءِ ترت شاديءَ جو مهورت ڪڍايو ويو هو. مونکي پوري طرح ياد آهي تہ مون توکي پنهنجي شاديءَ جو ڪارڊ بہ موڪليو هو، جنهن ۾ خانگي سطح تي توکي شاديءَ جي موقعي تي حاظر رهڻ لاءِ زور بہ ڀريو هوم، پر تيسين خبر کان پيم تہ تو ڇو اُنهيءَ نيند

تنهن کي کولي رهيا آهن. کي نظارا اکين اڳيان اچن ٿا، ائين لڳيم ڄڻ ته ريشم جي ڏوريءَ سان اندوهه جا گهنڊ گهڙڪن پيا. زمين تي سپنا لڏڻ لڳن ٿا. تنهنجن ارد گرد جيڪي اڳ صرف سلا هئا اُهي وڏي درخت ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٿون اُنهن درختن جي ڇانوَن جي هيٺان آهين. اکين تي هٿ رکي ٿون ننڊ جا پڙدا هٽائڻ ٿي چاهين، تنهنجا اُڌما، تنهنجا اُمنگ، تنهنجي چاهت ڇوليون ٿا مارين، ٿون پيدا ٿيل سپنن جي وهڪري ۾ وهندي ٿي رهين، تنهن هوندي به خبر نه آهي ته ٿون پنهنجي جذبن کي ولوڙڻ جي ڪوشش ڇو ڪين ٿي ڪرين. حالتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڇو ڪين ٿي ڪرين. ڇا اهو سچ نه آهي ته ٿون پنهنجيءَ چاهت جي اڳ به غلام هئينءَ ۽ هاڻ به غلام آهين؟

مونکي اڃا به ياد آهي ته اٽڪل ۴۵ سال اڳ جڏهن منهنجي توسان پهرين ملاقات ٿي هئي. مان اُن وقت سائنس جي ڊگري حاصل ڪندي ئي نوڪريءَ جي تلاش ۾ تنهنجي شهر ۾ آيو هوس، ۽ ٿون اُن وقت اِنٽر آرٽس ۾ پڙهندي هئينءَ. اسانجي گهر جي وڏن جي تنهنجي گهر جي وڏن سان واقفيت هئي ۽ مان آيو به هوس ته تنهنجي چاچيءَ سان ئي. حالتن جي مد نظر جيسيتائين منهنجي انٽرويو جو ڪاريه پورو نه ٿئي، مونکي تنهنجي گهر ۾ رهڻو پيو هو. ٿون پنهنجي مشڪ مرڪ ۽ ادائن سان مونکي پاڻ ڏانهن گهايل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئينءَ،پر مان اُن ڏاڪي تي هوس، جنهنکي گهر کان ٻاهر اچي گهارڻ جو انيوءُ ڪونه هو.برابر ٿو منهنجي مٿان پنهنجيءَ محبت جو پرڀاءُ وجهڻ چاهيو ٿي، پر مان جڏهن اِهو سڀ سويڪار ڪري نه ٿي سگهيس ته ٿو هڪ دفعي منهنجي پير جي مٿان پنهنجو اُڳهاڙو پير رکي منهنجي پير کي دٻايو به هو ۽ ڇرڪ پري جڏهن مون پير هٽايو هو ته تنهنجي اکين ۾ شرارت ڏٺي هئم. اُن وقت ٿون مونکان سنڌي شاعريءَ بابت ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪري رهي هئين.اسين ٻئي ڪرسين تي ويٺل هئاسين، جيڪي ٽيبل جي آمهون سامهون رکيل هيون. ٽيبل ۽ ڪرسيون تنهنجي گهر ۾ اُن طرح رکيل هيون،جو ڪنهنکي ان طرح پيرن دئاران ڇهڻ جي ڄاڻ پوي ممڪن نه هو! جيئن ته مان شام جو اُونڌهه کان اڳ تنهنجي گهر پهچي ويندو هوس، ٿون اڪثر اُن وقت گهر ۾ هوندي هئين. منهنجي خوش آمديد ڪندي هئين، ۽ مان گهر ۾ اچي واش وٺي، پوشاڪ بدلائي اچي آرام سان ويهندو هوس ته توسان گڏ تنهنجي ڪا نه ڪا سهيلي هوندي هئي. تنهنجي ممي به پئي مونکي هر وقت جاچيندي هئي. اُن وقت تنهنجي ڪنواري ياءُ لاءِ منهنجي اچڻ ۽ تنهنجي گهر ۾ رهڻ هڪ رواجي ڳالهه هئي، پر تنهنجي هڪ شادي شده ڀيڻ ۽ تنهنجيءَ

ٻڌندي رهي هئين، پر اُن باري ۾ به تو ڪو سوال نه پڇيو ۽ نه اُن طرف ڪو خاص چاهه ڏيکاريو. پر مون جڏهن پاڻ توکان تنهنجي باري ۾ ڪجهه پڇيو ته ڪجهه وقت خاموش رهڻ کان پوءِ آهستي پٽڪي چيئه، ' جيئن هئس تيئن ئي آهيان.' مونکان تڏهن رهيو نه ٿيو ۽ چئي ويٺس ،' ان طرح پنهنجو پاڻ مان ئي گهارڻ وڏي ڪنن فيصلي جو آخر مطلب؟'

تو نَرمائيءَ سان جواب ڏنو: '' تنها جيون ڪي ڪنهن گوڙ گنيوڙ واري ماحول ۾ ڦتو ڪرڻ سان ڪا اڪيلائي هتجي ڪانه ٿي وڃي. پر جنهن دنيا ۾ اڪيلو ئي گهارڻو آهي ته مشڪي به گهاري ٿو سگهجي ته سسڪي به گهاري ٿو سگهجي. وقت سان سات نياهڻو آهي، نياهيان پيئي. پنهنجن پيرن تي بيٺل آهيان. مميءَ جي صحت ٺيڪ نه ٿي رهي، تڏهن به هر طرح جي هوءَ منهنجي سار سنڀال لهي ٿي. منهنجو ياءُ به پنهنجن ئي ويچارن جو آهي. منهنجي شادي کيل وڏي ڀيڻ به هن شهر ۾ ئي آهي. هوءَ پنهنجي پريوار سان خوش آهي.''



'' لڳي ٿو تنهنجو دائرو هاڻ بلڪل سوڙهو ٿي ويو آهي.''مون پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي.

'' اِهو سڀ حالتن ڪارڻ. مون جو ڪجهه چاهيو ٿي ملي نه سگهيم. اُنجو ڪارڻ شخصي صرف مان ئي نه ڪين آهيان. سمنڊ جي اوُچي ڇول آخر به لپڪو ڪري ننڍڙيءَ ڇول جي مٿان ئي ڪرندي آهي، ته ڇا اُن ۾ سمنڊ جو ڏوهه آهي. اسانجي سماج ۾ به مرد جي اهميت اُن طرح جي آهي، جڏهن منهنجي چاهت ئي منهنجي نه بڻي ته اُن ۾ ٻئي ڪنهنجو ڏوهه نه آهي ڪونه ۽ هاڻ جيئن آهيان ،پاڻ سان ٺهڪائي چڪي آهيان.'' ڏٺم ته هن طرح جو اظهار ڪندي تنهنجو من ڀرجي آيو هو ۽ مان به ڪجهه وقت خاموش رهڻ ڪانپوءِ اُٿي هلڻ جي تياري ڪرڻ لڳس. تنهنجي ماءُ اُن وقت اندر روم ۾ ليٽي پئي هئي، پر تون مونکي در تائين ڇڏڻ آئينءَ. اُن وقت نه معلوم ڇومون تنهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو،''تو هيل تائين نه منهنجيءَ زال بابت ڪجهه پڇيو ۽ نه وري پٽ جي باري

کي نڪرائي ڇڏيو هو، جيسين ڪنهن ويجهي سنبنڌيءَ دئاران اِها خبر پيم تہ تو منهنجي شاديءَ جو ڪارڊ ڏسي تو ڏاڍو رنو هو. مونکي هاڻ لڳي ٿو تہ تنهنجي اندر ۾ جيڪا مون لاءِ سنيهہ جي چٽڻگ دکي هئي، تنهن جي سيڪ اچڻ کان تو پنهنجي اجائي ايمان کان پنهنجو پاڻکي پيڙيندي، تنهنجو هردو رڃي پيو هو. بهتر اِئين هو تہ تون سمجهين هان تہ پريم ڏاڍو اٽانگو آهي، دکن ۽ ڏولاون سان ڀريل آهي. پوءِ ڇو ڪين اڳليءَ جنس ۾ ڪيڏي بہ سونهن ڇو ڪين هجي، پر گهڻي خوبصورتي تہ بہ آخر ۾ هٽ ۽ اهم کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندي آهي، جنهن ڪارڻ حد کان ٻاهر ڪا بہ ڳالهہ سني ٿيندي هجي، اِئين ناهي. گهڻي چترائي بہ ڪڏهن ڪڏهن سراپ بڻجي پوندي آهي.

تو وٽان خطن جو سلسلو برابر بند ٿي ويو، جيتوڻيڪ مون پنهنجي پتنيءَ کي هر ڳالهہ کان چڱيءَ طرح واقف ڪري ڇڏيو هو، پر هيڏي عرصي ۾ تو ڪڏهن بہ اِها اِڇا ظاهر نہ ڪئي تہ تون ڪو پاڻ وٽ ، اسانکي نينڊ ڏئي گهرائين يا اسانجي گڏ نڪتل تصوير لاءِ ڇڪ محسوس ڪرين. اُن کان پوءِ گشت دئران جڏهن تو واري شهر ۾ وڃڻ ٿيو هوم تہ خبر پيم تہ تون اُتان مڪان خالي ڪري اُهو وڪڻي اصل لاءِ اُتان هلي ويئي آهين، ڇو تہ وڏي شهر ۾ بدلي ڪرائي هاڻ تون اُتي رهڻ لڳي آهين. مون اُتان تنهنجي نئين ائڊريس بہ هٿ ڪئي، پر تون نئين شهر ۾ ايندي بہ، جتي مان اڳہ ئي رهندو هوس تو مون بابت ڪا جاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي، تان جو مان ئي آخر مليل ائڊريس جي آڌار تي تو وٽ پهچي ويس.

مونکي آيل ڏسي توکي پهرين تہ عجب لڳو، پر پوءِ سهسائي ويئين- پنهنجي ماءُ کي منهنجي اچڻ جي خبر ڏنئہ. مونکي ڊرائنگہ روم ۾ وهاري، تون رنڌڻي ۾ مون لاءِ چانهہ ناهڻ ويئينءَ ؛ البت تنهنجي ڳالهائڻ ۾ اُهو ميناس ۽ سنيهہ ڪين رهيو هو ۽ مون بہ ڪجهہ وقت ۾ محسوس ڪيو تہ مونکي اچڻ ئي نہ کپندو هو، پر جڏهن اچي چڪو هوس تہ ڪجهہ وقت تہ وهٽوئي پوندو. تو پنهنجي ماءُ جي ناچاڪائيءَ جو احوال ڏنو، پنهنجي پاءُ جي مڱڻ بابت ٻڌايئہ، پر تو مونکان منهنجي باري ۾ ڪجهہ بہ پڇڻ جو ساهس ڪين ڌاريو، تان جو مونکي ئي توکي ٻڌائڻو پيو تہ مان هاڻ پهرين طبقي جي عملداري جڳهہ تي اظافو وٺي چڪو آهيان، سرڪاري سهوليت ۽ سرڪاري خرچ تي مون هاڻ پوسٽ گريجيوئيٽ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. ساهتيڪ سطع تي ڪيترا ئي اِنعام ۽ سنمان ملي چڪا اَٿم. اسان جو تمام ننيڙو ڪٽنب آهي. هوءَ، امان ۽ هڪڙو ننيڙو ڪڪو، جيڪو بہ هاڻ اسڪول وڃڻ جي لائق ٿيو آهي. تون اِهو سڀ


ڪارو ڏاڳو

هولارام هنس

وشواس بہ وڏي وٿ آهي. جن جنهن ۾ وشواس رکيو، اُهي اُن مان تري پار پيا. سپ ڪڪر لاءِ ماندي، ڪونج جبل لاءِ ماندي، مڇلي پاڻي لاءِ ماندي، چڪوري چڪور لاءِ ماندي، پونئر واس لاءِ ماندو ۽ پپيهہ ڪويل لاءِ ماندو ۽ چاترڪ برسات جي بوند لاءِ ماندا. پر اسانجي ڏاڏي جڏهن بہ ڪجھہ ٿئيس تہ مهراج جي پڙهيل ڪاري ڏاڳي لاءِ ماندي هوندي آهي. اسان گهڻو ئي سمجهايونس، ”امان! ڊاڪٽر ڪيماڻيءَ جي دوا چونہ ٿي ڪرين؟“ تہ آکي، ”ماريا! ڏاڪدر ڇا ڪندو؟ اوهان کي آهن پئسا گهڻا.“

اسانجي ڪالونيءَ جو مندر اوهان شايد ڏٺو هوندو. ڪي اُنکي دربار چون تہ ڪي ”گردوارو“ پر اسان جي ڏاڏي اُنکي ڪوني ”ٽڪاڻو“. غمي هجي يا شادي، جٽيا هجن يا مُنڊ، پڳڙيون هجن يا پئنچايت جي ميٽنگ، مطلب تہ هر ڪم لاءِ هيءُ مندر هڪيو حاضر هوندو آهي. هن مندر جي هڪ هڪ سر ۽ ڀڳوان جون مورتون ۽ بت شاهد آهن تہ پليل بندا مطلب سان ئي هن مندر ۾ پير پائيندا آهن. گهڻي ڀاڳي بنا مطلب جي هت ڪير ڪونہ ايندو آهي. هن مندر جو پوڄاري ئي آهي جو شايد هني بنا ڪنهن مطلب جي رهيل آهي.

انسان بہ عجيب آهي! جڏهن جڏهن ڪو مطلب پويس يا جڏهن ڪنهن منزل مقصد تي پهچڻو هجيس، دکہ ۽ درد جو پهاڙ ڀاري ٿي وڃيس، چوطرف اونده انڌوڪار نظر اچيس تڏهن وڃي پريوءَ جي پٺ وني، نہ تہ پريوءَ کي پڇي بہ ڪونہ. ڪبيرصاحب فرمايو آهي...... ”دکہ ۾



نالو	:	هولارام هنس.
جنم	:	قنمبر، ضلع- لاڙڪاڻو ١٥-٦-١٩٢٢.
ڇپايل ڪتاب	:	اڻ.
پيشو	:	رٽاير آفيسر.
پتو	:	٢/٢، سرسوتي نگر، ٺاڻا ايسٽ، ٤٠٠٦٠٢.

۾ ڪا وڏيڪ پڇا ڪيئه. ڇا منهنجيءَ هن ترقيءَ تي تون خوش ناهين ؟''

'' منهنجي ان ڇوڻ تي تنهنجي اکين ۾ صرف آنسون ڏٺم جن تنهنجي من جي پيڙا کي ظاهر ٿي ڪيو.

وڏيڪ وقت اُتي ترسڻ نيڪ نه سمجهي مان تنهنجي گهر جي حاطي کان ٻاهر نڪتس.

اسانجي اُن پوئينءَ ملاقات کي به اڄ پورا پنجويهه سال ٿي چڪا آهن. وقت پنهنجو ڍارو هلائيندو هليو آهي. مون به نوڪريءَ مان ٻارهان سال اڳه رٽاير ڪيو آهي. جڳهه پنهنجي اٿم. منهنجو ڪکو هاڻ ڪنهن خانگي ڪمپنيءَ ۾ اِنجنيئر آهي. ٻه سال اڳه گهر ۾ پوٽي آئي آهي. هاڻ اسين گهر ۾ ڪل پنج جيوَ آهيون. مان پنهنجي شغل سان نباهيندو رهندو آهيان. ٻن سالن جو ننڍڙو ٻار سڄي گهر جي رونق آهي.

مون جيڪي به ويچار هن خط دئاران ظاهر ڪيا آهن، اُن جو اهو مطلب ڪين آهي ته مان ڪو هاڻ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهيان. تون به اگر پنهنجيءَ دل کي نه جهوڙي ڪو به سنبنڌ قائم رکين هان ته پڪ اٿم ته پنهنجي اُن طرح جي اُداس جيون کي ٽالانجلي ڏئي سگهين هان، پر اهو نه ممڪن آهي ڪين ته اِنسان جو ڪجهه سوچي ٿو اُهو ئي ٿيندو رهي.

يادگيرين جي هنن تهن اندر به ڪيترا ئي ته آهن. سمرتيون سڄاڳه ٿيڻ سان وقت جي ماضيءَ وارو عرصو اڳيان اچي ٿو، تنهن هوندي به حال کي پنهنجي اهميت آهي، پنهنجو وجود آهي، ڇو ته ڪيس نه ماضيءَ جي پرواهه آهي ۽ مستقبل لاءِ ڪا چاهنا. حال ته حال ئي آهي، حال ئي رهندو ۽ حال جي مٿان اگر ڪو ته چڙهيو ته اُهو به ماضي بڻجي پوندو.

منهنجو هن طرح جو ڪيل اِظهار ڪنهن به روپ ۾ ڪٿي به ڪنهن به طرح ڇپجي سگهي ٿو ۽ تون اُن اخبار جي سمپادڪ کان منهنجو سرنامو گهرائي به اڪر لکي سگهين ٿي، ڇو ته ڪنهن ڪارڻ مان هن وقت پنهنجو سرنامو ظاهر ڪرڻ ڪين ٿو چاهيان. تنهنجي طرفان آيل اُتر کان پوءِ هڪ دفعو وري به اسان جي ملاقات ٿي سگهي ٿي، ٻيءَ طرح ...... ممڪن آهي تنهنجي جيون ۾ ڪو ڦيرو اچي وڃي......

....

ڪافي وقت پاڻکي ڪوٺيءَ اندر بند ڪري جو ڪجهه لکڻ وينو هوس ۽ اُنکي پورو ڪندي جڏهن اُنکي آخرين روپ ڏيڻ لاءِ سوچي رهيو هوس جو انيتا چانهه جو ڪوپ کڻي ڪوٺيءَ ۾ هن اندر اچڻ لاءِ در تي ڪڙڪو ڪيو ۽ منهنجي ساڌنا ٽٽي پئي.

انيتا مشڪي منهنجي من ۾ نهاري چيو، ''هاڻ ڪافي ٽڪجي پيا هوندا. جلد تيار ٿيو ته باغ ۾ هواخوريءَ لاءِ هلون.'' ۽ مان به ٽپ ڏئي اُٿيس.

ڇت مٿان، بادل پنهنجا گهڙا خالي ڪرڻ جي شرط پڇائي رهيا هئا. اِئين لڳي رهيو هو تہ بادل انسان سان هولي کيلي رهيا هئا. سرشتيءَ کي سائو ۽ سرسبز بڻائي رهيا هئا ۽ بڻائي رهيا هئا پارت کي پاڳيشالي. اَهڙي سندر سميہ ۽ وڻندڙ وايومنڊل ۾ پوڄاري پنهنجي پريوءَ جا گڻ گان ڪري رهيو هو. پنهنجي سريلي ساز سان اهڙي تانَ ڇيڙي هئائين جو ناستڪ بہ جهومي رهيا هئا. اَهڙي وقت جڏهن گيتن جي گنگا وهي رهي هئي تہ پرواري باغ جي مالهيءَ جي نماڻي نوري، پنهنجي ابهم کي کڻي اچي مندر ۾ پهتي. ٻالڪ کي پيٽ ۾ سور هو. ٻالڪ جي ماتا جو وشواس هو تہ جيڪڏهن پوڄاري ٻالڪ کي پاڻي پڙهي پيئاريندو تہ ٻالڪ ٺيڪ ٿي ويندو.

پوڄاري تہ پاڻ کي هڪ رواجي اِنسان سمجهندو هو ۽ اُنجو اِنهن ڳالهين ۾ وشواس نہ هو. اُن جو وشواس هو تہ صرف سچي سائينءَ ۾. آخر مائيءَ جي گهڻي چوڻ تي پوڄاريءَ سائينءَ جو نالو جپي پاڻي موٽائي ڏنو. مائيءَ جي چوڻ موجب ٻار کي فائدو ٿيو. جڏهن کان ڏاڏيءَ اِها ڳالهہ ٻڌي تہ اُنجو پوڄاريءَ ۾ وشواس وڌي ويو.

پوڄاري پاڻ نہ چاهيندي بہ ماڻهن جي زور ڪرڻ تي سائينءَ جو نالو چئي پاڻي ۽ ڌاڳا پڙهي ڏيندو هو. هو ڇا ڄاڻي سائينءَ جي گت مت؟ سائينءَ جي گت مت سائين ڄاڻي!

مئي جو مهنو هو، گرم هوا لڳي رهي هئي. منجهند جو وقت هو، پکي پرندا پڻ پرواري باغ ۾ وڻن جي ڇترڇايا هيٺ براجمان هئا. اَهڙيءَ تتيءَ تپت ۾ ۽ مانديءَ موسم ۾ ڏاڏيءَ کي اڌ مٿي جو سور اچي پيو، ڏاڏي پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڪڙڪي ۽ ڪڙهي رهي هئي ۽ مان سوچي رهيو هوس تہ ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي اچان. ڏاڏيءَ چيو، ”پٽ! مهراج کان ڪارو ڌاڳو پڙهائي اچ.“

اَهڙي ڳاڪ منجهند جو منهنجو خيال نہ هو تہ ڪو پوڄاريءَ کي وڃي تڪليف ڏيان. آخر ڏاڏيءَ جي زوربار هيٺ، گهر کان ٻاهر نڪتس. مون بہ ڇا ڪيو جو پوڄاريءَ کي تڪليف ڏيڻ جي بدران، هري مڇهاريءَ کان ڪارو ڌاڳو خريد ڪري ڳنڍيون ٻڌي، آڻي ڏاڏيءَ کي ڏنم. ڏاڏيءَ بہ واهگروءَ جو نالو چئي اُهو ڌاڳو ٻڌي ڇڏيو. ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ ڏاڏي سرهي نظر اچي رهي هئي. مان پيو عجب کانوان تہ هي ڇا ٿيو؟

اندر مان آواز آيو...... وشواس وڏا وڙ ڪري ٿو.

هرڪو صاحب جو سمرڻ ڪري ٿو پر سڪ ۾ ڪوئي نٿو ڪري، سڪ ۾ جيڪڏهن سمرڻ ڪجي ته دک اچي ئي ڇو؟''

جڏهن جڏهن ڏاڏيءَ کي اڌ مٿي جو سور ٿئي يا چور تپ اچيس يا هوُڙ ۾ سور پويس ته مندر جي پوڄاريءَ کان پڙهيل ڪارو ڏاڳو ٻڌندي آهي، ان پڙهيل ڏاڳي ۾ ڏاڏيءَ جو ايڏو وشواس آهي جو اُن ڏاڳي ٻڌڻ سان سندس سڀ دک درد دور ٿي ويندا آهن. هن سائنس جي زماني ۾ مان عجب کائيندو آهيان ته هي سڀ ڪيئن ٿي رهيو آهي؟

ڪڏهن ڪڏهن پڇانس، ''ڏاڏي چور تپ ڇا ٿيندو آهي؟'' چوي، ''اُهو تپ جو رات جو اچي.''

اسانجي مندر جي پوڄاريءَ کي ڪي ٻڌڙيون پائي ڪونن ته ڪي، ''پنڊت'' پر اسانجي ڏاڏي اُنکي ڪوني، ''مهراج''.



پهريائين مون سمجهيو هو ته ڪو ٻڍوءَ اچي ڏاڙهيءَ وارو مهراج هندو پر هي ته پڙهيل ڳڙهيل سائوٿ اِنڊين جوان هو.

خبر نه آهي ته هن پوڄاريءَ جي اندر ۾ ڪهڙي دونهي دکيل آهي! پيو سڄو ڏينهن مالڪ جي مورتيءَ ڏانهن نهاريندو ۽ اُن سان اندر اوريندو. پريوءَ سان اِئين ڳالهائيندو جيئن اوهين ۽ مان ڳالهائي رهيا آهيون. اونڌاهيءَ جي وقت جڏهن ايشور جي آرتي ٿيندي ته هو پريوءَ جي پوڄا ۾ مگن مست ۽ لنوَلين ٿي ويندو، پيو جهومندو ۽ جهولندو. شايد پنهنجا سڀ ڪم ۽ ڪاريون چڱايون ۽ لڱايون، اُن حبيب جي حوالي ڪري ڇڏيون هئائين. هميشه پنهنجي مستيءَ ۾ مست ، ''جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وه او يار''-وانگر.

برسات جي موسم هئي. بادل گگن ۾ گونج ۽ گجگوڙ ڪري رهيا هئا. ڪڪرن جي هاٿيءَ تي سواري ڏسڻ لائق هئي. مندر جي

١٥ - ٢٠ ننڍيون وڏيون استريون /ڇوڪريون بيمار ليٽيل نظر آيون. پر ڪو وايو منڊل هو! جهيٽيون روشنيون ڇڻ ٻتيون ٻہ بيمار هيون! اڇ ميريون چادرون ۽ ماحول ۾ دوائن،سپرٽ جي تيز بانس ڦهليل هئي. منهنجي مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳو. مون رومال ۾ ٿورو ’ليوڊيڪولن‘ وجهي ڪٽي نڪ تي رکيو! ۽ ڪجهہ منٽن بعد سامت جو ساهہ کنيم. سرڪاري سُپتالن جو کهڙو نہ ارمان ڀريو وايو منڊل آهي. روشني بہ گهٽ تہ صفائي بہ گهٽ. ڪن بيمارن وٽ سندن ڪي مٽ مائٽ ۽ عزيز ويٺا هئا، جن کين آٿت پئي ڏنو،باقي تہ ڏاڍو مايوس ۽ موڳو ماحول هو. مون وري هڪوار ڇپن تي مشڪ آڻي ڦل ڪٽي انهن بيمارن جي بسترن اڳيان آيس ۽ کين هٿ ۾ ڪو نہ ڪو ڦل ۽ بسڪوٽ ڏئي ڪجهہ نہ ڪجهہ حال احوال پڇندي اڳتي هلندي هليس. هڪ مهلا مرنال جي حالت قياس جوڳي هئي کيس سسُ ۽ مڙس ٻڌي مار ڏني هئي، ڇو تہ هوءَ غريب گهر جي ڇوڪري هئي! اهڙيون حالتون منهجي من کي ڏاڍو ڊانوا ڊول ڪرڻ لڳيون. ۽ مون اُتان ئي واپس ورڻ لاءِ پنهنجو رخ بدلايو. هڪ پلنگہ تي هڪ ننڍي نيٽي ١٧-١٨ سالن جي ڇوڪريءَ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺل ڏٺم. منهن تي مرڪ هئس! ڇڪيندڙ مرڪ جنهنکي مان جيڪر ’’ اِنوائيٽنگ سمائيل ‘‘ (Inviting Smile) چوان. مان واپس موٽي سڌو وٽس ويس. ڏسان تہ سادي پر صاف سٿري ساڙهي پيل هئس ۽ هٿن ۾ ڪاپي (نوٽبڪ) هئس، جنهنجا پنا پئي اُٿلايائين ۽ وري مرڪي هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريائين.

مون کي ڏسي چيائين، ’’نمستي‘‘. سندس آواز ڪيترو نہ وڻندڙ هو. چيومانس ’’ تہ وديارٿي آهين ڇا؟ ڪنڌ سان ها ڪندي چيائين يارهون درجو پاس ڪيو اٿم. مون ڪاپيءَ ڏانهن اِشارو ڪندي چيو، ’’هن ۾ ڇا لکيل آهي؟‘‘

هن ۾ ڪجهہ شعر لکيل آهن. اِهو منهنجو شونق (هابي) آهي. مان لکندي بہ آهيان پر اهڙو سنو نہ‘‘ ۽ هوءَ هٽڪي چپ ٿي وئي، ’’مونکي پنهنجو ڪو شعر پڙهي ٻڌائيندينءَ؟ مون پيارمان ڏانهنس نهارئيندي چيو ’’چونہ‘‘ ۽ يڪدم پنا ورائيندي هڪ ورق تي لکيل ڪوينا پڙهڻ لڳي:-

تنهنجي وڇوڙي ڪيو آ بيمار مون کي
بنا چتائڻ جي گم ٿئين ڇڏي مون کي
مون تہ دل توکي ڏني دلدار سمجهي

مُڪتا

ڪماري ايشوري جوتواڻي

سامهون اسپتال ۾ پهچي مان ٻارن جي وارڊ ۾ گهڙي ويس. اُتي اڪثر مان ويندي آهيان. اُتي جون نرسون سڃاڻي ويون اٿم. پاڻ سان هڪ ڇوڪريءَ کان ميوي جو ٽوڪرو کڻائي آئي هيس. ميوي ورهائڻ کان اڳ وارڊ جي وڏي ’ميٽرن‘ کان اجازت ورتم. وارڊ ۾ اندر اڳتي اڳتي هلڻ لڳس. بيمارن جي حالت قياس جوڳي هئي.

ڪنهن ٻار جي ٽنگ ٽٽل هئي ته ڪنهن ٻار جي ٻانهن ڀڳل هئي. ڪنهن ٻار جون ته ٻئي ٽنگون ”ٻليءَ“ ۾ مٿي ٻڌل هيون، ته ڪنهن جي ٻانهن پلسٽر ۾ ٻڌل هئي. اهڙو مايوس ماحول ڏسي دل ۾ ڇڻ اُداسائي پرجندي تي ويئي. مان پنهنجي اُن احساس تي قابو پائي يڪدم هڪ ٻار کي انب ۽ بسڪوت جو پڙو ڏيندي پڇيو مانس، ”توکي انب ڏاڍو وڻندو آهي نه؟“ ٻار جو منهن ٽي ٽري پيو، ۽ منهن تي مُرڪ ڇانئجي ويس! هڪ معصوم مُشڪ ڪجهه ڪنن لاءِ منهنجي دل هلڪي ڪري ڇڏي.

اڳتي وڌي ڪن ٻارن جي دل وندندي ميوو ڏيندي پرس مان ٻن رپين جو سڪو ڪڍي پئي ڏنم، هڪ آڪاش نالي ٻار کان پڇيم ته هِنَ مان ڇا وندين؟ وراڻيائين ”پينسلون“ مونکي لکڻ لاءِ کپن . مون مشڪي چيو، ”ڏاڍو سٺو“ ۽ پرس مان هڪ سهڻي پينسل ڪڍي کيس ڏيندي چيم ”تيستائين هن سان لکج“ پينسل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڇو جو پينسل سهڻي هئي ۽ مون ڏانهن نهاري چيائين ٿئنڪ يوُ آنٽي.

مان اڳتي وڌيس. هلندي هلندي اچي مهلا وارڊ ۾ پهتس، چوگرد نهاريم!

	نالو	:	ڪماري ايشوري جوتواڻي .
	جنم	:	سيوهڻ، ضلع-دادو، ٢٠ نومبر.
	ڇپايل ڪتاب	:	٢.
	انعام	:	ڪيندريه هندي سنستان، دهلي، ۽ ساڌو واسواڻي پرائيز.
	پيشو	:	آنرري سپرنٽينڊنٽ، ميران گرلس ڪاليج، پوني.
	پتو	:	ايم ڪي ايم هاسٽل، ١٠، ساڌو واسواڻي مشن مارگ، پونو- ٤١١٠٠١.

مُهِر هڪ صحيح فيصلي تي

ارجن ڪرپالاڻي

شيل ياڇي وني جيئن ئي گهر اندر گهڙي تہ پورچ ۾ پٽ تي پيل ڊگهو ۽ ٿلهو لفافو ڏسي، اُن ڏانهن وڌي. هيڏو ڳرو لفافو ڪنهنجو ٿي سگهي ٿو. جيئن ئي لفافي تي لکيل ائڊريس ڏنائين تہ جهٽ سڃاڻي ورتائين - اڙي هي تہ جانڪيءَ جو خط آهي!

هوءَ پنهنجي جڳياسا کي روڪي نہ سگهي ۽ ياڇيءَ جو ٿيلهو پاسيرو رکي اُتي پورچ ۾ ئي ويهي لفافو کولي لڳي پڙهڻ :

منهنجي منڙي منهنجي پياري ڀيڻ


شيل،

منهنجو خط ڏسي تون ضرور حيرت ۾ پئجي ويئي هوندينءَ تہ اڄُ مان پنهنجي شاديءَ جي ارڙهن مهنن کان پوءِ الائي ڪهڙو سوارٿ ڪڍي توکي خط لکي رهي آهيان.

ڀيڻ، شاديءَ کان پوءِ تو بہ تہ هڪ دفعو بہ منهنجي سار نہ لڌءِ...مان دکي آهيان...سکي آهيان، اگهي آهيان، سگهي آهيان تنهن ۾ تنهنجو ڇا! تو تہ سوچيو هوندءِ مان پنهنجي ولائتي گهوٽ سان شاديءَ کان پوءِ ترت ئي منيلا هلي ويئي هونديس ۽ اُتي سهاڳڻ جا سکہ ماڻيندي هونديس.

بلاشڪ،منهنجي ماءُ پيءُ تہ مونکي شينهن ڪلهي چاڙهي پنهنجي علامت لاٿي. لٿو بوجهہ ڌيءُ ڏڻُ جو! اُنهن سوچيو هو تہ موهن دوارا اَخبار ۾ ڇپايل وِواهڪ وِگياپن اُنهن جي تقدير ئي کولي ڇڏي. هئڙو قابل وِلائتي نائي، سو بہ بناڪنهن ڏيتي ليتيءَ جي بول جي گهر ويٺي ملي ويو هونِ.

شيل، اِهو بہ سچ آهي تہ ڪا بول نہ هوندي بہ منهنجي ماءُ پيءُ پنهنجي نڪ کي مَرُ نہ لاهڻ ڏنو ۽ شاديءَ ۾ وِت کان بہ وڌيڪ خرچ ڪيائون. ڏاڍي ڌوم ڌام سان شادي ڪيائون، جنهنجي ساکي تون پڻ آهين. اُن وقت تو خود ڪيڏي نہ رشق وچان چيو هوءِ- ”جانڪي، تنهنجو تہ ڀاڳہ کليو ٿئي جو هئڙو سهڻو، ڻاهوڪو ۽ ولائتي گهوٽ



نالو : ارجن ڪرپالاڻي.

جنم : بياور، ١٢.١٠.١٩٥١.

ڇپايل ڪتاب : هڪ .

الا تو ٺڪرائي ڇڏي ڪلونو سمجهي

اِئين چوندي سندس آواز ٽٽي پيو ۽ هوءَ سڏڪڻ لڳي...... سندس دل جي ڪيفيت محسوس ڪندي ڪيس ٻه ٽي منٽ روئڻ ڏنم، پوءِ رومال سان سندس ڳوڙها اُگهندي چيم، ”اڙي اهڙن لاءِ روئبو ٿوروئي آهي. مون سان به اِئين ٿيو هو.“ يڪدم هنجو روئڻ بند ٿي ويو. مونڏانهن نهاري چيائين ته آنٽي پوءِ توهين...... اڙي! دنيا ۾ ٻيا به غم گهڻا محبت جي غم کان سواءِ! تون ٺيڪ ٿي ته مان توکي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندس. هاڻ ٻڌاءِ ته تو ڪهڙن شاعرن جي ڪوتا پڙهي آهي؟

اڃا به پنل آواز ۾ چيائين تمام ٿورن جي جن جا ڪتاب لئبرري يا ساهيڙيءَ کان ملي سگهندا آهن. پريو وفا، موتي پرڪاش، بيوس وغيره......“ چڱو ٻڌ مون وٽ گهڻيئي ڪتاب آهن. مان سڀاڻي تو لاءِ ڪلا پرڪاش بيوس ”رشي“. دلگير ۽ نارائڻ شيام جا پستڪ کڻي ايندس، تون پل اُهي پاڻ وٽ رکج. پر توکي ٿيو ڇا آهي؟

”مونکي تپ آهي. شايد وائرس. اڄ ڏهه ڏينهن ٿيا آهن.“

”ته ٻڌ، هاڻ تون جلدي ٺيڪ ٿيءُ، ضرورت پئي ته مان توکي اِسپيشلسٽ کي ڏيکاريندس. هاڻي روئيج نه؟“

هن شڪرگذاريءَ وچان مون ڏانهن نهاريندي چيو، ”منهنجي ممي ۽ بابا هن دنيا ۾ ڪين آهن.“

”اڙي! مان جو آهيان!“ مون سندس دل وندي ڪيس ڀاڪر پاتي ته هوءَ جنسي ٻار وانگر مونکي چنبڙي پئي.

چيومانس، ”منهنجي موٽر ۾ ٻاهر ”رهاڻ“ رسالو پيو آهي. هن سال ڪوتا جو وڀاڳ ڏاڍو سٺو ڏنو اٿن. اڄ مان توکي اِهو سوکڙي ڪري ڏيئي ٿي وڃان. هاڻي ٻڌاءِ ته انب وڻندا اٿئي يا سنگترا؟“

نه پهه ورايائين، ٻئي وڻندا آهن، ۽ پوءِ کلڻ لڳي! سندس کلڻ مونکي موهي وڌو. مون ڇوڪريءَ کان ميوي جو ٽوڪرو وٺي ٻچيل سڀ انب ۽ سنگترا ڪڍي سندس بستري تي رکيا ۽ جيئن موٽيس ته دل هلڪي هلڪي محسوس ڪيم، پڻ مُکتا جي مُرڪ جي مهڪ سان من ڀرجي ويم.

اتاولو آهي. ڪنهن ڪنهن وقت لڳندو هو
مان هن جي لاءِ هڪ اِستري يا جيون سنگڻي
نه پر رڳي هڪ ”جنس“ مثل آهيان
جنهنکي رڳو هر طرح سان ڀوڳڻ ئي اُنجو
مقصد هو. جنهن وقت مان اِن بابت هن سان
ڪا شڪايت ڪندي هئس ته جهٽ چئي
ڏيندو هو- ”جانوءَ! مون وٽ في الحال توسان
گڏ گهارڻ لاءِ هي پندرهان-ويهه ڏينهن ئي
ته آهن، پوءِ ته مان هونءَ ئي منيلا هليو
ويندس. اُتان توکي گهرائڻ لاءِ ويزا وغيره
جو بندوبست ڪرڻ ۾ الائي ڪيترو وقت
لڳي. اُن لاءِ مونکي هن وقت نه روڪ ۽
سمپورڻ ريت ڀوڳڻ ڏي!

مان اُنجي هن ترڪ اڳيان چپ ٿي
ويندي هئس ۽ سمپورڻ ريت هن اڳيان
سمرپت ٿي ويندي هئس.

موج مستي ۽ آنند ماڻڻ کان پوءِ آخر
اُها گهڙي به سگهو ئي اچي پهتي جڏهن
اسان ٻئي في الحال هڪ ٻئي کان جدا ٿي
رهيا هئاسين. بيحد اُداس ۽ آلين اکڙين
سان مون هنکي منيلا وڃڻ لاءِ وداع ڪيو.
هن مونکي منهنجو قسم کڻي، وچن ڏنو ته
هو تمام جلد مونکي پاڻ وٽ گهرائيندو.

هو هليو ته ويو، ڄڻ منهنجي آباد
دنيا ويران ٿي وئي. مون کي سڄو گهر ڄڻ
کائڻ ٿي آيو. مان نپٽ اڪيلي چئن ڀتين
۾ ڄڻ هميشه هميشه لاءِ پورجي ويس.
اڪيلائپ، اُٻاڻڪائي ۽ اُداسي مون کي
ورائي ويون. اُميد جي هڪ ڪرڻ جي اوٽ
۾، ڌيرج ڌري گهر جي ڪم ڪارين ۾ لڳس
پاڻ کي رُڌائڻ.

جنهن ڀاڳه تي مان ڪُڏيس ٿي،
انکي رُسندو ڏسي اندر ئي اندر ۾ ڏکڻ
لڳس. موهن جي منيلا وڃڻ کان پوءِ سڄو
مهنو گذري ويو. پر نه ڪي پهچ ئي آئي نه
ڪو ڪا چٺي يا فون ئي. موهن جي ماءُ پيءُ
جو اصلي روپ ڏسي ته مان دنگ رهجي
ويس. هو ٻئي مون کان ڏورن وانگر پورهيو
وٺڻ لڳا. هڪ ڏينهن مان سويل ڀرو اُٿي،
پاڻ لاءِ چانهه جو ڪوپ ناهي، کڻي اچي
ڊائننگ ٽيبل تي ويٺس ۽ اُتي پيپل اخبار
پڙهڻ لڳس. اِهو ڏسي پريان ئي رڙ ڪندي
منهنجي سسُ چيو- ”ماڻهين جي ٿي
اخبار پڙهين. گهر جو هيڏو سارو ڪم
تنهنجو بابو اچي ڪندو.“

اِهو ٻڌندي ئي مان جنسي تپي باه
تي ويس. منهنجي ماءُ پيءُ کهڙو ڏوهه
ڪيو هو جو اُن لاءِ هنڙا ذلت ڀريا اکر هُن
ڳالهايا. شيل، مان زهر جو ڍُڪ ڀري رهجي
ويس. اُن وقت مان محسوس ڪرڻ لڳس
مڙس کان سواءِ عورت ڪيڏي نه اسهايه،
لاچار، بيبس ۽ مجبور هوندي آهي! اُن
ڏينهن کان پوءِ مون ڪڏهن هٿ ۾ اخبار نه
کنئي نه ئي اُنهن جي سامهون چانهه ئي
پيتي. تون ڪندينءَ وشواس. ڏورن وانگر
اُڏڪو پورهيو ڪرڻ کان پوءِ به منهنجي
سسُ منهنجي لاءِ به پنن جهڙا ڦلڪا ۽
ذرڙي ڀاڄيءَ جي هڪ ٿالهيءَ ۾ رکندي
هئي ڄڻ مان ڪا ڪتي هئس. منهنجو
جيءُ تو ڄاڻي پيٽ ڪتي ڪي رڳي ٽڪر
ڏيڻ خاطر مان الائي ڪيئن ڳيٽ ڏئي اُهي
پن جهڙا به ڦلڪا کائيندي هئس ۽ مٿان

مليو اٿئي. ڇوري تون تہ ھاڻي سچي عمر ڊالرن ۾ پئي کيليندينءَ... خوب موجون ماڻيندينءَ.....!''

تون تہ ڇا، پر شيل ٻاڙي وارن جي وات مان بہ ڇڻ رڙ نڪري ويئي... ھرڪو ڇوڻ لڳو. ''ڀائي شامنداس واھ جو مير ماريو آ. ڌيءُ لاءِ ڏڪا بہ خوب کاڌائين، پر آخر ڀاڳہ وري آيس. ھاڻي تہ ٻئي ٻڍا ٻڍي سچي عمر ولائتي نانيءَ کان ولائتي مالن جا سُھج ماڻيندا.''

بلاشڪ، اُن وقت منھنجو من بہ مور وانگر نچڻ لڳو ھو. خبر ٿئي جنھن ڏينھن پھريون دفعو موھن ۽ سندس ماءُ پيءُ مونکي ڏسڻ آيا. مان تہ ھڪ نظر ۾ ئي اُنکي پنھنجي دل ڏيئي وينس. من ئي من ۾ ھنکي پسند ڪري وينس. شايد اھڙو ئي ڪو منھنجي سپنن جو راجڪمار منھنجي من ۾ ھيل تائين لڪو وينو ھو!

ھنن جي پيٽ ۾ منھنجي ماءُ پيءُ وٽ منھنجي قابليت ۽ سونھن کانسواءِ ٻيو ڪجھہ بہ نہ ھو. جنھن وقت ھنن مونکي پسند ڪيو ۽ پڪ ڏني، اُن وقت مان فخر ۽ خوشيءَ وچان ٽڙي پيس. لڳم دنيا اڃا قدردانن سان ڀريل آھي. ھنن جڏھن چيو- ''اسانکي رڳي توھانجي ڌيءُ گھرجي بس. ٻي ڪا شرط ڪانھي. پنھنجيءَ ڌيءُ کي جيڪو پڇيوَ سو ڏجو.''

اِھي اکر ٻڌي منھنجا ماءُ پيءُ تہ جنسي گدگد ٿي ويا ھئا. اکين تي ڇڻ وشواس ئي نٿي آين تہ ڏاڄ ڏينيءَ ليتيءَ جي وڏندڙ مرض واري ھن سماج ۾ اھڙا بہ ڪي اِنسان آھن جيڪي ڌن-دوُلت کان بہ مٿي سيرت کي مھتوَ ٿا ڏِيَن!

شيل، اُن وقت احساس ٿيم تہ سائينءَ جي در واقعي دير آھي پر انڌير ناھي! منھنجي پيءُ منھنجي لاءِ جيترا ڏڪا کاڌا، ھڪ سائينءَ کي خبر ھيو مونکي. مون تہ شروع کان ئي ڀاڳڪي ڀاڳہ جي ھٿن ۾ سونپي ڇڏيو ھو.

شاديءَ کان پوءِ سگھو ئي نيڪ ٽئين ڏينھن اسين ٻئي ھني موُنَ لاءِ مسوريءَ نڪري وياسين. ٻاھرين دنيا ۾ مون پھريون دفعو ئي پير رکيو ھو. مسوريءَ جا ڇا تہ دلڪش نظارا ھئا. ٽائيگر ھِل، مال روڊ، روپ وي... مطلب تہ مسوريءَ جو چپو چپو مان ھن سان گڏ گھميس. اُتي راجستاني ڊريس ۾ مون موھن سان گڏ خوب رنگين فوٽا ڪڍايا. اُھا ڊريس پائي ننڍڙي سھڻي جھيل ۾ بوٽنگہ ڪيم. مطلب تہ مان اُن وقت دين-جھان جي تمام جھنجھٽن کان پري، موھن سان گڏ بيحد خوش ھئس. اسان ٻنھي جو ڏينھن گھمڻ ڦرڻ ۾ گذرندو ھو ۽ رات مان موھن جي ٻلي ھئس. بلاشڪ پتي ھئڻ جي ناتي، موھن جو منھنجي جسم جي ذري ذري تي حق ھو، جنھنجي ڪري مون پنھنجو پاڪي ھنجي حوالي ڪري ڇڏيو. اُن وقت اُتساھ، اُمنگ ۽ شرنگار رس سان ڀرپور سنجوڳہ، مونکي پورڻ سکہ ۽ آنند جو احساس ڪرايو. پر الائي ڇو، ڪنھن ڪنھن مھل،موھن مونسان اَتي ڪري وھندو ھو. ان وقت مونکي اٿين لڳندو ھو ڇڻ ھو مونکي سمپورڻ ريت ڀوڳڻ لاءِ ڏاڍو

جو مقابلو مان ڪيئن ڪري سگهندس.
اِنڪان تہ مان ڪنواري ڀلي هئس پر هاڻي
ڇا ٿيندو؟

شيل مان هينئر هڪ اهڙيءَ جاءِ تي اچي بيٺي آهيان جتان مون کي ڪا واٽ نظر نٿي اچي. چوطرف ڇڻ اونده ئي اونده آهي. منهنجي ڀاڳ ۾ رڳي انتهيڻ اِنتظار ئي انتظار لکيل آهي.



مون اِهو بہ ناري سنستائن ذريعي پتو لڳايو آهي تہ اِن ڏس ۾ اَسان جي ملڪ جو قانون بہ لاچار آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ جيسيتائين ڇوڪرو هندستان ۾ نٿو اچي تيستائين اُنجي خلاف ڪا بہ ڪاروائي نٿي ڪري سگهجي.

هاڻي تہ ڪنهن ڪنهن مهل دل چوندي آهي روز روز جي هن ذلت ڀري زندگيءَ کان جيئڻ بدران آپگهات ڪري سيني کان مڪت ٿي وڃان.

مونکي تون ئي ٻڌاءِ ڀيڻ ان کان سواءِ ٻيو ڪهڙو رستو آهي؟

تنهنجي نماڻي ۽ دکي ڀيڻ
جانڪي

خط پڙهي شيل جو من ڀرجي آيو. رات جو جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي ڪائي پي سمهي پيا. سندس گهوٽ بہ ننڊ جي آگوش ۾ کوهجي ويو تڏهن هوءَ پنو پين کڻي ويٺي اَچي جانڪيءَ کي خط لکڻ. هن لکيو......

منهنجي ٻالپڻ جي سکي ، نماڻي جانڪي،

تنهنجي درياڳ ڀري کهاڻي پڙهي ڏاڍو دک ٿيو. ننڍي هوندي ٻنهي گڏجي کهڙا کهڙا سپنا ڏٺا هئاسين. سهڻو گهر، ،سهڻو راجڪمار هوندو ڪڏهن پنهنجو بہ. مونتي تہ سائينءَ جي مهر ٿي جو اچ ورگهر سوڌي سکي آهيان، پر تون هينئن وچ سير ۾ هيڏي پيڙا ۽ عذاب ڀوڳيندينءَ. انجو سپني ۾ بہ گمان نہ هو. ويساهہ ئي نٿو اچي تہ موهن جهڙا ايڏا ڪريل ۽ دغاباز ماڻهو بہ ٿي سگهن ٿا جيڪي وواهہ جهڙي پوتر ٻنڌڻ سان هڙو کلوار ڪري سگهن ٿا! پنهنجي سوارٿ خاطر پتنيءَ کي رڳي هڪ جنس سمجهي ليمي وانگر نپوڙي ٻاهر اُڇلائي سگهن ٿا. لالعت آهي موهن جهڙي نوجوانن تي! ڪلنڪ آهن سماج جي نالي تي. موهن اتياچاري ئي نہ آهي، هڪ قاتل بہ آهي، جنهن هڪ معسوم زندگيءَ جو بيحد نرمم قتل ڪيو

پاڻيءَ گلاس پي پيٽ ٺاريندي هئس!

سگهو ئي سانوڻ لڳو. منهنجو پيءُ مونکي وٺڻ آيو. منهنجي ڏهري حالت ڏسي دهلجي ويو. رات اڪيلائيءَ ۾ جڏهن هن مون کان پڇيو-''جانوُ پٽ تون خوش نه آهين نه!

۽ جڏهن جواب ۾ منهنجي اکڙين مان جهر جهر ڳوڙها وهندي ڏٺا تڏهن هو سڀ ڪجهه سمجهي ويو. ٻئي ڏينهن مان پيءُ سان پيڪي هلي آيس. پيڪي گهر پهچي مون جڏن ئي پنهنجي بئگ کولي ته اُن ۾ وڌل قيمتي زيور ۽ وواهه ۾ مليل ٽي هزار کن خرچيون ٻئي ندارد ڏسي حيران رهجي ويس! اُن وقت منهنجي پيءُ همٿ ڏياري ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پر مان جنسي حيران هئس ته پيٽي مون پنهنجي سسُ جي سامهون ناهي. اِهي ڳهه ۽ پئسا به اُنهن جي سامهون وڌا. وات ٿي مون بئگ کولي به ڪونه پوءِ اِهي سڀ ويا ڪيڏانهن؟ مان ته ٻٽي ٻپ ۾ وڪوڙجي ويس. بنا ڳهن واپس ساهري ويندس ته کهڙو جواب ڏيندس. جي سسُ سهري تي ٿي شڪ ڪريان ته به منهنجي لاءِ جُٺ هئي.

هڪ ڏينهن پنهنجي ڪم سانگي منهنجو پيءُ منهنجي ساهري ڳوٺ ۾ ويو.ششٺاچار نڀائڻ خاطر هو سيڻ وٽ گڏجڻ ويو پر اُتي گهر ٻاهر تالو لڳل ڏسي دنگ رهجي ويو. پوءِ پاڙي وارن مان خبر پيس ته نکي اُهي ٻئي موهن جا سڳا ماءُ پيءُ هئا، نکي ٻڌائي ويا ته ڪيڏانهن ٿا وڃن.هاڻي اسانکي پڪ ٿي ته اُهي ڳهه ۽ پئسا اُنهن ٻنهي غائب ڪيا هئا.

شيل، مون کي ڳهن وڃڻ جو ايڏو ڏک نه هو جيڏو اِن ڳالهه جو ته آسان سان وڏو ڌوه ڪيو ويو آهي.

هيڏانهن جڏهن اَسان موهن بابت پتو ڪرايو ته خبر پئي ته هو اُتي منيلا ۾ اُتان جي هڪ ڇوڪريءَ سان اڳي ئي پرڻيل آهي ۽ اُنکي اُن مان ٻه ٻار به آَٿس. ٻڌي منهنجو ته ڄڻ سمورو سنسار ئي لٽجي ويو.

سگهوئي ڪنهن واقف ذريعي جڏهن اِها خبر پيم ته هاڻي هو اُتي منيلا ۾ به ڪونهي ۽ اُتان واري زال ۽ ٻارن کي ڀڄوان پروسي ڇڏي الائي ڪهڙي ملڪ ۾ وڃي لڪيو ويٺو آهي. اِهو ڄاڻڻ کان پوءِ منهنجي آخري اُميد به ڄڻ خاڪ ۾ ملي ويئي. منهنجي ماءُ پيءُ ته روئي روئي ڪٽي راڻا ڪيا ۽ پاڳه کي پٽڻ لڳا. هو بيحد پڇتائڻ لڳا ته بنا پوري جاچ جي مونکي هڪ اجنبيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيائون.

منهنجو حال اهڙو هو ڄڻ ته نه مان گهر جي هئس نه گهاٽ جي. سوچڻ لڳس ڇا شاديءَ کانسواءِ ڇوڪريءَ جي ذندگيءَ جي ڪا اهميت ناهي؟ في الحال ته مان اپراڌ ٻوڌ سبب سماج کان ۽ پنهنجو پاڻ کان پڄڻ لڳس. منهنجي حالت اڄ به گهٽ قياس جوڳي ناهي- نه مان وڌوا آهيان نه طلاق شُده، نه شادي شُده، نه ڪنواري، نه منهنجي لاءِ ساهري گهر ۾ جاءِ آهي نه مائٽن جي گهر ۾ زندگي ير رهڻ جي اِسٿتي. پلي امڙ- ابو ٻئي مونکي پاڻ وٽ رهائين به ڪٽي پر پاڙي وارن جي نگاهن

فيصلو

نندلال پرسراماڻي

هوءَ اڪيلي ئي ريڪ صاف ڪرڻ لڳي. هڪ هڪ ڪتاب ڇنڊي ڦوڪي پرسان ٽيبل تي رکي، ڪپڙي سان ريڪ کي صاف ڪيائين. اخبار کي ٻيڻو ڪري ريڪ جي ڪنڊن تي ڇمايائين. هڪ هڪ ڪتاب سٺي طرح رکڻ لڳي. اوچتو هڪ ڪتاب فرش تي ڪري پيو. جهڪي کنيائين ته ڪتاب اندران هڪ فوٽو ٻاهر ڏسڻ ۾ آيس. ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين.

تصوير ڏسنديئي منهن لهي ويس. من ۾ هلڪي ڪوڙائپ محسوس ٿيس. ڪم وسري ويس. ڪرسيءَ تي ويهي رهي. اُداس من سان تصوير جو اڌ هصو ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري فرش تي ڦٽي ڪيائين. اُن مهل ائين لڳس ڄڻ شرير مان سڄي سگهه ختم ٿي وئي آهي. ڪرسي اندر ئي ڍرڪي وئي.


اکيون بند ڪري ڪجهه ڀلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڀلائڻ جو ٻيو نالو ياد ڪرڻ به آهي. ڀلائڻ جي ڪوشش سان تصوير وارو پرش ياد اچڻ لڳس.

ڪليل در مان سوساٽ ڪندو هوا جو جهونڪو اندر آيو. ڦاٽل فوٽو جي درن مان هڪ اڌ اُڏامي هن جي جهول ۾ اچي ڪريو. هن اکيون کوليون. فوٽوءَ ۾ پرش جو چهرو مشڪي رهيو هو.

هنکي مشڪندر منهن ڪونه وڻيو. ذرري کي آڱرين جي وچ ۾ پڪڙي ڦاڙڻ لڳي. پر رڪجي وئي. جنهن شخص کي ڀلائڻ پئي چاهيائين، اُهو ته هن جي اڳيان آهي. چهري ۾ جان اچي وئي هئي. هو مشڪي رهيو هو.

هوءَ ڪنبي وئي. سڄي شرير جي شڪتي ڪٺي ڪري ذري کي به ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏيائين.

ياد کي ٽڪر ٽڪر ڪري نه سگهي. چهرو ته کلي رهيو هو. ديهه سان چنبڙي



نالو	:	نندلال پرسراماڻي .
جنم	:	۱۹۳۳.٦.۱۰.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ ٦، هنديءَ ۾ ۲.
انعام	:	ٻه ڪهاڻيون راجستان ۽ هڪ ڪهاڻي راشٽريه سطح تي.
پيشو	:	رٽاير هيڊ ماسٽر.
پتو	:	گوپال ۽ ڪمليش چترشالا، سلوُمبر-۳۱۳۰۲۷، (اُديپور) .

آهي.

پر جانڪي هينءَ همٿ هارائي، هٿ ٻڌي وهڻ، اونداهي ٻن ۾ زندگي گهارڻ، اجايو حياتي ڀر اُنجو اِنتظار ڪرڻ قطعي نيڪ نہ آهي. ياد رکہ ظلم ڪرڻ وارو بلاشڪ گنهگار آهي، پر اُن کان وڌيڪ گنهگار آهي اُن کي سهڻ وارو! ڇري متان آپگهات جهڙو بزدليءَ ڀريو قدم کڻي. قسم اٿئي منهنجو جي ائين ڪيو اٿئي!

ياد رکہ، هاڻي پنهنجي مڙس جي واپس اچڻ وارو ويچار ئي دل تان لاهي ڇڏ. ڇو اِنتظار ڪيون اهڙن پاپين ۽ قاتلن جو زندگيءَ ڀر. مڙس هوندو تہ ڇا ڪندو. جي هن سپت پديءَ جا وچن نہ نڀايا، وواهہ جهڙي پوتر ٻنڌن جي مريادا نہ سمجهي تہ تون بہ ڇا لاءِ ان مريادا جا ليڪا پٽين!

مڃان ٿي قانون لاچار آهي، پر ايشور تي ۽ پنهنجو پاڻ تي وشواس رکہ. موهن دنيا جي عدالت کان بچي بہ وڃي پر ايشور جي عدالت ۾ هنکي پنهنجي گناهن جو حساب ڏيڻو ئي پوندو ۽ سزا ڀوڳڻي ئي پوندي.

ياد رکہ تنهنجي هيڏي وڏي زندگي پئي آهي، اُها ڪائنر بڻجي، ماءُ پيءُ کي بوجهہ بڻجي، ذلت جا ڍڪ ڀري نہ جيئڻي آهي. نهار پنهنجو پاڻ ۾. تون ڇا ۾ هيٺي آهين؟ تو وٽ ڏات آهي. سالم دماغ آهِي. پڙهيل ڳڙهيل آهين، جي تون ئي اِئين همٿ هاري پنهنجي زندگيءَ کي ڀاڳہ جي حوالي ڪري ڇڏيندينءَ تہ ٻين ڏڪايلن اِسترين اڳيان ڪهڙو مثال قائم ڪندينءَ. ان لاءِ همٿ نہ هار. مان توسان سدائين گڏ آهيان. پنهنجي روشن آئينده لاءِ پنهنجي ڏات کي نکري نروار ٿيڻ ڏي. پنهنجي قد کي ڪنهن بہ صورت ۾ ننڍو نہ ٿيڻ ڏي. ڪرم کيتر ڏاڍو وشال آهي. هونءَ بہ تون بي اي، بي ايڊ آهين. اِها ڊگري ڪڏهن ڪم ايندي؟ ڪنهن سرڪاري يا پرائيويٽ تعليمي سنسٿا کي جوائن ڪر. اونداهي راهن تي هلندڙ نرڪشر ٻارڙن جون ئي راهون روشن ڪر. توکي ڏاڍو سڪُون ۽ سکہ نصيب ٿيندُءِ! ۽ ائين ڪري تون پنهنجو پاڻکي بہ سارٿڪ ڪري سگهندينءَ. ان راهہ تي هلندي ممڪن آهي هڪ ڏينهن توکي ڪو سپنن جو راجڪمار ئي ملي وڃي. تون بنا حجاب هن سان هڪ وار وري نئين سِر پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪري سگهين ٿي.

اُميد ئي نہ پر پڪ آهي، منهنجي فيصلي تي تون سنجيدگيءَ سان غوُر ڪندينءَ.

تنهنجي ساڳي نماڻي سکي
شيل

خط پڙهي جانڪيءَ جي دل دماغ ۾ هڪدم زبردست ڦيرو اچي ويو ۽ اُن هيٺائي ۽ ڪائرتا ڀريل ويچارن کي تڙي ڪڍي ڪڍي ٻاهر اُڇلايو. هن جي اندرين ٻوجهہ نکري نروار ٿي ويئي ۽ پنهنجي سکي شيل جي فيصلي تي مُهر لڳائي ڇڏي.

مريضن کان سواءِ هرڪو مکيہ ڦاٽڪ طرف
وڃڻ لڳو. سُپتال ۾ ٻائيتال مچي ويو.
هن ڪجهہ نہ سمجهو ۽ ٻڇي وئي.
منوهر تيز قدمن سان وارڊ اندر آيو.
ٻڌايائين تہ شهر ۾ فساد ٿيو آهي. ڪي مئا
بہ آهن.سوَ کان وڌيڪ ڦٽيا آهن سيئي سُپتال
۾ آندا ويا آهن. اِمرجنسيءَ وارڊ ۾ علاج ٿو
ڪيو وڃين. سڄي شهر ۾ ڪرفيو لڳي ويو
آهي.

هوءَ منجهي پئي هئي. موهت جي
چنتا ٿيڻ لڳس. موهت جي باري ۾ منوهر
کي بہ ٻڌايائين. منوهر ٻڌايس تہ موهت
هنکي رستي ۾ مليو هو، پڦيءَ وٽ وڃڻ لاءِ
پئي چيو.

”موهت کي هتي اچڻو آهي.“ هن
ٻڌايو هو.

”مشڪل ٿو لڳي. توکي پڦيءَ جي
گهر جو فون نمبر آهي؟“

هن منوهر کي فون نمبر ڏنو. منوهر
هڪدم ٻاهر ڀڳو پر جلد ئي موٽي اچي
ٻڌايائين تہ شهر ۾ ٽيليفون تارون ڪٽيون
ويون آهن.

شهر ۾ ڪرفيو هو. ٽيمپو، بسون،
ٽئڪسيون سڀ بند ڪيا ويا هئا. سُڪوٽر ۽
سائيڪلين تي بہ اچڻ وڃڻ روڪيو ويو هو.
شهر ۾ پوليس ۽ ملٽريءَ جي گشت لڳي پيو.

هن لاءِ بس هڪ ئي رستو هو تہ موهت
جو اِنتظار ڪري. منوهر ۽ ريکا هن سان گڏ
هئا. هو دلداري پيا ڏِينس. موهت جي چنتا
ڪري من ۾ چئن ڪونہ هئس. جيئن تيئن
رات نيڇي وئي.

ٻئي ڏينهن، ڏهين کان ٻارهين تائين
ڪرفيوءَ کي ڍلو ڪيو ويو هو. پندرهن منٽن
۾ ئي موهت اچي ويو. موهت کي صحيح
سلامت ڏسي هنکي ڏاڍي خوشي ٿي هئي.
پر موهت جو چهرو ڏسي گهبرائجي بہ وئي
هئي.

منوهر، ريکا ۽ سندن ماتا کان
موڪلائي هو ٻئي سُڪوٽر تي گهر لاءِ روانا
ٿيا. رستي ۾ هن موهت کان پڇيو، ”رات
ڪٿي هئين؟“

”پڦيءَ وٽ. منوهر توکي ڪونہ ٻڌايو
هو؟“

”ٻڌايو هئائين. مون سوچيو هو تہ
متان تون سُپتال لاءِ نڪتو هجين. ڏاڍي
چنتا هئي.“

”ڪرفيوءَ ۾ ڪيئن اچي سگهندس.“

ڳالهائڻ جي نوع هنجي دل کي ايذاءُ
پهچايو هو. پر تہ بہ نظر انداز ڪندي
چيائين، ”فڪر ڪري ننڊ ئي ڪونہ ڪئي
آهي.“

”ريکا ۽ منوهر تہ گڏ هئينءَ. ڳالهيون
ڪندي رات گذري هوندي-فڪر ڇاجو؟“

منوهر چوندي موهت جي آواز ۾
تبديلي آئي هئي.“ ها. دلاسا تہ ڏيندا
رهيا. پر من ۾ مايوسي ئي رهي.منوهر تہ
وڃي ٻاهر سُپتال جي ورانڊي ۾ ليٽيو. ريکا
۽ مون ماسيءَ جي پلنگ ڀرسان ويهي رات

رت چوسڻ لڳو هوس. ائين لڳڻ لڳس ته هوءَ ڇيڪون ڪرڻ لڳندي.

پاڪي سنڀالي ورتائين. ڪرسيءَ تان اُٿي ڪمري ڪان ٻاهر لان تي اچي ويٺي. ساهُ تيزيءَ سان کڄڻ لڳس.

نرملا به اچي وئي. داديءَ جي چهري کي ڏسي سمجهي وئي ته طبيعت ٺيڪ ڪونه اٿس. نرملا کي ڏسي هن پاڪي گهريو. پاڪي پي ٿورو سامت ۾ آئي. ”ڊاڪٽر کي فون ڪيان، دادي؟“ نرملا پڇيو.

”نه، چڪر اچي ويو هو. ٿورو آرام ڪندس.“ چئي ءَ نرملا کي صفائيءَ ڪرڻ لاءِ ٻڌائي، هوءَ ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

پلنگ تي ليٽي سوچيائين ته ننڊ جي گولي کائي سمهي پوي. اهو علاج ته عارضي هو. ماضيءَ کي ياد ڪري ته من هلڪو ٿي پوندس.

هوءَ گذريل کي ياد ڪرڻ لڳي.

جنهنکي ڇڏي ويهه سال ٿيا آهن، سو ڪيترو وقت ساٿ ڏيندو- ڪيترو وقت ياد رهندو- ڏکن ڀريل وقت ياد ڪندي ڪوڙائپ ضرور محسوس ٿيندي. پر حال جي سنتوش ڀريل زندگيءَ اڳيان اهڙي ڪوڙائپ گهٽو ڪونه ڇيندي. من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪا ڇپيل اِڇا هوندي يه ته اها به صاف ٿي ويندي.

شاديءَ جي ڏينهن ئي اُهو فوٽو ڪڍايو هئائون. تنهن وقت سونهري فريم ۾ بيڊ روم جي سونهن هو. شاديءَ کان پوءِ جا ٻه سال موج مستيءَ ۾ گذري ويا. اهي پل ڪڏهن ختم ٿي ويا پتو ئي ڪونه پيو. ڏولاون ڀريل زندگي بوجهه تي ڪمر کي ڇهو ڪري ڇڏيو. تن ته پڇي ٿو پوي پر من به مري ٿو وڃي.

تڏهن سکن کي ياد ڪري ڳوڙها ٿا ڳرن.

اهڙن ڳوڙهن لاءِ ڪنهنجو قصور؟ هنجو؟ موهت جو؟ يا حالات جو؟

شايد حالات جو. اهڙي حالات کي سمجهي سگهبو هو. اُنکي سڌارڻ ناممڪن هو ۽ نه ضرورت ئي هئي. پر فقط وشواس کي ٻل ڏيٺو هو.

خوشنما سمو ٻڌجي وڃي ها.

خود موهت ئي ٻڌايو هو ته ريکا جي ماءُ سُپتال ۾ ڀرتي آهي. ملي اچڻ لاءِ ب چيائين.

ريکا، سندس ياءُ منوهر، موهت ۽ هوءَ هڪ ئي ڪاليج جا ساٿي هئا. پاڻ ۾ گهري دوستي هئي. دوستي جذبات ۾ تبديل ٿي وئي. هوءَ موهت طرف وڌيڪ جهڪي وئي

پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ به چئني جي دوستي بدستور هلندي رهي.

موهت هنکي سُپتال جي ڦاٽڪ وٽ ڇڏي پاڻ هڪ ڪلاڪ کان پوءِ واپس اچڻ لاءِ چئي هليو ويو هو.

اٽڪل اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سُپتال اند هائيدوس مچي ويو. ڊاڪٽر ۽ ڪمپائونڊ بدحواس ٿي اِمرجنسي وارڊ طرف ڊوڙڻ لڳا

جو ظلم بنا ڪارڻ سهندي اچي؟ مَنُشُ چندرمان تي پير رکي منگل جي اُڏام جي تياري ۾ آهي.''

''پرش سدائين پاڻکي پويتر سمجهيو آهي'' هن چيو هو. ''پُرش استريءَ جي ضرورت آهي، پر استري بہ تہ پُرش جي ضرورت آهي. تہ بہ ايترو ڪنياءُ؟''

''استريءَ جو من پُرش جي من کان ٻلوان آهي، ريکا. ڪوملتا ۽ ممتا بہ پُرش کان سَرِسُ اٿس.''

''ناسمجهہ ۽ جاهل استري، پُرش جا ظلم برداشت ڪري اهو تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو. پڙهيل، سمجهدار، نراپراڌ هوندي بہ مانسڪ ۽ شاريرڪ پيڙا ڇو سهون؟'' ريکا چيو هو.

''ريکا! مان ايترو ڳُهتجي وئي آهيان، جو ساهُ کڻڻ ۾ بہ ڪشٽ ٿو ٿئي. اچڻ واري مهمان تي ڪهڙو اثر پوندو- موهت سمجهي ئي نٿو.''

''موهني! اهو نہ ڀلجانءِ تہ ظالم جيترو گنهگار آهي اوترو ظلم سهندڙ بہ آهي.''

ريکا جي وڃڻ ڪانپوءِ هن اندر ۾ مانسڪ ٻل محسوس ڪيو.

رات جي ڀوڄن ڪائڻ وقت هن موهت کي چيو هو، ''اهڙيءَ طرح ڪيستائين نڀائبو؟ من مان گمان ڪڍي گهر اندر شانتي پئدا ڪر، موهت! منوهر منهنجي ڀاءُ سمان آهي. ڇئہ تہ رکڙي ٻڌانس.''

''رکڙيءَ وارا ڀاءُ گهڻيئي ڏٺا آهن. ڀاءُ ڀيڻ جي رشتي کي داغ لڳائڻ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي.''

''شڪ جو علاج فقط وشواس آهي. وڌيڪ مان توکي ڪجهہ بہ نہ ٿي چوان. ايندڙ مهمان جو ڪجهہ خيال ڪر.''

جيترو تون پويترتا جي صفائي ٿي ڏين، اوترو ئي سمجهان ٿو تہ توهانجو تعلق غلط آهي. ڪهڙي خبر مهمان ڪنهنجو آهي.''

هنکي باهہ وٺي وئي هئي. سهي نہ سگهي. غصي ۾ ڪرسيءَ تان اُٿي بيٺي. ڀرسان رکيل شيشي جو پاڻيءَ ڀريل جڳُ هٿ ۾ کڻي زور سان فرش تي ڦٽو ڪيائين ۽ چيائين، ''نرلڄ! توکي اهو چوڻ جي همت ڪيئن ٿي؟ هاڻي هتي رهڻ منهنجي لاءِ مشڪل آهي.''

ڇئي جيئن ئي ڪمري طرف وڃڻ لڳي تہ ڏٺائين تہ موهت جو چهرو خون سان ڳاڙهو ٿي ويو آهي. هوءَ هوش وڃائي ويٺي. هوءَ هنجي ڀرسان آئي تہ موهت جهٽڪي سان هنکي ڌڪو ڏنو. هوءَ ٿاٻڙندي ڪري پئي. جڳُ ڀڄي پيو هو. هڪ وڏو ٽڪر اُڇل کائي موهت جي ڳِل اندر چپي ويو هو. رت ريلا ڪري وهڻ لڳو هو.

هوءَ اُٿي ڪڇن مان ڊٽول ڀريل ڪپهہ جو ڦوڦو ڏاهي موهت جي ڳِل تي لڳايو. گهرو ڊاڪٽر کي فون ڪري گهرايو. ڊاڪٽر

گذاري.''

موهت فقط ٻڌو - گهر اچي ٻنهي چانهه پيتي. موهت بيڊ روم ۾ هليو ويو. ٿڪل هوندي به هوءَ گهرو ڪم ڪي لڳي وئي.

موهت سڄو ڏينهن چپ رهيو. ڊائينگ ٽيبل تي به موهت جو وهنوار وڻندڙ ڪونه هو.

'' اڄ ائين چپ چو آهين؟ ڪا خاص ڳالهه آهي؟'' هن پڇيو هو.

موهت جواب نه ڏئي سوال پڇيو '' منوهر ڪيترو وقت توسان گڏ هو؟''

اوهه! هوءَ سمجهي وئي هئي ته ڪمزوري ڪهڙي آهي. ڏاڍو ڏک ٿيس. موهت حالات کي نه سمجهي شڪ جو ٻج پوکي ڇڏيو آهي. اهڙي خراب ٻج کي زمين کان ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪرڻ لاءِ چيائين،''منوهر مون سان اڪيلو ڪونه هو. مريضن جي وارڊ ۾ ريکا ۽ ماسي به هيون.''

شايد موهت کي اها ڳالهه دل سان ڪونه لڳي. چيائين، ''ورانڊي تائين تون پهچائڻ به وئي هوندينءَ؟''

حد ٿي وئي. هنکي تيس اچي وئي هئي. تيز آواز ۾ چيائين، ''نه''.

موهت طرف ڏسي، پوڇڻ اڌ ۾ ئي ڇڏي هوءَ اُٿي هلي وئي هئي. موهت به پوڇڻ ڪونه ڪاڏو هو.

گهر ۾ راڪاس گهمي ويو هو. ڇهڪندڙ گهر ۾ اُداسي اچي وئي.

هنجي پرسان اچي موهت چيو هو، ''اينتري چڙ چو لڳئه؟''

''پريم ۽ وشواس سان گهر گرهستي هلندي آهي، موهت. مان چاڻي ٻجهي ته ڪونه ترسي هيس. تو مونکي اڪيلو چو ڇڏيو. ڪجهه وقت ترسين ها. گڏ پڦيءَ وٽ هلون ها.''

موهت وٽ ڪو جواب ڪونه هو. چپ ٿي ويو. پر من جي پوٽ ٻنهي کي پڇي ڇڏيو. منهن لٿل هئن. وهنوار بدلجي وين. مناس هليو وين. هڪ ٻئي سان هڏيءَ سان ڳالهائيندا هئا.

هن موهت کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اُنجو اُلٽو اثر ٿيو. هو ويتر شڪ ڪرڻ لڳو. موهت جي نظر ۾ سمجهائڻ، غلطيءَ کي لڪائڻ هو.

هن جو شڪ پختو ٿي چڪو هو.

هڪ ڏينهن ريکا کي سڀ ڪجهه ٻڌايائين. ريکا کي ڏک ٿيو. چيائينس، ''موهت خود گهٽيئي دفعا هنسان اڪيلي ۾ مليو آهي. ڳالهيون ٻولهيون به ٿيون آهن. اهو ته نيڪ آهي. هاڻي توتي شڪ ٿو ڪري. هو شڪي ته آهيئي ۽ مورکه به آهي.''

''مونکي ته گُهٽڻ ٿي ٿئي. خبر به اٿس ته مان ماءُ ٿيڻ واري آهيان. ته به دل کي دکه ٿو ڏئي.''

ريکا کي غصو اچي ويو. چيائين، ''ايامن کان استري ابلا ٿي اتياچار ۽ اناچار ٿي سهي. ڇا ويهين صديءَ ۾ به هوءَ پُرش

ياد ڪيو هو، سو اڄان به هن سان گڏ آهي. استريءَ جي سواپاوڪ ڪوملتا ڪروڌا ۽ سچائي اڄ به هنجي اندر ۾ آهي. اهي نرمل گڻ ڪيڏانهن ٻاهر ڪونه ويا آهن. نرملا ۽ هنجا هردا هڪ جهڙائي آهن. استري ڪهڙي به هجي، پنهنجي قدرتي گڻن کان وانجهيل ڪونه ٿي رهي.

هنکي چپ ڏسي نرملا پڇيو، ”توهان پڙهيل گيان وان آهيو، ديدي. منهنجا ويچار توهانکي سٺا لڳا الائي نه.“

”تون سچ ٿي چوين، نرملا. پريت جا پل پلائڻ ڏاڍو ڏکيا آهن. دادا پاپيءَ جي سرڳواس کان پوءِ ته گهڻو اڪيلو محسوس ڪندي هيس. هاڻي نردوش اڪيلائپ دوُر ڪري ڇڏي آهي. تنهن هوندي به موهت لاءِ هيءُ گهر سوڙهو ڪونه ٿيندو.“

”موهت“ نالو ٻڌي نرملا ڇرڪ پريو. پڇيائين، ”ديدي! پاڻوءَ جو نالو موهت آهي؟“

” ها. ڇو؟“ سوال پڇڻ جي لحظي کي ڏسي هنکي عجب لڳو.“

”ديدي! نردوش ڪڏهن موٽندو؟“

نرملا جي جلدبازي ڏسي هوءَ وائڙي ٿي وئي چيائين، ”جاڻ آيو“.

”ديدي! توهان ڪپڙا بدليو. سپتال هلڻو آهي.“

”پر ڇو؟“ هنجي دل جي ڌڙڪڻ وڌي وئي.

”مان آيس پئي ته چوُراهي تي ماڻهن جو گوڙ هو. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته هڪ ضعيف بيمار هلندي هلندي ڪري بيهوش ٿي ويو هو.بيهوشيءَ ۾ هو موهت موهت چئي پيو.پوليس هنکي سپتال کڻائي وئي آهي.

هن جلد ئي ڪپڙا بدلايا. نرملا سان گڏ ٻاهر نڪتي ته نردوش به سامهون ملين. ٽيئي سپتال پهتا. اِمرجنسي وارڊ ۾ آيا. ڏنائون ته سٽريچر تي ليٽيل مريض جي ڇهري کي ڊاڪٽر اڇي ڪپڙي سان پئي ڍڪيو.

هن تيز قدم سان هلي ڊاڪٽر جي هٿن کي روڪيو.

ڇهرو ڏسي هن نرملا ۽ نردوش طرف منهن ڪيو. ٻنهي ڏنو ته هنجي اکين مان آنسون جهل ئي نه پيا ڏين. ٻنهي هڪ ئي وقت پڇيو،

نرملا پڇيو، ”ديدي!“

نردوش پڇيو، ”ممي!“

هن جهيڻي آواز ۾ ٻوڙها ٻاريندي چيو، ”ها نردوش، هيءُ ئي تنهنجو پاپا آهي.“

اڇي ڊريسنگ ڪئي ۽ ٽننس جي
اِنجيڪشن لڳائي هليو ويو.

صبح اُٿي هن چانهه ناهي موهت کي ڏنائين. پاڻ به پيتي. پيڪي وڃڻ کان اڳ موهت کي چيائين، ”جنهن ڏينهن منهنجي مٿان وشواس پئدا ٿيئي ته فون ڪجانءِ. مان هلي ايندس.“

ڪمري کان ٻاهر ايندي هن ڏنو هو ته موهت جو چهرو هيٺ جهڪيل هو. زال مڙس جو معمولي من مٽاءُ سمجهي ماءُ پيءُ وقت جو اِنتظار ڪرڻ لڳا.

نردوش جي جنم تي موهت کي فون ڪيائون ته جواب ڪونه مليو. پتا خود موهت جي گهر ويو. تالو لڳل ڏسي آفيس مان جاچ ڪيائين. موهت نوڪري ڇڏي ٻئي شهر هليو ويو هو. پڇيءَ ٻڌايو ته موهت ٻي شادي ڪرڻ بمبئي هليو ويو آهي.

ڳالهه ايترو وڌي ويندي هن ڪونه سوچيو هو. ڏيري ڏيري هن من کي سمجهائي ڇڏيو. سرڪاري نوڪري ملي ويس. ٻار پڙهائيندي رمجي وئي. نردوش وڏو ٿيندو ويو. موهت پلجڻ لڳو.

ويهن سالن جو وقت ڪٽجي ويو.

الائي ڪيئن اهو فوٽو ڪتاب اندر رهجي ويو هو. ياد آيس، گهر ڇڏيندي هن ٽيبل تان فريم سميت فوٽو پنهنجي اٽيچي ۾ رکيو هو.

جڏهن ٻڌائين ته موهت شادي ڪرڻ بمبئي ويو آهي ته فريم مان فوٽو ڪڍي ڪتاب ۾ رکيو هئائين. هاڻي فوٽو جي ڪهڙي اهميت؟

اڄ فوٽو جا ٽڪر هنجي جهول ۾ آيا. چو؟

هنجي مک تي مشڪ آئي. هوءَ پلنگ تي اُٿي ويٺي. سڏ ڪيائين، ”نرملا....“

نرملا ڊوڙندي آئي.

” صفائي ٿي وئي؟“

”هڪ ڪمرو صاف ڪري ڇڏيو آهي.“

”ڇڏو چانهه ناهه ڪجهه وقت ڳالهيون ڪيون.“

چانهه نهي وئي. ٻنهي پيتي. ڪوپ رکندي هن نرملا کان پڇيو، ” تنهنجي گهوٽ کي هتان ويئي گهڻو وقت ٿيو آهي؟“

” اٽڪل پندرهه ورهيه.“

” ياد ته ايندي هوندءِ؟نرملا “

” گهٽي ياد ايندي آهي، ديدي. توهان کي به پائو ياد ايندو هوندوَ؟“

”نه . بلڪل نه. شروع جا ڪجهه سال ياد ايندو هو هاڻي بلڪل نه.“

” ديدي! هيئنر پائو توهان وٽ جي اچي ته گڏ رهو؟“

” تو اِهو سوال چو پڇيو؟“

” مرد ته مرد آهي. پريت جا پل ڪيئن وسرندا؟ مونکي ته سمجهه ۾ نٿو اچي.“

هنجي اندر ڪجهه ٿيو. جنهن پُرش کي وسارڻ جي ڪوشش ۾ هن ماضيءَ کي

وجهي باندر وانگر نچائڻ جو پارٽ عدا ڪيو.

اسين به خوش ته وشواس رکي پاپيءَ اسانکي ذميداري ته ڏني. هوءَ به خوش ته هنجو بار به هلڪو ٿيو ۽ ڪم به سهڻو ٿي ويو.

حلوائي ته منائي ٺاهڻ ۾ مشغول آهي. ڪجھ زنانيون روٽي ٺاهڻ ۾ مشغول آهن. اڄ ڪالھ زالون شادين ۽ پارٽين ۾ روٽين ٺاهڻ ۾ اهڙيون ته اُستاد ٿي ويون آهن جو حلواين جي ته هنن ڇٽي ڪري ڇڏي آهي. ڀلا حلواين کان سستيون ۽ ڪم ۾ به فرتي ته پوءِ اُهي ئي ڇونه ڪم ڪن. اسان کي ٿيو انبن کائڻ سان مطلب، وڻن ڳڻڻ سان ڪهڙو ڪم؟

ها ته هنن زنانين ۾ ٿي چار زالون ڪم ڪرڻ ۾ مشغول هيون. اُنهن مان هڪ زنانيءَ تي ئي هر هر منهنجي نظر جو فوڪس پيو فٽ ٿئي ۽ ڪٿي به ٻئي هنڌ نظر کُپي ئي نه پئي.

ايتري ۾ پائٽي ڊوڙندي آئي، ”ٻئي (پقيءَ کي هوءَ ٻئي چوندي آهي) ممي چوي ٿي ته چانھ ۽ ناشتو تيار آهي يا نه؟ ٽيبل تي لڳارايو. سڀ چانھ جو اِنتظار ڪري رهيا آهن.

مان هڪدم چوڪس ٿي ويس. هونئن ته سڀ تيار هو، بس ٿهڪيل پاٽي لاهي چانھ پتي وجهڻي هئي. ڦرتيءَ سان چانھ ناشتو ٽيبل تي لڳارايو ته سڀ اچي ٽيبل وٽ جهڳٽ ٿيا.

ڪرسين تي ڪجھ بزرگ مرد ۽ رنانيون وينا هئا ۽ ننڍي ٿهيءَ وارا ته وهڻ شان جي خلاف پيا سمجهن جو فئشن اڄ ڪالھ بفي سسٽم جو آهي. وهڻ سان ڪپڙن جي ڪريز به خراب ٿيڻ جو ڊپ آهي.

مونکي اڄ اهو ڏسي عجب لڳو ته چاچي اڄ وارن ۾ ڪجاب هٽائي ڪارا ڪرائي آئي هئي. شايد شاديءَ لاءِ چشمو به نئون نهرايو هئائين. فريم چم چم چمڪيس پئي. اڄ ته ڪير ڪونه چوندو ته هوءَ ڪو پنجهٺ سالن جي آهي. هونئن ته چاچي ستر سالن کان گهٽ نه لڳندي آهي. ٻيون سڀ متياڻيون پاڻ کي جوان ڏيکارڻ لاءِ نقلي ساڌنن جو استمال ڪري آيون هيون جيئن ٻڍاپي کي نڪاري سگهن. پر هيءُ ڇا؟ چاچيءَ جو پوٽو پليٽ ڪٽي ڪائيندو اچي چاچيءَ جي هنج ۾ وينو، ٻيلي هن ته ڏاڍي ڇئي چاچيءَ کي لڄائي وڌو. اڙي هي وري ڇا ڪيئه؟ صنبوصو ۽ چٽني ڪائيندي هٿ ڪٽي چاچيءَ جي ساڙهيءَ سان اُگهيئه. چاچيءَ جو منهن ڏسڻ وٽان هو ۽ وينلن مٿن مائٽن ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. چاچي به پنهنجو غصو ڍڪڻ لاءِ هن کل کل ۾ شامل ٿي وئي.

چانھ جو جهميلو لٿو ته روٽيءَ جي تياريءَ لاءِ هدايت ڪرڻي پئي.

ها ته چانھ پيئندي وري وڃي منهنجون اکيون هُن ڪم ڪندڙ زنانيءَ تي کُتيون. هينئر مون هن کي ڇتائي ڏٺو. هوءَ ڪافي عمرڪائي چڙهي هئي. هن جا وار ڪچٽي ۽ منهن جي چمڙيءَ تي گُهنج هن جي ٻڍاپي جو راز سلي رهيا هئا. ٽُلهي

اَمڙ جو عڪس

ڪملا بٺاڻي

شاديءَ جي هن گهما گهميءَ ۾ چٽ لپائڻ جا گهٽائي نظارا هئا، جيئن ته ننڍڙن ٻارن جو رنگبرنگي پوشاڪن ۾ ڪلڪاريون هڻي هيڏهان هوڏهان ڊوڙنديءَ هڪ ٻئي کي ڇيڙي ۽ ڊوڙي وڃي ماءُ جي گود ۾ لڪڻ.


ٻئي پاسي وري جوانيءَ جو جلوو ڏيکاريندي ماڊرن پوشاڪن ۾ سجيل ڀوا نائڪائون ميڪ اَپ ۾ هڪ ٻئي کان بازي ماريندي، روپ چٽا پيٽيءَ جي موڊ ۾ ساهيڙين سان کل کل ڪندي، اکيون ڇٺني پاسي متڪائيندي تڪڻ ته هوءَ گهٽن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿئي؟ نائڪا جي روپ ۾ هوءَ ڪهڙي نمبر تي آهي؟ اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي ساهيڙين سان نخرن سان ڳالهائيندي هاوَ ڀاوَ ڏيکارڻ جي ڪوشش جا نظارا......

ٽئين پاسي نائڪن جو جهڳٽ پنهنجي فلمي انداز سان وارن کي جهٽڪيندا، ايڪٽرن جي نقل ڪندي پاڻ ڏانهن نائڪائن جو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش جا نظارا......

پر اُنهن سڀني نظارن کان ترڪي نظر اچي ٿي هڪ هنڌ ڪُپي. چومدا آهن ته من جي گتيءَ ۽ نظر جي تيزي ته هوائي جهاز جي چال کان به زور آهي. اُنهين مٿان ڀلا ڪنهنجو زور ٿو هلي سگهي؟

ايتري ۾ ڀاڃائيءَ اچي ڪن ۾ ڪجهه ڪسفس ڪئي ته نظر ترڪي اچي حلوائيءَ جي ڪم تي پئي. ڀاڀي جنهن فرتيءَ سان آئي هئي هلي وئي پر مونکي منهنجي ڊيوٽيءَ ڏانهن سجاڳ ڪري وئي.

ڀلا ڀائٽئي جي شاديءَ ۾ مونکي به ته ڪا ذميداري نڀائڻ کپي يا نه؟ منهنجي ڀاڃائي ڪم ڪرڻ ۾ خود ته شاطر آهي ئي پر ٻين کان ڪم وٺڻ ۾ اُن کان به وڌيڪ اُستاد آهي. هنکي خبر آهي ته ڪنهنکان ڪهڙو ڪم بخوبي وٺي ٿو سگهجي. ان ڪري هن ڪمن جو ورهاڱو ڪري پاڻکي ته بالم بڻائي ڇڏيو ۽ ٻئي جي ڳلي ۾ نوڙي



نالو	:	ڪملا بٺاڻي .
جنم	:	ڪراچي، ١٩٤٠.٨.١.
ڇپايل ڪتاب	:	چار.
انعام	:	راجستان سنڌي اڪاڊميءَ طرفان ناول تي، راجستان سطح تي ڪهاڻي چٽا پيٽيءَ ۾ انعام.
پيشو	:	رٽايرڊ ليڪچرار گورمينٽ ماڊل سينئر سيڪنڊري سڪول، اجمير
پتو	:	اي- ١٩، يو.آءِ.ٽي. ڪالوني ناڪا مدار، اجمير.

آهي پوءِ هو کھڙو بہ ھجي ننڍو ڇاھي وڏو بس لڳن سان ڪجي اِها سکيا ڪير ھن ڪان سِکي.

مونکي منھنجي اَمڙ جيڪا ھِن شاديءَ جي موقعي تي بہ نہ اَچي سگھي ھئي، تھي دل سان ياد اچڻ لڳي.

مون ڀيڙي اَمڙ کي سڏي ڪري چيو، اَمان توهان ھِن عمر ۾ هيڏو ڪم پيا ڪيو ڇا توهان کي ٻار ڪونھن؟

ھُن يڪدم چيو،’’ نہ اَمان ايئين تہ نہ چئُہ جيئندڙ منھنجا بہ جوان پٽڙا آهن ۽ هڪ سکيلڌي ڌيئڙي آهي. ڇوڪري تہ شادي ڪري ساهرن ۾ سکي آهي پر ڇوڪرا سڏي پير تي ڪونھن.‘‘

اِئين چوندي هن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. گلو گھگھجي ويس ۽ اَڳيان هوءَ ڪجھ ڳالھائي نہ سگھي.

رات جو روٽي ڪارائي باسڻ صاف ڪري اَمڙ ٻين ڪم ڪندڙ زالن سان پنھنجي گھر هلي وئي.

سڄي رات مونکي ننڊ نہ آئي،سوچيان پئي ڏس قدرت جا ڪَرِشما منھنجي اَمڙ جا ٻئي پٽ سِڏي پير تي آهن ايشور جي ديا سان گھر ۾ ڪا ڪمي ڪون اَٿن، گھر خوشحاليءَ سان ڀرپور آهي صرف اَمڙ جي طبيعت ئي ناساز ٿي رهي.هوءَ تہ هاڻي بستري سان چنبڙي پئي آهي. هڏِين جو پڃرو رهجي وئي آهي. گھٽي اُٿ ويھ بہ نٿي ڪري سگھي . سرير ڪمزور، بيزار، بيمار ۽ لاچار لڳو پيو اٿس. ڪنھن ڳالھہ ۾ من ئي نٿو لڳيس. سچ آهي تندرستي هزار نعمت آهي.

مون کي لڳو تہ هِن اَمڙ وانگر منھنجي اَمڙ اُٿي اچي سگھي هان تہ هن شاديءَ ۾ چار چنڊ لڳي وڃن هان. وڏڙن بزرگن کي ننڍڙن جي ول وڌندي ڏسي ڪيڏي نہ خوشي ٿي ٿئي، اِن جو بيان لفظن ۾ ڪرڻ ناممڪن آهي.

ٻئي ڏينھن صبوح ساڻ ڀيڙي ۽ هنجون سنگي ساٿيون اچي پھتيون ۽ پنھنجي پنھنجي ڪم کي جُنبي ويون.

مان تہ سڀ ڪم ڀلجي بس امڙ جي عقص کي ئي هِن امڙ جي صورت ۾ پئي ڏسان. جيترو پئي ڏسان اوترو منھنجي امڙ جي صورت هنجي عقص ۾ هڻڻ وڌيڪ پئي نظر اچي.

اُهائي سنھڙي ڊگھي قد ڪاٺي، هڏين جو پڃرو هيءَ بہ هئي پر هِن ۾ اجا ڪم ڪرڻ جو جزو ۽ سرير ۾ ڦُرتي هئي.

ٻئي ڏينھن وري هن سان ڳالھائڻ ڪان پاڻ کي مان نہ روڪي سگھيس. سڏ ڪري ڳالھائڻ لڳس من ماءُ جي سڪ پوري ڪري سگھان.

پوءِ امڙ توهانجي ڇوڪري ڪيئن؟

اَمان منھنجي ڇوڪري لکن ۾ هڪ، جھڙي نِجو سونُ. هوءَ تہ پڙهيل آهي ۽ نوڪري بہ ڪندي آهي. چوي بہ ٿي تہ’’امان توهان مون وٽ هلي رهو.‘‘ پر مان نياڻيءَ وٽ ڪيئن وڃان؟ جيستائين هڏين ۾ طاقت آهي هلندس، اڳيان بہ رکڻ وارو لڇ رکندو.‘‘

يوري رنگ جي فريم ۾ ٽُلها شيشا هنجي جهڪي نور کي روشني ڏئي رهيا هئا. اکين ۾ نااُميديءَ جو عڪس ۽ نراسائيءَ جو راڄ، هنجي زندگيءَ جو بوجهه نه ڀوئي سگهڻ جي شڪايت ڪري رهيا هئا.

پر هوءَ ڪم ۾ قُرت هئي. چانهه کان پهرين هوءَ ٻاچيون وڍي رهي هئي ۽ هينئر هوءَ چانهه جا باسڻ ملي ٿڌي پاڻيءَ ۾ ڌوئي رهي هئي. باسڻن جا ڍير، ڏسندي ئي مون نه منهن ڪٽي ٻئي پاسي ورايو.

وري نظر نظارا مٽيا. ياڻٽيو اڄ هيرو نهي پئي گهميو. ٻن ڏينهن کان پوءِ شادي اٿس. خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي. خود ڊاڪٽر آهي ۽ زال به ڊاڪٽر ئي مليس، نه پلا ڇونه خوش ٿئي؟

هوڏهان ڪير لاڏو وينو ٻائي -
نيڏڙي مليس ڪنوار لاڏو ڇونه مرڪي
سهڻي مليس ڪنوار لاڏو ڇونه مرڪي

هِتان کان هتي ۽ هتان کان هِتي ڦيرا پائي سيني سان ڪجھ ڪجھ ٻالهائي رهيو آهي. اڄ نه هرڪو هن سان ٻالهائڻ لاءِ آتو آهي، وجهه پيو ٻولهي پر گهوٽ راجا جلد جند ڇڏائي پنهنجي متر منڊليءَ ۾ وڃي ٿو ساهُ پٽي.

ڪافي وقت اُنهن نظارن ۾ نڪري ويو نه وري اڇي نظر ٻڍڙيءَ امڙ تي پئي. هوءَ اڃان باسڻن ۾ ئي رُڌي پئي هئي. مهنو هو ڊسمبر جو پر هنکي ڇڻ سيءُ ئي نه پئي پيو. شال به لاهي ڪناري رکي ڇڏي هئائين نه متان ميري ٿي وڃي.

من ۾ آنڌ مانڌ نه پلا هن ٻڍڙيءَ سان منهن جو ڪهڙو ناتو؟ هيڏو لڳاءُ ڇو پيو ٿئي؟ هيڏا نظارا ڇڏي نظر اِتي اَٽڪي ڇو ٿي؟

ڪجھ سمجهه ۾ ئي نه پيو اَچي. سوچيان پئي هِن جي صورت ڪنهنجي صورت سان ميل ٿي کائي؟ پر ڪنهنجي ؟ اِهو ياد ئي نه پيو اَچي.

اکيون ٻوٽي مٿو ڪنهيم ڪجھ ڌيان ڪرڻ سان هڪ صورت سامهون آئي. ياد چٽي ٿي آئي-- اَڙي اِها صورت نه منهنجي اَمڙ، منهنجي جيجل، منهنجي جننيءَ جو عڪس ٿي لڳي.

اکين ۾ ممتا ڀري، نينهن ڀري مايڙيءَ جي صورت تري آئي. مايڙي ڪيڏو نه مٺو لفظ آهي. دنيا جي سيني نعمتن کان وڌي نيامت اَمڙ اَبو، اَڻ ليو. هاڻي مونکي منهنجي جنني ، جنم داتري مايڙيءَ جي ياد ايتري قدر اچي گهايل ڪيو جو مان پاڻ روڪي نه سگهيس، منهنجي اکين مان لڙڪ ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. مان من جي پياس لاهڻ لاءِ يڪ ٽڪ ٻڍڙيءَ کي ڏسڻ لڳس پر ٻوڙهن جي ڪري اکين تي ڌنڌ هئڻ سبب هن جي صورت به ڌنڌلي نظر اَچڻ لڳي.

سوچيان پئي هيءَ اَمڙ هِن عمر ۾، هِن ٻڍاپي ۾ جڏهن زندگيءَ جي شام ۾ هنکي آرام ڪرڻ گهرجي، سڄي عمر وهي وهي ساهي پٽڻ جي ويلا ۾ هوءَ هئڙي ٿڌي پاڻيءَ ۾ ويني باسڻ ڌئي. مونکي ڏسندي ئي سيءُ پيو پوي پر هوءَ پنهنجي ڪم ۾ اهڙي نه محوهئي جو هن کي نه پنهنجي ڪم کان سواءِ ڪا سمڪ ئي نه هئي. ڪم پوڄا

سڀ ڪان جھوني سپنا جو وارث

راڌاڪشن چانڊواڻي

سنسڪرت جي وڏي ودوان، جنم پتري ۽ چنڊي ناهڻ ۽ ڏسڻ ۾ ماهِر پنڊت موهنداس جو نالو پرانت ۾ پري پري تاءِ مشهور هو. پري پري جا ماڻهو وٽس سدا ايندا رهندا هئا. هو جهڙو هو ڪلمڪ تهڙو هو مڌر ڀاشي.

پر اڄ هو بيحد غمگين ڪيتري وقت ڪان صوفي تي ڪجھ سوچ ۾ ٻڏل وينو هو. پرسان ئي سندس زال بہ ڪافي اُداس اُداس وينِي هئي. هوءَ بہ ڪنهن سوچ ۾ غلطان هئي.

پنڊت ڪافي ڌيمي آواز ۾ ڪجھ ٻُڙڪڻ لڳو. جيئن هو پاڻکي ئي ڪجھ چوندو هجي - ”پورا ڇھ سال ٿي ويا اٿس هتان وَئي. شروع ۾ تہ جلدي جلدي چنڊي پتري لکندو رهندو هو. پر هاڻي تہ پورا ٽي سال ٿي ويا آهن جو چنڊي بہ بند آهي.“

”توهان نيڪ ٿا چئو. اِن لاءِ مان ئي ذميوار آهيان. منهنجي ئي گهڻي چوڻ تي توهان کيس ولائت وڃڻ جي اِجازت ڏني هئي.“ سندس زال اُداس من سان چوڻ لڳي - ”چوي پيو... بس امان ٽي سال ٿيندا ئي ڪيترا آهن، اکہ ڇهنپندي گذري ويندا ۽ پوءِ جڏهن مان ڪمپيوٽر اِنجنيئر ٿي واپس ايندس تہ ڪنهن وڏيءَ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي ويندي. سڀني پگهار ملندي ۽ شان مان رهندو سو الڳ. ڪيتريون وينتيون-نيزاريون پئي ڪيائين- امان، بابا کي چئہ، بابا کي مناءِ. مونکي بہ ديا اچي ويئي. مونکي ڪهڙي خبر تہ هي هتان ڪان وڃڻ ڪان پوءِ اولهہ جو ئي ٿي ويندو.“

”پر مون تہ توکي چيو پئي نہ، هو هتان ويندو تہ هميشھ لاءِ اُتان جو ئي ٿي ويندو. شادي بہ اُتان جي ڪنهن گوري گوري ڇوڪريءَ سان ڪندو. سائي ڳالھ ٿي نہ! اُتي ئي شادي بہ ڪيائين تہ ڪيس پٽ بہ ڄائو، جيڪو هاڻي اچي چئن سالن جو بہ ٿي ويو هوندو. اُتي ئي ڪنهن وڏيءَ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري بہ ملي ويئي اٿس.



نالو : راڌاڪشن چانڊواڻي.
جنم : روهڙي، ١٩٢٢.٥.٢.
پتو : ٦-ب-٥٢، جئہ نارايڻ وياس ڪالوني، بيڪانير-٣٣٤٠٠٣. فون : ١٥١٠-٢٠٢-١٩٠٢٠٢.

يلا ڇوڪرا ڇو ڪونہ پڙهيا؟

” ننڍي ئي ڀيءُ گذاري ويئن. ڀيءُ جي گذرڻ کان پوءِ يا هتن مان نڪرندا. نڪو پڙهيا نڪو ڪو هنر پرايائون، هاڻي مان ئي ڪم ڪيان ۽ گهر هلايان. هو اڃي ننڍي نُڪيءَ روڻيءَ تي وِهن.“

آمڙ جي حالت تي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هوءَ عجب ۾ پئجي وئي،” يلا تون ڇو ٿي روئين؟“

” آمڙ مونکي تنهنجي بي بسيءَ تي روئڻ اچي ويو. ٻيو تہ توکي ڏسي منهنجي امڙ مونکي ياد اچي وئي، هوءَ تہ ڪٽ تي پئي آهي بلڪل شڪل شبيهہ تو جهڙي. تو ۾ مان پنهنجي امڙ جو عڪس پئي ڏسان.“

هن منهنجا ڳوڙها اُگهندي پيار سان چيو،” نہ روءُ مان بہ تنهنجي ماءُ جهڙي آهيان.“

امڙ ايمان جو اهڙو وڏو مثال جو شاديءَ کانپوءِ ڪيترين شيون بچي پيون پر هن هڪ کي بہ هٿُ نہ لاتو جيڪي مون هن کي هٿَ سان ڏنو سو هن قبول ڪيو.

موڪلائڻ مهل مون چيو مانس،”يلا امڙ منهنجي لائق ڪا شيوا هجي تہ ٻڌايو.“

هن منهنجي منهن ڏانهن آسائتين اکين سان نهاريندي چيو،” منهنجي هڪ پٽ کي گود ڪٽندا؟“

مان عجب ۾ پئجي ويس ، من ۾ چيم چويتي پُٽ سِڌي پير تي ڪونهين اهڙي ٻار کي گود کٽي ڇا مان امڙ وانگر عمر ڀر روئيندي رهنديس ڇا؟

هنجو سوال ئي منهنجي لاءِ وڏو مسئلو هو.مان هنجي اکين کان پنهنجون اکيون چورائي ڌرتيءَ تي ڪٽي کُپايون.

هنکي سندس سوال جو جواب ملي ويو هو.

هن شال لپيٽي ۽ نراس قدمن سان ٻاهر هلي وئي. هميشہ لاءِ ....

اڄُ سال گذري ويا آهن پر مان هن سان وري نہ گڏجي سگهي آهيان. من ڪندو آهي امڙجي عڪس سان هڪ دفعو تہ وري گڏجان. ذهن تان هنجي ياد وسري ئي نٿي. ذهن ۾ اڄ بہ سوال اندر ۾ ولوڙا مچائي رهيا آهن......

’امڙ ڇا اڃا تائين ڪم ڪري جوان پٽن جو پيٽ پاليندي هوندي؟‘

’ڇا اڃا هن ۾ ڪم ڪرڻ جي شڪتي رهي هوندي؟‘

امڙ کان پوءِ هنجا پٽ ڇا ڪندا؟

اِهي سوال سوچي دل اُنهن جا جواب ڳولهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي آهي. اندر ۾ سوالن جو طوفان ايڏي تباهي مچائيندو آهي جو ننڊ منهنجي اکين کان ڪوهہ پري ڀڄي ويندي آهي.

لهنداسين، هڪ ڏينهن جئپور گهمنداسين ۽ ٻئي ڏينهن رات جي فلائيٽ سان واپس لنڊن روانا ٿينداسين. روزا بيحد صفائي پسند آهي اينڊ پنهنجي سن وليم جي هيلٿ جو پورو ڌيان رکندي آهي. ان ڪري ايڏانهن گهر ڪونه ايندا سين. پوءِ وري ڪڏهن اڪيلو ايندس. ساري ڊيڊ، ساري مما.

توهانجو - جئڪ

”جئڪ؟!“ پنڊتائڻ تعجب مان پڇيو.

”اَڙيِ پنڊتائڻ! تنهنجو جئڪشن.... جئڪشن، اولهه ۾ جئڪ بڻجي ويو آهي. جئڪ سمجهُئه؟“ وري ڪجهه غصي ۾ چوڻ لڳو- ”نالائق! نه پوجيه بابا، نه پوجيه امان، نه پرڻام- توهانجو جئڪ، هُنه! هنڪي اسانجو گهر گندو ٿو لڳيس.... روزا صفائي پسند آ.... اسانوت اچڻ سان سندس روزا ۽ پٽ وليم گندا ٿي پوندا. اسان گندگيءَ ۾ ٿا رهون، هان جئه جي ماءُ ...... اسان گندگيءَ ۾ ٿا رهون ؟“ هوُ شانت ٿي ويو.

پنڊتائڻ صوفي تي وينيِ سڏڪي رهي هئي ۽ پريل گلي سان چوڻ لڳي - ”جئه، تون اهڙو ته ڪونه هئين پٽ! تون ماءُ پيءُ سان ملي بنا ئي هليو ويندين؟ نونهن ۽ پوٽي کي ڏسڻ لاءِ اسانجون اکيون تڙقي رهيون آهن، اُنهن سان ملائيندين به ڪونه؟“

”اڙي!“ اچانڪ پنڊت کي جيئن ڪجهه ياد هجي، هن چيو، ”اڙي سورهن آڪٽوبر ته اڄ آ! هوُ رات ئي وڃڻ وارا آهن! اڙي پنڊتائڻ هل هل جلدي ڪر ڀاڳوان، شهر ۾ ٻار آيا آهن، اُنهن کي فرصت ڪانهي ته اسان ئي ٿا ساڻن ملي اچون.“

”ان.... ها.... ها اسان ئي ملي اچون.“ پنڊتائڻ اَڌ روندي.... اَڌ مسڪرائيندي چيو.

ڪلارڪ هوٽل جي رسيپشنٽ کي هنن پنهنجو پريچيه ڏنو ۽ پنهنجي اچڻ جو ڪارڻ ٻڌايو. رسيپشنٽ جئه جي روم ۾ فون ڪيو- ”ايڪسڪيوز مي سر، مسٽر اينڊ مسز پنڊت موهن داس وانٽ ٽو سي يوُ سر!.... هوُن.... يس....يس اوڪي سر.“ هن فون رکيو ۽ چيو- ”توهان سامهون واري هال ۾ وهو.... هوُ اچن ٿا.“

هال ۾ وينِي وينِي ڪين اَڌُ ڪلاڪ گذري ويو. زال مڙس هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا.

”ڇا، ماءُ پيءُ سان ملڻ لاءِ به هن کي وقت ڪونهي؟ جئه جي ماءُ پريل گلي سان چيو.“ سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.

اينٽري ۾ ئي انگريزي ويس وڳي ۾ ملبوُس هڪ ڇهه فٽو سنڌي نوجوان هال ۾ داخل ٿيو. گورو چٽو رنگ هئڻ ڪري هوُ بلڪل انگريز ئي پئي لڳو. هن ايندي ئي اُبهرائيءَ سان چيو- ”هيلو مما ..... هيلو ڊيڊ، هائو آر يوُ؟“

پنڊت ۽ پنڊتائڻ اُٿي بيٺا ۽ تعجب وچان پنهنجي پٽ طرف نهارڻ لڳا. سوچڻ لڳا- ڇا هيءُ اُنهنجو ئي پٽ جئڪشن آهي، جنهن سنڌ جي هڪ مشهور براهمڻ

نيڪ آ جئه جي ماءُ!'' پنڊت هڪ ٿڌو ساه ڪڍي چيو- ''جتي رهن اُتي سکي رهن. اسانجي زندگي ڪيئن نه ڪيئن گذري ئي ويندي.''

''پر هڪ دفعو اچي ڪري اسانکي اسانجي نونهن-پوٽي سان ته ملائي وڃي.'' جئه جي ماءُ چيو.

پنڊت موهنداس هڪ ٿڌو ساه ڪڍي چيو-''جئه جي ماءُ، هوُ ته اسان کان ايترو پري ٿي ويو آهي جو اسان جو اگني سنسڪار ڪرڻ لاءِ به شايد ئي پهچي سگهندو.''

''توهان ائين ڇوٿا سوچيو؟''

''ڇونه سوچيان جئه جي ماءُ! اسان جو هڪ ئي ته پٽ آهي، اڪيلي سنتان، اُنکي به اولهه وارن کسي ورتو! ڪيترو ڪجهه کسيو آهي اولهه وارن اسان کان.'' پنڊت اُداس لهجي ۾ چيو.

''پوسٽ مئن.....'' ٻاهران آواز آيو ۽ در جي هيٺان ڏار مان هڪ خط اندر طرف کسڪي آيو.

''جهولي لعل، منهنجي جئه جي ئي چٺي هجي.'' جئه جي ماءُ چيو ۽ اُٿي ڪري تڪڙي تڪڙي وڃي خط کڻي آئي. اُهو نيري رنگه جو ائرو گرام هو. ''ڏسو ڏسو اڄ سچ مُچ منهنجي جئه جي چٺي آئي آهي. ونو ونو جلدي پڙهو.'' هن خط پنڊت کي ڏنو.

پنڊت خط کوليو ۽ من ئي من ۾ پڙهڻ لڳو.

''ڇا لکيو اٿس؟ ڪڏهن ٿو اچي.... اسانجي ڪنوار ۽ پوٽي کي وٺي؟'' جئه جي ماءُ جلدي جلدي پڇڻ لڳي. پر مڙس جي چهري تي لهندڙ چڙهندڙ ڀاون کي ڏسي هن چنتا مان پڇيو- ''ڇو، سڀ سکه ته آهي نه؟ نه ٿو اچي ڇا؟ ڪنوار ۽ پوٽو ڪيئن آهن؟''

''سڀ نيڪ آهي.''

پر توهان خط پڙهندي پڙهندي ايترو اُداس ڇو ٿي ويا آهيو، ڇا سوچي رهيا آهيو؟ ڇا لکيو اٿس؟''

''نه ئي ٻڌين ته نيڪ.'' پنڊت بيحد دکي ٿيندي چيو.

''نه نه، اهڙو هُن ڇا لکيو آهي جو توهانکي ايترو دکه ٿي رهيو آهي ؟ ٻڌايو، ٻڌايو نه!''

''ته ٻڌ- هئلو ڊئڊ، هئلو ممان. فرصت ئي ڪانه ٿي ملي جو خط لکان. ساري! اسان توهانجي ڊاٽر اِن لاءِ گرانڊ سن کي وٺي اِنڊيا اچي رهيا آهيون.''

''اِنڊيا اچي رهيو آهي، اِنڊيا اچي رهيو آهي منهنجو لال!'' پنڊتائڻ خوش ٿيندي چيو- ''پر هيءَ ڪهڙي ڀاشا لکي اٿس؟''

''پهرين پورو خط ته ٻڌ.'' پنڊت ڪجهه طنزيع نوع ۾ چيو.

پنڊتائڻ ڪجهه تعجب وچان مڙس ڏانهن ڏسڻ لڳي.

''لکيو اٿس.'' پنڊت چوڻ لڳو. ''روزا اِنڊيا ڏسڻ تي چاهي. اسان ڪلڪتو، بمبئي، دهلي آئنڊ آگرا ڏسي ١٥ اڪتوبر جو جئپور اِينداسين ۽ 'ڪلارڪ هوٽل' ۾

ملائڻ بنائي واپس وني تي ويو.''

روزا رسيپشنشٽڊانھن نھاريو، جنھن ڪيس انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌايو.

''او.... جئڪ! تو ائين لکيو؟'' ھن انگريزيءَ ۾ جئڪ کي چيو- ''منھنجي صفائي پسندگيءَ جو اِھو تو مطلب ڪڍيو؟ مون تہ توسان پريچيہ ٿيڻ تي ھڪ سنسڪارت پريوار جي ڀارتيہ ھئڻ ۽ سنسار جي سڀ کان جھوني سڀيتا، سنڌو گھاٽي سڀيتا جو وارث ھئڻ جي ناتي توسان شادي ڪئي، اِھو سوچي تہ ڪڏھن اِنڊيا ويندس تہ پنھنجي سسُ سھري سان ملنديس ۽ اُنھن وٽ رھي ڪري ڀارتيہ سنسڪرتي، آڌياتمڪتا ۽ فلاسافيءَ کي بيحد نزديڪيءَ کان ڏسنديس، چاٽديس ۽ وليم جو لالڻ پالڻ بہ ڀارتيہ سنسڪرتي موجب ڪنديس. اڄ جڏھن اسان اولھہ جا ماڻھو خود مطلبي ۽ پونجي واد کان تنگ اچي پنھنجي من جي شانتي ۽ سکي جيون لاءِ ڀارتيہ آڌياتمڪتا ۽ فلاسافيءَ طرف وڌي رھيا آھيون، ڀارتيہ سنسڪرتيءَ ۽ شريشنتا طرف مائل ٿي رھيا آھيون، اُتي وري تون ٻين لکين ڀارتيہ نوجوانن جيئان پنھنجو سڀ ڪجھہ اولھي چمڪ دمڪ ۾ سُواہ ڪري رھيو آھين! اسانجو گھر جئپور ۾ آھي، تو اِھو بہ نہ ٻڌايو؟''

جئڪشن منھن لٽڪائي سڀ ڪجھہ ٻڌي رھيو ھو.

''ھائي ٻڌ جئڪ!'' روزا مظبوطيءَ سان چوڻ لڳي- ''مان پنھنجي وليم سان گڏ پنھنجي سسُ سھري وٽ رھنديس ۽ وليم جو لالڻ پالڻ ڀارتيہ سنسڪرتيءَ، سنسار جي سڀ کان جھوني سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ موجب ڪنديس. مان لنڊن واپس ڪونہ ھلنديس اگر تون چاھين تہ وڃي سگھين ٿو.''

ڪجھہ پل ويچارن ۾ ٻُڏ تر ڪندي پوءِ جئہ چيو- ''مان اڪيلو واپس وڃي ڇا ڪندس. مان بہ ھتي پنھنجي ماتا پتا وٽ رھي سندن شيوا ڪندس ۽ پنھنجي ڀُل سُڌاريندس.

''اسان ٻئي ملي ڪري سندن شيوا ڪنداسين.'' روزا چيو.


پنڊتائڻ پنھنجي پوٽي ۽ نونھن کي ڀاڪر ۾ پريو ۽ پنڊت جئڪشن کي گلي لڳايو.

اُتي بيٺل مسافر سڀ خوشيءَ وچان ڪلڻ لڳا ۽ تاڙيون وڄائي سندن مرحبا ڪئي.

پريوار ۾ جنم ورتو هو؟ سنڌي سنسڪارن سان سنسڪارت هيءَ اُهوئي جنہ آهي؟

''اِئين ڇاڻا ڏسو؟ اسان جئڪ آهيون جئڪ، برٽين جي هڪ وڏي ڪمپيوٽر فرم جو چيف اِنجنيئر جئڪ سن.... ڪروڙپتي جئڪ سن!

''اسان تہ پنهنجي پٽ جئڪشن سان ملڻ آيا هئاسين پٽ! معاف ڪجاءِ توکي وڏي تڪليف ڏنيسين.'' ماءُ ٽپ ٽپ ڳوڙها وهائيندي پريل گلي سان چيو- ''تون اسانجو جئڪشن ڪونهين.'' ۽ پنهنجي پتي کي چوڻ لڳي، ''هلو تہ هلون''.



''او....ڪمان مما....يوُ آر جوڪنگہ.... اسان هي توهان جا جئڪ آهيون.... جئڪشن.... ها.... او مما.... ڊئڊ آئي ايم گيٽنگہ ليٽ.... روزا اينڊ وليم آر ويٽنگہ فار مي ائٽ دَ ڪائونٽر.... وُئي آر ليونگہ اِن فيوُ منٽس.''

''آن! ٻار ڪائونٽر وٽ بيٺا آهن؟'' چوندي پنڊتائڻ ڳوڙها وهائيندي هال کان ٻاهر ڊوڙ پاتي. پنيان پنيان ئي پنڊت بہ ٻاهر آيو. جنہ جي ماءُ ڪائونٽر وٽ اچي پنهنجي نونهن ۽ پوٽي کي ممتا ڀريل نظرن سان ڏسڻ لڳي.

روزا هن کي ائين پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي تعجب وچان رسيپشنشٽ ڏانهن سوالي نگاهن سان ڏسڻ لڳي.

''يوُ آر اِن لاز'' رسيپشنشٽ چيو.

''او.... ماءِ اِن لاز!'' ۽ روزا هڪدم اڳتي وڌي پهريان پنڊت جي ۽ پوءِ پنڊتائڻ جي پيرن پرسان اوڪروُن ويهي ڪري سندن پيرن تي هٿ رکيا.

پنڊتائڻ ڪيس ٻنهي هٿن سان اُٿاري ڀاڪُر ۾ ڀريندي چيو، ''اڙي! اسانجي نونهن ڀارتيہ سنسڪار ڄاڻي!''

هوٽل ۾ ايندڙ ويندڙ مسافر اُتي بيهي ڪري اوڀر ۽ اولہ جو هي ميلاپ ڏسڻ لڳا. پنڊت وليم کي ڪٽي ڇاتيءَ سان لڳايو.

''روزا ڌيءُ، جنہ لکيو هو تہ تون بيحد صفائي پسند آهين، وليم جي صفائيءَ جو بہ پورو ڌيان رکندي آهين. اِن ڪري هوُ توهان کي گهر ڪونہ وٺي آيو ۽ اسان سان

ان لاءِ هوءَ پاڻ کي ئي قصور وار سمجهڻ
لڳي ڇاڪاڻ تہ پتيءَ جي مرضيءَ جي خلاف
هن هميشھ ديوَ ڪمار جي هر ڳالھ هر ضد
کي پورو ڪيو ان جو نتيجو اِهو نڪتو جو
هن جو سڪيلڌو پٽ مائٽن جي اِڇا جي
خلاف پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪري
وِينو هو. هن پنهنجي پتا جي اڏڪار جي
ڪابہ پرواه نہ ڪئي. سندس پتا موهنداس
ساڏواڻيءَ غصي ۾ هن کي لکيو هو تہ جڏهن
بہ ماءُ پيءُ سان ملڻ جي اِڇا ٿئيئي تہ
اڪيلو اچجانءِ پنهنجي وديشي پتنيءَ کي
آڻڻ جي ضرورت ڪونهي.

ديوُ پنهنجي نيم انوسار پتا کي خط
لکندو ئي رهيو ۽ مايا هن جي خطن جو
جواب ڏيندي رهي ۽ آخر ۾ پتا جو آشيرواد
بہ لکندي رهي. پيءُ پٽ جي وچ ۾ هيءَ
ديوار ڪيس سٺي نہ لڳي.

نندپڻ کان ديوُ ڪمار تمام صاف دل
هو. جيڪو بہ دل ۾ هوندو هوس صاف گوئيءَ
سان چئي ڏيندو هو. اِرادي جو تمام پڪو.
جو دل ۾ سوچيندو هو ڪري گذرندو هو.
پڙهائي هجي، نوڪري يا شادي.

جنهن ڏينهن اُتي شادي ڪيائين ماءُ
کي فون تي چيائين، ”مان ڊمپل کي ڇڏي
نٿو سگهان پر مان توهان ٻنهي کي بہ ڇڏي
نٿو سگهان. مان اوهان کان سواءِ بہ جي نٿو
سگهان.“

ڪافي وقت کان پوءِ هو پنهنجي
پتنيءَ کي سيني سان ملائڻ لاءِ وٺي اچي
رهيو هو.

مايا گهبرائجي ويئي. ڪيس
گهبرائٽ محسوس ٿي. فرج مان ٿڌو
پاڻي ڪڍي پيتائين. سندس دماغ ۾ ڪئين
خيال اچي وڃي رهيا هئا. هوءَ پتيءَ جي
ڪروڌ کان بخوبيءَ واقف هئي. سوچڻ لڳي
ڪٿي اِئين نہ ٿئي جو هو اچانڪ زال سان گ
ڏ اچي ۽ سندس ڊئڊي ڪيس گهر ۾ اچڻ ئي
نہ ڏئي ۽ هو واپس هوٽل ۾ وڃي هلي. ڪيس
اِهو بلڪل ئي نہ آئڙيو. هن پنهنجي پوري
طاقت سان اِهو طئہ ڪيو تہ هوءَ پتيءَ کي
هن باري ۾ مڃائي ئي رهندي.

دروازي جي گهنٽي وڳي ۽ هن ڊوڙ
پائي خود وڃي دروازو کوليو ۽ چهري تي
مسڪراهٽ آڻي پتيءَ جي سواگت ڪيو.
ساڏواڻيءَ مايا ڏانهن نهاري پڇيو، ”اڄ
ڏاڍي خوش پيئي نظر اچين؟“

وري چيائين، ”ڇا ڪوئي فون ٻون
آيو آهي ڇا؟“ اِئين چوندي ساڏواڻيءَ
صوفن جي ٽيلهي مايا کي هٿ ۾ ڏني. مايا
چيو،”فون تہ ڪونہ آيو آهي، چٺي آئي
آهي.“

” چڱو پڙهان ٿو ، هٿ منهن ڌوئي
ٿورو فريش ٿي اچان.“ هٿ منهن ڌوئي
هو آرام سان اچي سوفا تي وينو. مايا چپ
چاپ هن جي چهري کي ڏسندي رهي. خط
هن کي هٿ ۾ ڏيندي پاڻ بہ سوفا تي ويهي

وديشي ننهن

ڊاڪٽر سشيلا موٽواڻي

”مالڪڻ چٺي آئي آهي“

هيٺ سنان جاءِ ۾ ڪپڙا ڌوئيندي چندوءَ ٽپاليءَ جو آواز ٻڌندي ڊوڙي وڃي چٺي ورتي ۽ رڙ ڪري پنهنجي مالڪڻ مايا کي سڏ ڪري چيائون.

هتي مايا پنهنجي پتيءَ جا استري ڪيل ڪپڙا ڪٻٽ ۾ رکي رهي هئي. نوڪر جو آواز ٻڌندي هوءَ جلدي هيٺ هلي آئي.

لفافو مايا جي هٿ ۾ ڏيندي چندوءَ پڇيو - مالڪڻ! پٽيا جي چٺي آهي نہ؟ مايا خط پڙهي رهي هئيءَ هو اُتي ئي بيهي مايا جي چهري ڏانهن تڪڻ لڳو.مايا جي مسڪرائيندڙ چهري کي ڏسي هن کي اهو وشواس ٿيو ضرور ڪا خوش خبري آهي. هن وري پڇيو،”مالڪڻ! ضرور پٽيا اچي ٿو.“ ائين چئي هو سنان جاءِ ۾ ڪپڙا ڌوئڻ هليو ويو.

ديوَ جو خط تمام لنبو هو. سار سچي خط جو اهو ئي هو تہ هو پنهنجي وديشي پتنيءَ کي وٺي انديا ۾ اچڻ ٿو چاهي خط جي آخر ۾ لکيل هو،”ممي! ڊمپل انديا ڏسڻ ٿي چاهي. هوءَ سيني مٿن مائٽن سان جُڙڻ ٿي چاهي. ڊئڊي هن شاديءَ ڪري مونسان ناراض آهن اهو مان ڄاڻان ٿو. پر مان سڄي عمر اُوهان سان ڪتجي ڪيئن ٿو رهي سگهان، ان ڪري توهان ڊئڊيءَ کي سمجهايو تہ مونکي معاف ڪري ۽ گهر اچڻ جي اجازت ڏئي. ها! هڪ ڳالهہ مان پهرين اُوهان کي ٻڌائي ڇڏيان تہ مان ڊمپل جو اپمان بہ سهي ڪونہ سگهندس ڇاڪاڻ تہ هاڻي هوءَ منهنجي پتني آهي.“

چٺي پڙهندي مايا جو من پرجي آيو. هڪ ٻئنڪ ۾ اچي سوفا تي ويهي رهي. اکين مان آنسن جو سيلاب وهي رهيو هو.



نالو : سشيلا موٽواڻي.

پتو : ١/٣٢، سشيل سدن، الور گيٽ، اجمير-٢٠٥٠٠٨.

جل سان ڀريل ڪنوار جي مٿي تي رکيو
ڀرين ٿالهيءَ ۾ ڏيئو ٻاري ٻنهي جي
آرتي ڪري ڪنوار کي لوٽي مان چنڊا
هٽندي گهر ۾ پرويش ڪرڻ لاءِ چيو.

ڊمپل تمام معصوميت سان اچرج مان
سڀ ڏسندي ۽ ڪندي رهي. اندر اچي سسُ
سهري جا چرڻ به ڇهيائين. ديوَ ڪمار به
ماءُ پيءُ کي پيري پئي مليو. مايا کيس
آشيرواد ڏيئي ممتا وچان ڇاتيءَ سان لاتو
سندس اکين ۾ خوشيءَ جا آنسون هئا.

چندوءَ وچ ۾ پڇيو، ”مالڪڻ سامان
مٿي ڪٿي وجان؟“ سامان سڀ مٿي پهچائي
هو فرج مان جوُس ڪٿي آيو. ديوُ ڪمار چيو،
”نه ممي! مونکي جوُس نه پر تنهنجي هٿ
جي ٺهيل چانهه کپي. ڪيترو وقت ٿيو
تنهنجي هٿ جي چانهه ڪونه پيتي اٿم.
ها ڊمپل به پيئندي.“

مايا رنڌڻي ۾ وڃي خود چانهه ٺاهڻ
لڳي ته اينري ۾ ديوُ ڪمار ڊمپل کي ٻانهن
کان وٺي رنڌڻي ۾ آيو. کيس چيائين، ”اُٿ
ڏس ۽ تون سياڻي مميءَ وانگر چانهه
ناهه.“

اُن کان پوءِ ڊمپل ڏاڍي ڌيان سان هر
ڪم کي جاچيندي ۽ ڏسندي هئي. هوءَ
هرڪو ڪم اهڙيءَ طرح ئي ڪندي رهي.

”ممي! ڊمپل توسان ۽ ڊئڊيءَ سان
ملڻ لاءِ ڏاڍي بي چئن هئي. هوءَ هتي جي
سنسڪرتيءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ تي چاهي.
هاڻي تون هن کي سڀ ڪجهه
سيکارجانءِ.“

ساڏواڻي زبان سان ڪنهن کي ڪجهه
نه چيو. بس ڏسندو ئي رهندو هو. پنهنجي
ڊئڊيءَ کي چپ چاپ ويٺل ڏسي ديوُ ڪمار
کي ڪجهه برو ته لڳندو هو، پر آخر هڪ
ڏينهن کيس چيائين، ”ڊئڊي! توهان به
ڪجهه ڳالهايو ته سهين.“ ساڏواڻي اُن
طرح ئي اخبار ڏسندو رهيو.

اڄ جڏهن رات جو هو مٿي سمهڻ لاءِ
وڃي رهيا هئا ته ڏاڪڻ مان اچانڪ ڊمپل
موٽي آئي ۽ سهري جي سامهون بيهي چوڻ
لڳي، ”گڊ نائيٽ ڊئڊي.“ پر ساڏواڻيءَ کو
به جواب ڪونه ڏنو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو مايا ٿورو دير
سان اُٿي. هيٺ آئي ته وائڙي ٿي ويئي.
ڪاڏي واري ٽيبل صاف سٿري ڪريني سان
سجايل هئي. ميز تي چانهه جي ڪٽلي ۽
ڪوپ پليٽون پيا هئا ۽ ساڏواڻي آرام سان
اخبار پڙهندي چسڪين سان چانهه جو مزو
وٺي رهيو هو. ديوُ ۽ ڊمپل پاڻ ۾ ئي ڳالهائي
رهيا هئا ڇڻ ته هنن پنهنجي ڊئڊيءَ جي
موُن ورت کي سويڪاري ڇڏيو هو. مايا کي
ايندو ڏسي ٻنهي گڊمارننگ ڪئي ۽ کيس
چانهه پيئڻ لاءِ چيائون.

چانهه پي مايا رنڌڻي ۾ ناشتو تيار
ڪرڻ لاءِ گهڙي ته کيس چندوءَ خوش ٿي
ٻڌايو ته نيرڻ ته پاپي ڊمپل ناهي ڇڏي

رهي.

ساڏواڻيءَ هٿ ۾ لفافو ڏنو ۽ چپ چاپ رکي ڇڏيائين. مايا چيو، ”خط پڙهندا ڪونه؟“

”پڙهندس، اهڙي ڪهڙي جلدي آهي هونئن به هيءُ خط تنهنجي لاءِ آهي.“ ساڏواڻيءَ چيو.

توهان ۽ مان الڳ الڳ آهيون ڇا؟ خط توهان جي نالي هوندو آهي پر توهان جواب نه ڏيندا آهيو ان ڪري مونکي ئي لاچار جواب ڏيڻو پوندو آهي.“ مايا چيو.

مايا وري پڇيو، ”چانهه ناهيان؟“

”ها! ڀلي چانهه ناهه. ڏاڍو ٿڪل آهيان“ ۽ هو سوفا تي ئي ليٽي پيو.

خبر ناهي ديوَ جي نالي ٻڌڻ سان ئي هو اُداس ٿي ويندو هو. اُن لاءِ مايا پاڻ کي اپراڌي محسوس ڪرڻ لڳي. پيءُ پٽ جي هن کينچا تاڻ ۾ هوءَ ڪٿي هئي هوءَ سمجهي نه سگهي هئي. ڪيس اهو به سمجهه ۾ نه آيو ته هوءَ پنهنجي گهوٽ کي ديوَ جي اچڻ جو سماچار ڪيئن ڏئي. خط پڙهڻ سان ساڏواڻيءَ تي ڪهڙو اثر پوندو اهو به سمجهڻ هن لاءِ مشڪل هو.

جيئن ئي چندو چانهه جي ٽري کڻي آيو ته ساڏواڻي اٿي ڇني پڙهڻ لڳو. پڙهندي پڙهندي هن جي چهري تي غصي جا ڀاوَ نظر آيا.

هن چيو، ”ڪنهن به ڳالهه لاءِ هن کي

منهنجي اجازت جي ڪا به خبر ڪونهي
ان لاءِ تون ئي ذميوار آهين. نه ته هن جي
ايتري همٿ، خير توکي جيئن ڪپي تيئن
ڪر.“

مايا چيو، ”ڪهڙيون ڳالهيون پيا
ڪريو ڇا مان توهان جي اجازت کان سواءِ
ڪو قدم کڻنديس. هاڻي کڻي ڪيس معاف
ڪريو. هو اسان کان خاص ڪري اوهان کان
سواءِ به ته رهي نٿو سگهي.“

ساڏواڻيءَ چڙ خفي ٿي چيو، ”چڱو
مان توکي ڪونه ٿو روڪيان. پر هن مان
ڪا به اُميد نه رکجانءِ.“

مايا کي ڪجهه آشا جو ترورو ملي
ويو. وري پڇيائين، ”پوءِ ڀلا مان لکانس ته
ڀلي اچ.“

ساڏواڻيءَ ان ئي لحظي ۾ چيو،
”لکي ڇڏينس.“

انڪل ڏيڍ مهني کان پوءِ به وڏيون
بئگون کڻي ديوُ ڪمار رات جو انڪل ا
بجي پنهنجي ڊمپل سان پهچي ويو.

سيني کان گهڻو خوش هو چندو جيڪو
هنن جي اڳيان پٺيان ڇڙ نچي رهيو هو
چوڻ لڳو، ”مالڪڻ! ديوُ ٻئيا هميشه ت
صرف بئگون کڻي ايندو هو پر هن ڀيري
ٻاپيءَ کي وٺي آيو آهي.“ پيار وچان ديو
ڪمار به هن کي پيار ڀري ٿڦڙ هنئي.

مايا اڳواٽ ئي مٿيون ڪمرو پنهي
لاءِ صاف ڪرائي ڇڏيو هو. هن کير جو لوٽ

"اڇا! ته هيءَ ساڙهي تي پائڻ چاهي. پر هيءَ سنڀالي سگهندي."

ديو ڪمار چيو، "هاڻي تون ڄاڻ تنهنجي ننهن ڄاڻي. مان ڇا سمجهان اِنهن ڳالهين مان." ۽ هو ڪپڙا بدلائڻ هليو ويو.

مايا چندوءَ کي رنڌڻي جو ڪم سمجهائي مٿي ويئي. ڊمپل کي وني ڪٻٽ کولي کيس ساڙهيون ڏيکارڻ لڳي. آخر کيس هڪ آسماني رنگ جي ساڙهي پسند آهي. مئچ بلائوز به ڳولهي کيس ڏنائين.

مايا شادي ڪري آئي ته جلد ئي کيس ڪکو ڄائو. سندس شاديءَ واريون ساڙهيون اصلي سلڪ جا سهڻا بلائوز اِئين ئي نوان رکيا هئا. پٺ کان پوءِ ڏيءَ آئي، وڏا ٿيا. هن ڏنو ته ڊمپل کي هوءَ ساڙهي بلائوز ڏاڍا نهڪندا. ڊمپل تمام خوش ٿي سَسُ جي ڪٻٽ ۾ پيل ساڙهين جي خزاني کي ڏسڻ لڳي. مايا ڏاڍي چاهه مان ڊمپل کي ساڙهي پارائي ۽ پوءِ ساڙهيءَ جو مئچ کيس هڪ تلڪ به لڳايائين. ڊمپل آرسيءَ ۾ جو پنهنجو پاڻ کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي رهي هئي. مايا کيس ڪجهه زيور به پارايا، هينئر هوءَ بلڪل سندر هندوستاني گُڏي لڳي رهي هئي.

•

جڏنهن هوءَ ڏاڪڻ کان هيٺ اچي رهي هئي ته ساڏواڻي کيس ڏسندو ئي رهجي ويو. واه! مايا ته ڪمال ڪري ڇڏيو. هن کي ته بلڪل اِنڊين گُڙيا ناهي ڇڏيو اٿس. من ئي من سوچڻ لڳو.

اينتري ۾ انجنا ۽ وجئه به اچي پهتا. دوست کي ڏوراپو ڏيندي چيائين، "ڇا يار! تو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي؟ اِن ڪري ته اسان کي ئي اچڻو پيو. ڀاڀي به هاڻي ڏسڻ ڪونه ٿي اچي.

ٿوري دير کان پوءِ نڪ مان زور سان سنگهندي چوڻ لڳو، "ها ڀاڀي! پڪوڙن جي خوشبوءِ پيئي اچي. توهان منهنجي من پسند شيءِ تيار ڪئي آهي." هو زور سان کلڻ لڳا.

ساڏواڻيءَ کلي چيو،" پوءِ يار تون روز روز ايندو ڪر ته تنهنجي ڀاڀي اسان کي گرم گرم پڪوڙا کائڻ لاءِ ملندا."

" او واه ! ديوُ ڪڏهن آيو؟ اَڙي مايا ! تون ته عجيب آهين فون تي ٻڌايئه به ڪونه ته ديوُ آيو آهي." وري اچانڪ ڊمپل تي نظر پوندي ئي وائڙا ٿي ويا. ڪين اها خبر هئي ته ديوَ وديشي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. هندوستاني پهراوَ ۾ ڪنهن ٻيءَ کي ڏسي هنن کي عجب لڳو ۽ وجئه پڇي ويٺو، "ڇا هيءَ ديوَ جي ڪا فرينڊ آهي؟"

مايا چيو، "اڙي نه! هيءَ ته منهنجي ننهن آهي." ۽ هن پيار وچان هن جي پٺيءَ تي هٿ رکيو.

"ننهن؟" ٻنهي کان اچانڪ ڇرڪ

آهي. مايا جا هوش ئي گم ٿي ويا. آخر هن وديشي ڇوڪريءَ نيرڻ تي ڇا ناهيو هوندو. هوءَ ته کيس صرف سڄيل گڏيءَ وانگر سمجهڻ لڳي هئي. کيس خبر نه هئي ته هوءَ اهڙي سليڪي واري گهرو ڇوڪري به آهي. چيائين، ”چندو! ڏسان ته ڪنوار ڇا ناهيو آهي؟“

چندوءَ کيس ڍڪيل ڍونگا ڏيکاريا. ڊمپل ڇهرا پينهون ۽ تريل پٽاٽا ناهيا هئا.

چپ چاپ ڊمپل ڪاڏو پائڻ مهل بلڪل خاموش هئي. ساڏواڻيءَ سوال ڀري درشٽيءَ سان ديو ڪمار ڏانهن نهاريو ته ديوَ چيو، ”ڊئڊي! اصل ۾ ته ڊمپل چندوءَ کان سيني جي پسند ۽ ناپسند پڇي ڇڏي آهي. اُن ڪري ڇهرا پينهون ناهيا اٿس جو توهان کي وڻندا آهن. منجهند جو به ٽماٽو ساس جي بدران ڏاڙهن جي سائي چٽڻي هئي ڏينهن صبوح جو نيرڻ تي منو پتُ وغيره سڀ ساڏواڻيءَ جي دل وٽان شيون هيون. مايا ڏٺو ڏيري ڏيري سندس پٽيءَ جي سخت ڇهري جا پاوَ ڪجهه نرم پوڻ لڳا هئا.

گهر ۾ ننهن پٽ اچڻ سان کيس ڏاڍو آنند پئي آيو. سالن کان هن سنسان گهر ۾ رونق آئي هئي. چپ چاپ خاموشيءَ سان ڊمپل هن گهر جي نيمن ۽ مرياداڻن جو پالن ڪندي رهي. ديوُ به پيار وچان سڀ ڪجهه کيس سمجهائيندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن چانڪ فون جي گهنٽي وڳي. ساڏواڻيءَ جي دوست جو فون هو. پڇي رهيو هو ته اسين اوهان جي گهر اچون. ساڏواڻي ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويو اينتري ۾ مايا هن کان رسيوَر وٺي چيو، ”پاپا! اوهان کي اچڻ لاءِ ڪڏهن کان پڇڻ جي ضرورت پيئي، اچو نه. انجنا سان ملئي به ڪيترا مهنا ٿي ويا آهن.“

” اڙي پاپي! توهان جي شڪايت دور ڪرڻ لاءِ ته انجنا کي وٺي ٿو اچان.“

مايا فون تان اُٿي چندوءَ کي جهمون ناهڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ بصر وغيره وڍڻ لڳي. هن کي خبر هئي ته انجنا ۽ وجيه کي سندس پڪوڙا وڻندا هئا. اچانڪ ڊمپل رنڌڻي ۾ آئي ۽ مايا کي چيائين،” ممي مان ٿي بصر ڪٽيان.“ مايا کيس چيو ته،” توهان بزار شاپنگ تي ٿي ويا پلي وڃو.“ ليڪن ڊمپل ديوَ کي ٻاهر وڃڻ کان منع ڪئي ۽ رنڌڻي جي ڪم ۾ لڳي ويئي. ديوَ کي غصو ته آيو پر ڊمپل کيس محسوس ڪرايو ته مهمان گهر ۾ اچن ٿا ۽ اسين ٻاهر هلون مونکي نيڪ نٿو لڳي.

هن مايا کي چيو، ”ممي! مان به توهان جهڙي لنبي اِسڪرٽ ٿي پائڻ چاهيان.“ هن ساڙهيءَ کي ڏيکاريندي چيو. ديوَ ٻڌو ته سندس کلڻ جي حد ئي نه هئي. چيائين، ”ممي! هيءَ توهان جي ساڙهيءَ کي لنبو اِسڪرٽ ٿي چوي.“

ستارا

موهن واسواڻي

هر روز جيان اڄ بہ مان صبوح جو تيار ٿي آفيس وڃڻ لاءِ سائيڪل اڃا ڪڍيئي مس تہ ستارا اچي منهنجي سائيڪل جي هينڊل کي پڪڙيو ۽ چيائين، ''توهان اڄ بہ آفيس وڃي رهيا آهيو.''

مون حيرانيءَ مان هن ڏانهن نهارڻ لڳس. هن مشڪندي چيو، ''ڇا توهانکي خبر ڪونہ آهي تہ اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي ۽ اڄ تہ موڪل جو ڏينهن پڻ آهي. مون توهانکي تيار ٿي سائيڪل ڪڍندو ڏٺو تہ عجب لڳو.''

مان ستارا ڏانهن نهاريندي محسوس ڪيو، ستارا جي اکين ۾ شرارت هئي ۽ هوءَ پڻ مشڪرائيندي مون ڏانهن نهاري رهي هئي.

مون هنکي چيو، '' اڄ تنهنجي موڪل ڀل هجي ڇاڪاڻ تہ اڄ تنهنجو جنم ڏينهن آهي پر منهنجي تہ اڄ خاص ڊيوٽي آهي، اُن ڪري مونکي تہ آفيس وڃڻو ئي آهي.

ستارا منهنجو جواب ٻڌي وسامي وئي- ائين لڳو تہ هوءَ بلڪل نستي ٿي پئي هجي ۽ اِڇا ڪري ڪا ڪري- مان سائيڪل کي سٽئنڊ تي بهاري هڪدم هن ڏانهن وڌي ويس ۽ پنهنجي هڪ ٻانهن هنجي پنيءَ طرف وڌائي هنکي ڪرڻ کان روڪي ورتو.

هن ٻڏل آواز ۾ پڇيو، ''ڇا توهان سچ پچ اڄ آفيس ۾ وڃي رهيا آهيو. مان تہ اڄ توهانکي پنهنجي جنم ڏينهن لاءِ خاص مهمان طور چوڻ لاءِ آئي هئس. ڇاڪاڻ تہ مان جيترو توهان کي پيار ڪندي آهيان اوترو شايد ئي ڪنهن ٻئي کي. مون تہ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي بہ ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ مان توهانکي تمام گهڻو چاهيان ٿي پر توهان آهيو جو هميشهہ مون کان پري پري ڀڄندا ٿا رهو. ڇا اُن ڪري تہ مان مسلمان آهيان ۽ توهان هندو آهيو يا ٻيو ڪو سبب آهي. مان تہ توهانکي سچ سچ اِهو ٻڌايان ٿي تہ اگر مان شادي ڪندس تہ صرف



نالو	:	موهن واسواڻي.
جنم	:	.١٩٣٨.١٠.٢
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ ٢.
اِنعام	:	هنديءَ ۾ ڇپايل مضمون تي ڪيندريہ هندي سچيواليہ پاران، ١٩٤٦ ۾ هڪ فقير جي ٻار جي رول ۾ انعام مليل.
پيشو	:	رٽايرڊ اسسٽينٽ ايڊيٽر، منسٽري آف اِنفارميشن ۽ براڊڪاسٽنگہ، اڄ ڪالهہ ڪيزوئل اسسٽينٽ نيوز ايڊيٽر، آل اِنڊيا ريڊيو.
پتو	:	جي ايف-٦٩، ڪڙي ايڪسٽينشن، مالويہ نگر، نئي دهلي- .١١٠٠١٧

نڪري ويو. اينتري ۾ ٻنهي کي پيرين پيئي. ڊمپل چانهه پڪوڙا کڻي آهي. هنن جي وچ ۾ ويهي هن ڳالهايو ڪونه جو اڄا ڪيس سڻي هندي ڪونه ٿي آئي. ٻه ڪلاڪ گذري ويا. پتو ئي ڪونه پيو. ڊمپل هاڻي سمجهڻ لڳي هئي ته ڏيري ڏيري پيار سان هن گهر ۾ سڀ ڪيس سويڪارڻ لڳا هئا. هوءَ هاڻي تمام خوش هئي.

انجنا ڪنوار جي سندرتا جي ڪافي ساراهه ڪئي. هيل تائين هن صرف پنهنجي ننهن مان نقص ئي ڪڍيا هئا. انجنا اُٿندي مهل ديوَ کي ڪنوار سوڊو گهر اچڻ لاءِ چيو ۽ پرس مان هڪ سوُ هڪ رپيا ڪڍي ڪنوار جي تريءَ تي رکيا ۽ پيار مان هن جو نرڙ چميائين. ڪنوار به پيرين پئي وري انجنا جو آشيرواد ورتو. ٻنهي انجنا ۽ وجئه کي پنهنجي اکين تي وشواس ئي نٿو آيو. هندوستاني ڇوڪريون به پيري پوڻ کان ڪيٻائين ٿيون پر هيءَ وديشي ڇوڪري هوندي به سهج ڀاوَ سان سڀ ڪجهه ڪري پيئي. دل ئي دل ۾ پنهنجي ننهن سان ڊمپل جي ڀيٽ ڪندي هنن جو سِرُ جهڪي ويو.

هن ديوَ کي ڪنَ ۾ چيو، ”ديوَ! سچ پچ تون ڀاڳن وارو آهين جو توکي سهڻي سٺن سنسڪارن واري زال ملي آهي. هن وري هڪ ڀيرو ڪنوار کي ڀاڪر پاتو. ديوَ ڏنو ته اڄ ڊئڊي به ڪلئي دل سان سندس ڏانهن ممتا ڀري درشٽيءَ سان ڏسي رهيو هئو.

ڊمپل پنو ڀين ڪٽي سسُ کان ڏڻ وار، ريتيون رواج، اُنهيءَ جي پوري سڀيتا، سنسڪرتيءَ جي سيني ڳالهين کي نوٽ ڪري ڇڏيندي هئي. پيار ۾ هن پاڻ کي پتيءَ جي پريوار ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيو. سيني جو من موهي وجڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا ته مايا جو من ڀرجي آيو. مهني ۾ ننهن پٽ مان من نه ڍاپيو. ڪين اڄا به رهڻ لاءِ زور ڀريائين. جڏهن ديوَ نه ڪئي ته ساڏواڻيءَ چيو، ”پٽ! وري ڪهڙو جلدي پيا ايندا. ماءُ جي دل کي خوش ڪٽي ڪر. مهنو ٻيو به رهي پَوُ.“

ديوَ ڪمار سڪه جو ساهه کنيو ۽ سوچيو ڊئڊيءَ مون کي معاف ڪري ڇڏيو. دل ئي دل ۾ خوش ٿي هن اِن لاءِ پنهنجي پياري پتنيءَ، وديشي پتنيءَ کي ڌنيواد ڏنو جنهن پيار، قرب، ممتا ۽ سمپورڻ ۽ ڀرپور قربانيءَ سان سيني جي من کي جيتي پنهنجي سچي پيار جو ثبوت ڏنو ۽ اِهو شابت ڪيو ته وديشي به ديشي ٿي سگهن ٿا.

ٻن مهنن کان پوءِ اِنڊيا جو قرب پيار ۽ ممتا کٽي ديوَ پنهنجي وديشي پتنيءَ سان امريڪا روانو ٿي ويو ۽ پنيان ماتا پتا لاءِ ممتا ڀريون يادگيريون ڇڏي ويا.

ڏڏڪو رسيو تہ ستارا مون سان سڱ جوڙڻ تي چاهي ۽ اِهو بہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي خيالن خلاف.

منهنجي ماءُ منهنجي دليل سان شامل راءِ هئي پر ستارا جي هيءَ حالت ڏسي منهنجي ماءُ کي هن تي قياس آيو ۽ افسوس بہ ٿي رهيو هو تہ ستارا بنا ڪنهن بہ سوچ ويچار جي هيءُ کهڙو وٺيل وهائي ڇڏيو هئو. منهنجي ماءُ بہ ڪٽر هندو هئي. هوءَ گيارس، سنتارائڻ، اُماس چنڊ ڪندي هئي ۽ منگل، وسپت واريندي هئي. هن يڪدم مون کي چيو تہ مان هنجي پيءُ عبدل ميان کي سڏي اچان. عبدل ميان منهنجي پاڙي ۾ ئي رهندو هئو. مان ڊوڙي پاسي ۾ ئي عبدل ميان جي گهر ويس. عبدل ميان پاڻ تہ گهر ۾ ڪونہ هئو پر هنجي زال رضيا گهر ۾ هئي. هوءَ گهر کي ستارا جي جنم ڏينهن جي خوشيءَ ۾ سجائي ۽ سينگاري رهي هئي ۽ ان سان گڏ ڪجهہ گنگنائي بہ رهي هئي. هوءَ اڄ تمام گهڻو خوش ٿي نظر آئي. هن مونکي بنا منهن ڦيرڻ جي ئي سڃاڻي ورتو ۽ بنا ڏسڻ جي مونکان پڇيو، ”چو پٽ چندر اڪيلو ئي آيو آهين. ستارا ڪٿي آهي.“

مان هنکي بنا ڪنهن هيل حجت جي ۽ بنا ساهہ پٽڻ جي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. هن جو ستارا جي بيهوش ٿي وڃڻ جو ٻڌي هن جو گنگنائڻ بند ٿي ويو ۽ هٿ ڪم کان رڪجي ويا. مون محسوس ڪيو تہ ڪٿي رضيا بہ ڪري نہ پوي. مان هن طرف وڌي ويس ۽ هنکي ٻانهن کان جهلي هيٺ لاٿو. هُن هيٺ لهڻ کانپوءِ مونکي هڪ زوردار جهٽڪو ڏيئي پنهنجي ٻانهن مونکان الڳ ڪري ورتي. مونکي حيراني لڳي چاڪاڻ تہ هُن مون سان ڪڏهن بہ اهڙو ورتاءُ ڪونہ ڪيو هئو. اڄ اهڙو ورتاءُ ڏسي مان وائڙو ٿي ويس. مان محسوس ڪرڻ لڳس تہ مڙيوئي اڄ ڪو زلزلو اچي ويو آهي جو پهريائين ستارا پوءِ منهنجي ماءُ ۽ هاڻي رضيا، سڀئي ڪو نئون ڪري رهيون آهن.

ڪِڻ کانپوءِ رضيا پاڻ سنڀالي ورتو. هن مونکان پڇيو، ”ستارا ڪٿي آهي.“ مون هنکي ٻڌايو، ”ستارا هن وقت منهنجي گهر ۾ آهي“ . رضيا مونسان گڏ منهنجي گهر تيز تيز قدمن سان هلڻ لڳي. گويا هُنجي پيرن ۾ پر لڳي ويا هُجن. مان بہ هنجي پٺيان تيز قدمن سان هلڻ لڳس. رضيا منهنجي گهر پهچي سڌو ستارا جي کٽ وٽ وڃي بيني. هن ستارا جي مٿي تي هٿ رکيو. ستارا هينئر ڪجهہ ڪجهہ سجاڳ ٿي لڳي. هنجو هينئر ڪنجهڻ جو آواز اچي رهيو هئو. رضيا هنکان وڏي ٻاپوهہ مان پڇيو، ”ستارا ڇا ڳالهہ آهي. پٽ هينئر ڪيئن ٿي محسوس ڪرين.“ ستارا ڪنجهندي ڪنجهندي اُلٽو سوال ڪيو، ”مان ڪٿي آهيان. مونکي ڇا ٿيو هئو. امين تون هت ڪيئن آئي آهين.“ پوءِ هُن مون ڏانهن نهاريو. شايد هنکي سڀ ڪجهہ ياد اچي ويو هئو. هُن مون ڏانهن نهاريندي مشڪيو ۽ پوءِ سوال ڪيائين، ”ڪيئن هاڻي تہ تون ڪيڏانهن ڪونہ

توهان سان نہ تہ سڄي عمر ڪنواري رهندس يا آپگهات ڪندس.''

اِهو ٻڌي منهنجا پير ٻہ ويا تہ ٻارنهن ٻہ ويا. منهنجو شرير ڪنبڻ لڳو. مان اهڙو ڪُڇان جهڙي پٽ، وري بہ مون ستارا کي آٿت ڏيندي چيو، ''ستارا اِهو بلڪل سچ آهي تہ تون هڪ مسلمان ڪٽنب مان آهين ۽ مان هڪ هندو ڪٽنب مان آهيان. جيڪڏهن اسان شادي ڪنداسين تہ اسان جا ٻار ڪهڙي ڌرم جا ٿيندا. مان شاديءَ خاطر پنهنجو ڌرم بدلڻ ڪون چاهيندس ۽ مان اِهو بہ چاهيندس تہ تون بہ صرف شاديءَ خاطر پنهنجو ڌرم نہ بدل. چاڪاڻ تہ مان ٻنهي ڌرمن جو برابر آدر ڪندو آهيان. سنو ائين ٿيندو تہ تون منهنجي ٻاري ۾ پنهنجا ويچار بدلي ڇڏ نہ تہ اسان ٻئي خوامخواه بدنام ٿي ويندااسين ۽ اسانجي بدناميءَ ڪري اسانجا ماءُ پيءُ پڻ بدنام ٿي ويندا. اُن ڪانپوءِ اسانجو جيئڻ تمام مشڪل ٿي پوندو. تون پنهنجو هٺ ڇڏ. مان تہ توکي اڳہ ۾ ئي چئي چڪو آهيان تہ مان توکي ڪڏهن بہ ان نظر سان ڪونہ ڏٺو آهي. تون مون تي ايتري مهرباني ڪر. مان تنهنجو اِهو احسان ڪڏهن بہ ڪونہ ڀلندس. مونکي بلڪل وساري ڇڏ.''

منهنجا اِهي لفظ ٻڌي ستارا جي اکين مان پاڻي نيسارا ڪري وهڻ لڳو ۽ هنجو سرير منهنجي ٻانهن تي پاڻ وڌيڪ زور سان ڪرڻ لڳو. مان محسوس ڪري رهيو هئس تہ هوءَ اِڇها ڪري ڪا ڪري. مان يڪدم هنجي پنيان ٿي ٻينس. جيئن مان هنکي ڪرڻ کان بچائي سگهان. مون محسوس ڪيو تہ هوءَ پوري جي پوري منهنجي مٿان اچي ڪري آهي ۽ منهنجو هنکي هينئر سنڀالڻ تمام مشڪل ٿي پيو آهي. مان هنکي سنڀالڻ لاءِ هم نہ ڪئي تم هنکي پنهنجن ٻنهي ٻانهن تي جهلي پٽ تي سمهاري ڇڏيو. مون ڏٺو تہ هنجون ٻئي اکيون بند ٿي ويون آهن ۽ هنجي منهن جو پنو بہ اڇو ٿيندو ٿي ويو ڇڻ هنجو سمورو رت ڪنهن چوسي ڇڏيو هجي. مونکي اچي ڊپ ورتو. مان هنکي پنهنجن ٻانهن تي کڻي پنهنجي بستري تي سمهاري ڇڏيو ۽ يڪدم وڃي پاڻي کڻي آيس ۽ اُن پاڻيءَ جا ڇنڊا هنجي منهن تي هڻڻ لڳس. آهستي آهستي هن اکيون کولڻ شروع ڪيون. هن اکين کولڻ ۾ ڇڱي دير لڳائي ڇڏي. جيسيتائين هن اکيون کوليون منهنجو ساهہ مٺ ۾ ئي رهيو. مون کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي.

ايتري ۾ منهنجي ماءُ جيڪا ٻاهر رنڌڻي ۾ ڪم ڪري رهي هئي اُها اندر آئي. مون کي اچي ڊپ ورايو تہ ڪٿي منهنجي ماءُ هڪ جو ٻيو نہ سمجهي، چاڪاڻ تہ ستارا منهنجي بستري تي ضعيف حالت ۾ سمهي پئي هئي. ستارا جي اهڙي حالت ڏسي منهنجي ماءُ وائڙي ٿي وئي ۽ هنجون سوالي اکيون مون طرف کڄي ويون. هن مون کان سربستي ڳالهہ پڇي ۽ مون بہ هنکي سڄو احوال بنا ڪنهن لوڻ مرچ جي سچ سچ ٻڌايو. منهنجي ماءُ ٻڌي سراپجي وئي، هنکي اِهو ڄاڻي گهڻو

هنجون نظرون ور ور ڪري در ڏانهن نهاري رهيون هيون. هن مون کي در ڪان اندر لنگهندو ڏٺو تہ هنجون واڇون ٽڙي پيون ۽ يڪدم مون ڏانهن تيزقدمن سان لڳ ڀڳ ڊڪندي آئي ۽ منهنجا ٻئي هٿ پڪڙي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهلي ڇڪيندي پنهنجي ساهيڙين ڏانهن وني هلي. هوءَ شڪايت واري نوع ۾ چوڻ لڳي، ”هيڏي دير- مان تہ در ڏي نهاري نهاري ٿڪجي پيئي هئس. سوچيان پئي تہ ڪٿي توهين نہ اچو.“ هن جو چهرو ٽڙي پيو هئو ۽ هوءَ لڳ ڀڳ ڪلندي ٿي هلي. مان بہ نہ چاهڻان هن جي پنيان کهڙي طاقت جي سهاري ٻنا هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جي نہ چاهيندي بہ ڇڪجندو ٿي ويس. تان جو مون ڏٺو تہ مان ۽ ستارا هن جي ساهيڙين جي وچ ۾ گهريو بيٺو هئس. مون کي ڏاڍو عجب لڳو. هنجون ساهيڙيون مونکي ائين گهيري بيٺيون هيون جيئن چنڊ تارن جي وچ ۾ گهيريو بيٺو هجي. مان اهڙو ٿي ويس جڻ مون ۾ سگهہ ئي نہ هجي جو مان هنهن کان پاڻ ڇڏائي سگهان. مونکي تڏهن ڏاڍو عجب لڳو جڏهن هن پنهنجين ساهيڙين کي واقفيت ڏيندي ٻڌايو تہ هنجو مڱ هئس. هنجون ساهيڙيون مون کي ڏاڍي عجب سان ڏسڻ لڳيون ڇاڪاڻ تہ سيني کي ڄاڻ هئي تہ مان هڪ ڪٽر هندو پريوار جو هئس ۽ هوءَ بہ هڪ ڪٽر مسلمان ڪٽنب مان هئي. سيني جون آڱريون ڏندين ڦاسي ويون. ڪجهہ دير ۾ ئي جشن جو رنگہ ڦڪو پوڻ لڳو. مهمان آهستي آهستي ڪسڪڻ لڳا. ستارا اجا ڪيڪُ ڪونہ ڪٽيو هئو. پر هن جو گهر هاڻي ڪان ئي خالي ٿيڻ لڳو هئو. ڪنهن کي بہ اِهو منظور ڪونہ هو تہ مان يا ستارا شادي ڪري اُن بند کي ٽوڙيون جنهنکي جوڙيندي اسان جا ابا ڏاڏا هن جهان مان هليا ويا هئا.

مان بہ ستارا جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي حيران ۽ پريشان ٿي ويو هئس. مان ستارا ڪان آهستي آهستي پنهنجو هٿ ڇڏائي هن جي ماءُ ۽ پيءُ ڏانهن وڌي ويس ۽ هُنن کي پنهنجن نماڻين اکين سان ڏسڻ لڳس. هوُ بہ مون ڏانهن قياس جوڳي نظر سان ڏسي رهيا هئا. سچ پچ ستارا جي هن رَوَش تي اسان ٽئي چِٽا اِئين لڳي رهيا هئاسين جڻ تہ ڪنهن اسانکي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي هجي. عبدل چاچا ڪان رهيو ڪونہ ويو ۽ هوُ ستارا ڏانهن وڌڻ لڳو. ايتري ۾ رضيا وڌي عبدل کي جهلي ورتو ۽ واپس موٽائي آئي. هن پوءِ ستارا کي ڪيڪُ ڪٽڻ لاءِ چيو. هن ستارا کي چيو تہ ڏيءُ هاڻي تمام گهڻي دير ٿي وئي آهي ۽ گهڻا مهمان هليا بہ ويا آهن. باقي بہ وڃڻ لاءِ آتا آهن. ڪيڪُ جلدي ڪٽ تہ مهمان بہ کائن.“ ستارا ڏاڍي ٻاپوه مان مونکي ٻانهن ڪان پڪڙي ميز ڏانهن هلڻ لڳي. مان نہ چاهيندي بہ هن جي پنيان اِئين هلڻ لڳس جيئن ڳانءِ ٻڇڙي جي پنيان هلندي آهي. هنجو پيءُ هيءُ سڀ ڏسي رهيو هئو ۽ اندر ئي اندر خار کائي رهيو هئو. پر هنجي ماءُ

ويندي. منهنجي جنم ڏينهن جي جشن ۾ ضرور شامل ٿيندين.'' مون هن کي خوش ڪرڻ خاطر چيو، ''ستارا تون چوين ۽ مان نه مڃان. ڀلا اِئين به ٿي سگهندو آهي؟ مان ته تنهنجي جنم ڏينهن ۾ ضرور شامل ٿيندس. تون خيال نه ڪر.'' ٿورو ترسي وري چيومانس، ''اُٿ ته تنهنجي گهر هلون. جنم ڏينهن لاءِ تياريون به ته ڪرڻيون آهن.''

ستارا اُٿڻ جي ڪوشش ته ڪئي پر اُٿي ڪونه سگهي ۽ اُتي ئي ويهي رهي. هن مون ڏانهن نهاريندي سوال ڪيو، ''چندر! مونکي ڇا ٿيو آهي. مان اُٿي ڪونه ٿي سگهان. مونکي پنهنجو هٿ ڏي.'' هن جي ماءُ هن کي ڪو جواب ڏئي يا پنهنجو هٿ ڏگهيڙي، مون پنهنجو هٿ وڌائيندي جواب ڏنو، ''تون مون وٽ آئي هئينءَ، پوءِ تو منهنجي پلنگ تي وهندي چيو هئو ته توکي چڪر ٿا اچن ۽ اُن ڪانپوءِ تون منهنجي پلنگ تي سمهين پئينءَ.'' ستارا مون ڏانهن ڏنو پوءِ پنهنجي ماءُ طرف نهاريو ۽ ڪجهه سوچڻ لڳي. اُن ڪانپوءِ ستارا هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي پنهنجي ماءُ کان پڇيو، ''اَمين تون هت ڪيئن آئي آهين. مان ته چندر کي پنهنجي جنم ڏينهن جي جشن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نينڊ ڏيڻ آئي هئس.'' ستارا منهنجو هٿ پڪڙي اُٿڻ لڳي. رضيا کي اِهو سٺو نه لڳو پر هنکي منهنجي ۽ ستارا جي باري ۾ سڄي ڄاڻ هئي. هوءِ چپ رهي. ستارا به مونکي جشن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ور ور ڪر چوندي، پنهنجي ماءُ سان گڏ اُن جي ٻانهن جو سهارو وٺي پنهنجي گهر هلي ويئي. مان به پنهنجي سائيڪل کڻي پنهنجي آفيس هليو ويس.

شام ٿي آفيس مان واندو ٿي، پنهنجا ڪم ڪار لاهي وقت کان اڳ ئي گهر موٽي آيس. منهنجي ماءُ مونکي ياد ڏياريو، ''چندر اڄ ستارا جو جنم ڏينهن آهي. توکي ته سڄي ڳالهه جي ڄاڻ آهي. اُن ڪري تون هنجي جشن ۾ ضرور وڃ پر خيال ڪري ۽ هنڪان پري پري رهجانءِ. ڪٿي ائين نه ٿئي ته بدناميءَ جو گهانگهو تنهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي. خيال رکجانءِ.'' مون پنهنجي ماءُ جي دل کي پرکيندي نه وڃڻ لاءِ چيو پر هُن مونکي چيو، ''تنهنجو وڃڻ تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته ستارا جي گهر وارن جا سنبنڌ سڄي پاڙي ۾ اسان جي گهر سان عالم آشڪار آهن ۽ وري صبوح واري ڳالهه به ته توکي ياد هوندي. ڪٿي ائين نه ٿئي ته پاڙي وارا ۽ هن جي گهر وارا يا ڇوڪري پاڻ غلط سوچي وجهي ۽ غلط قدم کڻي وٺي. پٽ عقل کان ڪم وٺجانءِ.''

اِهي سڀ ڳالهيون ٻڌي منهنجي دل هن جشن ۾ نه شامل ٿيڻ لاءِ چئي رهي هئي. پوءِ به مان بيدليو ئي سهي ستارا جي جنم ڏينهن جي جشن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هنجي گهر پهچي ويس. مون ڏٺو ته ستارا پنهنجن ساهيڙن جي وچ ۾ ويٺي هئي ۽ هنن سان کلي ڳالهائي رهي هئي. پر

تي چپ ٿي رهيو. پر ور ور ڪري هؤ مونکي ۽ ستارا ڪي ڀانيي رهيو هئو. صرف ستارا ئي هئي جيڪا ڳالهائي رهي هئي ۽ مان صرف هان ۽ هون ۾ ئي جواب ڏيئي رهيو هئس.

ٻئي ڏينهن ئي مون ڏٺو ته عبدل چاچا، رضيا ۽ ستارا پنهنجي گهر جو سڄو سامان هڪ ٽرڪ ۾ چاڙهي رهيا هئا ۽ پنهنجي گهر ۽ پاڙي کي سدائين لاءِ الوداع ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. اُن لاءِ مون پاڻ کي ڏوهاري ٿي سمجهيو. ستارا اڄ تمام گهڻو خوش هئي. هوءَ مون کي ڏسندي ئي مون ڏانهن وڌي آئي ۽ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي گهڻي پيار مان نهاري رهي هئي. ڄڻ هن جو سڄو پيار ڪنو ٿي ويو هجي. هن مون کي چيو، ”توکي خبر آهي ته اسان هتان لڏي ٿا وڃون، ڇاڪاڻ ته سڀڻ ويجها هوندا ته هر وقت ڪجهه نه ڪجهه ڪٽ پٽ پيا ڪندا رهندا. توکي خبر آهي ته اسان هتان ڇو وڃي رهيا آهيون ۽ پوءِ شرارت ڀري نوع ۾ چيائين ته مان جلد ئي توسان پرڻجڻ واري آهيان. منهنجو ماءُ پيءُ اُن لاءِ هاڻي راضي ٿي ويا آهن.“ پوءِ ڪلندي چيائين ته، ”دل ڏکيءَ ۾ رکجانءِ، متان مون سان دوکو ڪرين.“ اِئين چئي هوءَ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ ٽرڪ ۾ وڃي ويٺي.

اڄ ڏينهن تائين مون کي خبر نه آهي ته ستارا ڪٿي آهي ۽ هن جو ڇا ٿيو. نه ئي وري مون هنجي ڪا ڪوج خبر ورتي آهي. وڻان به ته ڪنهن ڪان.


خير جيڪا شادي نه ٿيڻي هئي سا نه ٿي سگهي هئي. شايد هُن اُتي ڪنهن سان شادي ڪري ڇڏي هجي يا وري آپگهات. مان اڄ به هنکي ياد ڪندو آهيان. هنکي ياد ڪري منهنجي اندر ۾ هڪ وڏي نيس پهچندي آهي.

ڌرم جي ليڪ جا تمام وڏي ۽ سنهي هئي پر اُها تمام مظبوط پڻ هئي. هنکي لنگهڻ ڪا سَوَلي ڳالهه ڪونه هئي. پر ور ور ڪري ستارا منهنجي خيالن ۾ ايندي ئي رهندي آهي ۽ مان به هنسان خيالن ۾ ڳالهائيندو آهيان. شايد ڇپن ۾ ڳالهيون پڻ ڪندو آهيان. ڳالهائيندي ڳالهائيندي منهنجي اکين ۾ پاڻي تري ايندو آهي ۽ اندر ۾ جهاتي پائيندو آهيان ته هڪُ وَٽُ پوندو آهي ۽ سوچيندو آهيان ته ستارا اڄ به شايد مونکي ڏسندي هوندي ۽ چوندي هوندي، ”ته چندر مون سان دوکو نه ڪجانءِ.“

مون ته هنسان ڪڏهن به دوکو ڪونه ڪيو هئو ۽ نه ئي دوکو ڪرڻ منهنجي فطرت هئي.

هنکي پاڻهن کان جهلي بيٺي هئي. هن
نہ ٿي چاهيو تہ کا اڻٽيٽي ٿي پوي.
ستارا ڇري جهلي ۽ زوريءَ منهنجو
هٿ پنهنجي هٿ سان پڪڙي ڪيڪُ
ڪٽيو. مون ۽ سيني آيل مهمانن ستارا کي
جنم ڏينهن جون خوب مبارڪون ڏنيون
۽ جيڪي سوکڙيون کڻي آيا هئا اُنهن
سوکڙيون پڻ ڏنيون. نوڪرن ڪيڪ جا
ٽڪرا ڪٽي پليٽن ۾ وجهي مهمانن کي
ڏنا. اُن کانپوءِ عبدل چاچا ۽ رضيا آيل
مهمانن کي روٽي کائڻ لاءِ چيو. سيئي
مهمان کاڌي جي ميزن ڏانهن وڌڻ لڳا
جتي کائڻ جا طعام سجيا
پيا هئا. اُن وچ ۾ ستارا جو
پيءُ عبدل چاچا مون ڏانهن
وڌي آيو ۽ هن مون کي
ڪجهہ چيو جيڪو مان
سمجهي ڪونہ سگهيس پر
هنجي ڳالهائڻ ۽ نظرن مان
اِهو ڀانپي ويو هئس تہ
هنکي منهنجي ۽ سندس
ڌيءُ ستارا جو رَوَيو بلڪل بہ
پسند ڪونہ هئو. مان بہ هنکان الڳہ ٿي
ستارا جي ماءُ رضيا ڏانهن وڌي ويس ۽
هنکي وينتي ڪري پنهنجي مجبوري کان
واقف ڪرڻ لاءِ چيو تہ ” ڏس چاچي
هيءُ سڀ نيڪ ڪونہ ٿيو، پر مان ڇا

ڪريان، مان تہ صرف ستارا کي هڪ سني
پاڙيسرڻ طور پيار ڪندو آهيان. منهنجو
ڪو بہ ٻيو اِرادو ڪونہ آهي. اِن ڪري
هنکي روڪيو نہ تہ ڪٿي ڪوئي ڪيس نہ
ٿي پون يا هوءَ ڪو اُبهرو قدم نہ کڻي
جنهن مان ڪو غلط نتيجو نہ نڪري
پوي. ڏسو هن تہ ڪمال ڪري ڇڏي، هاڻي
ڪجهي ڇا. اسان سيني جو ڪنڌ تہ شرم کان
جهڪي ويو آهي جي مان نہ اچان ها تہ بہ
برو جي آيس تہ بہ برو. هاڻي جلدي هليو
ويندس تہ اُهو سڀ کان برو ٿيندو. پر توهان
خيال نہ ڪريو مان اهڙو ڪو بہ قدم
ڪونہ کڻندس جو اسان
جي وچ ۾ ڪو فرق
اچي.“



ستارا جي ماءُ کي
سچيءَ ڳالهہ جي ڄاڻ
هئي. هوءَ عقلمند ۽
ديريني هئي. هن مونکي
چپ رهڻ جو اِشارو ڪيو.
مان چپ ٿي ويس. جڏهن
سيئي مهمان ماني کائي
هليا ويا اُن کان پوءِ اسان چئني ڳڏجي ماني
کاڌي. اُن وچ ۾ رضيا عبدل کي سڀ ڪجهہ
سمجهائي ڇڏيو هئو. هاڻي عبدل چاچا جي
رَوَش اينتري شوخ ڪونہ هئي جيتري ڪجهہ
دير اڳہ هئي. عبدل چاچا مانيءَ جي ميز

ورانڻيائين، ” چيو چيو،ماٺون .... مالپورا
ڪري ڪائيندس، يعنيٖ لڪي ڪارائيندس
نہ پنهنجي ماڏو لال کي....“ مرتيو سيج
تي ليٽي هوندي بہ سسُ مشڪڻ لڳي
هئي . ٻلهار وڃان هن پيٽوري ننهن تي!

ڪاڏي پيٽي جي لَتَ هنڪي ڏاڍي
آهي ۽ سسُ جي سرڳواس ٿيڻ بعد ڪوئي
روڪڻ وارو تہ رهندو نہ اِهو سوچي هوءَ
ڏاڍو گد گد ٿئي ٿي.

شام جو جنهن ڏينهن سسُ پرلوڪ
سڌاري تنهن ڏينهن هنکي هڪ ويلو برابر
اُپواس رکڻو پيوهو، پر مجبوري هئي ۽
ٻئي صبوح جو ئي زار زار اوچنگارون
پريندي وڏي واڪي چيو هئائين,رات
سپني ۾ سسُ آئي، چيائين ڏني ماڏوءَ
کي گيهر ۽ مالپورا ڏاڍا وڻندا آهن، ضرور
ناهي ڏجانس! هٺ جوڙي چيو مانس، ها
سسُ اڄ ئي!

اوچنگارن جو ٻيو دؤر چالوُ ڪري
اُٿي هئي ۽ ساڳيءَ ريت اوچنگارون
پريندي اُهي، طعام تيار ڪيا هئائين-
پنهنجي لاءِ نہ، پر ماڏوءَ لاءِ.

نندڙي ماڏوءَ کي مرڻ ڄمڻ جون
ڳالهيون تہ ڇا سمجهہ ۾ ايندڀون. گهر
۾ گهٽني زالون مردن کي ڪنو ٿيل ڏسي ۽
اُنهن مان ڪيترن کي روئندو ڏسي پنهنجي
پيءُ کي ڏونڌاڙيندي چيو هئائين،
”دادا، نونان ڪاٽي آهي؟ مونکي وني
هلو ني نونان وٽ نہ تہ مان بہ روئندو
مانوءَ....

گم سم ويٺل هنجو پيءُ، ڪيس
ڇڪي گود ۾ ڪيو هو ۽ اندر ئي اندر ۾
ڳوڙها پيئندي ڪجهہ نہ ڪچيو هئائين.
گوڙ نہ وڻندي بہ وڻي ٿو. حق تي چيو
اٿائون تہ، اِنسان سماجڪ جانور آهي.
دي مئن اِز اَ سوشل ائنيمل.

ڳوڙ ۾، مجمي ۾ گڏيل ڪٽنب ۾،
ڪلب ڪمپنيءَ ۾ اِنسان پاڻڪي سرڪشت
ياتئي ٿو. اڪيلائپ هنکي ڪاٽڻ تي اچي ۽
ڪيترو بہ شانت پريہ اِنسان، هجي چاهي
يوگي ڪجهہ نہ ڪجهہ سميہ ٻين اِنسانن
جو، ڳوڙ گهمسان جو سنگہ چاهي ٿو.
اڪيلائيءَ جا ڪيترا من گهڙت چاهي سچا
پئہ ٻين جي موجودگيءَ ۾ گم ٿي ٿا وڃن.

اڪيلائي ئي وڏي ۾ وڏو پئہ آهي.
اِنسان جي اِنسان کي حالتن جي وڏي ۾
وڏي سزا آهي قئدين کي جڏهن ڪڙي سزا
ڏيڻي هوندي اٿن تہ اُنهن کي ساليٽري
ڪنسائينمينٽ ۾ رکندا آهن. ديوان جو
اِئين ئي تہ گڏيل ڪٽنب آهي. وري گهر
ڏياڙيءَ جي مرتيو تي پريان اوريان
ڇڱائي مائٽ اچي ڪنا ٿيا آهن. تيرهن
ڏينهن تائين ڪافي روچ راڙو هلندو رهيو
۽ گهمسان متو رهيو. ننڍو ماڏو اُن شورغل
۾ پنهنجي ماتا کي لڳہ ڀڳہ وساري وينو.

رکي رکي ياد اچي ٿي تہ دلداري
ڏيڻ واريون، پيار دلار ڪرڻ واريون گهٽيون
ئي زالون گهر ۾ آهن. ڏني بہ تہ آهي. هي

مذر ماڏو مونجهاري ۾

گرڌر لوڪرام ڏوڏيجا

”رات سپنو ڏٺو! ها ڏني، سپني ۾ نونا چيو، هلي آ. تون مون وٽ هلي آءُ لال .... سچ ٿو چوان ڏني، سچ پچ نونان امي هئي.“

”هل ماريا! تو وٽ وري ڪيئن آئي؟ رات ته سسُ مون وٽ آئي هئي. اڳليءَ رات به آئي هئي. سدائين سرڳ ۾ سکي آهي. بلهار وڃان، مونکي درشن ڏنائين ئي! تو وٽ وري ڪٿان ايندي!“ غصي پريل لهجي ۾ ڏنيءَ چيو، ”اڄي پاڻهين ته ٻڌايانس تنهنجا حفال ته ماڏو هيئن ٿو وينو اناپ شناپ وڦلي...“

پاڇائي ٿي ڏني ماڏوءَ جي. نونا، ماڏوءَ جي ماءُ تازو ئي گذاري ويئي آهي.

مرڻ وقت پنهنجي انن سالن جي هن ننڍي ۾ ننڍي پٽ جي ٻانهن وڏي ۾ وڏي ءَ ان وقت اڪلوتيِ ننهن کي سونپيندي چيو هئائين، ”مٿان ٻه ڏسندي مانءَ ته منهنجي پٽڙي کي ڪيئن ٿي رکين.“

ڪنڌ هلائيندي ڏنيءَ چيو هو، ”پلي پلي ڏسجو. مان پنهنجي اکين جو تارو ڪري رکندس ماڏو لال کي.“

نهايت ئي جڙ موڊ آهي هيءَ استري. هن جي سسُ ڄاڻي ٿي. پر ڇا ڪري؟ جنهن پڳوان وِٽان سڏ ٿيو آهي، اُهو ئي منهنجي هن ابهم جي ٻه رکيا ڪندو، سار سنڀال لهندو. ننهن کي ته ايئين پنهنجي من کي تسلي ڏيڻ لاءِ چئي رهي آهيان. وڃي ڇا ٿو! وڃي ڇا ٿو! ڏني ٻه ايئين سوچي ٿي. سسُ کي دلجاءِ ڏيڻ ۾ وڃي ڇا ٿو؟ مري ته سهين، خوب مزا ڪنديس. سچو رنڍٽو ئي جڏهن منهنجي ملڪ ٿي ويندو. رنڍٽي جي راڻي ٻڻجي وهندس. ڪوئي روڪ ٽوڪ ڪرڻ ڏسڻ وائسڻ وارو ته رهندو نه. خوب سيرا پوري ڪري ڪائيندس ۽ ايئين وات مان نڪري ويس، ”مالپورا ٻه...“

سسُ پڇيو، ”ڇا چيئه؟“ گهبرائجي



نالو	:	گرڌر لوڪرام ڏوڏيجا.
جنم	:	شڪارپور، ۱۹۲۱.
ڇپايل ڪتاب	:	۳۰ سنڌيءَ ۾، ۲ هنديءَ ۾ ۽ ۲ انگريزيءَ ۾.
پتو	:	۲۵، ڪرشنا ڪنج، ميموري لين، ونوري، پونا-۴۱۱۰۴۰.

هن نڪمي ، ڪاڏي جي ڪوبلي ننهن وٽ هڪ دفعو ، سپني ۾ به سسُ آئي هوندي اُن ۾ به شڪ آهي، پر ڏنيءَ جي وائي بادي من گهڙت عقس ۾ به بادام روغن جي خوشبوءِ آهي.

ڪرڙي هوندي اتس پنهنجي من ماني، پر اُن لاءِ هدايتون مليل هونديون آهن، اُنهن وٽان جيڪي يا ته ديوي ديوتائون هوندا آهن يا مري ويل مٽ مائٽ!

اهڙي ماحول ۾ ماڌو اُسرڻ لڳي ٿو. وڏي ۾ وڏو ياءُ، ننڍي ۾ ننڍي ڪي ظابطي ۾ رکڻ ٿو چاهي ۽ جاتي چڙوائڻي ناهي، اُتي به هن متان بندن رکي ٿو. سادگيءَ جا، وڏن جي ادب ۽ شيوا ٽهل جا سبق لڳاتار هن ڪي پڙهائيندو تو رهي. ماڌوءَ ڪي به چڪي ڪري پاٽڪي لڇمڻ ريکا جي اندر رکڻو تو پوي. ڪرمون ۽ لوڪو ڪجهه نرالي رنگ ۾ رتل آهن. وڏي ياءُ ڪي ٻُڌڻ جي هنن ڪي پرواهه ناهي. پتا جڏهن ڪنترول نه رکيو ۽ هنجي نه رهڻ تي به ياءُ جي هدايتن جو اکر به اکر پالن چو ڪن!

”اڙي ڊڦور شنڪر!“ ڪرمونءَ ٽوڪيندي، ”پاڻ ڪان تورو ئي وڏي ڪي جهٽ پيرين پوڻ جي کهڙي ضرورت اَتي. ڏورانهون سوٽ ايسر توڪان هڪ ڏينهن ئي ته وڏو آهي.... پيرين پئي پئي ائين ته پنهنجي چيلهه ئي ڇٻي نه ٿي پوئي.“

ماڌو پوءِ به پيرين پوڻ ڇڏي نٿو. ڪنڌ جهڪائڻ ۾ هنکي هڪ قسم جو آنند ٿو محسوس ٿئي.

چند رات جو ته نه صرف سيني وڏن متن مائٽن ڪي پر پوري گهٽيءَ جي بزرگن ڪان وچي آسيس وني ٿو.

پاٺرن جي فرمائش جي بجاوري جيئن فرحتي نموني ڪري ٿو، تيئن وڏن ڪي پيرين پوڻ ۾ به هنکي ڪا ئي جهجهڪ محسوس نٿي ٿئي.

ڪي ماڻهو ٿيندا آهن جنکي صرف برسات ۾ ئي ڇتي ڪپندي آهي، ڪن ڪي اُس ۾ به، پر هي سنت اهڙو آهي جو هنکي بارهان ئي مهنا ڇتي ڪپي ٿي. سچو جڳتر هن لاءِ ڇترڇايا آهي. هو اُن ڇترڇايا هيٺ پاٽڪي سرڪشت رکڻ ٿو چاهي.

ماءُ روپي ڇتري ڏهن سالن تائين به نه رهي، پيءُ روپي ڇتي به جلدي ڦاٽي پيئي. پاٺرن ۽ پاجائي روپي ڇتيءَ هيٺان آسرو ڳولهي برسات اُس ڪان پاٽڪي بچائڻ لڳو.

برسات اُس ڪان ڪٽي بچي به پر طوفان واچورن ڪان ڪيئن بچي!

تڏهن هن جي وڏوا سوٽ پاروتي، ديوي پاروتيءَ جي روپ ۾ جڻ ته طوفان واچورن روپي راڪشن ڪان هنجو بچاءُ ڪرڻ لاءِ پرگهٽ اچي ٿي.

پاروتيءَ ڪي هڪ هي پار هو. ماڌوءَ

ئي تہ موقعو آهي دنيا کي ڏيکارڻ جو تہ هوءَ ڪيترو نہ پيار ڪري ٿي ۽ خيال رکي ٿي پنهنجي ڏيرجو. پوءِ تہ سڀ هليا ويندا هنکي هڪ هڪ وٽ وڃي پنهنجي پيار محبت جا داستان پلٽٽا پوندا. تنهن کان تہ هي ڪم سولو نہ آهي؟ ساموهڪ پبليسٽي! پوءِ بہ ڪجھہ مائٽ ٽِڪيا رهيا ۽ ٻن ڇئن مهنن بعد گھر جو گاڏو ڪنهن سنوت تي اچڻ لڳو. سنوت تي ڇا، پاڻکي ڏنيءَ جي ميزان تي آڻڻ لڳو. گھر جا سڀ ياتي ڏنيءَ جي ٻؤل تي پاڻکي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. جي ناڪامياب رهيا، تہ گھر کان جيترو ٿي سگھيو، پري رهڻ لڳا.

گھر جي ڇڪ، ممتامئي ماءُ ٿي نہ رهي تہ اهڙو گھر ڇڻ آتما بنا اِنسان بڻجي پيو.

ماڏوءَ جي پتا جو ڏنڏو ڳوٺ کان چاليھہ ميل پري هلندو هو. هوئڻ در هفتي بہ ڏينهن ڳوٺ ايندو هو. هاڻي مهني ماس هڪ ڏينهن بہ مشڪل سان اچڻ لڳو. ڪنعيو وڏي ۾ وڏو پٽ ۽ ننڍي ۾ ننڍو ماڏو ۽ هنکان بہ وڏا پٽ ڪرمون ۽ لوڪو ٻالڪپڻ ڪافي اڳہ پار ڪري چڪا هئا ۽ ڪرمچند لوڪورام کان بہ سال کن ننڍو هئو ماڏو هنکان ڏهہ سال ننڍو آهي.

هي ٻئي وڏا ڀائر بہ ڀيءَ سان گھڻو وقت گھارڻ لڳا. ماڏو جي ايتري عمر نہ هئي جو هنن سان ڪنو رهي سگھي يا ڪنو رانديون رونديون رمي سگھي، نہ کي ايتري ننڍي عمر هئي جو ڀائرن، ڀيءُ ڇاهي ٻين مائٽن جو پيار دلار پائي سگھي، جو هڪ ابهم ننڍي ٻار جو حق ٿئي ٿو.

هنجي اوسٿا بي بناهہ، ڦوهہ ٻالڪپڻ جي هئي. ڪيترا ويچار، ڪيترا اُڌما هنجي دماغ ۾ اڏ ڪڇي، اڏ پڪي اوسٿا تي هئا. وڏن جو جهٽ نقل ڪرڻ لڳندو هو.

پھرين تہ ڪجھہ دفعن جي نقل بعد خود سوچڻ لڳندو هو ۽ جيڪا ڳالھہ دماغ نہ سويڪار ڪندو هوس اُنجونقل ڪرڻ ڇڏي ڏيندو هئو.

ياڇائيءَ جي رومانٽڪ ڳالهيون ٻڌي هن بہ ڇيو هو تہ نونان منهنجي ماءُ مون کي سپني ۾ سڏي رهي آهي! ٿي سگھي ٿو تہ نونان هن کي سپني ۾ سڏيو هجي. ڏينهن رات جيڪي ٻڌجي ٿو، اُهي ئي ڳالهيون تہ سپنن ۾ ايندڻون آهن ۽ هن ٻالڪ جي اندر ۾ جيڪا تيوَر ڀاونا ماءُ سان ملڻ جي، اُن جي جدائي نہ سهي سگھڻ جي پيڙا جي سپني جو روپ وٺي تہ حيراني کھڙي!

اُن ڪري ڏنيءَ جو غصو بي واجب آهي. ڇا سپني ۾ اچڻ جي هڪ هتي سسُ صرف هن کي ئي ڏني هئي! ڳالهين کي رومانٽڪ انداز ڏيڻ ڏنيءَ جي سڀاوَ جو هڪ انگہ بڻجي چڪو آهي. سسُ سپني ۾ روز اچي سيرن مالپورن ناهڻ جون هدايتون ڏيئي وڃي ٿي ڇڻ ننهن کان حلوائيءَ جو دڪان کولائڻو اٿس!

خرچ لاءِ ڀائر ڦانڊي ڪري ٿورا پئسا هن ڪي ماهواري ڏيندا هئا ۽ روٽي ڪنهن نہ ڪنهن ڀاءُ وٽ واري وٽيءَ سان کائيندو هئو. گگدام گانئن جيئان روٽيءَ مهل اچي وهندو هو. ڦلڪو هڪ اڌ گهٽ ملي يا وڌ، پاپڙ ڪناڻ هجي يا نہ هجي، انب هن وٽ پهچندي پهچندي خلاص ٿي وڃي. ڪجهہ نہ ڪڇي. کائي اُٿي ڪڙو ٿيندو هو.

پنهنجي هيننا جي ڀاونا ڪي لڪائڻ لاءِ شرير جي ناه نوه تي وڏيڪ ڌيان ڏيڻ لڳو هو. شڪل تہ اڳہ ۾ ئي ناهوڪي هئس، اُن ڪري وڏيڪ محنت ڪرڻي نہ پوندي هيس.

ڏاڙهي ڏينهن ۾ ٻہ دفعا لاهيندو هو. بوٽ ٻہ روز پالش ڪرائيندو هو ۽ گنجي سٿڻ ڪي ٻہ ڀاڻ هي استري ڪندو هو.

بي. اي. تہ آنرس ۾ پاس ڪيائين. وڏيڪ پڙهائڻ جي جوکم کڻڻ لاءِ ڀائُر تيار نہ هئا. وقت آيو آهي هوُ پنهنجن پيرن تي بيهي. هيڏو ڏگهہ اچي ٿيو. اچا گهڻو پاليندا سين هنکي. پنهنجا ٻہ تہ ٻار آهن، اُنهنجي آئينده جو ٻہ تہ سوچڻو آهي.

ٻي مهاياري لڙائي پوري جوش ۾ چالو هئي ۽ پوري ملڪ جي ايڪاناميءَ ڪي ڊانواڊول ڪري رکيو هئائين.

ڀاءُ جي هٿ پير هڻڻ سان نوڪري تہ ملي ويس پر جوکائتي. ملٽري بيس جي. ڪنهن ٻہ وقت فرنٽ تي وڃڻ جو سڏ تي تي سگهيو ۽ ٿيو. پوري گهر ۾ وائويلا مچي ويئي. ڪرمچند ڪي ٻيو چاڙهوئي نہ رهيو، سواءِ رشوت ڪارائي ماڌوءَ ڪي نوڪريءَ مان ڪڍايو ويو.

نئين سري سان ماڌوءَ ڪي زندگي شروع ڪرڻي پئي.

موڳو ماڌو مدمست موهنيءَ سان مڻجي ويو.

ڇوڪري ڏسڻ مهل پاروتيءَ هن کان پڇيو، ”ڪيئن لال رامايڻ ڀاڳوت پڙهيا تي؟“

”نہ“. هن مشڪندي ورندي ڏني.

”جپ صاحب، سکمني پڙا؟“

”سُڪولي ڪتابن کان سواءِ منهنجي ڏيءُ صرف هڪ هي ڪتاب پڙهيو آهي.“ موهنيءَ جي پتا وراڻيو.

”عمر خيام!“ موهنيءَ هلڪو ٺهڪ ڏيئي وراڻيو.

پاروتيءَ ڀانيو، هوندو ڪوئي صوفين جو ڪتاب. باقي ماڌوءَ ڪي منجهيل مست جهٽڪو لڳو. ڪتاب پڙهيو اٿائين سو تہ نيڪ، پر جي اُن تي عمل ٻہ ڪندي هوندي تہ مون ڪي ڀاڙي پئجي ويندو.

سيني ڪي خبر آهي تہ موهنيءَ جي پيءُ شراب ڪباب جو ڏاڍو شوقين آهي ۽ اُن ۾ پنهنجو ڪافي ڌن دڦ ڪندي شاهوڪار طبقي مان وچولي تي پهچي چڪو آهي. ڪٽنب ڦبيلو ڪافي اٿس، پر ڪنهن ٻہ ڌيءُ پٽ ڪي پيءُ جون عادتون پيل نہ آهن جو سندن ماءُ ٻارن ۾ سنا

جي عمر جيتري ڏيءُ. مڙس اچانڪ گذاري ويس ته ماڌوءَ جي پتا، پاروتيءَ جي چاچي هن مٿان هٿ رکيو ۽ پنهنجي گهر جي واڳ ڪٽي هن کي سونپيائين.

ديا روپي اُن هٿ ڊگهيرڻ ۾ هنجو سوارٿ به هو. ننهن ڏيءُ جي حفالن جي سُڌ هئس. هوءَ ته هئي صرف ڪاڏي جي ڪوبلي بيو ته ڪوئي گهر جي سار سنڀار جو آياس هئس ڪونه. وري شڪارپور ڇڏڻ لاءِ هنجو وڏو پٽ به آتو هو. سو هنن کي رخصت ڪري، گهر جو ڪارو بار پنهنجي ڪشل وڏوا ڀائٽيءَ جي هٿن ۾ سونپي، ڀائي نشچنت ٿي وينو هو.

پاروتي سچ پچ ته ديوي هئي ۽ گهر جي مينيجمينٽ سنڀالڻ ۾ نهايت ئي ڪشل هئي.

پنهنجي ڪروڻ هرديه، مٺي سڀاءَ ۽ دورانديشي نظرسان ئي سيني ڀاتين کي ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجي وس ڪري رکيائين.

چاچس جلدي گذاري ويو ته هنجي جوابداري وڌي ويئي.

ماڌوءَ سان ناحق ٿيندو ڏسندي هئي، پلي پنهنجن ڀائرن کان ته به اُنهن جي ڪن مهٽ ڪرڻ کان هچڪچائيندي نه هئي. ننڍي ڀاءُ کي هيئن ويهي بيگار ۾ وهائن، اُهو اُن ڀاءُ کان ته سنو ويندو هو، پر پاروتيءَ کان سنو نه ٿيندو هو.

اڄ نه سڀان هنڪي به ته پنهنجي زندگي ناهڻي آهي ڪين نه، اُن وقت هن سوارٿ ڀري سنسار ۾ هن ساڌو پرڪرتيءَ واري شخص جي ڪير ڪم ايندو؟

هن ظالم سنسار ۾ ايترو سرل ساڌو بڻجڻ ٺيڪ نه آهي.

مئٽرڪ ۾ وڏو ڏڏڪو رهيو ماڌوءَ کي. هميشه ڇڱن نمبرن سان پاس ٿيندي، مئٽرڪ ۾ اچي فيل ٿيو.

''اڙي دئوس هي ڇا!'' ڪرمچند چمات وهائيندي چيو، ''هيترا تو مٿان پئسا خرچيا سيني اُميدن مٿان پاڻي ڦيري ڇڏيئه؟

لوڪرام به وڏا انسنا ٻڌا هئا ته ڀاءُ کي آءِ سي ايس آفيسر بڻائيندس پر....

ائين ته ڪرمچند به هڪ دفعو امتحان ۾ فيل ٿيو هو،پر هنجي ٽائيم تي ڪرمچند کي ڇڏي باقي سڄي جڳت کي ڏوه ڏنو ويو هو، پر ماڌوءَ جيصورت ۾ اي ڪان زيڊ تائين سمورو ڏوهه هن مٿان ئي مڙهيو ويو هو، ڇو جي وڏي ڀاءُ ۾ ڪاميابيءَ جو سهرو پنهنجن ڪلهن تي ٻڌڻ جي ڪلا آهي، جيڪا هن ۾ ناهي.

هيسيل نينگر وڏيڪ هيسجي ويو ۽ آتم وشواس جو ڏيري ڏيري وڌي رهيو هئس، اُنم رڪاوٽ اچي وئي.

چاهي ڇهن مهنن بعد مئٽرڪ ۾ پاس ٿيو ۽ بي. اي. جي ڪورس لاءِ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين.


رهڻ به مينارام هاسٽل ۾ لڳو. هٿ

ريشما

ايم. ٽي. پاڻيا

هن وٽ ڇا نہ هو؟ هن وٽ سڀ ڪجهہ هو. هنجي عمر چڙهندي پيي ويئي. سندس مان ڪم ڪرڻ جي شڪتي گهٽجي رهي هئي. هن سمجهو تہ پٽ جي شادي ڪرائي سکہ جي ننڊ ڪندس. اِهو سندس محض هڪ سپنو هو. هنجو نالو ريشما هو. جهڙو سندس نالو هو، اهڙي پاڻ ريشم هئي. هوءَ شڪل جي سهڻي، بدن جي سنهي، ڪارا وار ۽ ڳالهائڻ جي مٺي هئي. سندس ڪارا وار سندس سهڻي ڇهري تي ڪارن بادلن وانگر پيا مهڪندا هئا. هوءَ ڪاليج ۾ ڊرامن ۾ پارٽ ڪٽندي هئي. هوءَ سٺي اداڪاري ڪندي هئي. ڪاليج جو اُهو ڊرامو اڌورو هوندو هو جنهن ۾ هوءَ پارٽ نہ ڪٽندي هئي. ڪاليج جا پروفيسر ۽ پرنسيپال ڪيس پارٽ ڪٽڻ لاءِ زور پريندا هئا. سندس هم ڪلاسي بہ ڪيس ڊرامي ۾ اداڪاري ڪرڻ لاءِ پڻ ستائيندا هئا. ريشما هميشهہ ڊرامي ۾ ماءُ جو پارٽ ڪٽندي هئي. سندس ماءُ جو پارٽ اهڙو هوندو هو جو ڏسندڙ روئي وهندا هئا. ريشما جي ماءُ جي اداڪاري ڏسي ڏسندڙن جي منهن مان اُف! جو آواز نڪرندو هو تہ ڪڏهن ڪڏهن وري ڏسندڙ واه واه ڪندا هئا. تاڙيون وڄائي سندس عزت ڪندا هئا. سندس اداڪاري ڪري ڪيس ڪافي اِنعام مليا هئا. جيڪي هن پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ سجائي رکيا هئا.

ريشما سان گڏ رام پڙهندو هو. ريشما ۽ رام ٻئي ڄڻا ڪاليج جي پهرين سال کان هم ڪلاسي هئا. رام بہ ڊرامن ۾ پارٽ ڪٽندو هو. هن کان سواءِ ڊرامو اڌورو هوندو هو. ٻئي ڄڻا جيستائين ڪنهن بہ ڊرامي ۾ نہ هوندا هئا تہ ڊرامو ٻسو، ٻسو پيو لڳندو هو. رام ۽ ريشما پڙهڻ ۾ ڏاڍا هوشيار هوندا هئا. ٻئي ڄڻا هميشهہ فرسٽ ڊويزن ۾ ايندا هئا. ٻنهي ڄڻن ايم. اي. پاس ڪئي. سندس زندگي بہ هڪ ڊرامي وانگر ٿي ويئي. ڊرامن جي زندگيءَ کان پوءِ ٻئي ڄڻا سنساري زندگيءَ ۾ اچي ويا. ٻنهي ڄڻن شادي ڪئي. ٻنهي ڄڻن سا ڳئي محڪمي ۾



نالو : ايم. ٽي. پاڻيا.

جنم : ٢١.١٢.١٩٢٨.

ڇپايل ڪتاب : سنڌيءَ ۾ ٧ .

اِنعام : راجستان سنڌي اڪادمي طرفان راجستان سطح تي.

پيشو : رٽائرڊ سليڪشن گريڊ ٽيليفون اِنسپيڪٽر.

پتو : پاڻيا ڀون، مڪان نمبر-٢٥/٥٠٨، پانگہ پاوڙي، اجمير-٣٠٥٠٠١.

سنسڪار وڃهندي ڇا نوسيندي رهندي آهي. پنهنجي بربادي ۽ مٿان گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي ٻارن کي شراب ڪباب کان اُٿ جيتري دوريءَ تي رکندي آئي هئي. راڌاسوامي مت ۾ شامل ٿي نه صرف پاڻ 'نام' ورتو هئائين، پر ٻارن کي به وٺايو هئائين. راڌاسوامي نام روپي قلعي ۾ سرڪشت ٿي پتيءَ جي شراب روپي ٻاڻن کان ڪٽنب کي بچائي ويني هئي.

ناني به اهڙا ڳولهيندي هئي جيڪي عمر خيام کي پنهنجو گرو ڪري نه مڃيندا هئا، پلي پوءِ راڌاسوامي گروءَ کي به نه مڃيندا هجن.

موهنيءَ کي ماءُ جي سڻي سنسڪارن کان پيءُ جي ڪُسنسڪارن طرف وڌيڪ ڇڪ ٿيندي هئي، پر ايتري جرئت نه ٿيندي هئس جو سڻن سنسڪارن خلاف بغاوت ڪري!

پتي به وري اهڙو سنسڪاري مليس جو ٻين جي فاسٽ لائيف ۽ ڪلب جوا جون صرف ڳالهيون ٻڌي ٻڌائي پنهنجي اُڃ مٽائيندي هئي.

ماڌو به عمر خيام جو رکي رکي پاٺ ڪندو هو. هن کي عمر جي هڪ ڳالهه ڏاڍي وڻندي هئي. اڄ جو فڪر ڪر، سياڻو پنهنجي چنتا پاڻ هي ڪندو!

هنجو چاهي سندس پتيءَ جو اڄ نهايت ئي بي رنگ، رٺو راتيو هو ۽ ائين سال گذري ويا. چار ڏيئر ۽ آخر ۾ هڪ پٽ. پائي پائي ڪري جوڙيندي. هڪ هڪ کي شينهن ڪلهي چاڙهيندو ويو. ناني جيڪي به ورتائين، سپ گهٽ وڌ ماترا ۾ ڪاڏي پيتي جا شونقين. موهني اُنهن مٿان گهور گهورا پيئي ويندي هئي ۽ ماڌو ڳڙندي سڙندي اُنهن جا ناز نخرا پورا ڪندو هو.

پٽ ساماڻو. نانين کان پٽ کي پري رکڻ جي ماڌو ناڪامياب ڪوشش ڪندو رهندو هو. نانين مٿان نه هنجو ظابطو هو ۽ ٿي به نه ٿي سگهيو، باقي جي پٽ به اُن رنگ ۾ رنگجي ويو ته خدائي خير ڪري. پر ماڌو جهڙن سرل چت لوڪن سان کيچل ڪرڻ ۾ وڏاتا کي به مزو ايندو آهي.

رڪڙيءَ جي ڏينهن، رڪڙي ٻڌائڻ پٽس ويو ته موٽندي پيٽوئيئي شراب پياري بچيل بوتل ڏيندي چيائينس، ''ڏيجان پيءُ کي به پيئڻ سيکار. اڃا گهٽي عمر ٻسي ٻسي گذاريندو''....پيءُ کي گلاس ٿمائيندي پٽ چيو،'' ڪم آن پپا، ليٽ اَس اينجاءِ لائيف کي ڪجهه ته ڪلر فل بڻايو''گلاس هٿ ۾ جهلي ماڌو سوچ ۾ پئجي ويو: عمر چڙهي چڪي. الائي ڪڏهن ڪال ديوتا جو سڏ ٿي وڃي ۽ مٿي به ته سرڳ لوڪ ئي ملندو، اِها ته خاطري آهي، اُتي جي اپسرائون سوم رس جو پيالو هٿ ۾ ٿمائن ته ڇا هنن کي اِنڪار ڪري سگهندس؟

ماڻهو مڙر، پر مڏ مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيس!!

امان اکر ٻڌندي هئي تہ سندس کان چڙ ڪ نڪري ويندو هو. هوءَ سوچ ۾ پئجي ويندي هئي تہ هوءَ سچ پچ ايڏي ٻڍي ٿي وئي آهي ڇا؟ موڪلن جي ڏينهن تي راجيش ۽ چيتنا کو نہ کو ٻهانو ڪري نڪري ويندا هئا. چيتنا جو پٽ اڃا ڏاڏيءَ سان پوري طرح هريو ڪونہ هو. ٻاهر جو ڪم بہ ريشما کي ڪرڻو پوندو هو. هوءَ گهر ۾ اڪيلي وينئي هوندي هئي.

هڪڙي ڏينهن راجيش ماءُ کي چيو، ”امان چيتنا جي طبيعت ٺيڪ ڪونہ ٿي رهي. مان کيس ڪلاڪ کن ۾ ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچان ٿو. تون تيستائين نندي ٻٽبو يعنيٰ کِہ پوٽي کي سنڀال.“ ائين چئي کري ٻئي ڄڻا هلي ويا. ريشما جي طبيعت تہ ٺيڪ ڪونہ رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن جي دل ۾ خيال ايندو هو تہ گهر ڇڏي وڃان پر گهر ڇڏي ڪيڏانهن وڃي؟ کيس گذر تہ ننهن پٽ سان ڪرڻو آهي. راجيش سندس لاءِ سڀ ڪجهہ هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس ننهن بہ کيس طعنا هڻندي هئي تہ تون ڇاتي



ڪرين؟ سڄو ڏينهن وينئي آرام ڪرين. ننهن جا اِهي اکر ٻڌي کيس ڏاڍو دڪہ ٿيندو هو ۽ پنهنجو پاڻکي چوندي هئي تہ ايشور هيئنر گهرائي وٺي.

راجيش ۽ چيتنا ٻئي ڄڻا پنجي بجي شام جو گهر مان نڪتا هئا مٿان رات جو ٩ اچي ٿيا پر ٻنهي جو کو بہ پتو ڪونہ هو. ريشما جو پوٽو ماءُ پيءُ کي نہ ڏسي ڪري روئڻ لڳو. اينتري قدر پي رُنو جو هو چپ ٿي نہ پيبو ڪري. اُنهيءَ ڏينهن روٽيءَ واري مائي ۽ ٻٽبوءَ کي سنڀالڻ واري مائي بہ ڪونہ آيون هيون. پاڙي وارن بہ ڪافي ڪوشش ٻار کي چپ ڪرائڻ جي ڪئي، پر ٻار چپ ئي ڪونہ پيبو ڪري. ريشما کي رکي رکي خيال پئي پيدا ٿيا تہ ٻنهي ڄڻن کي چار ڪلاڪ نڪتي ٿيا آهن، پر سندن کو بہ پتو ڪونہ آهي. ڀڳوان خير ڪري. روٽي ڪرڻ واري مائيءَ جي نہ اچڻ ڪري، ريشما کي خيال ٿي پيو تہ روٽي ڪير تيار ڪندو؟ هڪ طرف ٻار جو تنگ ڪرڻ ۽ ٻئي طرف ريشما

نوڪري ڪئي. ٻنهي جي پگهار سٺي هئي.
ٻنهي ڄڻن پرموشن وٺڻ کان اِنڪار ڪيو.
ٿوري وقت کان پوءِ کين پٽ ڄائو جنهنجو
نالو راجيش رکيائون. هو اڄ ننڍو سڀاڻي وڏو
ٿيندو پي ويو. هو به هڪ سٺو ڪلاڪار هو.
راجيش به پنهنجي پيءُ ماءُ وانگر ڊرامي
۾ پارٽ ڪٽندو هو. هوُ ايم. اي. پڙهندو هو.
راجيش سان گڏ چيتنا نالي ڇوڪري
پڙهندي هئي. راجيش جو هنسان پريم
تي ويو. چيتنا به ڪاليج جي ڊرامن ۾
هيروئين جو پارٽ ڪٽندي هئي. اُنهي
ڪري چيتنا جو سڀاءُ ڪڙڪ هوندو هو.
راجيش پنهنجو اِرادو چيتنا سان شادي
ڪرڻ جو ڏيکاريو. سندس مائٽن کي ڪو به
اعتراض ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته هو سندن
اڪيلي اولاد هئي. اُنهيءَ ڪري رام ۽
ريشما نٽي چاهيو سندن پٽ جي مرضيءَ
جي برخلاف وڃن. هنن راجيش جي شادي
چيتنا سان ڪرائي. راجيش پنهنجي
ڪاليج ۾ ليڪچرار تي لڳو. چيتنا ڪلارڪ
تي ڪنهن آفيس ۾ لڳي. ٻئي ڄڻا نوڪري
ڪندا هئا. چيتنا جو سڀاءُ عياشي هو ۽ هوءَ
سست هئي. گهر جي ڪم ۾ هٿ ڪونه
وجهندي هئي. راجيش زال جو مڄوُ هو. هو
پنهنجي زال کي ڪجهه به ڪونه چوندو هو.
جيئن ته ريشما ڊرامن ۾ ماءُ جو پارٽ ڪٽندي
هئي تنهن ڪري هن جي دل ۾ ماءُ جي
ممتا هوندي هئي. ممتا سان گڏو گڏ ماءُ جو
پيار ۽ گهر جي جوابداري ڇٽيءَ طرح
محسوس ڪندي هئي. سندن گهر به سرڳه
برابر هو. سيني جي زندگي آرام سان پئي
گذرندي هئي. ڀڳوان کي شايد سندن خوشي
منظور ڪونه هئي. ايشور هڪ ڏينهن رام
کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. ريشما جو ڄڻڪ
سڀ ڪجهه لٽجي ويو. هوءَ اڪيلي ٿي
پيئي. ڪيس خبر هئي ته هڪ وڌوا جي
زندگي ڇا ٿيندي آهي؟ هن وڌوا جي
زندگي ڊرامن ۾ اَدا ڪئي هئي، پر هيئنر
سندس لاءِ هڪ سچي زندگي ٿي پيئي.
مڙس کان سواءِ زندگي گذارڻ ڏاڍو مشڪل
آهي. اهڙي حالت ۾ ريشما جي لاءِ به مڙس
کان سواءِ زندگي گذارڻ ڏاڍي مشڪل ٿي
پيئي. رام جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ريشما
ڄڻڪ پوڙهي پئي لڳي. ريشما نوڪريءَ تي
ويندي هئي، پر ڪيس نوڪريءَ ۾ مزو ڪونه
ايندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي هئي
ته نوڪري ڇڏي ڏيان پر ٻئي طرف
سوچيندي هئي ته سندس ڪجهه وقت
نوڪريءَ ۾ ساهڙين سان گذري ٿو وڃي.
گهر ماين جي حوالي هو. ٿوري وقت کان
پوءِ راجيش کي پٽ ڄائو. ٻار کي به مايون
پالينديون هيون. ريشما کي اِها ڳالهه پسند
ڪونه آئي ته ٻار مايون پالين. اُنهيءَ ڪري
هن نوڪريءَ تان واليئنٽري رٽائرمينٽ
ورتي. ريشما سمجهيو ته ٻار کي پاليندس،
پر ٻار ريشما سان پرچندو ڪونه هو. ٻار
هميشه ماين جي هنج ۾ خوش هوندو هو.
چيتنا نوڪريءَ تان اچڻ کان پوءِ ٽنگون
ٽيڙي پئي هوندي هئي. گهر جي ڪم کي
آڱونو ڏيکاري ويني هئي. اڳ ۾ پاڙي جا
ٻار ريشما کي پاپي چوندا هئا سي ڪيس
هيئنر امان چوندا آهن. ريشما جنهن وقت

وصيعت نامو

پڳونتي لڇمڻ ڪڪڙيجا

جڏهن کان دوارڪا داس بيمار ٿيو آهي، اُنهن ڇهن سالن ۾ هُن ٻه ٽي دفعا زندگيءَ جي جمع پونجيءَ جي وصيعت بدلي آهي. ملڪيت ته سندس جي خاص ڪونهي، اِهو ئي سندس ابن ڏاڏن جي مڪان جنهن ۾ هُن جيون جا پنجاهه سال گذاريا. پنهنجي ڇهن پٽن ۽ ڇهن ڌيئرن سان. ڌيئر شادي ڪري پنهنجي پنهنجي گهر هلي ويون. دوارڪا داس ڏاڍو سوايماني اِنسان هو. هن پنهنجن پٽن کي پڙهايو لکايو ۽ نصيب سان اُنهن کي سٺيون نوڪريون به ملي ويون. شادي ٿي ۽ سڀني جي گرهستي وسي ويئي. پر ٿيو اُهو جو صدين کان ٿيندو آيو آهي. ننڍين ننڍين ڳالهين تي سسُ ننهن جا جهڳڙا ۽ نتيجو پٽن جو الڳ گهر وسائڻ. تڏهن به دوارڪا داس ڪنهن کي ڪجهه نه چيو، پاڻ پنهنجي پتنيءَ کي چوندو هو، ”سنو ٿيو ته ٻارن پنهنجو ٻوٽو ٻاريو ۽ پنهنجا وچي گهر وسايا آهن. اسانکي ڇا جو ڏکر؟ سرڪار مائي باپ ته ويٺي آهي. ڪارائڻ ۾، پالڻ ۾. پئي ٿي پينشن ڏئي ۽ اسان پيا ٿا وٽ سان ڪائون، ها پر اڳتي ڏسجانءِ ته ڪيئن نه اسانجا ٻار جڏهن ڪا آپدا آئي يا ڪو دکه وغيره آيو ته هو هڪيا تڪيا ويٺا هوندا ۽ شيوا ڪندا، اِها خاطري آهي.“ هن پنهنجي پٽن کان سوايماني هئڻ جي ڪري ڪهڙي به طرح مدد نه ورتي.

ڏٺن وغيره تي پٽ ننهن گڏ ٿيندا هئا، پنهنجا دکه سکه ٻُڌائي هيانءُ هلڪو ڪري آشيرواد وٺي پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيندا هئا. دوارڪاداس ڪڏهن نه ڪنهن سان گلا ۽ دانهن ڪئي

نالو : پڳونتي لڇمڻ ڪڪڙيجا.
جنم : ١٩٢١.١١.٢٥.
پتو : بي-٢٢٥/٢١، نيو بلاڪ، اُلهاس نگر-٥.

كي ٻنهي جو خيال ستائي رهيو هو. ٻئي ڄڻا رات جو قريبن ساڍي نوين بجي آيا. ريشما کين چيو، ”ڇا ڊاڪٽر وٽ اينٽري رش هئي جو توهان هيئنر آيا آهيو؟“

راجيش کو به جواب ڪونه ڏنو.

چيتنا ڳالهه جو رخ ڦيريندي چيو، ”مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي. مائي ڇا تيار ڪري ويئي آهي؟ هوءَ رنڌڻي ۾ ويئي ته ڪجهه به تيار ڪونه هو. هن سسُ کان پڇيو ته روٽي تيار ڪونه ٿي آهي ڇا؟ مائي روٽي ڪرڻ واري ڪونه آئي ڇا. ريشما کيس چيو، ”روٽيءَ واري اڄ ڪونه آئي آهي. ٻئبوءَ به ڏاڍو تنگ ڪيو. ٻئبو به ڏاڍو روئي پيو. چپ ئي ڪونه پيو ڪري. مان ڏاڍي پريشان ٿي پيس.“

چيتنا سسُ کي روب سان چيو، ”توهان دال چانور به نه پئي رڌي سگهيا؟“

ريشما چيو، ”مان دال چانور ڪيئن ناهيان ها. هن ٻار کي ڪو سنڀالي ها ته روٽي تيار ڪيان ها.“

چيتنا وري چوڻ لڳي، ”مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي. مان ڇا ڪان؟“

چيتنا جو اِهو صرف ٻاهريون نمونو هو. راجيش ۽ چيتنا ٻئي هوٽل تان روٽي کائي آيا هئا. ويچاري ريشما بڪايل سمهي پئي. ريشما جنهن ڪڏهن به زندگيءَ ۾ بک ڪونه ڪڍي هئي ۽ نه وري ڪنهن جو روب ڏٺو هئائين سا بکي سمهي پيئي. سوچيندي ۽ رئندي کيس ننڊ ڪٽي ويئي. هوءَ هميشهه اِهو سوچيندي هئي ته مڙس کان پوءِ زندگي کهڙي آهي؟ زندگي نيرس اڌوري ۽ دکن ڀري آهي. صبوح جي وقت کير وارو کير کڻي آيو. راجيش کيسي مان رپيا ڪڍي ماءُ کي ڏنا ته کير واري کان کير وٺ. ريشما اڄ نيڪ ڪونه پي لڳي ڇاڪاڻ ته هن جي سڄي رات سوچيندي گذري هئي. اوجاڳي ڪري سندس طبيعت نيڪ ڪونه هئي. هوءَ کير واري کان کير وٺڻ ويئي. ريشما کير واري کان کير وٺي پئسا ڏنا ته کير واري کيس چيو، ”امان پئسن سان گڏ هي سرڪس جون اڌ ٽڪيٽون ڇوٽي ڏين! ريشما ڏنو ته ٽڪيٽون رات جي شو جون آهن. ٽڪيٽن مان هوءَ سمجهي ويئي ته راجيش ۽ چيتنا رات جو سرڪس تي ويا هئا. هنن مونسان ڪوڙ ڳالهايو. ڪهڙي ڪارڻ هنن مونسان ڪوڙ ڳالهايو؟ هن کير جو ڪرمنڊل رکي ڪري پلنگ تي ليٽي پيئي. ريشما جي هڪ هٿ ۾ سرڪس جي ٽڪيٽن جا اڌ ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪجهه پئسا هئا. ريشما کي ننهن ۽ پٽ جي ڳالهائڻ جو اهڙو ڌڪو لڳو جو هوءَ هميشهه لاءِ دنيا کي الوداع ڪري ويئي. سنسار جي ڊرامي ۾ پنهنجي ماءُ جو رول پورو ڪري ويئي.

حملو ڪيو هو ۽ چيني سولجرن چڱي تباهي آندي هئي. اسان جي وير جوانن ڪڏهن به جنگ ۾ پٺي نه ڏيکاري آهي. جڏهن به ديش تي سنڪٽ آيو آهي ته وير جوانن پنهنجي ماتريوميءَ جي رکيا ڪرڻ ۾ پنهنجي جان جي آهوتي ڏني، ڀارت ماتا جو مستڪ هميشه اوچو رکيو آهي. هن دفعي به اسان جا وير اوچين برفاني چوٽين کي خالي ڪرائڻ کي لڳي ويا آهن. هڪ ته اوچاين جي ڪري آڪسيجن جي ڪمي ۽ مٿي چڙهڻ جي ڪوشش. وري پاڪستاني مٿان توبون ۽ مشين گنون تاڻي بيٺا هئا پر وير ڪونه وريا. هلندا هليا وڙهندا رهيا. دشمن جو خاتمو ڪندا رهيا. سچ پڇ هڪ اچرج ۾ وجهڻ جهڙي هيءَ جنگ هئي. جنهن کي دنيا وارن داد ڏنو هو، چو ته اهڙين خراب حالتن هيٺ به لڙندي فوجن کي ڪڏي هڪالي ڇڏيو هو ۽ اوچين پهاڙي چوٽين ٽائيگر هل ،دراس سيڪٽر وغيره تي ڀارتي ترنگو جهنڊو لهرايو هو. انهن وير جوانن جي قربانيءَ ڀارت ماتا جو مستڪ اوچو رکيو هو.

تازو ئي دوارڪاداس جي اوچتوحالت خراب ٿي ويئي ۽ ڏسندي ڏسندي ئي هو هن سنسار مان راهه رباني ڪري هليو ويو، ۽ هو هن نِردئي دنيا کي سدا لاءِ ڇڏي ويو. ٻارهي تائين چڻ سڀ ڪجهه ٻجهي ويو هجي، ٻارهو گذريو ناهي ۽ اندازا لڳڻ شروع ٿيا. هرڪو پنهنجي ليکي پاڻ کي پيءُ جي ويجهو سمجهڻ لڳي ويو ۽ پيءُ جي من ئي من ۾ ساراهه ڪرڻ لڳو.

”وصيعت نامو ڪري ويو“ ان ڪري اڄ اُن وصيعت نامي جي کلڻ جو انتظار سيني کي آهي. سڀ برادريءَ وارا ڪٺا ٿيا هئا، جنهن ۾ ٻه بزرگ به آهن. وڏيءَ ڌيءُ جي هٿ ۾ وصيعت نامو هو چو ته دوارڪاداس کي سيني ٻارن کان وڌيڪ اُن ڌيءُ ۾ وشواس هو. پٽ ننهنرون سڀ ساهه روڪي بيٺا آهن ته الائي ڇا....تڏهن هڪ بزرگ وصيعت کولي ڪري پڙهي ۽ اچرج ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ سيني ڏانهن عجب ڀري نگاهن سان ڏسي پڙهي ٿو،” مان دوارڪاداس پوري هوش حواس سان سالم پنهنجي ملڪيت ديش جي وير جوانن جي نالي ٿو ڪريان جن پنهنجي گهرٻار ۽ ڪٽنب جي پرواهه نه ڪري، ديش جو بچاءُ ڪيو آهي. اهڙن وير سپوتن کي مان هرديه سان نمن ٿو ڪيان.

هئي توڙي سندس عمر چڙهي چڪي هئي. ٻڌايو هن سان ساڻ هو ته ٻه سيني کي چوندو رهندو هو،'' اڄا ته مان گهمي ڦري سگهان ٿو. ڀڳوان جي وڏي ڪرپا آهي. پر ڏسجو ڪڏهن نه ڪا اهڙي گهڙي آئي ته اسانجا پٽ اڳتي وڌي اسان جي شيوا ڪندا.

پر حالتون اُبتڙ ثابت ٿيون. هڪ ڏينهن گهر جي مٿئين ڏاڪڻ تان جو ترڪيو ته ڪيس ڇٽن سالن تائين کٽ ونڻي پيئي.سندس هڪ ٽنگ جو فرئڪچر ٿي پيو. آپريشن ٿيو. تڏهن به هلڻ چلڻ کان لاچار ٿي رهيو. پٽن پنهنجن پنهنجن ڍنگن سان پيءُ جي شيوا ڪئي صرف پنهنجن سوارٿن جي وس اچي.

اُن وچ ۾ گهر واري به هلندي رهي. هڪ وڏو صدمو سهڻو پيو. هنن ڇٽن سالن ۾ پنهنجي پٽن جو اصلي روپ ڏسڻ ۾ آيو پر هڪ پهاڙ سمان اڏول رهيو. ٻاهران ته هن ٻاڦ نه ڪڍي.زندگيءَ جي آخري ڏؤر تائين سوايمان سان ڏينهن ڪاٽڻ تي چاهيا ۽ اهڙي نموني پنهنجون گهرجون قائم ڪيون ۽ اُن نموني ڏينهن ڪاٽيندو رهيو. ڀڳوان جا ڀڄن ڳائيندو هو. هڪ ننڍڙو ٽرئنزسٽر به هوس جنهن کي سمهندي سمهندي ڪن کي لڳائي پيو دنيا ۾ جون خبرون چارون ٻڌندو هو. ڪيس پراڻين فلمن جا گانا وڻندا هئا ۽ ٻڌندي ٻڌندي گذريل جوانيءَ جي گذريل سالن ۾ کوئجي ويندو هو. ڪيس عجب لڳندو هو ته گانا اڄا ساڳيا آهن پر سندس زندگي بدلجي ويئي آهي. ڇا مان ڇا ٿي ويو هو.

ائين ٽرئنزسٽر ٻڌندي هن کي خبر پيئي ته پاڪستان وري ڀارت مٿان ڪاهي آيو آهي ۽ ڪشمير جي ڪارگل سيڪٽر ۾ پاڪستان پنهنجون فوجون چوريءَ چوريءَ گسايون آهن، جي مٿاهيون ولاري وينا آهن. ڀارت جا وير جوان به پوئتي ڪونه پئي پيا. جنگ جهڙو ماحول بڻجي ويو هو. ڀارت پاڪستان سان دوستيءَ جو هٿ وڌايو هو. پر پاڪستان دوستيءَ جي نالي تي پٺيءَ ۾ ڇڙو وهايو هو. اهڙي طرح جيئن ١٩٦٢ ۾ چين به '' هندي چيني ڀائي ڀائي `` نعري جي پردي پوئتان دوکو ڏنو هو ۽ ڀارت تي



ڪير آهيون؟

هن اڏوگابرو پاسو ورائي اڏوُريون اکيون کوليون، اسان کي ڏٺو ۽ کن پل کان پوءِ بنا جواب ڏيڻ جي اکيون بند ڪري واپس پاسو ورائي ڇڏيائين، ننهڻس چيو، هاڻي اڃا تنهنجي پيٽ آئي هئي. اُنسان ڳالهائي ٿڪي هوندي ۽ ٿورو دير ڪانپوءِ ڳالهائيندءِ.

مان گهري سوچ ۾ پئجي ويس ڇا هيءَ اُها ئي دوارڪي ماءُ آهي جنهنجو آواز خنڪيءَ وارو، جنهن گهر ۾ ويٺي ڳالهائيندي هئي ته سندس آواز گهٽيءَ جي ڪنڊ تائين ٻُڌڻ ايندو هو. اوڙو پاڙو مت مائٽُ هرڪو سندس خوب عزت ڪندو هو، ڇاڪاڻ ته هرڪنهنکي گهٽي پانگي سندس صلاح مصلحت جي ضرورت پوندي هئي. ڪڏهن ڪنهن مٽي مائٽيءَ بابت ته ڪڏهن ڪنهن سماجڪ مسئلي بابت ته ڪڏهن دکه سکه ۽ دوا درمل بابت، هر ڳالهه ۾ هوءَ پنهنجو مت پاڻ هئي.

ٻاهران ئي گهر ۾ گهڙندي ته ڪا ننهن ڪرسي ڪٽي ايندس، ڪا چانهه ته ڪا پاڻي. پنجن پٽن ۽ ٽن ڌيئرن جي ماءُ هئي، ڌيئر پٽ سڀ پرڻيل هئس، پٽ به اولادي هئس. پر پنجن ئي کي اهڙي ته ايڪي ۾ ٻڌي ويئي هئي جو ڪو به پٽ يا ننهن سندس حڪم جي مخالفت نه ڪري سگهندو هو، پوٽا پوٽيون به مڙيئي سندس چئي ۾ هئا. ناني به ڏاڍي عزت سان پيش ايندا هئس، ڪڏهن ڪنهن ڏڻگائيءَ کان جي ڏوهٽن ڏوهٽين کي ڇڙٻيندي هئي ته ناني اِئين ڪونه چوندا هئا ته اسانجي ٻارن کي ڇوٿي ڇڙٻي؟

پهرين تاريخ هرڪو پٽ پگهار آڻي سندس هٿ تي رکندو هو، هوءَ اکين تي رکي مراديءَ جي پيتيءَ ۾ رکندي هئي، پئي ڏينهن اُن مان ٻارن کي ڪيسي جي خرچي ڏيئي باقي گهر خرچ، ڪپڙو لٽو، ننگه ڏينگه وغيره لاءِ بچائي رکندي هئي، هر ڪنهن ٻار جي پڙهائي، جو به پورو پورو خيال رکندي هئي، گهر اهڙي ته ڪفائت ۽ ڪنائت سان هلائيندي هئي جو ڪنهن به ڪوٽ واڌ جي اُپتار ڪيس پنهنجي اولاد سان ڪين ڪرڻي پوندي هئي. هرڪو اُن گڏيل ڪٽنب ۾ ڏاڍو خوش هو،ننهرن ڌيئرن کي آزادي ڪين مليل هئس پر سندن گهر ۾ ئي ايتري ته رهه چئهه هئي جو ڪنهنکي به ڪنهن قسم جي وندر جي ضرورت محسوس ڪين ٿيندي هئي. سيني کي پنهنجو پنهنجو ڪم ورهايل هو اِن ڪري ڪنهن به ننهن کي ڪا شڪايت ڪين هوندي هئي. پاڙ

جيون سنڌيا

سروج گوپال پارواڻي


شام جو سهاڻو وقت هو، گهر ۾ اڪيلي ويهي ويهي بور ٿي پئي هيس، سوچيم تہ ڪا ڪمپني ملي تہ وڃي ڪٿان چڪر هڻي اچان بس منهنجي سوچڻ جي دير هئي ۽ ميران اچي نڪتي، هن کي ڏسي منهنجي دل باغ باغ ٿي ويئي. چيو مانس، ميران پهچوان کان اڄ ٻيو ڪجهہ گهران ها تہ بہ ملي وڃي ها. ڪيتري دير کان پئي سوچيم تہ هيڏي سهڻي شام ۾ ٻاهرين هوا کائي ڪا موج ونان.

ميران خوش ٿيندي چيو، مان بہ اُن ڪري ئي آئي آهيان. مون کي بہ گهمڻ لاءِ ڪمپني کپندي هئي، تڏهن تو وٽ هلي آيس.

گهر کان نڪري اڃا گهٽيءَ وٽ مس پهتاسين، ميران جي پيٽ پشپا گڏي پڇيوسونس، ڪٿان پئي موٽين ۽ جواب ڏنائين، دوارڪي ماءُ نيڪ ڪونهي، اُنکي ڏسڻ ويئي هئس. ميران پاڻ تنهنجو پڇيائين، وڃي گڏجي اچيس. ويچاريءَ جي الائي باقي حياتي گهٽي. ميران مون ڏانهن نهاريو، مون عجب وچان پڇيومانس، ڪهڙي دوارڪي ماءُ امان؟

ها ها، ٻيو ڪهڙي؟ ميران جواب ڏيندي چيو، مون بہ پنهنجي رضامندي ڏيکاري مانس ۽ ٻئي گڏجي هلياسين دوارڪي ماءُ وٽ.

گيٽ کولي اندر گهڙياسين. سندس ننهن سامهون ئي ويٺي هئي. ڏاڍو آءُ آدر ڏنائين ۽ امان جي ڪمري طرف وٺي ويئي. هڪ صاف سٿري کٽ تي هڪ هڏائون پڃرو اچي چادر سان سندس اڌ شرير ڍڪيل نظر آيو، اسان سڏ ڪري پڇيس امان ڪهڙو حال آهي؟ سڃاڻو ٿا؟



نالو : سروج گوپال پارواڻي.
جنم : حيدراباد سنڌ، ۱۹۳۹.۷.۲۳.
ڇپايل ڪتاب : ـ ست.
پيشو : رٽايرڊ ٽيچر.
پتو : بي - ۴۲، پرتاپ نگر، گانڌي ڌام، ڪڇ.

اکيون کولي گهنشام کي ڏنائين ۽ جهڪي
آواز ۾ چيائين پٽ اجا جيئري آهيان،
ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽان آهن سي نه چڱٽا اٿم نه؟

امان اِئين نه چئُہ تنهنجي
ڪُپڙيءَ ۾ شل خوب ڪٽان هجن مان اُن
کي پريندس، تون منهنجي گهر جو ڇت
آهين، تون آهين ته مون کي امان چوڻ
جو حق ته آهي، تون ئي ته منهنجو
ڀڳوان آهين، مس ته ڀڳوان جي ڀڳتيءَ
جو موقعو مليو آهي. گهنشام جا ويچار
ٻڌي منهنجي دل پرجي آئي،سوچيم
ڪاش هن سماج ۾ اهڙا پٽ هجن ته
ڪو به مائٽ پاڻ کي ٻارن تي بوجهه نه
پائيندو.

ايتري ۾ ڪملا سوپ جو پيالو کڻي
آئيءَ چيائين امان اُٿاريانوَ سوپ پيو.
هن ٻوٽيل اکيون هڪ وار وري کوليون ۽
ڪنڌ جي ڏوڻ سان ها ڪئي. گهنشام کين
سهارو ڏئي وهاريو ۽ ڪملا کيس آهستي
آهستي چمچي سان سوپ پيارڻ لڳي،
هر هر سندس نربل اکيون اکه ٻوٽ ڪري
رهيون هيون، اوچتو اُنهن ۾ نير تري
آيو ۽ به ڳوڙها ڳري اچي ڳلن تي پيس.

گهنشام سندس ڳوڙها اُگهندي چيو
امان چو؟ ڪا تڪليف اٿئي ڇا؟ هن
ناڪاري نوع ۾ ڪنڌ جي ڏوڻ ڪئي.
سندس وات مان نڪتو اِهو آهي لاهٺو
ليکو شايد مان توکي اجا لهڻان جو
وصول وينئي ڪريان،تڏهن ته هرڪو
پنهنجو پاڻ ڇڏائي هليو ويو،سيئي
سک جا ساٿي هئا، سُک ملين ته ساڻ هئا ۽
سندس دل پر جي آئي بيڪس نظرن سان
اسان طرف ڏسڻ لڳي.

نه امان اِئين نه چئُ، منهنجو
نصيب زور آهي ان ڪري ئي تنهنجي
شيوا مون کي نصيب ٿي آهي، تون دل
نه لاهه خوش ٿي ڪاءُ پيءُ ته جلد نيڪ
ٿيئي.

ٻنهي ماءُ پٽ جو پريم ڏسي اسين
به پنهنجا ڳوڙها روڪي نه سگهياسين.
آخر ميران کي چيم هاڻي اُٺ ڪافي
وقت ٿي ويو آهي. گهنشام مشڪندي
چيو ميران ڪڏهن ڪڏهن امان سان گڏجڻ
ايندي ڪر ته هن کي به ٿوري چينج
ملندي.

اسان کي اُٺندو ڏسي سندس نربل نيڻ
اسان طرف ڪڄيا ٿورو مشڪي جڻ اسان
سان موڪلائي رهي هئي، پر اڄ به
مان اُن دوارڪي ماءُ جي ڳولها ڪري
رهي آهيان جيڪا پنهنجي گهر سماج،
پاڙي اوڙي لاءِ هڪ پکو ٿنيو هئي.

ڇا وقت پڄاڻان هر انسان جي اها
حالت ٿيڻي آهي؟ ڇا اُنجو نالو ئي جيون
سنڌيا آهي؟

ڪرڻ وهنديون هيون تہ هڪ ڪلاڪ ۾ بہ
ڪلو پاپڙ ناهي وٺنديون هيون. صبوح
جو چئين بجي اُٿي سنان ڪري گروءَ جي
پوڄا ڪندي، ڏڌ ولوڙيندي، مکڻ
ڪڍندي ۽ نيرن ناهڻ جو ڪم پاڻ
امان ئي ڪندي هئي.

سڀ ٻار بہ اِنهن نيمن سان هيريا
هئائين جو نيرن کائڻ لاءِ ڪنهن کي سڏ
نہ ڪرڻو پوندو هو، امان جيئن ناهيندي
هرڪو پنهنجي پنهنجي نيرن کڻي هلندو
ويندو.

ٻارن کي ڏکہ سکہ ٿيندو هو تہ سندن
مائرن کي چوندي منجهيو چو ٿيون ۽
پاڻ ئي اُنهن جي پرگهور لهندي پر
گهر جي شين مان سولو علاج ٻڌائيندي
چوندي ٻار کي ڪن ۾ سور پوي تہ ڪئوڙي
تيل ۾ نم جا پن ساڙي اُن تيل جا بہ ڦڙا
وجهو. پيٽ ۾ سور هجيوَ تہ ٿورو ٻڙ ۽
گدامڙي ملائي اُهو پاڻي پي وجو. ڏندن
۾ سور هجيوَ تہ ٿوم يا بصر جي رس
مهٽي ڇڏيو. هوءَ بہ هر روز کاڌو کائڻ
کان پوءِ لوڻ ڦٽڪي پاڻيءَ ۾ ٻاري اُن
پاڻيءَ سان گرڙيون ڪريو تہ ڏندن جي
بيماريءَ کان ڇوٽڪارو ملي ويندو. اهڙيءَ
ريت ننڍين ۾ ننڍين بيمارين لاءِ ڊاڪٽر
وٽ وڃڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪين
ٿيندي هئي. اُن ڪٽنب روپي عمارت جو
هڪ مضبوط ٿنڀو ٿي نظر آيو.

اڄ اُهو ٿنڀو پراڻو ويران هڪ سڪل
وڻ وانگر ڪِريو پيو هو. ائين ٿي لڳو
ڄڻ سرءُ جي مند هن وڻ جا سمورا پن ڇاڻي
ڪيس بيجان بڻائي زمين تي ڪيرائي
ڇڏيو آهي. هاڻي اُن بيئل وڻ کي اهڙي
ئي ڪنهن آڌار سان بهارڻ جي ڪوشش
ڪرڻي پوندي. سندس ئي اڏيل پکين جا
آکيرا ٽٽي پيا هئا، پکي پنهنجن ٻچن
سميت اُڏامي ويا هئا. اُن ريت سڀ
پٽ پنهنجي پنهنجي ڪٽنب سميت هليا
ويا هئا. بس هن وڻ جو سهارو هئو وڏو
پٽ اُن جي ڪنوار ۽ اُن جو ڪٽنب، جنهن
لاءِ هوءَ ايشور جو خلقيل ناڪر هئي
جنهنجي شيوا ۾ هو ڪٽنب سميت هردم
حاضر هو، هن پنهنجي ماءُ جي فرض کي
هردم ياد رکيو ۽ سندس مرض لاهڻ خاطر
سندس شيوا ۾ ڏينهن رات مشغول هوندو
هو، جيئن اُهو آڌار سندن لاءِ سدا هڪ
سڪايو بڻيو پيو هجي.

ايتري ۾ گهنشام گهر ۾ گهڙيو، ماءُ
جي ڪمري ۾ آيو، اسانکي ڏسي مشڪيو
۽ اچي ماءُ جا چرڻ ڇهيائين اُن ڪانپوءِ
ڪيس مٿي تي هٿ ڦيري چيائين امان
هري اوم، ڪيئن آهين؟ پڇڻ ٻڌا اٿئي؟
نبض جو آواز تہ چالو ئي هو پٽ جو آواز
ٻڌي هن ۾ هڪ شڪتي آئي پاسو ورائي

آهين، ڪجهہ کپئي ٿا؟''

''ها...ها مونکي ڪم کپي.''

پر مون وٽ ڪھڙو ڪم ڪندين؟ توکي روٽي ڪاڻ ايندي آهي؟ مون اِئين ئي ڏکو هنيو- ها ايندي آهي.

تہ پوءِ نيڪ آهي. هل منهنجي گهر! پر هڪ ڳالهہ مان توکي چوان پگهار مان توکي ڪونہ ڏيندس، باقي رهڻ لاءِ جڳهہ ۽ روٽي ضرور ڏيندس.

پهريئي ڏينهن مون روٽي ناهي. روٽي تہ مون ڪڏهن زندگيءَ ۾ ناهي ڪونہ هئي سو اهڙي روٽي نهي جو ونود تُو تُو ڪرڻ لڳو. آهستي آهستي ونود مونکي روٽي ڪاڻ سيکاري. هنکي جيڪي ليکہ لکڻ جا پئسا ملندا هئا اُن مان هو ڪڏهن ڪڏهن مونکي پنج رپيا فلم ڏسڻ ۽ گهمڻ لاءِ ڏيندو هو. مون بہ آهستي آهستي چوري ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي. اِئين بئي خوش گذارڻ لڳاسين ڇو تہ مان بہ اڪيلو ۽ هو بہ اڪيلو هو.

ونود اڪثر گهر ۾ ئي سڄو ڏينهن گذاريندو هو ۽ پيو لکندو هو. ٻئي ٽئي ڏينهن بئنڪ ويندو هو ڇو تہ هُن وٽ گهڻو ڪري تہ چيڪ ئي معاوضي جي روپ ۾ ايندا هئا. ٻئي طرف مان هوس جنهن سڄي زندگي ڪليل آسمان هيٺان گذاري هئي. مونکي سڄو ڏينهن گهر ۾ وهڻ نہ ايندو هو ۽ ٻاهر باغ ۾ يا بزار ۾ هليو ويندو هئس.

تازو ئي ڪالهہ ونود پنهنجو لکيل هڪ ناول وڪڻي آيو. هن کي چڱي رقم ملي هئي. رات جو جڏهن هو موٽيو تہ هنجو ڪيسو نوٽن سان ڀريو پيو هو، اندازن ٻہ هزار کن هوندا. اڄڻ سان ونود اُهي نوٽ هٿ ۾ جهلي مونکي ڏيکاريا هئا. اُهي نوٽ ڏسي منهنجي اندر ۾ وري سمهيل چور جاڳيو، ۽ اُهي نوٽ هٿ ڪرڻ لاءِ من ئي من ۾ يوجنا ڪاهڻ لڳس.

ونود پنجاهہ روپين جو هڪ نوٽ مونکي ڏنو ۽ چيو، ''وڃ وڃي فلم ڏس ۽ هوٽل تي روٽي کائي اچ. اچ مان بہ ٿڪل آهيان ۽ روٽي هوٽل تان کائي آيو آهيان.''

مون ونود کان پنجاهہ جو نوٽ ورتو ۽ ٻاهر نڪري آيس. هوٽل تي روٽي کائي فلم ڏسڻ ويس. فلم ۾ منهنجو من ڪونہ پيو لڳي. منهنجو سڄو ڌيان ونود جي نوٽن ڏانهن هو. نہ چاهيندي بہ وقت گذارڻ لاءِ مون فلم ڏٺي. اڳہ بہ هن ئي ٽاڪيز ۾ مون ڪيترا دفعا فلم ڏٺي هئي. پر اڄ فلم ڏسندي مان ڪافي بي چئني محسوس ڪري رهيو هئس. منهنجي اکين جي سامهون بار بار ونود جا نوٽ جو ڦري رهيا هئا!

آخر فلم ختم ٿي ۽ مون گهر ڏانهن هلڻ جو رُخ رکيو. مون سوچيم تہ هاڻ ونود سمهي رهيو هوندو ۽ نوٽن تي هٿ صاف ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو. تيز قدم وڌائيندي مان گهر پهچي ويس. بنا آواز جي در کولڻ وقت مون ڏٺو تہ ونود سمهيو پيو آهي. هر روز وانگر مان بہ سندس ويجهو ئي سمهي پيس. پر اکين ۾ ننڊ ڪٿي هئي. مونکي خبر هئي تہ ونود هر روز رات جو سندس ڪيسي ۾ پيل نوٽ وغيره وهاڻي جي هيٺان رکندو آهي ۽ اڄ بہ هن نوٽ

پڇتاءُ


لکوُ پهلواڻي

رامون ننڍي هوندي کان چور هوندو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ انيڪ چوريون ڪيون. ڪي ننڍيون ڪي وڏيون. پر اڄ تائين هو چوريءَ جي الزام ۾ پڪڙيو ڪونه هو. اڄ رامونءَ جا قدم خبر ناهي ڇو پوليس اسٽيشن ڏانهن وڌي رهيا هئا! انسپيڪٽر جي سامهون پهچندي ئي راموءَ انسپيڪٽر چيو،” انسپيڪٽر صاحب توهان مونکي گرفتار ڪريو. مون چوري ڪئي آهي.“ اِهو ٻڌي انسپيڪٽر رامونءَ کان پڇيو، ” اڙي شڪل مان تہ شريف تو لڳين، تو ڪنهنجي چوري ڪئي آهي؟“

رامونءَ پنهنجي کهاڻي ٻڌائيندي چيو،” حضور مان ننڍي هوندي کان ئي چور آهيان. زندگيءَ ۾ مون انيڪ چوريون ڪيون. پر پڪڙيو اڄ تائين ڪونہ آهيان. اڄ مان توهانجي سامهون پاڻ حاضر ٿيو آهيان ڇاڪاڻ تہ مون هڪ شريف انسان جي چوري ڪئي آهي. منهنجي دل ۾ وويڪ جا وڍ پئجي رهيا آهن ۽ مان پنهنجو پاڻ کان نفرت ڪرڻ لڳو آهيان. توهان مون کي چوريءَ جي سزا ڏيو.“

انسپيڪٽر خفي ٿيندي چيو،” تو ڪنهنجي چوري ڪئي آهي. وستار سان ٻڌاءِ، ائين تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.“

هن چيو،” هو هڪ ليکڪ آهي. هِن ئي شهر ۾ رهندو آهي. سندس نالو آهي ونود. ننڍين وڏين اخبارن، پتريڪائن ۾ پنهنجون رچنائون موڪلي اُن مان ملندڙ معاوضي مان هو پيٽ گذران ڪندو آهي. سندس گهر ۾ ٻيو ڪير بہ ڪونهي، اڪيلو آهي. ونود سان منهنجي ملاقات پوسٽ آفيس جي ٻاهران ٿي هئي. هو لفافو ڊٻي ۾ وجهي موٽي رهيو هو. مون سندس کيسو صاف ڪرڻ جي خيال کان هنجو پيڇو ڪيو. پيڇو ڪندي ونود مون کي ڏسي ورتو ۽ پڇيائين،“” تون منهنجي پنيان ڇو اچي رهيو آهين؟ .... اڙي ڀائي مون توکان پڇيو تون ڇو منهنجي پنيان اچي رهيو



نالو	:	لکوُ پهلواڻي.
جنم	:	اجمير، ١٩٥٣.٢.٦.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ ٢.
پيشو	:	سمپادڪ- جوت جڳندي رهي (ماهوار).
پتو	:	٢٣، يادو پورا، شاهجهان آباد، ڀوپال- ٤٦٢٠٠١.

نئون پيار

جيوت ڪيسواڻي ''جئہ''

ڪمار پنهنجو پهريون پيار اجا تائين وساري نہ سگهيو هو. اجا سندس پهريئن پيار يعني آشا کي گذر ڪري ٿورو وقت ئي مس ٿيو هو. آشا جا سندس زندگي هئي، هوءَ سندس نس نس ۾ سمايل هئس. هر وقت آشا جي ياد ايندي رهندي هئس. آشا جو سهڻو چهرو هميشه اکين آڏو گهمندو رهندوهوس. ڪمار سڄو ڏينهن بس آشا کي ئي ياد ڪندو رهندو هو.

ڪمار هڪ وڏي ڪمپنيءَ ۾ مئنيجر هو. ڪمپنيءَ طرفان هنکي هڪ تمام سٺو فلئٽ مليل هو. گاڏي پڻ مليل هئي. ٿورو عرسو پهرين هو پنهنجي زال آشا سان گڏ تمام خوش هو. شايد ڀڳوان کان ٻنهي جو اهڙو پيار سهن نہ ٿي سگهيو ۽ هن آشا کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. چوندا آهن تہ سٺن ماڻهن جي ضرورت هتي بہ آهي تہ هتي بہ.

آشا ڪنهن بيماريءَ سبب ڪمار کي هن دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي هلندي رهي. هو ڏاڍو رنو. ايترو رُنو جو سندس ڳوڙها اُگهڻ وارو بہ ڪوئي نہ هو. آشا جي مرڻ بعد هو ڏاڍو اُداس اُداس رهڻ لڳو. هن محسوس ڪيو تہ آشا سان گڏ ڄڻ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو آهي.

آشا ڪمار کي چاهيندي هئي. ڏاڍو پيار ڪندي هئي. هوءَ سندس زندگيءَ جي سچي حقيقت هئي. ڪمار بہ آشا کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. حد کان وڌيڪ هنکي چاهيندو هو. هن آشا کي پنهن جي زندگيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ پيار ڏنو هو. آشا مرندي وقت ڪمار کان اِهو وچن ورتو هو تہ هو سندس مرڻ بعد ٻي شادي ضرور ڪندو. پر آشا سندس دل دماغ ۾ ايتري قدر ڇائنجي ويئي هئي جو اُنجو خيال بہ دل مان نڪرڻ ممڪن ڪونہ هو. شادي ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ ٿي.

گهٽن ئي مائٽن ماڻهن جي سمجهائڻ

نالو : جيوت ڪيسواڻي "جئہ".
پتو : ويسٽرن ريجنل لئنگويج سينٽر، ڊيڪن ڪاليج، پونا-٦.

وهاڻي هيٺان رکي ڇڏيا هئا. آهستي آهستي مون وهاڻي هيٺان هٿ وجهي ڏٺو تہ نوٽ برابر پيا آهن.مون نوٽ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اينتري ۾ ونود پاسو ورايو. مون جهٽ هٿ ڪڍي ورتو. ڪجهہ دير بعد مون وري ڪوشش ڪئي. هاڻ اُهي نوٽ منهنجي هٿ ۾ هئا. ٿوري وقت ۾ مان بزار ۾ پهچي ويس. رات جا اٽڪل ٻارهان وڳا هئا. بزار ۾ اچ وڃ ڪونہ هئي. مون سٽيشن تي پهچي گاڏي پڪڙڻ جو سوچيو ۽ ڊوڙندو سٽيشن تي پهچي ويس. ٽڪيٽ تہ مون ڪڏهن ورتي ڪونہ هئي سو بنا ٽڪيٽ جي گاڏيءَ ۾ چڙهڻ جي اِرادي سان پليٽفارم تي پهتس. گاڏي تيار بيٺي هئي ۽ گارڊ سيٽي وڄائي. سائي لائيٽ ڏيکاري. گاڏي هلڻ لڳي. آهستي آهستي گاڏيءَ جي رفتار تيز ٿيڻ لڳي پر مان خبر نہ آهي ڇو بت بڻجي بيٺو رهيس. گاڏي منهنجي سامهون نڪري ويئي ۽ مان گاڏيءَ ۾ نہ چڙهي سگهيس.

منهنجو من مونکي ڏڪارڻ لڳو تہ جنهن توکي پناهہ ڏني اُنجي گهر ۾ تو چوري ڪئي؟ جنهن گهر ۾ پهچڻ سان تنهنجي چوريءَ جي خراب عادت ڇٽي ويئي اُن گهر ۾ تو چوري ڪئي؟ دوست کي تو دوکو ڏنو آهي! لعنت آهي توکي.

اتي منهنجو دماغ ڪليو ۽ مان واپس گهر ڏانهن روانو ٿيس. اڄ پهريون دفعو. زندگيءَ ۾ منهنجا پير اُن انسان ڏانهن وڌي رهيا هئا جنهن مون چوري ڪئي هئي. منهنجو هڪ هڪ پير مون کي ١٠٠-١٠٠ ڪلو جو محسوس ٿي رهيو هو. منهنجا قدم ڀاري ٿي پيا هئا. صبوح جا چار وڄي رهيا هئا. مون آهستي بنا آواز جي دروازو کوليو ۽ اندر داخل ٿيس. ڏٺم تہ ونود گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي. مون پنهنجي کيسي مان نوٽ ڪڍيا ۽ ونود جي وهاڻي هيٺان رکي ڇڏيا.مان ونود جي پاسي ۾ سمهي پيس. وهاڻي تي ڪنڌ رکندي مون پاڻکي ڪافي هلڪو محسوس ڪيو پر من مونکي ڏڪاري رهيو هو. مون دوست سان دوکو ڪيو هو.جنهن گهر جو نمڪ کاڌو هو اُن گهر سان نمڪ حرامي ڪئي هئي.

صبوح ٿيو هر روز وانگر ونود ئي مونکي اُٿاريو ۽ چانهہ جو ڪوپ هٿ ۾ ڏيندي ونود چيو،” خبر اٿئي رات مون سپني ۾ ڇا ڏٺو.“

” نہ “

” مون سپني ۾ ڏٺو تہ منهنجي وهاڻي هيٺان پيل نوٽ چوري ٿي ويا آهن ۽ اُهو چور ٻيو ڪو ڪونہ بلڪ تون آهين!“

” ڇا “.....؟

پر دوست تون ڊڄ نہ منهنجا نوٽ صحيح سلامت آهن!“

پوليس سٽيشن جي انسپيڪٽر کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي رامونءَ پنهنجا ٻئي هٿ اڳتي وڌائيندي چيو،” هاڻ مونکي گرفتار ڪري سزا ڏياريو.“

انسپيڪٽر چيو،” نہ رامون نہ! تون واپس ونود وٽ وڃ ۽ اُن کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي اُنکان معافي گهُر! مونکي اُميد آهي تہ هو توکي ضرور معاف ڪندو!!

منهنجو عڪس ڏسڻو پوندو. ڪويتا کي اوتروئي پيار ڏيڻو پوندو، جيترو تو مونکي ڏنو آهي. تڏهن ڪمار چيو، نه آشا مان اِئين نه ٿو ڪري سگهان. توکي وسارڻ منهنجي وس ۾ نه آهي. ڇا پوڄاري پنهنجي من ۾ وسيل ڀڳوان کي من مان ڪڍي سگهي ٿو؟ مان هر وقت توکي ياد ڪندو رهندو آهيان. هر وقت تنهنجو معصوم چهرو اکين آڏو اچي بيهندو آهي. تنهنجي چهري کانسواءِ مان ٻيو ڪو چهرو ڪيئن ٿو ڏسي سگهان. پوءِ ٻُڌاءِ ته مان ڪويتا کي پيار ڪيئن ڪريان. ڪهڙي نموني تنهنجو وجود، تنهنجو روپ هن ۾ ڏسان؟ تون منهنجي ڀاونائن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. تڏهن آشا ناراض ٿيندي ڪمار کي چيو ته نيڪ آهي. جيڪڏهن تون ڪويتا کي پنهنجو پيار نه ٿو ڏيڻ چاهين، منهنجو روپ ڪويتا ۾ نه ٿو پسڻ چاهين ته مان سمجهندس ته تنهنجو پيار هڪ ڏيکاءُ آهي، ڀرم آهي. جنهن ۾ تون ته پنهنجي زندگي خراب ڪري رهيو آهين ۽ پاڻ سان گڏ ڪويتا جي به. توکي منهنجي وچن جي به ڪا پرواهه ناهي. جيڪڏهن توکي حقيقت ۾ مونسان پريم آهي ته تون ڪويتا کي ضرور پيار ڏيندين ۽ هن ۾ مونکي ضرور محسوس ڪندين. ايترو چئي آشا غائب ٿي ويئي.

صبوح جو جڏهن ڪمار ننڊ مان اُٿيو ته پنهنجو پاڻکي هوُ ڪجهه هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو. هنکي لڳو ته سندس دل تان ڪو وڏو ٻار هٽي ويو آهي. پنهنجو پاڻ ۾ ڪجهه بدلاءُ ڏسي هنجي چهري تي اڄ سڃاتل خوشي نمودار ٿي آئي هئي. سندس چپن تي هڪ مٺي مُرڪ اُڀري آئي هئي. هوُ ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هو. هوُ خوشيءَ خوشيءَ ۾ جلدي تيار ٿي ويو ۽ من ۾ ڪجهه سوچي پنهنجي ساهرن يعني ڪويتا جي گهر وڃي پهتو.

ڪمار جو گلاب وانگر مهڪيل چهرو ڏسي ڪويتا جي چهري تي به جڻ خوشي اُجاگر ٿي آئي. اڳيان وڌي ڪمار ڪويتا کان معافي ورتي. ڪمار چيو، ڪويتا، مونکي معاف ڪج. مان آشا جي ڪري ڀاونائن ۾ ايترو ته جڪڙجي ويو هئس جو تنهنجي پيار کي سمجهي نه سگهيس. مون توکي ڪا به اهميت ڪونه ڏني. تو مونکي خوشي ڏيڻ چاهي ۽ مون توکي گهٽ وڌ ڳالهايو. ڪمار جي بدليل وهنوار کي ڏسي ڪويتا چيو، ڪمار، اڄ مان ڏاڍي خوش آهيان. مون کي لڳي رهيو آهي دير سان ئي صحيح پر تنهنجو پيار مون حاصل ڪيو آهي. هاڻي مان تنهنجي زندگيءَ کي خوشين سان ڀري ڇڏيندس. تون پنهنجي پيار يعني آشا جو روپ هڪ ڀيرو وري مون ۾ ڏسي سگهندي. اڄ ته اسين ملي پنهنجي نئين پيار جي شروعات ڪريون.

چوندا آهن سچي ۽ نسوارٿ پيار ۾ هي زندگي لڪيل ٿيندي آهي. ٻئي هڪ ٻئي جي گلي ملي وڃن ٿا. هڪ ٻئي ۾ اِئين سمائجي وڃن ٿا جيئن لهر نديءَ ۾ سمائجي ويندي آهي.

۽ آشا جو ڏنل وچن ياد ڪرائڻ تي آخر هن ڪويتا سان ٻي شادي ڪئي. ڪويتا هڪ تمام سني-سهڻي ۽ سمجهدار ڇوڪري هئي. پر ڪمار هنڪي ايترو پيار نہ ڏيئي سگهيو. ڪويتا کي اُن ڳالهہ جي ڄاڻ هئي تہ ڪمار آشا کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. دل وَ جان سان هنکي چاهيندو هو. هوءَ پنهنجو پاڻکي آشا بڻائي ڪمار کي خوش رکڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪرڻ لڳي. هوءَ ڪمار جي هر طرح جي شيوا ڪرڻ لڳي. هر وقت ڪمار کي ريجهائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندي رهندي هئي. هن خود محسوس ڪيو تہ ڪمار کي آشا جهڙو پيار ڏيئي سگهان ۽ سندس دل ۾ پنهنجي جڳهہ ناهي سگهان. پر سڀ ڪجهہ ڪرڻ بعد بہ هنکي ڪاميابي نہ ملي سگهي. هن ڪمار کي گهڻو ئي سمجهايو تہ آشا هاڻي واپس نہ ٿي اچي سگهي، هنکي وسارڻ ئي سٺو ٿيندو پر ڪمار پنهنجو پاڻکي سمجهڻ لاءِ تيار ئي نہ هو. شاديءَ بعد بہ سندس من ڏاڍو اُداس رهندو هو. ڪويتا سوچيو، وقت هر زخم کي هڪ ڏينهن ڀري ڇڏيندو آهي. جڏهن وقت ايندو، تڏهن پاڻ هي سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو.

هوءَ پنهنجي سني وهنوار سان ڪمار کي خوش رکڻ لڳي. هڪ سال گذري ويو پر ڪمار ۾ بدلاو ڪونہ آيو. هوُ آشا کي اجا تائين پنهنجي دل مان نہ ڪڍي سگهيو. هاڻي ڪويتا پنهنجو پاڻکي دکي محسوس ڪرڻ لڳي. هنجي ايترين ڪوشش بعد بہ جڏهن ڪمار نہ سڌريو تڏهن هن محسوس ڪيو تہ هاڻي ڪجهہ ٿي نہ سگهندو. اُن هوندي بہ هن پنهنجي من کي مظبوط ڪيو ۽ هڪ ڀيرو ڪمار کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. گهڻي بحث ڪرڻ بعد ڪمار ڪويتا کي ڪجهہ غلط ڳالهائي ڇڏيو. هاڻي ڪويتا جي سهن شڪتي جڻ ختم ٿي ويئي. هوءَ سهن نہ ڪري سگهي ۽ پنهنجن مائٽن وٽ واپس هلي ويئي.

هاڻي ڪمار اڳي وانگر اڪيلو ٿي پيو. هاڻي سندس خيال رکڻ وارو ڪو بہ ڪونہ هو. هن پنهنجي گهر جي هر ڪمري ۾ آشا جون پراڻيون تصويرون لڳائي رکيون هيون ۽ سڄو ڏينهن بس اُنهن ئي تصويرن سان ڳالهائيندو رهندو هو. سڄو ڏينهن آشا کي ياد ڪندي رئندو رهندو هو. هن پنهنجي زندگي جڻ زهر بڻائي ڇڏي هئي. سندس من ڪنهن بہ ڪم ۾ ڪونہ لڳندو هو. آفيس ويندو هو پر جلدي ئي آفيس مان موٽي ايندو هو. سندس زندگيءَ ۾ ڪو رس نہ بچيو هو. هو اِهو طئہ نہ ٿي ڪري سگهيو تہ ڪري تہ ڇا ڪري. آشا کي ڪيئن ڇوي تہ تون منهنجي دل مان نڪري وڃ.

هڪ ڏينهن جڏهن هو ننڊ ۾ غلطان هو تڏهن هن کي لڳو تہ جڻ آشا هنسان ڳالهائي رهي هئي، ڪمار توکي پنهنجي دل مان مونکي ڪڍڻو ئي پوندو. نہ تہ تنهنجي زندگي برباد ٿي ويندي. جي ڪڏهن تون مونسان پيار ڪرين ٿو تہ توکي مون مان موهہ ڪڍڻو ئي پوندو ۽ ڪويتا ۾

ڪرڻ لاءِ هڪ شاهوڪار جي گهر ۾ نوڪري ڪندي هئي. ڪم ته تمام سُوڌو سنو ڪندي هئي ۽ ڪجهه سمي ۾ ئي هُن پنهنجي مالڪڻ ساوتريءَ جو وشواس ڪٽيو. ننڍن وڏن ڪمن لاءِ ساوتري پئي شربتيءَ جي مدد وٺندي هئي. ڪڏهن ته رات جي مهمانن جي ماني ڪرڻي هوندي هئس ته شربتيءَ کي پنهنجي گهر ٽڪائي ڇڏيندي هئي، ٻئي ڏينهن کيس چڱو ڪاڏو پيتو ۽ ڪجهه خرچي روڪ ڏئي گهر موڪليندي هئي ته ”وڃي آرام ڪر وري ٻئي ڏينهن اچج.“

ٻه سال اِهو سلسلو هليو. اونهاري جي مند هئي، گهٽي لڪ ۽ لُوُ جي ڪري شربتي بيمار ٿي پئي پر هُن پنهنجيءَ وڏيءَ ڌيءُ شانوُءَ کي مالڪڻ جي گهر وٺي وڃي سڀ ڪم سمجهائي ۽ پارت ڪري آيس ته چڱيءَ طرح ڪم ڪجانءِ ۽ شام رات پوڻ کان اڳ ئي گهر موٽي اچجانءِ. سڀ ڪم چڱيءَ طرح پيو هليو پر شربتيءَ جي اکين ۾ بيچئني... ڪجهه آثار پيا پيا نظر اچن. گهر اچڻ کان پوءِ شانوُ پنهنجي هار سينگار تي چڱو وقت لڳائيندي هئي ۽ پئي پاڻ کي نهاريندي هئي. هڪڙي ڏينهن شام جو جڏهن گهر آئي ته چڱي دير ٿي ويئي هئي. ماءُ شربتيءَ جو من ڪجهه وياڪل ٿي پيو، وڏي اُٿل پٿل هئس من اندر. اڃي دريءَ کان ويٺي وات واجهائڻ، پنهنجي ڌيءُ جي جا ڪجهه دير کان پوءِ آئي. اڄ ته وري هن جي ڪپڙن مان مهڪ پئي آئي عطر جي.... مار.... سوچ ۾ پئجي ويئي ويچاري شربتي، هڪ ته بيماري ٻيو فڪر پر ڇا ڪري؟ پڇيائين پنهنجي ڌيءُ شانوءُ کان ته هوءَ آڻي ڪٿان ٿي، هي سامان هار سينگار جو ۽ هي عطر جو هُن لڳايو هو، تنهن تي شانوُءَ کيس چيو ته مان ڪم ڪرڻ کان پوءِ مالڪڻ کان ٿورو گهري وٺندي آهيان ۽ پئسا مالڪڻ مونکي ڏيندي آهي جي مان خرچ ڪندي آهيان گهمڻ ڦرڻ وقت. پر ماءُ کي هيءَ ڳالهه دل سان نه لڳي. ٻه، چار ڏينهن رکي هوءَ پاڻ کي جڏهن نيڪ سمجهڻ لڳي ته هُن ڌيءُ کي گهر ۾ رهڻ جي هدايت ڪري وڪه وڌائي پنهنجي مالڪڻ ساوتريءَ جي گهر ڏانهن من ۾ جا هئس آنڌ مانڌ تنهن هنڪي ماٺ رهڻ ئي نه ڏنو. جيئن پهتي چائنٽ تي تيئن ڪِري ڪري ساوتريءَ جي پيرن تي خطا پئي بخشائي ته مالڪڻ منهنجي ڌيءُ کي معاف ڪجو جنهن



نزاڪت رشتن جي

ديوي بي نانگراڻي

انيڪ رشتا، اُنهنجون انيڪ تارون، جن جا ڪئين تہ رنگہ آهن، ڪئين اُنهنجون نزاڪتون آهن.... پر اُهي لڳن ٿا رشتا اسان کي پيارا ۽ دل جي قريب، جيڪي ڏين ٿا دل کي سڪوُن.

ذڪر جيئن اڳي ڪيو آهي تہ سمجهہ ۽ سخاوت جي ضرورت آهي، اُنهن رشتن کي نيائڻ لاءِ، جي هر ڪو اِنسان پنهنجي ئي نظر سان هر رشتي کي ماپيندو يا تور تڪ ڪندو تہ ممڪن آهي تہ اُن رشتي کي نيائڻ جو باعث صرف هڪ سمجهوتو ئي رهجي وڃي. مثال طور جي هڪ مل جو مالڪ پنهنجي مل ۾ ڪم ڪندڙ هر هڪ ماڻهوءَ کي اُن مل جو حصو سمجهي اهميت ڏئي تہ اِهو هن جو وڏپڻو، پر جي ڪم ڪندڙ اُن قرب جو قدر نہ ڪري يا اُنجو اجوڳہ فائدو وٺي تہ اُهو سندس رَوَيو اِنسانيت جي خلاف آهي. ٻي بدگمانيءَ واري ڳالهہ آهي. اوشواس يا ڪنهن غلط افواهہ تي بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي انڌوشواس ڪرڻ جنهن ڪري ئي ڪئين رشتا ٽٽي پون ٿا. پر افواهہ ڦهلائڻ وارو جنهن مقصد ڪان اُهو ڪم ڪندو آهي تہ اُن مهل هوُ اِئين نہ سوچيندو آهي تہ هنجو ڪم ڪرڻ جو طريقو نيڪ آهي يا نہ، يا اُن مان ڪيس اِهو مقصد حاصل ٿئي ٿو يا نہ، يا اُن مان اڳلي ماڻهوءَ کي نقصان تہ نٿو پهچي. هيءَ هڪ ڀرم سوارٿ ٿيو جنهن ڪري ڳالهہ مچڻ وارن جو ڪئي طرح سان نقصان ٿي سگهي ٿو. آرٿڪ نقصان جو اثر هنجي گهر پريوار تي ۽ اُنهن جي ٻارن ٻچن تي بہ پئي ٿو.

پر سچي سمجهہ تہ هيءَ آهي تہ هر هڪ ماڻهوءَ کي، چاهي هو ننڍو هجي يا وڏو، آزمودگار هجي يا سيڪڙات، پنهنجيءَ سمجهہ کان ڪم وٺي فيصلو اهڙو ڪري جنهن ۾ نہ هاڃي مان جي ٿئي، نہ مال جي ۽ نہ جان جي.

شربتيءَ نالي هڪ غريب زال پنهنجي پريوار جون گهرجون پوُريون




نالو	:	ڏيوي نانگراڻي.
جنم	:	ڪراچي، ١١.٥.١٩٣١.

ورسي

ڪنعيو ملڪيرام نوتاڻي

ورسي معنيٰ ورسجڻ. جنهن سان سڀ ورسجي وڃن. اڳ گهڻو ڪري ورسيون سنتن مهاتمائن جون ملهايون وينديون هيون، جيئن اُنهنجي ورسين تي سندن پريمين ۽ شردالن مٿان اُنهن سنتن مهاتمائن جي آشيرواد جي ورشا ٿيندي رهي. پر اُهو زمانو بدلجي ويو آهي. زماني جي بدل سدل جو اثر ورسين تي بہ پئجي ويو آهي. ورسي ملهائڻ تہ اڄ ڪالهہ فئشن تي پيو آهي ۽ هڪ ڏنڌي جو قسم. اُن ڪري واپارين ۽ ڏنڌوڙين اُنجو خوب فائدو ورتو آهي.

ڀائي گهنڊومل پوري ساري ۽ پونجي ۽ وارو هو. ڪيس هڪ ننڍو ڪپڙي جو دوڪان هو. عيال وڏو- ڪمائي ٿوري. زندگي ۽ جي گاڏي ۽ ڪي پيو ڌڪيندو هو. اُن ڪري سندس اولاد غريبي ۽ ڪري پاڻکي دکي محسوس ڪندو هو. ڀائي گهينڊومل تہ زندگي ۽ جو ڏاڍو پاڻي پورو ڪري پرلوڪ پڌاريو. سندس ڪٽنب پروار جي جوابداري اُنجي ٻن پٽن عئنشيرام ۽ شيوڪرام تي پئي. ٻنهي ڀائُرن ڪپڙي جو دوڪان هلايو. محنت شيوڪرام ڪري ۽ عئش ڪري عئنشيرام. اُن ڪري ڏنڌي ۾ برڪت ئي ڪونہ پوي. پر عئنشيرام جو دماغ ادر هو. هنجو اُن ڳالهہ ۾ وشواس ڪونہ هو تہ ”جو تڏ پاوي سائي ڀلي ڪار“. اُنڪي ڇو ڀاءِ پوي؟ اِها ئي ڪار سني آهي جا اسانکي ڀاءِ پوي. شيوڪرام تہ پيو شيوا ڪري، آئي وئي جو آدر مهمانن جي مهمان نوازي. هوڏانهن عئنشيرام ڏنڌي جي وڌائڻ لاءِ پيو دماغي ڪوجنائون ڪندو هو. هُن محسوس ڪيو تہ اڄ زمانو اشتهاربازي ۽ جو آهي جو ڇيٽي ڪي رنگہ روپ ڏئي. مڇر مار خطاب ڏنو اٿائون. مساڻن جي رکہ ۾ اڇو پائوڊر ملائي باسٽن ملڻ جو پائوڊر مشهور ڪيو اٿائون. اُن ڪري سندس ڪپڙي جي ننڍي دوڪان ڪي جيڪڏهن ڪلاٿ اسٽورس جو لقب ڏيٺو آهي تہ ڪا اشتهاربازي ضرور ڪپي پر اِها اهڙي نموني هجي جيئن خرچ گهٽ نفعو وڌيڪ.



نالو : ڪنعيو ملڪيرام نوتاڻي.

پيشو : وڪيل هاءِ ڪورٽ بمبئي.

پتو : فليٽ نمبر-٢٠١، ٽيون ماڙ، جيون ديپ اپارٽمينٽ، پاٽيا هاسپيٽل جي سامهون، اُلهاس نگر- ٤٢١٠٠٥. فون: ٥٢٧٢٢٨.

توهانجي گهر ۾ کائيندي پئيندي، گهر ۾ ئي توهان جون شيون چوري ڪيون آهن.... مون کي اهڙي ڪل نہ هئي تہ منهنجي ڌيءُ هيئن ڪندي تہ جنهن ٿالهيءَ ۾ کائيندي اُن ۾ ئي ڇيد ڪندي.... هاڻ توهان هنکي بخشيو ۽ سڀان کان وٺي مان ئي ڪم تي ايندس ۽ جيڪو توهان جو نقصان ٿيو آهي سو مان پري ڏيندس، ٿورو ٿورو ڪري پنهنجي پگهار مان. ساوتري حيران تہ شربتيءَ کي ٿيو ڇا آهي ۽ هوءَ ڇا پيئي چوي. ٿوري دير بعد هن کي شانت ڪري سندس وياڪلتا جو ڪارڻ پڇيائين ۽ اُنسان گڏ اِهو بہ ڇيائينس تہ شانوءَ کي مان ئي خود سڀ ڪجهہ ڏيندي هئس. هن نياڻيءَ تہ ڪڏهن منهنجي گهر مان ڪجهہ چوري ڪئي ئي ڪين آ. مون پاڻ ئي ٿي اِهو ڏٺو تہ هوءَ هار سينگار جي سامان طرف اُڪير جون نظرون ڪٽي نهاريندي هئي. سوچيم تہ هي شيون توهان جي خريد ڪرڻ جي توفيق کان ٻاهر آهن سو تنهنجن سيني شيوائن کي ياد رکي مون هنکي ڪجهہ سينگار جو سامان ڏئي ڇڏيو جا هوءَ گهر موٽڻ مهل واپرائيندي هئي. مونکي تہ اُن ۾ ڪا بہ خراب ڳالهہ ڏسڻ ۾ نتي اچي.... پر تنهنجي من ۾ اِهو خيال چوريءَ جو آيو ڪيئن؟

ساوتريءَ جي قرب جي اڳيان شرمسار ٿيندي شربتيءَ چيو تہ، ”مالڪڻ غريبي اِنسان کان سڀ ڪجهہ ڪرائيندي آهي.... مون سوچيو“. وچ ۾ ڪيس ڪٽي ساوتريءَ ڪيس چيو، ”بس ڪر هاڻ بس ڪر شربتي. تو شانوءَ کي سڃاتو ئي ڪونهي. هوءَ تہ تنهنجي ڌيءُ آهي، جنهن تي اوشواس ڪري تو پنهنجو پاڻ سان ڏوهہ ڪيو آهي. غريب ٿيڻ ڪو گناهہ نہ آهي. اِها تہ فخر جي ڳالهہ آهي جو تو محنت مزوريءَ ۾ ويساهہ رکي ڪري هي سڀ سال محنت سان ڪم ڪيئہ پر ساڻ انجي توکي پنهنجي ٻارن ۾ بہ ويساهہ رکڻ کپي. صرف انومان جي آڌار تي ڪنهن ۾ دوش نہ ڏسجي ۽ بي بنياد ويچارڌارا قائم نہ ڪرڻ گهرجي. رشتن جي بنياد لاءِ وشواس پهريون ڏاڪو آهي.“

ساوتريءَ جي هن آتت پريل اکرن هنجي سڪل ساهہ ۾ جانِ وڌي. گهر موٽي ڪري اچي پنهنجي ڌيءُ شانوءَ کي گلي سان لاتائين پر ڪڇيائين بلڪل ڪين.... ڪڇيو تہ هنجي نيڻن جي نير جو جهر جهر ڪري وهڻ لڳو.

چون ٿا تہ شانوءَ جي شاديءَ مهل پندرهن هزارن روپين جي مٽئي ۽ ڪپڙي لتي ۾ مدد ڪري ساوتريءَ پنهنجي سنيءَ مالڪڻ ٿيڻ جو فرض پورو ڪيو.... ۽ شربتيءَ کي تہ هن بي ملهيو پنهنجو ڪري ڇڏيو.

شاد رهن شل ساوتريءَ جهڙا مالڪ جيڪي وٿيون گهٽائي دلين جون.... ۽ آتم وشواس جاڳائن هر هڪ دل جي اونداهيءَ ڪنڊ ۾.... جتي ضروري آهي روشن ڪرڻ چراغ وشواس جو.

زندگانيءَ جا رهيل ٻہ پل

شريمتي ديا لکي جشناڻي

سياري جي ٿڌي وڻندڙ اُس ۾ ڪاڪو پرسرام بدن سيڪڻ لاءِ ۽ ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ، باغ جي هڪ بينچ تي منجهند جو ٢ بجي اچي ويهندو هو. گهر ۾ ڪير هو جو هنجو انتظار ڪري؟ گهر ۾ گهڙڻ لاءِ ڪاڪي کي گهٻراهٽ ٿيندي هئي. صبوح جو ڪجهہ رات وارو بچيل کاڌو يا بريڊ کائيندو هو. رات جو کير پيئندو هو يا ڪجهہ ناهيندو هو نہ تہ بکيو ئي سمهي پوندو هو. ڪوئي پڇڻ وارو تہ ڪونہ هو. وڏي ڪوٺي، جيڪا هن وڏي شونق سان ٺهرائي، هاڻي کائڻ لاءِ ڊوڙندي آهي. اڪيلي جيون ۾ نہ ڪو رس آهي نہ اُتساهہ آهي. پتني ٻہ سال اڳہ دل جو دؤرو پوڻ سان ڪاڪي پرسرام کي اڪيلو ڇڏي رمندي رهي.

هو هن وڏي سنسار ۾ اڪيلو رهجي ويو. پهريائين تہ هنکي زال جي مرڻ جو وشواس ئي نہ پيو ٿئي، پاڳلن وانگر گهر ۽ ٻاهر گهمڻ لڳو. هن جو وڏو پٽ اَمريڪا مان اچي ڪاڪي پرسرام کي ٽورنٽو وٺي ويو. وڏو پٽ انيل ۽ ننهن شاردا ٽورنٽو ۾ سرجن آهن. شاردا پنجابي ڇوڪري آهي. ٻنهي امريڪا جي ڪورٽ ۾ سول مئريج ڪئي هئي.شاديءَ جي خبر پوڻ سان ڪاڪو پرسرام ڏاڍو غصي ٿيو، پر پتنيءَ جي سمجهائڻ تي ٻارن کي معاف ڪري قبول ڪيو هئائين.

جڏهن انيل ڪنوار شاردا کي وٺي ڀارت واپس آيو تہ سنڌي نموني وڏي شاندار پارٽي ڏني هئائين.

ٽورنٽو ۾ انيل کي ٻہ ٻار ڄاول، پٽ ۽ ننهن صبوح جو جلدي اُٿي ٿورو کير ۽ ناشتو کائي، سويل ئي نڪري ويندا هئا ۽ ٻارن کي رستي ۾ ئي سڪول ڇڏيندا



نالو : شريمتي ديا لکي جشناڻي.
جنم : ١٩٣١.١٠.٢٤.
ڇپيل ڪتاب : چار.
اِنعام : سيتا سنڌو پون ۽ ڪئناڊا مان اشوڪ گولاڻيءَ طرفان.
پتو : بيرڪ ٢١٢٢٤، راشن آفيس، اُلهاس نگر- ٤٢١٠٠٥.

شيوڪرام نہ پيو ٽاٽا ٽڪاٽا پيٽيندو هو ۽
ورسين تي ضرور ويندو هو. عئنشيرام
پنهنجي ڀاءُ شيوڪرام سان پنهنجي دل
جي ڳالهہ ڇوري، ۽ اُنکان صلاح ورتائين.
شيوڪرام کي آزمودو هو، ڏنائين تہ ڪيئن
نہ ورسين جو ڪاروبار هلي پيو. ڀاءُ کي صلاح
ڏنائين تہ ڀاءُ جيڪڏهن اسان کي پنهنجي
ڏنڌي جي مشهوري ڪرڻي آهي تہ ڇونہ
پنهنجي پتا گهنڊومل جي ورسي ڪيون.
مت مائٽن تہ اسانکي بابي کان پوءِ وساري
ڇڏيو آهي. اُهي بہ ايندا ۽ گراهڪ بہ ضرور
ايندا. پڪو فيصلو ڪري تاريخ مقرر
ڪري هڪ سئو سهڻو نيند پتر ڇاپايائون.

پائي گهنڊي مل جي ورسي.

پيارا سڄڻو،

توهان کي پڙهي خوشي ٿيندي جو
اسانجي سرڳواسي پتا پائي گهنڊي مل جي
ورسي پائي گهنڊورام جي دربار ۾
ملهائي ويندي. سيني کي نماڻي وينتي
آهي تہ ورسيءَ جي شڀ موقعي تي حاضر
رهي اسانکي ڪرتارٿ ڪن ۽ هٿ پرسادي
وٺي وڃن.

نوٽ : هن شڀ موقعي تي اسانجي
”گهنڊ ڇاپ“ ڪپڙي تي ۲۵ سيڪڙو ڇوٽ
ڏني ويندي.

توهانجي درشن جا پياسي
عئنشيرام ۽ شيوڪرام
گهنڊو ڪلاٿ اسٽورس
گهنڊ گهڙيال گلي
گهنٽا گهر جي پرسان
فون : ۵۲۴۲۰

نيند پتر جي هڪ پاسي شيوڪرام
جو ڇتر هو - دشالو پائي هٿ جوڙي بيٺو
هو ۽ ٻئي طرف عئنشيرام ڏند ٽيڙيل
منائي جو باڪس هٿ ۾ ڪٽي بيٺو هو.
ڪارڊ خوب وراهيا ويا. جنهنکي ڪارڊ مليو
سو عجب ۾ پئجي ويو ڇو تہ گهنڊومل هڪ
رواجي ماڻهو هو جنهنکي ڪي ٿورا ماڻهو
ئي سڃاڻندا هئا. ڪيس سرڳواس ٿئي بہ
ڪافي عرصو گذري ويو هو. ڇا وري گ
هنڊومل جاڳي اُٿيو آهي؟ خير ورسيءَ جو
ڏينهن اچي ويو. عئنشيرام ۽ شيوڪرام کي
تہ پنهنجي جهوني ڪپڙي جو اسٽاڪ جو
نيڪال ڪرڻو هو. سو ڇا ڪيائون جو ڪپڙي
تي گهنڊ ڇاپ ٺپو هڻي سني پئڪ ڪري
رکي ڇڏيائون ۽ ائين ڪپڙو نيڪال ڪري
رقم روڪڙي هٿ ڪيائون. ڊسڪائونٽ
جي ڪري ۽ هٿ پرساديءَ جي لالچ ۾
ڪافي ماڻهو آيل هئا ۽ اُنهن کي بنا
خريداريءَ جي وڃڻ کان روڪڻ جي
ڪوشش ڪيائون. عئنشيرام ۽ شيوڪرام
ڏاڍا سرها ٿيا. پر اشتهاربازي اجا بند نہ
ٿي. پيپر ۾ اشتهار وجهائي سيني جي
شڪر گذاري ڪيائون. ۽ گهينڊو ڪلاٿ
اسٽورس (گهنڊ ڇاپ) جو نالو وڏن اکرن ۾
ڇاپائي پنهنجي ڏنڌي کي اڳتي ڌڪيائون
۽ ائين پاڻ کي ورسيءَ سان ورسائي
ڇڏيائون.

ڪيئن بدليو آهي. هاڻي اُنکي جيون مان مزو اچڻ لڳو.

هڪ ڏينهن شام جو جڏهن هو باغ ۾ پهتو تہ اِها عورت ڪانہ آئي هئي. هو هنجو انتظار ڪندو رهيو، شام ٿيڻ لڳي، هن جون اکيون ٿڪجي پيون ، پر اُها ڪانہ آئي. طرح طرح جا اشپ ويچار ڪاڪي جي من ۾ اچڻ لڳا. ڪٿي ڪو ائڪسيڊنٽ تہ ڪونہ ٿيو يا بيمار تہ ڪانہ ٿي پئي. من مان چئن موڪلائي ويس. سوچڻ لڳو ، مان بہ ڪيترو نہ بيوقوف آهيان. هيترا ڏينهن ٿي ويا پر اڄ تائين مان هنجو ڏس پتو ڪونہ پڇيو آهي ۽ نہ ٻڌايو آهي. ڪاڪي راند ڪندڙ ٻارن کان اُنجي گهر جو پتو پڇيو ۽ ڌرڪندڙ دل سان اُتي پهچي گهنٽي وڄائي، اندران اچي مشڪرائيندي اُن عورت دروازو کوليو. هو ٻڌ تر ۾ بيٺو رهيو تہ ڇا چوي اندر وڃي يا نہ، تہ اُن عورت اندر اچڻ جي نينڊ ڏنس ۽ سجايل اوطاق ۾ وهاري اندر هلي ويئي. ڪاڪي چئني پاسي نظر ڦيرائي تہ ڏٺائين سندر نموني جو ٺهيل ننڍڙو بنگلو آهي، ٻاهر سندر گلن جا وڻ ۽ اندر سجايل گلدستن سان خوشيءَ ڀريل ماحول وارو گهر. تڏهن هٽ ۾ پاڻي ڪٽي هوءَ داخل ٿي.

ڪاڪو چوڻ لڳو،” معاف ڪجو،اڄ توهان باغ ۾ ڪونہ آيا تہ مان چنتا ۾ پئجي ويس تہ ڪٿي بيمار تہ نہ ٿي پيا.“

ڪاڪو ٿورو ترسي ڪري وري چوڻ لڳو،” چڱو هاڻ مان وڃان ٿو.... پر ها، اسان هڪ ٻئي جو نالو بہ ڪونہ پڇيو آهي. منهنجو نالو پرسرام آهي. ڏنڌي کان مان وڪيل آهيان،۽ هاڻي ڪافي ٽائيم ملندو آهي.پتني پاروتي بہ سال اڳہ سرڳواس پڌاري، مون کي بہ پٽ هڪ ڌيءُ آهي. ٽيئي ٻار اَمريڪا ۾ وڃي ٽانئيڪا ٿيا آهن.مان هتي ٣٠ نمبر بنگلي ۾ بلڪل اڪيلو رهندو آهيان. تون پنهنجي سچاٽپ ڏينديءَ تہ سنو.

” منهنجو نالو موهني آهي،“ عورت چيو،”منهنجو گهوٽ گهنشام پارت سرڪار ۾ آءِ . اي. ايس آفيسر هو. گهٽو اڳہ پهاڙيءَ تي هيءَ جڳهہ ڏاڍي سنسان هئي. ماڻهو ڏينهن جو بہ هيڏانهن اچڻ کان ڏڪندا هئا. هڪ دفعو موڪلن ۾ اسان هيءُ گهر ٺهرائڻ شروع ڪيو ۽ ٻن سالن ۾ ٺهي تيار ٿي ويو. اسان جا بہ پٽ دهليءَ ۾ پڙهندا هئا. جڏهن منهنجو گهوٽ رٽاير ٿيو تہ اسان هن بنگلي ڪي اچي سجايو. پر قدرت اسان جو سکہ سهي نہ سگهي ۽ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سال اندر هارٽ ائٽڪ ۾ هو رمندو رهيو ۽ اُتي جتان ڪوئي واپس نہ وريو آهي.

ويندا هئا. شام جو موٽي گهر جي ڪم ۾ لڳي ويندا هئا. اِهائي پشچمي ديش جي روزاني حياتي آهي.

ڪاڪي پرسرام جي اُتي ڪنهنڪي ضرورت ڪانہ هئي، نہ ڪوئي هنجي پاسي ۾ اچي وهندو هو، نہ ڪجھہ ٻڌائيندو هو ۽ نہ دکہ سکہ پڇندو هو. اڪيلي گهر ۾ ڪنهن سامان وانگر پيو رهندو هو. آمريڪا ۾ ٻئي پٽ امر ۽ ڏيءُ نمرتا وٽ ڪجھہ ڏينهن رهيو. سڀ پنهنجي روزاني ڪم ۾ رُڌل رهندا هئا. اُن ڪري اڪيلو جيون هنکي ڪائڻ ايندو هو. اُن ڪري روڪڻ تي بہ هي پنهنجي ديش پارت ۾ واپس آيو.

هتي هِن گهر ۾ هنجي زال پارپتيءَ جي خوشبوءِ ڦهليل هئي.چمپل، سامان، گهر جي هرهڪ ڪنڊ ۾ پارپتيءَ جي يادگيري هئي. جڏهن هوءَ جيئري هئي، تڏهن هن جو قدر ڪونہ ٿيو. ڳالهہ ڳالهہ تي هيءُ پارپتيءَ تي غصو ڪندو هو. هاڻي هن کي پارپتيءَ بنا جيون ٻسو لڳندو هو. جيتري عمر ايشور لکي آهي اُها تہ گذارڻي آهي.

باغ ۾ هڪ ٦٢ سالن جي عورت هڪ ڪنڊ واري بينچ تي اچي وهندي هئي. ٽڙيل گلن جي ساراهہ ڪندي هئي تہ ڪڏهن ڪجھہ نہ ڪجھہ گنگنائيندي هئي. پڙهيل، لکيل ، قاعدي سان ڪپڙا پاتل، سٺي گهر جي لڳندي هئي.

ڪاڪي پرسرام ڏيان سان ڏٺو تہ هنجي ڳلي ۾ منگل سوتر ۽ نرڙ تي بندي ڪانہ هئي، شايد وڌوا آهي. ڪاڪي جو من اُن عورت لاءِ ديا سان ڀرجي ويو. پر ايتري تہ دکي ڪونہ ٿي لڳي. هنجي چهري تي ڪيتري نہ شانتي آهي. شام جو جڏهن باغ ۾ ٻار گڏ ٿيندا آهن تہ اُنهن ٻارن سان هوءَ راند ڪندي آهي، اُنهنکي ڏارمڪ ڪهاڻيون ٻڌائيندي آهي.

ڪاڪي پرسرام جون اکيون ، ڪن ۽ من سڀ اُن عورت طرف هوندو آهي. من ٿيندو اٿس تہ هنجي محفل ۾ شريڪ ٿي وڃي، پر شرم ٿيندو اٿس. هڪ ڏينهن هوُ همت ڪري اُٿيو ۽ اُن وٽ وڃي ڪري چيائين،” ٻڌو جيڪڏهن توهانکي اعتراض نہ ٿئي تہ مان بہ توهانجي ڪهاڻين ۾ شامل ٿيان.“

اُن عورت مشڪرائيندي چيو،” بيشڪ اعتراض ڇو ٿيندو؟ اُن ۾ مونکي تہ خوشي ملندي،“ ٿورو سري ڪري ڪاڪي پرسرام کي جڳھہ ڏنائين.

هاڻي روز جو نيم. صبوح کان وٺي هو سانجهيءَ جو انتظار ڪندو هو. اُن ٿورن ڪلاڪن ۾ هو پنهنجو دکہ، اڪيلائي سڀ ڪجھہ وساري ڇڏيندو هو. هو بہ ٻارن کي چرچا ٻڌائي کلائيندو هو. هنکي پنهنجو پاڻ تي عجب لڳندو هو تہ هو ايترو

نيون خوشيون اُيرڻ لڳيون. هڪ ڏينهن هوُ استول تي چڙهي پنهنجي ڪٽنب جو فوٽو صاف ڪرڻ لڳو تہ ڌم سان ڪِري پيو. پير ۾ فرئڪچر ٿي پيس. پنهنجي پراڻي ڊاڪٽر ۽ موهنيءَ کي فون ڪيائين.

موهني جلدي ڪاڪي پرسرام وٽ پهتي ۽ هنکي وٺي سُپتال پهتي. سُپتال ۾ ايڪسري ۽ پلاسٽر چاڙهڻ ۾ سڄو ڏينهن نڪري ويو. موهني بہ گڏ رهيس. گهر اچي ڪاڪي کي کير بريڊ کارائي بي من سان گهر واپس آئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جي جلدي هٿن ۾ گلن جو گلدستو کڻي پرسرام جي گهر ۾ آئي، ''چوڻ لڳي باغيچي ۾ نڪتل ڪجھہ تازن گلن جو گلدستو ۽ توري اُيما ناهي تو لاءِ کڻي آئي آهيان.''

پرسرام ڏاڍو خوش ٿيو. موهنيءَ گهر کي صاف ڪيو ۽ منجهند جي روٽي ناهي. ڪاڪي پرسرام کي لڳو تہ بنا گهرڌياڻيءَ جي گهر يوتن جو اڏو آهي.

ٽي هفتا گذري ويا. ڪاڪي پرسرام دل ۾ سوچيو تہ شل منهنجو پلاسٽر نہ لهي ۽ موهني اُن بهاني گهر ايندي رهي. ڪاڪي پرسرام ۽ موهنيءَ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ ۾ دک سک جون ڳالهيون ڪيون.

ٽن هفتن کان پوءِ جڏهن ڊاڪٽر پلاسٽر کوليو تہ هڏي پنهنجي جڳھہ تي نهي ويئي، تڏهن موهني هڪ شام جو وڃڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي، پرسرام صاحب، هاڻي توهان ٺيڪ ٿي ويا آهيو. مان هاڻي سياڻي کان روز نہ ايندي‌س.

ڪاڪي پرسرام هنجو هٿ پڪڙيو، ''موهني، تو مونکي جيئڻ جي وري خوشي ڏني آهي.... مان توکي هاڻي هتان ڪڏهن بہ وڃڻ نہ ڏيندس.... هل ڪورٽ ۾ هلي شادي ڪيون. اسانکي هڪ ٻئي جي سخت ضرورت آهي.''

موهنيءَ شرمائيندي چيو، ''اسانجا ٻار ۽ سماج ڇا چوندي....''

پرسرام بي صبر ٿي چيو، ''ڪهڙو سماج. ڪنهنکي اسانجي پرواھہ آهي؟ اسان جا اولاد تہ پنهنجي پنهنجي سنسار ۾ مست آهن. هوُ اسان لاءِ ڇا ٿا ڪن؟ ۽ تون ڪهڙي سماج جي ڳالهہ ٿي ڪرين، جيڪا سوارٿي ۽ مطلبي آهي. سيني جي چِنتا ڇڏ. جيتري زندگي آهي، ٻئي گڏجي رهي سڄايي ڪنداسين، ۽ زندگيءَ جا رهيل بہ پل آنند ۾ گذارينداسين.

موهنيءَ ڪنڌ سان هامي ڀري. ڪاڪي پرسرام ۽ موهنيءَ ڏنو تہ آسمان ۾ بہ پکيئڙا گڏجي اُڏامي رهيا هئا. شايد پرماتما بہ اُن رشتي ۾ خوش هو.

مان ٻارن خاطر ٻاڻ کي پڪو ڪيو جو آئينده اُنهن جي سامهون هو. وڏي مهيش ارٿ شاستر ۾ ايم. اي. ڪئي ۽ هنکي پوني ۾ بئنڪ ۾ سٺي سروس ملي. ننڍي پٽ اُميش کي پڙهڻ ۾ من نہ لڳو. هن کي ايئر اِنڊيا ۾ نوڪري ملي.

”سال ڪان پوءِ وڏي پٽ مهيش جي شادي سٺي خاندان مان ٿي. ننڍي پٽ اُميش لوَ مئريج مونکان موڪل وٺي ڪئي، مان سوچيو تہ وري ننهرن، پوٽن ۽ پوٽين سان گهر ڀرجي ويندو. پر هوُ شادي ڪري پنهنجن پنهنجن زالن کي وٺي وڃي ٽانئيڪا ٿيا. مان اڪيلي رهجي ويس. اِهو سنسار جو نيم آهي تہ اِنسان سنسار ۾ اڪيلو آيو آهي ۽ اڪيلو ويندو.“



ڪاڪي پرسرام جي دل دکي ٿي. هوُ سوچي رهيو هو تہ ڪهڙن اکرن ۾ هنکي آٿت ڏيان. هن جا ڳوڙها اُگهان، پر ڀارتيہ سڀيتا موجب هوُ چپ رهيو. ۽ پنهنجو دکہ بہ ياد ڪندو رهيو.

موهني هٽ منهن ڌوئي تازي تواني ٿي، ڪافي ناشتو ڪٽي موٽي، ڪافي پي ڪري ڪاڪو پرسرام جڏهن وڃڻ لڳو تہ موهنيءَ چيس تہ، ”سياڻي مان باغ ۾ اچي نہ سگهندس جو بجلي ۽ پاڻيءَ جو بل جمع ڪرائڻو آهي. گهر جو راشن ۽ ٻيو سامان وٺڻو آهي. ايتري ڪم لاءِ سڄو ڏينهن کپندو آهي.“

ڪاڪي پرسرام چيس، ”مون کي بہ ٻن مهنن جو بل ڀرڻو آهي. جيڪڏهن تون چاهين تہ گڏجي هلون. مان بہ سستي ڪري رهيو آهيان. تون هونديءَ تہ ياد تہ ڏياريندي.“ مان سياڻي صبوح جو ڏهين بجي ايندس، ۽ گاڏي ڪٽي ايندس، تون تيار رهج.

صبوح جو ڪاڪي پرسرام جلدي اُٿي پنهنجي ماروتي ڪار ڪڍي. ڪار ڌوئي صاف ڪيائين. مشڪل سان ڪار چالو ٿي، ٽائيم سان موهنيءَ وٽ پهچي ويو.

ٻنهي گڏجي سامان ورتو ۽ سامان وٺندي وٺندي منجهند جا ٽي ٿي ويا. هنن هڪ وڏي هوٽل ۾ روٽي کاڌي. شام جو جڏهن واپس آيا تڏهن بہ تازا توانا هئا.

ڪاڪو پرسرام موهنيءَ جو سامان هنجي گهر رکي موهنيءَ کي گهر ڇڏي پنهنجي گهر واپس آيو. هن جي من ۾

آشيرواد ڏئي روانو ڪيو.

نارائڻ ڪي بندوق هلائي پاڪستاني سپاهين جا ڇڪا ڇڙائڻ جي آنڌ مانڌ هئي سو خوش ٿي کلندو ٽڙندو ٻين ساٿين سان گڏ رٿيل پروگرام موجب سرحد تي پهچي ويو. نارائڻ حولدار پنهنجي اچوڪ نشاني بازيءَ سان دشمن جا ڏند کٽا ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي يونٽ جي آفيسرن ۽ ساٿي سپاهين جي واهہ واهہ لٽڻ لڳو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جڏهن جنگہ جو زور گهٽيو تہ نارائڻ ڪي سندس ڪيل خدمت جو خاص خيال رکندي ۽ سندس شاديءَ بعد ترت گهر ڇڏي اچڻ جو ويچار ڪري مهني پر لاءِ گهر وڃڻ جي خاص ڇُٽي ڏني وئي. ڳوٺ پهچڻ تي ڳوٺ جي زميندار ڳوٺ وارن ملي نارائڻ جي بهادري ۽ همٿ جو قدر ڪندي عزت افزائي ڪئي. واپس جنگہ ڇڙي پوڻ تي نارائڻ ڪي ڏهن ڏينهن ۾ ئي واپس وڃڻو پيو. اهڙيءَ طرح سرحد تي شيوا ڏيندي موقع ملڻ تي گهر بہ ايندو رهندو هو.

ڪجهہ سالن ۾ نارائڻ ڪي پهرين هڪ پٽ ۽ پوءِ ڪيس هڪ ڌيءُ ڄائي. وقت پوندي پهرين سندس پيءُ گلاب سنگهہ گذاري ويو ۽ ڪجهہ سالن بعد سندس ماءُ بہ راهہ رباني ٿي پر بدقسمتي نارائڻ جي، جو ٻنهي جي موت ۽ سندن ڪريا ڪرم تي اچي نہ سگهيو ڇاڪاڻ تہ سرحد تي ڇڪتاڻ واريون حالتون هجڻ سبب ڇُٽي نہ ملي سگهي. سرحد تي ڇڪتا گهٽجڻ سبب جڏهن ڪيس ڇٽي ملي نہ گهر آيو.

هي پنهنجي گهر کي تالو لڳل ڏسي وائڙو ٿي ويو. پڇا ڪرڻ تي پاڙي وارن ڪيس ٻڌايو تہ تنهنجي پتا گلاب سنگهہ جي مرڻ تي زميندار تنهنجي گهر ۾ غم خواهي ڪرڻ آيو هو تڏهن تنهنجي پتني شيلا جي جواني ۽ سونهن ڏسي اهڙو موهت ٿي پيو جو روزانو هڪ يا ٻہ دفعا ڏکہ سکہ پڇڻ جي بهاني ايندو هو. تنهنجي ماتا جي بيمار ٿيڻ تي هن جي علاج لاءِ ٻاهران ڊاڪٽر گهرائي اهڙو علاج ڪرايائين جو هوءَ وڌيڪ بيمار ٿي ايشور کي پياري ٿي ويئي. شيلا کي شڪ پيو ۽ زميندار جون حَوَس ڀريون نگاهون ڏسي زميندار جي سامهون اچڻ کان ڪنارو ڪندي هئي. زميندار جو روزانو گهر اچڻ گهاتڪ سمجهي ڪيس منع ڪيائين تہ هتي اچڻ جي ضرورت ڪانهي پر تڏهن بہ زميندار پنهنجي منيب گلاب سنگهہ جي ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ جو دم ڀري گهر جي سنڀال جو نالو وٺي اچڻ چالو رکيو ۽ شيلا جي ڀرسان وڃي هنسان لهہ وڃڙ جي ڪوشش ڪندو هو. شيلا کي سخت نفرت ايندي هئس پر ڪجهہ ڪري ڪونہ ٿي سگهي. آخر پاڙي وارن کي ليلائي چيائين تہ مدد ڪريو پر زميندار جي ڀوَ کان ڪو بہ هن جي مدد ڪونہ ڪري سگهيو تڏهن شيلا لاچار سڄو ڏينهن گهر جو دروازو بند رکڻ جو فيصلو ڪيو. ٻئي ڏينهن تي زميندار دروازو بند ڏسي ٻہ گنڊا گهرائي هنن کي حڪم ڪيائين تہ پٽ ٽپي اندر وڃو ۽ دروازو کوليو جي تالو لڳل هجي تہ اُهو بہ ڀڃي دروازو کوليو. گنڊا هٿوڙو


ديش جي سپاهيءَ جو انت

هيرانند سکيچا

نارائڻ نالي ننڍو نينگر پيءُ ماءُ جو هڪڙوئي سڪيلڊو ٻار پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهندو هو. سندس پيءُ گلاب سنگهه ڳوٺ جي زميندار جو منيب هو اُن ڪري ڳوٺ ۾ سني عزت هئس. گلاب سنگهه پنهنجي پٽ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ گهڻائي ارمان پاليندو هو ۽ چاهيندو هو ته سندس پٽ پڙهي وڏو آفيسر بڻجي، پر نارائڻ جو چت پڙهڻ ۾ گهٽ ۽ راند روند ۾ وڌيڪ لڳندو هو. تيرڪمان جي اڀياس کان پوءِ پيءُ جي بندوق کڻي ڳوٺ کان ٻاهر نشان چٽڻ جو اڀياس ڪندو هو. نارائڻ مظبوط بدن وارو قداور شڪل جو ناهوڪو ڳڀرو جوان، پاڪستان جي ڀارت سان ڇيڙ ڇاڙ جون خبرون اخبارن مان پڙهي اهڙو متاثر ٿيو جو رات جو ننڊ ۾ به پاڪستان کي چتاءُ ڏيندو رهيو.

آخر پيءُ کي مڃائي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ ويو. بدن جو جانئو ۽ قداور ته هو هي ويتر بندوق جي نشاني بازيءَ ڪري ڀر تي ڪندڙن فوجي عملدارن جي دلين ۾ ڇانئجي ويو.

فوجي عملدارن نارائڻ کي ڀرتي ڪري ڪانئس پسندي پڇي ڪشمير سرحد تي موڪلڻ لاءِ ڪيس ٽريننگ ڏئي ۽ حوالدار بڻايو ويو. سرحد تي وڃڻ کان اڳ ڪيس ڏهن ڏينهن لاءِ گهر وڃڻ جي موڪل ملي. اِنهيءَ وچ ۾ نارائڻ جي پيءُ گلاب سنگهه پرسان واري ڳوٺ جي هڪ خوشحال ڪسان جي ڌيءُ سان نارائڻ جي مڱڻي جي پڪ ڪئي هئي سو ڇُٽيءَ وارن ١٠ ڏينهن ۾ سندس شادي به ڪرائي وئي. هفتي کن گذرڻ کان پوءِ نارائڻ سرحد تي وڃڻ جي تياري شروع ڪئي ته سندس اڌ شرير يعني ڌرم پتنيءَ گهبرائڻ شروع ڪيو پر نارائڻ حولدار جي سمجهائڻ تي ڌرم پتني سشيلا پنهنجي دل کي ڏڍ ڏئي منهن تي ٿوري مشڪراهٽ آڻي نارائڻ کي تلڪ ڏئي ماتر ڀوميءَ جي رکيا لاءِ موڪل ڏني ۽ سندس پيءُ گلاب سنگهه سندس پٽ نپري



نالو : هيرانند سکيچا.

ڪان ڪيس مدد ڪرڻ کان لاچاري ظاهر ڪئي. نارائڻ پئنچن مان نراس ٿي ڳوڙها ڳاڙيندو، ٻڪيو پياسو ڏهن ميلن جي پنڌ تي پوليس ٿاڻي جي طرف روانو ٿيو. اڌ رات جو ٿاڻي ۾ پهتو ته ڊيوٽيءَ تي تئنات ٿاڻيدار حولدار نارائڻ کي سڃاڻي ورتو. سندس مرجهايل چهرو اکين ۾ آنسون ۽ بدن ٿڪ ۾ چُور ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. پريم ۽ عزت سان ڪرسي تي وهاري پاڻي گلاس پياري ڏاڍي همدردي ڏيکاري حال احوال ورتي ڪيس آٿت ڏنائين ته هاڻي هتي مون وٽ ئي رات ڪاٽي آرام ڪر. صبوح جو اُٿي ويچار ڪنداسين ۽ ضروري ڪاروائي شروع ڪنداسين. نارائڻ ٿاڻيدار جي ڳالهين تي وشواس رکي دل کي ڏڍ ڏيئي جهڙا تهڙا به ٿي گره ڪائي پاڻي پي پرسان پيل بينچ تي سمهي پيو پر نيڻن ۾ ننڊ ڪٿي؟

صبوح ٿيڻ تي ٿاڻيدار نارائڻ جو بيان هڪڙي ڪاغذ تي لکي نارائڻ کي ڪاروائيءَ جو دلاسو ڏيئي روانو ڪيو.

نارائڻ دکي من سان واپس پنهنجي ڳوٺ پهچي گهر جو تالو ٽوڙي اندر گهريو ته پاڻ روڪي نه سگهيو ۽ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. پاڙي وارن روئڻ جو آواز ٻڌي ڌيرج ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر سڀ بي سود. ڪيس روٽي ۽ پاڻيءَ جي ڪافي منوار ڪيائون پر سڀ بي اثر. نارائڻ جو گهر ۾ من نه لڳو سو واپس ٿاڻي ۾ پهتو. ٿاڻيدار ڪيس سمجهايو ته زميندار تي ڪاروائي ايترو آسان نه آهي. اُن لاءِ بالا عملدارن جي راءِ وٺي ڪم ڪرڻو پوندو. نارائڻ سمجهي ويو ته زميندار جي خلاف ڪاروائي ٿيڻ ممڪن ڪونه ٿي لڳي، اُن ڪري زميندار کان بدلو مونکي پاڻ کي شخصي طرح ئي وٺڻو پوندو.



هڪ طرف پيءُ ماءُ جي وڇوڙي جو دک ۽ ٻئي طرف زميندار هٿان پٽ جو موت ٽئين طرف ڌيءُ جي زنده جلائڻ جو سماچار ۽ چوٿين طرف جيئري جاڳندي مرد جي هوندي پتني شيلا زميندار جي قبضي ۾، اُنهن چئني ڳالهين کي ور ور ياد ڪري بدلي جي باھ ۾ جلندو رهيو. ڪيس ڪو به مدد ڪرڻ وارو نه ڏسي ڪيس اِهو ئي هڪ رستو سمجهه ۾ آيو ته پنهنجي پتني واپس وٺڻ لاءِ سڌو زميندار سان روبرو

ڪٽي پٽ ٽپي گهر جي اندر ٽيا تہ اندران
تالو لڳل هو اُن کي پڇي دروازو کوليائون.
پر شيلا پنهنجي پٽ ۽ ڌيءُ وٽي ڪمري
اندر وڃي ڪمري جو دروازو اندران بند
ڪري ويهي رهي. زميندار ٻاهريون دروازو
گنڍڻ ڪان ڪولارائي گهر جي اندر تہ ويو پر
شيلا کي اندر ڪمري ۾ بند ڏسي آگ ٻبولا
ٿي ويو. زميندار شيلا کي للڪاري چيو
تہ دروازو ڪول نہ تہ ٻاهران تالو لڳائي
ڇڏيندس تہ تنهنجا ٻار ۽ تون بکن ۾
مري ويندا. شيلا زميندار جي حوس جو
شڪار ٿيڻ ڪان مرڻ بهتر سمجهي دروازو
کولڻ ڪان انڪار ڪيو. زميندار جون
واسنائون ايترو پڙڪي اُٿيون جو گنڍڻ
کي حڪم ڏنائين تہ ڪمري جو دروازو
پچو. ڪمري جو دروازو پڳو ويو ۽ زميندار
گنڍڻ سميت اندر گهريو تہ پنجي سالن جي
پٽ ورود ڪيو تہ گنڍڻ ٻار جي پٽائي
شروع ڪئي. ٻار مار کائيندو رهيو پر ورود
بند نہ ڪيائين. آخر ٻار چلائيندي
چلائيندي دم ٽوڙي وينو. سندس ماءُ ۽
ڀيڻ منهن مٿو پٽي روئڻ لڳيون. سڄو
پاڙو گهر ٻاهران ڪنو ٿيو پر ڪنهنجي
همٿ نہ ٿي جو زميندار جي اڇا جي
برخلاف هڪ ٻہ ٻول ٻولي سگهي.

زميندار گهر جي ٻاهران پاڙي وارن
جي سُس پُس ٻُڌي ٻاهر نڪتو تہ سڀ
پاڙي وارا پڇي وڃي پنهنجن گهرن ۾
لڪا ۽ گهر جي دروازن جي چيرن ۾ وٽين
مان ٻاهر ڏسندا رهيا. زميندار شيلا ۽
سندس ڌيءُ کي زبردستيءَ گنڍڻ ڪان ڪٽائي
پنهنجي بگي (ٽانگي) ۾ رکائي پنهنجي
محل ۾ روانو ٿيڻ وقت گنڍڻ کي چئي
ويو تہ ڇوڪري جو لاش ڳوٺ جي ٻاهران
وهندڙ نديءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو.

نارائڻ مٿين روءِ داد ٻُڌي اکين
مان خون جا آنسون وهائڻ لڳو ۽ پاڙي
وارن پي روئندي روئندي مٿين حقيقت
نارائڻ کي ٻُڌائي. نارائڻ سڏڪا ڀريندي
پاڙيوارن ڪان پڇيو تہ اڳتي ڇا ٿيو؟ ڪجھ
ڄاڻ هجيوَ تہ ٻُڌايو.

پاڙي وارن ٻڌايس تہ ڪجھ پي تہ
ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو آهي پر وائيندي خبر
ٻُڌي آهي تہ زميندار شيلا کي محل ۾ بند
رکيو آهي، ۽ پهرين ڏينهن ئي ڪيس
پنهنجيءَ حوس جي شڪار بڻائڻ لاءِ
زبردستي ڪئي تہ شيلا ۽ سندس ڇئن سالن
جي ڌيءُ ورود ڪيو تہ ڇوڪريءَ کي
پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪيس زنده
جلايو ويو آهي ۽ اُن بعد شيلا جي ڪهڙي
حالت آهي اُن جو پتو ڪونہ پيو آهي.

دل ڪانداريندڙ مٿين حقيقت ٻُڌي
نارائڻ جو رت ٽهڪڻ لڳو. سڄو ڳوٺ جي
مکيءَ وٽ ويو. مکيءَ همدردي ڏيکاريس
پر ڪيس مدد ڪان مجبوري ڏيکاريس. نارائڻ
مکيءَ تي زور آندو تہ ڪيئن بہ هڪ وار
پئنچايت ڪني ڪرايو. مکيءَ ماڻهو
موڪلي سڄي ڳوٺ جا پئنچ ڪنا ڪيا.
مکيءَ سميت سيني پئنچن جي اکين ۾
ڳوڙها هئا. سيني جا ڳلا رونڌيل هجڻ سبب
آواز ڪڍي نہ سگهيا. نارائڻ جي گهٽي
ٻاڏائڻ ٿي سيني پئنچن زميندار جي پيرَ


سِلو پيار جو

پورن لال ٺهلياڻي

اُشا ڪنهن آفيس ۾ ٽائيپسٽ/ ڪلارڪ هئي. جتان سندس گهر ٦-٧ ميل پري هو. آفيس پهچڻ لاءِ هوءَ سويل صبوح اُٿي پنهنجي ضروري ڪمن کان فارغ ٿي، تيار ٿي بس پڪڙڻ لاءِ نڪرندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن قسمت سان بس جلد ملي ويندي هئس نه ته گهڻو ڪري آفيس دير سان پهچندي هئي. اُن ڪري ڪيس آفيسر جي چيني تنبيهه روز روز ٻُڌڻي پوندي هئي. ڪوشش گهڻي ڪندي هئي وقت اندر آفيس پهچڻ لاءِ، پر مشڪل هو. اُشا آفيس جا دڙڪا کائڻ تي هري ويئي هئي. جيتوڻيڪ ڪيس سنو ڪونه لڳندو هو پر بيوس هئي، لاچار هئي.

هڪ ڏينهن اُشا پنهنجي مشڪلات جو ذڪر آفيسر سان ڪيو ۽ ڪيس منٿ ڪيائين ته سندس بدلي برانچ آفيس ۾ ڪري جيڪا سندس گهر جي بلڪل ويجهي هئي. صرف پندرهن منٽن جو پنڌ هو. آفيسر پهريائين ته اِنڪار ڪندو رهيو. آخر روز روز جي آزين نيزارين هٽي هنڌ ڪيو. آفيسر کي دل ۾ ديا اچي ويئي ۽ اُشا جي بدلي برانچ آفيس ۾ ڪيائين. اُشا ڏاڍو خوش ٿي ۽ پنهنجي آفيسر جي مهرباني مڃيندي هنڪان هميشهه لاءِ موڪلايو.

اُشا هاڻي پنهنجي برانچ آفيس جيڪا سندس گهر جي بلڪل نزديڪ هئي پوري وقت اندر پهچندي هئي. ڪڏهن به ليٽ اچڻ جو ڪنهنکي به ڪو به موقعو ڪونه ڏنائين. اُشا آفيس ۾ اچي پنهنجو ٽائيپ مليل ڪم ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويندي هئي. پنهنجو ڪم پورو ڪري پنجي بجي گهر رواني ٿيندي هئي. ڪنهن سان به سواءِ ڪم جي ڪونه ڳالهائيندي هئي. ٽائيپ جو ڪم اگر نه



نالو	:	پورن لال ٺهلياڻي.
جنم	:	ڳوٺ ٽنو هوتچند، تعلقو نوشهره، فيروز، ضلع نوابشاه.
ڇپيل ڪتاب	:	ٻه.
پيشو	:	رٽاير سرڪاري نوڪري.
پتو	:	٢٤٩، ڊبل اسٽوري، نيو راجيندر نگر، نئي دهلي-١١٠٠٦٠

ملان. محل ۾ ويو ته پريان سندس پتني شيلا کيس ڏسي روئندي ڊڪي اچي نارائڻ سان ملي. ايتري ۾ پريان زميندار ڏسي نارائڻ کي هڪل ڪئي ته خبردار شيلا کي هٿ نه لڳاءِ. هن کي مان پنهنجو ڪري چڪو آهيان. سندس پيٽ ۾ منهنجو ٻار به پلجي رهيو آهي. ائين چوندو ڊڪندو اچي شيلا کي ٻانهن کان پڪڙي ڇڪڻ لڳو ته جانئني نارائڻ غصي ۾ اچي ٻه ٽي ٿڦون وهائي ڪڍيس ته ڏندن مان رت سان گڏ ٻه ڏند به ڪري پيس. زميندار جي دانهن تي محل ۾ موجود سندس نوڪر ۽ ڪجهه گنڊا پهچي ويا ۽ نارائڻ کي مارڪٽ ڪري ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍڻ لڳا ته شيلا نارائڻ کي اهڙو چنبڙي پيئي جو ڌڪن ۾ شيلا به ٻاهر نڪرڻ لڳي پر گنڊن ڇڏائي شيلا کي زميندار وٽ پهچائي پاڻ دروازي وٽ چوڪيداري ڪرڻ لڳا ۽ نارائڻ غصي ۾ لعل ڇڻ منهن مان خون پيو نڪري. گهر جيطرف وڌيو پر وويڪ جا اهڙا وڏ پوڻ لڳس سو دروازو کولڻ جي در تي بهي ڪري پرن ڪيائين ته زميندار کان پنهنجي ۽ شيلا جي بيعزتيءَ جو جيسين بدلو وٺي شيلا کي گهر وٺي اچان تيسين گهر جو در نه کوليندس: من ۾ طئه ڪيائين ته ملٽريءَ جي بندوق کڻي پاڪستاني دشمن جا ڏند کٽا ڪري آيو آهيان ۽ زميندار جي بدلي لاءِ ڊاڪن جي بندوق کڻي پنهنجي آتما کي شانت ڪندس. اُن ڪري سڌو ڊاڪن جي ڏلَ ۾ وڃي مليو ۽ اُنهن کان بندوق وٺي اُنهن کي پنهنجو مقصد ٻڌائي اُنهن جي ٽولي وٺي سڌو زميندار جي گهر پهتو. زميندار کي سندس جاسوسن ٻڌايو ته نارائڻ حوالدار ڊاڪن سان ملي حملو ڪرڻ وارو آهي. زميندار پنهنجي سلامتيءَ لاءِ پوليس جا سپاهي محل جي ٻاهر ۽ اندر ڪجهه گنڊا ۲۴ ئي ڪلاڪ پهري تي رکيا.

آخر نارائڻ پنهنجي رٿا مطابق پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچي زميندار جي گهر تي زبردست پهرو ڏسي پنهنجي ساٿي ڊاڪن کي واپس وڃڻ لاءِ چئي پاڻ اڪيلو چيلهه ۾ خنجر ٻڌي هٿ ۾ پريل بندوق کڻي وڄ جي تيزيءَ وانگر محل ۾ گهري ويو. پوليس ۽ ٻيا پهريدار هنجي پنيان ڊوڙندا آيا پر جيسين نارائڻ کي پڪڙن تيسين بندوق جي پهرين گولي زميندار کي ۽ ٻي گولي پنهنجي ڌرمپتني شيلا کي هڻي پنهنجي اندر جي باه ڪجهه وسايائين ته پوليس اچي پهتي ۽ هنکي پڪڙين اُن کان اڳ چيلهه ۾ ٻڌل خنجر ڪڍي پنهنجي جيون ليلا ختم ڪيائين. ديش جي رکيا لاءِ تڙڦندڙ سپاهيءَ جي رکيا جو ذميعدار ڪير؟

بئي چٽا اوپاريون لهواريون ڪندا پنڌ ڪندا پنهنجي منزل طرف وڌڻ لڳا. اُشا کي گهر وٽ ڇڏي بي دليو پنهنجي گهر طرف هلڻ لڳو ائين پيو سمجهي تہ رستي ۾ ڪجهہ وڃائي آيو هو. دل ڦُرائي آيو هو. مستن وانگر هلڻ لڳو ۽ گنگنائي چوڻ لڳو، ”دل ربا تنهنجي شهر مان دل ڦرائي تو وڃان بي خطا خالي اجايو غم پرائي تي وڃان.“ آخر گهر اچي ويو. پر بلڪل بي چئن هو. رات جو بستري ۾ پاسا ورائيندو رهيو. اُشا جي ياد کيس ستائي رهي هئي. سوچي رهيو هو تہ جلد صبوح ٿئي تہ آفيس وڃي پنهنجي من ٺار محبوب جو مکڙو ڏسان، روح رهاڻ ڪريان. هن کي اُشا سان ملڻ جي تار لڳي پيئي هئي. تير سيني جي پار لڳي چڪو هو.

تارا ڳڻيندي سوچيندي رات وهامي صبوح ٿيو. جهٽ پٽ تيار ٿي آفيس جي وقت کان اڳہ پنهنجي آفيس جي ڪمري ۾ پهچي ويو ۽ انتظار ڪرڻ لڳو اُشا جي اچڻ جو. آخر اُشا بہ اچي ويئي. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏسي مشڪرايو. اکيون ملي چار ٿيون. دل ۾ بهار اچي ويئي.

هوڏانهن اُشا جيئن گهر پهتي تہ سمجهي پيئي تہ کيس ڪجهہ ٿيو آهي. هر هر رميش اکين آڏو اچي رهيو هو. من موهيندڙ چهرو اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. ڪا بہ ڳالهہ مني ڪانہ ٿي لڳي. کيس بہ محبت جو تير لڳي چڪو هو. رات جو بستري ۾ هر هر رميش جي مورت اکين اڳيان اچڻ لڳي. نيڻن مان ننڊ موڪلائي ويئي. دل ۾ ڪجهہ خال محسوس ڪرڻ لڳي. اندر ۾ جهاتي پائي ڏٺائين تہ من جي مندر ۾ رميش براجمان هو. مزو نہ هو من ۾ دل جي چمن ۾. جيڪا ڪالهہ تائين ڪنهن بہ شخص ڏانهن اکہ کڻي ڪونہ نهاريندي هئي ۽ نہ ڪنهنسان ڳالهائيندي هئي اها اڄُ ترقي رهي هئي رميش لاءِ. پيار جو سلو اندر اُپري چڪو هو. ننڊ نہ اچڻ ۽ سوچڻ ڪارڻ طبيعت خراب ٿي پيئي. آفيس وڃڻ جو خيال ترڪ ڪيائين. پر دل نہ مڃيو. رميش کان سواءِ ڏينهن ڏاڍو ڏکيو گذرندو. جهٽ تيار ٿي آفيس پهچي ويئي پريتم سان ملڻ لاءِ.

آفيس جي ڪم ۾ ٻئي مشغول ٿي ويا. پر رميش جي دل ڪم ۾ ڪانہ پيئي لڳي. بي دليو ڪم ڪري رهيو هو هر هر ترڇي نگاهن سان اُشا کي ڏسي رهيو هو. سوچي رهيو هو تہ جلد ٽائيم ختم ٿئي تہ ٻاهر وڃي اُشا سان روح رهاڻ ڪريان. تتل دل کي ٺاريان. پريم جي رسُ جا پيالا پيري پيان. آخر اُها گهڙي بہ اچي ويئي. سيڪو پنهنجا فائيل بند ڪري ٻاهر نڪري ويا. هيءُ بہ ٻئي چٽا گهر طرف پنڌ ڪندا

هوندو هئس نه چپ چاپ ويٺي هوندي هئي ۽ ڪيڏانهن به اک ڪٽي ڪونه نهاريندي هئي. اُن ڪمري ۾ ٻي ڪا به ڇوڪري ڪانه هئي جنهن سان به چار ڳالهيون ڪري دل وندرائي.

وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو رهيو. اُشا واري ڪمري ۾ هڪ ڪلارڪ رميش هو جو پهرين ئي ڏينهن کان وٺي جيئن اُشا آفيس ۾ قدم رکيو، هنجو حسن ڏسي اکيون چرخ تي ويس. وايون ٻتال تي ويون. وائڙن وانگر نهارڻ لڳو. هن شايد هنڪان اڳ اهڙي سونهن ڪانه ڏٺي هئي. چندرما به هنجي سونهن اڳيان شرمائي رهيو هو. آفيس جو ڪم ڪرڻ هو بلڪل ڀلجي ويو. اُشا طرف ترڇي نگاهن سان نهارڻ لڳو. ڳالهائڻ جو موقعو ڳولهيندو رهيو پر هن کي ڪڏهن به اهڙو موقعو ڪونه مليو. رميش پاڳل ٿي پيو هو. هنجو ڪو به قصور ڪونه هو ڇاڪاڻ ته اُشا هڪ ته هئي شڪل جي سهڻي ۽ ٻي هئي ننڍڙي وهي. اُن جي تعريف ڪرڻ هن قلم کي طاقت ڪانه آهي. اُشا سان ڳالهائڻ لاءِ پيو واجهون واجهائيندو هو. آفيس جي وقت ڪم ڪرڻ وسري ويندو هئس. شام جو ليٽ ويهي ڪم پورو ڪري بي دليو، دل ڦرائي گهر ويڳاڻي وانگر ويندو هو. سرد آهون ڀريندو گهر پهچندو هو. تارا ڳڻيندي رات وهامي ويندي هئي. نيڻن مان ننڊ موڪلائي ويئي. ”جنهن کي تار لڳي آهي يار جي سا ڪيئن ڪندي گهرٻار جي“ اهڙو حال هو رميش جو. دل کي نه چئن هو نه قرار هو.

آخر اُهو ڏينهن به اچي ويو. رميش کي قسمت پورو ساٿ ڏنو. هميشه جيان شام جو ليٽ ويهي آفيس جي فائيلن کي اُٿلائي پٿلائي ڪم ڪري رهيو هو ته هن کي ڪنهنجي هلڻ جي قدمن جي آهٽ ڪن تي پيئي. اِها آهٽ سندس ڪمري طرف اچي رهي هئي جا بلڪل ويجهو اچي ان ڪمري جي در وٽ رڪجي ويئي. رميش ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو ته اُشا واپس اچي ويئي هئي. هو ڏاڍو خوش ٿيو. گدگد ٿيو. اُشا کي واپس آيل ڏسي نري پيو ۽ حيران پڻ ٿيو. همٿ جهلي اُشا کان پڇيائين، ”ته هوءَ ڪيئن واپس آئي آهي.“ اُشا جواب ڏنو ته، ”هوءَ پنهنجو پرس ميز جي خاني ۾ وساري ويئي هئي جا کڻڻ لاءِ آئي هئي. اُشا پنهنجو پرس کڻي ٻاهر نڪرڻ لاءِ مڙي ته رميش موقع غنيمت سمجهي اُشا کي ترسڻ لاءِ چيو. اُنهن لفظن جو جادوءَ جهڙو اثر اُشا تي ٿيو ۽ سهه پهه هوءَ رڪجي ويئي. رميش جهٽ پٽ پنهنجا فائيل سميٽي ڪٻٽ بند ڪري اُشا سان گڏ ٻاهر نڪتو. پوءِ

رهاڻ

کویتا

پريم وندپندا هلندا رهيا. ٻئي خوش هئا. اُشا جو گهر اچي ويو. اُنکان موڪلائي پنهنجي منزل طرف وڃڻ لڳو،سوچي رهيو هو اچا پنڌ لنبو هجي ها تہ ڪهڙو نہ لطف اچي ها. ٻئي ويجها هڪ ٻئي جي اچي چڪا هئا.ڪوريئڙي واري ڄار جيڪا رميش اُشا لاءِ وڇائي هئي اُن ۾ ڦاسي چڪي هئي، جتان هينئر آزاد ٿيڻ مشڪل هو. ناممڪن هو.پاڻ بہ هاڻي رميش کي چاهي رهي هئي. هن لاءِ بہ هاڻي هڪ پل جُدا رهڻ دُشوار هو.ڏينهن گذرندا رهيا.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ پوسٽ مئن اُشا جي نالي جي تار کڻي پهچائيندو اُن ڪمري ۾ پهتو. سيني جون نگاهون اوڏانهن کڄي ويون تہ تار ۾ ڇا لکيل آهي. رميش بہ پنهنجوڪم ڇڏي اُشا جي ويجهو اچي اهو ڄاڻڻ چاهيو ٿي تہ تار ۾ ڇا لکيل آهي؟ اُشا ڪيس ٻڌايو تہ ڪيس هڪ پٽ آهي جوناني ءِوٽ رهندو آهي، بيمار آهي.جلد اچڻ لاءِ تاڪيد آهي.

شام جو ٻئي ٻاهر نڪتا تہ رميش اُشا کان سوال پڇيو،” ڇا تون وڌوا آهين. تو تہ اهڙي ڳالهہ ڪڏهن ڪانہ ڪئي آهي؟“ اُشا وراڻيو،” اها ڪا ڳالهہ ٻڌائڻ جي آهي؟ ۽ ڪڏهن بہ اهڙو ڪوبہ ذڪرڪونہ ڇڙيو آهي.“ اُن ڳالهہ جي ڪري ٻنهي جي پريم ۾ ڪا بہ ڪوتاهي يا فرق ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. پريم جو پيچ پختو ٿيندو ويو. جيڪو پيار جو سلو اُپريو هو اُهو هاڻي وڌي وڻ ٿيو هو. پيار جي پاڙ پڪي ٿي ويئي هئي.

رميش هڪ ڏينهن اُشا کي صاف ٻڌايو تہ پاڻ بہ وڌُر آهي. ڪيس هڪ پٽ آهي جو منهنجي وڏي ڀاءُ وٽ ڳوٺ ۾ رهندو آهي. منهنجو وڏو ڀاءُ هاڻي چاهي ٿو تہ مان شادي ڪري پنهنجو ٻار پاڻ سنڀاليان جيڪو هاڻي مون کي ياد ڪري رهيو آهي. جڏهن اسين ٻئي هڪ ٻئي جي سڀاءُ کان واقف ٿي چڪا آهيون ۽ پاڻ ۾ پريم بہ ڪريون ٿا اُن ڪري مان چاهيان ٿو تہ ڇو ڪين اسين ٻئي پاڻ ۾ شادي ڪريون. اهو منهنجو پرستاءُ تنهنجي اڳيان آهي. اُن تي ڀلي سوچ ويچار ڪري مونکي جلد ورندي ڏي.

آشا سوچڻ لاءِ وقت گهريو. سوچي ڏٺائين تہ شادي ڪرڻ سان هڪ تہ هڙو ڇوڪرو ملڻ مشڪل آهي. تنهن کان سواءِ ٻنهي جا پٽ بہ سکي ۽ پنهنجي نظر هيٺ ٿيندا. اِهو پڪو اِرادو ڪري هن هائو ڪئي.

شادي سکہ ۽ خوشيءَ سان ٿي گذري. پنهنجا ٻار سندن نظر هيٺ پلجندا رهيا ۽ خوش گذارڻ لڳا. ٻنهي جو گهر آباد ٿي ويو. سُکي جيون گذارڻ لڳا.

فهرست

ڪويتا

هري دلگير جو غزل

اڄ خيالن جون اُڏايون لغڙيون،
سترنگيِ اِندر ڏَنُش کي پکڙيون.

١ چَندَ تارَن تي پُڄايون کَنيڙيون،
هيٺِ تِنِ لاءِ ٻڌايون هٿِڙيون.


٢ سجُ ٻہ اُڀِريو ءِ تِڙيون پڻ مُکِڙيون،
تُنهنجي سِر تي ڇو غَمَن جون گِنڙيون؟

٣ اِندلَٺ کانہ ڏِني تو شايد،
ڇو تہ آليون هُيوُن تنهنجون اکڙيون.

٤ دل ۾ درويش جي، بخمل اطلس،
ٻاهران جِسمَ تي اَگڙيون ٽڳڙيون.

٥ وقت ٽورو ءِ اڃا پنڌ گهڻو،
پنهنجي منزل ڏي وِکون کڻُ ننڍڙيون.

٦ طنز جا تيِر هڻن ٿيون ”دلگير“
ڳالهڙيون تنهنجون جي کتڙيون منڙيون.



نالو	:	هري درياڻي ”دلگير“.
جنم	:	لاڙڪاڻو، ١٥-٦-١٩١٦.
ڇپايل ڪتاب	:	ويهہ.
اِنعام	:	اين.سي.اي.آر.ٽي. جو هند سرڪار ،پريہ درشني، نارائڻ شيام،اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن جو هڪ لکہ.
پيشو	:	گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاڊميءَ جو چيئرمن، ١٩٩٤-١٩٩٩.
پتو	:	١٧ مئتري-٢ اي آديپور (ڪڇ).

ارجن چيتانند تنواڻي ”حاسد“ جي غزل ۽ قطع

غزل

تنهنجيءَ ڪاوڙ اِئين تي ليلايو!
چڻ تہ ڪنهن دوُر ڪان تي ڳالهايو!

صبر ڪي پڻ وجوُد ٿيندو آ،
ڪنهن تہ تومان ائين ٿي واجهايو!

لهر تي لهر،ٻانهن ۾ ٻانهون،
ترورن روشنيءَ ڪي ڦهلايو!

لفظ ور ور ڇهن ٿا خوشبوُ ڪي،
چانوَ جو رنگہ آهي مرجهايو!

فرش تي شانت، در دريون سُس پُس،
گهر جي پردن مزاج بدلايو!


جي سجاڻين،سڄاڻ اُڻ تڻ ڪي،
وهم، ڪنهن اهم ڪي ٿي ورجايو!

ڳالهہ نڪتي اُتي وئين حاسد
وقت توکي گهٽوئي هرڪايو!

قطع

گهوُري ڏسندءِ تہ وسامي ويندين،
ڦوُڪ ڏيندءِ تہ اُڏامي ويندين،
هيءَ تہ بازار لفنگن جي دوست،
مفت جي اگهہ ۾ وڪامي ويندين!





نالو	:	ارجن چيتانند تنواڻي ”حاسد“.
جنم	:	ڪراچي ،٧-١-١٩٣٠.
ڇپايل ڪتاب	:	چار.
انعام	:	ساهتيہ اڪادمي دهلي، ڪيترين سنستائن ۽ ادبي اِدارن طرفان.
پيشو	:	پوسٽ کاتي مان پوسٽ ماسٽر جي عهدي تان رٽائرڊ.
پتو	:	٣٦٢-بي پوسٽ باڪس-سردار نگر،احمداباد-٣٨٢٣٧٥.

ڊاڪٽر ديال ”آشا“ جو غزل

ڪير پڙهندو تنهنجي دل جو داستان!
وقت جي واريءَ تان هي ميٽجي ويندو نشان!

ڪير ٻڌندو گيت تنهنجا درد وارا سوزِ دل!
ڪير اُگهندو لُڙڪ تنهنجا ويا لڏيندا قدردان!

ڪير ٻڌندو وعظ تنهنجا هِت ڪنن ۾ آ ڪپاهہ!
ڪين ٻوڙن جي اڳيان ڪر وقت پنهنجي جو زيان!


اهو ايڏو ويو وڌي آ، ڪين ڪوئي ٿو ٻڌي!
پاڻڪي هرڪو صحيح ٻي ڪي غلط ويو ڦري آهي زمان!

اڳہ ايندو مهمان هو، ڀڳوان هو چئو تہ گهر،
پر فضا اهڙي آ بدلي، ٿو لڳي تنگہ ميزبان!

ٿيا اسين آهيون مجوُ ڏاريِ ٻوليءَ جا هتي!
قوم سا زندهہ هميشه زندهہ جنهنجي آ زبان.

ماءُ پنهنجي ماءُ ٿيندي، پيءُ پنهنجي پيءُ ٿيندي
لعس آنڌي ڪي ئي ايندي، ڪين ڏاري ڪي ارمان!

ويا هليا وينجهار ”آشا“ پرکہ ڪن جي پارکو
لوهہ تي هِرِڪيِ پيابند ٿيا ڪُٽ جا دڪان!



نالو : ڊاڪٽر ديال ڪوڙومل ڏاميجا ”آشا“.
جنم : ١٦-١٢-١٩٣٦.
ڇپايل ڪتاب : سنڌي ۽ هنديءَ ۾ اٽڪل ٣٥ ڪتاب.
انعام : ٻہ گولڊ ميڊل ۽ ١٢ انعام جدا جدا سنڌي هندي پسڪتن تي.
پيشو : رٽايرڊ پرنسيپال چاندي ٻائي ڪاليج.
پتو : سوامي شانتي پرڪاش نواس، ٻيو ماڙ، نيج ڏام روڊ،
الهاس نگر-٤٢١٠٠٥، فون-٥٢٦٧١٥ ۽ ٦٢١٥٧٤.

پريوُ وفا جي نظم

ياد ڪريو شهبازن کي اڄ ياد ڪريو شهسوارن کي
وطن پرستن ويرن کي ۽ جوڌن جانِ نثارن کي

١. ديس جي اوُچي آنِ ڪئي جن ملڪ جي صدقي جانِ ڏني
جن دشمن جا ڏندَ کَٽا ڪيا تن جا شهپر ڇڏيا ڇني
سَوُ سَوُ دفعا سلام اسانجو وير آهوُجا پارن کي
ياد ڪريو شهبازن کي اڄ ياد ڪريو شهسوارن کي

٢. هندوُ مسلم سک عيسائي، ڀارت ۾ سڀ ڀائي ڀائي
منهن مقابل دشمن سان تي گڏجي پيا جي لڙن لڙائي
زنده رکبو مندر مسجد گرجائن گردوارن کي
ياد ڪريو شهبازن کي ۽ جوڌن جانِ نثارن کي

٣. دشمن پير نہ پائي سگهندو هر سرحد تي پَهرو آهي
هي ڪشمير اسانجي ڀارت جي سرَ تي هڪ سَهرو آهي
خوُن سان سينچي سبز ڪبو اِنَ واديءَ جي گُلزارن کي
ياد ڪريو شَهبازن کي ۽ جوڌن جانِ نثارن کي

٤. اَمَن اَهِنسا جو دُنِيا کي پَهچايو پيغام وَفا
عمر سَڄي شبنم سان ٿي ڇلڪايو آ تو جام وَفا
گَرمُ شَرارا ڀي اڄ پي ڏيکاريو دُنيا وارَن کي
ياد ڪريو شَهبازن کي ۽ جوڌن جانِ نثارن کي

وطن پرستن ويرن کي ۽ جوڌن جانِ نثارن کي
سَوُ سَوُدفعا سلام اسانجو وير آهوُجا پارن کي

نالو	:	پريوُ چڳاڻي وفا.
جنم	:	پنجوُ ديرو ، (لاڙڪاڻو)،١٩-٩-١٩١٥.
ڇپايل ڪتاب	:	پنج.
اِنعام	:	سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ، پريہ درشني اڪادمي طرفان، پنڊت پرڪاش ڀاردواج طرفان سونو ٻلو ۽ ڪيترين سنستائون طرفان سنمان ۽ انعام حاصل ڪيل.
پيشو	:	رٽائرڊ سرڪاري نوڪري.
پتو	:	سي-٢، مڏوبن سينٽ انڊريوز روڊ، باندرا، بمبئي-٤٠٠٠٥٠.

واسديو ”نرمل“ جو غزل

۱. پل سڀ ڪجهه فرزاني ڪان سِڪ
پر ڪجهه ڪجهه ديواني ڪان سِڪ.
۲. ڪنهن تان پيار ڪجي ڪئن صدقي
پيارجي ڪنهن ديواني ڪان سِڪ.
۳. جي، پنهنجا نہ هُنر سيکارين-
اَئڪل سان، بيگاني ڪان سِڪ.
۴. بي پيتي مخمُور ٿجي ڪئن
نيڻن جي پيماني ڪان سِڪ.
۵. ڪنهن واعظ ڪان سِڪ، ڪئن ڇڏجي،
ڪئن پيئجي، ميخاني ڪان سِڪ.
۶. رُڃ سان اُڃ ڪئن متائبي آ
اِهو وڃي ويراني ڪان سِڪ.
۷. شمع! جلين ٿي تِر تِرچا لاءِ؟
جلجي ڪئن، پرواني ڪان سِڪ.
۸. پاڻ گهورجي ڪئن سنڌيءَ تان
سو نرمل مستاني ڪان سِڪ.



نالو : واسديو ”نرمل“.
جنم : ڪراچي، ۲-۶-۱۹۳۶.
اِنعام : سوويٽ لئنڊ نهرو ، سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ، اين.سي.اي.
آر ٽي جو ٻال ساهتيہ ، ساهتيہ اَڪاڊميءَ جو ترجمي لاءِ اَکل ڀارت
سنڌي ٻوليءَ ساهتيہ سڀا جو اِنعام.
پتو : فليٽ ۳، مهراڻ سوسائٽي، جي.وي.پي ڊي اِسڪيم، اين.ايس روڊ
نمبر ۱۰، جوُهوُ، ممبئي-۴۰۰۰۴۹.

آسن واسواڻي 'مجبور' جو غزل

زندگي مڙيوئي دم گذر آهي
سچ تہ هيءَ اُهنجوئي سفر آهي


١. آهہ ڪير جو موت کان بچي نڪتو؟
پوءِ ٻي چون اِنسان امر آهي.

٢. جن بہ هٿ صداقت جو پلوُ پڪڙيو
چو خدا جو تن تي ئي ڏمر آهي.

٣. ٺئي ڪيڏي خوشامند ٿي عيارن جي
بندگيءَ ۾ تن جي هٿ شهر آهي.

۴. عالمن ۽ مفڪرن جي کهڙي هاڪ
ڪونہ فلسفن جو ٻي اثر آهي.

۵. تون خفا ٿو ٿين 'مجبور' ناحق هٿ
ڪير سچ ٻڌڻ ليءِ منتظر آهي؟



نالو	:	آسن واسواڻي ''مجبور''.
جنم	:	٢٧-٢-١٩٢٢.
ڇپايل ڪتاب	:	۵.
اِنعام	:	گجرات سنڌي اڪادميءَ ۽ اين.سي.پي.ايس.ايل جو.
پيشو	:	تولاڻي ڪاليج آف آرٽس-سائينس آديپور مان رٽائرڊ پرنسيپال.
پتو	:	ٽي. ايچ. ايڪس.-٩٧٠، آديپور، ڪڇ-٣٧٠٢٠۵.

موهن لال اُداسيءَ جو غزل

غلط علاج جو - شڪار تي وياسين
عشق، مرض ڇئي - بيمار تي وياسين

سندم شهرت لئه - ڏئي چار ڏوڪر
ڪُرسي جو پڙ - سينگار تي وياسين

سِپيوسين نه پنهنجو - اُڌڙيل اُپُ
سُئي ڏاڳي جا - حقدار تي وياسين

آسان تي به اِتهاس - لکيو ويندو
ڪيئن پتڪڙ لئه - لاچار تي وياسين

رکيو سين حوصلو - همت ۽ اتفاد
پر بوليءَ لئه - للڪار تي وياسين



نالو	:	موهن لال ماڌوداس ”اُداسي“.
جنم	:	ٽنڊو آدم، ضلع- نوابشاهه، ٢٩-١-١٩٢٥.
ڇپايل ڪتاب	:	٧.
اِنعام	:	سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ ۽ راجستان سنڌي اڪادمي طرفان اِنعام.
پيشو	:	رٽائرڊ راجستان اسٽيٽ اليڪٽريسٽي بورڊ مان سيڪشن آفيسر.
پتو	:	٧-ڇ-١٦، جواهر نگر، جئپور-٣٠٢٠٠٤.

ٽيڪم ’آفتاب‘ جو غزل

ستم ۽ ستمگر سو آيو ڪٿان
هي مقتل جو منظر سو آيو ڪٿان

١. تو حملو ڪيو اُنجو ڪو غم نہ آ
جو هٿ ۾ آ خنجر سو آيو ڪٿان

٢. هٿن ۾ هئا هار هت دوستن جي
لڳو جيڪو پٿر سو آيو ڪٿان

٣. اڪيلو ئي وڌندو رهيو ڪافلو
گڏيو اچ آ رهبر سو آيو ڪٿان


٤. لڳاتار هوُ ظلم سهندو رهيو
ٽيو اچ بلند سر سو آيو ڪٿان

٥. رُڳو رڻ ۾ واري ئي واري هئي
هي پَلٽيو آ ساگر سو آيو ڪٿان

٦. اِهو ڪلهہ اسان سان تہ گڏ ڪونہ هو
ڪري اچ ٿو دمڇر سو آيو ڪٿان

٧. نڊر هو مگر اچ ٿو هيسيل لڳي
ٽيو ڏاڍ جو ڏر سو آيو ڪٿان

٨. اديبن جي محفل ۾ اچ اوچتو
سياست جو چڪر سو آيو ڪٿان



نالو	:	ٽيڪم آفتاب.
جنم	:	محبت ديرو جتوئي، ضلع نوابشاهہ، ٦-٦-١٩٣٨.
ڇپايل ڪتاب	:	٥.
اِنعام	:	ساهتڪ سنسٿائن طرفان ڪجهہ اِنعام ۽ سنمان مليل.
پيشو	:	پينشن بردار.
پتو	:	ٽي وارڊ، مڪان نمبر-٢٥، بئراگڙھ ڀوپال-٣٦٢٠٣٠.

چترو ناگپال جي نظم

ماڻهو مڙيئي جيئن ٿا

آهن جي جهان ۾،
بلڪل اڪيلا
عورتون يا مرد
جنجي ٿي نہ سگهي شادي.

ڪن جا مرد مري ويا
ڪن جون زالون
ڪن جا جوان پٽ اُڏامي ويا.

ڪن کي آهہ ڏڻ ڏيڻُن جو
ڪي سڪن ٿا اولاد لاءِ.

ڪن کي آهن لڳل،
لا علاج بيماريون،
پاڻ کي يا گهر جي
ٻئي ڪنهن ڀاتيءَ کي،
ڪي لُولا ڪي لنگڙا.

ڪن کي ڪٽنب تہ آهي
پر ڪاڏي لاءِ ناهي
نہ آهہ ڪپڙو انگہ ڍڪڻ لاءِ
ڪن کي نہ گهر نہ گهاٽ.

ماڻهو مڙيئي جي رهيا آهن،
اپاون سان نهڪائي پاڻکي.
شڪيل بدينوي نيڪ چئي ويو آهہ،
دنيا ۾ آئي هئن تو جينا هي پڙيگا.



نالو : چترو ناگپال.
جنم : شڪارپور، ١٢-٢-١٩٢٢.
ڇپايل ڪتاب : ٥.
اِنعام : سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ- دهلي.
پيشو : پنهنجو ڌنڌو.
پتو : ٧٠٢، ورشا اپارٽمينٽ، ٢٢١ آر. ايم. وي. ايڪسٽينشن، بئنگلور- ٥٦٠٠٨٠.

ڊاڪٽر کيمچند گوڪلاڻي ’کيمن‘ جو غزل

١. موٽ ئي منزل جڏهن - راهه رهبر ڇا ڪندو
بيوفا ۽ پاڻ غرضي - يار دلبر ڇا ڪندو

٢. نيڪ نيت سان گذاري - زندگي، جنهن سومهان
ٿي پيا جي ڪرم ڪوڙا - نام ستگر ڇا ڪندو

٣. ٿي پلو ۽ ڪر پلايون - ڪين تون ڪنهنکي ستاءِ
آهه جي ڪنهنجي اَگهاڻي - رام ايشور ڇا ڪندو


٤. وات هيڻاهين وٺي هل - نياز سان ۽ پيار سان
ڪرڻ ’مان‘ مان مُرڪائي - تاءُ تڪبر ڇا ڪندو

٥. خواب فاني هيِ ۽ دنيا - زندگي سپنو سفر
رشتا ناتا موهه مايا - ياءُ برادر ڇا ڪندو

٦. عهدي طاقت جو نشو - ڪنهنکي دؤلت جو نشو
صبر جو جنهنکي نشو - جام ميه تر ڇا ڪندو

٧. خؤف رک ڀڳوان جو - ڪين ڊڄ اِنسان کان
جي هجي رکپال راضي - ڍال شستر ڇا ڪندو

٨. دل سچي اِنصاف واري - ڏس ڪٽي ’کيمن‘ رکي
پوءِ ڪو دشمن ٿئي - يا، ستمگر ڇا ڪندو



نالو : ڊاڪٽر کيمچند گوڪلاڻي ’کيمن‘.
جنم : سانگهڙ، ١-١-١٩٣٩.
پيشو : ميڊيڪل پريڪٽس.
پتو : ١-ٿ-٢٩، جواهر نگر، جئپور-٣٠٢٠٠٤.

ڊاڪٽر روپڪمار 'گهايل' جون رباعيون

١. پنھنجي لئه ئي جيئڻ ناهه زندگي،
زهر جڳت لئه پيئڻ آهه زندگي،
خدمت سان ڪر پنھنجي حيات سڦلي،
خود جو سيڪجهه ڏيئي ناهه زندگي!


٢. مڪت ڪيو عورت کي زور جبر کان،
ڏيتيءَ سندي ڏنڀ جي زهري اثر کان،
لڇڻ جي ديويءَ کي آزاد ڪيو،
غنڊن، بدمعاشن جي بريءَ نظر کان!

٣. سچي خوشي تو چاهين، ڳولهه اندر ۾،
پتڪ نه بدني سکه جي غلط اثر ۾،
سنسکه جو سر چشمو آ تو ۾ ئي،
پاڻ سڃاڻ ته پائين سکه جڳتر ۾!

٤. ڌن ميڙڻ جي چوس پئي بشر بشر کي،
دؤلت جي باهه وڪوڙي وئي نگر کي،
پيسو جنهن وٽ بي حساب آهه اُهُ ميو،
اڃا ڪپي بي ايمانيءَ جو تنهن گهر کي!

٥. روُحانيت سندي سرحد دان ايڪئي،
جنم سڦل ڪر، گهرجائوءَ کي ڪجهه ڏيئي،
هٿڙن جو ڪم پنھنجي پر جي مدد ڪرڻ،
جنين لُٽايو دل سان، مڪت ٿيا سيئي!

٦. سنڌڙيءَ کي هڪ وار ڏسان پڇي جيڪر،
ياد وتن جي الا ستائي ٿي هر هر،
پرندن کي جئن عزيز پنھنجا آکيرا،
ياد اچن تئن مونکي ٻچپڻ وارا گهر!



نالو : ڊاڪٽر روپڪمار 'گهايل'.
جنم : آمرجي، نوابشاهه، ١٧-٦-١٩٢٠.
ڇپايل ڪتاب : ٨.
اِنعام : سامي پرسڪار، ڊاڪٽر هري هردويدي پرسڪار، پرياورڻ پرسڪار، شعري ڀوپالي پرسڪار.
پيشو : رٽائرڊ گورمينٽ هيڊ ماسٽر.
پتو : نيوُ بي-٥، ٻئراگڙهه، ڀوپال-٢٦٢٠٢٠.

هوتو ’سنڌو پياسي‘ جو غزل

مون کهڙا کهڙا روپ ڏنا يارت جي آزاديءَ جا
خوشحال بہ ٿيندو ديس سڄو،ڏينهن ايندا سڀ شادابيءَ جا

صدين کان پيڙيل قوم وطن جي،مرڪي ملندي هر هڪ سان
افسوس اَڌورا خواب ويا،پيا رنگہ ڏسون ناشاديءَ جا

آ ڪيڏو پرسٽاچار وڌيو،جو رشوَت ٿاسپ رئيس گهرن
پيا ناچ نچن ننگا سپنا،هن ديس جي پڻ برباديءَ جا

پيا ميمڻ جهڙا موجون ڪن،ءِ ديس جا دشمن چونڊون لڙن
ڏن ناهي حرام جو پبلڪ مان،پيا جشن بہ ڪن دل شاديءَ جا

ڪيڏا نہ مري ويا هوت هتي،جي لختي جگر هئا مائن جا
جن ڪڏندي ڪڏندي ڪنڌ ڏنا،هئا خواب ڏنا آزاديءَ جا


جن هار هو سمجهيو ڦاسيءَ کي، جي شان شهيدي موت مئا
سي ياد اچن ٿا جيءَ جيارا، جن ڳاتا گيت پئي ڳانڊيءَ جا

هوُ ظلم اڳي انگريزن جو، اڄ ظلم جي انتها ڪين رهي
پيا ماڻهو مرن هر روز هتي، پڻ سرڳہ پوميءَ جي واديءَ جا

سرڪار هتي آ سين جي، پيا بکہ کان ابهم روز مرن
هتي آهہ وڌي وئي بيڪاري، پيا ڪيس ٿين بغداديءَ جا

ڏن سارو غريبن جو ميڙي، سي ٻاهر ڪيڏا ٻڌهلا لڳن
سڀ رشوت خور ۽ چور ڏسون، جي چولا پائن ڪاڏيءَ جا

مان سچ جا کهڙا واکيہ لکان، هن غزل جي ٿوري لفظن ۾
هي ٿوري سچ جي صورت آ، هي شعر اَٿوَ فرياديءَ جا



نالو	:	هوتو ’سنڌو پياسي‘.
جنم	:	پليو لغاري، تعلقو سنجهورو، نوابشاهہ، ١٥-٦-١٩٣٢.
ڇپايل ڪتاب	:	نوَ (٩).
انعام	:	راجستان سنڌي اڪادمي جو انعام.
پيشو	:	رٽائرڊ.
پتو	:	اي.-٢٠٣، شنڪر نگر، ڪاغذي وارا، جئپور-٣٠٢٠٠٢.

پهلاج مسافر جو غزل


حسينن جي پاتو فرشتن جو رتبو
تہ الاهہ پي تن جو عاشق ٿي پوندو

نگاهون جي خاموش اظهار ڪن ٿيون
تہ لفظن جي اظهار کان گهٽ نہ چئبو

رکڻ تنهنجي مورت نہ گهر ۾ ڏين ٿا
هينئر تنهنجو خاڪو تصور ۾ رکبو

اجايو هي بدنام ٿا عشق کي ڪن
هي بي سمجھہ آهن هنن کي ڇا چئبو

اچي بيهہ آئيني آڏو مسافر
تون ڪئن ٿو لڳين آئينو صاف چوندو.





نالو	:	پهلاجراءِ مسافر .
جنم	:	روهيڙي، (سکر) ١-٦-١٩٣٩.
ڇپايل ڪتاب	:	چار.
پيشو	:	مسند پرووِيزن اسٽور.
پتو	:	٢٥٢، سيڪٽر-٢، ديويندر نگر، رائپور-٠٠٩-٤٩٢. فون : ٥٢٥٥١١.

گوپال نکر جي ڪويتا

قِياسُ

ڪين هيُومن رائيٽس جي ڄاڻ آهي
اسين بي خبرا آهيون
هوُ جنگ مڙهين ٿا
اسان کي ڪڏهن جو ڪم ڪرڻو پوي ٿو
سندن سولجر مرن ٿا
ڳجهين لاءِ ڇڏي ڏين ٿا
پهاڙي جانور ڪاچ ٻڻائين ٿا
وس اهر اسين
سنمان سان دفنايون ٿا
ڪين هيُومن رائيٽس جي ڄاڻ آهي
اسين بي خبرا آهيون
هي ايشور
جيتري اسان کي سمجهه ڏني اٿئي
اوتري اَوَهَ ڪين بہ ڏني هوندءِ
پوءِ غلطي ڪٿي آهي
هوُ سمجهه جو غلط اُپيوگ تہ نٿا ڪن
يا اسمجهيءَ کي
سمجهي مڃين ٿاهلن
مٿن مون کي
بي حد قياسُ ٿو اچي

نالو : گوپال نکر.
پتو : ١١، ڪولمبيا ڊامنڪ روڊ، باندرا، ممبئي-٤٠٠٠٥٠.

ٽيڪچند ’مست‘ جو غزل

ظلم جي هر هنڌ وحشت، تا ڏسون
روز ڦهلي آهه، دهشت تا ڏسون.
ڪين سک جو ساهه، ڪنهن کان ٿو ڪڇي
قوم جي مايوس قسمت تا ڏسون.
سون چانديءِ، هيرا موتي، جام هٿ
پوءِ پڻ هر هنڌ، غربت تا ڏسون.
مرڪ هڪ لاءِ، ڏک گهڻا سهڻا پون
خاڪ تي ويئي محبت تا ڏسون.
لاش پنهنجو ٿو ڪٽي، ماڻهو گهمي
هر طرف اهڙي ئي فطرت تا ڏسون.
ڪوڙ کي اَهميت سدا سچ کان مٿي
هت نه اِنصاف-عدالت تا ڏسون.
ساهه هر هر ٿو وڃي ٻوساٽجي
هر قدم تي غم ۽ ذلت، تا ڏسون.
’مست‘ جو نالو ٻڌي چرڪيو اُٿيو
دوستن ۾ هنجي شهرت تا ڏسون.

نالو	:	ٽيڪچند ريواڻي ’مست‘.
پتو	:	٢٠١، شلپا اپارٽمينٽ، اُلهاس نگر-٤٢١٠٠٢.

انيتا-ڪمل-پياسي جي نظم

تنهنجي پيٽ

تنهنجي پيءُ جي ڏينهنڪڙي،
ڪرائيءِ ۾ ٻڌڻ لائق تنهنجي ٻهرين واڇ
اسڪول ۾ انعام طور مليل ٽرافي،
تنهنجي سِڪَنِ جو آلبم
تنهنجو ٽپال ٽڪليون گڏ ڪرڻ جو شوق،
تنهنجو جهونو وڃائڻ وارو مائوُٽ پيس
ڪيترين نہ دل لُڀائيندڙ آهن،
هيءُ سڀ چيزون تنهنجي لاءِ
جن کي تو دل سان سانڍيو،
۽ اُنهن دئاران خوشي ماڻي
پر تنهن هوندي بہ اُهي،
گونگيونِ آهن، انڌيون آهن، ٻوڙيون آهن
پر مون..........
تنهنجو نالو روشن رکڻ لاءِ
توکي زندگي ڏنم، تنهنجي ئي ٻچڙي جي روپ ۾؛
اِها ئي آهي هڪ انمول پيٽ
جيڪا منهنجي هوندي بہ-
تنهنجي آهي، ساري خاندان جي آهي.



نالو	:	انيتا-ڪمل-پياسي.
جنم	:	٢٧-٨-١٩٣٠.
ڇپايل ڪتاب	:	١٤.
انعام	:	گجرات سنڌي اڪاڊميءَ طرفان ٢ ، يونيسڪو جو انعام.
پيشو	:	گهروُ جيون.
پتو	:	انيتا ڪيولراماڻي-ڪمل پياسي، 'هري شيوا'، پلاٽ نمبر ٢/٢٨٢، سيڪٽر ٢٩، گانڌي نگر، گجرات-٣٨٢٠٢٩.

لڪشمڻ ’نردوش‘ جو غزل

ڪٽي ڪو پاند تو نيٽن سان ڇهايو هوندو
لڙي لڙڪن گلي هڪ ٻئي کي لڳايو هوندو

١. آهن جي ڏنڌ سان آباد دل جا ويرانا
ڏسي غمن اُتي ڏيرو تہ ڄمايو هوندو

٢. ڏاڍن جي ڏاڍ تي اڄ ڪنهن ڪنئي ڪا آڱر
درد تنهنجو جن جي ويٽن بہ وڌايو هوندو

٣. سناٽا رات جا چرڪي اُٿيا ڇو ڪر موڙي
تنهنجن سڏڪن اُنهن کي ڪجهہ تہ ستايو هوندو

٤. جنهن لاءِ نردوش سهي سور پيو دعائون گهرين
درد اِهو بہ نہ تنهنجو ڪو پرايو هوندو.



نالو	:	لڪشمڻ ’نردوش‘.
جنم	:	١٨-٧-١٩٣٠.
ڇپايل ڪتاب	:	هڪ.
پيشو	:	دڪانداري.
پتو	:	سرسوتي سدن، نهرو ڪالوني، بالوترا- ٣٤٤٠٢٢.

ڪشور پھوجا ’جيون‘ جو غزل

جَڳُ ڇوِي ڀَرَ تُون نَہ ڇَڏُہ، ڳُلَ بہ تُنھنجا تا ڇُپَن،
وِيَڻَ تُنھنجا زَخَمَ ڪَنِ، زَخَمَ ڏَاڍا تا ڪُرَنِ!

عيبَ مُنھنجا ڪِين ڏِسُ، معاف ڪَرِ سَڀُ ڏوھَہ تُون،
تُون سڀاجھو آن سڄڻ، مان ڇُمان تُنھنجا چَرَنَ!


ٻاجھَہ ڪَرِ سائِين سَدا، آنءُ گولِيِ آهِيان،
آسَ هِڪِڙِيِ آ فَقط، دَرسُ ڏيئِي نارِ مَنُ!

پَلُ نَہ ٽِينِدي تُون ٻَري، وِيھُہ گوڏو تُون گڏي،
ڪَرِ رِهاڻِيون رُوح سان، مُون نِڏَرِ ڪي ڏي وَچنَ!

ضِدُ جُدائيِ ڏي ڇَڏي، ڏَنَ جيِ لالَچ ٻَنِ ٻَوي،
سوچ ! ڪيڏو تو ٻِنا، آ جيئڻ مُنھنجو ڪَٺن!

ڪيئَن سَنواريان سِينڌ ڪي، لالَ ٻِنھنجا لَبَ ڪريان؟
سيڄَ تو ٻِنِ آ سُڃِيِ، ڪيئَن سنگاريان مان بَدنُ!

جَلَ ٻِنا مَڇليِ جيئن، پِيئيِ تَرِقِي ۽ لُڇِي،
تو ٻِنا جِيون ٻُسو، ڪيئَن مَنايان ڪو جَشَنُ؟



نالو	:	ڪشور پاھوجا ’جيون‘.
جنم	:	جيڪباباد، ۵-۱-۱۹۲۲.
ڇپايل ڪتاب	:	۱۳.
پيشو	:	رٽائرڊ.
پتو	:	۱۴۵/۱، پرتاپ نگر هائوسنگ بورڊ اسڪيم، اُڏيپور- ۲۱۲۰۰۱.

گوپال 'پروانو' جي ڪويتا

پيار جو پاڇو

ڪاليج جي چئن ديوارن ۾
تنهنجي منهنجي چاهت
پلندي رهي آهستہ آهستہ
جدا نہ ٿيڻ جا واعدا، قسم
سڀ بکرجي ويا بارش جي بوندن جيان
خبر نہ آ تون اڪيلو ڇڏي
ڪيڏانهن هلي وئين
تلاش ڪندا رهيا منهنجا
پِنل نيڻ.
ستن پردن ۾ پاڻ لڪائي
آزمائيندي رهين منهنجو پيار
هماليہ جيڏو اونچو منهنجو چاهہ
منهنجو پيار
ڪتابن جي لفظن وانگر
خاموش نہ هيو.

جي ڪين راتين جي خوابن ۾
ڪيترا دروازا کُليا
پر هوءَ انڌيري جي پردن ۾ لڪل رهي
اچانڪ هڪ ڏينهن
سانجهي جي هلڪي انڌيري ۾
ٻانهن ۾ لڪائي هڪ نازڪ ٻار
گهبرائي، شرمائي، اکيون جهڪائي
هڪ اجنبي جيان پرسان لنگهي وئي
جڻ مان ڪو اڻ سڃاتل
نِکر جو ناکر هيس.
منهنجا چَپَ چُپ رهيا
بيتاب نظرون ڏسنديون رهيون
پيار جو پاڇو ٻڻجي تون
هڪ وڏي هجوم ۾ گم ٿي وئين.



نالو : گوپال هاسيجا 'پروانو'.
جنم : جيڪباباد، ١٠-١-١٩٣٦.
ڇپايل ڪتاب : ٻہ، ترجمو ڪيل ٽي.
پتو : ١٠٢، گولڊي اپارٽمينٽ، ايم.٠-٢٢٢، ڪانيوالانٽنڪ، اندور-٤٥٢٠١٤.

ساون ڪمار اُداسي جو مذاقي گيت

وڃن ٿا ڪن ڪن ڪڙتال

وڃن ٿا ڪن ڪن ڪڙتال،
ٻڌو پائي ساري جڳ جا حال.

(۱)

عقلمند ۽ عالم وينا،
ڪنڊ ۾ ٻيڙيون ٻارن.
هاءِ اناڙي دنيا ۾ ٿا،
مورڪ موُج ۾ گهارن.
ناقابل ٿيو شهر جو والي،
قابل ٿيو ڪوٽوال.
وڃن ٿا ڪن ڪن............

(۲)

هر شيءِ ۾ ڪوُڙ ملاوٽ،
سڃ آ پري سڄ ڪوهه.
مطلب جو اِنسان پوڄاري،
ڪري ٿو دم دم ڌوهه.
محنت بڻي مصيبت آءِ،
بڻيو حرام حلال.
وڃن ٿا ڪن ڪن............



نالو : ساون ڪمار اُداسي.
جنم : لاڙڪاڻو، ۱-۱-۱۹۴۰.
ڇپايل ڪتاب : چار.
پيشو : رٽائرڊ.
پتو : ۲۰۱، سائين مهر، سي بلاڪ چوُڪ، سنڌو نگر، ۴۲۱۰۰۱.

گورڌن تنواڻي جي ڪويتا

هيءَ جنگ ڇو آ بابا؟

ٽن سالن جو ڇراغ
جيئن ئي ٽي.وي. کولي ٿو
جيٽ جَهازُ، بوفرس رڻ گاڏيون
ڀهاڙ، بندوقن جو آواز
هندستاني جوان ڏسي
هرهر ساڳيو ئي سوال
پِتڪڙو پڇي ٿو
هيءَ جنگ ڇو آ بابا؟
مان هيسايل
من جو ماريل ڊرپوڪ
ڪڏهن ڪِولِي نہ ماريندڙ
انصاف پسند
صوفي مت جو ماريل
شانتي پسند
موهن جي دڙي جو وارث
من ئي من ۾ جهرندو
ڏڪندو رهان ٿو روئندو رهان ٿو
مري تہ رهيا آهن سڀُ جا سڀ اِنسان!
ڀوءِ هندو هجي يا مسلمان!
رت تہ ساڳي ڳاڙهي آ

آنما بہ ساڳي آ
ڪيئن جواب ڏيان
هن پِتڪڙي ڇراغ کي
تہ راڄنيتي اسانکي بي وطن ڪيو
ملڪ کان ڇڏايو در بدر ڪيو
تہ راڄنيتي پنهنجي روٽي
سيڪڻ لاءِ ڪندي آهي
ٻين جي چولهن تي
لڙائي، جنگ، ڌهڪاءُ
ڦهلائيندي آ نفرت دهشت
مرندڙن کي ڏيندي آ
شهادت جا ٻلا، وير چڪر!
اربن رپين جو سواها
ٿي ويندو آ اڪ ٻوٽ ۾
فقط ڪرسيءَ ۽ ستا جي نشي ۾
لڙايا ويندا آهن ماڻهو!
منهنجا ننڍڙا ٻچا!
نہ پڇ اِهو ور ور سوال ،
تہ هيءَ جنگ ڇو آ بابا؟



نالو : گورڌن تنواڻي.
جنم : لاڙڪاڻو ، ٦-٥-١٩٤١.
ڇپايل ڪتاب : ٻہ.
پيشو : دوڪانداري.
پتو : پلاٽ نمبر-٣، لڪشمي نواس، پاڻيءَ جي ٽانڪي، جلگانءُ، مهاراشٽرا-٤٢٥٠٠١.

منوُ رامچنداڻي رفيق جو غزل

١ تنهنجو حسين چهرو، ڇا گُل گُلاب آهي
پڙدو هٽائي گُل ٿيو، اڃ بي نقاب آهي.

٢ ڇو حسن تي هيءَ ساري، دنيا چري بڻي آ
اي دل ٻڌاءِ حسن، ڇا ڪوئي شراب آهي.

٣ ڪهڙي عجيب صورت، آهي خدا بڻائي
اکڙين ۾ حياءُ، ڳل تي گُل جو شباب آهي.

٤ گُلشن رهي نہ گُلشن، جيسين نہ آئي شبنم
شبنم ۽ گُلستان جو، ڪوئي حساب آهي.

٥ رفيق راز دل جو، ڪوئي نہ سگهي ڄاڻي
دل ۾ پيار، لب تي پهرو حجاب آهي.



نالو	:	منوُ رامچنداڻي (ايم. رفيق).
جنم	:	٢.١٢.١٩٣٠.
ڇپايل ڪتاب	:	ست.
پيشو	:	رٽائرڊ سينٽرل ريلوي.
پتو	:	ستيم اي اپارٽمينٽ، فليٽ ٢١، هيون ماڙو، مونيڪا مئريج هال جي سامهون، اُلهاس نگر-٤٢١٠٠٢.

پڳوان هوتچنداڻي ’نردوش‘ جو غزل

سايي کان ڀي ڊڄي هلون ٿا،
شايد من جي هاڃ ٻڌون ٿا!

ڏوپ واسُ آ ڀؤنگهه اجايو،
کپت پاڻ سان پاڻ کريون ٿا!


تَپتِ آ ترشنائن جي يارو-
مَنَ ۾ تڏهن تَپندا رهون ٿا!

اکين مان جي کڍن انگارا-
تِن ڏي ڪڏهن نه نظر کڻون ٿا!

راتِ ٿِئي خوش ٿي شمعن کي-
پر جاڳي اسان راتِ رُئون ٿا!

زبان ڏيڻ جا قائل آيون،
ڏيئي ’نردوش‘ قري وڃون ٿا!

کير پڇائي ريس گهوڙن جي؟
ڪاري ناڻي کان ئي ڊڄون ٿا!



نالو	:	پڳوان هوتچنداڻي ’نردوش‘.
جنم	:	درياخان مري، ضلع نوابشاهه ، ١٠-١٠-١٩٤٢.
ڇپايل ڪتاب	:	چوڏهان.
انعام	:	٥ انعام گجرات سنڌي اڪادمي ، هڪ انعام ڀارت سرڪار پرياورڻ کاتي طرفان.
پيشو	:	ليڪچرار، سپروائيزر مهاتما گانڌي هاير سيڪينڊري اسڪول، احمداباد.
پتو	:	آشريه اپارٽمينٽ، سي-١٧، اِندران برج جي پاسي ۾، فاريسٽ نرسري هنسول جي سامهون، احمداباد-٣٨٢٤٧٥.

ڪشن ٻجاج جو غزل

هن اڳيان زبان هلائي نہ سگھياسين،
مُرڪ اڳيان ڳالهيون ساري نہ سگھياسين.

ڪيترا انسنا اندر ۾ سانڍيا،
پر سامهون ڏوراپا ورائي نہ سگھياسين.

کڙا ٻهيلا آهن اڄ جا ووٽر،
سچو آهيان مان سمجهائي نہ سگھياسين.

سوين سفارشون پهچايون تڏهين ٻہ،
بنا رُشوت نوڪري پائي نہ سگھياسين.

کڙا ڏتا ڏجن پنجن سالن لاءِ،
چنتا من مان مؤر هٽائي نہ سگھياسين.

ماڙيون بنگلا مليا تڏهين بہ ڇا ٿيو،
قُرب 'ڪشن' اُنهن جو پائي نہ سگھياسين.



نالو : ڪشن ٻجاج.
جنم : ٽنڊو آدم، ١٧-٨-١٩٣٨.
انعام : راجستان سنڌي اڪادمي طرفان ڪهاڻي چتا پيتيءَ ۾ انعام.
پيشو : پرائيويٽ نوڪري.
پتو : ٧٤، شڪتي نگر، اُدئپور-٣١٣٠٠١.

روچو ’خوابي‘ جو غزل

اُهوئي لڳي گھٽگھرو ٿو ڪڏهن-اُهوئي لڳي منگهرو ٿو ڪڏهن.

١ نٿو ڪم ڪري ڪو ڀلو آدمي-تہ ڏاڍو لڳي هوُبرو ٿو ڪڏهن.

٢ ٻئي جي ٿو جيڪو بہ ڪوٽي قبر-سندس ئي نهي مقبرو ٿو ڪڏهن.

٣ ڪٽڻ ڪنهنجو احسان،پئجي وڃي-مهانگو ۽ مشڪل ،ڳرو ٿو ڪڏهن.

٤ لڳي اُن وانگيان وڃي من کي-ڪو اندران ئي اندران سُرو ٿو ڪڏهن.


٥ دُنيا سُڌرندي ڇا؟نظر ڪو اچي-نہ اُميد جو ترورو ٿو ڪڏهن.


٦ گڏي ڪير ۾ پاڻي ڏوڏي ڏسو-ڪڏهن ڪيترو،ڪيترو ٿو ڪڏهن.

٧ بنا پئسي پرساد ٻائو ڏئي-ڇپن تي رکڻ جيترو ٿو ڪڏهن.

٨ هلي ڪو ڪو شاعر وڃي شوق ۾-وزن وقت کان پريرو ٿو ڪڏهن.

٩ نمان-’خوابي‘ ٿو ڪنهن اڳيان جيترو-چڙهي سِرَ مٿان اوتروٿو ڪڏهن.





نالو : روچو ’خوابي‘.
جنم : ڪُنب ليمان، ضلع نوابشاهہ، ٢.١٢.١٩٢٦.
ڇپايل ڪتاب : ـ ہہ.
پيشو : رٽائرڊ اسسٽنٽ پوسٽ ماسٽر.
پتو : سنت هريداس ڪُٽيا، عيسائي مُحلا، اجمير-٣٠٥٠٠١.

ڪماري ديا لالچندائي جو غزل

سهڻا سهڻا ڏاڍا آهيون
تڏهن بہ ڪنهنکي وڻندا ناهيون.


ڪُوڙو سچ هڪ ٻئي کي چوندي
پاڻ ۾ وڙهندا نهندا آهيون.

پنهنجا محل اڏائڻ خاطر
ڪنهنجو گهر چو ڍينا ڍاهيون؟

ڳهرو شيتل وهندڙ پاڻي
ماڻهن جا من ٻرندڙ ٻاهيون.

منڙو گهر ڪو ڪيئن وسائي؟
اڳتان ٻاهيون، پٺتان ڪاهيون.

ٻوٽا وڻ ٽڻ گُل ڦُل ٻوڪي
سهڻو مڏوبن هڪ ناهيون.




نالو	:	ڪماري ديا لالچندائي.
جنم	:	٢٤-١٠-١٩٥٩.
ڇپايل ڪتاب	:	ٻہ.
پتو	:	لڇمي نواس، سي/٣٦، شانتي نگر، سهج پور بوگها، احمداباد-٣٨٢٨٤٥.

لڇمڻداس ڪيسواڻي 'گُلشن' جي ڪويتا

پيار

تون پڇين ٿو مونکان
پيار ڇا آهي
پيار ته پيار ئي آهي
پيار جي پريڀاشا
پيار ڪرڻ سان ئي پتو پوندو آهي
قدرت جو انمول تحفو پيار آهي
سڄي سرشٽي پيار جو پسار
جيڏانهن نهار پيار ئي پيار
هر هڪ جيو جي جيئڻ لاءِ
پيار ضروري آهي
قدرت جي ڪڻ ڪڻ ۾
هر ساهه واري جي انگ انگ ۾
پيار جو خزانو سمايل آهي
پيار جو جام پي ته ڏس
اُن جو نشو سڄي عمر نه لهندءُ
پيار ٻاهر تلاش نه ڪر
ڀرين دل جي گُلشن ۾ ڳولهه
تون ڏسندين ته
نيون مکڙيون! نوان ڪنچا
نوان گُل رنگبرنگي
جو الڳ الڳ خوشبوءِ وارا
ٽارين تي ٽڙيل آهن
اِها پيار جي خوشبوءِ
سيني ۾ ورهاءِ
ءِ موت ۾ تنهنجو هر ساهه
خوشبوءِ ٿي ويندو
پيار وسي رهيو آهي ويراني ۾
ءِ مهڪي رهيو آ 'گُلشن' ۾.



نالو : لڇمڻداس ڪيسواڻي.
جنم : جيڪب آباد.
ڇپايل ڪتاب : ـ چار.
پتو : ڪيسواڻي ڀون، اِتوارا اندر، ڀوپال (ايم.پي.).

ڪشن کوبچنداڻي ’رنجايل‘جون ڪويتائون

سمجهو ڇو نہ ٿا

ايڏو مٿي ڇڙهو ڇوٿا؟
ايڏي جفاڪشي ڪريو ڇوٿا؟
توهان سمجهو ڇو نہ ٿا؟
توهان کي سهندا؟
ڪارو ڪپڙ ۽ ڪانچ
ڪڏن ڪوٽ ۽ ڪوٽا
حاسد ۽ حرڪتي
توهان کي سهندا؟
جو ايڏو مٿي ڇڙهو ٿا
اُڄ تي رسو ٿا
جي اڃا بہ نہ مڃيندا
۽ ڇڙهندا ويندا
پوءِ هوُ
توهان کي ائين ڪيرائيندا
جو ڏڪ ڪائي ڪائي
توهان جا هڏا ٽي ويندا
مضبوط !
۽ دل پٿر!



نالو	:	ڪشن کوبچنداڻي.
جنم	:	پريان، ضلع-نوابشاهہ، ١-١-١٩٢٣.
ڇپايل ڪتاب	:	ڇهہ.
انعام	:	’ساهتيہ سريتا‘ (مضمون) گجرات سرڪار جو انعام، گجرات سنڌي ساهت اڪاڊمي طرفان انعام.
پيشو	:	رٽائرڊ پرنسيپل هاير سيڪينڊري اسڪول.
پتو	:	ايف-١٢٧، ڪُبير نگر، احمداباد-٣٨٢٣٤٠.

گوبندرام ريجهواڻي ”آنند“ جي ڪويتا

سنڌي ٻولي

سنڌي آ منهنجي ٻولي،
مٺي آ منهنجي ٻولي.

۱ جهجها جنهن ۾ پهاڪا،
گهڻيون جنهن ۾ چَوڻيون،
چوي هرڪو ٿو مونکي،
ڀلي آ تنهنجي ٻولي.


۲ وڪڙ ڪوئي نہ تنهن ۾،
زبر ۽ زير جنهن ۾،
لکڻ پڙهڻ ۾ آهي،
سڌي ۽ ڏاڍي سَوَلي.

۳ آ ٻالهائڻ ۾ ڏاڍي،
مٺي ڀاشا اسان جي،
چوان ٿو فخر سان مان،
سُٺي آ منهنجي ٻولي.

۴ اسان وارث تہ آهيون،
موهن جي دڙي جا،
چوي اتهاس، آهي،
پُراڻي سنڌي ٻولي.

۵ وساري نا وساريان،
ڏسي هنجون ٿو هاريان،
ڪري ٿو ياد ڦُوڻان،
مِلي آ جنهن ۾ لولي.
پياري آ منهنجي ٻولي
سُهڻي آمنهنجي ٻولي.





نالو	:	گوبند رامُ ريجهواڻي ’آنند‘.
جنم	:	جهونا ڳڙهہ (گجرات) ، ۱۹۵۴.۱.۱.
ڇپايل ڪتاب	:	ٽي (۲).
اِنعام	:	قومي گيتن جي چٽا ڀيٽيءَ ۾ گجرات ليول تي انعام.
پيشو	:	گجراتي اسڪول ۾ نوڪري.
پتو	:	شِو آسيس، ۲-۹، ڪوڙيار نگر، گريراج سوسائٽيءَ جي ڀرسان، جوشي پورا، جهوناڳڙه (گجرات).

هريش ڪرمچنداڻي جي نئين ڪويتا

ڇوڪري ڇو نہ ڏسي سُپنا

ڇوڪري! بيشڪ تون ڏِسُ سُپنا!
پنهنجي زِندگيِ پاڻَ
جيئڻ جو حقُ آ توکي!
توکي لڳي ٿو تنهنجو پنهنجو
جُدا وجود آ تہ لڳئي ٿو صحيح
تون ڪا ڳڏي ڪونہ آهين، جو جيئن
نچائبو توکي تيئن تون نچنديئن!
تون سڀ کان پهرين اِنسان آهِين
نينگريِ ! اِهو سچُ آ تہ زَمانو متجيِ ويو آ
فرقُ نَہ رهيو آ آدم ۽ عوُرت ۾ اڄُ
گهر سنڀالڻ کان گهر هلائِڻ تائين
هر ڪو ڪم ڪري سگهين ٿي تون
ڪَن پيوُن اڪيچار نارِيون



نالو	:	هريش ڪرمچنداڻي.
جنم	:	جوڌپور، ۱۵.۷.۱۹۵۴.
ڇپايل ڪتاب	:	هنديءَ ۾ هڪ (۱).
پيشو	:	اسسٽينٽ اسٽيشن ڊائريڪٽر آڪاشواڻي جئپور.
پتو	:	۹۱۳/۹، مالويہ نگر، جئپور-۳۰۲۰۱۷.

هائڪو

(۱)

روئي جڏهن ٿي راتِ،
ٽِڙَنِ تڏهن ئي ڦُوَل ٿا،
پڻ مُرڪي پرڀاتِ.

(۲)

ويئي گُذري راتِ،
ورتو هاڻِ جنمُ صُبحَ،
خوش آهِ ڪائناتِ.

(۳)

ڏِسُ تہ گُلنِ جي مُرڪَ،
مُندَ سرءُ جي ڪانہ آ،
اُگهہُ تون پنهنجا لُڙڪَ.

(۴)

آهِ سَڄَڻَ جي يادِ،
چڻُ پرڀاتي هيرَ آ،
يا چانڊوڪي راتِ.

(۵)

ڇا تہ وسي ٿو مينهنُ،
ڄَڻُ ڌرتيءَ جو ميتُ آ،
خوُبُ نِباهي نينهنُ.

(۶)

ڪولِ نہ ڪارا وارَ،
لِڪندو ڇَهرو چَندَ جِيان،
ائين نہ ڪر منٺار.

شرد ديوانا ’شرد‘ جو غزل

سَڀَ سان نِڀايان، ڏي سمُجهہ سائِين،
نَہ مُنهڙو مَٽايان، ڏي سمُجهہ سائِين.

ڪَڙو ٻولُ ٻولِيان نَہ، ڪنهن سان ڪڏهن مان،
مِٺو پِيو ڳالهايان، ڏي سمُجهہ سائِين.

نَہ ڪنهنجي گِلا ۽، نَہ ڪنهنجي شِڪايتَ،
سُٺو سَڀَ کي ڀايان، ڏي سمُجهہ سائِين.

ڪَيان ڪَرمَ اهڙا، جو سَڀَ کي وَڻي شَلَ،
وَڻان ۽ وَڻايان، ڏي سمُجهہ سائِين.

شُڪرَ سان صَبُرَ کي، ۽ ڌِيرجَ کي ڌاري،
نَہ ڪڏهين ڇِلايان، ڏي سمُجهہ سائِين.

هُجي سُرتِ تُنهنجي، ۽ تُنهنجي وڏائي،
تُنهنجا گيت ڳايان، ڏي سمُجهہ سائِين.

رَهان صافُ سُٿِرو، نَہ ڪا دل ۾ ڀِيائي،
’شردُ‘ ئي سَڏايان، ڏي سمُجهہ سائِين.




نالو	:	شرد ديوانا ’شرد‘.
جنم	:	٩-٦-١٩٣٧.
ڇپايل ڪتاب	:	اَٺَ (٨).
انعام	:	راجستان سنڌي اڪاڊمي طرفان.
پيشو	:	نرنڪار مشن جو پريس رپورٽر، گيتڪار ليڪ ڊراماسٽ.
پتو	:	بي-١٢٩، سنڌي ڪالوني، راجا پارڪ، جئپور-٣٠٢٠٠٤.

ڪنيا !
پر هڪ ڳالھ رکجاءِ
هيئين سان لڳائي سدائين
تہ دنيا ايتري سَوَلي نہ آهي
نہ آهي آسان هِنَ دنيا ۾
پنهنجي جاءِ پاڻ ناهڻ
جو اِها دنيا مردن جي آهي
نياڻي!
توکي پنهنجا سُپنا پورا ڪرڻا آهن
تہ توکي حاصل ڪرڻي پوندي
ذهن جي طاقت پڻ
اِهو ڪيئن ڪنديئن،
اِهو توکي ئي طئہ ڪرڻو آهي
توکي رستو پنهنجو پاڻ اڏڻو آ
ڪنيا او منهنجي گهر جي!
سُپنا ننڊ ۾ ايندا آهن
۽ ننڊ لاءِ پوُرڻيون پونديون آهن اکيون
پر جي توکي ڪرڻا آهن پنهنجا سُپنا ساڀيا
تہ توکي کولي رکڻيون آهن پنهنجيون اکيون
شَلَ
سُپنا تنهنجا ساڀيا ٿين!
بيشڪ تون ڏسُ سُپنا!

توتاري وڃائي ڇي،
سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ واسطي
جننا ماتم منائي ٿي.
باپوءَ جا ٽي هٿيار
(ستيہ، شانتي ۽ اهنسا)
چورن چورائي ورتا آهن.
ڪوڙن ٽنهي باندرن جو
هرڻ ڪري ورتو آهي
ڊونگين اهنسا مان الف ڪڍي
ستيہ ۽ شانتيءَ سان جوڙي
باپوءَ جي باندرن سان
ڳنڍي ڇڏيو آهي.
اهڙن نڳن جي چنبن مان

ڪو شريف اِنسان بچي بہ پوي ۽
سچ ڳالهائي تہ
اُن تي ڪو وشواس نہ ڪندو آهي.
سَچَ کي سچُ بڻائي رکڻ لاءِ
اِنسان کي قسم کائڻو پوندو آهي.
اُهو سچُ بہ کھڙو سچُ
جنهن کي ثابت ڪرڻ لاءِ
قسم کائڻا پوندا آهن!
قسم تہ اڄڪلهہ ڪوڙا ئي کائيندا آهن،
پر اُنهن جو تہ
وارُ بہ وِنگو نہ ٿيندو آهي!
انهيءَ ڪري مون قسم نہ کائڻ جو
قسم ڪنيو آهي!



جيوترام سيتپال جي ڪوِتا

اَڇو تہ قسم کائون

ڳالھہ ڳالھہ ۾ تون مونکي
قسم کائڻ لاءِ مجبور نہ ڪر!
مان جيڪي چوان ٿو
اُن تي اعتبار ڪر!
اعتبار
ھڪ اھڙي وَٿ آھي
جيڪا پريم ڀاو ناتي
وشواس جي تيل سان
ٻرندي رھندي آھي
۽ خاموشيءَ سان
سڀ ڪجھہ سھندي آھي،
ڪجھہ بہ نہ چوندي آھي.
ڇا توکي اِن وٿ تي
وشواس ڪونھي؟
ڪو سچ بہ سلي سگھي ٿو،
ڇا من ۾
اھڙي بہ اُميد ناھي؟
اھڙا گھٽا ئي ماڻھو آھن
جنکي بنا قسم کائڻ جي
روٽي ھضم ئي نہ ٿيندي آھي!
آزاديءَ کان پوءِ تہ
ھيءُ مرض گھڻو وڌي ويو آھي!
ماڻھن جي من جي اکِيُن تي
بي اعتباريءَ جو ڪارو چشمو
ٺاھي فريم سان گڏ
برابر فِٽ ٿي ويو آھي.
موقعي جو ناجائز فائدو
ھرڪو وٺي ٿو، ۽
سوريءَ تي چڙھي ٿي سچائي،
بي ايماني، رُشوت کوري ۽
ڪارو ڌنڌو چوٽ چڙھي ويو آھي!
ھرامخوري تخت تي ويھي



نالو : جيوترام سيتپال.
ڇپايل ڪتاب : پنج .
انعام : اُتر پرديش ھندي سنسٿا طرفان.
پتو : ايِ-٣/٢٠٧، اِنليڪس نگر، ياري روڊ، ورسووا، انڌيري، (ويسٽ) ممبئي-٤٠٠٠٦١.

امل آهوجا ’رحمي‘ جي ڪويتا

لُٽ، لٽيرن جي

شاهي شاميانيءَ ۾
ميمبرن نون کي
ڪٽائڻ قسم جي رسم وقت
جهلجي جوان پيو هڪ
هٿ سندس ۾ هئا هار گُل گُلاب جا
پيچ لتاڙ تي شروع
ماڻهن ليڪي
هارن ۾ هوندا دستي بم
تحقيقات مان
پيو پتو
۽ ڪئي سچي جوان
تہ
اُتسون اهڙن ۾ اڪثر
آهيان ويندو آنءُ
پائي پوشاڪ ڪاڏيءَ جي
جهلي جهجا گُل
ڪندي سنمان چوُنڊيلن جو
آهيان ونندو ڦيري هٿ
سندن ئي کيسن تي
جو ناهي ڪم ڪسو
لُٽ ڪرڻ لٽيرن جي.



نالو	:	امل آهوجا.
جنم	:	۱۹٦۳.۱.۳۰.
ڇپايل ڪتاب	:	پنج (۵).
انعام	:	يونيورسل ساوڪ ڪهاڻي ڇٽا پيٽيءَ ۾.
پيشو	:	نيوز ريڊر آڪاشواڻي سنڌي وڀاڳ، نئي دهلي.
پتو	:	بي-۲۰۸، ڪرزن روڊ اپارٽمينٽ، نئي دهلي-۱۱۰۰۰۱.

اِندومتي شهدادپوري ’پدما‘ جو غزل

دنيا ۾ هر ڪنهن کي جيئڻو پوندو،
زهر کي سمجهي امرت پيئڻو پوندو.

وقت وقت جو آهي مُلهه هِتِڙي،
امُلهه کي بي مول وڪڻڻو پوندو.

دهشت دمُ درياهه، سهي ڪير سگهي،
سانجهه کي هِتِ صُبح چوڻو پوندو.

جهلين چو نه تو پلا پنهنجي نظر کي،
تاب تنهنجي اڳيان جلڻو پوندو.

لائو يا ڪاندو چوان مان ڪنهن کي،
مڻ کي ’پدما‘ ماسو تيڻو پوندو.

نالو	:	اِندومتي شهدادپوري ’پدما‘.
جنم	:	١٦-٢-١٩٣٧.
پيشو	:	رٽائرڊ ٽيچر.
پتو	:	پدم پئليس، بلاڪ اي-١٨٧/٢٧٢، پانچ دوڪان چوڪ پرسان، ڪُرلا ڪئمپ روڊ، اُلهاس نگر-٤٢١٠٠٤.




نياڻيءَ کي جلايو ويو
ڇي-پاڻ جلي آهي
پاڻ ٻہ ڇو جلي؟
ٻي -اِنتها شاريرڪ
ءَ مانسڪ پيڙا ڪري ئي نہ؟

ڪير جوابدار
نياڻي؟
نياڻيءَ جا مائٽ؟
يا نياڻيءَ جا ساهرا؟
يا ڪشٽ ڏيندڙن جو بدلو ڪٽندڙ؟

هي ڇاتو ڪرين
پئسا گڏ ڪري
نياڻيءَ جي مائٽن کي تو ڏين
يا ڪشٽ ڏيندڙ نياڻيءَ جي ساهرن کي؟

سمجهہ ۾ نٿو اچي
تون نياءُ تو ڪرين يا انياءُ
پڃ تو ڪرين يا پاپ
ٻيا ٻہ ڇو نہ نياڻين (ننهرن) کي جلائن
جي
تو جهڙا پئسا گڏ ڪري ڏيندا
نياڻين (ننهرن) کي جلائيندڙن کي
يا جلڻ لاءِ مجبور ڪندڙن کي؟
ڪيڏو نہ ڀينڪر تضاد!!!ڪ



گورڌن مورجاڻي جي ڪويتا

نياڻين جو درد

لڳي هو وئي تو ڪل پوَئي
توکي ڪهڙو احساس
نياڻين جي ڪشٽن جو.

پراين ڇاين کي ڏک،
مکون ۽ لتون هڻي
بي اِنتها شاريرڪ ڪشٽ ڏيڻ
ڪٿي جي اِنسانيت آهي؟

تُنهنجيون نياڻيون
خوش آهن آباد آهن
شال سدائين خوش آباد رهن

پر جن نياڻين کي بڪ ماريو تو وڃي
بيمار ٿيڻ تي دوا نٿي ڪئي وڃي
بي اِنتها مانسڪ ڪشٽ تو ڏنو وڃي
اُنهن جو واهي ڪير؟

نہ ڪر ٽوڪ بازي
پسم ڪري ڇڏينديون توکي
ستايل نياڻين جون آنھون ۾ دانھون
نہ اُڇلاءِ اُپ ۾ تڪون
موتي لڳندءِ منهن ۾!



نالو	:	گورڌن مورجاڻي.
جنم	:	٩-٩-١٩٣٦.
ڇپايل ڪتاب	:	ٻہ (٢).
انعام	:	يونيورسل ساوڪ طرفان اکل ڀارت ڪهاڻي چٽا ڀيٽيءَ ۾.
پيشو	:	پرنسيپال.
پتو	:	٨٢، اُديوگہ نگر سوسائٽي، رڻڇوڙ مندر جي سامهون، ٻڙودا-٣٩٠٠١٩.

شون ريلواڻي ’ساز‘ جو غزل

نہ اڳہ جي خبر نہ پوءِ جي خبر
اسانجو پيار آهي اِها بس خبر

لڪائڻ سان محبت لڪي ڪانہ سگهندي
اِهو روڳہ وڏندو سا ڪنهنکي خبر


نشو نينهن جو بس چڙهيو ئي رهي ٿو
لهندو ڪڏهن سو - سا ڪنهن کي خبر

پلڪن جي اندر هيءَ-نازڪ نظر
ڏِيُنڊي ٿي ڪنهن کي سا ڪنهن کي خبر

نہ آهون-نہ داهون-نہ فرياد ڇاٽان
ڪئي ڪنهن شڪايت سا ڪنهن کي خبر

ڇوڙ چاهين جا ڳالهہ اُن لاءِ مون کي
اِشارن مان تنهنجي پوي ٿي خبر

رهي ڪانہ سگهندي هيءَ پڙدي جي ديوار
ڪڏهن ’ساز‘ ڊهندي سا خدا کي خبر



نالو	:	شون ريلواڻي ’ساز‘.
جنم	:	لاڙڪاڻو ، ١٩٢١.٩.١٧.
پيشو	:	رٽائرڊ سرڪاري نوڪري.
پتو	:	’چيتنا‘، سداما گهٽي، وڪاس گره روڊ، ڄامنگر-٣٦١٠٠٨.

ارجن چاولا جو گيت

ڏيري ڏيري وس
او بادل،ڏيري ڏيري وس!

رات اڱي ئي آهي ڪاري
ويتر تيز هوا ٿي جاري
پرديسي پريتم موٽڻ ۾
متان ڪري آلس!
او بادل،ڏيري ڏيري وس

گرجڻ گُرڪڻ روڪ گهري پل
واڄٽ روڪ ۽ وڄڙين ڪي جهل
دلبر دانهن ٻڌي نه ٻڌي
پر واڪا منهنجو وس!
او بادل،ڏيري ڏيري وس

پرينءَ وٽان پيغام نه آيو
ماندي من کي مونجهه ورايو
کهڙي ريت مڃايان منڙو
ڏاءُ ڪوئي تون ڏس
او بادل،ڏيري ڏيري وس.

ڪانگل خالي لاٽ لنوين ٿو
چوچ وچان چوهول چوين ٿو
توکي لکه شاباش!
او بادل،ڏيري ڏيري وس.

پلڪن جون پينگهو سينگاري
۽ اکڙين جون جوتيون ٻاري
واٽ تڪيندي لاٽ جهڪي ٿي
ڦڙڪي ٿي نس نس!
او بادل،ڏيري ڏيري وس.

مُدت ٿي محبوب هليو ويو
قرب ڪُنيءَ کي ڏنپ ڏيئي ويو
ساڄن ڏاران هاڻ جيئڻ ۾
رهيو نه ڪوئي جس
او بادل،ڏيري ڏيري وس.





نالو	:	ارجن چاولا.
ڇپايل ڪتاب	:	ٻه (٢).
انعام	:	ڀارت سرڪار، سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ، نئي دهلي طرفان پنج هزار.
پيشو	:	رٽائرڊ پرنسيپال.
پتو	:	١٩٨/٦، گلي نمبر-١، نئين بستي، عليگڙهه.

پارُوءَ ناڪر چاولا جو گيت

درد ڪئي دل گهارون گهارون
پريت ڪيون تو لاءِ پڪارون.

١ تو تہ ڇڏيو آ دل تان لاهي
تہ بہ منهنجي دل توکي چاهي
پل پل تنهنجون ڪريان پچارون
پريت ڪيون تو لاءِ پڪارون.

٢ ڇَئُہ تہ قصور بہ ڪهڙو آهي؟
ڏکہ ڏيڻ توکي واجب ناهي،
ڳڙن پيبيون لڙڪن جون لارون
پريت ڪيون تو لاءِ پڪارون.

٣ ورهہ وڇوڙي ماري آهيان
سوز سڄڻ جي ڳاري آهيان
روز هِئين ۾ هُرنِ سنيارون
پريت ڪيون تو لاءِ پڪارون.



نالو	:	پارُوءَ ناڪر چاولا.
ڇپايل ڪتاب	:	ٽي (٣).
پيشو	:	گهرو استري.
پتو	:	١٢بي/٣، جيني بهن سوسائٽي، موري روڊ، ماهيم، ممبئي-٤٠٠٠١٦.

نانڪ چوٽواڻي ”بيرس“ جو غزل

نگاھہ ناهي خبر نہ آهي مگر،فِرشتا فضا ۾ هوندا،
ڪرشما آهن نظر نہ آهي عجب تماشا هوا ۾ هوندا.

اڏي رهي آ رهي ٿي اڏندي ڪٽي سا پاڻي پيي پاڻ سان ڳڏ،
ڪٽي سا وسندي ٿو ڪير چاڻي اِرادا ڪهڙا گهٽا ۾ هوندا؟

نہ چئن تن کي قرار آهي نہ ڪوئي تعلق زماني سان ڪجهہ،
لڪل پيي اهڙا ڪي لعل هوندا جي غرق هردم خدا ۾ هوندا.

نڪو پتو آهي ڪنهنجي دل جو چٽي بري جي پروڙ ناهي،
ڏسڻ ۾ جيڪي اچن چڱا ٿا سي مبتلا ڪنهن خطا ۾ هوندا.

نہ واسطو تن جو آهي ڪنهن سان نڪو رکن ٿا نہ ڪنهن سان مطلب،
خوشي غميءَ ۾ جي سم رهن ٿا سي راضي رب جي رضا ۾ هوندا.

ڪريان ٿو ڳالهيون مان راز جون سڀ آ راز هڪڙو نہ ڪوئي شڪ آ،
فنا کي سمجهي فنا ڪيو جن سي باقي هردم بقا ۾ هوندا.

يقين آهي پڪو هي دل جو مون آزمايو پيي آهي بيرس،
مِلي شفاحت نہ ڪنهن دواسان علاج تن جا دعا ۾ هوندا.

نالو	:	نانڪ چوٽواڻي ’بيرس‘.
پتو	:	پلازا سنيما روڊ،اجمير، راجستان .

ساوتري هندوجا جي ڪويتا

سدا ڪلندو رهُ

١ سکه ڌرتيءَ کان سدا سهڻ،
آسمان کان اونچائي تي رهڻ.

٢ سکه پربت کان سدا اڏول بيهڻ،
هوا کان هردم رفتار ۾ رهڻ.

٣ سکه جهرڻي کان سدا نئڙت سان هلڻ،
چشمي کان خوشي ۾ مٿتي وهڻ.

٤ سکه بدبدي کان سدا پل پر جو جيئڻ،
ٻيڙيءَ کان راهه سچ واري تان ترندو رهڻ.

٥ سکه ساگر کان هردم گهرائي ۾ رهڻ،
سريتا کان پريتم سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌڻ.

٦ سکه پروندي کان سدا فلڪ جو سئر ڪرڻ،
قدرت کان هردم نيم مريادا ۾ هلڻ.

٧ سکه گُلاب کان سدا آنند ۾ ٽڙڻ،
پوپٽ کان رمتا جوڳيءَ جئان جيئڻ.



نالو : ساوتري اين. هندوجا.
پتو : ڊي-٧١٢، سن گري، رهيجا وهار، پووئي،
ممبئي-٤٠٠٠٧٢.

جهامن داس روهڙا جي ڪوِتا

سنڌي آهيان

(١)

سنڌي آهيان-سنڌي آهيان
سنڌيت منهنجو شان
ڳائُوَ ڳائُوَ ۾ گونجي ٿو
اڄ منهنجو نانءُ نيشان.

(٢)

اُجڙيل ڪيئي شهر وسائي
محل بڻايم عاليشان
جهنگلن کي مان محل بڻائي
باغ بڻايم گُلستان.

(٣)

محنت ڪش وڻجارو بڻجي
پاتم ڌن دولت جي کاڻ
بزدل بڻجي ڪين وهان ٿو
آهيان سوروير سنتان.

(۴)

سندڙيءَ مان ڪين وساري
رها هند ۾ ٿو مستان
پريم سندو وهنوار وڌائي
مان بڻيو آهيان دنيا ۾ مهان.



نالو : جهامن داس روهڙا.
جنم : ڳوٺ-لکي، ضلعو-سکر، ١٩٢۴.١٢.١٥.
پيشو : پرائيويٽ ڌنڌو.
پتو : ماٿري ڇايا، ۴پي١٢، تلونڊي، ڪوٽا-٣٢۴٠٠٥.

ڪشنچند گلاڻي 'ديپڪ' جي ڪوِتا


هلندي هلندي توکي - سلام ٿي ويو
خادم بيخوديءَ ۾ - غلام ٿي ويو

١ گاڏيءَ تان موٽندي - جان توتي نظر پئي
تو ٿورو مسڪرايو - مون لاءِ جام ٿي ويو

٢ دل بي چئن هئي - توکي ڏسڻ خاطر
تنهنجي اک جو اِشارو - اِلاهي اِلهام ٿي ويو

٣ توکي وري ڏسڻ لاءِ - هِتِ هُتِ ٿي ڀٽڪيس
سک چئن مون لئه - حرام ٿي ويو

٤ عاشق بڻ معشوق 'ديپڪ' - بي جان لڳندو آهي
دلبر جي ديدار سان - دل کي آرام ٿي ويو



نالو : ڪشنچند گلاڻي 'ديپڪ'.
جنم : خيرپور رياست، ١٩٣٥.١٠.١٦.
پتو : بلاڪ سي/٦٦٥/٢٢٩ ايڪس، ڪلاڻي سوسائٽي جي پليان، اُلهاس نگر-٤٢١٠٠٣.


هري مستانا جو غزل

چنمڻ لاءِ پيون چرڪن
آهن اُداس اکڙيون
روئڻ لاءِ ٿيون تڙڦن
آهن اُداس اکڙيون

(۱)
پلڪون پيون جهڪائن
ڪجهه ڪين تہ بہ ٻڌائن
ڦڙ ڦڙ ڪري ٿيون ڦڙڪن
آهن اُداس اکڙيون

(۲)
ناحق ٿيون ننڊ ڦٽائن
ور ور پيون واجهائن
بي حد پيون سي پڙڪن
آهن اُداس اکڙيون

(۳)
سرمو سدا هو پائن
ڏورئون سي ڏنگہ لڳائن
مستان مُرڪي مُرڪن
آهن اُداس اکڙيون



نالو	:	هري مستانا.
جنم	:	ٽنڊو آدم، ۱۹۲۴.۹.۲.
ڇپايل ڪتاب	:	ٽي (۳).
پيشو	:	چترڪار.
پتو	:	٦۱، مهارٽي سوسائٽي، سردار نگر، احمداباد.

ڀڳوان ٻاٻاڻي 'بندا' جو غزل

ڏِنوَ ڏُک، توهانجو مان ٿورائتو آهيان،
سُخنور بڻايو، مان ٿورائتو آهيان!

هُجان ڀل نہ ڪجھ ٻي توهانجي نظر ۾،
ٻين لاءِ گھٽو ئي مان ڪارائتو آهيان!


توهان مان قدر جي نہ اُميد ڪائي،
مگر ماهِرن ۾ تہ ويو ڄاتو آهيان!

نہ جوڙي سگھو ٿا، نہ ٽوڙي سگھو ٿا،
خدا ڄاڻي ڪھڙو عجب ناتو آهيان!

توهانکي ئي فرصت ملي ڪانہ ٿي ڪا،
مگر مان تہ هردم وينو آتو آهيان!

لکائڻ جي لئہ هاڻ ڪجھ ٻي تہ ناهي،
گھٽو ئي زماني ۾ ويو ڳاتو آهيان!

ڪيان ڪيئن ڪا تعاريف پنھنجي زبان سان،
انهي ڳالھ ۾ 'بندا' ڇڻ ٻاتو آهيان!



نالو : ڀڳوان ٻاٻاڻي 'بندا'.
جنم : ١٩٥٤.١٠.٥.
پيشو : برانچ مئنيجر، اسٽيٽ بئنڪ آف اِنڊيا.
پتو : ايڇ-٢٥/٢١، ٻئڙاڳڙه، ڀوپال-٤٦٢٠٢٠.

گهنشيام لوڪواڻي جو غزل

خوش گوار اُهو شخص چوائي،
دل جا سگهي جو درد لڪائي.

ڪتندو نيت اُهو ئي جڳہ ۾،
جو سؤر پئي تہ بہ پيو مسڪائي.

ڪنهنجي هاڻ ڪين ٻُڌي ٿي،
دل پاڳل کي ڪو سمجهائي.

دؤر ۾ اڄ جي ڪيئن ٽڪندو سو،
منصوبا جو روز پيو ڍاهي.

سينو ساهي هلندا هتي جي،
سي پڻ ويا هتان ڪنڌ جهڪائي.

ٻچيل سواس ڪر رب کي ارپڻ،
ٻيو تو وٽ هاڻ ٻچيو ڇاهي.

نالو : گهنشيام لوڪواڻي.
پتو : ڊي-١٥، پنجابي باغ، ڀوپال (ايم.پي.).



پريو ديال وجيہ جي ڪويتا

پنهنجي چاهت

سنڌ سکر جي اُها ڌرتي
جنهنکي مان ڇڏي آهيو آهيان
پنهنجي چاهت جي خلاف.

ڪڏهن من چاهيندو آهي
تہ ايڪانت ۾ ويهي روئيندو رهان
بنا ڪنهن سنڪوچ ۽ روڪاوٽ جي.

اُن ڌرتيءَ کي ڇڏڻ وقت
اُنهن سسڪين جو آواز
اڄ بہ مونکي ياد آهي.

اُنهن سسڪين جو آواز
دنيا جي آواز ۾ ملي
بي آواز ٿي ويو هو.

ٻُڌڻ ٻُڌائڻ لاءِ رکيو ئي ڇا آهي
ڪجهہ گذري ويو آهي
ڪجهہ گذري ويندو.

يارت يوميءَ کي پنهنجو ڀاڳہ سمجهي
رکيو مان اکين تي

ماتر يومي نہ آهي
ڪرم يومي پنهنجو بڻايو مان.


پر سنڌ ۽ هند هڪ ٿيڻ
جي چاهت
اجان باقي آهي.

ديش جي ورهاڱي جي مجبوريءَ کي
خوشيءَ سان ڳلي لڳايو هو مان
هڪ سوتنترتا سئنائيءَ جيان.

آزاديءَ جي قيمت
اسانکي جلا وطنيءَ سان ملي.

اڳتي ۾ جيڪو ملندو
اُنکي پنهنجو ڀاڳہ سمجهي ڪري
اکين تي رکندس مان.

چاهت پوري ٿئي
نہ ٿئي
چاهت رکڻ جو حق نہ آهي مونکي.



نالو	:	پريو ديال وجيہ.
جنم	:	سکر، ١٩٣٥.١.٢.
پيشو	:	رٽائرڊ.
پتو	:	٦/٧، انڪور ڪامپليڪس، شواجي نگر، ڀوپال-٤٦٢٠١٦.

ڪنهيا لال موٽواڻي 'ماندو' جو پرارٿنا گيت

رحم ڪر تون سائين مان رحمت گُهران ٿو
صفائي سُنائي صداقت گُهران ٿو.

١ گُناهن جو گهر مان گُنهگار آهيان
مان پاپي ۽ بدنام بدڪار آهيان.
ڪپٽ ڪوڙ ڏوهن جو ڀنڊار آهيان
تون آهين ديالو ديا نِتُ گُهران ٿو.
رحم ڪر تون سائين مان رحمت گُهران ٿو.

٢ زماني جي دردن آهه ڏاڍو ستايو
ڏيئي ڏنبُ رشتن بہ آهي رنجايو.
آهم لوڀ ۽ موهہ من کي منجهايو
مهر ڪر تون مونتي عنايت گُهران ٿو.
رحم ڪر تون سائين مان رحمت گُهران ٿو.





نالو : ڪنهيا لال موٽواڻي 'ماندو'.
جنم : ١٩٦٠.٩.٤.
پتو : اي نيوُ ١٢٦/١٥، بئراڳڙھ، ڀوپال-٤٦٢٠٣٠.

ڪُندنداس پاراڻي جوگيت

ننڍڙو ٻار


ننڍڙو ٻار، هنئين جو ٺار؛
ڏسي دلڙي، ٿئي باغ بهار.

(۱)

ٻار ۾ ناهي ٻيائي، نہ آشا ڪائي؛
پيڻ ڪٽي پائي، ٻٽي سڀ جو؛
سيني جو، ٿو پائي پيار؛
ننڍڙو ٻار، هنئين جو ٺار.

(۲)

تنڙو بہ سندر، منڙو بہ سندر؛
برابر مندر، مسجد گرجا؛
ايشور جو، آهي اسرار؛
ننڍڙو ٻار، هنئين جو ٺار.



نالو	:	ڪُندنداس پاراڻي.
جنم	:	١٩٣٣.١١.٢.
ڇپايل ڪتاب	:	ٻہ (٢).
پتو	:	سي-١٢٩، ايم. آئي. جي. سوناگري، ڀوپال-٤٦٢٠٢١، (ايم. پي.).

موتيرام هيرانندا ڻي ’موتي‘ جو گيت

ويني آهيان اوسيڙي ۾،
تنهنجي اچڻ جي آس لڳائي.
ساجن! ٿي تنهنجي ياد ستائي.

۱ ڀؤنئرن جي گونجار ٻُڌي،
گُلشن ۾ رواني آئي آ.
ٻهڪن ٿا ٻوٽا سارا،
ڪلين تي جواني ڇائي آ.
چَپَ چُمڻ خاطر گُل جا،
ٿي تتلي ڦيرا پائي.
ساجن! ٿي تنهنجي ياد ستائي.

۲ راسِ رچائي تارن سان،
آ چنڊ گُذارِي رات.
پِره ڦٽي آ پوُربَ ۾،
آئي سونهري پريات.
ٽار ٽار تان ڪڏندي ڪوئل،
ٿي گيتُ خوشيءَ جو ڳائي.
ساجن! ٿي تنهنجي ياد ستائي.

۳ محبت جي مَڪتب ۾ آهي،
سبق حسابن جو اوُ ڪو.
تنهنجي منهنجي ڏيڻ وٺڻ جو،
ڪير ڪري ليکو جوکو.
ملُ اچي تون مِٺڙا! هاڻي،
رگيو رُسڻ ۾ ڇاهي.
ساجن! ٿي تنهنجي ياد ستائي.



نالو : موتيرام هيرانندا ڻي ’موتي‘.
جنم : ڳوٺ-ڦڪا، ضلع-دادو، ۱۹۲۲.۴.۱.
پيشو : ريلوي ڪاتي مان رٽائرڊ.
پتو : ۵۰۴، گيتا ڪامپليڪس، هاسپيٽل روڊ، اُلهاس نگر-۴۲۱۰۰۲.

مضمون

جئرام چمناڻي جو غزل


١ محبت جي آتش رُڪندي نہ يارو،
لڳل باھ سني، ٻجهندي نہ يارو.

٢ نگاھن ۾ ڪنهنجي، هي تصوير آهي،
نگاھن کان منهنجي هٽندي نہ يارو.

٣ ڏسندي اُهو چهرو، اُها وارن جي رنگت،
دلين جي تمنا، رُڪندي نہ يارو.

٤ ٺاهيو آ مذهبن، جنهن عشق آهي،
اُنهين جي حياتي، ڪٽندي نہ يارو.

٥ فقط هڪ خوشي ’ديپ‘ جي چاھ آهي،
اُها ئي خوشي بس، ملندي نہ يارو.



نالو	:	جئرام چمناڻي.
جنم	:	ڳوٺ-غوش پور، ضلع-جيڪب آباد، ١.٦.١٩٥٤.
پيشو	:	وڪيل.
پتو	:	بي-١٢٢، سيڪينڊ فلور، سماڌيا ڪالوني، تاراگنج، گواليار. (ايم. پي.)

فهرست

مضمون

سنڌ جون. يادگيريون


تيج ”قابل“

سنڌ سونهاري، موچاري، سيني کان نياري، ڏُلاري، سنڌ جي چپي-چپي تي گل -ڦل، باغ باغيچا، وڻ-ٽڻ، ٻوٽا-ٻارا، چوڌاري ساوڪ، پوٺا گاه وارا، لهرائيندڙ کيت، سنڌوندي ءَ جي ٻنهي ڪنارن تي وَسَيل سنڌ، نماڻائيءَ ۽ نهٺائيءَ جي مورتي نئين نويلي ڪنوار وانگر ڪنڌ جهڪائي ٻينل نظر ايندڙ، ڪنوار جي سينڌ جيان سنڌوندي هنجي وچ مان ٿيِ وهي سنڌي سمنڊ سندس چرن پنهنجي پوتر جل سان ڌوئي، اهڙي آهي منهنجي سنڌ، مهان سنڌ، منهنجي جنم ڀومي! ١٥ سالن جي عمر ۾ مون جنم ڀوميءَ کي الوداع ڪئي.

اهڙيءَ مهان سنڌ جي دادو شهر ۾ منهنجو جنم ٿيو. دادو ضلع عمر ۾ ڀلي ننڍو هو، پر، قد ۾ وڏو هو. هن ضلعي ۾ سيوهڻ ۽ خدا اباد جهڙا تاريخي شهر هئا ته لکي ڌارا تيرٿ جهڙو پوتر آستان به هو. پهاڙي علائقو محال ڪوهستان ۽ ٻوبڪ جي ڍرسان ٿلتيءَ وٽ مشهور منڇر ڍنڍ هِنَ ضلعي جو شان هئا. هيءُ ضلع سنڌونديءَ جي اولهه ڪناري تي راڌڻ کان وٺي ڪوٽڙيءَ تائين ڦٿليل هو. هن جي اولهه ۾ کيرٿر ۽ هالار جبلن جون قطارون هيون ۽ اوڀر ۾ سنڌوندي، حيدراباد ۽ نوابشاه جا ضلعا هئس. هن ضلعي جو سياست ۽ حڪومت تي به دٻدٻو هو. اُن وقت به سنڌ وزرات ۾ هن ضلعي جا سَرَوَ شري جي. ايم. سيد، پير اِلاهي بخش ۽ سيد صالح شاه ٿي وزير هئا.

سنڌ سونهاري ديا جو ساگر، ممتا جي مورت ۽ اِنساني گڻن جو ڀنڊار هئي. هن زمين تي جيڪو به ڏکيو- بکيو آيو، اهو سکيو- ستابو، سائو ڀائو ٿي ويو. هن ڀوميءَ پنهنجي گود ۾ گهٽن کي جاءِ ڏني ۽ پاليو- نپايو. ڪيتراسنت- مهاتمائون، وير- جوڌا، درويش-فقير، اڳوان- سياستدان، داني پرش- تعليم دان هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا.

منهنجو جنم دادو شهر جي مکي



نالو	:	تيجومل موٽومل ڀاڳچنداڻي”تيج قابل“.
جنم	:	دادو ضلع، سنڌ، ١٥-٨-١٩٣٢.
ڇپايل ڪتاب	:	٢٤ سنڌي ۽ به هندي.
انعام	:	گجرات سنڌي اڪاڊميءَ طرفان.
پيشو	:	رٽائرڊ پرنسيپال
پتو	:	ٽي.سي. ايڪس/سائوٿ-١٠١، گانڌيڌام (ڪڇ)-٣٧٠٢٠١.

ان پڇا ڪندا اڳتي وڌي رهيا
اسين. واٽ تي هڪ کوه نظر آيو. نار چالو
. هاري ڍڳي کي هڪلي رهيو هو.
نگرين مان نرمل جل وهندو ڏسي روح کي
حت آئي. اسين وڌي اڳيان وياسين.
ريءَ جو نالو قاسم هو. هن اسانکي ڪاڻ
پيڙا ڏنا، پيئڻ لاءِ کوه جو ٿڌو پاڻي ڏنو ۽
ٽ جو ڏسُ پتو ڏنائين.
ڳوٺ ۾ پهچڻ سان ئي خبر بجليءَ
نگر ڦهلجي ويئي تہ سينيون آيا آهن.
ں، پوءِ تہ لوڙهي جي اندر ڳوناٺا گڏ تي
يا. اسين کٽولن تي وينا هئاسين. ايندڙ
ئرن مان ڪي هٽ ملائي پئي مليا، ڪن
ٽن کي چميو پئي تہ ڪن وري پاڪر پائي
ٿي خوش خيريافت ڪئي. هنن جو پاڪر
، نرالي قسم جو هو. سنڌ کان پوءِ اهڙو پاڪر
ڇ ضلعي جي ڪاوڙا پرسان ڏنارا ۾ هڪ
ڇڻ اچي پاتو ۽ اُن وقت سنڌ ياد اچي
يئي! تر جي اُنهن ڳوناٽن جو منجهند جو
ڌ جا وٽا پري ڏنا. شام جو ٿاڌل ڏني ۽ رات
و کير جا ڪٽورا پري ڏنائون. ڳونن ۾ ڏُنر
نگهر ۽ ڍاڪنئان ڪٽورا ڪتب آندا ويندا
ئا. ڪن ڪن شهرن ۾ بہ اُنهن جو استعمال
ڪيو ويندو هو.
سنڌ جي زمين اُپجائو هئي. جدا جدا
سمن جي اناج جون جنسون پيدا ٿينديون
يون. سنڌ جا سُڳداسي چانور تہ مشهور
وندا هئا. لاڙي چانور پڻ ڪائڻ ۾ سوادي
وندا هئا. اُتان جي دالين، چانورن، ڪڻڪ
بين اناجن ڪائڻ ۾ هيري هوندي هئي.
ڪيترن ئي قسمن جون ڪاڏي جون
سيون پيدا ٿينديون هيون. روهڙيءَ ۽

ڪوٽڙيءَ جا حليلا، دادو ضلعي جي ميل
پاسي يعني ميهڙ، ڪڪڙ، خيرپور ناٿن شاه
جون ڳاچيون، کهيري، تر جا پيرون- پڪا
ڏيلها- ڏئنرا تلائن مان ملندڙ پبڻ، بهہ
لوڙهہ، ڪوٽيون، ڪُم، ڏاجوٽا، دريا شاه ۽
سمنڊ مان ملندڙ پلا، مڇيون، ڪڳا، گندڻ،
جهينگا يعني گانگٽ، وڻن مان ملندڙ ميوا،
سنگريون، گيدوڙا يعني ليسوڙا، ليار،
ڦاروهان، بوبڪ پرسان ٽلٽيءَ وٽ منڇر ڍنڍ
جا آڙي پڪي لاثاني چيزون هيون. ٻوراٽي
بہ ذائقي واري هوندي هئي.
سنڌ جا وڻ بہ ياد ايندا آهن. لئو، اَڪُ،
ڪرڙ، ٻٻرُ، ٻڙُ، ڪانڊيرو، پپر، نم، ٻهڻ،
ڪنڊيون وغيره جدا جدا قسمن جا وڻ هئا.
اُنهن جي ڇانوَ ۾ ويهي ڳوناٽا ۽ واڻهڙوُ آرام
ڪندا هئا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا.
سنڌي زالون گهرو ڪمن چاهي ڏر-
ٽوپي ۾ پڙ هونديون هيون، هو وانديون ٻنهہ
نہ وهنديون هيون. صبوح جو سويل اُٿي جنڊ
هلائينديون هيون ۽ وڏين چاڏين ۾ رنگين
ماندائين سان ڏڌ ولوڙينديون هيون. ڇڇو
چورو ڪري مڙد ڏنڏن- نوڪرين تيءَ ٻار
سُڪولن ۾ ويندا هئا. پوءِ زالون ڏر ٽوپو
ڪنديون هيون. آر ۽ سُئا ڪٽي مڙهڻ جو ڪم
ڪنديون هيون تہ سُئي ڪٽي اُن سان هرمچو
ڪچو ۽ پڪو ڪنديون هيون. ڪپڙن تي
ستارون ۽ ڪاچ ٽاڪينديون هيون. بزار مان
ايندڙ شين جي پُڙين تي ويڙهيل ڌاڳن کي
سنڀالي رکنديون هيون، ۽ اُنهن مان اَڳٽ
ناهينديون هيون. سياري جي وقت ۾ مٽي
ڪڏ تي وڃي اُس ۾ ويهي ڳنڊ،
پالڪ، مٽرن، چٽن جي پلي، لوٽڪ، ڇهل، مريڙو

ماڙڪمل جي گهٽيءَ ۾ ٿيو. جيتري قدر مونکي ياد آهي ته ان گهٽيءَ ۾ ڪي ڳاڻ ڳٽيا گهر مسلمانن جا هئا. باقي سڀ هندن جا گهر هئا. پر، ڇا ته هو هڪٻئي سان ميل ميلاپ، سڪ پريم، آدرڀاءُ، عزت! هڪ ٻئي تان گهورڻ گهوريندا هئا. اويل - سويل، ڏک - سک ۾ هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي هوندا هئا. پاڙي جا گل محمد ڏکڻ، آچر، گل خُدابخش، ڪرڙ نائڪ، مائي ٻچي وغيره قرب ۾ ڪُنل هئا. من وندرائڻ لاءِ ادي يعقوب دائي جي گڏهن تي چڙهي پيا گهمندا هئاسين. پر، هو ويچارو هڪا اکر به نه چوندو هو. اسانجي اصلي ڳوٺ جهلا مان، جيڪو سنڌونديءَ جي ڪپ تي دادوءَ کان نَوَ ڪلو ميٽر پري هو، مائي مميءَ هاشم منڊو به ڏِڻَ وار تي ايندا هئا.

دادو شهر جي پرسان دادو ڪئنال وهندو هو. جيڪو سکر براج مان ڪڍيو ويو هو. اُن جي پرسان ڪچو رستو هو!رستي جي ٻنهي پاسي ٽاليءَ جا وڻ هئا. ڇا ته ساوڪ هئي ۽ نظارو هو. دادو ڪئنال مان ڪي شاخون ڦٽنديون هيون، جن مان ويران پاڳن ڪي پاڻي ملندو هو. اُنهن مان هڪ شاخ اميرپير ڏانهن ويندي هئي. اُن سان گڏو گڏ واري رستي تان اسين پنڌ اميرپير جي ميلي تي ويندا هئاسين. جيئنوٽيڪ اميرپير خداباد ريلوي سٽيشن کي ويجهو هو. پر اسين پنڌ وڃڻ پسند ڪندا هئاسين.دادو ڪئنال جي پرسان ئي مساڻ هو، جيڪو سموري سنڌ ۾ مشهور هو. جنهنجي سنڌ جي گورنر سرفرا سزمڊي پڻ ساراه ڪئي هئي .

١٥ سالن جي عمر ۾ ئي مون اُن وقت سنڌ جي اٺن ضلعن مان ڇهن ضلعن جو، ڪن جو ٿورو ڪن جو گهڻو سفر ڪيو هو.اُهي يادگيريون اڃان به تازيون آهن ۽ اُهي ڏنل آستان ۽ نظارا اکين اڳيان پيا ڦرن.

حيدراباد کان ميٽر گيج گاڏي جوڌپور ويندي هئي، جنهنکي راجا جي گاڏي چوندا هئا. اُن لائين تي ميرپور خاص کانپوءِ جمڙائو جنڪشن کان هڪ ريل جو رستو جيمس آباد، ڏگهڙي، جهڏو، نئون ڪوٽ، ٻني سر، پٿورو، شادي پليءَ کان ٿي ميرپور خاص ايندو هو. هيءَ ريل رستو گولائيءَ ۾ اهڙي طرح لڳندو آهي جڻ ته ٿرپارڪر ضلعي جي ڳچيءَ ۾ هار پيل آهي! جمڙائو سٽيشن کان گاڏي جمڙائو واه سان گڏوگڏ ۽ ٽاليءَ جي وڻن جي قطار سان هن لائين تي مسافري ڪرڻ جو آنند ئي نرالو هو.

سنڌ جي چپي چپي تي کوه هوندا هئا، جن مان منو ۽ ٽڏو پاڻي نڪرندو هو. کوهن تي نار چالو هوندا هئا. ڪنگرين ذريعي صاف - شفاف پاڻي کوهن مان نڪري کيتن، باغن، ٻنين، ٻارن ۾ وڃي پوندو هو ۽ چوڌاري ساوا کيت لهرائيندا نظر ايندا هئا.

سنڌ جا رهواسي مهمانوازيءَ جا ڪوڏيا هئا. شل نه ڪو مزمان ڪنهن وٽ اچي. خاص ڪري ڳوٺن جي مهمانوازي پنهنجو مَٽُ پاڻ هئي. مونکي چڱي طرح ياد آهي ته هڪ دفعي اسين ٿرپارڪر ضلعي جي پٿوري ۽ اڪڙيءَ کان ٿيندا ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رهيا هئا سين. ميءَ جو مهنو هو. ٽاڪ منجهند جو وقت هو. ٿر جي گرمي به غضب جي هئي. ڳوٺ پرڀرو هو.

هندو سنسڪرتيءَ جو رکشڪ مهاراجا وڪرمادتيہ ”شَڪاري“

گنگارام سمرات

مهاراجا وڪرمادتيہ عيسوي سن کان اڳہ جي پهرين صديءَ ۾ ٿي گذريو. سندس سِڪا ۽ شلا ليکہ کونہ مليا آهن. پر هو اسانجي سنسڪرتي وغيره ساهتيہ ۽ عام جي اندر اُڪريل آهي. سندس باري ۾ جيڪو بہ ساهتيہ ورڻن مليو آهي، اُنجو ورڻن هتي ڏنو وڃي ٿو.

ڪٿاسرت ساگر! هي گرنٿ سوم ديو ڀٽ جو جيتوڻيڪ وڪرمي ٻارهين صديءَ ۾ لکيو ويو آهي، پر ڪيترن ڪارڻن ڪري اُن جي اتهاسڪ اهميت گهٽي آهي. هيءَ ڪٿا گڻاڍيہ جي رچيل پئشا جي پراڪرت ٻوليءَ ۾ لکيل برهت ڪٿا جي آڌار تي لکيل آهي. برهت ڪٿا جو رچيندڙ سالواهن هال جي سمي جو هو. ان ڪري ڪٿا سرت ساگر، وِڪرمادتيہ کان گهٽو ڪري هڪ صدي پوءِ ئي گرنٿ جي آڌار جي هئڻ ڪري اُن جو وڪرمادتيہ سنٻنڌي ورڻن اهميت وارو آهي.اُن ڪٿا ۾ سوم ديو، وڪرمادتيہ جو جنم وغيره لکڻ کان پوءِسندس سورويرتا،پراڪرم ۽ پرجاپالن جو ذڪر ڪيو آهي. هو لکيٿو:-

”اهو وڪرمادتيہ ورثي ۾ مليل راڄ کي حاصل ڪري پرٿويءَ تي پنهنجي پرتاپ(ويرتا) کي اهڙيءَ طرح ڦهلائڻ لڳو جهڙيءَ طرح آڪاش ۾ سج پنهنجي پرتاپ (تيڄ) کي ڦهلائيندو آهي.ڌنش(ڪمان) تي ٻاڻ چاڙهيندو ان راجا کي ڏسي وڏن وڏن ايماني راجائن جو سر جهڪي ويندو هو- پرٿويءَ تي وڪرمادتيہ(وڪرماجيت) جي سينا سيني طرف ان طرح ڦهلجي ويئي هئي، جئن سج جا ڪرڻا.هڪ دفعي جڏهين وڪرمادتيہ دربار ۾ وينو هو تہ دگہ وجيہ (وڏي-چوڏاري) تي نڪتل سندس سيناپتي

نالو	:	گنگا رام سمرات.
جنم	:	١٩١٨.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ٢ کان وڌيڪ.
پيشو	:	اِتهاسڪار ۽ پترڪار.
پتو	:	سهجاپور بوگها احمداباد-٣٨٢٣٤٥.

۽ ٻيا ساوا مصالح صاف ڪنديون هيون ۽ ڪپينديون هيون.

سنڌ جا هنر بہ قابل داد هئا. جوهيءَ ۾ ميٽايون گهگهيون ٺهنديون هيون، جن جو پاڻي سڄو سال ٿڌو رهندو هو. نصرپور جا کيس، لاڙڪاڻي جون ڪُٽ جون ٿالهيون، ميٽارن جون اجرڪون، هالن جا پينگها، نتي جون لُونگيون ۽ سُوسيون، بوبڪن جا غاليچا، هالن ۽ ڪشمور جو جنديءَ جو ڪم، هالن جو ڪاشيءَ جو ڪم، ٿر جا ڪمبل ۽ ڪتا، چمڙي مان ٺهيل اُنن جا پاڪڙا، گهوڙن جون زينون، پاڻي پرڻ لاءِ مُشڪون، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ جيسلميري موچين جا ٺاهيل بوٽ ۽ سپاٽا، ڳوٺن جو پرت ۽ زريءَ جو ڪم، دادوءَ ۽ ڪوٽڙيءَ جي پيلي مٽيءَ مان ٺهيل ڪونڊامت، دِلا، گهگهيون، حقا ڪُنا وغيره پنهنجو مٽ پاڻ هئا. مٽيءَ مان ٺهيل دانگيُن ۽ توبين تي پڪل ماني ۽ ڪُنن ۾ رڌل پاڇيون سوادي هونديون هيون. نڪر جي ٿانوَن تي چٽساليءَ جو ڪم بہ سندر هوندو هو.

سنڌ جا ٻيڙا، تلشڪريون، پاپڙ، مُرملا، آچار، پوٽينڊا، مُربا، چندن، گازبان، گُلاب وغيره جا شربت بہ مشهور هوندا هئا.

سنڌ جا آستان منهوڙي جو جهولي لال مندر، هنگلاج ماتا جو مندر، ٺٽا ۾ مڪلي ٽڪريءَ تي سوا لک پير، بدين ۾ پير دستگير جي درگاه، پٿوري ۾ پير پٿوري جو آستان (اهڙو آستان ڪڇ - ڪڇ ۾ پڻ ٺهرايو ويو آهي.) حيدراباد جو ڪاليءَ جو مندر، پوڏيسر جي مسجد، ننگرپارڪر ۾ انچلسر تيرٿ، ويرا واه جو جين مندر، پٽ شاه، درازي ڪُتيا، امير پير، مانجهندن جي درٻار، لڪي ڏارا تيرٿ، لعل شهباز، سکر-بکر، ساڌ ٻيلو، روهڙيءَ واري لئنسڊائون پُل، موهن جو دڙو (حقيقت ۾ موئن جو دڙو) وغيره ڏسڻ لائق هئا.

سنڌ جي ٿرپارڪر ۾ امرڪوٽ وٽ ٻر ۾ هڪ وڏي اَڪ جي هيٺان مُغل بادشاه همايون کي پٽ ڄائو. اَڪ جي هيٺان ٻر ۾ ڄنم وٺڻ سبب هن جو نالو رکيو ويو "اَڪبر"!

نوابشاه ضلعي جي ساهتيءَ جو اِهو نالو جوڌپور جي راجڪمار مُوڙا سنگهہ جي ڇوٿين نمبر پٽ سهتا سنگهہ جي نالي پٺيان پيو آهي. سهتا سنگهہ جي پيءُ مُوڙا سنگهہ جي نالي تان مورو شهر آهي.

سنڌ ۾ ڀڳت ڪنورام جي ڀڳت ٻُڌم ۽ اُنهن جو درشن ڪيم. هو مانجهندن کان ڀڳت ڪري دادوءَ ۾ آيا. اِها اُنهن جي آخري ڀڳت هئي. غريب آباد جي وِشال ميدان تي رات جو ڀڳت ڪيائون. دادوءَ ۾ ئي روٽي کائيندي سندن گرهہ ڪري پيو هو ۽ هنن کي پرون پئجي ويا تہ هيءُ آخرين سفر آهي. هو دادوءَ مان روانا ٿيا ۽ رُڪ سٽيشن تي سندن هنيا ڪئي ويئي! هو شهيد ٿي ويا. اَمر ٿي ويا. لاکيڻا لال هميشه لاءِ راه رباني ٿي ويا!

اِهي آهن منهنجون سنڌ جون ٽوريون گهٽيون يادگيريون. اِهي اَڃا بہ تازيون آهن. اِهي آستان، اِهي نظارا اکين آڏو پيا ٿا ڦرن. منهنجي دلي تمنا آهي تہ هڪ دفعو پياري منڙي جنم ڀوميءَ جو درشن ڪري سندس مٽي مستڪ تي لڳايان!

ڪيل هو، سو پيٽ ڏنو''.

راجا جي مرڻ بعد اُن سنگهاسن تي وهڻ يوڳيه ڪير ڪونه هو، اُن ڪري اهو هڪ ٻنيءِ ۾ پورايو ويو. گهڻي سميه ڪانپوءِ اهو سنگهاسن ڌار جي راجا ڀوڄ کي هٿ آيو. جڏهين هو اُن تي وهڻ لڳو ته هڪ پتليءَ آواز ڪيو ته ''هي راجن! اگر تو ۾ وڪرمادتيه جهڙي ويرتا، اُدارتا ۽ سچائي هجي ته پوءِ ئي هن سنگهاسن تي وهڻ جو ويچار ڪج.'' راجا ڀوڄ اُن پتليءَ کان وڪرمادتيه جي اُدارتا وغيره جو ورڻن ڪرڻ لاءِ چيو. جنهنتي ٣٢ پتلين هڪ هڪ تي ڪري وڪرمادتيه جي گڻن جو ورڻن ڪيو جو سڀ هن گرنٿ ۾ آهي.

پربنڌ چنتامڻي! هي ميرو تنگاچاريه جو لکيل پستڪ جين اتهاسڪ گرنٿن ۾ مکيه آهي. اُن جي رچنا وڪرمي سنبت ١٣٦١ ۾ ٿي. اُن موجب راجا وڪرم اونتي(اُجين) ۾ هڪ راڪشس کي راضي ڪيو. اُهو راڪشس ساڳيءَ طرح ڪاڏو ڪائي خوش رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن وڪرم ڪانئس پنهنجي آيوُ (عمر) پڇي. اُن راڪشس اگني ويتال چيس ته وڪرم جي آيوُ (عمر) سوُ(١٠٠) ورهيه آهي ۽ ڪنهن به طرح گهٽ يا وڌ ٿي نٿي سگهي. ٻئي ڏينهن راجا کيس ڪائڻ لاءِ ڪجهه نه ڏنو ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو. يڌ ۾ جڏهين راڪشس هارايو تڏهن راجا جي ساهس جي ساراهه ڪئي ۽ کيس پاڻ ارپڻ ڪيو. اُن ڪانپوءِ وڪرم سنبنڌ يارهن ڪٿائون ٻيون ڏنل آهن جيڪي به ڏاڍيون دلچسپ آهن.

پُراڻ! ڀوشيه پُراڻ انوسار''ڪلجگ جي ٣٧١٠ ورهين بعد اونتيءَ ۾ پرمر نالي راجا ٿيو. اُن جي ئي ونش ۾ گنڌروسين راجا ٿيو. جنهنکي وڪرم نالي پٽ ڄائو. وڪرمادتيه جو جنم شڪن جي ناس ڪرڻ ۽ آريه ڌرم جي استاپنا لاءِ ٿيو هو. (اُنڪري ئي وڪرمادتيه کي شڪاري يعني شڪن جو شترو چيو ويندو آهي) هن گهڻي سمي تائين راڄ ڪيو ۽ دگوجيه ۽ اشوميڌ يگيه ڪيا.

سڪند پُراڻ جي ڪمارڪا کنڊ موجب ڪلجگ جي ٽي (٣) هزار ورهيه گذرڻ تي (يعني ١٠٠ ع.ا عيسوي سنه کان اڳه) وڪرمادتيه جو جنم ٿيو هو.

مٿين پستڪن ڪانسواءِ ''گاٿا سپتشستي''، ''جيو وداپرڻ'' ۽ ''راڄ ترنگڻي'' وغيره گرنٿن ۾ وڪرمادتيه جو ذڪر آهي.

چيني ٻوليءَ ۾! چيني ياترا هيوُنسانگ ٦٣٠ع ڌاري ڀارت ۾ آيو هو. هن پنهنجي گرنٿ ۾ لکيو آهي ته، ''اُن سمي شراوُستي جي مهاراجا وڪرمادتيه جو ناماچار پري پري تائين ڦهليل هو. هُن پنهنجن اماتين(منترين) کي سڄي ڀارت ۾ پنج لک سونيون مهرون اناٿ ۽ ڏکين ۾ ورهائڻ جي آڳيا ڏني. سامراجيه جا ساڌن ڪمزور ٿيڻ جي ڊپ کان سندس ڪوشا ڌيڪش (مالي منتري) حالت سندس سامهون رکي ۽ چيو، '' مهاراج! توهانجو ناماچار پرجا تائين پهچي ويو آهي. توهان نرڌنن(غريبن) جي سهاينا لاءِ پنهنجي خرچ ۾ پنج لک واڌاري لاءِ آڳيا ڏيو ٿا. اُن طرح

وڪرم شڪتيءَ جو قاصد ڪيس اچي مليو. تنهن ڪيس ٻڌايو ته ”توهان جي طرفان ٻين ديسن سميت دڪشڻ (دکن)، سوراشٽر، سنڌ سميت مڌيه ديس، ٻنگه (بنگال) ۽ انگه سميت پورب طرف جيتيا ويا آهن. ڪشمير سميت ڪوبيري ڪاشنا کي ڏن پرؤ بڻايو ويو آهي. ٻيا قلعا ۽ ٻيٽ به جيتيا ويا آهن. مليڇ سنگهت (راڇن) کي ناس ڪري باقي کي وس ڪيو ويو آهي ۽ اُهي سڀ سمراٽ جي سينا ۾ شامل ڪيا ويا آهن. اهو وڪرم شڪتي اُنهن راجائن سان ساڻ اچي رهيو آهي.“ ان طرح سوم ديو، وڪرمادتيه جي راڄ وستار جو ورڻن ڪري ڇڏيو.

ويتال پنجونشتڪا! هي پستڪ اصل ۾ ڪشيميندر جي ”برهت ڪٿا منجري ۽ ڪٿا سرت ساگر جو حصو آهي.“ ان موجب:-

”گنڌروسين (گرڊيل) ڌارا نگريءَ جو راجا هو. کيس چار راڻيون هيون. جن مان ڇهه پٽ هئس. سندس مرڻ بعد وڏو راجڪمار شنڪ گاديءَ تي وينو، جنهن کي هٽائي ننڍو ڀاءُ وڪرم گاديءَ تي وينو. وڪرم وڏو پرتاپي راجا هو. ڏيري - ڏيري هو سڄي جمبو ديپ جو راجا بڻجي ويو. هن پنهنجو سنبت وڪرمي هلايو. ديش جو رٽن (دؤرو) ڪرڻ جي ويچار سان هن پنهنجو راڄ پنهنجي ننڍي ڀاءُ پرٿري هريءَ کي ڏنو ۽ پاڻ ياترا تي هليو ويو .....(اُن بعد راجا پرٿري ۽ سندس راڻيءَ جي پرسڌ ”امر ڦل“واري ڪٿا آهي) پرٿري هريءَ جي ويراڳه ڪارڻ سنگهاسن خالي ٿي ويو. اهو ٻڌي راجا وڪرم پنهنجي ديش ۾ موٽي آيو.

سنهاسن دواتر نشڪا! (سنگهاسن ٻتيسي). وڪرم ساهتيه ۾ هن پستڪ جو درجو خاص آهي. اُن جون ڪٿائون سڄي ڀارت ۾ لڳ ڀڳ سيني ٻولين ۾ موجود آهن. هي گرنٿ وڪرمادتيه کان هڪ هزار ورهيه پوءِ راجا ڀوڄ جي سمي ۾ لکيو ويو هو. اُن انوسار مول ۾ ساڳيءَ طرح راجا پرٿري ۽ سندس راڻي اننگه سينا جي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ پرٿريءَ پنهنجو راڄ پنهنجي ننڍي ڀاءُ وڪرم کي ڏيئي پاڻ وڃي ويراڳي ٿيو. اُن بعد :-

”وڪرمادتيه پرجا جي پالنا ڪندي نيتيءَ سان راڄ ڪرڻ لڳو. هڪ ڀيري وشوامتر جي تپسيا کان اندر کي ڏاڍو ڀؤ ٿيو. هن اِرادو ڪيو ته رنڀا يا اُروشيءَ مان هڪ اپسرا کي وشوامتر جي تپسيا ڀنگ ڪرڻ لاءِ موڪليو وڃي. پر ديوَ سڀا ۾ اُن ڳالهه جو فيصلو نه ٿي سگهيو ته ٻنهي مان ڪنهن کي موڪلجي، ڇاڪاڻ ته ٻئي هڪ ٻئي جو شان نه رکنديون هيون. تڏهين نارد جي صلاح تي اِندر پنهنجي سارٿي مالتيءَ کي موڪلي وڪرمادتيه کي سڏايو جنهن نرتيه ڏسي اُروشيءَ کي ٻنهي ۾ اُتم نهرايو. ڪارڻ پڇڻ تي هن نرتيه ڪلا جي نهايت سندر شاستري وياکيا ڪئي ۽ پنهنجي نرتيه جي اوچائيءَ کي سڌ ڪري ڏيکاريو. خوش ٿي ديوراج کيس پنهنجو سنگهاسن جيڪو ٻٽيهه (٣٢) پتلين تي ڪڙو

ويندي. مون وٽ اڪيچار ڌن آهي سو سمورو توهانجو آهي. شايد اُن ڌن سان اوهان جو منورٿ سِڌِ ٿئي. تنهن تي وِيادِيءَ پنهنجو ڪم وري شروع ڪيو.

چيو وڃي ٿو (جيڪو آهي سڀ ڪوڙ ۾ دوکو) تہ رساين جا ڪتاب پرولين جي ڍنگ تي رچيل آهن. سو وِيادِيءَ کي هڪ شبد جي سمجهڻ ۾ دوکو ٿيو هو. اؤشڌي جي هڪ يوگہ (ملائڻ) ۾ جيڪو لفظ هو اُن جو ارٿ تيل ۽ انساني رت هو جن ٻنهي جي اُن دوا ۾ ضرورت هئي.اصل ۾ ”رڪتامل“ لکيل هو جنهنجو ارٿ هن ”مؤل آملهہ“ سمجهيو. سو جڏهين بہ اُن دوا کي ناهيندو هو تہ لاڀ ٿيندو ڪونہ هوس. هڪ ڀيري هن مختلف دوائن کي باهہ تي نيڪ ڪرڻ شروع ڪيو تہ اتفاق سان باهہ جي ڇپي اچي سندس مٿي کي لڳي ۽ سندس ميچالو سڪي ويو. مٿي تي گهٽوئي تيل لڳايائين. اِئين ڪندي هي ڪنهن ڪم سانگي ٻنيءَ تان اُتي ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ اُٿيو. جتي ٻني هئي اُنجي ڇت ۾ لوهہ جي ڪلي ٻاهر نڪتل هئي. سو جيئن اوچتو اُٿيو ۽ بي خبريءَ ۾ اُها ڪلي وڃي سندس مٿي ۾ ٿنبي ۽ رتُ وهڻ لڳس. ڪيس سور ٿيو تہ هيٺ جهڪيو اِئين ڪندي سندس ٽپڙ تي لڳل تيل اُن رتُ سان گڏجي وڃي اُن دوا ۾ پيو جنهنجي ڪيس سمڪ ڪانہ رهي. آخر جڏهين دوا جي تياريءَ جوڪم پورو ٿيو تہ هن ۽ سندس جوءِ(زال) دوا کي پرکڻ لاءِ اِها دوا پنهنجي شرير تي لڳائي تہ ٻئي هوا ۾ اُڏامڻ لڳا.

اِهو معلوم ڪري وڪرمادتيہ پنهنجي راڄ ڀُوَن کان اُنهن ٻنهي کي اکين سان ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪتو.تنهن تي ويادِيءَ ڪيس دانهن ڪري چيو ،”پنهنجو وات منهنجي ٽڪ لاءِ کول. پر راجا اُن ڪني ڳالهہ لاءِ ائين ڪونہ ڪيو ۽ اُها ٽڪ پاسي ۾ اچي ڪري اُڇلي جنهن سان سڄو وراندو سونو ٿي پيو.“

اُن بعد البيرونيءَ وڪرمي سنبت تي ڪجهہ لکيو آهي.

اُن سواءِ تاريخ فرشتا، آئين اڪبري ۽ مئنتخب تواريخ ۾ بہ مهاراجا وڪرمادتيہ جو ورڻن ملي ٿو.

مٿي جيڪي بہ پرماڻ پيش ڪيا ويا آهن سي سڀ جا سڀ وشواس جوڳا ڀلي ناهن، گهوڙا بہ آهن پر اُن مان اِهو ظاهر آهي تہ مهاراجا وڪرمادتيہ جو ناماچار ڀارت ۾ گهڻو ڦهليل هو خاص ڪري شڪ لوڪن کي شڪست ڏيئي پاڻ کي شڪاري (شڪ + اري=-شڪاري يعنيا شڪن جو شترو) پرسڌ ڪيو.


انت ۾ هڪ تمام اهم واقعو لکان ٿو جيڪو نہ فقط سڌو ۽ ممڪن آهي پر گهوڙن کان آجو آهي.

اربي عاديہ ۾. استمبول(ترڪي) جي سرڪاري پستڪاليہ (مڪتب-اي-سلطانيا جنهن کي اڄ ڪلهہ مڪتب اي-جمهوريہ چيو ويندو آهي اُن جي عربي وڀاڳ ۾ ١٧٤٢ع جو لکيل ڪاويہ سنگرهہ آهي جو ترڪيءَ جي ڪنهن پرسڌ ڀلي مانس گهٽي ڪوشش سان ڪنهن پراچين لکيت جي آڌار

توهان جو ڪوش(خزانو) خالي ٿي ويندو.
تڏهين هارين تي نيون ڏَلون مڙهيون
وينديون.جنهنجو نتيجو زمين جو ڇوسڻ
ٿيندو ۽ پوءِ اسنتوش(بي آرامي) جو آواز
اُٿندو. شترن کي هٿي ملندي.

مهاراجا جواب ڏنو،''پر مان پنهنجي
نجي بچت مان نرڌنن(غريبن) جي مدد جي
اِڇا ڪريان ٿو ۽ ڪنهن بہ ڪارڻ پنهنجي
خانگي (شخصي) فائدن لاءِ بنا ويچار ڪئي
پرجا تي بار ڪونہ وجهندس.'' اِئين
چئي هن پنهنجي آگيا جاري
رکي.

عربي-فارسي ساهتيہ-
١٠٣٠ع ڌاري جي عالم
البيروني ۽ پنهنجي گرنٿ ۾
سمرات وڪرمادتيہ جو ذڪر
ڪندي سندس وقت جي هڪ
رساينڪ جو ورڻن ڪندي لکيو
آهي،''راجا وڪرماجيت،
جنهنجي سنبت جي باري ۾
اسين اڳئي ذڪر
ڪنداسون، جي زماني ۾
اُجين نگري ۽ ويادي نالي
هڪ شخص رهندو هو جنهن
پنهنجو سمورو ڌيان اُن رساين ڏانهن ڏنو
هو ۽ پنهنجو جيون ۽ ڌن بہ اُن ڪارڻ ناس
ڪري ڇڏيا. ليڪن سندس اُن اُتساهہ جي
بدلي ڪيس اوترو بہ لاڀ ڪونہ ٿيو جو سندس
ساڌارڻ جيوت جو گاڏو هلي سگهي. هو
ڏاڍو دکي ٿي پيو ۽ ڪيس پنهنجي اُدم کان
نفرت ٿي ويئي. جنهن لاءِ هن سخت
محنت ڪئي هئي. آخر دکي ۽ نراس ٿي
هن نديءَ جي ڪناري تي ويهي پنهنجي
هٿ ۾ اُن رساين گرنٿ کي کنيو جنهن
مان هو نُسخن جا وزن تيار ڪندو هو ۽ اُن
پستڪ مان هڪ هڪ پنو ڪڍندو پاڻيءَ ۾
ٻوڙڻ شروع ڪيو. اتفاق سان اُن ئي نديءَ
جي ڪناري تي لاهيءَ طرف پر ٿورو ئي
پريرو هڪ وئشيا ويٺي هئي. هن اُنهن
ترندڙ پنن کي ڪٺو ڪيو ۽ رساين سنبنڌي
اُنهن پنن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو.



وِيادي جڏهن سڄو
پستڪ ٻوڙي چڪو اُن بعد
سندس نظر اُن وئشيا تي
پيئي،هوءَ سندس ويجهو
آئي ۽ کانئس اُن پستڪ
سان اهڙي ورتاءَ بابت
پڇيو. تڏهن وِيادي ۽
جواب ڏنو،'' هن پستڪ
مان ڪو لاڀ ڪونہ ٿيو، اُن
ڪري مون اِئين ڪيو.
مون وٽ گهٽيئي ملڪيت
هئي ليڪن مان هاڻ دکي
حالت ۾ آهيان. مان
گهٽي وقت کان اُن لاءِ آس
رکيو وينو هوس تہ اِڇهو ٿو اَمير ٿيان.''
وئشيا ديويءَ چيو،'' جنهن ڪم لاءِ توهان
پنهنجو جيون لڳايو آهي ۽ جنهن ڳالهہ کي
ڪن سچو ڪري ڏيکاريو آهي تنهنجي
ممڪن ٿيڻ ۾ نراس نہ ٿجو. توهان جو
مطلب سڌيءَ ۾ جيڪا رڪاوٽ آهي سا شايد
ڪنهن پراڪرتڪ گهٽنا جي ڪارڻ دور ٿي

شاھ جي شعر ۾ ريتين رسمون

ڊاڪٽر ارجن شاد

شاھ صاحب جي شاعراڻي ذات جا انيڪ پهلو آهن ۽ سندس هر پهلوءَ ۾ هڪ نئين رنگت جلوه گر آهي. دنيا ۾ اهڙا ڪي ٿورا شاعر ملندا، جن جي شعر ۾ ايتريون علحديون خوبيون يڪجا نظر اينديون. اِهوئي سبب آهي جو شاھ لطيف جي شعر جدا جدا ڪُنڊن کان تجزيو ڪيو ويندو آهي. جماليات کان وٺي فيلسوفيءَ تائين ۽ فيلسوفيءَ کان وٺي معاشرت تائين، هن جي ڪلام ۾ فڪر جا بيشمار ذخيرا موجود آهن. شاھ صاحب جي شعر مان اسان کي سندس زماني جي سماجڪ تصوير پڻ چٽيءَ طرح ملي ٿي. شاھ جي رسالي ۾ ڪيترن هنڌن تي اهڙا بيت آيل آهن، جن مان سنڌين جي ڪيترين ريتين رسمن جي معلومات حاصل ٿئي ٿي. مثال طور، شاديءَ جي موقعي تي سنڌين جون ڪي ريتيون رسمون هن ريت هيون ۽ اُهي اڄا تائين ٿوري گهڻي تبديل سان قائم آهن:- ڪڪر ڪيائم، ڪاڪ جو، ڏيئي لاڙيءَ لِڪَہ هاٿي مٿي ڏِکَہ، چڙهيو تي چاڳہ ڪريان.

هِتي 'ڏِکَہ' جي رسم ڏانهن اِشارو آهي. ويڙهي وغيره کان اڳہ جو سانُ سوڻ ڪيو آهي، تنهن کي ڏِکَہ چوندا آهن. وهانءَ جي ڏينهن گهوٽ ۽ ڪنوار کي خاص سنان پاٽي ڪرائي، چِٽِي ڏِکِي، سُهِٽا وستر پهرايا ويندا آهن- 'ڏِکَہ مٿي چڙهڻ' هڪ سنڌي اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: 'هار سينگار ڪرڻ.'

سُر سسئي آبري ۾ شاھ صاحب لکيو: -

وِلهيءَ جي ويهانءَ ۾، واڄٽ سڀ وَڄايو،

نالو :	ڊاڪٽر ارجن ميرچنداڻي.
جنم :	١٧-١٢-١٩٢٣.
ڇاپيل ڪتاب :	ڏهه
پيشو :	رٽائرڊ ريڊر ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳہ جو هيڊ.
انعام :	سينٽرل ساهتيہ اڪادمي، مهاراشٽر گورو پرسڪار، سويت لئنڊ نهرو اوارڊ، سنڌيءَ جو پهريون پي. ايڇ. ڊي.
پتو :	١، سلور بيچ ايڇ ايس سوسائٽي، گولموهر ڪراس روڊ ١٢، پلاٽ ٢٢، جُهو اسڪيم، ممبئي-٤٠٠٠٤٩.

تي لکايو هو. اُهو سنگرهہ ٽن ڀاڱن ۾ آهي. پهرئين ۾ عرب جي آدي ڪوين يعني اسلام کان اڳ جي ڪوين (شاعرن) جو جيون ۽ سندن ڪاوين جو مختصر پريچيہ ڏنل آهي تہ ٻئي ۾ حضرت محمد جي شروعاتي ڏينهن کان وٺي بني اُميا خاندان جي شروع کان خليفي هارون الہ شيد جي درٻاري ڪوين يعني ليک پنهنجي وقت تائين جي ڪوين جو ورڻن ڪيو آهي. پستڪ جو نالو”سير العقول“ آهي ۽ اُن جو سنگرهہ ڪندڙ عربي ڪاويہ جو ڪاليداس ابو-امر-العسئي آهي جو خليفي هارون جو درٻاري ڪوي هو. اُن ڪتاب جيوڏيک چاڻ ۽ هن ليک سان واسطو رکندڙ ڪوتا جو ورڻن مون پنهنجي پستڪ آريا ورت ۾ ڪيو آهي. هتي فقط ٿوري ۾ لکان ٿو. محمد کان ١٦٥ ورهيہ اڳ جرحم بن طائي جيڪو عرب جي ٽن مشاعرن ۾ هر دفعي اول نمبر ايندو هو تنهنجي هڪ ڪوتا مهاراجا وڪرمادتيہ جي نسبت جي آهي. هتي فقط وڪرم نالي واريون سٽون ڏيان ٿو.

”اطر شثفائي صف الہ بڪرم ٽن
فعل من ڪريمن ير طفيها ويودسر-
بهلا هايڪزي يعيننا دلي قلي امرينا
فحيا نا عونا بلا امري بڪرم ٽن-

سڄي ڪوتا جو مختصر ارٿ هي آهي:-

”اُهي ماڻهو خوش نصيب آهن جيڪي راجا بڪرم (وڪرم) جي راڄ ۾ پيدا ٿيا، جيڪو وڏو داني، ڌرماتما ۽ پرجاپالڪ هو. پر اهڙي وقت ۾ اسان جو عرب ايشور کي ڀلجي ڀوڳہ ولاس ۾ ڦاسجي ويو هو. سڄي ديش ۾ اُماس جي رات جيان انڌڪار ڦهليل هو. پر هاڻ وديا جو پراتہ ڪال (فجر) وارو سکدائي پرڪاش ڏيکاري ڏئي ٿو. سو ڪيئن ٿيو؟ اها اُن ئي ڌرماتما راجا بڪرم جي ڪرپا آهي. جنهن اسان وديشين کي بہ پنهنجي ديادرشٽي کان محروم ڪونہ رکيو ۽ پوتر ڌرم جو سنديش پنهنجي قوم جي دوارا اسان کي ڏنو ۽ ....جن پرشن جي ڪرپا سان اسان ڀلايل ايشور ۽ سندس الهام (دين) کي ڄاتو.

....اهي ماڻهوراجا بڪرم (وڪرمادتيہ) جي حڪم سان اسان جي ديش ۾ وديا ۽ ڌرم جي پرچار لاءِ آيا هئا.“

هي بيان مونکي پنڊت گيانيندر صوفي وٽان معلوم ٿيو، جيڪو تازو ئي ترڪي جي مٽين لئبرري مان ٽي موٽيو هو. هو اول مسلمان هو پوءِ آريہ سماج جي شڌيءَ کان پوءِ گيانيندر بڻيو هو. هيءَ سنڌ جي ڳالهہ آهي، اٽڪل ٥٠ ورهيہ اڳہ جي.



”هو جي پهڻ پپ جا، مٽيا مُڪائون“

(هنن پپ جبل جا پٿر يعني مٽيا مون ڏانهن موڪليا.)

هينئين بيت مان ظاهر آهي ته ڏيکَ ۾ بسترو به شامل هوندو هو!

’ماءِ! وهاڻو وارِ، کَڻُ پٿراٽي پانهجي،
جيڪي ڏِنُئه ڏيجَ ۾، سو سيوئي سار،
وَڃان تي وڻڪار، ڏِنم پيرُ پُنهوءَ جو.

هي ٻي رسم، جا هندن ۾ اڃا تائين هلندي اچي ٿي، تنهن جو پڻ شاهه جي رسالي ۾ ذڪر اچي ٿو شاديءَ واريءَ رات جو، گهر جي چائنٺ تي ڏيکڻ رکيو ويندو هو. ڪنوار پنهنجو ساڄو پير اُن تي رکندي هئي ۽ گهوٽ پنهنجو ساڄو پير ڪنوار جي پير تي رکندو هو. جيڪڏهن پير سڌو سنواٽو نه رکيو ويندو هو ته اُن کي اپسوڻ ڪري سمجهيو ويندو هو. سُر ليلا چنيسر ۾ شاهه صاحب جو هيِ بيت اُن رسم تي روشني وجهي ٿو:

’پُوڃا ڏِنم پيرَ،
ڍَڪَڻَ متي ڍول جا،
مون پانيون، تنهن ويرِ،
ڪوجهي ڪندو پرپڙي.‘

اِهو ظاهر آهي ته شاهه لطيف هندن جي رسمن کان به ايتروئي واقف هو، جيترو هوُ مسلمانن جي رسمن جي ڄاڻ رکندو هو. مسلمانن ۾ پڻ ٿوري فرق سان اُن رسم جو رواج آهي ۽ اهڙو ذڪر سندس رسالي ۾ اچي ٿو. شاديءَ نسبت ٻين ڪيترين ئي ريتين رسمن بابت رسالي ۾ بيت نظر اَچن ٿا. مثال طور ڏوليءَ يا پالڪيءَ جو اِستعمال، هٿن ۽ پيرن کي ميندي لڳائڻ، گهوٽ جو ڪنوار جي ٻانهن ۾ سڳڙو ٻڌڻ ۽ ميٽُ پائڻ وغيره جون ڳالهيون پڻ سندس شعر ۾ قلمبند ٿيل آهن.

شادي معنيٰ خوشي، پر اُنسان جي زندگي فقط خوشيءَ جي موقعن سان وابسته نه آهي. نه فقط ايترو، پر خوشي عارضي آهي ۽ جيڪڏهن خاطري آهي ته صرف



موت جي. موت جي باري ۾ شاهه جا فيلسوفاڻا ويچار نهايت ئي رقت آميز نموني ۾ ظاهر ڪيل آهن. جن ريتين رسمن جو موت سان تعلق آهي، تن جا حوالا پڻ

لاهي بار ڀنيور ۾ ويندو گهوٽ وَناهيو،
ڀنهونءَ جاجيئڙن کي، رَڏي ڪِيَڻ ڪارايو،
پرٽائي پنهونءَ کي، نيڪيٽي نڪڙايو،
ٻيلي ٿي ٻانيَڻِ سين ڏِکيءَ ڏيج ڏيکاريو،
اَڊيون! عبداللطيف چي، سڄڻ کي ساراهيو.



هِتي 'واڄٽ وڄايو' مان اِها ڳالهہ سڌ ٿئي ٿي تہ شاديءَ جي وقت،جي شادمانا ٿيندا هئا،تن ۾ راڳہ ۽ ناچ جو دلپذير ماحول پيدا ٿي ويندو هو. شهنائي ۽ ڍُهل خاص طور استعمال ٿيندا هئا ۽ اُن جي لاءِ شاهہ صاحب'واڄٽ وڄايو' جو محاورو ڪتب آندو آهي. 'ونهہ' يعني منڊپ ۾ گهوٽ اچي وِهندو هو. اُنهيءَ رواج کي چئبو آهي دوناهڻ 'يعني شاديءَ لاءِ سنيرائڻ. سنا ڪاڏا تيار ڪريو ۽ اُنهن جاچين کي ڪارايو جي پنهونءَ جي جڃ ۾ شامل آهن. اُن مان اِهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو تہ گهوٽ جي مائٽن کي رات جي طعامن واري ماني ڪارائڻ جي رسم شاهہ جي وقت ۾ مروّج هئي.'نيڪيٽي نڪڙائڻ'اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ آهي'گهر کان ٻاهر وٺي وڃڻ' مسلمانن ۾ رواج آهي تہ نڪاح پوڻ کان پوءِ گهوٽ ڪنواريتي گهر ترسي پوندو آهي.شام جو گهوٽ ماءُ ڪنواريتي گهر ايندي آهي ۽ اچي گهوٽ جي لونگيءَ جي ڪنڊ، ڪنوار جي چُنيءَ جي پاند سان ملائيندي آهي. ڪنوار کي پيڪي گهران 'نڪڙائي' يعني گهر کان ٻاهر وٺي ايندي آهي ۽ ڪيس گهوٽ سان گڏ پنهنجي گهر وٺي ايندي آهي.اِنهيءَ رسم کي 'نيڪيٽي' چئبو آهي. هِتي 'ڏيج' لفظ مان اِها پروڙ پوي ٿي تہ تنهن وقت ۾ پڻ ڏيتي ليتيءَ جي رسم جاري هئي. ڪنوار کي سندس گهر مان ٻاهر وٺي اچبو هو ۽ جيڪا ڪيس ڏيتي ليتي ڏني ويندي هئي سا شاديءَ جي ڏينهن سيني کي ڏيکاري ويندي هئي. 'ڏيج' ۽ 'ڏيب' معنيٰ ساڳي آهي.

ڏيتي ليتيءَ جو رواج تنهن وقت بہ هو، پر ساڳئي وقت ڪنوار جي ساهرن لاءِ بہ اِهو لازمي هو تہ هوُ پنهنجيءَ نُنهن لاءِ زيور موڪلين. سُر حُسينيءَ ۾ شاهہ صاحب لکي ٿو:-

پرنسيپال لالسنگهہ اجواڻي

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي

تعليمي دين

ورهاڱي کان بہ اڳہ مون پرنسيپال لالسنگهہ اجواڻيءَ جو نالو ۽ ناماچار سنڌ ۾ ئي ٻڌو هو.

جيتوڻيڪ مان اڃا اٺون درجو مس پڙهندو هيس، تڏهين بہ الائي ڇو منهنجي دلچسپي تعليمي ۽ ساهتيڪ ڳالهين ۾ هوندي هي اُن ڪري چوڏهن پندرهن سالن جي عمر ۾ بہ مون سنڌيءَ ۾ نڪتل چڱا ڪتاب پڙهيا هئا خاص طور شرت بابو، ڪوي ٽئگور ۽ منشي پريمچند جون ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهيا هيم.

پر پرنسيپال اجواڻي صاحب جو نالو ۽ ناماچار- ادبي طور گهٽ ۽ تعليمدان ۽ عالم طور وڌيڪ ٻڌل هو ۽ سنڌ ۾ نالو وڳل هو.

شايد ڳالهہ هيئن آهي، تڏهين سنڌ جا ڪاليج (ڪراچي جو ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، حيدرآباد جو نئشنل ڪاليج ۽ شڪارپور جو ڪاليج) بمبئي يونيورسٽي سان شامل ٿيل هئا، ۽ اُنهن ڪاليجن طرفان، بمبئي يونيورسٽي جي سينيٽ تي هڪ ميمبر چونڊبو هو. (هاڻ بہ شايد ائين ئي آهي مان خود يونيورسٽي جي طرفان سنڌي وياڪرڻ سينيٽ جو ميمبر هڪ سال لاءِ رهي چڪو آهيان).

ڪاليجن پرنسيپال (تڏهين پروفيسر) جو نالو اُن ميمبري لاءِ موڪلڻ تي چاهيو. پر سنڌ سرڪار جي وڏي وزير سَرِ غلام حسين، پنهنجي پٽ جو نالو تي موڪلڻ چاهيو. سنڌ جي ودوانن ۽ تعليمدانن وڏي وزير جي اُن رِٿ جي زبردست مخالفت ڪئي ۽ اُن وشيہ تي سنڌ جي تعليمي کيتر ۾ چڱي واد وواد هلي ويو ۽ آخر ۾ پروفيسر اجواڻي صاحب بمبئي يونيورسٽي جي سينيٽ جو ميمبر ٿيو هو.

پر اُن واد وواد ڪري پروفيسر اجواڻي صاحب جو نالو سنڌ جي شهر شهر

نالو	:	ڊاڪٽر نارايڻ پرياڻي ڀارتي.
جنم	:	قنير، ضلعہ لاڙڪاڻو، ١-١٠-١٩٣٢.
ڇپايل ڪتاب	:	پنجن کان وڌيڪ.
پيشو	:	چيف ايڊيٽر سنڌي ٽائيمس اخبار.
پتو	:	٥٦، هيرو هائوسنگ سوسائٽي، پراڻي ٽيليفون ايڪسچينج جي سامهون، اُلهاس نگر- ٤٢١٠٠٣.

شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن. سُر ٻروو سنڌيءَ ۾ ڪوڏر ۽ ڪانيءَ جو ذڪر ٿو اچي ته سُر سُهڻي ۽ سُر حُسينيءَ ۾ ڪانڊين بابت پڻ لکيو آتائين. سُر ڪوهياريءَ ۾ ماتم ڪَندَڙَيُن جي رسم جو هي عڪس ڏنل آهي.

’سرتيون سوُراتِنِ جي، عُيم تيون پٽر پوَنِ؟‘

ڊاڪٽر گربخشاڻي اُن رسم جي هن ريت وضاحت ڪئي آهي. هو صاحب لکي ٿو:

’جڏهن ڪو ماڻهو مرندو آهي ته پٽر يا توٺري پوندي آهي، جنهن تي ماڻهو، جي اعزا پرسي ڪرڻ ايندا آهن، سي اچي وهندا آهن. اُنهيءَ رسم مان ’پٽر پوڻ‘ يا ’ توٺري تي وڃڻ‘ هڪ سنڌي اِصطلاح ٿي ويو آهي ۽ معنيٰ اٿس: ماتم داريِ ڪرڻ، اعزاپرسي ڪرڻ.‘

شادي شُده عورتن ۾ اِها هڪ رسم هوندي هئي ته جڏهن ڪنهن عورت جو مرد گذاري وڃي ته هوءَ پنهنجا زيور لاهي ڇڏيندي هئي ۽ شيشي جون چوڙيون ڀڃي ڦٽيون ڪندي هئي. سسئيءَ کي پنهنجي پنهون‌ءَ جي جدائي موت مثل ٿي لڳي. اُن ڪري هِن پنهنجي ماءُ کي چيو:

’سانڍ پنهنجي ساهِ،
ٻانهيُن تي ٻوُرا ڪريان.‘

مسلمانن ۾ اِها رسم هئي ته وڏوا جڏهن مري ويندي هئي ته اُن کي اڪثر سندس مڙس جي قبر جي پيرانديءَ وٽ دفن ڪيو ويندو هو:

’پنهونءَ پيرانديِ،
نماڻيءَ نصيب ٿيِ.‘

شاهه جي رسالي ۾ ننڍپڻ سان واسطو رکندڙ ريتين رسمن جا به ڪافي انداز ۾ تفصيل موجود آهن. سنڌ ۾ پينگهي جو خاص رواج هو. هر ٻالڪ اُن جي لوڏي جو لُطف ماڻيو هوندو. سُر حُسينيءَ ۾ پينگهي جو ذڪر اَچي ٿو. سُر ڏهر ۾ ڪنڊ جي وڻ معرفت ٻار جي ’مُنڻ‘ جي رسم ڏانهن اِشارو ظاهر آهي ۽ سُر آسا ۾ جٽيئي بابت بيت چيل آهي. اهڙي طرح شاهه صاحب جي شعر ۾ گهڻائي ساماجڪ حوالا ملن ٿا.بنيادي طور شاهه لطيف جي شعر کي تصوُف جي پس منظر ۾ ڏٺو ويندو آهي. پر سندس روحاني فيلسوفيءَ جو سار لوڪ-ڪهاڻين معرفت ظاهر ٿئي ٿو ۽ اُهي لوڪ- ڪهاڻيون اِنساني ناتن رشتن تي ٻَڌل آهن. مان نه ٿو ڀانيان ته دنيا جي ڪنهن به شاعر ظاهري ۽ باطني سطحن جو اهڙيءَ طرح سنگم جوڙيو آهي، جهڙو اسان جي عظيم شاعر شاهه لطيف جوڙيو آهي.

لڳو. جو پهرين گُرداس مل هاءِ سڪول ۾ پرشن ۽ سنڌي پڙهائيندو هو.

شڪارپور ڪاليج ۾ پروفيسر ڪيئلداس بيگواڻي فاني سنڌي پڙهائڻ لڳو، جو پهرين شڪارپور جي نيوايرا هاءِ سڪول ۾ سنڌي وشيہ پڙهائيندو هو. ورهاڱي کان ڪجهہ اڳہ پروفيسر پوچراج ناگراڻي شڪارپور ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ پڙهائيندو هو. پروفيسر اجواڻي صاحب ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪوشش سان پوءِ تہ سنڌ جي هاءِ سڪولن ۾ سنڌي ماڌيم بہ شروع ٿيو.

ورهاڱي بعد پروفيسر اجواڻي صاحب نئشنل ڪاليج باندرا ۾ انگريزي جو پروفيسر ٿي پڙهائڻ لڳو. اُتي ئي پوءِ وائيس پرنسيپال ۽ پوءِ پرنسيپال ٿي رهيو.

ورهاڱي بعد هت هندستان ۾ سنڌي وشيہ جدا جدا ڪاليجن ۾ پڙهائي وئي، اُن لاءِ پروفيسر اجواڻي صاحب ڪافي ڪوشش ڪندو رهيو. بمبئي جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ سنڌي وياڳہ کولايائين جتي پروفيسر ڪلا ريجهسنگهاڻي پڙهائيندي هئي. سينٽ زيورس ڪاليج ۾ داس طالب سنڌي پڙهائيندو هو تہ خالصا ڪاليج ماٽونگا ۾ ڊاڪٽر ارجن شاد سنڌي پڙهائڻ لڳو. باندرا جي نئشنل ڪاليج ۾ پروفيسر ناگراڻي ۽ پارٽ ٽائيم پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي سنڌي پڙهائڻ لڳا.

جڏهين ڪي.سي ڪاليج کليو تہ اُتي سنڌي شاعر عالم ليکراج عزيز ۽ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي پڙهائڻ لڳا تہ باندرا جي نئشنل ڪاليج ۾ پوپٽي جي جاءِ تي پروفيسر چندرا آڏواڻي پڙهائڻ لڳي.

گهاٽڪوپر جي سوفيا ڪاليج ۾ پروفيسر موهني نڪر سنڌي وشيہ پڙهائڻ لڳي ۽ اُن سان گڏ پروفيسر رام شرما بہ هو.

اِهي سڀ ڪوششون پروفيسر اجواڻي صاحب جون هيون، پروفيسر اجواڻي صاحب بمبئي يونيورسٽيءَ جي نہ فقط سينيٽ جو ميمبر ٿي رهيو پر ايڪيڊمڪ ڪائونسل جو بہ ميمبر هو. جنهن ڪري جدا جدا ڪاليجن جي پرنسيپالن ۽ وياڳہ پرمکن سان لهہ وچڙ ۾ آيو ۽ اُن واقفيت جو فائدو وٺي اُنهن ڪاليجن ۾ بہ سنڌي وياڳہ شروع ڪرايائين.

پروفيسر اجواڻي صاحب جي بمبئي يونيورسٽي جي تعليمي کيتر ايڪيڊمڪ فيلڊ ۾ ڪافي دٻ دٻو هو. ۽ سندس قابليت، ذهنيت جي ڇاپ هوندي هئي. غير سنڌي تعليمدان سنڌين جي تعليم بابت اجواڻي صاحب ۽ پرنسيپال ٿي. ايم آڏواڻي ڪري سنڌي تعليم دانن کي سڃاڻندا ۽ عزت ڏيندا هئا.

جيئن پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪري سنڌي ڪلچرل شغولن کان غير سنڌي واقف ٿيا ويندي ڪي. ايم. منشي، ڊاڪٽر رام جوشي، ڊاڪٽر ٽوپي وغيره.

اڄُ اسان سنڌي تعليمي کيتر ۾ جو ڪجهہ ميوا کائي رهيا آهيون، اِهو پرنسيپال اجواڻي صاحب جي محنت ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي.

سنڌ ۾ اُن وقت جي تعليم کاتي جي ڊئريڪٽر ڊاڪٽر دائود پوٽا سنڌي صورت خطي ۾ اعرابن جو سوال آندو يعنيٰ سنڌي صور تخطي پارسي ۽ عربي جي اُچارڻ مطابق زيرون زبرون ڏيئي پڙهائي پڙهائي

۾، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڄاتو ويو. هندو(هاڻ هندستان) سنسار سماچار، هندو سنسار ۽ ٻين روزانين اخبارن پروفيسر اجواڻيءَ جي علميت، قابليت جو ذڪر ۽ ڪيترائي حوالا ڏنا هئا.(ڪاش اڄ اُهي ڪنهن نموني وجود هجن ها ته سٺو.)

پوءِ ته سنڌ ۾ ڪيترن ليکڪن جي ڪتابن جا مهاڳ پروفيسر اجواڻي صاحب لکيا. جئين ڪِ ڏيونداس ڪشناڻي آزاد جي پورب سنديش، ڪوي بيوس جي سامونڊي سپون، هري دلگير جي ڪوڏ، گوبند پاڻيه جي ورق ڪتابن جا مهاڳ پروفيسر اجواڻي صاحب جا لکيل آهن.

هن واد وواد ڪانپوءِ پروفيسر اجواڻي سنڌ جي تعليمي ڪيتر ۾ چمڪيو ۽ هن تعليمي ڪيتر جي اڳواڻي به ڪئي. تعليمي ڪيتر ۾ اجواڻي صاحب جو ٻيو هڪ اهم ڪم آهي. سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيه بي اي سطح تي اِسپيشل (خاص) سبجيڪٽ طور پڙهائڻ.

سنڌ ۾ جڏهين اِهي ڪاليج کليا هئا تڏهين اُنهن ۾ سنڌي وشيه ڪونه پڙهائي ويندي هئي.سڪولن ۾ به ماڌيم انگريزي هو جو پوءِ اڳتي هلي سنڌي ماڌيم ٿيو. پر ڪاليجن ۾ سنڌي وشيه طور پڙهائي وڃي ان پهرين پهرين ڊاڪٽر گربخشاڻي.اُن وقت تائين سنڌي ادب جو جائزو طور هڪ رپورٽ تيار ڪري يونيورسٽيءَ کي موڪلي زوردار گهر ڪئي هئي ته سنڌي ٻوليءَ جو ادب ڀرپور آهي، اُن ڪري سنڌ پرانت جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيه طور پڙهاڻ جي اِجازت ڏني وڃي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي اُن ڪم ۾ پروفيسر اجواڻي صاحب جي مدد ورتي هئي. اُن بعد اڳتي هلي پروفيسر اجواڻي صاحب اُن وشيه وستار پيش ڪري سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيه به بي. اي. جي ليول تائين خاص وشيه طور ڪٽڻ لاءِ هڪ دستاويز تيار ڪيو ۽ اُن آڌار تي سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيه اهميت حاصل ڪئي.

سنڌ ۾ ڊي جي. سنڌ ڪاليج ۾ جڏهين وشيه طور سنڌي ٻولي منظور ڪئي ويئي ته ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. اُن کان اڳ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند ايڪسائيز کاتي ۾ ڪم ڪندو هو. ڪاڪي ڀيرومل جي رٽاير ڪرڻ کانپوءِ ڊي.جي. ڪاليج ۾ سنڌي وشيه جو ليڪچرار پروفيسر رام پنجواڻي مقرر ٿيو. اُن عهدي لاءِ ٻيا به ٽي اُميدوار هئا.سرِ شري تيرٿ وسنت، ليکراج عزيز ۽ ڪاڪو لالچند امرڏنومل ڄڳتاڻي، ڪاڪو لالچند يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڳالهه ڪري خيال ۾ نه آندو ويو باقي ليکراج عزيز ۽ تيرٿ وسنت کي تعليمي لياقتون جنهن کي آنرنري ايڪيڊمڪ ڪواليفڪيشن سڏيو آهي. هن سوال تي به پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي پرنسيپال بتاڻي ۽ پروفيسر اجواڻيءَ چڱي مدد ڪئي هئي.

پوءِ ته پروفيسر اجواڻيءَ جي ڪوشش سان حيدراباد ڪاليج ۾ سنڌي وشيه پروفيسر ڄيٺومل ،۽ پوءِ شري ڪلياڻ آڏواڻي پڙهائڻ

ھاڻ لکي اجواڻي صاحب شاھ جي سورمين
ي اُجاگر ڪيو آھي تہ سنڌي لوڪ ساھتيہ
ي بہ ڇُھيو آھي. ھي سال ١٩٥٣ جو ظاھر
نيل ڪتاب آھي.

اُن دؤر ۾ سنڌي ليکڪن ۾ ترقي پسند ويچار ڌارا ھلي رھي ھئي. پروفيسر اجواڻي صاحب اِھو ڄاتو ٿي تہ ھي ڌارا ڪو گھڻو وقت ڪونہ ھلندي، پر سنڌي ٻولي ۽ ادب تہ قائم آھي ۽ وڌندو ويجھندو.

جڏھين نئون سنڌي ساھت منڊل ھلندو ھو ۽ ان طرفان، ھفتيوار ادبي ڪلاس بہ ھلندڙ ھو، تڏھين ھن صاحب ھڪ ٻي ويچار ڌارا جو ھرويرو مارڪسوادي جي راھ تي ھلندڙ ڪونہ ھئي، ان جي جماعت بندي ڪئي. ھن صاحب ان جماعت جو نالو تمام سادو سودو سنڌي ادبي سنگت رکيو. نہ نئون لفظ ڳنڍي پاڻ کي ٻين کان الڳہ ڪري ٻيھاريو. پر سيني ويچار ڌارا وارن لاءِ در کليو رکيو. ان سنگت طرفان ھفتيوار ڪلاس ھلندا ھئا. ان جماعت جو پريزيڊنٽ پاڻ اجواڻي صاحب ھو ۽ سيڪريٽري مرلي مکي ھو، جو ڪي. سي ڪاليج ۾ پروفيسر ھو ۽ جائنٽ سيڪريٽري سنڌي جي ڄاتل سڃاتل برکہ ليکڪا پروفيسر پوپٽي ھيراننداڻي ھئي. ھنن جا ڪلاس سنڌي ماڊل ھاءِ سڪول ۾ ھلندا ھئا ۽ ڪڏھين ڪڏھين ڪي. سي. ڪاليج جي ڪنھن روم ۾ بہ ھلندا ھئا. منھنجي ڪتاب 'سنڌي لوڪ ڪھاڻيون' جو مھورت ڪي.سي. ڪاليج ۾ اجواڻي صاحب ڪيو ھو ۽ وقت جو سڀاپتي ھو پروفيسر رام پنجواڻي سال ١٩٦٠.

ھن ادبي ڪلاس ۾ چوھڙمل ھندوجا، گوبند مالھي ، ٻيا ليکڪ،ساھتيہ پريمي ايندڙ ھئا.ماھوار 'ڦليلي' رسالو پڻ نڪرندو ھو جنھنجو سمپادڪ ھو مرلي مُکي.

ھن ادبي ڪلاس اھي نوان
ساھتيڪار اپريا جي ھرويرو ترقي پسند ڌارا سان وابسط ڪونہ ھئا.

پر نئون سنڌي ساھت منڊل ڏيک ويک ۽ چڪڻ ۾ وڌيڪ ھو. ان ۾ نوجوان نئين ٿھي گھڻي ايندي ھئي.

پروفيسر اجواڻي جي ھڪ ڪمزوري اڄ جي وھنوار ۾ ھوندي ھئي ۽ بھادر تہ ھو، سچ منھن تي ۽ تمام صاف سڌي ٻولي ۾ چئي ڏيندو ھو. پروفيسر رام پنجواڻي لکل ۽ ڍڪيل لفظن ۾ جا ڳالھہ ڪندو اجواڻي صاحب اِھا ڳالھہ صاف لفظن ۾ چوندو ھو.

اُن نموني جو ھڪ ٻيو مثال تو ڏيان:

موھن ڪلپنا وٽ ھڪ ليکڪ دوست گھر ۾ ويو.

موھن سندس آدر ڪندي چيو،''تون مون وٽ ايندو آھين تہ خوشي ٿيندي آھي.

لکي وڃي. جيئنمل پرسرام اُن جي مخالفت ڪئي،پروفيسر اجواڻي صاحب دائودي پوٽا جي اُن رِٿ جي زبردست مخالفت ڪئي هئي.

ساهتيڪ دين:-

پروفيسر لالسنگهہ اجواڻي،جي سنڌي ٻولي کي ساهتيڪ دين ٻہ هڪ لاثاني دين آهي ورهاڱي کان اڳہ ئي پروفيسر صاحب پنهنجي ادبي شناس، ساهتيڪ ڄاڻ ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏاڪو وڄائي ڇڏيو هو.

چون ٿا تہ گرديو ٽئگور جي گيتانجلي جو مهاڳہ انگريزي شاعر ڊبليو-بي- ييٽس لکي اولهہ جي دنيا کي ٽئگور جي ڪويتا کان واقف ڪيو ۽ ٽئگور کي سال ١٩١٣ ۾ نوبل پرائيز مليو.

شاه صاحب کي ڄاڻ سوالي شاه آف ڀٽ نالي شاه جي زماني شعر تي ٿيسز لکي شاه کي دنيا اڳيان آندو.جيئن شاه صاحب جو قدر ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مرتب ڪيل شاه جو رسالو بعد وڌيڪ ٿيو.

جيئن ڏيارام گِدومل سامي جي واقفيت ڪوڙي مل چندن مل جي گڏ ڪيل سامي جا سلوڪ جو مهاڳہ لکي ڪرائي،تيئن اجواڻي صاحبسنڌواسين کي ڪوي ٻيوس جي ڄاڻ ڏني، واقفيت ڏني سندس شاعري جي مجموعي ’ساموندي سِپُون ‘ دواران.

سچ پڇ تہ اسان اڳيان ڪوي ڪشنچند کتري ٻيوس جو اڄ آهي، اهو نہ هجي جيڪڏهن پروفيسر اجواڻي سندس ڪوتا جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، اُنهن اندر لکل هيرا موتي کولي ظاهر نہ ڪري ها تہ ٻيوس ڪيترن ٻين شاعرن وانگر غير ڄاتل ئي رهجي وڃي ها. اجواڻي صاحب نہ فقط ٻيوس سائين جي خوبين جو ورنن ڪري سنڌين اڳيان ڪيس نروار ڪيو،پر هري دلگير جي شاعري مجموعي ڪوڏ جو مهاڳہ لکيو تہ شري گوبند ڀاٽيہ جي ننڍن مضمونن جي مجموعي ورق جو ٻہ مهاڳہ لکيو ۽ سنڌي ادبي دنيا اڳيان اُنهن کي ادبي تارا ڪري پيش ڪيو اهو سال ١٩٤٢ هو.

اجواڻي صاحب جي سنڌي ادب جي ڄاڻ سندس لکيل انگريزي ڪتاب ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ History of Sindhi literature مان ٻہ پوي ٿي. جيتوڻيڪ اجواڻي انگريزي جو پڙهائيندڙ هو. پر هو صاحب سنڌي ادب کان ڀلي ڀت واقف هو ۽ واقف ئي نہ پر پارکوُ هو.

ورهاڱي بعد هت ڀارت ۾ هن ليکڪن کي همٿايو ۽ سنڌن ڪتابن جا مهاڳ لکي پڙهندڙن اڳيان انهن رچنائن جي اهميت ظاهر ڪئي.

جيئن ڪِہ پروفيسر رام پنجواڻي جي ڪتاب ’’ سنڌ جون ست ڪهاڻيون‘‘ جو

رت وسنت کي پهرين سنڌي ڪتاب
ڪنور'' تي انعام ڏنو ويو هو. اجواڻي
احب اُن اڪادمي طرفان ڪيترا ڪتاب
ن ٻولين مان سنڌي ۾ ترجمو ڪرايا.

سنڌي ڪهاڻي سال ١٩٥١ کان ١٩٦٠
ائين هڪ مجموعو تيار ڪرايو هو، جنهن
جا سمپادڪ هئا گوبند مالهي، ۽ ڪلا
يجهسنگهاڻي.

ٻي ڳالهہ جا بہ ادب سان واسطو تي
رکي ، ۽ پروفيسر اجواڻي جي ادبي
ايمانداري ڏانهن تي اِشارو ڪري.

مون مٿي چيو آهي تہ پروفيسر
اجواڻي صاف گوئي هو.

جيئن هاڻ رام جيٺملاڻي سياست ۾
صاف گوئي آهي.

تازو رام جيٺملاڻي ، آديپور ڪڇ ۾
تيل ورلڊ سنڌي ڪانفرنس ۾ چيو تہ:

سنڌي چالاڪ آهن.
سنڌي چاپلوس آهن.
سنڌي چغلي خور آهن.
سنڌي چڙهت ڪندڙ آهن.
سڀ ٿا مڙد چون،ڪنهن کي وٽي نہ
وٽي.

اجواڻي صاحب ڪنور ڪتاب جي
مهاڳہ ۾ اهڙو ئي سڀ لکيو هو. جنهن تي
دادا جيرامداس ۽ سندس ساٿي ناراض ٿيا
هئا ۽ هندستان اخبار ۾ بہ اُن مهاڳہ کي
وني وڏي واد وواد تي هئي. تڏهين
هندستان اخبار دوارا ڪتابن جو وڪرو ڪيو
ويندو هو، ڪنور ڪتاب وڪري لاءِ نہ رکيو
ويو هو. چي اُن مهاڳہ سان اِهو ڪتاب وڪري
لاءِ نہ رکيو ويندو.

اجواڻي صاحب پنهنجي راءِ تي
اڏول رهيو هو. ان مهاڳہ جو اهو حصو بہ هت
ڏنل آهي.

''...هاڻي مزو تہ اِهو آهي جو
اسانجي سنڌڙيءَ ۾ سورما تہ ڪونہ ٿين. پر
سومان جي بہ ڪمي آهي. رامايڻ ۽ مهاڀارت
جي زماني ڪانوني سنڌي ڳدڙ ۽ ڏرپوڪ
ثابت ٿيا آهن. منست، ساماجت، رشوت ۽
خوشامند، ڪڏهين ڇل ول بہ، سندن مُکيہ
شستر آهن. پوءِ برهمڻ هجن يا ڪتري،
مومن هجن يا مُلا، سما هجن يا سومرا، بروچ
هجن يا پٺاڻ، سيائي هجن يا ڪانگريسي
سماجي هجن يا سکہ.

سنڌي ڪيڪئي ڇل ول سان ماٿي جي
پٽ کي بنواس موڪليو، تہ سنڌي جئدرٿ
ڳدڙن سان ڳڏجي شير جي ٻچي ايمنيوءَ
تي ٻيھ ڪرائي ۽ نيٺ شير جو ٻچُہ پاڻ ٿيو.

سنڌي ڇڇ ڇل ول سان راجڌاني هٿ
ڪئي ۽ ٻئي جي زال، تنهن کان وني تہ
سنئين سڌي ڪانئرتا شروع ٿي ويئي. پوءِ
ڪاهہ ڪندڙ هجي سور هن ورهين جو ڇار

مھمان ٿي ويل ليکڪ من ۾ ڦولجڻ لڳو.''

موھن وڏيڪ چيو، ''پر جڏھين نہ ايندو آھين تہ وڏيڪ خوشي ٿيندي آھي.''

پروفيسر اجواڻي صاحب وڏيڪ خوشي جو ذڪر ڪندو ھو باقي اڳيون جملو نہ پر رام پنجواڻي فقط اڳيون جملو چوندو ھو ۽ پويون نہ. موھن ڪلپنا ٻئي جملا چيا.

سندس اِن صاف گوئي ڪري ڪيترا ليکڪ ۽ ٻيا ڪانئس ڪَوُ ڪائيندا ھئا. پھرين مان بہ ڪانئس ڪَوُ ڪائيندو ھيس. پر جڏھين منھنجو ڪتاب' ھوجمالو' نڪتو ھو ۽ مون کين ڪاپي موڪلي ھئي تہ اُن جي جواب ۾ ڪارڊ ۾ جيڪو ھن لکيو ھو، اُن منھنجو ڊپ دور ڪري ڇڏيو. پوءِ تہ منھنجي ٻئي ڪتاب جو مھورت بہ ڀاڻ ڪيائين.

اجواڻي صاحب بيوقوفن کي ويجھو اچڻ نہ ڏيندو ھو.

پروفيسر رام پنجواڻي، بيوقوفن کي بہ بدلبو ٻڌندو ھو.

تہ پروفيسر ملڪاڻي بيوقوفن ۾ بہ کي گڻ ڏسي اُنھن کي ٻڌندو ھو.

اُن ڪري اُن وقت پروفيسر ايم. يو ملڪاڻي نوجوانن ۾ وڏيڪ پريہ ھو.

پروفيسر اجواڻي سنڌي ٻولي کي تسليم ڪرائڻ جي ھلچل ۾ تمام اھم پارٽ ادا ڪيو.

اکل پارٽ سنڌي ٻولي ساھت سڀا جو پھريون پريزيڊنٽ ١٩٥٧ ۾ پروفيسر اجواڻي صاحب ھو ۽ ٻيو دفعو سال ١٩٦١ ۾ پريزيڊنٽ ٿي رھيو. ھن صاحب اُن دوران ۾ سنڌي ٻولي کي تسليم ڪرائڻ لاءِ تمام لاجيڪل ۽ انگن اکرن سميت عريضا ناھي سرڪار آڏو پيش ڪيا ھئا.

ياد ٿو اچيم تہ سال ١٩٦١ ڌاري ھند سرڪار طرفان ٻوليوار پرانت ناھڻ لاءِ ھڪ ڪميشن ناھي ھئي. جنھن جو ڪنوينر ھو شري بي. جي. کير اُھو ھت بمبئي ۾ بہ آيو ھو، اُن کي ڪي-سي- ڪاليج ۾ ھڪ اُتسوُ ۾ گھرايو ويو ھو جتي اجواڻي صاحب ھڪ عريضو ڏنو ھو. جنھن جي عبارت ۽ انگن اکرن جي سارہ شري کير بہ ڪئي ھئي.

۽ پوءِ اڳتي ھلي سنڌي ٻولي سال ١٩٦٧ ۾ تسليم ٿي ھئي.

اُن کان اڳ ۾ جواھر لال نھرو جي رضا مندي سان مرڪزي ساھتيہ اڪاڊمي جي انعام لاءِ سنڌي ٻولي بہ شامل ڪئي ويئي ھئي ۽ اُن لاءِ سنڌين جي ھڪ صلاحڪار ڪاميٽي بہ ناھي ويئي ھئي جنھن جو پھريون ڪنوينر پروفيسر اجواڻي صاحب ھو. ۽ ٻيا ميمبر ھئا، پروفيسر رام پنجواڻي،ڪلياڻ آڏواڻي، ڊي. ڪي. منشارامااڻي، پروفيسر منگھارام ملڪاڻي،پروفيسر ڪلا ريجھسنگھاڻي ۽ ٻيا ھئا. مرڪزي ساھتيہ اڪاڊمي طرفان شري

ڀهوُ مُکي شخصيت جو ڏڻي واسديو نرمل

جهمون ڇڳاڻي

منهنجو سر تنهنجي سان پيارا ملي جڏهين
گيت اسانجو مڌر ترانو بڻي تڏهين


دوردرشن تي جڏهن گهنشيام واسواڻيءَ جو ڳاتل گيتُ جيڪو نريندر هيرواڻيءَ تي فلمايو ويو آهي، اسين جڏهن ٻُڌندا آهيون تہ فخر سان اسانجي ڇاتي ڦنڊي پوندي آهي. پر اسان اِهو ڄاڻڻ جي ڪڏهن ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي تہ اهڙو مڌر گيت سنڌيءَ جي ڪهڙي گيتڪار لکيو آهي. اِها قدر شناسيءَ واري ڪلا اسانجي وريشنتم ساهتيڪار گوبند مالهيءَ ۾ واهہ جي آهي. ڀڳونتيءَ ناواڻي جي گيت سنگيت جو پروگرام پيش ڪندي چوندا هئا، هاڻي ڀڳونتي ناواڻي هند ۽ سنڌ جي هاڪاري شاعر واسديو نرمل جو گيت پيش ڪندي جنهنجا ٻول آهن 'اَلا مون نتا وِسرن سنڌ جا نظارا'. هن ليکہ ۾ اُنهيءَ واسديو نرمل جو ئي ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن پنهنجي لاءِ خود چيو آهي تہ

هن جي ڳالهہ نہ دل ۾ ڪجو
نرمل آهي مست ملنگ

اِنجنيئرينگ ۾ گرئجيوئيٽ نرمل ممبئي ميونيسپل ڪارپوريشن جي چيف اِنجنيئر جي اعليٰ عهدي تان رٽائر ٿيو. پر جيءَ ۾ لڳل سنڌيت جي جهوڙيءَ سبب، ياشا ياشي هن سان گڏجندو ۽ هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو تہ نہ پهہ چوندس:

مون سان سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ
پوءِ ڀلي چئہ ٻوڙُ ۽ ڦوٽ

اَڄ سنڌي شاعرن ۾ واسديو نرمل جو نالو ڪافي عزت ۽ اَعترام سان ورتو ويندو آهي جو تہ :



نالو	:	جهمون ڇڳاڻي
جنم	:	حيدراباد، سنڌ، ١٩٣٠.٩.٥.
ڇپيل ڪتاب	:	٣.
اِنعام	:	سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ ۽ سنڌي اڪادمي دهلي.
پيشو	:	ريجنل اِنسٽيٽوٽ آف ايڊيوڪيشن ڀوپال، ايم. پي.
پتو	:	جي-١، رام لڇمڻ نواس، ٻئراڳڙ، ڀوپال- ٤٦٢٠٣٠.

محمد بن قاسم يا غزنويءَ جو قهار محمود، دهليءَ جو حاڪم خلجي يا مغل، افغانستان جو پاڇوڪڙ ارغون خان بائرخان يا شاهه شجاع، ڌوهه ڪندڙ فرنگي يا ڪٽر ليگي.

سنڌ جي تاريخ پڙهي ڏسجي ته جنگ ته ڪا ڪانه لڳي، سدائين ڪوس هو.

سنڌين کي ياد آهي آڪاٽي درخت جي ۽ ڪاني جي، ۽ طوفان ۾ درخت جو پاڙن کان پٽجڻ ۽ جهڪندڙ ڪاني جي سلامتيءَ جي. هو چوندا ته جي نَنهن سان ڇڇي ته ڪاتي ڇو ڪم آڻجي. ڏنو پٽ ڇتي جو. ڏيئي ڇڏائجي ته وڙهجي ڇو.ڪو پڳ لاهي ته ڪٽي وري مٿي تي رکجي ماٺ ميٺ ۾.

پاڙي ۾ ڪو ڪُٽجي ته پنهنجو در ڪُلف سان بند ڪري ڇڏڻ سنڌيءَ جو مَرُڪ.

اِئين چوڻ ته سنڌي واپاري قوم آهن، تنهنڪري ٻول ۽ ناهه، نمرتا ۽ اٽڪل بازي، اُنهن لاءِ ضروري آهن ۽ ضد ۽ ويڙهه نقصانڪار. سنڌين کان گجراتي واپار ۾ اڪابر آهن، پر اُنهن اُهي فولادي ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن دنيا جا واڄٽ وڄائي ڇڏيا آهن.

سوامي ديانند سرسوتي ۽ مهاتما گانڌي، ولڀ ڀائي پٽيل ۽ مُرارجي ديسائي ڀارت ۾ رهندڙن کان پڇبو ته هنن کي خالي هڪ سنڌي سورمو سڪي به آهي.

سکر جو ڳڀرو جوان هيمون ڪالاڻي، جنهن ڦاسيءَ تي چڙهڻ قبوليو پر جنرل رچنڊ سن کي هن ٻين ساٿين جا نالا نه ڏسيا.

آخر ۾، جيئن ڪنهن پراڊڪشن تي آءِ ايس آءِ جو ٺپو لڳل هوندو آهي ته اِها چيز خاطري واري ليکي ويندي آهي. تيئن ڪو وقت هو جوجنهن ڪتاب جو مهاڳ پروفيسر اجواڻي جو لکيل هجي معنيٰ اها رچنا خاطري واري آهي معيار واري آهي. سندس آخرين رچنا سنڌي ادب جي تاريخ صدين تائين ياد رهندي. پروفيسر ناگراڻي جو ڪتاب سامي جا سلوڪ جو مهاڳ به پروفيسر اجواڻي صاحب جو لکيل آهي ۽ ساميءَ جي ويچارڌارا کي وڌيڪ صاف سترو ڪري ٿو.


بس هي ليک اِتي پورو ٿو ڪريان. وقت ايندو جو اجواڻي صاحب جي ادبي دين تي حوالن سان هڪ ڪتاب لکيو ويندو. آخر ۾ اجواڻي صاحب، عالم اجواڻي وڏياوان اجواڻي صاحب کي سَوَ سلام ۽ بس.

سنڌو پٽي مهاراجا ڏاهرسين جون ڌيئر
سوريه ديوي ۽ پرمل ديوي

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

سنڌو پٽي مهاراجا ڏاهرسين کي ٻه سندر ڌيئر هيون، هڪ جو نالو هيو پرمل ديوي ۽ ٻي جو نالو هيو سوريه ديوي. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ مٿان ڪاهه ڪئي هئي تڏهن انهن ٻنهي ڪنيائن جي جوڀن جي ڪلي ڪلي چڪي هئي. عرب ليکڪ لکن ٿا ته راجا ڏاهرسين جي لڙائي ۾ هارائڻ کان پوءِ محمد بن قاسم کي اهي ٻيئي ڪنيائون ۽ سندن ماتا مهاراڻي لاڏي محل ۾ هٿ آيون. محمد بن قاسم راڻي لاڏي سان ته خود وواهه ڪيو پر ڏاهر جي ٻنهي ڌيئرن کي خليفي جي حرم ۾ رکڻ لاءِ بغداد موڪلي ڏنائين. جڏهين رات جو خليفي جو انهن ڪنيائن سان مڪاميلو ٿيو تڏهين اُنهن ڪنيائن کيس شڪايت ڪئي ته اي خليفا اسان کي هٿ نه لاهه- ترس- محمد بن قاسم اسان کي هٿ موڪلڻ کان اڳ ئي ڀنت ڪري ڇڏيو آهي. اِها ڳالهه ٻڌندي ئي خليفي جو پارو گرم ٿي ويو ۽ هڪدم حڪم ڏنائين ته محمد بن قاسم جتي به هجي اُتي پاڻ کي جيئري ڏڳي جي کل ۾ پورائي مون وٽ اچي پيش ٿئي. محمد بن قاسم اِهو حڪم ملنديئي حڪم جي پوئواري ڪندي پاڻ کي ڏڳي جي کل ۾ پورائي خليفي ڏانهن روانو ٿيو ۽ رستي ۾ ئي مري ويو. جڏهين اِها خبر خليفي کي پيئي تڏهين هن کي ڏاڍو افسوس ٿيو. هن کي ڏاهر جي ڪنيائن چيو ته هي خليفا اسان محمد بن قاسم کان انتقام وٺڻ لاءِ ٺوڪي بيوقوف بڻائڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايو. پوءِ خليفي اُنهن ٻنهي ڪنيائن کي پٽ ۾ جيئري ئي پورائي ڇڏيو.

اِها ڪهاڻي پڙهڻ سان ئي هڪدم بيهودي بي بنياد ۽ ڪوڙي پيئي لڳي. افسوس آهي ته هن وقت تائين ڀارت جي ڪنهن به اتهاسڪار اُن من گهڙنت ڪهاڻي جي سچ ۽ ڪوڙ کي پرکڻ لاءِ ڪابه ڪوشش نه ڪئي آهي. مون وڏن وڏن ودوانن جا



نالو	:	ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي.
جنم	:	ميان جو ڳوٺ، تعلقو شڪارپور.
ڇپايل ڪتاب	:	پنج.
پيشو	:	ائڊووڪيٽ.
پتو	:	پوسٽ باڪس ٨٩، سنت ڪنور رام بازار، اجمير- ٣٠٥٠٠١.

سڀ چونڊا تہ بي ويڏن تہ نہ آ نرمل سان سنڌ سنڌيت لئہ چريو آهي، هيو ڪجھ ڪونهي.

واسديو سنڌي ساهتيہ ۾ پنهنجي طرفان اصلوڪيون ايڪانڪيون پڻ پيش ڪيون آهن. سندس اصلوڪين ايڪانڪين جا ٽي مجموعا شايع ٿيل آهن (i) ٻوڙا اَچيِ مِڙِيا (ii) بنا ڏيتي ليتيءَ شادي (iii) سسُ ڙي سسُ. اِنهن ناٽڪن جا انيڪ شوز ٿي چڪا آهن.

ٻوڙا اَچيِ مِڙِيا ۾ شامل جڳھڙو ايڪانڪيءَ ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي جيڪا پلٽ پلٽان ڪئي اٿس اُها ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ وٽان آهي.

هن هڪ هڪ ايڪانڪيءَ ۾ ڪو نہ ڪو مسئلو کنيو آهي. لڳيتو واسديو نرمل جيڪو ١٩٩٩ جي جون مهني ۾ لاڏو لاڏي آٽيندو پر (تہ فصلو ناٽڪ) پيش ڪيو آهي اُهو جڏهن سنڌي رنگہ منچ تي ايندو ۽ تنهن کان پوءِ جڏهن اُنهيءَ جو ترجمو ٻين ٻولين ۾ ٿيندو ۽ رنگہ منچ تي الڳہ الڳہ ڀارتيہ ڀاشائُن ۾ منچت ٿيندو تڏهن اُهي ڀاشاڀاشي جڏهن واسديو جي ڀٽي نپيريندا تڏهن سنڌي ناٽڪن جو اَبو پروفيسر منگهارام ملڪاڻي بہ سرگہ ڌام مان ٽيليفون تي واسديو کي واڌايون ڏيندو تہ واسديو ڀلو ڪم ڪيو ٿيئي.

واسديو نرمل ٻين ٻولين جا ناٽڪ سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪري پيش ڪيا آهن. ممبئيءَ ۾ جيڪي بہ سنڌين جا ٿئيٽر گرُوپ هئا يا آهن، ذري گهٽ اُنهن سڀني سان هن جو واسطو پئي رهيو آهي. ٻين ٻولين مان ترجمو ڪرڻ کان وڌيڪ اُنهن جو اُلٿو ڪرڻ وڌيڪ بهتر سمجهندو آهي. سندس وشواس آهي تہ اُلٿو ڪرڻ سان مناسب ڦير ڦار ڪري اُنهيءَ ناٽڪ کي سنڌي رنگت ڏيئي ٿي سگهجي.

ضرورت آهہ نئين ٽهيءَ کي سڌي ٻولي سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کان واقف ڪرڻ جي ۽ اُنهيءَ لاءِ سڀ کان بهتر اُپاءُ آهي تہ پنهنجي گهر کي سنڀاليون- نيئن ٽهيءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايون ۽ اُنهن کي سنڌ جي اِتهاس، سنڌ جي جاگرافيءَ کان واقف ڪرايون. پلي ڪيس ديوناگريءَ ۾ لکڻ پڙهڻ جي ڇوٽ ڏيون.



گهرائي ننڍي متعلق اِشارو ڪيائين ته هن کي وچي سنياليو جيئن هن کي وهاري ڪولي خليفي ڏانهن نهاريو ته خليفو سندس حسن جو ڪمال ۽ جمال ڏسي ڇريو ٿي پيو ۽ سندس خونخوار نازوادا هن جي دل کان صبر کسي ورتو. سريا ديويءَ کي هٿ وجهي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين ته سريا ديوي اُٿي ڪڙڪي ٿي ۽ کيس چيائين ته بادشاهه سلامت رهي آءٌ غلام بادشاهه جي خلوت جي لائق نه ٿي ٿي سگهان ڇاڪاڻ ته امير عادل عماد الدين محمد بن قاسم اسان کي ٿي ڏينهن پاڻ وٽ رکي پوءِ دارا لخلافت جي خدمت ۾ موڪليو آهي شايد توهان جو دستور اِئين آهي. بادشاهن لاءِ هيءَ خواري جائز نه آهي.

خليفي تي اُن وقت عشق تمام غالب ٿي چڪو هيو ۽ صبر جي مهار سندس هٿ مان نڪري چڪي هئي تنهن ڪري اِنهيءَ غيرت کان کيس تحقيق ۽ غيرت جي جاچ جوچ جي طاقت نه رهي ۽ هڪ دم ڪاغذ ۽ قلم گهرائي پنهنجي هٿ سان پروانو لکيائين ته محمد بن قاسم جتي به پهتو هجي ته کيس گهرجي ته پاڻ کي ڪچي کل ۾ بند ڪري دارا لخلافت ڏانهن واپس تئي.

محمد بن قاسم کي جڏهن هيءَ خبر ملي اوڏاپر جي شهر ۾ پهتو تڏهن سندس چوڻ تي کيس ڪچي چمڙي ۾ بند ڪري محمد بن قاسم جان خدا پاڪ جي حوالي ڪئي.

ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي ڪتاب جي صفحه ۵۳۵ تي لکي ٿو ته ”جيڪا حقايت محمد بن قاسم جي گرفتاريءَ ۽ موت بابت ڏنل آهي سا هڪ محض ڏند ڪٿا آهي جنهن جو آڳاٽن تاريخي ڪتابن ۾ ذرو جيترو به ذڪر ڪونه آهي. هي محض هڪ افسانو آهي جنهنجو بنياد محمد بن قاسم بابت ٻڌل مقامي ڏند ڪٿائن تي رکيل آهي. ڪنهن شخص هيءَ ڏند ڪٿا فتحنامي ۾ شامل ڪئي آهي (صفحه ۵۳٦). اُن وقت بغداد شهر ٻڌو ئي ڪون ويو هيو. بغداد شهر اُن کان ۴۰ سال پوءِ وجود ۾ آيو. اُن وقت خليفو دمشق ۾ رهندو هيو. محمد بن قاسم جو موت سياسي اُٿل پٿل ۽ شخصي اِنتقام سبب ٿيو. عربي تاريخن ۾ ڪٿي به داهر جي ڌيئرن کي يت ۾ پورائڻ جو ذڪر نه آهي (صفحه ۵۳۷). صفحه ۵۰٦ تي لکي ٿو ته داهر جون ڪي ڌيئر گرفتار ٿين ها ته عرب مورخ اُن اهم واقع جو ضرور ذڪر ڪن ها مگر ڪنهن به عربي تاريخ ۾ اهڙو ذڪر ڪونهي، اُن ڪري اِهي حڪايتون ۽ بيان محض اقاويل ۽ ڏند ڪٿائون ئي سمجهڻ کپن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جيڪي به ڪارڻ ۽ دليل ڏنا آهن، حوالا ڏنا آهن- اُنهن کان سواءِ پڻ هيٺين ڳالهين تي غور ڪرڻ ضروري آهي.

(۱) عرب اِتهاسڪارن مهاراجا داهر کي بدنام ڪرڻ لاءِ انيڪ ڪوڙ ڪتيا آهن جهڙو ڪ داهر جي ڀيڻ سان شادي، داهر جي ماءُ بابت غلط بياني، داهر جي پٽني بابت نسورو ڪوڙ لاڏي عمر ۾ محمد بن قاسم جي ڏاڏي برابر هئي. اُن سان محمد

لکيل ڪتاب بہ پڙهيا آهن، اُنهن ڪڏهين بہ مٿئين ڪهاڻي ڪي وويڪ جي ناراضي ۾ ڪونہ توريو آهي. جيئن طوطي ڪي ڪا ڳالهہ رٽائي ويندي آهي ۽ هوُ اِها ساڳي رٽيل ڳالهہ وري وري پيو دهرائيندو آهي، ٺيڪ اُن ريت ڀارت جي اِتهاسڪارن عربن جي اُن ڪوڙي ڳالهہ جو پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي. دکہ جي ڳالهہ اِها بہ آهي تہ اسڪولن ۾ ڪاليجن ۾ جيڪي اِتهاس جا پستڪ پاڙهيا پيا وڃن اُنهن ۾ بہ اِها ساڳي ڳالهہ لکيل آهي. ڀارت جي آزاديءَ کان پوءِ ۵۳ سالن تائين ڪوڙو اِتهاس پڙهائڻ چالو رهيو آهي.صحي ۽ سچو اتهاس ڄاڻڻ لاءِ ڪابہ ڪوشش اڃا تائين ڪونہ ٿي آهي شايد ڀارتيہ اتهاسڪارن ڪي اُن ڳالهہ تي فخر ٿو محسوس ٿئي تہ اسان جي راجڪمارين ترڪيب ساں ديش جي دشمنن کان اُن ريت بدلو ورتو.

سنڌي ادبي بورڊ پاڪستان طرفان چچ نامو وري لکائڻ لاءِ سنڌ جي اتهاسڪ ڪوڄنيڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي مقرر ڪيوءِ هن جو لکيل چچ نامو عرف فتح نامو سنڌ کي سنہ ۱۹۵۴ ۾ وري نئي سر ڇپارايو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اُن حقيقت کي ڪوڙو سڏيو آهي ۽ پوءِ جي جوڙيل حقيقت ڪري مڃيو آهي، اُن لاءِ هن پنهنجا پنهنجا دليل ڏنا آهن. سندس ڪتاب مان آءُ حوالا ٿو پيش ڪريان. هو پنهنجي ڪتاب جي صفحہ ۲۰۲ تي لکي ٿو تہ:

”پوءِ جڏهين غنيمتون ۽ غلام محمد بن قاسم جي اڳيان آنڌائون ۽ هر هڪ جو احوال معلوم ڪيائون تڏهين معلوم ٿيو تہ داهر جي زال لاڏي قلع ۾ آهي. داهر جون بہ ڌيئر پڻ ٻين زالن وچ ۾ منهن ڍڪيو ويٺيون آهن جن کي هڪ خادم جي حوالي ڪري جدا وهاريائين. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي پستڪ ”فتح نامو سنڌ“ جي صفحہ ۲۶۳-۲۶۴ تي اُن قصي جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي.

محمد بن عالي ۽ ابوالحسن مدائني هن ريت روايت ڪئي آهي تہ راجا داهر جي ڪتل ٿيڻ وقت سندس حرم سراءِ مان هنڄون بہ ڪنواريون ڌيئرون گرفتار ٿي آيون هيون جي محمد بن قاسم حبشي غلامت هٿان، بغداد ڏانهن دار - ال خلافت جي درگاهہ ۾ موڪلي ڏنيون هيون. وقت جي خليفي غمخواري خاطر ڪين حرم سراءِ جي حوالي ڪيو تہ ڪي ڏينهن آرام ڪري خلوت جي لائق ٿين. ڪِن ڏينهن کان پوءِ خليفي جي مبارڪ دل تي آئي ۽ رات جو ٻنهي کي حاضر رهڻ جو حڪم ڏنائين. خليفي وليد بن عبدالملڪ ترجمان کان پڇيو تہ معلوم ڪر تہ هنن مان وڏي ڪير آهي تہ اُنهيءَ کي روڪيو وڃي ۽ سندس ٻي ڀيڻ کي وري ڪنهن ٻئي وقت تي گهرائبو. ترجمان خدمت گار پهريائين تہ اُنهن کان نالا پڇيا- وڏي چيو تہ منهنجو نالو ”سريا ديو“ (نوٽ : -ترجمان کي شايد سوريہ ديوي نالو سمجهہ ۾ نہ آيو ٿو ڏسجي جو هن سريا ديو ڪري ٻڌايو- ليکڪ.) ننڍي چيو تہ منهن جو نالو پرمل ديوي آهي- وڏيءَ کي

پهريون حڪم رد ڪري ها.

(٨) سندرتا جي ڪمي عرب ڇوڪرين خاص ڪري ايرانين ۾ ڪونہ هئي ۽ نہ هن وقت ئي آهي. آءٌ نٿو سمجهان تہ سوريہ ديوي يا پرمل ديوي عرب ڇوڪرين ايرانين ڪان وڌيڪ اهڙي حسين ٿي نہ ٿي سگهي جو خليفي جي گگہ ڳڙي پيئي جو غش ڪائي ڪري پيو ۽ هوش حواس وڃائي وينو؟

(٩) محمد بن قاسم حجاج جو ناني هيو. سندس سوٽ بہ هيو. جي محمد بن قاسم کي مارائڻ جو حڪم نڪري ها تہ هوُ خليفي وٽ ڊوڙي وڃي اِهو حڪم رد ڪرائي ها.

(١٠)محمد بن قاسم بہ اهڙومورکہ سيناپتي ڪونہ هو جو هزارين ميل پري سنڌ ۾ مليل بادشاهت کي ٺوکر هڻي خليفي جي حڪم تي پاڻ کي ڍڳي جي کل ۾ پورائي صندوق ۾ بند ڪرائي خليفي وٽ پنهنجو مڙه موڪلي. حقيقت اِها آهي تہ مسلم بادشاهتن جي اِتهاس ۾ ڪنهن بہ حاڪم مئي مارائي ڪان سواءِ ستا ڪونہ ڇڏي آهي. اهڙا وفادار سيناپتي مسلم اِتهاس ۾ ڪونہ ملندا.

اُنهن سيني ڳالهين تي ويچار ڪرڻ ڪان پوءِ هر ٻڌيمان شخص اُن نتيجي تي پهچندو تہ داهر جي ڌيئرن جي باري ۾ عربن گپوڙا هنيا آهن. ڪوڙي ۽ بي بنياد افسانو ناهي لکيو اٿن.

شري ناڪرداس ورما هڪ پستڪ سنہ ١٩٣٦ ڇپارايو هيو. پستڪ جو نالو آهي- ”نائڪ مهاراجا داهر سين“ ۽ اُن جي صفحہ ١٧ تي لکيل حقيقت مونکي صحيح ٿي لڳي، هوُ صاحب لکي ٿو تہ، ”مونکي جيڪي حقيقتون مليون آهن تن مان معلوم ٿو ٿئي تہ الور ۾ ئي لڙائي ختم ٿي ويئي هئي ۽ اُن الور جي لڙائيءَ ۾ محمد بن قاسم مارجي ويو هيو.

مهاراجا داهر سين جي ڌيئرن جي باري ۾ شري ناڪرداس ورما لکي ٿو تہ سنڌ پتن ڪان پوءِ يُوَراج جئسنگهہ طرفان هلايل سنڌ مڪتي جي يُڌ کي سڦل بڻائڻ لاءِ ٻئي راجڪماريون سنياسٽيون بڻجي ڳوٺ ڳوٺ ۾ رٿن ڪري سوتنترتا سينانين جي پرتي ڪرڻ لڳيون.

مونکي شري ناڪرداس ورما جي ڳالهہ صحي ٿي لڳي. مهاراجا داهر سين جون ڌيئر محمد بن قاسم جي هٿ ڪونہ آيون هيون نہ وري محمد بن قاسم پاڻ کي جيئري ڍڳي جي کل ۾ بند ڪرايو. اِهي گپوڙا اعتبار جوڳا نہ آهن. اڄو تہ اِتهاس کي وري لکون. غلط ۽ ڪوڙي اِتهاس کي هٽائي سچو ۽ صحي اِتهاس جڳہ کي پڙهايون. اِها ذميواري سنڌين مٿان آهي.

بن قاسم نہ تہ نڪاح ڪيو ۽ نہ وري لاڏي هن کي هٿ آئي. هن تہ ٻين سان ڳڏ جوهر ڪيو هيو. اهڙي ريت داهر جي ڌيئرن جو قصو بہ ڪيس بدنام ڪرڻ جي اِرادي ڪان جوڙيو ويو آهي - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب جي صفحہ ۲۹۱-۲۹۲ تي لکيو آهي تہ داهر جي ڀاڻيجي حسينا جي باري ۾ فتح نامي ۾ ڏنل روايت بلڪل غير معتبر معلوم ٿئي ٿي. هي بيان بہ هڪ افسانو آهي. جڏهين سيني عورتن جي باري ۾ فتح نامي ۾ ڏنل حقيقتون غلط آهن تہ داهر جي ڌيئرن جي باري ۾ بہ حقيقتون غلط هئڻ کپن.



(۲) بغداد شهر جڏهن وجود ۾ ئي ڪونہ هيو تہ داهر جي ڌيئرن کي بغداد موڪلڻ جي ڳالهہ بہ غلط آهي.

(۳) خليفو اُن وقت اِسلامي دنيا جو سرمو رهيو تنهن کي اهڙو ڇسو ۽ مورکہ نہ سمجهڻ کپي، جيڪو دشمن جي ڌيئرن جي هڪ ڳفتي تي بنا ڪنهن سوچ ويچار جي پنهنجي اُن وقت سڀ کان وڏيڪ قابل سيناپتيءَ کي مارڻ جو حڪم ڏيندو.

(۴) محمد بن قاسم عربن لاءِ اهلھ هيرو هيو ڇاڪاڻ تہ محمد بن قاسم کان اڳہ ۱۱ دفعہ جيڪي جنگيون عرب هارائي چڪا هيا اُها جنگہ هن عربن کي کٽي ڏني.

(۵) محمد بن قاسم ئي پهريون عرب سيناپتي هيو جنهن عربن جو ڳاٽ سنسار ۾ اونچو ڪيو. هن کي اُن لاءِ اِنعام اِڪرام ملڻ کپندا هيا نہ ڪہ دشمن جي ڌيءُ جي ڪوڙي چغليءَ تي هن کي موت جي سزا ملڻ کپندي هئي.

(۶) ٿوري دير لاءِ قبول بہ ڪجي تہ خليفو رات جي وقت شراب جي ۽ ڪام جي نشي ۾ انڌو هيو اُن ڪري سوريہ ديوي جي شڪايت تي هڪدم بنا جاچ جوچ جي حڪم جاري ڪيائين. ٻئي ڏينهن، ٽئين ڏينهن، چوٿين ڏينهن ڪڏهن تہ سندس نشو ٽٽو هوندو، اُن وقت ڇو ڪين سوچيائين تہ مون هي ڪهڙو نہ غلط ڪم ڪيو آهي؟ اهڙو ڪهڙو ڪم عقل بادشاهہ هوندو جيڪو پنهنجي وير سيناپتي کي هھڙي ريت مارائيندو؟ ڇا خليفي ۾ ذرو بہ عقل نہ هيو. آءُ سمجهان ٿو خليفي کي اهڙو مورکہ سمجهڻ سندس اپمان ڪرڻ برابر ٿيندو.

(۷) سنڌ ۽ عربستان جي وچ ۾ وڏو پنڌ آهي. ٻئي ملڪ پاڻ ۾ پاڙيسري نہ آهن. اُن وقت نہ هيا هوائي جهاز نہ هئي ريل نہ وائرليس ۽ نہ تار، اُن ڪري خليفي جو پروانو محمد بن قاسم کي پهچڻ ۾ ضرور کي ڏينهن لڳا هوندا. جي خليفي اهڙي غلطي رات جو ڪئي هجي ها تہ ضرور ٻئي ڏينهن تي ٻيو قاصد ڊوڙائي پنهنجو

تڏهن ڏئي سگهي . اُن ڪري ذرا نراش هو. رستو ڳولهڻ لاءِ مون وٽ آيو هو پر مان به انهيءَ بيماري جو شڪار هوس.

جئن جئن عمر وڌي ٿي ماڻهو جي شڪتي گهٽجي ٿي. ماڻهو جوابدارين کان ڇوٽڪارو پائڻ چاهي ٿو. موه کان ڪنارو ڪرڻ چاهي ٿو، پر گرهستي جي نباهڻ جي جوابداري وڌي ٿي. جوابدارين نباهڻ لاءِ پٽن اڳيان هٿ ڦهلائڻا پون ٿا.

عمر جي پهرين پراوَ ۾ ماڻهو سنگهرش شيل هوندو آهي. زندگيءَ جيئڻ جو حسين سپنو هوندو آهي. ٻارن کي ڪجهه بڻائڻ جا خواب هوندا آهن. گرهست کي سکي ڏسڻ جي تمنا هوندي آهي. تنهن ڪري هو دولت ڪٺي ڪرڻ جي نشي ۾ هن کي ڪاڏو پيتو، ننڊ آرام ڪجهه منو نه لڳندو آهي. هن جي آڏو صرف مستقبل هوندو آهي.

پرسرام ۾ به اِهي گڻ ۽ تمنائون هيون، تنهن ڪري هن نه رات ڏٺي نه ڏينهن هن پنهنجي صحت جو خيال نه رکيو. جتي مليو تتي کاڌو، نه مليو ته نه سهي. هن کي جُنون هو ته هڪ وار وڏو مالدار ٿبو؟ هو اُن ۾ سڦل پڻ ٿيو. اِندور ۾ جايون جڳهيون، تيل ميل، ڏنڌا ڌاڙيون، مارڪيٽ ۾ سٺي ساک هئي. واپارين ۾ سرمور ليکيو ويندو هو. هن کي ڪوبه گهمنڊ ڪونه هو. سڀ سان پيار پلائيندو هو. پر اڄ زندگيءَ مان نراش آهي. هن ڪٽي مان ڪاسو ڪيو،اُن تي به سندس اڏڪار ڪونهي. هو پنهنجي مرضي سان ڪجهه ڪري نٿو سگهي. هن جو پٽن تي اڏڪار ڪونهي. هو اجا به چاهين ٿا ته ”بابو ڪو ڪم ڇونه ٿو ڪري؟“ اڄ مون وٽ انهيءَ ڪم لاءِ آيو هو. ڪٿي منشيگيري يا منيبي وٺي ڏيان. هو هن عمر ۾ به پيرن تي بيهڻ ٿو چاهي؟ زندگي عزت سان گذارڻ ٿو چاهي؟ هو پٽن کي تڪليف ڏيڻ لاءِ به تيار ڪونهي، نه هنن سان ٽڪر کائڻ ٿو چاهي؟ گهر جي بدنامي کان به ٻچي ٿو؟ ڪٿي هنن جي اولاد کي نه ڪندا ڪيڏا پون؟

پرسرام کي ڇهه ڏيئر ۽ به پٽ آهن. ڇهن ڏيئرن کي ڇا نه ڪپي؟ ڏڻ وار جي ڏپ کان ته هن ڇوڪريون ٻاهر پرڻائي ڪڍيون. پر تڏهن به ڇوڪريون ۽ ٻار بابي جي گهر ته اينديون؟پوءِ اهڙو ڪهڙو پيءُ آهي جو ڇوڪرين ۽ سندن ٻارن کي ڪجهه نه ڏيئي سگهي ۽ خوش رهي سگهي؟ ڇوڪرين ۽ سندن ٻارن کي ڏيڻ به چاهي ته اِهو ڪري نٿو سگهي؟ تنهن ڪري هو منجهي پيو آهي ته نيٺ ڇا ڪري؟


هر گهر جي وڏي سان اِهي سمسيائون آهن؟ ڪم ڪري نٿو سگهي؟ ڪورٽ ۾ وڃي نٿو سگهي؟ نيڪي بدي ۾، سيڻ سڄڻ سان منهن ڪيس ڏيٺو آهي؟ ڪنهن کي هي بي اِنصافي جي دانهن نٿو ڪري سگهي. دنياداري کي به منهن ڏيٺو اٿس. ڪنهن سان فرياد ڪري؟ ڪير مدد ڪرڻ وارو آهي؟ اِهي سڀ سوال آهن جنهن جو ڪنهن وٽ جواب ڪونهي؟ هن کي ئي سور پيئڻو آهي. منو پاڻو ڪري سهڻو آهي؟ پنهنجو زهر پيئڻو آهي؟ گهر جي وڏي هئڻ جي ناتي اِهو سڀ سهڻو پوندو؟ مان مريادائن جو پالن ڪرڻو پوندو؟ گهر جو وڏو ٿيڻ ڪو سَوَلو ڪم ناهي؟

زمانو ئي اهڙو آ

ڪرشن مِسرور

تنهن ڏينهن منهنجو لنگوٽيو يار پرسرام مون وٽ ڪهي آيو. خوش خيرافيت کان پوءِ احوال ڏيندي هن ٻڌايو تہ هو گهڻن ڏينهن کان پريشان آهي ۽ مون کان صلاح وٺڻ آيو هو. مون سوچيو هن عاقل ماڻهو کي مان ڪهڙي صلاح ڏيئي ٿو سگهان ؟ هن جهڙو سياڻو ماڻهو سنڌين ۾ ڪو ورلو هوندو. سنڌ ۾ سندس لکن جو ڪاروبار هو. هن جي ڀيٽ ۾ مون پاڻ کي اڻاڙي ٿي سمجهو. چڱا چڱا هوشيار ماڻهو بہ هن جي صلاح جا محتاج هئا. هوشيار اهڙو جو منهن زباني ڪيترا ڏکيا حساب هو آساني سان سلي ويندو آهي. وڏا وڏا آرڪيٽيڪٽس ۽ انجنيئر بہ هن جي اڳيان ڦڪا لڳندا آهن. نقشو ڏسيئي ٻڌائيندو تہ اُن جاءِ ۾ ڪيتريون سِرون ،سيمينٽ، ريتي، واري، لڪڙي لڳندي يا ٺهيل مڪان ۾ ٻڌائي سگهندو تہ مڪان ۾ ڪيترو مٽيريل لڳو آهي. سندس آزموندو ۽ دليل اهڙا وزندار هوندا آهن جو گهڻا سياڻا هن جي دليلن جو داد ڏيندا آهن. هن جي سوجهہ ٻوجهہ سان ئي تہ سڀ منهنجا ڪم راس ٿيا آهن.

اسان مان ڪوبہ جڏهن ڪنهن اُلجهن ۾ ڦاٿو آهي تڏهن هن جي ئي مدد ورني پار پيو آهي.مونکي تعجب لڳو تہ اهڙي عقل جي اڪابر کي ڪهڙي صلاح ڏيان؟ هن پنهن جون مشڪلاتون ۽ سمسيائون منهنجي آڏو رکيون. تڏهن مون ڏٺو تہ عمر جي پوئين پراوَ ۾ اِهي سمسيائون سڀ جي سامهون آهن. گهر گرهستي جي جوابداري‌مٽ مائٽ، سيڻ سجڻ، شادين غمين کي نباهڻ جي جوابداري وڏي ماڻهو جي آهي.نياڻين سِماڻِين نيڪي بدي ۾ ڏي وٺُ جي جوابداري بہ وڏي کي نباهڻي آهي،ڇو تہ اُنهيءَ کان منهن موڙڻ گهر جي بدنامي ۽ عزت کي نقصان رسندو. اِهي جوابداريون نباهڻ لاءِ وڏي کي معاشي افراتي کپي. پرسرام پنهنجي پٽن کي پئسو ڏوڪڙ، مال ملڪيت، ڏنڊا ڏاڙيون ڏيئي ڇڏيا هئا، پاڻ فارغ ٿي وينو هو. سٺهٺ انهٺ سال جي عمر ۾ ڪيڏانهن وڃي؟ ڏيءُ ڀيڻ، پوٽي پوٽي،ڏوهٽي ڏوهٽيِ کي بہ پٽن کان ورني



نالو	:	ڪشن چند مسرور.
جنم	:	جيڪب آباد، ١٩٢٠.٦.٢٠
پتو	:	٣٨/اي، پلسيڪر ڪالوني، اِندور-٤٥٢٠٠٤، ايم. پي.

نوڪري ڪرڻ کان پوءِ اُها ڇڏي پنهنجي اڏاوت جي ڪم جي ٺيڪيداري شروع ڪيائين. ڪلڪتي ۾ ڪلاڻي ڪنسٽرڪشن ڪمپني لميٽيڊ چالو ڪيائين، جنهنجو پاڻ ڊائريڪٽر ٿي رهيو. ڪيس اوپر هندستان ۾ ملٽريءَ جي ڊفينس وڀاڳ ۾ ڪم جا ٺيڪا ملندا هئا، جتان سٺي ڪمائي ٿيندي هئس.

١٠-١٢ سالن جي اوسٿا ۾ جڏهن لکمي اچا سکر اسڪول ۾ پڙهندو هو تڏهن ئي ڪيس ڪتاب پڙهڻ جو شوق جاڳيو. هن سکر شهر جي، سندر شيوڪ سڀا جي لئبريريءَ جا سوين ڪتاب پڙهي ورتا. پهرين ديون، پرين جا داستان، پوءِ جاسوسي قصا ۽ رومانوي افسانا ۽ پوءِ شرت چندر جا سماجي ناول. تن ڏينهن ٻالڪن جي ٻاريءَ طرفان شايع ٿيندڙ ’گلستان‘ ۽ سندر ساهت طرفان شايع ٿيندڙ ’گل ڦل‘ هن جا من پسند رسالا هوندا هئا. اُنهن ۾ ڇپجندڙ ٻال رچنائون پڙهي ڪيس بہ ٻال ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون لکڻ جو شوق جاڳيو، سو ٻال مخزنن ۾ ڇپيل رچنائن جي آڌار تي ٻين هم ڪلاسين سان گڏجي لکميءَ بہ ڪچيون ٽڪيون ڪي ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون لکيون. جيڪي گڏ ڪري هنن سکر جي ٻُڙ-بازار جي ’هيمن داس ڪتاب گهر‘ جي پرڪاشڪ کان ’سوناپري‘ عنوان سان ڇپارايون پر ڇپائيءَ جا پئسا چُڪائي نہ سگهڻ ڪري ورهاڱي سبب ’سوناپري‘ ڪي سنڌ ۾ ئي الوداع ڪري هند ۾ اچڻو پيو.


ورهاڱي بعد ڪلاڻي صاحب پڙهائيءَ ۽ ادب کان پوريءَ طرح ڪٽجي ويو. هند ۾ هن جا وڏا پهرين هردوار پوءِ بنارس ۽ پوءِ ڪلڪتي ۾ وڃي رهيا. پوءِ بہ هن جي من جي پتڪ پوري نہ ٿي. نيٺ ١٩٨٦ کان گانڌي ڌام ۾ پنهنجو دائمي ٺڪاڻو ناهي ويٺو. بنارس اِنجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهندي سنڌيءَ جي برک ليکڪا تارا ميرچنداڻيءَ سان سندس واقفيت ٿي. ڀيڻ تارا ميرچنداڻيءَ جو گهر، بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ ٻي گهر ٿيل سنڌي شاگردن لاءِ سکڌام هو. اُتي سڀني کي گهر جهڙو سنيهہ ملندو هو. تارا پنهنجون لکيل ڪهاڻيون کين پڙهي ٻڌائيندي هئي. اهڙيءَ طرح لکميءَ اندر ڪهاڻيڪار بڻجڻ جو ٻج هتي ئي ڇٽيو. اُنهن محفلن مان اتساهہ حاصل ڪري ڪلاڻي صاحب لکڻ شروع ڪيو. ڀارت ۾ سندس پهرين رچنا هڪ ليکہ ’گنگا پل يوجنا‘ آهي جيڪو ١٩٥٩ع ۾ هندواسيءَ ۾ ڇپيو. ڪهاڻيڪار طور هن پهرين ڪهاڻي ڪاليج جي هڪ گهٽنا کان متاثر ٿي لکي، ’پاشائي پتيم‘ جيڪا مي ١٩٦٠ واري سنڌو ڌارا انڪ ۾ شايع ٿي. ١٩٦٤ع ۾ لکنوءَ سنڌي سميلن ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ڀارت جي مکيہ ليکڪن ۽ ڪلاڪارن سان گڏجڻ ۽ ڏيٺ ويٺ ڪرڻ جو موقعو مليو. سنڌي ساهتڪ مخزنون ڏسڻ

شري لکمي ڪلاڻي - ناول ۽ ڪهاڻيءَ جي حوالي ۾

منوهر نهالاڻي

سنڌي سميلن ۾ شوقيا نوجوان طور شرڪت ڪري لکڻ جي پريرڻا پائي، ڪلاتمڪ جڳت جا جنهن دروازا کوليا ۽ ادب جا سون ماڻ ۽ ماپا آٽيندڙن جي صف ۾ پاڻ کي شمار ڪيو، اُهو ليکڪ آهي شري لکمي ڪلاڻي. هو سٺو ڪهاڻيڪار، ناول نويس، ناٽڪ ڪار، ڪلاڪار سان گڏ سٺو سمپادڪ پڻ آهي. هن جو جنم ٢ آڪٽوبر ١٩٣٥ ۾ ڳوٺ جهانهان، تعلقي سکر (سنڌ) جي زميندار ڪٽنب ۾ ٿيو. سندس پورو نالو لکمي پريومل ڪلاڻي آهي. اٽڪل ٣٨ سالن کان هوُ صاحب لاڳيتو لکندو رهيو آهي. روز گار جي لحاظ کان ڪنسٽرڪشن جي ڪم ۾ مصروف رهيو آهي. سنڌيت جو جذبو کيس ڪلڪتي مان گانڌي ڌام وٺي آيو. هو سنڌي سنسڪرتي ۽ ساهت جي ڪم ۾ لڳل، اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ ڊيپوٽي ڊائريڪٽر طور پنهنجون شيوائون ڏيئي رهيو آهي.

لکمي سکر جي مين اسڪول مان پرائيمري تعليم حاصل ڪئي. پوءِ نيو ماڊل اسڪول ۾ پڙهيو. جلد ئي ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. تنهنڪري هند ۾ اچي بنارس جي پي. اي. وي اسڪول مان ١٩٥٢ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. اوچي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بنارس جي سينٽرل هندو ڪاليج جي سائنس فئڪلٽيءَ ۾ داخلا ورتائين جتان ١٩٥٤ع ۾ مئٿس، فزڪس، ۽ ڪيميسٽري وشيه کڻي انٽر سائنس ڪيائين. سِول انجنيئرنگ جي ڊگري بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان ١٩٥٨ع ۾ُ حاصل ڪيائين. جلد ئي کيس بهار جي هڪ انگريزي فرم، بريٿويٽ برن ائنڊ جينپ ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ ۾ ريلوي پلين جي اڏاوت ڪرائڻ جي نوڪري ملي ويئي پر اتي کيس مزو نه آيو تنهن ڪري ٽي سال کن



نالو	:	منوهر نهالاڻي.
جنم	:	مٺياڻي ڳوٺ، ضلع نوابشاه.
ڇپيل ڪتاب	:	ٽي.
انعام	:	سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ ۽ گجرات ساهتيه اڪادميءَ طرفان پنج.
پيشو	:	اڊياپڪ رٽائرڊ.
پتو	:	١٠٦/اي، سردار نگر، احمداباد-٣٨٢٤٢٥.

کي دنيا جو آزمودو هئڻ ڪري گنڀيرتا وڏيڪ آهي ۽ ڪشن موج مستيءَ ۾ جيئڻ وارو رومانوي طبيعت جو نوجوان آهي. ڪشن جو مٽڻو رنگھ منچ جي هڪ سٺي اداڪاره چندرا نالي ڇوڪريءَ سان ٿئي ٿو. نئين سال جو جشن ملهائيندي ڪشن جي واقفيت ٽي اسٽال جي مئنيجر جي زال ايليزابيٿ سان ٿئي ٿي، هن جي سونهن تي موهجي حسينا جي سازش جو شڪار ٿي هوائي حادثي ۾ مري ٿو وڃي. موهن کي شڪ پوڻ تي هوُ چندرا سان ملي، لزيءَ جي ڪارگذارين تي نظر رکي ٿو. جنهن مان لزيءَ جي وديشي ملڪ جي جاسوس هئڻ جي ڄاڻ ڪين ملي ٿي. پنهنجي رمز سان جان جوکي ۾ وجهي به ٻئي ملڪ کي برباد ٿيڻ کان بچائي ٿا وٺن. ناول ۾ سيرتنگاري اثرائتي ٿيل آهي، خاص طور موهن، ڪشن راماٽي ۽ چندرا جي چرتر کي سهٽي نموني اُڀاريو ويو آهي، جنهن مان چندرا ۽ موهن جو ديش پريم لياڪا پائيندو نظر اچي ٿو. اِنتظاريءَ جي پهلوءَ سان ليکڪ سٺو نڀايو آهي. سڄي ناول ۾ اهڙيون کي سنسنيخيز گهٽنائون نٿيون ٿين جو هن کي سنسنيخيز ناول چئجي البت جاسوسي ناول چئي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اهڙو ماحول ڪٿا جي منڍ ۾ پيدا ڪيل ڪونهي.

ڀارت جيون ساهتيہ منڊل، بمبئيءَ جو ڇپايل 'امرت- امرت' ليکڪ موجب راڄنيتيءَ تي لکيل ناول آهي. هن ناول جي ڪٿا جو مکيہ موضوع آهي، اِنسان جي امرت لاءِ کوج ۽ اُهو امرت حاصل ڪرڻو آهي، اُتر هماليہ جي گرڙ کنڊ مان اُهو امرت سڀ کان پهرين ڊاڪٽر ڪيسواٽيءَ کي ملي ٿو. امرت جي تصديق ٿيڻ تي دنيا ڀر جون مهان هستيون امرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڀارت ۾ پهچي ٿيون وڃنءَ دنيا جي ٽي مهاڀاري جنگھ ڇڙي پوي ٿي. ليکڪ جي ڪلپنا کي داد ڏيڻو پوندو. پر اُها ڪلپنا هوُ راڄنيتي ماحول ڪڙو ڪري ڪنهن خاص نتيجي تي پهچڻ لاءِ ڪتب آڻي ها تہ بهتر ٿئي ها. ناول جي آخر ۾ جلمئيءَ جو درشيہ ڏيکاريو ويو آهي، لڳي ٿو ليکڪ دشاهين ٿي ويو آهي ۽ بي خياليءَ ۾ نامعلوم منزل طرف خيالن جي تِڪہ ۾ لُڙهي ويو آهي.سياست دانن جا بيان ڏاڍا لنبا ۽ بِرڪندڙ آهن.

منهنجي راءِ موجب ناول نويس طور ليکڪ اينترو ڪامياب نہ ويو آهي جو هن ڀاڻ هڪ هنڌ قبول ڪيو اٿائين تہ ناول لکڻ لاءِ زندگيءَ جو وسيع مشاهدو گهرجي ۽ اُن کي لکڻ لاءِ گهڻو وقت گهرجي. اُهو ليکڪ سڦل ناول لکي سگهي ٿو جيڪو ڦل ٽائيم رائيٽر آهي. سنڌي ۾ اجا تائين اُهو ممکن ٿي نہ سگهيو آهي.

ڪهاڻيڪار: ليکڪ ڪهاڻيڪار طور وڏيڪ ڪامياب ويو آهي جو ڪهاڻي هن جي پياري صنف آهي. هن پنهنجي رچنا

جو وجهہ مليس، اِنان لکڻ لاءِ وڏيک اُتساھہ حاصل ٿيس. ١٩٦٢ع ۾ کيس منگهارام ملڪاڻيءَ جي بہ صحبت ملي جوھوُ صاحب رٽائر ڪرڻ بعد ڪلڪتي وچي پنهنجي پٽ وٽ رهيو هو. ملڪاڻي صاحب جي رهنمائيءَ ۾ چڱو فيض پرايائين. هن جون رچنائون سنڌو ڌارا، آڪاڻي، ڪونج، هير، ساهت ڌارا، پره ڦٽي، سنگيتا، نزرانو، رچنا ۽ هندواسي وغيره ۾ ڇپجڻ لڳيون.

هرڪو ليکڪ ڪنهن نہ ڪنهن اعليٰ شخصيت کي پنهنجو آدرش بڻائي اڳيان وڌندو آهي. لکمي بہ شاعرن ۾ شاهہ ۽ شيام، ليکڪن ۾ ڪرشن کٽواڻي ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ جي لکڻين کان بيحد متاثر ٿيو آهي. ڏيهي ٻولين ۾ ٽئگور، پريمچند، بادل سرڪار، پرڏيهي ٻولين ۾ ٽالسٽاءِ، جيمس جائس ۽ چيخوف هن جا من پسند ليکڪ رهيا آهن. هنن سڀني جو سڌو اڻسڌو اثر سندس لکڻين تي ضرور رهيو هوندو.

ناول نويس :- شري لکمي کلاڻي- ناول نويس طور ڄاتو وڃي ٿو. سندس هيٺيان ٽي ناول لکيل ملن ٿا- (١) هاءِ منهنجي دل، ١٩٦٨ (٢) سازش، ١٩٧٠ (٣) امرت..امرت، ١٩٧٤.

ڪونج طرفان ڇپايل ''هاءِ منهنجي دل'' لکميءَ جو پهريون ناول آهي. بنارس هندو يونيورسٽيءَ جي اِنجنيئرنگ ڪاليج جي پس منظر ۾ بيهاريل هيءُ هڪ رومانوي ناول آهي. هن ۾ ڪاليجي زندگيءَ دوران شاگردن جي اڙٻنگاين جو ذڪر آهي. ناول جو نائڪ هڪ جاگيردار جو پٽ ڪشور موٽواڻي اِنجنيئرنگ ڪاليج جو شاگرد ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو آزاديءَ کان اڳ ڀارت ۾ اِنجنيئري پڙهڻ لاءِ اچي ٿو. ڪاليج ۾ پڙهندي، شرارتون ڪندي، شادي ڪيل هوندي بہ ٽن ٽن ڇوڪرين پوني، پوپٽي ۽ روميءَ سان پيار ٿو ڪري. پوني ۽ پوپٽي تہ ڪنهن ريت پاڻ ڇڏائي ٿيون وڃن پر رومي هن جي پيار ۾ جسم جو سوُدو ڪري ٿي وهي. نائڪ کي ليکڪ اصولن ۽ آدرشن تان ڪريل ترڪٽي دل وارو ڏيکاريو آهي، جيڪو نائڪ نہ پر کل نائڪ ٿو لڳي. ٻارهن سال اِنجنئري ۾ پڙهندي بہ بہ دفعا کيس يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ملي ٿي تڏهن بہ پڇتاو نٿو ڪري، بہ سال جيل ياترا بہ ڪري آيو تہ بہ گهر جي هن کي ياد نٿي اچي گويا هوُ نڌڪٽوآهي. اِهي ڳالهيون اسياويڪ ٿيون لڳن. ساڳئي وقت ناول ۾ آزاديءَ کان اڳ جو ماحول بہ ليکڪ اُڀاري نہ سگهيو آهي. اُٽت جي لحاظ کان ڪي ڪچايون آهن باقي ليکڪ ٻولي اِصطلاحي ۽ پکي پختي ڪم آندي آهي.

''سازش سهڻي پبليڪيشن جئپور جو ڇپايل لکميءَ جو ٻيون ناول آهي، هن ۾ ٻن دوستن جي ڪهاڻيءَ جو ذڪر آهي، هڪ ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ جو مالڪ موهن ۽ ٻيو فلائنگ آفيسر ڪشن راماڻي. موهن

گهر رهي ٿو. سريتا ننڍو ڏير سمجهي هليس ٿي مگر هوُ واسناوس وحشيانون حرڪتون ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نوڪر ڪائي ٿو.

شري لڪمي ڪلاٽيءَ جي ڪهاڻين جو ٻيون مجموعو آهي 'اڌوري رچنا' جنهن ۾ ڪُل ١١ ڪهاڻيون جدا جدا موضوعن تي ڏنل آهن. هيءُ ڳڻتڪو'اسانجو ادب' ڪلڪٽي طرفان ڇپايل آهي' هڪ اڪيلي شام' ڪهاڻيءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ ٻالپڻ جي زندگي ڪيڏي لاپرواهي ۽ مستيءَ واري هوندي آهي.'هوُ' نالي ڪردار جي ننڍي هوندي جي معصوميت ۽ هڪ طوائف زرينا بيگم جو چتر يادگيرين دوران هن ۾ چٽيو ويو آهي. 'سلسلو ٽٽڻ جڙڻ جو' ڪهاڻي گفتگو جي روپ ۾ چيل آهي جنهن ۾ هڪ ميجر ۽ ڪئپٽن ستيش جي سيرتناگاري سُني ڪيل آهي.

'اڌوري رچنا' ۾ ڄاڻايل آهي تہ ٻاراڻي اوستا ۾ سنگتراش جي سندر ڪلاڪرتي ڏسي ليکڪ بہ مهان ڪلاڪار بڻجڻ جي تمنا رکي ٿو پر پوءِ شلپڪار ڪي برين عادتن ۾ ڦاٿل ڏسي، اِهو ويچار ترڪ ڪري ٿو ڇڏي. هن ۾ شلپڪار ڪي اِهو بہ ذهن نشين ٿئي ٿو تہ ساريرڪ سندرتا ڪان آتمڪ سندرتا بهتر آهي. ڪهاڻيءَ ۾ فيصوفاڻو اظهار آهي.' پنهنجي ڳولها' ۾ بہ شلپ ڪلا تي لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪلا پريمي جوان جي ملاقات

اينگلواِنڊين ڇوڪريءَ سان ٽرين جي سفر دؤران ٿئي ٿي. ٻنهي ۾ ڀارت جي خاص طور اجنتا ايلورا جي غفائن ۾ آيل چترن ۽ پتلن تي بحث ڇڙي ٿو، جنهن موجب ڀارت جي ڪلاڪرتين ۾ جيون جي سچ ڪي اِظهاريو ويو آهي. اُن ۾ فاحش پٽي جهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي هيءَ دلچسپ نموني لکيل ڀاوناتمڪ ڪهاڻي آهي.

'فيصلو' ٻن ساهيڙين جي ڪهاڻي آهي، جيڪا آتم ڪٿا جي طرز تي اِظهاريل آهي. هن ۾ جڏهن ننڍي شهر جي ڇوڪريِ ڇوڪري سان گهمڻ ٿي وڃي اُن وقت من جي ڪهڙي حالت ٿئيس ٿي، اُن منودشا جو اثرائتو ذڪر ڪيل آهي. جيتوڻيڪ ڪٿا جو موضوع پراڻو آهي، پر گفتگو بنا سڄي ڳالهہ' مان' ڪردار دوران ٻڌائڻ جي ٽيڪنڪ نئين آهي. 'ڪنڌي ۾ اٽڪيل ساهہ' ٻن دوستن جي ڪهاڻي آهي. هڪ دل جو مريض اسپتال ۾ موٗت سان جدو جهد ڪري رهيو آهي ۽ ٻيو دوست سندس حال پڇڻ لاءِ اسپتال ۾ آيو آهي، هن ڪهاڻيءَ جي خوبي اِها آهي تہ هيءَ سڄي ڪهاڻي 'مان' نالي ڪردار جي من جي ويچارن دوران بنان گفتگو جي ٻڌائي وڃي ٿي. ٻنهي دوستن جو سوچ علحدو آهي. مريض سوچي ٿو جنهن عورت کيس پيار ڏنو سندس مرڻ پڄاڻان هن جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ ۽ 'مان' ڪردار سوچي ٿو دوست جي مرڻ بعد هن جي زال

ڪال ۾ ٦٠-٧٠ ڪهاڻيون لکيون آهن جيڪي مجموڪي صورت ۾ اچڻ کان اڳ۾ ڇپجي مخزنن ۾ لوڪ پريہ تي چڪيون هيون. منهنجي ڄاڻ موجب هن جا چار ڪهاڻي سنگره شايع ٿيل آهن، (١) رت جا داغ، ١٩٧٢. (٢) اڌوري رچنا، ١٩٧٨. (٣) بند دروازا، ١٩٨١ ۽ (٤) غفا جي هن پار، ١٩٩٣.

پارتي ساهتيہ بمبئي طرفان ڇپايل 'رت جا داغ' لکمي ڪلاڻيءَ جو پهريون مجموعو آهي. هن ۾ ڪل نوَ ڪهاڻيون آهن، جيڪي گونا گون وشين تي لکيون ويون آهن. هنن ڪهاڻين ۾ انساني ڀاونائن کي بخوبي چٽيو ويو آهي. 'رت جا داغ' ۾ شاهوڪار شاهيءَ جي وهشيانا حرڪتن جو چٽر آهي تہ ڪيئن مُجرو ڪندڙ ڪنهن عورت جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي ڪيس پنهنجي هوَس جو شڪار بڻائي، سندس انت تا آڻين. ملاڻيءَ جو ڪردار شاهوڪار طبقي جو عيوضي ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

'رڪہ جو ڍير' ڪهاڻيءَ ۾ ٻار لاءِ ماءُ جو پيار ڪيترو ضروري آهي، اُن جي هڪ تصوير آهي. ماٽيلي ماءُ وٽان پيار حاصل نہ ٿيڻ ڪري، ٻار پاڙي ۾ رهندڙ هڪ ممتامئي عورت ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي ۽ هوءَ ڪيس ننڍي ڍير وانگر پالئي ٿي.

'رڙهندڙ پٿر' ۾ هڪ سنياسيءَ جو ذڪر ڪيل آهي جيڪو ورهين جي تپسيا بعد استريءَ جي روپ ۾ اُن جي موهہ کان آجو نہ ٿي سگهيو آهي. روپ رس سڀ مايا ڄار آهي، اِهو ڄاڻندي بہ هن جو من ڀٽڪي ٿو وڃي. اُن من جي مونجهہ کي ليکڪ لفظن جي چاردواران پيش ڪيو آهي. 'مائي ڀاري' ڪهاڻيءَ ۾ ساڌن سنتن ۽ ياترين جي شيوا ۾ گذاريندڙ هڪ سڀاجهي ۽ نيڪ عورت جو چٽر آهي جنهن کي شيوا جي ڦل جي روپ ۾ سندس پٽي واپس مليس ٿو. موضوع جي لحاظ کان هيءَ رواجي ڪهاڻي آهي.

'پاجا ۽ پڙاڏا' ڪهاڻيءَ ۾ شاهوڪار طبقي جي عياشي جيون جي عڪاسي ڪيل آهي. سائڻي وقت اِهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي تہ پئسي اڳيان رشتن ناتن جو ڪو قدر ڪونهي. اِنسان اينترو بي غيرت ٿي سگهي ٿو جو پئسي خاطر پنهنجي زال کي غير مرد جي ٻانهن ۾ ڊانس ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏئي؟ هن ڪهاڻيءَ ۾ پاترن جي سيرتنگاري سُٺي ڪيل آهي. 'ممتاز' ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مسلم عورت جي تصوير چٽيل آهي. خوبصورت هوندي بہ سندس نڪاح، ڪلپنا جي بنهہ اُبتڙ هڪ بدصورت وڏي عمر واري شخص سان ٿئي ٿو. هن ۾ ممتاز جي سيرتنگاري اثرائتي ڪيل آهي، باقي ڪهاڻي روايتي آهي. 'سريتا پاپي' ڊاڪٽر چندرو ۽ سندس پٽنيءَ جي سُکي گهروُ جيون جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪشور هڪ نوجوان پينگيسٽ تي سندن

دوران چرتر هيڻ سمجهڻ سياويڪ نٿو لڳي. ’نانگ‘ هن مجموعي جي بهترين ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻين جو چوٿون مجموعو’غفا جي هن پار‘ آهي. هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻيون اڳ ۾ ئي جدا جدا رسالن ۾ شايع ٿي ليک جي شهرت کي بلنديءَ تي پهچائي چڪيون هيون. اِنهيءَ ڪري هن ڪتاب جي ظاهر ٿيڻ تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ ٻه ڏيان ڏنو ۽ سندس قدر شناسيءَ طور گذريل ٽن سالن جو بهترين ڪتاب مڃي ’غفا جي هن پار‘ ڪتاب کي ١٩٩٤ع جو ساهتيه اڪادمي اِنعام پنجويهه هزار رپيا ۽ تامرپتر عطا ڪيو.

’غفا جي هن پار‘ ڪهاڻي سنگره ۾ ين ين وشين واريون ١٢ ڪهاڻيون آهن ١. نيڪ ٽاءِ ٢. سچاٽپ ٣. ٽاريءَ تان ڇڄيل اڃا گل ٤. ماءُ ٥. ڪايا ڪلپ ٦. سونو پکي ٧. غفا جي هن پار ٨. ڪنڌ تي سوار آتما ٩. ٽاڪنگ ڊال ١٠. مادر ١١. سونو انڊو ۽ ١٢. ساٿائي.

’نيڪ ٽاءِ‘ ڪهاڻيءَ ۾ پشچمي سڀيتا ۽ يارتي سڀيتا تي روشني وڌي ويئي آهي، خاص طور پوشاڪ بابت تفاوت سمجهايو ويو آهي. ’سچاٽپ‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر جيمس جي سيرتنگاري اثرائتي ڪيل آهي. ٻئي طرف ليک جي سنڌيءَ جي ناتي، سنڌي عورت طرف همدردي ڏيکاريل آهي.

’ٽاريءَ تان ڇڄيل اڃا گُل‘ ۾ ڪلا جي پارکو پدما جو منوهر جي لاءِ روحاني پيار ڏيکاريل آهي.’ماءُ‘ ڪهاڻيءَ ۾ پٽ جو ماءُ لاءِ پيار جي سياويڪ اوسر ٿيل آهي. ماءُ جا ممتا ڀريل ڊائلاگ سياويڪ آهن. ليک سنڌي ماحول پڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.’ ڪايا ڪلپ‘ ڪهاڻيءَ ۾ اڪيلائيءَ جو احساس شدت سان ڪرايو ويو آهي. ليک جو پاڙيسري ملٽريءَ جو رٽائرڊ ڪرنل آهي جيڪو ڪنهن سان ٻه ٿه ملڻ جهلڻ ڪري پاڻ کي اڪيلو ۽ تنها محسوس ٿو ڪري ۽ پاڳل ٻڻجي ٿو وڃي.آخر پاڻ کي گولي هڻي پنهنجو انت ٿو آڻي.

’سونو پکي‘ ڪهاڻي جي ’مان‘ نالي نائڪا جي منودشا جو ورنن آهي. گهٽن ۽ ٻوسات واري گهر جي ماحول مان نڪري ڪلاڪارن جي ٽوليءَ ۾ هوءَ پاڻ کي هلڪو ٿي محسوس ڪري ۽ هن جو خالي پٽو دوُر ٿو ٿئي.’غفا جي هن پار‘ ۾ مکيه پاتر انيتا ۽ ڏرميش جي سماجڪ ڪهاڻي آهي. هڪ آزاد طبع ڇوڪريءَ جو مڱڻو، ڏرميش جيڪو هڪ تنگ مزاجي آهي سان ٿئي ٿو. ويچارن جي ٽڪراءَ ڪري هوءَ هن کي پنهنجي جيون مان خارج ٿي ڪري، ڪن سالن بعد ڇوڪرو واپس اچي ٿو پر اڳ جيان هن لاءِ ٻنڌن جون هٿڪڙيون نٿو ڪٽي اچي، مگر هن جي خواهش جو سهارو ۽ مددگار ٻڻجي ٿو اچي. هن ڪهاڻيءَ جو

ڪجھہ ڏينھن ماتم ڪري پوءِ سيڪجھہ پلجي ويندي.

’پنھنجي ڳولھا ۾‘ ۽ ’ڪنڌيءَ ۾ انڪيل ساھہ‘ مجموعي جون بھترين ڪھاڻيون آھن. ھن مجموعي تي ڪيس سينٽرل ھندي ڊئريڪٽوريٽ طرفان سال ١٩٨١-٨٢ لاءِ اِنعام حاصل ٿيو آھي.

’بند دروازا‘ ڪھاڻين جو ٽيون مجموعو آھي جيڪو آرميڪ سنڌي ساھتيہ پرچار يوجنا- پونا طرفان ڇپايل آھي ۽ اِنھيءَ ڪتاب جي دستخط تي، ليک کي سڄي ڀارت مان آيل ڪھاڻي چٽاڀيٽيءَ جي داخلائن ۾ پھريون نمبر اِنعام حاصل ٿيو آھي. ھن ڳٽڪي ۾ ڪل ١٢ ڪھاڻيون ڏنيون ويون آھن.

’شڪار‘ ڪھاڻي ۾ پرشت نيڪيدار جو ذڪر آھي جيڪو تحقيقات لاءِ آيل ڊئريڪٽر کي رشوت ڪارائي پنھنجو ٻٽائي تو ڇڏي. اڄ جي يگ سان ٺھڪندڙ ڪھاڻي آھي. ’نانگ‘ ھڪ گھرو سماجڪ ڪھاڻي آھي. زالن ۾ ڀرم، وھم سنسا گھڻا ٿيندا آھن. ھن ۾ بہ ھڪ اھڙي عورت لاجوءَ جي ڳالھہ آھي، جنھن کي گھر جي ڪٻٽ ۾ نانگ ھئڻ جو وھم غالب پئجي ويو آھي.جيڪو پتيءَ جي جدا جدا طريقن سان سمجھائڻ کان پوءِ بہ دوُر نٿو ٿئي. ڪھاڻي گھڙت جي لحاظ کان پختي ۽ اِنتظاريءَ جي پھلوءَ واري آھي.

’بند دروازا‘ اِنسان جي سھڻ جي قوّت ڪنھن سيما اندر ٿيندي آھي. ڪنھن استري ليکڪا جو پنھنجي گھر ۾ ليکڪن جو ميڙ ڪونائي محفلون ڪرڻ، ليکڪن سان ڪچائتو ٿيڻ، گھر طرف لاپرواھہ رھڻ، اِھي ڳالھيون پتيءَ کي نٿيون وڻن ۽ ھوُ نراشاوس کيس ڇڏي ھليو تو وڃي. ڪھاڻيءَ جي اُڻت سُٺي آھي.

’لھڻي جو خواب‘ ھڪ ھوٽل ۾ ڪم ڪندڙ ٻار جي پيڙا جي ڪھاڻي آھي. ھوٽل ۾ ڪم ڪندي کيس ڪيترين پريشانين جو مقابلو ڪرڻو تو پوي ۽ مالڪ جون گاريون ڏار تو کائي. اُن جھنجھٽ کان آزاد ٿيڻ لاءِ ٻارن جي دنيا جو خواب تو لھي. ھن ۾ لھڻي ڪردار جي سيرتنگاري اثرائتي ڪيل آھي.

’غشي ڪاڏل چيتنا‘ ڪھاڻي’ ھن‘ نالي ڪردار سان شروع ٿئي تي جيڪو نئينءَ مسواڙي جاءِ ۾ وڃي وھي تو. اُتي سندس سڄاڻپ ٻين سان گڏ نمائي نالي اڏ وحشي اِنسان سان ٿئي تي. ليک اُن جھنگلي اِنسان جي بيوسي واري جيون جو چٽر سھڻي نموني چٽيو آھي.’ٻاھر نڪرڻ جو رستو‘ ڪھاڻيءَ ۾ ھڪ وڌوا عورت جي زندگي ڏيکاريل آھي. سماج ڪيتري نہ ظالم آھي جو وڌوا عورت کي نہ رنگين ڪپڙا پائڻ جو حق آھي نہ ڪنھن پرش سان کلي ڳالھائڻ جو. ھن کي ھر وقت سماج جون شڪي نگاھون گھوريندي يون رھن ٿيون. پاڪ چرتر واري گيتا کي ڪمل


ڪارگل تي ڪاهه، سنڌ تي ڪاهه

لڇمڻ ڪڪريجا 'مسافر'

اسلام جا پوڄاري سٽري هار نه کائيندا آهن. هنن جو هڪڙوئي مقصد اتهاس ۾ به رهيو آهي، ''ورائي ڪوشش ڪر''. ۽ هو ان ڳالهه ۾ شرم محسوس ڪونه ڪندا آهن. 'هو مار کائي وري ڀڄي ويا، هو پني ڏئي ڀڄي ويا' هو وري ايندا آهن، وري وري ايندا آهن. پر ايندا ضرور آهن. کهڙا به طريقا اپنائي ڪاهون ڪندا آهن. حملا ڪندا رهندا آهن. مڙندا ڪونه آهن. وري وري منهن ڪڍندا آهن، وري وري منهن ڏيکاريندا آهن ۽ ائين آخر جيت حاصل ڪندا آهن. ڀارت، اسان جو ملڪ ڪمزور ڪونهي. ڀارت ۾، اسان ڀارتواسين ۾، اسان هندن ۾ ڪمزوريون آهن. جن جو هي حملاور ڏيري ڏيري اڀياس ڪري ڪمزورين کي حاصل ڪن ٿا ۽ حملا ڪندي آخر جيت حاصل ڪن ٿا. اهو اُنهن جي دماغ ۾ به ائين آهي. مسلمان هميشه سنڌ کي باب - اسلام (هندستان جو) ڪري مڃيندا آهن. يعنيٰ ته هندوستان ۾ اسلام جي گهرڻ جو پهريون دروازو سنڌ آهي، اهو باب - اسلام سنڌ ڪيئن ٿيو. اچو ته ڏسون.

هار کائڻ کان پوءِ به مسلمان ڪونه مڙندا آهن. ڇو نه مڙندا آهن، اُن لاءِ ڪي سبب اڳتي هلي ظاهر ٿيندا پر ور ڪاهي اچڻ، ان سبب لاءِ هو هميشه ڪمزوريون ڳوليندا آهن. جيئن تازو ڪارگل وقت اُنهن ڀارت جي ڪمزوري ڳولهي ۽ ڪارگل ايراضيءَ جون سڀ چوٽيون والاري وڌائون. هي ته ايشور جي مهرباني سان آپريشن وجيه ''وجيه پاتي'' پر پاڪستان مڙندو ڪونه، 'اِهو مان ڪونه ٿو چوان، اِهو عام رايو آهي. ۽ آد کان وٺي اِسلام جي پوڄارين مار کاڌي آهي. وري واپس وقت گذرندي وڏا لشڪر ڪاهي وڏيون تياريون ڪري ڪاهي آيا آهن. ۽ انت ۾ چالاڪيون ڪري، هندن جون ڪمزوريون جاچي فتح پاتي اٿن.

شري وديادر ايس. نئيپال
''سنڌي'' هفتيوار ١١-١٧ آگسٽ ١٩٩١



نالو	:	لڇمڻ ڪڪريجا 'مسافر'.
جنم	:	ٻڙهي ياسين، سکر، ١٦.١٠.١٩٣٥.
ڇپايل ڪتاب	:	١١.
پيشو	:	ايڊيٽر 'ڪرڻو' مخزن (ٽماهي).
پتو	:	٢١-بي/٢٢٥، نوان بلاڪ، ڪڪريجا پبلشنگ هائوس، سنڌو نگر-٢٢١٠٠٥.

مؤل مقصد آهي، ڇوڪرين جي ڪلا جو قدر ٿيڻ گهرجي.

'ڪنڌ تي سوار آتما' سماجي ناچي پيٽي ۾ اُٽيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ نائڪ رميش جو آنترڪ سنگهرش ڏيکاريل آهي. اِنسان حالتن وس ڪيئن نہ بيوس بڻجي ٿو وڃي. 'ٽاڪنگ ڊال' بئنڪنگہ جو ڪم ڪندڙ هڪ شاهوڪار ڪيولرام جي گهر جي ۽ ڪجهہ زندگيءَ جي جهلڪ ڏيکاري ويئي آهي. شهنشاهي ناٽ هوندي بہ غصي ۾ دل جو دؤرو پوڻ تي بيوسي وچان هن جي حالت ٽاڪنگہ ڊال جهڙي ٿئي ٿي جنهن جو چرڻ پرڻ بند ٿي وڃي ٿو. هن ۾ ليکڪ جيون جي ڪوڪلائپ جو هڪ درشيہ پسايو آهي.

'مادر' ڪهاڻيءَ ۾ وڏي شهر جي هڪ وئشيا جي ڪهاڻي :آهي جيڪا پنهنجي ڌنڌي جي آوڙت سان ڪنهن بہ اگهہ تي گراهڪ ڦاسائڻ لاءِ مجبور آهي. تصوير جي ٻئي پاسي راڄنيتيءَ جو ڊونگہ رچائيندڙ هڪ ليڊر جو چٽر چٽيل آهي، جيڪو حوس جي انڌ ۾ جهنڊي کي ريلنگ مٿان پردي طور ٿو اٽڪائي. ليڊر پنهنجي قومي چرتر تان ايتري قدر ڪري سگهن ٿا اِها ڳالهہ ڇاڻائي ليکڪ سچ پچ ڪهاڻيءَ ۾ نئين مفهوم کي آندو آهي. 'سونو انڊو' ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي تہ هڪ عورت پدم شريءَ جو خطاب پائڻ کان پوءِ بہ پنهنجو دامن ملامتن کان آجو نٿي رکي سگهي. عورت ذات جي سازش جو شڪار ٿيڻ ڪري گُهٽ ۽ ٻُوسات ۾ پري محفل ۾ پاڻ کي اڪيلو ٿي محسوس ڪري.'ساڻائي' ۾ ڪهاڻيءَ جو مکيہ نائڪ تيرٿداس ڌنڌي مان رٽائر ٿي، سنسار جون جوابداريون پوريون ڪري، هوُ ايشور جي آراڌنا ۾ لين ٿي سمرٽي سوريندي هڪ عجيب ساڻائيءَ ۾ گهيرجي وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ جو موضوع رواجي آهي پر نياءُ جي خيال کان ڪهاڻي رُتبي واري آهي.

منهنجي راءِ موجب هن مجموعي جون 'غفا جي هن پار' ۽ 'ڪنڌ تي سوار آتما' بهترين ڪهاڻيون آهن. جيتوڻيڪ ڪن پاڻکن ۽ نقادن'ماءُ' ۽ ٽاڪنگ ڊال' ڪهاڻيون وڌيڪ پسند ڪيون آهن.

ڪجهہ بہ هجي شري لکمي ڪلاڻي نئين ڌارا جو ڪامياب ڪهاڻيڪار آهي. هن جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ڪانسواءِ هندي،بينگالي، گجراتي، مراٺي، اُردو، ڪنر، تيلگو، مليالم ۽ انگريزي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن. اُميد تہ سندس قلمي ڪاوش اجا بہ جوش خروش سان ڏڪيل ڏسڻ/پڙهڻ لاءِ ملندي.

فقط هڪ دل کي راحت ڏيندڙ ڏند ڪٿا''فتحنامو'' آهي. هي فتحنامو عرب ۽ مسلم جي وڏائي جي آکاڻي آهي. ٥٠٠ سال پوءِ لکي ويئي ۽ توڙي اڃا منگول ڪهراڻا هئا. مذهب اڃا قايم آهي. اُن ڳالهه ۾ ڪوبه نئون ۽ سنو سنسڪار ڪونهي. ڪنهن چريتر جي ڪنڊ ڪونهي ته انهن سنڌ جي هڪ وڏي سامراجيه کي ناس ڪيو.''

مسلم حملاورن کي مندرن جي لوُٽ مان ملڻ وارو ڌن، هيرا، جواهرات ، سون ۽ چانديءَ جا جيڪي تفصيل مسلم ليکڪن جي ڪتابن ۾ ملن ٿا، اُهي تفصيل اُن ڳالهه جو ثبوت آهن ته انيڪ مندر پارت جي رزرو بنئڪ وانگر هئا. اُنهن جي ايتري شاهوڪاري ئي هند ئي سنڌ جي تباهيءَ جو ڪارڻ رهي آهي. مندرن جي شاهوڪاريءَ جي جهلڪ هيٺين تفصيلن مان ملي ٿي.

□ محمد بن قاسم کي هڪ مندر مان سون جي هڪ مورتي ملي جا ٢٣٠ مڻ پاري هئي. ديگين مان ١٣٢٠٠ مڻ سون نڪتو. هي سڄو سون دمشق پهچايو ويو(آئينا-حقيقت، نئون، باب پهريون، اڪبر شاهه نجيب، صفحه ٩٢).هي ڪجهه توڙي ۾ تفصيل آهن. جن مان پلي پانت اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ جي مندرن ۾ ڪيترو ڌن ڪنو ڪيل هو. اڄ به ترِوپتي (ڏکڻ هندستان ۾) جهڙا وڏا وڏا مندر آهن. جن جي بجيت ڪروڙن ۾ آهي ۽ ائين هڪ هنڌ ڪٺي ڪيل ايترو ڌن دولت ڏسي ڪنهن جو نه من للچائيندو. اُنيِ ڪو وڏاءُ ڪونهي.

□هندن کان سواءِ ٻين کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ '' يوَن '' شبد آهي. اُن ڪري سڪندر اعظم ۽ سندس لشڪر کي يوناني سڏيو ويو. توڙي اُنهن کي گريڪ لوڪ به سڏيو ويندو آهي. هيءَ ته ڳالهه ٿي عيسيٰ کان اٽڪل ٣٢٦ سال اڳه جي. '' يوَنَ '' جو سنسڪرت گرنٿن ۾ مطلب آهي، اُهي جيڪي هڪ هزار چنڊالن جي برابر جڏهن ڪِ هڪ چنڊال کي اپوتِر ڪري ليکيو ويو آهي ۽ ڪيس مندر ۾ گهرڻ جي سخت منع آهي ۽ سندس صرف ڇهاءَ سان مندر اڇوت ٿيو پوي ته اُتي هڪ ''يوَن'' جي ڇُهاءَ سان مندر جي ڇا حالت ٿي هوندي. اِهيئي ۽ اهڙيون ئي گهٽڻ ئي قسمن جون هندن ۾ خرابيون آهن ۽ اُن وقت به هيون. جنهن ڪري اُنهن رزروِ بئنڪ نمان مندرن کي پنهنجو پاڻ لٽيرن جي حوالي ڪرڻ پل پوءِ گريڪ يا مسلمان هجي يا ڪو ٻيو '' يوَن''. پر اپوترجو ٿيو، ڇو ته هڪ هزار چنڊالن جي برابر جي جو ٿيو. اُن ڳالهه مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مندرن جي ڪهڙي حالت ٿي هوندي. قُرلُت ٿي هوندي، ٿوڙ ڦوڙ ٿي هوندي! اُنهن هندن جي ڪمزورين ۽ اوڻاين ڪري ڇڻ عربن کي دعوات نامو مليو ته اچي ڪاهه ڪريو ۽ لٽيو ۽ ڪٽو.

هن چند چاڻ ڪرڻ کان پوءِ ٻن ڳالهين جي ڄاڻ پوي ٿي. هڪ ڌن دولت ۽ ٻيو ڇوت ڇات جهڙا انڌوشواس ۽ اُنڪانسواءِ ٻيا به ٻين قسمن جا انڌوشواس جي گهٽڻ ئي قسمن جا هئا. جن عوام جي ٻرڪوشش ونڻ کي به گرهڻ لڳائي ڇڏيو. هيٺين اهڙن ڪجهه انڌوشواس جي به مکيه ڪمزوريون هيون ورڻن ٿو ڪجي.

□ سن ٧١١ع ۾ جڏهن محمد بن

واري پرچي ۾ پنهنجي هڪ رچنا ’پريان منارا‘ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو.

” (اِسلامي) مذهب ماضي کي لڙي ڇڏيو ۽ جڏهن ماضيءَ کي ائين ڪڍيو ويوته اِتهاس کي ڀاري ڌڪ لڳو. اِنساني وهنوار ۾ سڀني وهنوار جا ويچار وڌيڪ ڌڪ کائيندا، مان جڏهن پاڪستان ۾ هوس، اخبارن ۾ اهڙيون رچنائون ۽ رپورٽون اچي رهيون هيون جيڪي عربن جي سنڌ کٽڻ جو ساليانو جشن منائي رهيون هيون. ڀارت اُپ کنڊ جو هي پهريون ڀاڱو هو جنهن کي عربن کٽيو هو. اهو عيسيٰ کان پوءِ اٺين صدي جو شروعاتي دور هو. سنڌ سامراجيه - هڪ اٿاهه ايراضي تائين ڦهليل هو. جنهن ۾ افغانستان جو ڏاکڻو اڌ اچي پئي ويو. ڏاکڻو اڌ پاڪستان به اچي ٿي ويو. اُن وقت هندو- ٻوڌي سامراجيه هو. برهمڻ سچ پچ ٻاهرين دنيا کي ڪونه سڃاڻو هو. ٻوڌي وري ٻئي جي جان وٺڻ ۾ وشواس ڪونه رکندا هئا. هيءُ هڪ اُهو سامراجيه هو جو ڄڻ اُن انتظار ۾ ويٺو هو ته ڪو اچي ۽ کيس کٽي. جو عربن جي ڳادي هي هنڌ کان ڪافي پري هو. اٿاهه بيابان پار، ڇهه ست دفعا حملا ڪيا ويا.

آخرين سنڌ جي فتح عراق کان پيرين پنڌ شروع ٿي. جنهنجو وڏو هو، حجاج، جو عراق جو گورنر هو. مان پڪ ٿو ڏيان ته هو ڀاڳوان هئا. عربن جو سنڌ کٽڻ جو اِرادو ۽ هيءَ جيت اُن وقت ئي ويچاري ويئي هئي. جيئن ئي هن مذهب پير پختا ڪيا، فتح ڪرڻ مقصد هميشه اهو ئي رهيو آهي. ”ٻانها ۽ ڌن“ نه ڪِ اسلام جو پرچار، ۽ جڏهن آخر ۾ حجاج کي سنڌ جي راجا جو سر مليو ۽ گڏو گڏ سنڌ جا ۲۰۰۰۰ هزار سنڌي ٻانها ۽ سنڌ جي لوٽ مان پنجون حصوجو دين جي اصولن موجب مقرر ٿيل هو هن پنهنجو مٿو ڌرتيءَ تي رکيو۽ خدا جي شڪردائي لاءِ سجدا ڪيا ۽ ٻه دفعا نميو اهو خدا کي چوندي ”مونکي اُهي سڀ خزانا مليا آهن. کليل يا پوريل ۽ ٻي ملڪيت ۽ دنيا جي بادشاهت، ڪوفعا جي شهر ۾ هڪ مشهور مسجد هئي. حجاج اُتي ٻه ماڻهن کي سڏايو. اُتان هن اُنهن کي ٻڌايو، ”خوش خبرون ۽ خوش نصيب سيريا ۽ عربستان جي ماڻهن کي جن کي مان سنڌ جي جيتڻ تي مبارڪون ٿو ڏيان ۽ اٿاهه خزاني جي حاصلات تي پڻ. جنهن کي ڏٺي سڀوري مهرباني سان توهان مٿان وسايو آهي.“

مان هي حوالو ۱۲ صديءَ جي فارسيءَ ۾ لکيل ڪنهن ڪتاب جي ترجمي مان ٿو ڏيان. جنهن جو نالو آهي چچنامو. هيءَ ئي هڪ ڏارا آهي جا مکيه طرح سنڌ کي فتح ڪرڻ جي باري ۾ ٻڌائي ٿي. عجب اِن ڳالهه جو آهي ته اَڄ ڪلهه جو ڄڻ لکيل پيو لڳي ڇو ته سنو ۽ تڪڙو ٻڌايل آهي. جنهن ۾ وڻندڙ وستار ۽ ڳالهه ٻولهه آهي. هي (چچنامو) خطرناڪ ڪهاڻي ٿو ٻڌائي، اُن ڪوس ۽ خزاني جي ڦُرلُٽ جي،عربي لشڪر کي هٿي ڏني ويئي ته پل ڏينهن جا ڏينهن ڪوس جاري رکي ۽ سنڌ جي هر هڪ شهر جي هار کان پوءِ هٽ ڪيل ڦُرلُٽ جو مال سپاهين ۾ ورهايو ويو ۽ اُن ڦُرلُٽ جي پنجين پتي خليفي لاءِ پاسيري رکي ويئي. پر فارسي ليکڪ لاءِ - آکاڻي جا فتح جي ۵۰۰ سالن کان پوءِ لکي ويئي-

دور درشن

ماستر گيلارام رائچنداڻي

دور درشن جي ڪري نئي پيڙهي - نوجوان اڪثر پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي پرشٽ مارگ تي تڪڙو هلي رهيا آهن. اِهو بہ سچ آهي تہ نوجوان پيڙهيءَ کي دور درشن نرڪ جي طرف ڌڪي رهيو آهي. اُنهن جا قدم ڀهڪاءَ ۾ وڌي رهيا آهن. وين چئلينن تي پارنپريہ سنسڪرتي، سڀيتا ساهتيہ، ڪلا، سوديشپٽي، آچارن - ويچارن، ڀهراوَ، ريتين - رسمن، واپار وڻج وغيره هر هڪ وشيہ تي هر گهڙيءَ آڪرمڻ تي رهيا آهن. اِهي حملا ڪجهه پنهنجي ديش واسين ۽ ٻيا انيڪ وديشي سوارٿي ملڪن جا آهن. انهن شڪايتن ۽ ڳالهين ۾ ڪجهه ڪافي وزن آهي. جنهن ڪري اِهي دور درشن جي پرياوشالي چڪر ۾، پرم ۾، جڪڙجي وچتر ڪاريہ ڪري رهيا آهن. جن مان ڪجهه شرمناڪ بہ ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

پر اُنهيءَ مان ٻڃي پڇي پاسو ڪجي يا ڀلاين ڪري هليو وڃجي. اِهو نيڪ نہ آهي. اِنهيءَ جو ٻيو پاسو بہ ڏسڻو آهي. جنهن کي نظر انداز ڪرڻ ڏکيو آهي ۽ نہ ڪرڻ گهرجي. هر هڪ چيز، ڳالهہ، پرستتي، پدارٿ ۽ ويچار جا بہ پهلو هوندا آهن. هڪ پازيٽوِ ۽ ٻيو نيگيٽوِ. فائدي واري پاسي کي سوگهو جهلي واڌارو-سڌارو ۽ پلو ڪبو آهي. ٻئي نقصان واري طرف کي خبرداريءَ سان ڇڏي ڏبو آهي.

ٽي-ويءَ مان فائدا بہ آهن تہ نقصان بہ آهن. ٻاهہ، لائيٽ ۽ هٿيارن وغيره مان سياڻا ماڻهو لاڀ پرائيندا آهن. ٻاهہ مان روٽي پچائين، لائيٽ تي گاڏيون ۽ ڪارخانا هلائين. هٿيارن سان ديش جي سنڀال ڪري رڪشا ڪن. ٻيءَ صورت ۾ لاپرواهي ۽ غلط استعمال جي ڪري پاڻ، سماج ۽ ديش کي



نالو : گيلارام رائچنداڻي.

جنم : ڳوٺ-ٻلال، مورو ضلع نوابشاهہ، ١٦.١١.١٩٣٠.

پيشو : رٽائرڊ هيڊ ماسٽر.

پتو : ٢٧٦/٢٦-اي، نوسنت هردا رام، ٻئراڳڙهہ، ڀوپال.

قاسم سنڌ تي حملو ڪيو تڏهن اهڙي ڪا حالت پيدا ٿي جو محمد بن قاسم توبهه ڪئي ۽ پڇ پائي ڀڄڻ وارو هيو. پر اُن مهل ڪنهن جاسوس اچي ڪيس ٻڌايو ته سنڌ وارن جي جا مکيه ڪمزوري آهي سندن انڌوشواس، سو آهي ديويءَ جي مندر جو جهنڊو. جيڪڏهن اِهو جهنڊو ڪهڙي طرح به ڪيرايو ويو ته هندو سينا ڀڄي ويندي. محمد بن قاسم اِئين ئي ڪيو ته سندس ٿيڻ واري هار جيت ۾ بدلجي ويئي. ڇو ته جهنڊي کي ڪرندو ڏسي ڪري سنڌ جي هندو سينا هن انڌوشواس جي ڪارڻ وٺي ڀڳي سمجهائون ته ديوي اُنهن تي ناراض آهي. اُن ڪري ڇا ٿيو ته مندر نه فقط هندن جي جيت هار ۾ بدلي ڇڏي، ماڳهين سنڌ کي ڀارت ۾ اسلام جي اچڻ جو دروازو ناهي ڇڏيو، ۽ پاڪستاني سنڌ کي اڄ به بابِ اسلام چوندا آهن.توڙي حقيقت ۾ محمد غوريءَ ئي هو جنهن اسلام جي ڀارت ۾ پيڙهه پختي وڌي.

□ هن واقعي کان به صديون پوءِ يعنيٰ ته سن ١٩٥١ع ۾ ال استوري لکيو آهي ته ملتان ۾ هڪ مورتي هئي جنهن جي پوڄا لاءِ دور دراز نگرن کان هر سال جهجهي انداز ۾ هندو ايندا هئا. جڏهن ملتان جي عربن تي هندو حملا ڪندا هئا يا وري اُنهن سان جنگ ڪندا هئا. تڏهن اُهي عرب اُن مورتيءَ کي اڳتي ڪري مورتيءَ کي ڀڃڻ جي ڌمڪي ڏيندا هئا يا جلائي ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏيندا هئا. اُن ڪري هندو واپس هليا ويندا هئا. اُن مان ظاهر آهي ته هندو اُن انڌوشواس جي ڪري موٽي ويندا هئا ته جيڪڏهن ڀڳوان جي مورتي ڀڄي پيئي ته انرٿ ٿي ويندو. هندو ڌرم جو پڇ ڪٽجي ويندو. اُنهن اهو سوچڻ جو ڪشٽ ڪونه ورتو ته جيڪڏهن مورتي ٽوڙڻ جو پاپ اصلي لڳندو ته اُنهن مورتي ڀڃيندڙن عربن کي ۽ نه هندن کي، پر جڏهن عقل تي انڌوشواس جو پڙدو چڙهيل هوندو آهي ته اهڙي ڳالهه سوچڻ ته دور رهي ماڳهين خواب ۾ به نه اچي هونءَ به نه چوندا آهن،''وناش ڪالي وپريت ٻڌي.''

□ تازو به ائين ئي ٿيو، پاڪستان جي حاڪمرانن ڀارت جي اُن ڪمزوريءَ کي تاڙي ورتو ته گذريل گهڻن سالن کان ڀارتي برف جي ڪرڻ ڪري هر سال سيپٽمبر کان اپريل تائين ڪارگل، باٽلڪ وغيره ايراضين کي ايشور آسري ڇڏي وڃي وادين ۾ شُڪي ٿا ٿين ۽ ڀارتين جا بنڪر وغيره اهڙي طرح لاوارث ٿا رهن، اچي والاريائون ۽ وري گذريل مئي مهني ۾ جنگ ڇيڙي. جنهن ۾ پاڪستاني پڇ پائي ظابطي جي ليڪ کان پنهنجي پاسي ڀڄي ويا. هيءَ پاڪستان جو پنجون دفعو حملو هو.

سن ١٩٧١ع ۾ به ڀارت جي بيپرواهي ڪري پاڪستان اوچتو هوائي حملو ڪيو ۽ سندن هوائي جهاز ويندي گواليار تائين لنگهي آيا، اهي ئي ڪمزوريون آهن جو دشمن هميشهه تاڙ ۾ تو رهي. ۽ ڀچاڙيءَ ۾:

'' تاريخ مان جي سبق سکياسي،
پڪ هارائيندو پاڪستان.
انهاس اسانجو آئينو آهي،
ڏسو آئينو پنهنجو پاڻ.''

فساد ڪرائي قومن ۽ ملڪن ۾ لڙايون ڪرائي. پر اِهائي زبان منڙي دشمنن کي ملائي، قربدارن کي قائم دائم ڪري، پراون کي پنهنجو ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح اسان کي منڙي زبان سان ڪم وٺڻ گهرجي. سنائي ڪندڙ سندر، وٽندڙ، ڀلائي ڪندڙ پروگرام ڏسڻ گهرجن، ڏيکارڻ گهرجن ۽ ٻڌڻ گهرجن. باقي خلافت ۽ خرابي ڪندڙ پروگرام نه ٻڌڻ گهرجن نه ڏسڻ گهرجن نه وري ڏيکارڻ گهرجن. اِنهيءَ ۾ ئي سيني جي ڀلائي آهي.

اسين جڏهين چريتر، وقت، اڪيون، ڌن ۽ شڪتي فلم اِنڊسٽريءَ ۾ لڳائي رهيا آهيون ته پوءِ هرويرو ٻاڙ کي ۽ نئي پيڙهيءَ کي خراب خوار ڇو ڪريون؟ نقصان ڇو سهون؟ قوم کي ڇو ڪيرايون؟ سماج کي ڇو بدنام ڪريون؟ اِنهيءَ ڪري اچو ته سڀ ملي ڪري، پنهنجا پنهنجا فرض پاليون ته پڪ سمجهو ته دوردرشن اڄ اسان لاءِ، جو پتن جو ڪارڻ بڻجي رهيو آهي، اُن کي وردان ۾ بدليون.

گهرن جي پاتين کي اهو ڏسڻو آهي ته اسان پنهنجن ٻارن کي ڪهڙا درشيه ڏيکاريون ۽ ڪهڙا نه. سکيادايڪ ۽ ٻيو ناليج وڌائڻ وارو ڪاريه ڪرم ڀلي خوشيءَ سان ڏيکارجي. پر ٻئي واهيات پروگرامن تي ڪڙي نظر رکجي. اهڙو پروگرام ٻاڙ نه ڏسجي جيئن اسان جي آدرش جو ٻارن ۽ سماج تي اثر پوي. نئي پيڙهي ٻاڙ غلط رستو نه وٺندي.

فلمي ڪلاڪارن ۽ فنانسرس کي به پنهنجي لوڀ لالچ ۽ هبچ کي ڀاسيرو رکي سماج-ديش ۽ اِنسانيت لاءِ ڪجهه تياڳ ڪرڻ گهرجي. اُنهيءَ ۾ ئي ٻين سان گڏ سندن به فائدو ۽ لائقي آهي. اُنهن مان ڪن جو چوڻ آهي ته مار-ڪاٽ، هنسا، اُگهاڙپ جو مصالعو نه وجهبو ته فلم اِنڊسٽري نه هلي سگهندي. سندن اهو ترڪ صحي نه آهي. ڏسڻ ۾ ايندو ته سماجڪ، ڌارمڪ، اتهاسڪ ۽ گهرو ۽ سنسڪارت پئدا ڪندڙ فلمون ٻاڙ وڌيڪ ڪامياب هليون. رامائڻ، مهاڀارت، اوم نمهه شوايه ۽ ڪئي ٻيون پڪچرس ڪيترا مهنا ۽ سال هليون. پئسا به جام ملين. نالو به ڪمايائون. همٿ تي مردان، مددي خدا. ٻاڙ ۽ نئي پيڙهيءَ جي صدقي سچائي ڏيکاري. ڪلا کي نغاري همٿ ڏيکاريون ته اِنسان ذات جو ڀاڳ اوچو ڪري سگهجي ٿو. هر ڪيتر جي جاڳرتي ۽ نرماڻ ڪري ڪلاڪار پنهنجي عزت، مان، شان ۽ قابليت کي چار چاند لڳائي سگهن ٿا،ءِ اهو سندن فرض آهي جو هنن کي پالٽو پوندو. جهڙيءَ طرح ٽي وي ۽ ميڊيا ڪارگل لڙائيءَ وقت ديش ڀڳتي جاڳائي ديش جو ڀاڳ اوچو ڪيو. تهڙيءَ طرح اڳتي

خطرناڪ اسٽتيءَ ۾ پهچائي ڇڏين. حادثا ۽ نقصان پهچائي انسان ذات جو اگر تگر ناس ڪيو ڇڏين.

تنهن ڪري دوردرشن جي ٻنهي پهلن تي سوچ ويچار ڪري اُن جي ڪمين پيشين ۽ نقصان کي روڪڻو آهي ۽ ان جي شڪتيءَ مان گيان وگيان جو فائدو وٺڻو آهي. ٻگاڙجڻ کان بچڻو آهي. نئين پيڙهيءَ کي اُنهيءَ ڦير مان ڪڍي پنهنجي سماج کي سڌارڻو آهي. دوردرشن جي ذريعي هر هڪ ڪيتر ۾ ڪيئن وڌڻو آهي ۽ ان مان جيون کهڙي طرح ناهڻو آهي، اُن تي ڌيان ڏيڻو آهي. ٻيءَ حالت ۾ پتن ٿيڻ ۾ دير ڪانهي.

مهاتما گانڌي چوندو هو تہ ” ڪوڙ، برائي، نندا وغيره خرابيون نہ ٻڌو، نہ ڏسو ۽ نہ چئو.“ اِنهيءَ چوٽي ۽ سڌانت کي خبرداريءَ، هوشياريءَ ۽ سياڻپ سان اپنائي، ٽي ويءَ جو سد اُپيوگہ ڪنداسين تہ اُن مان ڪافي ڪجھہ پرائي پاڻ، سماج ۽ ديش کي ترقيءَ جي راهہ تي پهچائي سگهجي ٿو. ارٿات جن ڳالهين، درشين، جهڙوڪہ اجائي مار ڪُٽ، بي هودي سيڪسي اُگهارپ، اخلاق کان ڪيرائيندڙ درشيہ ۽ ڊائلاگہ، هنسا، سنتن ۽ مهاتمائن لاءِ اپمان جنڪہ گفتا. سماج-ديش کي ڪيرائيندڙ سين؛ جنهن بہ فلم وغيره ٽي وي ۽ ٽاڪيزن ۾ لڳل هجن، اُنهن کان پاڻ ۽ ٻارن کي بچائڻ گهرجي. اُنهن سينن جي خلاف آواز هر مورچي تي اُٿارڻ گهرجي. اهڙين فلمن، ٽاڪيزن، ٽي سگهي تہ اُن ۾ ڀاڱہ وٺندڙ مکيہ ڪلاڪارن جو هر طريقي، هر نموني يعنيٰ سماجڪہ ڪورٽ ڪچهريءَ ۾ مقابلو ڪجي. سينسر بورڊ ۽ سرڪار جي خلاف آندولن ڪڙو ڪجي. مٿين خرابين کي وڌائڻ وارن جو سماجڪہ استر تي بہ ٻهشڪار ڪرڻ گهرجي. جيئن هنن جي ويچارن ۾ ڦيرو اچي. دوردرشن يا فلمن مان خراب يا سنو ٿيڻ پنهنجن هٿن ۽ سماج جي وس ۾ آهي. باقي ڌارين کي ڏوهہ ڏيڻ اجائي آهي.

اڄ اِهو هلڪو ۽ ننڍو پردو سوچنا، سکيا، وندر، گيان - وگيان، سماجڪہ جاڳرتي، ڌرم جا سڌانت ۽ سُنايون، ديش ڀڳتي پئدا ڪرڻ، چريتر بنائڻ، واپار-وڻج وڌائڻ وغيره انيڪ وشين جو ماڌيم يا ساڌن آهي جنهنجي سدا اُپيوگہ سان سنسار جي ملڪن ۾ پاڻ کي عزت ۽ آبروءَ سان ڪڙو ڪري سگهون ٿا.

چوندا آهن تہ زبان آهي ننڍڙي پر آهي وهہ جي ٻنڊڙي. اِهائي زبان ڇانوَ ۾ وهاري ۽ اهائي زبان اُسَ ۾ وهاري. زبان گ ندي آهي تہ ڪيترا مٽ-مائٽ، دوست- سڄڻ جدا ڪرائي. ڪيترا جهيڙا- جهٽا

شاه جي رسالي ۾ مانوتا

نارائڻ محبوباڻي

خانداني سنسڪارن جو اولاد تي اثر رهي ٿو، اِها ڳالهه مهاڀارت جي زماني کان ئي سِڌِ آهي. ايمنيو جو چڪرويوه ۾ گهڙي وڃڻ اُن ڳالهه جو پڪو پرماڻ آهي.

شاه عبداللطيف کي به شاعري ورثي ۾ ملي هئي. هو چمندي چام هو. سندس ڏاڏو شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو به سٺو شاعر ٿي گذريو آهي.

شاه نه صرف سنڌ جو سرتاج شاعر، پر هڪ الله لوڪ سچو فقير به هو. سندس رسالي ڏانهن نظر ڦيرائبي ته اُن ۾ مانَوتا کوٽان کوٽ ڀريل نظر ايندي. سندس هڪ هڪ بيت مان انسانيت لِيا پائيندي ڏسبي. اِنساني من جي هر مرض جي دوا اُن ۾ موجود آهي.


ننڍپڻ کان ئي سندس لاڙو پڙهائيءَ ڏانهن نه رهيو. انساني سُڀاءَ جو اِهو موڙ کهڙي سهڻي نموني چٽيو اٿائين:-

اکر پڙه الف جو- ورق سڀ وِسار
اندر لڦن اجار- پنا پڙهندي ڪيترا؟

سيد خاندان ۾ پئدا ٿيو هو. جوانيءَ ۾ پيرُ پاتائين ته هڪ ڏينهن پٽس ناچاڪائيءَ سبب ڪيس، ارغون مرزا مغل بيگه جي ڌيءُ کي جهاڙ ڦوڪ ڪرڻ لاءِ موڪليو. ڇوڪريءَ جو حُسُن ۽ جمال ڏسي شاه پنهنجي سُڌِ ٻُڌِ ڀلائي وينو. بي ساخته سندس وات مان نڪري ويو:-

جنهنجي آڱُر سيد هٿ ۾،
تنهن کي لَهرَ نه لوڏو.

عشق جيڪا آنڌ مانڌ پئدا ڪيس ۽ ارغونن جي دشمني جا سندس غلط هلت ڪري نصيب ٿي اُن کان متاثرُ ٿي



نالو	:	نارائڻ آسومل محبوباڻي.
جنم	:	ڳوٺ- آراضي، تعلقو-سيوهڻ، ضلع-دادو، ١٩٢٢.٣.١٧.
ڇپايل ڪتاب	:	هڪ.
اِنعام	:	الڳ الڳ سنڌي سنسٿائن دواران سنمان.
پيشو	:	پنهنجو ڌنڌو.
پتو	:	معرفت سواستڪ ريڊيو ڪمپني، ٤، جواهر مارڪيٽ، نئي سبزي منڊي، ڪوٽا-٣٢٤٠٠٦.

لاءِ بہ اهڙي ڪلاڪاريءَ سان ديسي، هر قسم جي ميڊيا کي پاڻ موڪٽو آهي. ٻيءَ حالت ۾ پڇتائڻ کان سواءِ ڪجھ ملڻو نہ آهي.

سينسر بورڊ کي بہ درست ۽ چست ٿيڻو پوندو. ٻيءَ صورت ۾ انهيءَ جي فرض ادائي ۾ ڪوتاهي، سندن لاءِ آلوچنا، بدنامي پيدا ڪندي. اخلاق کان پاڻ تہ ڪرندا پر سرڪار ۽ سماج کي بہ ٻوهي ۾ وجهندا. هر هڪ نئين ڳالھ ٻاهرئين، سني آهي- پر پنهنجي پراڻي چيز مدي خارج آهي. اِها اڄ ڪالھ جي سوچ نيڪ ڪانهي. ديش جي حالتن موجب سوچي سمجهي، جا ڳالھ صحي ۽ نيڪ آهي تہ اها لاڳو ڪرڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي. پر بنا عقل جي نقل ڪرڻ نالائقي آهي. جنهن مان فائدي جي بدران اُلٽو هاني پهچندي. بورڊ کي ٻين جي سني ارادن، ڀاونائن، ويچارن، رِيتين رسمن وغيره کي بہ جوڳي جاءِ ڏيڻي پوندي. هرويروپنهنجي ڳالھ کي اڳرائي ڏيڻي پاڻ کي ئي معتبر سمجهڻ ، اِها ڊيموڪرسيءَ جي وروڌ ۾ آهي. سندن اِهو فرض آهي تہ پاڻ فلم اِنڊسٽري سان سنبنڌت اناسار سان ۽ پڻ سماج سان پورو پورو سهيوگ ڪري. ساڻ وني ديش جي ڀلائيءَ جو پروگرام پاس ڪن. جنهن ۾ ئي سندن ايمانداري ۽ لياقت سمايل آهي.

سرڪار کي بہ گهرجي تہ سينسر بورڊ ۽ ساڳئي وقت سوارٿي تنيون تي ، اَنڪش لڳائي ۽ تکي نظر رکي. جيئن آفيسرن سان ملي ڀڳت ڪري بورڊ وغيره واسطو رکندڙ اڏڪاري عوام سان کلواڙ نہ ڪري سگهن. جنهن ۾ نئي پيڙهي بگڙجي پوي. سرڪار بہ پنهنجي جوابداري محسوس ڪري قدم کڻي. نہ تہ اِن جي بہ گهٽتائي آهي ۽ حڪومت هلائڻ جي يوگيہ نہ سمجهبي. ان جو ٻاٻو ٻڏو تي تماشو ڏسڻ نيڪ نہ آهي.

مهلائن، وديارٿين، سماج سيوڪن، واپارين، ودوانن ۽ ديش جي گهٽگهرن کي بہ ان ڳالھ ۾ اکيون ٻوٽي نہ وهڻو آهي.جيڪڏهن اهي بہ جاڳرتي پيدا نہ ڪري مات ڪري وهندا تہ سماج کي ڀوڳڻو پوندو. جنهن ۾ سندن کي ئي صدمو پهچندو ڇاڪاڻ تہ اهي ئي سماج جا هڏ ڏوڪي آهن.

اسان کي گهرجي تہ هر قسم جي سکيا ڏيندڙ چئنل تي خاص ڌيان ڏيون ۽ بيهودين چئلنن ۽ فلمن کي نظرانداز ڪري نہ ڏسون.انهيءَ ۾ ئي اسانجو آئينده روشن آهي. سڀ ملي ڪري هن خرابيءَ کي دور ڪنداسين، تہ پڪ سمجهو تہ نئي پيڙهي پنهنجي پٽ تان نہ ڪرندي. ديش جو ئي ڀلو ٿيندو.

اِنساني سياڻ ۾ اجائي سستي ۽
ڪاهلي پسبي آهي. جوان پيڙهيءَ ۾ اڄ
جو ڪم سڀاڻي تي رکڻ جي عادت عام آهي.
اهڙن انسانن کي به شاهه صاحب سهڻي سبق
ڏني آهي:-

ڏُنگي ۾ ڏاٽا-وني وجهه وکر جا.
وير وڙهندءِ وسيلا-ويهه مَ ويڳاڻا.
هيءَ ننڊ نه ڄاڻان-ڪڏهين هٽندءِ ڪُن ۾.

واپار سانگي وَرُ ٻاهر هجي ته وَنيءَ
جو ڪهڙو حال ٿو ٿئي. شاهه صاحب اُنهن
جي ويدنا ويچاري، ورنن ڪيو آهي. وني
ويچاري وسوسن وهيٽي ويني سوچي،
گهوٽ راڄا اڪيلو، ڪئن ڪندو هوندو،
وقت تي روٽي ٽڪر به ملندو هوندس ڪي
نه! سمنڊ جي اٿانگي سفر ۾ سائين! تون
ئي سندس ساٿي ٿجانءِ. پِتِ تي ڪانءُ
ويهي لات ٿو لنئي، ڊوڙندي ٿي اچي.
سوچي ٿي:- پڪ ئي پڪ منهنجو منٺار
ٿو اچي. بار بار پئي چوي :-

تَنَ جنين جي تاتِ-سي سڄڻ سفر هليا
لئنبلات لطيفچي-ڪڏهين ايندم ڪانگ!
ڪنهن سنائي سانگ-پرين پر ڏيهي ڪيا.

آخر اهو ڏينهن به اچي ٿو-اوسيڙي
جو انت ٿو اچي. ساموندي سوداگر ڪتي
چتي خير سان واپس ٿو وري، وني‌ءَ واتان
واڪيو ٿو نڪري:-

جنين ڪارڻ مون-لَڙ پوڄارا پوڄيا
پَيَم اُميدون ٿاب-سي ئي سڄڻ آئيا.

سُر سُهڻي ۾ شاهه صاحب ايشور ۾ اَٿاهه
وشواس ڏيکاريو آهي. ڪيس پڪ آهي ته
اٽل وشواس سان ڪوبه مشڪل ڪم آسان ٿي
پوندو درد نشچو اٿس ته ڀڳوان ضرور اُنهن
جي مدد ڪندو جي پنهن جي مدد پاڻ
ڪندا.

دهشت دَم درياهه ۾-جت ڄايون ڄانارن.
لکو سنڌو سير جو-مپ نه ملاحن.
درندا درياهه ۾-واڪا ڪيو ورن.
سڄا ٻيڙا پار ۾- هليا هيٺ وڃن.
پرزو پئدا نه ٿئي-تختو منجهان تن.
ڪو جو ڦهر ڪنن ۾-وِيا ڪين وَرَنِ.
اتي اڻ تارن-ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

اَورچ تي ڪنهن ڪم پنيان لڳجي،
پڇا ڪجي، ڳولها ڪجي. لوچي لهڻ جي
اون ڪجي، منزل کي پائڻ جي جيءَ توڙ
ڪوشش ڪجي ته پڪ ئي منزل کي پائبو.
پڇيٽا نه مُنجهڻان پڇن سي ويرَ. سُهڻيءَ
کي صلاح ڏني اَٿائين:-

ڪر ڪو واڪو وسن-ويهه م منڌ ينيور ۾.
چڙهي ڏاڍي ڏونگرين-پير پنهوءُ جو پنسُ.
ڏورڻ منجهان ڏس- پوندءِ هوت پنهونءَ جو.

اڄ جي جوانن ۾ اورچائي جان تان
گهٽ آهي. بنان محنت آدم ۽ تڪليف جي
سڀ ڪم پورا ڪرڻ ٿا چاهين. لڳي ٿو، اها
هلت آد ڪان هلندي ٿي اچي تنڌهن ته سُر
ڪوهياريءَ ۾، شاهه صاحب سَسئيءَ کي چيو
آهي:-

اي ڪم ڪميٽين جو-
سمهن پير ڊگها ڪري.
لوچن ڪين لطيف چوي-
هاري لاءِ هوتن
نڊان نياڳين کي-اوپالا اچن
سي پنهون ڪوهه پُڇَنِ-

چيائين:-

سوري آهي سينگار - اڳهين عاشقن جو
مُڙَڻُ مونَڻُ مَهٽو - ٿيا نظاري نرواز
ڪُسَڻَ جو قرار - اَصُل عاشِقَنِ کي.

اندر ئي اندر عشق ۾ پئي ٻريو ۽ جُهريو، پر ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍيائين، اندر ئي اندر پئي اوريائين:-

جي تو سڪڻ سکيو-
تہ ڪاتيءَ پئي مَ ڪَنجُهہ.
پرِيان سَندي سوُر جو-
ماڻِهن ڏِجي نَہ مَنجُهہ
اندَرِ ايءُ اهِنجُہ
سانڍج سڪائون ڪري.

دِلِ کي سَمجهائي چويٿو:-

جي پائين پريئن مِڙان-
تہ سِڪُہ چوران ڪيِ ڏاتِ
جاڳڻ جَشن جَن کي-
سُڪہ نہ ساري رات
اجهي ٻجهي آئيا-
وائي ڪن نہ وات
سلي سوُريءَ چاڙهِيا-
ٻيان ڪَنِ نہ باتِ
توڙي ڪُسنِ ڪاتَ-
تہ بہ ساڳِي سَلِن ڪيِنَڪيِ.

سندس مِجازي عشق، آهستي آهستي حقيقيءَ ڏانهن مائل ٿيو. سندس اندر جي دري کليِ. سندس شعر ۾ بہ فرق آيو. سندس اندر اُجاڳر ٿيو. سَندسِ مَنَ سماڌيءَ جو سَوادُ چکيو. کيس آتما جو اُجالو نَظَر آيو. وِشال من مان وايو منڊل ۾ گونج ٿي:-

اَڪُڇَوَ نڊِن مَنہ چوءُ-
چَوندن ڇيو وِسار
اَٺ ئي پَهرِ اَدَبَ سين
پر اِهائي پار
پائي منهن مونن ۾
غربت ساڻ گذار
مفتي منجهہ وهار
تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿيئن.

شاه صاحب، جوڳين سنياسن جو بہ سنگہ ڪيو. سچا سارا ٽي سال اُنهن سان گنجي ٽڪر رستي هنگلاج ويو. جتي ٽرن برن مان لنگهيو. پهاڙن ۾ پنڌ ڪري پيرن پٿون ڪيائينءَ گڏو گڏ روحاني رازَ ۽ دنيا داريءَ جا تجربا بہ پرايائين. انساني سياءَ جا مختلف روپ ڏٺائين. سندس رسالي ۾ لکپت، گرنار، ڪنيات، پوربندر، جهونا ڳڙه، جيسلمير، قلات، ڪابل ۽ ٻين ڪيترين جڳهين جو ذڪر اچي ٿو. ڪڏهين ڪڏهين پنهنجي من اندر ئي ڪچائي محسوس ٿو ڪري تہ شعر ذريعي سندس خيال ظاهر ٿي ٿا پون:-

ڪَڇُ ڪَمائيم ڪوڙ - پڇم عهد الله جا.
پڇرو جو پاپن جو - سو چوٽيءَ تائين چوُر.
معلوُم اٿئي موُر - ڳوڙها اَنهيءَ ڳالهہ جو.


سنڌ، هند جو عظيم شاعر، نارائڻ'' شيام ''

نوَلراءِ بچاڻي

نارائڻ جو جنم سنڌ ۾ هڪ ننڍي ڳوٺ کاهي قاسم ضلع نواب شاه ۾ ٢٢ جولاءِ ١٩٢٢ع ۾ ٿيو. هن جي پتا جو نالو گوڪلداس ناگواڻي هو. ديوان گوڪلداس نوابشاه جو مختيارڪار هو. هي سچيار، ايماندار، قابل ۽ سيني جو همدرد هو. جهڙا ڪانگ تهڙا بچا. نارائڻ پٽ تي به پتا صاحب جي گُڻن جو گهڻو اثر پيو.

ننڍي کان ئي هن جا خيال شاعراڻا هئا. ١٩٣٩ کان ئي هن شاعريءَ ۾ قدم رکيو. شيخ اِياز هن کي شاه عبداللطيف، سچل، ۽ ساميءَ کان پوءِ سنجيدو ۽ پختو عظيم شاعر ڪري مڃيندو هو. هن قدرت جي وڻن، ٽڻن، پکين، پهاڙن، نديِن، نالن، واريءَ جي ڍيرن، غريبن جي جهوپڙين، مزدورن جي پگهر، نوجوان شاگردن جي محنت، ڳوٺن جي سادگي، شهرن جي ڳتيل بستين، ظالن سان بي انصافي، سنڌ جي وڇوڙي جي پيڙا، عشقي، مزاڪي، روحانيت، ديش ڀڳتي مطلب ته اوسي پاسي جي ماحول جو سندس جيون تي وڏو اثر هو. هونئن به چوڻي آهي ته ساهت سماج جو آئيندو آهي. جتي نه پهچي رَوِي (سورج) اُتي پهچي ڪَوِي. سو هن هر ڪنهن ڏس ۾ قلم هلايو ۽ دل کي ڇهندڙ، ننڍن سَلِيَل سنڌي جملن ۾ غزل، گيت، ڪوتائون، ربايون ناهيون ۽ سُريلي آواز ۾ ڳايون.

نت نيم ست سنگ ۾ ويندو هو. گيتا جي سار ۽ راز مان گهڻو پرايائين. ڪرشن ڀڳت هو. سيني ديوتائن، ديوين، پيرَن، پيغمبرن لاءِ شِرڌا هيس. هن جو تخلص ''شيام'' هو. هن سنڌ ۽ هند ۾ نَوَن ۽ پُراڻن ليکڪن، شاعرن، درويشن، ساڌن، سنتن مهاتمائن سان نڀايو. سيني جو ساٿي، دوست، پيارو پتا، پيارو پتي. ٻارن سان ٻار، رلڻو ملڻو، يار ويس، نوڪريءَ، ڊيوٽيءَ جو پڪو هو.



نالو : نول راءِ بچاڻي.

جي سنجهي رهن شمهين.

لوپ ۾ موهه اهڙا وڪار آهن، جن جي گرنٿن ۾ گلا ڪئي آهي. آڌ ڪي چڊي جو سچي ڏي ٻوڙي تنهنجو آڏ ٻه وڃي. ليلا سان ٻه اِها ڳالهه لڳي ٿي.

شاه ليلا چنيسر سُر ۾ هڪ هنڌ چيو آهي:-

مٽيي تي موهجي-هاڙهي ڳيڙيه هار
ڪوڏين ڪيا ڪيترا-اُنهيءَ ڳر ڳُوارُ
پَري وَيئِه پنار-آيئه ڏنءُ ڏهاڳه جو.

اهنڪار، مومل ۾ ڪوٽان ڪوٽ پريل هو. پنهنجي حسن شباب جي اهنڪار ۾ ڪيترن ڳيروُ جوانن کي نيچي نوايو هئائين. ڪن کي قري فقير ڪيو هئائين. جي ته سندس فراق ۾ نيم پاڳلن وانگر قرندا ۽ رُلندا تي رهيا، پر جڏهين راڻي جي ڏهاڳه جو ڏنگه لڳس تڏهين سچو اهنڪار چوُر ٿي وِيُس. سچيون سچيون راتيون، اوسيڙو ڪيندي چوندي رهي:-

رسن مَ رسڻ گهوريو-چڏ راڻا ريڏائي.
منهنجي ميٽ تون ميندرا-عاقل اڳرائي.
لپيتج لطيف چوي-ڪامل ڪچائي.
ڪر معاف مدائي-ته سوڍا سڪاڻي ٿيان.

وطن تان گهورجي وڃڻ جو سبق، شاه صاحب سُر مارئيءَ ۾ ڏنو آهي. مارئي هڪ اڻ پڙهيل ڳوناٽيءَ کي بادشاه عُمرُ زوريءَ ڪٽي ٿو اچي. ڪيس پنهن جي پٽ راڻي ٿيڻ لاءِ زور ٿو پري.ريشمي ويسن وڳن ۽ جڙائوُ زيورن جا انبار اچي ٿو اڳيان اُڇليس، پر مارئي جنهن ۾ وطن جي حُبَ ايڏي ته پريل آهي، جو ڪجهه منو ئي ڪونه ٿو لڳيس، سا بار بار روئي پئي چوي:-

واجهائي وطن کي-آنءُ جي هت مياس.
گور منهنجي سومرا-ڪج پنواهرن پاس.
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي-ولڙين منجهان واس.
ميائي جيانس-جي وڃي مڙهه مليرِ ڏي.

رامائڻ ۾ رگهوڪل ريت ڏيڪاريندي چيل آهي:-

رگهوڪُل ريت سدا چلي آئي،
پران جائي پر وچن نه جائي.

پران وڃن ته وڃن پر وچن ڪيئن وڃائبو؟ شاه جي رسالي ۾ اها ريت راءِ ڏياچ پوُري ڪئي آهي. ٻيجل جي سرود جي سُر تي مست ٿي ورُ ٿو ڏئيس:-'' گُهر جيڪي گُهرڻو هجيئي.''

ٻيجل سندس سِرُ ٿو گُهري. راءِ ڏياچ سِرَ بدلي سچو راڄ پاٽ، محل ماڙيون، گِرنار جو قِلعو ڏيڻو ٿو ڪريس. پر ٻيجل جي اِهائي رَٽَ، سِرَ سوالِي آهيان. '' آخر راءِ ڏياچ پنهنجن هٿن سان سِرُ وڍي ٿو ڏئيس.

شاه صاحب هڪ بيت ۾ چيو آهي:-

وڍِ سِرُ تي سَرهو-مَ ڪيِ آءِ مَ ڳاءِ
جاجڪ! تو متان مُلڪ-مڙيوئي گهوريو.

مطلب ته شاه جو رسالو هڪ اهڙو پستڪ آهي جنهن جي هر بيت ۾ مانوَتا جي ڪا نه ڪا جهلڪ پش نظر اچي ٿي.

سچ ته سنڌين لاءِ شاه صاحب جو رسالو هڪ اهڙو گرنٿ آهي جنهن جو هر روز پاٺ ڪري پنهنجي زندگيءَ کي صحيح راهه تي هلائڻ جي پريرڻا حاصل ڪري سگهجي ٿي.

چوندي چوندي ڦول چنا مون، جهول پريم تو ڪاڻ.

ورهاڱي کان پوءِ هن دهليءَ ۾ اچي پوسٽ ٽيليگراف کاتي ۾ نوڪري ڪئي. سادي سودي گرهستي جيون گذاريندي اوچ ويچار رکندي هن ياءُ سنڌي سنسار جي عظيم شيوا ڪئي. ڏاڍي تمنا هئس تہ هڪ دفعو سنڌُ ڏسي اچان پر ڪيترين مجبورين سبب سنڌ وڃي نہ سگهيو باقي سنڌ جي شعرن سان سندس سمپرڪ جيئن جو تيئن رهيو. انهن ڪي پنهنجون رچنائون موڪليندو هو جي هو اُتان جي ساهت ۾ شرڌا سان ڇپائيندا ۽ پڙهندا هئا. ڪيس اچڻ لاءِ وقت بہ وقت دعوت بہ ڏيندا هئا. ڪين پنهنجا ڪتاب ۽ ليکہ پرچا سنڌ مان موڪليندا هئا جي چمي هو اکين تي رکندو هو. سنڌ جي تڙپ، سنڌي ٻوليءَ جي آئينده جي چنتا ڪيس جهوريندي رهندي هئي. چوندو هو.

سنڌ سنڌين ۾ وسي
سنڌ هِتي سنڌ هُتي.
گنگا جمنا امرت امرت
ليکن ٿي تہ سنڌو آهي.
سنڌ لاءِ سڪ ۽ چڪہ ڏسو:-

ملکہ ٻڌجي ٿو متيءَ سان نہ مگر ماڻهن سان
سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان.

سنڌي شاعريءَ جا پنجڙا '' پنج ڪڙا'' يعنيٰ پنج مصراعون يا سِٽون ٽيندِيون آهن. شري پريو وفا اُن تي روشني وڌي آهي.

اکين ۾ چرکي ٿو هڪ خواب
پسان شل جيون ۾ هکوار.
سنڌين ۾ ساهت لئہ سکہ ۽ پيار
سنڌين جي هٽ ۾ سنڌي ڪتاب
اکين ۾ چرکي ٿو هکہ خواب.''

هن عظيم شاعر دهليءَ ۾ ڏهين جنوري ١٩٨٩ع ۾ چولو ڇڏيو. فيبروري ١٩٨٩ع ۾ اُديپور ۾ هن تي سيمينار ٿيو. هن شاعر ڏاڍيون اونهون ۽ گهرن خيالن جون رچنائون ناهيون. ڪي ڪتاب ٻين ڇپائي سنڌي جڳت کي ڏنا آهن. پر اجا بہ سندس ڪيترو مصالو اڻ ڇپيل آهي. جو اجمير جي هري همٿاڻي کان پڇي ۽ شري سيرو ''سياه'' سان بہ صلاح ڪري سنڌي جڳت کي ڏجي. هيئنر وري ڪن ياڻرن کي پنهنجين جڙن ڳولهڻ جي تمنا جاڳي آهي. سنڌي سمپن ياڻر ڪيترن اسڪولن، اسپتالن، مندرن، پياٺو کولڻ ۽ ٻئي نموني شيوا ڪري رهيا آهن. پر هاڻي سنڌي ٻولي ، سنڌي ڪتاب، سنڌي سنسڪرتيءَ کي زنده رکڻ لاءِ بہ پاڻ پتوڙي رهيا آهن، انهن جي مدد ونڻ گهرجي. شاعر تارن جي کٽ تي ليٽي نور مان نغما جوڙيندا آهن. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري سنڌي شاعريءَ جا سر چشما سکڻ جا نہ آهن. رڳو دير آهي. لگن سان، آشا وادي ٿي لڳي رهڻ جي، اُدم ڪرڻ جي،زنده دليءَ جي ثبوت ڏيڻ جي.

مهمان نواز هو. سائين ڪشنچند ”بيوس“ جي جيون تي وڏو اثر هوس. شري هري دلگير، پرسرام ضيا، گووردن ڀارتي، سيرو ”سياه“ ڊاڪٽر هرو مل، پريو وفا، شيخ اياز، سڳن آهوجا، ارجن حاسد، سرگهواسي ليکراج ”عزيز“، نرمل، ڪومل ۽ اُسرندڙ نوان نوان ڪلاڪار، فنڪار هنجي سياءِ ڪري ڪليءَ دل سان ويچارن جي ڏي وٺ ڪندا هئا، هڪ ٻئي مان پرائيندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهندا ۽ شرڌا سان ڏسندا هئا.

نارائڻ ”شيام“ پريات جو يا دير رات جو سناٽي شانت ماحول ۾ رچنائون ناهيندو هو. هن کي ڪا ايشوري ڏات هئي. جنهن



ڪري هن جي رچنائن ۾ گهٽي ڪاٽ ڇانٽ، ڊاٽ ڊوٽ نه ڏسڻ ۾ ايندي آهي. دماغ تي به گهڻو بوجو نه ايندو هوش. سياويڪ طرح پنهنجي من جا ڀاوَ قلمبند ڪندو هو. لِکُلُ لالُ هو. آفيس وارن کي به لکا ڪانه هئي، جڏهن ڪيس اوارڊ، اِنعام مليا تڏهن خبر پين ۽ ڪيس ڏاڍو شرڌا سان ڏسندا هئا.هن صاحب کي ”واريءَ ڀريو پلاند“ غزلن جي ڪتاب تي ١٩٧٠ع ۾ ساهت اڪاڊمي اوارڊ مليو . ١٩٧٨ کان ١٩٨٧ع تائين مرڪزي اڪاڊمي جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو.

سنڌ ۾ پارسيءَ جو اُستاد ٿيو جو بي اي پارسيءَ ۾ پاس ڪيائين، اُن ڪري اُردوُ غزلن ۾ به ماهر هو ۽ ڪئين مسلمان شاعر به ڪيس شرڌا سان ڏسندا آهن. هونئن به ڪلاڪار ذات پات جون حدون ٽپي ويندو آهي. هو قدرت ۾ قادر،خلق ۾ خالق ئي پسندو آهي. اُن ڪري عظيم شاعر کي شرڌالو الله لوڪ ڪري مڃيندا آهن. هن جي شاعري وهندڙ نديءَ جو هڪ سيلاب هو، جنهن تي ڪو بند نٿو ٻڌي سگهجي.

هن سنڌيءَ ۾ جپاني ”هائيڪو“جي ايجاد ڪئي ان نموني غزلن خوب ڪاميابي پاتي. جپان جو ”هائيڪو“ ٽن مصرائن جو ٿيندو آهي:-

چا ته پپر جي چانوَ
ويهي هڪ ٽار تي
ڇهنب اُگهي پيو ڪانوُ!

هن جي شعر ۾ خيال جي اُڏام ۽ اونهائي ڏسڻ وٽان آهي.

” آڌيءَ رات ڏٺو مون جاڳي
حد بيحد جي سرحد ساڳي.“

نارائڻ ”شيام“ جون ڪائنات سان ڳالهيون. هو چاٽو پسي!

صبح سويري چا نه ٽريا،ها سهٽا سهٽا قول؛

ڳپي اونڌي رستي کي اختيار ڪن ٿا ۽
پنهنجي زندگي زيان ڪن ٿا، هنن جي
شناس ختم ٿي وڃي ٿي ۽ هو اُلٽي نموني
ويچارڻ شروع ڪن ٿا جنهن سبب
''ڪبڙيا'' بڻجي خراب پنڌ جا پانڌيئڙا
بڻجن ٿا. ودوانن ان ڪري چيو آهي تہ
''بدنصيبي انسان جو مڪمل عقل ڪسي
ونندي آهي.''

بدنصيب يا
ڪم ڀاڳي ڪيتري
بہ سني يا ساراهڻ
جوڳہ مقصد سان
ماڳہ وني پر هردم
سندس پاسا اونڌا
پون ٿا. ڪيترن
ڪمنصيب ڪروڙ
پتين کي ''روڊ
پتي'' ٿيندو اسان پسون ٿا ۽ ساڳي طرح
ڪيترن ڪنگالن کي ڪارون جيان ڪلدار
ٿيندو ڏسون ٿا. اها سڀ نصيب جي بلهاري
آهي. شونيہ مان سرجن نصيب جي ياريءَ
جي بلهاري آهي.

آفتن جي ''جيجل'' ڪمنصيبي
آهي. ڪمنصيب بندو جتي بہ وڃي ٿو اُتي
وپدا سندس پيڇو ڪري ٿي. هو جنهن
ڪاريہ ۾ هٿ وجهي ٿو سو سِڌ نٿو ٿئي. آخر
هو نااُميديءَ سبب خراب ويچارن ۾ غرق
ٿئيتو. هڪ شاعر سچ چيو آهي تہ ''جَهان
جايي پوُڪا، وَهان رهي سوُڪا'' خراب ويچارن
سبب هو زواليت طرف ڌڪجي ٿو ۽ آخر
ڪنهن ڪم جو نٿو رهي.

ڪمنصيب انسان کي سندس نصيب
تہ ياري نٿو ڏئي پر سندس يار، مٽ، مائٽ
۽ سِوَجن بہ ساٿ نٿا ڏين. ان سبب
ڪمنصيب وڏيڪ
دکي ٿئي ٿو. هو
هردم ان سوچ ۾
رهي ٿو تہ آخر
سچا سُوَجن ۽ متر
ڪير آهن؟ هو
اندر ۾ ٹُٽي پويتو.
هن جي زندگيءَ ۾
سياهي ۽ تلخ اچي
وڃن ٿا جنهن سبب هو ''رُکو'' ٿي پوي ٿو.
هن جي اُن رُکائيءَ سبب هو سماج کان چاهي
ساٿين کان گهٽوپري ٿي وڃي ٿو. هن جي
جيون ۾ انڌڪار ڇانئجي وڃي ٿو ۽ ان
انڌڪار سبب سندس پاڇو بہ ساٿس نٿو
رهي. هو هردم ان سوچ ۾ رهي ٿو تہ هيءَ
ويدنا يا پيڙا ڪيئن پاسيري ڪيان؟ سياڻن
ان ڪري سچ چيو آهي تہ ڪمنصيب کي
هر هڪ قدم سوچي سمجهي کڻڻ گهرجي



ڪمنصيبي

آتمارام گوپلاڻي

هر هڪ انسان کي پنهنجي قسمت يا نصيب هوندو آهي. انسان جو نصيب ۽ پرشارٿ جڏهن ڪٺا ٿيندا آهن تڏهن انسان جي زندگي خوشگوار ٿي پوندي آهي. اڪيلو نصيب يا پرشارٿ انسان کي ڪاميابيءَ جي بلنديءَ تي نه پهچائي سگهندو آهي. سياڻن چيو آهي ته ويٺلن جو نصيب ويهجي ويندو آهي، سٿلن جو نصيب سمهي پوندو آهي. انسان پنهنجي منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ پيل آڪاش پاتال هيٺ مٿي ڪري، پر جيسيتائين قسمت ڪيس ساٿ نٿي ڏئي تيسيتائين انسان جي محنت اجائي وڃي ٿي. ڪمنصيبيءَ سبب جڏهن انسان ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ نشفل ٿيندو آهي، تڏهن هو نا اُميديءَ جي غُفا ۾ غرق ٿي ويندو آهي، جتان واپس ورڻ تمام مشڪل آهي. ڪيترا گُنهگار نصيب جي ياريءَ نه ملڻ سبب نراش ٿي ويندا آهن. نراشا آخر ڪين گناهن جي اونداهين دنيا ۾ سوري ويندي آهي، جنهن سبب هو سماج جا جزا هوندي به سماج کان علحدا ٿي ويندا آهن ۽ هميشه ڪمتريءَ، نفرت ۽ ناراضپي جي جذبن ۾ جيئڻ سبب تلخ زندگي گهاريندا آهن.

انسان حقيقت ۾ نڪمو يا نالائق ناهي پر ڪيس حالتون ان ”ذلت“ تي پهچائن ٿيون. اهڙا گهڻا مثال ماضيءَ چاهي حال ۾ موجود آهن جنهن مان ڏسي سگهون ٿا ته ڪيترا ”پرشارٿي“ به جيسيتائين ڪين نصيب ياري نٿو ڏئي تيسيتائين ڪجهه به حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿيڻ سبب آخر نراشا، پريشاني ۽ گسي ۾




نالو	:	آتمارام ساجن داس گوپلاڻي.
جنم	:	صو پيديرو، خيرپور، ميرس، ١٦.١.١٩٣٧.
ڇپايل ڪتاب	:	ٿي.
پيشو	:	رٽائرڊ مرڪزي سرڪار جو آفيسر، هن وقت پترڪار ۽ سماجڪ ڪاريه ڪرتا.
پتو	:	٩-اي، هرنام داس سوسائٽي، بنگلا ايريا، ڪبير نگر، احمداباد- ٣٨٢٣٤٠.

سماجڪ سڌارڪ- آزادي جو اُپاسڪ پروفيسر هاسانند جادوگر

ايسر سنگهہ بيدي

پروفيسر هاسانند جادوگر پڪو آريہ سماجي ڪاريہ ڪرتا هو- سادگي سان رهندو هو. شڌ کاڌيءَ جي خميس، پتلون ۽ مٿي تي هميشه سفيد گانڌي ٽوپي هن جو هڪ ئي لباس هو. سردي توڙي گرميءَ ۾ کاڌيءَ جو ٿلهو ڪوٽ هميشه هن جي بدن تي ضرور هوندو هو. ضرورت کان وڌيڪ ڪپڙا ڪونہ رکندوهو. کائيندو بہ سادو کاڌو هو، سنياسين وانگر. جيڪي مليس اُن تي راضي رهندو هو. مرچ مصالح وارن کاڌن، چشڪن وارن سوادن کان گهڻو پري هو. هڪ سنياسيءَ وانگر جيون گذاريندو هو. ڪٿي بہ ٽئن پنجن ڏينهن کان مٿي ڪونہ ٽڪندو هو. رمتو جوڳي هو. هر وقت سفر ڪندو رهندو هو. هن لاءِ اِئين مشهور هو تہ ” هاسل ريل ۾ يا جيل ۾!“

هاسانند جادوگر پنهنجن جادوءَ جي کيلن سان سکيا دايڪ واکين سان، ٽڪ بندي رسني هميشه سماجڪ سڌارن جو پرچار ڪندو هو، ساڳئي وقت آزاديءَ جي ڀاونا پڻ ڀريندو هو. جادوءَ جي کيلن ۾ هٿ جي صفائي هن جو ڪو مٽُ ڪونہ هو. گانڌي- نهرو ۽ ٻين ڪيترن اڳوانن کي جادوءَ جا کيل ڏيکاري حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. هڪ روپئي جي سڪي کي هٿ سان موڙي اُن مان بہ روپيا، ٻن روپين کي پاڻ ۾ گسائي چار روپيا ٺاهي ڏيکاريندو هو. وري چئن روپين کي ٻنهي هٿن جي مُٺ ۾ ٺرڪائي ٺرڪائي ڏهہ روپيا ٺاهي سيني کي وائڙو ڪري ڇڏيندو هو. ڏسندڙن جي نڪ مان، ڪن مان، ٻانهن مان، خميس جي ڪالر کي ڇهي اُن مان روپيا ڪڍي



نالو	:	ايسر سنگهہ بيدي.
جنم	:	شهدادپور، ضلع- نوابشاهہ، ٢٢.١٠.١٩٢٧.
ڇپايل ڪتاب	:	ٿي.
اِنعام	:	سوتنترتا سيناني طور سرڪاري سنستائن، اڪادمين، ڪاليجن ۽ اسڪولن طرفان سنمانت ۽ اِنعام حاصل ڪيل.
پيشو	:	رٽائرڊ ريلوي سروس.
پتو	:	بيدي نواس، بابو محلا، اجمير- ٣٠٥٠٠١.

چاڪاڻ تہ ڪمنصيب جتي بہ وڃي ٿو اتي ساڻس ڪمنصيبي پڻ ساڻ رهي ٿي.

هر درد جي دوا دنيا ۾ موجود آهي، البت مرض جي ماجران مطابق ان لاءِ محنت ڪرڻي پوي ٿي. ڪمنصيبيءَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پرشارٿ لاءِ اٽل اِرادو ۽ ستسنگہ جهڙو ماحول لازمي آهي. گيتا ۾ يوگيراج ڪرشن جي ڪٿيل ”ڪرم“ جو بيو نالو پرشارٿ آهي.پرشارٿ جي سڦلتا جو سهڻو، متاثر ۽ زنده مثال اسان جي قوم ”سنڌي“ آهي ورهاڱي جي ڪمنصيبيءَ اسان جا جيڪي هيڻا حال ڪيا اهي اسان کان ڳجها ڪونهن. زر، زيوَر، زمين ۾ خوشحال اسان جي سماج هائيدوس ۾ اچي ويئي. صدين جي ” اباڻن “ جي پريل نيڻن سان، ٻجهيل دِل سان ۽ منڌل دماغ سان الوِداع ڪندي ڇاتي ڇڄي پيئي. البت هڪ دلجاءِ دِل ٽٽڻ کان بچائي ورتو تہ ” جيڪا جڳہ سان، سا اسان سان.“ هن مصيبت ۾ بہ اسان اڪيلا ناهيون . اسان ڀارت جي جاگرافيءَ ۽ تواريخ کان اڻڄاڻ سنڌي، مڙهيل ڪمنصيبيءَ مٿان هنجون هارڻ بدران ” پرشارٿي“ ٻڻجي هندستان جي ڇڻني ڪنڊن ۾ ڪاهي پياسين ۽ پرشارٿ سبب هٽي هنڌ ڪيوسين. ڪمنصيبيءَ جي ڪنڊن کان پاڻ آجو ڪرائي، سکن جي خوشگوار گلستان ۾ رسياسين. اڄ نہ فقط اسان پنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ سکي ستابا آهيون پر ملڪ کي بہ انيڪ خيراتي اسپتالون، ڌرمشالائون، اسڪول، ڪاليج ۽ ڌارمڪ استان جوڙي ڏيئي جس جا ڀاڳي بڻيا آهيون. اسان جي ساهت چاهي سياست ۾ ڏنل يوگدان کان ڪير بي خبر آهي؟ اسان جي سنتن ۽ گيانين جي چنتن، منن ۽ متاثر پرواس نہ فقط ڀارت پر جڳت جي ڪيترن نر-نارين جي جيون ۾ جلوو آندو آهي، سندن حياتيءَ جي سياهيءَ کي روشنيءَ ۾ تبديل ڪيو آهي.

ڪمنصيبيءَ کي خوش نصيبيءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ آدرش انسانن، شڀ چنتڪن ۽ ستپرشن جو سنگہ پڻ ايترو ضروري آهي جيترو سياهيءَ کي سيرڻ لاءِ روشندان ۽ جيون جي جياپي لاءِ پنج پدارٿ. سچي پريرڻا، اونچي اُتساهہ ۽ سچي صلاح لاءِ ستسنگہ يعنيِ يوگيہ آتمائن جو سمپرڪ ضروري آهي، جيڪو ڪمنصيب جي پرشارٿ کي ”يوگيہ“ مارگہ ڏيکاري ٿو، جنهن تي پانڊيئڙ ي بڻجڻ سان سندس ”پرشارٿ“ برثواب پويٿو ۽ سندس ڪمنصيبيءَ کان پلڻہ آجو ٿئي ٿو.

خلاف پڻ هن آواز بلند ڪيو. ٽوٽڻ، ڦيٽڻ سان ڀالين ڀولين زالن کي گُمراهه ڪري لُٽيو ڦريو ويندو هو. اُن لاءِ هن پنهنجي خرچ تي بنا اشتهار وڻ جي ڪئين ڪتاب ۽ چوپڙيون ڇپائي پرچار ڪيو. پاکنڊين جا پول پڌرا ڪري عام ڀائرن کي برباد ٿيڻ کان بچايو.

سندس لکيل ڪتابن ۾ خاص هئا هاسانند واڪيه، چور چيلا ناڪر نگر- فئشن ڪين ڦاهو- ٽپ چڙهيو تماڪ - چونچي لڳي چانهه- ٻيڙي ٻڏي ٻيڙي دان ڪائي ويا دنيا- ڌرم گُرو ڪين ڌاڙيل- سئنيما جا گهاتڪ نتيجا- ستيه نارائڻ جي سچي ڪٿا- هندو هوش ڌار- ڏيتي ليتي جو ڀوائتو ڀوت- پاکنڊ ٽوڙ پوٿي- شراب خاني خراب، ٻاون ٻانيٽن جا ڦندا- سماج سڌار چتراولي وغيره.

پروفيسر هاسانند نه رڳو نامور جادوگر هو بلڪ آزادي جو متوالو، ديوانو، اصولن وارو اُپاسڪ هو. عام حاضرين ۾ هميشه چريتر اِخلاق، ديش پريم- ڀيوا جون ڀاونائون ڀريندو هو. آريه سماج، ويدن جو لاثاني ڌارمڪ پرچارڪ پڻ هو. هن جي هٿن ۾ نه جادو هو پر تقرير ۾ به جادو هو. ڪيلن سان گڏ اُپديش ڏيندو هو. هميشه کِلمُک رهندو هو. ايمان گهمنڊ جو وٽس نالو نشان به ڪونه هو.

مهاتما گانڌيءَ سابرمتي آشرم ۾ هن جا ڪيل ڏسي هن کي هٿ سان پرماڻ پتر لکي ڏنو. جواهر لعل نهروءَ کي سنڌ جي دوري وقت هن جا ڪيل ڏسڻ جو موقعو مليو. ڀارت جي مهاراجائن ۽ مهاراڻين به هن جا وچتر حيرت انگيز ڪيل ڏسي سندس ساراهه ڪئي. ڪيس ڪيترا ئي انعام سونا ٻلا، مانپتر- پرماڻ پتر ۽ ٻيا اِنعام حاصل هئا.


پروفيسر هاسانند سنڌي قوم جو ستارو هو. بي بها هيرو هو. اسان لاءِ فخر جو باعث هو. هن جو جنم سنڌ ۾ ساهتي جي ڪنڊياري شهر ۾ شري چاندومل ڀمياڻي جي گهر ۾ ڏياريءَ جي ڏينهن ٿيو ۽ هو ٧٠ ورهين جي عمر ۾ ٢٨ سيپٽيمبر ١٩٦٦ ۾ چداڪاشي ڌرم مندر پٽيل نگر دهلي ۾ گذاري ويو.

جڏهن سندس جيون سماپت ٿيو تڏهن روپين جي هن جادوگر بادشاهه، روپين جي راجا وٽان سندس ڪوٽ مان ڪُلُ ٢٦ روپيه ڪجهه پئسا نڪتا، جا هئي سندس موڙي! اهڙو هو پر اُپڪاري ۽ نشڪام جيون داني سنڌي سماجڪ سُڌارڪ ۽ آزاديءَ جو اُپاسڪ پروفيسر هاسانند جادوگر.

ڏيکاريندو هو سڀ اچرج ۾ پئجي ويندا هئا. روپين جي ڇڻ برسات وسائيندو هو. ڪيس روپين جو بادشاهه ڪري مڃيو ويندو هو.

ڪنهن ڪان رومال وٺي ڪيل ڏسندڙن ڪان ١٥-٢٠ ڳنڍيون ڏياري مٿي آسمان طرف اُڇلائي سيني ڪان ناڙيون وڄرائي مهاتما گانڌيءَ جي جئه چوائيندو هو ته رومال جون سڀ جون سڀ ڳنڍيون کلي ويندين هيون. سندس چوَڻ هوندو هو ته گانڌيجي جي جئه چوَڻ سان غلامي جا اِهي سڀ ٻنڌن ٽٽي ويا ۽ آزاد ٿي ويا. اُن طرح جادوءَ جا کيل سماج سڌار ۽ آزاديءَ جي ڦهلاءَ لاءِ، پرچار لاءِ هڪ قسم جا هن جا ساڌن هئا. جادوءَ جي کيلن مان ڪمايل پئسو هو ڪيترن سٺن ڪمن ۾ دان ڪري ڇڏيندو هو، ۽ گهرجائن کي ڳجهي مدد ڪندو هو.

ڏيتي ليتيءَ جي سخت خلاف هو. هن جو چوَڻ هو ته نياڻين کي گهر جو سامان ناهي ڏيڻ گهرجي جيڪو ڪين گهر ۾ عملي طور ڪتب اچي جيڪي اُپديش ڏيندو هو ان تي پاڻ خود به عمل ڪندو هو. پنهنجين ڌيئرن جي شاديءَ ۾ هن ڪين واقعي ’’چڪي -چلهه ۽ چاڙي‘‘ به ڏني جيئن گهرو جيون ۾ چڪيءَ (جنڊ) تي اَٽو پيهن، چُلهه (سگري) تي کاڌو تيار ڪن ۽ چاڙي يعني مَٽڪيءِ ۾ ڏڌ وِلوڙي مکڻ لسي طاقتوَر مال تيار ڪري ورتائين.



مان خود به اُن وقت شاديءَ جي موقعي تي حاضر هوس. ٻئي گهوٽ راجا اسان جي شهر جا چاڙهو سچاڙهو قومي ڪم ڪندڙ هئا.

پروفيسر هاسانند جادوگر ئي هڪ اهڙو سنڌي اڳوان هو جنهن نشيدار شين- شراب- سگريٽ- بيڙي- چانهه- تماڪ وغيره جي خلاف ڪوتائون ۽ تڪبنديون ناهي پرچار ڪيو. هن فاحش فلمن کان پري رهڻ جو پرچار ڪيو. فئشن اُگهارپ ڏيتي ليتي خلاف هن جا واڪيه’’ هاسانند واڪيه‘‘ نالي سان مشهور رهيا. اُنهن زهري وشين خلاف ساهتيه ڇپائي ورهايو.


اُن وقت جي ڊونگي پاون پانيٽن

مائيءَ جو ويم نه ٿيڻ ڪري هوءَ پئي ڦٿڪي ۽ لُڇي پڇي. پر سائين جيئن چوندا آهن ته جنهن جو راکو رام تنهن جو بال به بانڪو نه ٿئي. وانگر اُن زائفان جو به ڪو ڀاڳ زور هو جو اُن مهل اوچتو وتايو فقير پنهنجي گڏهه تي چڙهي سندس گهر اڳيان لنگهيو ۽ سندس مڙس جي نظر ان سنت تي پئجي ويئي. بس اُن مهل ئي گهر جا چار پنج ماڻهو وتائي فقير جي پنيان ڀڳا ۽ سنت کي جهليو ۽ هٿ جوڙي هن کي پنهنجي گهر وٺي آيا ۽ سنت کي به سڄي روئي ڪارائي ۽ سندس گڏهه کي به داڻو پاڻي ڏنائون ۽ سڄي ڳالهه سنت سان ڪيائون ته سائين ڪو تعويض اسان کي ڏيو جيئن ويچاري مائيءَ کي ٻڌون ته هن جا بند خلاص ٿين نه ته هيءَ مائي مري ويندي ۽ اسان جو گهر رُلي ويندو.

وتائي فقير پاڻ ڇڏائڻ جي گهڻئي ڪوشش ڪئي ۽ ڪين چيو ته ابا مون ڪڏهن ڪو تعويض لکيو ئي ڪونهي، مونکي ڇڏيو ته آنءُ وڃان. پر گهر جا سڀئي ماڻهو درويش جا پير پڪڙي ٻهي رهيا. تڏهن لاچار ٿي سنت چيو ته چڱو ابا ڪٽي اچو ڪو پنو ۽ پينسل ته لکي ڏيانوَ تعويض. بس وتائي فقير پئي پنهنجي خُدا لاءِ پيغام لکيو ته يار تنهنجي نالي تي مون به موج ڪئي ۽ منهنجي گڏهه به ڍئه ڪيو آهي، هاڻي تون ڄاڻ اِها مائي ڄاڻي.

بس مائيءَ جو مڙس به درويش دوارا لکيل اِهو پنو ڪٽي پاڙي ۾ رهندڙ سيئومل سوناري وٽ ويو ۽ ٽامي جي تائٽ ۾ تعويض نهرائي آيو ۽ مائيءَ جي ٻانهن ۾ ٻڌائون ۽ سنت جي آسيس سان پنجن منٽن جي اندر ئي اُن زائفان کي چاڪ چڱو ڀلو ۽ تندرست ٻار ڄائو ۽ اها مائي ۽ سندس گهر وارا ڏاڍا خوش ٿيا ۽ وتائي فقير کي دعائون ڏيڻ لڳا ۽ هن جو جَسُ ڳائڻ لڳا. اِها هئي تعويض جي اهميت ۽ ڪرامت!

پر سائين اِها ته ٿي سنڌ جي وتائي فقير جي وارتا باقي هتي هندستان ۾ ته اصل ڪيترا ئي ساڌو سنت ۽ ٻاوا ٻانيڻ انهن تعويضين ۽ تائٽن جا دڪان ئي کوليو وينا آهن ۽ هزارن جي تعداد ۾ اسان جي ٻارن ڀولن ڀائرن ۽ ڀينرن کي اُلٽيون سُلٽيون پٽيون پڙهائي پئسا پيا ڪمائين ۽ پنهنجا ڀِيَ پيا




تعويض

موتيرام رامچندائي

تعويض جنهن کي اسين تائٿ به
چوندا آهيون ان جي ڏاڍي اهميت آهي
۽ ان ۾ ڏاڍي ڪرامت هوندي آهي. سنڌ
کان وٺي هتي هند تائين هن جو راڄ پئي
رهيو آهي. جڏهن به ڪنهن جي مٿان
ڪائي قدرتي آفت يا شاريرڪ تڪليف يا
مالي مصيبت ايندي آهي تڏهن هو ڪنهن
پهتل ساڌو سنت يا قابل ٻائي ٻانيڻ ۾
وشواس رکي هن کان کو تعويض ٺهرائي
پائيندو آهي ۽ ڪيترن جي اها مصيبت
ٽري ويندي آهي ۽ گهٽ کي پڻ ان مان
لاڀ ٿي ويندو آهي.

اسان جي سڳوري سنڌ ۾ وتائي فقير
نالي هڪڙو سنت رهندو هو جيڪو سڄو
ڏينهن جنهن جو به گڏهه هٿ لڳندو هئس
ان تي چڙهي پيو گهمندو هو ۽ ڏينهن رات
مالڪ جي مستيءَ ۾ مست رهندو هو. رات
جو پڻ پور پوندو هئس ته گهر ويندو هو ن
ته ڪنهن مندر يا مسجد جي ٿلهي تي
سمهي رات گذاريندو هو. گهر ۾ هڪ ٻڍي
ماءُ هوندي هئس. ان جي به ڪائي چنتا ن
هوندي هئس. هن جو اِهو عقيدو هو ت
”ڪري ڇڏ سڀ ڪم هوت جي حوالي-
چرخا پاڻيهي پيا چُرندا.“سو سائين
هڪڙي دفعي ڇا ٿيو جو سندس ڳوٺڙي جي
هڪ زائفان کي وِيمَ جا سوُر ته ٿين پيا پر
ڪافي ڪوشش ڪانپوءِ پڻ ويچاريءَ کي ٻار
نه پيو ڄمي. جيئن ته اُن وقت ٻهراڙين ۾
نه ته ڪي هئا وڏا وِيم گهرَ ۽ نه ئي ڪي
هئا ڊليوَري ڪرائڻ وارا وڏا وڏا ڊاڪٽر ۽
ڊاڪٽرياڻيون. ويچاريون دايون ئي وِيمَ
ڪرائينديون هيون. پر اُن دائيءَ کان هن



نالو	:	موتيرام رامچندائي.
جنم	:	ميرپور خاص، ١٩٢٢.٥.٩.
ڇپايل ڪتاب	:	پنج.
اِنعام	:	گجرات سنڌي ساهتيه اڪاڊمي دوارا ٽن ڪتابن تي.
پيشو	:	سمپادڪ، راشٽريه پريم هفتيوار.
پتو	:	١٤/١، اي وارڊ، نيو بنگلو ايريا، سهجپور، احمداباد-٣٨٢٣٤٥.

سمجھائي کير؟

سو ادا ساوتريءَ جي ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي کيس ڳراهڙي ڏيئي سمجھائيندي چيم تہ سياڻي اهڙو تہ ڪجھ بہ ڪونهي. سون توبھ پري. اڄ ڪانپوءَ جيئن تون چوندينءَ تيئن ئي ڪندس. جيڪڏهن تون چوين تہ پريس تي وڃڻ بند ڪري ڇڏيان جي تون چوين تہ اخبار ڪيڻ ئي بند ڪري ڇڏيان ۽ سچو ڏينهن تنهنجي ئي هنجھ ۾ وينو هجان پر مهرباني ڪري انهيءَ ڪاري پوت (تعويض) کي تہ منهنجي ڪرائيءَ مان ڪڍُ! ساوتري سدوريءَ پڻ منهنجي ڳالھ کي مان ڏنو ۽ اُهو تعويض منهنجي ٻانهن مان لاٿو.

انهيءَ تعويض جو هڪڙو ٻيو بہ دلچسپ قصو مونکي ياد اچي ويو. اِهو وري هن ريت آهي تہ منهنجي دوست ديارام وٽ هڪ ڳانءِ هئي جيڪا هر روز ڏھ ڪلو کير ڏيندي هئي پر ويچاريءَ کي الاجي ڪھڙي بيماريءَ اچي ورتو جو هن کير ڏيڻ گھٽائي ڇڏيو ۽ ڏهن ڪلن مان پنجن ڪلن تي اچي پهتي. منهنجي دوست ديارام سمجھو تہ هن ڳانءِ کي ڪنهن جي نظر لڳي ويئي آهي ڪو تعويض نهرائي ٻڌجيس سو هو ويو ڳوٺ جي ٻانيڻ ٻلومل وٽ ۽ کيس چيائين تہ سائين ڪو تعويض ناهي ڏيو جيئن ڳانءِ کير وڌيڪ ڏيڻ لڳي. ٻائي ٻلومل پڻ ايڪونجاھ رُپيا ڏڪڻا وٺي کيس هڪ تائت ناهي ڏنو.

پر هلڻ وقت ديارام کي ياد آيو تہ منهنجو ڇوڪرو ڇتو پڻ پڙهڻ ۾ ڪچو آهي امتحان ويجھا اچي ويا آهن هڪڙو تعويض اُن لاءِ بہ نهرائي هلان من ڇورو پاس ٿي وڃي ۽ سال بچي پويس. سو ايڪونجاھ رپيا ٻيا ڪڍي ان ٻانيڻ کي ڏنائين ۽ چيائينس تہ سائين هڪڙو ٻيو تعويض ڇوڪري کي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جو بہ ناهي ڏيو. ٻائي ٻلومل جي تہ ٻيگھي مڇي ويئي ۽ هڪ ٻيو تعويض کيس ناهي ڏنو ۽ چيو تہ اِهو ڇتوءَ کي ٻڌجو پڪ پاس ٿي ويندو.

پر سائين ٿيو ائين جو ٻنهي تعويضن جو رنگ ساڳيو ئي ڪارو هو تڏهن ديارام ان ٻائي کي چيو تہ مهراجہ سوامي هنن تعويضن جو ڪلر تہ بدلائي ڏيو اِئين نہ ٿئي جو ڳانءِ وارو تعويض ڇتوءَ کي ٻڌي ڇڏيان ۽ ڇوري وارو تعويض وري ڳانءِ کي ٻڌي ڇڏيان، پوءِ تہ اصل ڪم ئي اُبتو ٿي ويندو. نہ تہ ڇورو کير ڏيڻ شروع ڪندو ۽ نہ ئي ڳانءِ وڃي امتحان ڏيئي پاس ٿيندي. سو ادا اِها آَٿوَ تعويض جي اهميت ۽ ڪرامت!

پرين ۽ جيئن، چوندا آهن ته ”ايڪ بيوقوف ڀُونڊو تو هزار مِلِ جاتي هئِن“ اُن وانگر هنن کي پڻ هر روز ڪو نه ڪو نئون مُرغو مِلي ٿو وڃي ۽ ”چري ڪيئن جي ويران وير وڏ“ وانگر اِها انڌ وشواس جي بيماري پڻ وڌندي پيئي وڃي.

ڪجهه وقت پهرين جي ڳالهه آهي جو منهنجي گهر واري ساوتري سدوريءَ کي الاجي ڪهڙو اچي وهم ويئو ته منهنجو اُن سان هاڻي اڳه جهڙو پريم نه رهيو آهي ۽ مان اُن جي ويجهو اچڻ جي بدران پري پيو ڀڄان. حالانڪ اهڙي ڪا ڳالهه هئي ته ڪانه پر جيئن چوندا آهن ته وَهِم جي دوا لُقمان حڪيم وٽ به نه هئي ۽ زالن جو عقل ته هوندوئي ڏائي کُڙيءَ ۾ آهي سو ادا هوءَ لَڪَ سياڻي سِڌو ڀڳي ڀڳڙي مهراج وٽ، جيڪو به اِهي ڏس پنڌ ڏيندو هو ۽ تعويض پڻ ناهيندو هو.

بس مهراج پڻ سوچيو ته اڄه سٺيو گراهڪ ڦاٿو آهي، هن کي وري ڪيئن ڇڏيو سو هن به ساوتريءَ جا چڱي ريتِ ڪن پريا ۽ چيائينس ته ادي تنهنجي مڙس سان ضرور ڪنهن ڪجهه ڪري ڇڏيو آهي پر نالو نه ٻڌائيندوسئين باقي تعويض ناهي ٿو ڏيئين تنهنجو ڪم ٿي ويندو ۽ توهان جو پاڻ ۾ اهڙو نه پريم ٿيندو جهڙو چاليهه سال پهرين پرڻي وقت هوندو هئو. بس هوءَ مهراج کي چڱي چوکي ڏڪڻا ڏئي تعويض وٺي آئي. پر سائين ٿيو ائين جو منهنجي ساوتريءَ چا ڪيو جو سوچيائين ته متان نه مان اِهو تعويض ٻڌڻ کان انڪار ڪريان اُن ڪري هن سدوريءَ منهنجي سمهڻ ڪانپوءِ ننڊ ۾ مونکي اِهو تعويض ٻڌي ڇڏيو ۽ سوچيائين ته ٿورن ڪلاڪن جي ٻڌڻ سان پورو فائدو نه ٿئي ته من رُپئي جا اٺ آنا ته لاڀ ٿيندو. پر هن ويچاريءَ کي صبوح جو سويل منهنجي اُٿڻ کان پهرين اِهو تعويض منهنجي ٻانهن مان لاهڻ وسري ويو.

بس ادا صبوح جو جيئن ئي منهنجي اَکِه کلي ته سڌو منهنجي نظر وڃي تعويض تي پئي. اچرج ۾ پئجي ويس ۽ پنهنجي ياداشت جي بئٽريءَ جو بٽڻ دبائڻ لڳس ۽ سوچيم ته مون ته ڪو تائت ڪنهن کان ورتو ڪونهي ته پوءِ هيءُ همراهه وري منهنجي ٻانهن ۾ ڪيئن پيو لٽڪي؟ تڏهن پنهنجي گهر واري کان پڇيم ۽ هن سياڻيءَ پڻ ٿورو ومسر ڪرائي ۽ پنهنجا اڌُ ڀڳل ڏند ٻاهر ڪڍي سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي مونکي، آءُ ئي حيرت ۾ پئجي ويس ۽ سوچيم ته اهڙي ته ڪائي ڳالهه آهي ڪانه پر هن سياڻيءَ کي

آهن.

راجستان ۾ ڪيترا ئي ننڍا وڏا تيرٿ آستان آهن پر هت خاص خاص عقيدت، وشواس ۽ چمتڪار سان پريل تيرٿن جا نالا ڏجن ٿا:-

اجمير ضلعو :-

١. پشڪر راڄ ٢. ٻڍو پشڪر راڄ ٣. گيا ڪنڊ ٤. درگاه شريف .

الور ضلعو :-

٥. پرتري ٦. نارائڻي ماتا.

بوندي ضلعو :-

٧. ڪيشوراءِ پاٽن.

بيڪانير ضلعو :-

٨. ديشنوڪ ٩. شري ڪولايت

١٠. مڪام.

ٻاڙمير ضلعو :-

١١. تل وارا ١٢. ناڪو راجي.

گنگانگر ضلعو :-

١٣. گوگا مرهي.

جئپور ضلعو :-

١٤. شيتلا ماتا (آمير) ١٥. گلتا جي ١٦. ٻاڻ گنگا ١٧. شيل ماتا جي ڏونگر ١٨. ڏگي ٻُري.

جيسلمير ضلعو :-

١٩. رامديورا ٢٠. ويساکي ٢١. لودروا .

جهنجهنو ضلعو :-

٢٢. راڻي ستي.

جوڌپور ضلعو :-

٢٣. منڊور ٢٤. اوسيان ٢٥. ٻلارا .

ڪوٽاهه ضلعو :-

٢٦. سيتلا باري .

ناگور ضلعو :-

٢٧. پربت سر.

پالي ضلعو :-

٢٨. رڻڪپور ٢٩. گوتميشور.

سيڪر ضلعو :-

٣٠. سڪراءِ ماتا ٣١. جيڻ ماتا ٣٢. لوها گل.

سروهي ضلعو :-

٣٣. آبو پربت.

ڏونگرپور ضلعو :-

٣٤ گليا ڪوٽ ٣٥.بيڻيشور.

سوائي ماڌوپور ضلعو :-

٣٦. مهاوير جي ٣٧. ڪئلا ديوي ٣٨. مهيندپور بالا جي ٣٩. رڻٿنپور .

اُڏيپور ضلعو :-

٤٠. ايڪ لنگ جي ٤١. ناٿدوارا ٤٢. ڳڊ ٻور ٤٣. رشڀ ديو.

هر هڪ آستان جو پورو ورڻن ڪرڻ هن ليک ۾ ممڪن ڪونهي. پر هڪ تيرٿ جو ذڪر ڪجي ٿو. هي ماتا جو آستان آهي جتي هر سال ميلو لڳندو آهي ۽ اُن وقت اکنڊ جوت جو وڏي وڏان سان پوڄا ڪري استاپنا ڪئي ويندي آهي. هيءَ جوت ماتاجي شڪتي آهي ۽ وشواس لاءِ هن

راجستان آهي تيرٿستان


موهن لعل ڏُسيجا ”ساهتيہ رتن“

اَڄ جو راجستان اڳيہ راجپوتانا جي نالي سان مشهور هو. راجپوتانا معنيٰ هو راجپوت يوڌائن جو ملڪ. پر خاص ڪري هيءُ نالو اُچڻ سان ريگستان آڏو ايندو هو. چوڌاري رڻ پٽ جو نظارو اچي ويندو هو جتي آهي ريت ئي ريت ۽ اُٺ ئي اُٺ.

پر حقيقت اِها نہ آهي. هن ملڪ ۾ آهن شاهي قلعا ۽ قلعيون، وڏا محلات ۽ محل . ڪٿي ريت آهي تہ ڪٿي ساؤڪ پريا مئدان ۽ ننڍا وڏا پهاڙ ۽ پهاڙيون بہ آهن. برساتي نديون ۽ نالا آهن تہ تلاءَ بہ. راڻائن ۽ مهاراجائن جو راڄ ۽ رياستون هيون جن پنهنجي وِت آهر پاڻيءَ لاءِ کوهہ کوٽايا تہ خوبصورت باوريون بہ نهرايون آهن.

راڻائن ۽ راجائن ۽ مهاراجائن پنهنجيَ ويرتائن جو وارو ڄمايو تہ راڻين مهاراڻين پنهنجي ويرتا ۽ سَتيِتوَ جو جوهر بہ ڏيکاريو آهي. جنهنجي امرتا ۽ يادگار هميشه قائم رهندا. ملڪ جي هن رياست ۾ گهمڻ ۽ ڏسڻ جا اِتهاسڪ يادگار ۽ اِستان ايترا آهن جن ڪي پوري طرح ڏسڻ لاءِ هڪ جيون تمام ٿورو آهي.

راجستان ويرتا جي وارتائن سان هميشه ياد رهندو تہ هڪ کان هڪ وڌيڪ عقيدت ۽ چمتڪار سان ڀرپور تيرٿ آستانن جي ڪري بہ سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. اَڄ هنن تيرٿن ۾ هر قوم هر ذات جا شاهي ميلا اڄ ڪان نہ پر آدِ ڄُڳہ کان لڳندا رهن ٿا. ڪيترن تيرٿ آستانن جو ويد پراڻن ۾ ذڪر ٿيل آهي. جيترا اِتهاسڪ اِستان آهن اوترا آستا جا اِستان بہ. هر قوم- هندن، مسلمانن، سکن ۽ عيسائن جا شاهي مندر. مسجد، گردوارا ۽ گرجاگر آهن، تہ هر شهر، هر محلي،هر گهٽيءَ ۾ پوڄا استل نهيل



نالو : موهن لعل دسيجا.
پيشو : سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائرڊ.
پتو : ٥١٧، نمڪ منڊي، ڪشنپول بزار جئپور-٣٠٢٠٠١

ي چئو تہ مان هن سان شادي ڪندس.''
يجيءَ جي ڳالهہ ٻڌي بيڪاجي تعجب
ر پئجي ويو ۽ چيو تہ اِئين ڪيئن ٿو ٿي
سگهي؟ تڏهن جيجيءَ هن کي ياد ڏياريو
ہ هن هن جي گهر هن موقعي لاءِ اوتار ورتو
آهي ۽ جيئن هوءَ چوي ٿي تيئن ڪريو.
تڏهن بيڪاجيءَ بادشاه کي چوائي موڪليو
ہ شادي هندو ريتي رواج مطابق ٿيندي.
بادشاه محمود شاه اِن تي رضامندي ڏني.
بيڪاجي جيجيءَ جي صلاح موجب ڳوٺ
جي ٻاهر هڪ جهوپڙي تيار ڪرائي جنهن
۾ جيجي ۽ هڪ نوڪراڻيءَ جي رهڻ جو
بندوبست ڪيو ويو. ڄڃ سان اچڻ وارن جي
ڪاڌي پيتي جي بندوبست لاءِ بيڪاجي چنتا
۾ پئجي ويو تہ جيجيءَ چيس تہ ڪنهن بہ
قسم جي بندوبست ڪرڻ جي ضرورت نہ
آهي. ڄڃ اچڻ ڏيو هوءَ خود پنهنجي
هٿن سان ڪاڌو بہ ڏيندي.

ڄڃ مقرر وقت تي ڏاڍي شان شوڪت
سان بيڪاجيءَ جي ڳوٺ پهتي. پرمپرا
مطابق ويڙهيءَ کان اڳہ ڄاڃي جيجيءَ جي
جهوپڙيءَ جي ٻاهر ڪاڌي کائڻ لاءِ پنگت
لڳائي وينا. جيجي جهوپڙيءَ جي منڍ ۾
ويهي ٿالهيءَ ۾ ڪاڌو پري پري نوڪراڻيءَ
کي ڏيندي ويئي ۽ نوڪراڻي ڄاڃين جي
سامهون رکندي ويئي. هنن کي اچرج ٿيڻ
لڳو تہ هيترن ماڻهن کي صرف بہ جوانريون
ڪاڌو ميسر ڪري رهيون آهن. هن ننڍڙي
جهوپڙيءَ ۾ ڪاڌي جو ايترو سامان رکي نٿو
سگهجي تنهن ڪانسواءِ بنا ڪنهن بنيءَ
۽ حلوائيءَ جي ڪاڌو تازو ڪيئن آهي؟
اَچرج جي ڳالهہ بادشاه تائين پهتي. بادشاه
اِڇا ظاهر ڪئي تہ هيءُ سڀ کان پهرين
هن جوانريءَ کي ڏسڻ ٿو چاهي جنهن
سِيني کي تپرس ۾ وجهي ڇڏيو آهي. بادشاه
اڪيلو اڳيان وڌي جهوپڙيءَ پرسان پهتو.
هن روپ سندري جيجيءَ کي نهاريو تہ
اَچرج ۾ ٻهي رهيو. بادشاه هن تي نظر
ڄمائي نہ سگهيو ۽ هن اَکيون جهڪائي
ڇڏيون. پر جيئن ئي نظر واپس ڪئي تہ
جيجي شينهن تي سوار ديويءُ جي روپ ۾
هن جي سامهون موجود هئي. بادشاه جي
پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳي. هٿ ٻڌي
ديويءَ کان معافي وٺڻ لڳو. پر ديويءَ هن
کي پنهنجي شڪتيءَ سان ڪٽي زمين تي
ڦٽو ڪيو ۽ بادشاه جي سيني تي سوار ٿي
چيو تہ شادي ڪندين؟ بادشاه هن کان ديا
جي ڀيک گهرڻ لڳو پر ديويءَ پنهنجي ڀالي
سان ظالم بادشاه جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو.
تنهن ڪانپوءِ جيجيءَ بيڪاجيءَ کان سفيد
وستر وٺي سنياس ڌارڻ ڪيو. ويندي وقت
هن بيڪاجيءَ کي وري ياد ڏياريو تہ هن
جنهن ڪم لاءِ اؤتار ورتو آهي اُهو پورو
ڪري هاڻ هوءَ غريبن، دين دکين ۽

ڪلجڳ ۾ قائم ۽ دائم رهڻ جو پرماڻ آهي.

اکنڊ جوت مان ڪيسر وسندي آهي

ماتا درگا جا انيڪ روپ آهن ۽ الڳ الڳ ذاتيون ۽ سمودايہ پنهنجي پنهنجي طريقي سان آراڌنا ۽ پوڄا ڪندا آهن. ذاتين ۾ هڪ سيروي ذات آهي جيڪا راجپوتن مان نڪتل آهي، هن ۾ ٻہ اُپ ذاتيون (۱) سارويا سيروي ۽ (۲) جموا سيروي آهن. هيءُ راجستان ۽ گجرات ۾ وسيل آهن.

مغل ڪال ۾ سنہ ۱۳٦۸ع ۾ علاودين خلجيءَ جي حملن، ظلمن ۽ هندو راجپوتن کي زوريءَ مسلم ڌرم قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪرڻ، نہ تہ جان تان هٿ کڻڻ جي خطرن کان بچڻ لاءِ جالور جي راجا ڪانڙديو جي شرڻ ۾ آيا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ لڙائيءَ ۾ راجا جو موت ٿيو. راجا جي موت ڪانپوءِ بدحال راجپوت وري ننڍن ننڍن سموُهن ۾ ڦهلجي ويا. ڪجهہ راجپوت ڪاري ڪاچر نديءَ وٽ اچي وسيا. اَڄُ اُها ندي لوٽي نديءَ جي نالي سان مشهور آهي. راجپوت اُتان جي رهواسين سان ملي ڪري کيتي ڪرڻ لڳا جنهن کي سير جي (پائيواريءَ جي) کيتي چيو ويندو آهي. اِتائين سيروي سڏجڻ لڳا.

آئي ماءُ (ماتا درڳا) اَمباپور نواسي بيڪا جي ڏابي جي گهر ۱۴۸۲ع ۾ اوتار ورتو هو. بيڪا جي ڏابي بي اولاد هو ۽ ماتا درڳا جو ڀڳت هو. هن جي ڀڳتيءَ تي پرسن ٿي ۽ اُن وقت جي بادشاہ محمود شاہ جي اتياچار کي مٽائڻ لاءِ ديويءَ بيڪاجيءَ کي درشن ڏنو ۽ چيو تہ هوءَ هن وٽ ڌيءُ جي روپ ۾ ايندي. هڪ ڏينهن بيڪاجي ديوي ماتا جي مندر ۾ چاڙهڻ لاءِ گل ٽوڙڻ واسطي باغ ۾ ويو تہ جهاڙين ۾ هڪ سندر معصوم بالڪا سندر ڪپڙن ۾ ويڙهيل ڏسڻ ۾ آيس. ديويءَ جي ڳالهہ ياد ڪندي بيڪاجي بالڪا کي گهر کڻي آيو ۽ هن جو پالڻ پوسڻ ڪرڻ لڳو. بيڪاجيءَ جي گهر ۾ هن کي جيجيءَ جي نالي سان سڏڻ لڳا. جيجي وڏي ٿيڻ لڳي ۽ جوانيءَ کي ڇهڻ لڳي. هن جي سندرتا جي واڪاڻ چوڌاري ٿيڻ لڳي ۽ هن جي ساراهہ بادشاہ محمود شاہ جي ڪنن تائين پهتي. بادشاہ بيڪاجيءَ کي سڏائي چيو تہ هو هن جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي. هن کي پنهنجي ارڌانگني (زال) سان صلاح مصلت ڪري جواب ڏيڻ جي اجازت ڏني . بيڪاجي منجهيل من ۽ چنتا سان گهر موٽي پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي بادشاہ جي ڳالهہ جو ذڪر ڪيو ۽ آتم هتيا (آپگهات) ڪرڻ جو ويچار ٻڌايو. بيڪاجي اجا پنهنجي گهرواريءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيو هو تہ اوچتو جيجي اچي چوڻ لڳي ” پتا جي توهان وڃي بادشاہ

ويندي هئي ۽ رَٿُ اڄ بہ موجود آهي.

سنہ ١٥٦١ع ۾ چيٽ سُدي ٻي ڇنڇر جي ڏينهن پنهنجي ڏورا ٻنڌ (ڳنڍ ٻڌل ڌاڳو) ماڻهن کي ڪنو ڪري اَعلان ڪيو تہ هوءِ هڪ هفتي تائين ڳُپت تپسيا ڪرڻ ٿي چاهي ۽ مان پنهنجو ديوان شِشُ گوبند جي جاڻوجيءَ کي مقرر ٿي ڪريان ۽ پنهنجي شڪتي هن کي ڏيان ٿي. مون ۾ ۽ گوبند جيءَ ۾ ڪوبہ فرق نہ سمجهندا. آئي ماءُ جنهن ڪمري ۾ وهندي هئي اُنجا ڪپاٽ بند ڪري ڇڏيا. پنجن ڏينهن ڪانپوءِ ماڻهن کي شڪ پيو ۽ آئي ماءُ جي حڪم خلاف ڪپاٽ کوليا تہ ماڻهن ڏٺو تہ جنهن آسڻ تي ماتا وهندي هئي اُن آسڻ تي اُن جو چولو پيو آهي. آسڻ پرسان چاکڙيون، گرنٿ، گدي ۽ مالا پئي هئي. ڪمري ۾ پنج جٽا وارا ناريل بہ هئا جيڪي آئي ماءُ ٻلارا پاڻ سان گڏ ڪٽي آئي هئي. اَٽڪل ٥٠٠ سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ اڄ بہ مٿيون نشانيون جيئن جو تيئن آئي ماءُ جي ڪمري ۾ موجوده آهن.

آئي ماءُ جي اُن ڪمري ۾ هڪ ٻرندڙ ديپڪ مليو هو. اُن ديپڪ کي اُن استان تي اکنڊ جوت جي روپ ۾ رکيو ويو آهي. عجب جي ڳالهہ آهي تہ اکنڊ جوت جو ديپڪ جيڪو نارلائي جي پهاڙ تي کليل هوا ۾ سوَنِ سالن کان ٻري رهيو آهي اهڙوئي ديپڪ آئي ماءُ جي انترڌيان واري اِستان تي ٻري رهيو آهي. هن اکنڊ جوت جي خاص ڳالهہ اِها آهي تہ ديپڪ جي مٿين ڇَٽَ ۾ جوت جي لوو مان ڪاجل نہ پر ڪيسر وسندي آهي. جيڪو دنيا جو هڪ عجوبو آهي. ڪيترن وئگيانڪن ۽ ودوانن هن جي جاچ ڪري چڪا آهن پر ڪنهن بہ نتيجي تي پهچي نہ سگهيا آهن. مندر جو پوڄاري درشن ڪرڻ اچڻ وارن کي ماتا جي مندر جي اکنڊ جوت جي جهڙندڙ ڪيسر جو تلڪ ڪندو آهي جيڪو سو نهري هوندو آهي. آئي پنٿ جي گوبند جي جاڻوجيءَ ڪانپوءِ ١٨-١٩ ديوان گديءَ تي براجمان ٿيا آهن. آئي ماءُ جي ڏورا ٻنڌ ماڻهن کي راجستان ۾ سيروي ۽ گجرات ۾ پٽيل جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

آئي ماءُ جي رَٿَ جي پوڄا ۽ سنمان بہ اهڙو ئي ڪيو ويندو آهي، جيڪو آئي ماءُ جي وقت ڪيو ويندو هو. هن پنٿ ۾ ٻوڄ تاريخ جو وڏو مَهتوُ آهي. هن تاريخ ڏينهن اکنڊ جوت کي وِڌيِ وِڌان بدليو ويندو آهي. هنن چار ٻوڄ ۾ ڀادو سوڄ ٻوڄ جو خاص مهتوُ آهي. چار ٻوڄ آهن- چيٽ سود ٻوڄ ، ويساکہ سود ٻوڄ، ڀادو سود ٻوڄ ۽ مانگهہ سود ٻوڄ. آئي ماءُ جي مندر ۾ هزارين ماڻهو منوتيون (من جون اِڇائون) ڪٽي ايندا آهن ۽ من وانڇت ڦل پائيندا آهن. ڪيترا شخص من جي مراد پوري ٿيڻ ڪانپوءِ سون ۽ چانديءَ جو ڇَٽُ ماتا تي چاڙهيندا آهن.

بيسهارن جي مدد ڪندي.

جيجيءَ جي شيوا، ستڪار ۽ چمتڪار جي ڪري هن کي آئي ماءُ (آئي ماتا) جي نالي سان پڪارڻ لڳا. انتر ڏيان ڪان اڳ آئي ماءُ نارلائي جيڪلي ڳوٺ ڀرسان اُتي پهاڙيءَ تي نهيل شِوَ مندر تائين پهچڻ لاءِ وچ رستي ۾ آرام واسطي ڀڳتن کي ڪافي تڪليف ٿيندي هئي. چمتڪار سان پهاڙ جي وچ رستي ۾ هڪ اِستان کي غفا ۾ بدلي ڇڏيو جيئن ڀڳت رستي ۾ رُڪجي آرام ڪري سگهن. ڍائلانا ڳوٺ ۾ سالن کان سڪل کوهه هو، گوالن ۽ ڪڙمين جي عرض تي پاڻيءَ سان لبا لب ڪري ڇڏيو. اِنهيءَ ڳوٺ ۾ ڇايا لاءِ وڻ ڪونه هئا ۽ ڪڙمي سڪل ڳاهه جو پال ٻڌي ڇانوَ ڪندا هئا. جيجيءَ وڻ لڳارايا جنڪي جيجي وَٽِ جي نالي سان پڪاريندا آهن. اَهڙي طرح جيجيءَ ڪيترا ئي چڱا ۽ چمتڪاري ڪاريه ڪيا آهن.

بلارا اجمير ڪان جوڌپور مارگه ۾ آهي ۽ جوڌپور ڪان بس رستي هڪ ڪلاڪ جي پنڌ تي آهي. سنه ١٥٢١ع ۾ آئي ماءُ بلارا اچي رهي ۽ جاٽوجي رانوڙ جي گهر آرام ڪيو. جاٽوجي ۽ هن جي ڌرمپتنيءَ جي پريم، شيوا ۽ شرڌا ڀڳتي ڏسي پرسن ٿي ۽ هنن جو عرض اونائي اُتيئي رهڻ منظور ڪيو. بلارا ۾ آئي ماءُ آئي پنٿ جي شروعات ڪئي. آئي ماءُ جاٽوجيءَ جي گم ٿيل پٽ کي سالن ڪانپوءِ ملارائي چمتڪار ڪري ڏيکاريو ڇو جو اُن زماني ۾ اِن ڳالهه جي ڪلپنا به نه ٿي ڪري سگهجي. آئي ماءُ جي چمتڪارن ۽ شيوائن جو خاص ڪري ڪڙمين تي اثر پيو جن تي آئي ماءُ جو خاص سنيهه هو. هن جي ڪاريه کي ماءُ جي آشيروادسان جاٽوجيءَ اڳتي وڌايو. پنهنجي پوئلڳن جي سڄاڻپ لاءِ مردن جي سڄي هٿ ۾ ۽ زالن جي ڳِڇيءَ ۾ يارهن ڳنڍين واري سُٽ جو ڏاڳو ٻڌڻ جي شروعات ڪئي. اڄ به آئي پنٿ سيروي جاتيءَ جا اَٽڪل پنج لک پريوارن جا ياتي هن کي ڌارڻ ڪندا آهن. يارهن ڳنڍين جي پنيان اُپيو گي اُپديش ۽ سڌانت سمايل آهن. جيڪي هن ريت آهن:- پهريون - ڪوڙ ڇڏيو سُکه پايو. ٻيون - مد مان (گهمنڊ) ڇڏيو. ٽيون - ڌن تي وياج نه وٺو. چوٿون - جوئا ڪڏهن به نه کيڏيو. پنجون - ماتا پتا جي شيوا ڪريو. ڇهون - گروءَ جي آگيا مڃيو. ستون - مهمان جي ايشور ڪري شيوا ڪريو. اَٺون - ٻين جو هِتُ (ڀلو) ڪريو. نائون - پر ناري ماتا سمان ڄاڻو. ڏهون - ڪنيا کي ڌرم سمجهي مڃايو. يارهون - ڳنڍ سنڀالي هلو.

آئي ماءُ پنهنجي پنٿ جي ماڻهن سان ملڻ ۽ درشن جو لاڀ ڏيڻ لاءِ هڪ رَٿُ نهرايو هو جنهن ۾ سوار ٿي ڳوٺ ڳوٺ

ڇڏيو آهي. گهڻي تعداد ۾ بزرگ اِئين محسوس ڪري رهيا آهن ته سڄي زندگي محنت ڪرڻ ۽ ڪٽنب جي واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙڻ بعد به سماج ۽ ڪٽنب ۾ اُنهن لاءِ جاءِ نه آهي. اِهي ڳالهيون اسان جي سنڌي سماج ۽ جاتيءَ لاءِ گهاتڪ ثابت ٿيون آهن. اهڙين ڳالهين سان نه فقط بزرگن جي دل جي شانتي وڃي ٿي، پر اسان جي نوجوان ٽهيءَ جي دل ۽ دماغ تي ڪافي اثر ٿئي ٿو. ٻنهي جي دلين ۾ شانتي آڻڻ لاءِ بزرگن لاءِ نوجوانن کي سوچڻ گهرجي. ٻنهي کي اڄ جي يگ ۾ سمي سارو بدلجڻوئي گهرجي. گهرو جيوت ۽ شانت جو وايومنڊل ۽ واتاورڻ پيدا ڪرڻ گهرجي. بزرگن کي سمجهڻ گهرجي ته زمانو ڪافي بدلجي چڪو آهي ۽ اُنسان گڏوگڏ هنن کي به بدلجڻو آهي ڇاڪاڻ ته گذريل وقت وري وجود ۾ اچڻو ڪونهي. اسان جي نوجوان ٽهيءَ کي پنهنجي فرض کان مُنهن موڙڻ نه گهرجي اُنهن کي به اِهو سوچڻ گهرجي ته بزرگن کي به عزت واري زندگي گذارڻ جو حق آهي ۽ حق ملڻ گهرجي. اُهو به وقت اچڻو آهي جڏهين اڄ جا نوجوان بزرگن جي جڳهه تي براجمان هوندا. اِهو هڪ قدرتي نيم آهي ته جيڪي پوکبو-اُهو ئي لڻبو. ڪو وقت هو جو اُهي بزرگ سندن وانگر جوان هئا.

”اڄ جي ننهن سياڻي سسُ آهي.“ اڄ جيڪڏهين هوءَ سسُ کي ماءُ جو روپ يا درجو نٿي ڏئي ۽ اُنسان نيڪ ورتاءُ نٿي ڪري، بزرگن کي عزت سان نٿي ڏسي ته اُها پڪ آهي ته اڳتي هلي ڪيس به اهڙي ناخشگوار هلت کي منهن ڏيڻو پوندو. ان ڪري نوجوان ٽهيءَ کي به پنهنجي منوورتيءَ ۾ ڦيرو آڻي بزرگن ڏانهن نيڪ نگاهه نيڪ ورتاءُ رکڻ گهرجي ۽ اُنهن بزرگن جي آسيس حاصل ڪرڻ گهرجي.

اگر صبوح جو سمو سهاڻو آهي ته شام به گهٽ دلفريب نه ٿيندي آهي. ساڳيءَ طرح اسين بزرگ به پنهنجي زندگيءَ جي به شام جا پانڌيئڙا پاڻ ۾ وشواس جاڳايون ته اسان جي اڄا سماج ۽ سنڌي جاتيءَ کي گهرج آهي. اسان کي همت هارڻ نه گهرجي. اسان اڄا کي سماج شيوا ۾ پنهنجي جيون جي شام گذاري حياتيءَ جو باقي وقت وئرٿ نه وڃائڻ گهرجي. نئديءَ ٽهيءَ کي ڏوهه ڏيڻ بدران پنهنجي من ۾ جهاتي پائي ڏسون ته سڀ پنهنجي من ۾ آهي. پنهنجي من کي مارڻ گهرجي. ٻڍاپي ۾ من کي پڪو ڪري هر مصيبت جو مقابلو ڪرڻو آهي پوءِ ٻڍاپو سُٺيءَ طرح گذرندو پيءَ حالت ۾ ٻڍا گهر جو منهن ڏسڻو پوندو. اندر ۾ جهاتي پائڻ سکو ان ۾ ايڪانت ۾ ويهي پريوءَ جو ڪجهه سمرڻ ڪريو جيئن پڇاڙيءَ جو جيون رهجي اچي.


ٻڍاپي جو موڙ

ڊاڪٽر پرسرام رامرکياڻي ”ڪمل“

”صبوح ٿيو آهي ته شام ضرور ايندي“ اِها هڪ عالم آشڪار چوڻي آهي. اِها حقيقت اِنسان جي زندگيءَ سان به لاڳو آهي. ٻالپڻ ۾ چنچلائي ۽ بي پرواهي - جوانيءَ ۾ موج ۽ مستي. اِهو زندگيءَ جو سڀ کان سهاڻو سمو آهي. خوشيءَ جو وقت جلدي گذري وڃي ٿو ۽ جواني گذرڻ بعد اِنسان زندگيءَ جي شام ۾ قدم رکي ٿو.زندگيءَ جي شام جنهن کي اسين ٻڍاپي جو موڙ سڏيون ٿا.


ٻڍاپو هر ڪنهن پراڻيءَ لاءِ قدرتي نيم آهي. ٻڍاپو پاڻ سان گڏ ڪافي مشڪلاتون آڻي ٿو. ڇا ڪاڻ ته ٻڍاپي ۾ منش پراڌين هوندو آهي. دوائن جي شڪتيءَ تي مدار رکي ٿو. تنهنڪري ٻڍاپو غلامي آهي. ٻڍو ماڻهو سدائين بستري تي ليٽيو رهندو آهي. ڪيس ڪافي مشڪلاتون اچن ٿيون، پر سڀ کان وڏيڪ تڪليف ڏيندڙ حالت پيدا ٿئي ٿي جڏهين ڪٽنب ۾ ڪلڪل پيدا ٿئي ٿي. اڄ ڪلهه هر ڪنهن گهر ۾ هڪ ٻئي سان جهڳڙا ٿين ٿا. اها هڪ عام رواجي ڳالهه ٿي پيئي آهي. اهڙيون حالتون اُنهن انسانن لاءِ جن کي اسين بزرگ چئون ٿا نراشائيءَ جو ڪارڻ بڻجڻ ٿيون ۽ دماغي پريشاني پيدا ڪن ٿيون.

اڄ سمو بدلجي چڪو آهي ۽ اڄ ڪلهه جي زندگي سڄي سوارٿ پٺي سان پرجي ويئي آهي. اُهي خوشيءَ جا ڏينهن گذري ويا جڏهين اسان جي سماج ۾ گڏيل ڪٽنب جو سرشتو هو. بزرگن کي عزت جي نگاه سان ڏسندا هئا ۽ اُنهن جي آگيا ۾ رهندا هئا. ڪٽنب جو هر هڪ ڀاتي بزرگن کي پيار ۽ سنمان ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح سماج ۾ بزرگن جو اوچو آستان حاصل هو. عمر جي وٿيءَ بزرگن ۽ نوجوان ٽهيءَ ۾ ڪافي نفاق جي لهر جاڳائي ڇڏي آهي. جنهن گڏيل ڪٽنب جي سرشتي کي ٽڪر ٽڪر ڪري



نالو : ڊاڪٽر پرسرام رامرکياڻي (ڪمل).
جنم : ڪنديارو، ١٩٢١.٣.١٧.
پيشو : رٽائرڊ سرڪاري نوڪري.
پتو : ١٠٢، سپنا پارڪ اپارٽمينٽ، ڊرم پئليس جي سامهون، جهوليلال ٽرسٽ اسپتال، هري ڪيرتن دربار روڊ، سنڌو نگر- ٤٢١٠٠٣.

ورهاڱي جي ڏکن ڀريل پنهنجي
حياتيءَ کي گردشن مان پار ڪندي گهڻي
ڀاڱي سنڌي ڪنهن نه ڪنهن نڪاڻي
اچي لڳو آهي. پر هڪ پرديش، هڪ مڪام
۾ گهٽائي ۾ هڪ هنڌ نه هئڻ ڪري ڪجهه
ٿي شهرن ۾ الڳ الڳ پاڙن ۾، ڪالونين ۾
پنهنجا اجها پنهنجي ضرورت آهر ٺاهي
جهوپڙيءَ کان عاليشان ڪوٺيون اڏي وسي
ويناسين جنهنڪري مڪاني ماڻهن جي
اکين ۾ ڪِرِ ڪِرِي بڻجي پياسين. انهيءَ
ريت ڪاروبار ۾ قابل ڪاروباري مئدان ۾
جتي ڪٿي پنهنجي مونوپلي ناهڻ ۾
ڪامياب ٿي وڏيون وڏيون بازاريون، وڏا وڏا
شوروم ناهي ڌن دولت کي حاصل ڪرڻ ۾
ايمانداريءَ ۽ قابليت سان پوئتي نه رهياسين
اُن ڪري هند سنڌ ۾ ڪو فرق نه رهجي ويو.
نتيجو اِهو نڪتو جيئن گجرات ۾ گجراتي
سنڌي، بنگال ۾ بنگالي سنڌي سڏائڻ لڳو
ايتروئي نه لعلچند بني وارو، رامداس ڪير
وارو، ڪرمچند ڪپڙي واري نالن سان
پنهنجي سڃاڻ ظاهر ڪرڻ لڳو.
وايو منڊل جي اثر ڪري شڪل
صورت ۾ به ڦيرو اچي ويو. سنڌ
۾ ڄايل شڪل صورت سان پري
کان سنڌي پڌرو هيو. هينئر اِها
سڃاڻ به سوَلي نه رهي. نالي سان
سومرمل، منگلمل، پڌر مل،
جهومل ٽلومل کلومل به نه رهيا،
اُن جي جاءِ تي سريش دنيش
ڪمليش وغيره اچي ويا. شڪل
ڦراڻ - نالي سان سنڌي جي سڃاڻ ڪرڻ
به آسان نه رهي. وڏا ڪٽنب ٽٽي ويا وڏي
جو ننڍي تي اثر نه رهيو. پئنچاتين ۾ به
وزن نه رهيو. مُکي صرف شادي وهانوَ غمي
وغيره جي دائري ۾ ئي پنهنجي سڃاڻ
سالم رکي سگهيو. ڀرِيوار نِيوجَنُ هم دو
همارا ايڪ خاص ڪري سنڌين ۾ عمل ڪرڻ
ڪري ڪنبائن جو تعداد گهٽجي ويو. مالي
تنگيءَ ۽ وڌيل خرچن جي ڪري زالن کي
گهر کان ٻاهر ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو.
ٻارن کي ماءُ جي ممتا ۽ ٽيچُ به نصيب نه
رهي- اوڙي پاڙي جي ماحول سنڌيت جي
ريت رواجن کي به محفوظ نه رکيو. پنهنجا
ڏڻ وار به منائڻ مشڪل ٿي ويا. جنهن
پرديش ۾ جيڪو رهي پيو، اُن پرديش جي
ڏڻن تائين رهجي وياسين. جيئن گجرات
۾ گربا ، مهاراشٽر ۾ گڻيش چوٿ، اُتر
پرديش ۾ رکيا بنڌن ڪرواچوٿ وغيره. وري
راڌا سوامي، گيتا گيان، آنند مارگي،
سائين بابا وغيره پنٿن ۾ ورهائجي وياسين،
ايتروئي نه شاديءَ ۾ به پنهنجن وڏڙن جي
مڪٽ کي گهوٽ جي مٿي تي
ٻڌڻ ۾ لڄ ڪري پڳڙي وغيره
کي ماڻُ ڏنو ويو. مٿي مائٽي
ڪرڻ وقت عامل، ڀائي بند،
لاڙائي، رياستي، اُترادي،
ساهتي سنڌ ۾ ڪٿان جي
رهندڙ جي بنا ڪنهن ڄاڻ جي
صرف سنڌي ئي ڪافي
رهجي ويو . ڪٿي ڪٿي ته
انترجاتيءَ ۽ لوَ مئريج جي
مرض سنڌيت کي کائي ڇڏيو. راڄنيتي جي



سنڌي ڪيترا ڏينهن

موهن لعل ڪٽر

ڀارت جي آزادي جي يڳ ۾ سنڌي سڀ ڪجهه قربان ڪري پنهنجي منڙي محبوب وطن کي ڇڏي پنهنجي پياري ٻولي ڪٽي ٽُٽن ڦُٽن لفظن ۾ ٻين ٻولين جي سهاري ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سائين رام رام سان سيني غير سنڌين جو من موهي سنڌي سڪڻ لاءِ ايترو ته ديوانو ڪري ڇڏيو جو مڪاني ماڻهو سنڌي سکڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ڪجهه لفظن کي ياد ڪري پاڻ کي فخر سان سنڌين سان ڳالهائڻ ۾ شان سمجهڻ لڳا.

پنهنجي ڌرم عزت جان جي رکوالي لاءِ پنهنجن وڏڙن جا اڏيل وڻائڻ هٽ بازاريون گهرگهاٽ ڇڏي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي سائين جي نالي پنهنجي سڃاڻ رکندي مصيبتن جو کلندي کلندي مقابلو ڪيوسين. جڏهن پنهنجي روزگار عاليشان مڪان موٽر گاڏيون ۽ ٻين عئش آرام جي زندگي گذر ڪرڻ لائق ٿياسين ته هڪ اهڙي موڙ تي اچي پڄڪي وياسين، جتي پنهنجي ويس پوشا- زيور پنهنجي سنسڪرتي ، ساهتيه، ريت رواج ،ٻولي، ڏڻ وارن ڪان پري پئجي وياسين. اُن جو انت ڇا ٿيندو.اڄ جڏهن دنيا ۾ سائنس ٽيڪنالاجي تيزي سان وڌي رهي آهي جنهنجي ڪري ماڻهو جي روزاني زندگيءَ تي سنوءَ خراب اثر يڪدم پوڻ ڪري پُراڻا ريت رواج ، اُٺڻ وهڻ، رهڻ سهڻ خيالات مانيتائون رشتا ناتا به تيزيءَ سان بدلجي رهياآهن. اُنهن جي اثر ڪان سنڌي سماج رهجي وڃي اِهو ممڪن ناهي. ڀارت ۾ سنڌي سماج جنهنجو ڪو پرديش نه آهي ڪوئي راشٽريه نيتا نه آهي، ايڪو قائم رکڻ لاءِ ڪو رستو، ميڊيا جو ساڌن به نه آهي سنگهٽن لاءِ جاڳروڪتا جي جذبات نه آهي نئين ٽهي ۾ سنڌيت جي چاڻ نه هئڻ ڪري سنڌي سنسڪرتي جي بنيادي ڳُٽن کي گُهٽو لڳي ويو.



نالو	:	موهن لعل ڪٽر.
جنم	:	ڳوٺ- پيلار، ضلع سکر، ۱۹۳٦.۱.۲۱.
پتو	:	هيمنت ڪنج، ڪرشنا پوري، بريلي، يوُ. پي.

اڄ جي ڀارت جي ٻارن جو ڀويش ڪهڙو؟

هيملتا ٻجاج

مان اڄ ٻاهر نڪتس ڪُجهه تفريح ڪرڻ جي موڊ ۾. ڪلهه ٻه نڪتس. اڄ منهنجو موڊ ٿورو اُداس هو. روز روز ٽي. وي. تي، اخبارن ۾ مار-ڌاڙ -گولي موٽ - بوڏ - طوفان- وڌان سڀا ۾ جهڳڙا، هڪ ٻئي کي گارگند ويندي ماراماري ٻه ڪندا آهن. زالن جي ٻلَ تي ٻه ڪيترو لڦڙو ڪري وينا آهن. زالن جو ٻاهر ويهي ڌرنو ڏيڻ، راڳن ۾ نعارا هڻڻ ٽوڪ بازيءَ ۾ نعارا هڻڻ. هي سڀ ٽي. وي. ۾ ڏسي ۽ پيپرن ۾ پڙهي من خراب ٿي ويو آهي. الائي ڇا ٿيندو ڀارت جو؟ هرڪو چوي مان سواسير. هڪ ٻئي کي ڪوئي سهي ٻه نٿو. ڏلَ بدلوُ ٿي پيا آهن اڄ جا ليڊر، هڪ پارٽي ڇڏين هڪ پارٽي اڏين. جيڪو ليڊر هڪ پارٽي مان نڪتو، اُن مٿان حملو - گولي - موت ٿي رهيو آهي اڄ جي راڄنيتي جو حال.

سو من ڪافي اُداس ۽ اُلجهن ۾ هو. نڪري پيس ٿورو چڪر هڻڻ ڪلهه ۽ اڄ شهر- باغ يا ڪنهن وڏي سوسائٽي پاسي گهمڻ جو موڊ ڪونه هو. بس جهوپڙپٽي ۽ ننڍين بستين جي طرف رُخ ڪيو. هلندي رهيس، ڊرائيور کي چيو، ڪائي تڪڙ ڪانهي ٥٠-٦٠ ڪلوميٽر جي سپيڊ ۾ هلڄ. ٻيڙي ٻه نہ پيئڄ. نڪي ٽيپ رڪاڊ هلائڄ. توکي چانهه پيئڻ جي تمنا ٿئي تہ ڪار ٻهاري چانهه پيِ اڇڄ ۽ مونکي ڊسٽرب نہ ڪَجِ. ڪار هلندي رهي ڇئني طرف جهوپڙين جو نظارو ڏسندي رهيس. ڪافي ڳپا گيهه لڳي پئي هئي. هر گهر مان چلا چلي جو آواز اچي رهيو هو. ٻار ٻاهر راند ڪري رهيا هئا. اڌ ننگا پير اُگهاڙا، نڪ ۾ گوبا، هڪ ٻئي کي مار ڪٽ گاريون گند ڪڍي رهيا هئا. جهوپڙين جي ٻاهران گند جا ڍڳہ لڳا پيا هئا. گندي پاڻيءَ جا تلاءَ - ناليون وهي رهيون هيون. جنهن ۾ مکيون، مڇر، جيت تري رهيا هئا. بانس اچي رهي هئي.



نالو	:	هيملتا ٻجاج.
جنم	:	ڪراچي، ١٨ اپريل.
پتو	:	شري سائين ناٿ نگر، لونا ولا- ٢١٠٣٠١.

۾ طرفي تلوار ٻنهي پاسن جي ڌار سان سنڌين جي شرافت مٿان آزادي کان پهريون ڪانگريس ۽ آزادي کانپوءِ ورهاڱي جي ظلمن کان بيزار سنڌي هندو جن سنگهه ۽ پوءِ ڀارتي جنتا پارٽي جي جهولي ۾ پئجي ويا، ۽ سنڌين جي ووٽ ۽ نوٽ جو ڀرپور فائدو وٺندي ٻه سنڌين جي راڄنيتي فائدن کان محفوظ رکيو ويو آهي. پنهنجو پرانت نه هئڻ گهٽ تعداد ۾ سنڌي ڀاشي هئڻ جو لاڀ ٻه هر سرڪار سنوُڌان ۾ ڏنل حق کان ٻه محروم رکيو آهي. ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ورسايل هئڻ ڪري سنڌين جي ايڪتا جي رکشا ڪرڻ ٻه سوَلي نظر نٿي اچي. اِنهيءَ سبب وڌان سڀائن ۾ لوڪ سڀا ۾ سنڌين جي سڃاڻ قائم رکڻ لاءِ ڪو آواز اُٿارڻ وارو نه آهي ۽ جي ڪو سنڌي اُتي پهچي ويو ته هو پاڻ کي سنڌين جو نمائيندو چوائڻ لاءِ تيار نه آهي جو هو سنڌين جي ووٽ سان چونڊجي نه آيو آهي ۽ اِهو ڀُلي ويندو آهي ته مان سنڌي سپينا جي صدقي ئي هن منزل تي پهتو آهيان. جڏهن پوري ديش ۾ راڄنيتي ۽ ذات فرقيوار ووٽن تي ئي قائم آهي. سنڌيءَ کي ٻه هر حال ۾ پاڻ کي فخر سان سنڌي سڏائڻ گهرجي پر اِئين نه آهي.

ودوان ڪٽر پنٿن، ساهتڪارن جي جهڳڙي ۾ سنڌي لپي جيڪا پاڻ سان ڪٽي آياسين وڙهي وڃائي وينا سين. ديوناگري سنڌي ٻوليءَ کي اُهو جيون دان نه ڏئي سگهي، نتيجو اهو آهي جو سچل روحل سامي جي ساهتيه کي اُڏهي لڳي ويئي ۽ پڙهڻ وارن جو تعداد ٻه گهٽجي ويو. اهو سڀ الماڙين ۾ بندٿي رهجي ويو. سنڌي سنگيت، گيت، لوڪ گيت، ڪافيون، ڪلام محفوظ رکڻ وارن ڀڳونتي ناواڻي، ماسٽر چندر، رام پنجواڻي آزاد جهڙا هو سماج وري پيدا ڪري نه سگهيا. ميلن ورسين ۾ لوليون، پرڀاتي، مارو، حسيني، لاڏا سنڌي طرز تي آرڪيسٽرا ۽ ڊسڪو قابض ٿي سنڌي سنگيت جو ساهه گُهٽي ڇڏيو، نتيجو اِهو ٿيو جو دل ۽ من جي اُمنگن ۽ ڀاونائن کي زنده رکڻ لاءِ جنهن سنگيت سان ڇيڙ - لاڏا لوليون نچڻ ٽپڻ سڀ خاموشي جي ننڊ ۾ سمهي رهيا. اسڪولن ۾ سنڌيءَ جو نالو نه رهيو. ڇني ڇپائي لکڻ کان منهن موڙي وينا سين. ميڊيا کان محروم هئڻ ڪري سنڌي سنگيت اوجهل ٿي ويو. ويس بدلجي ويا پنهنجي ٻولي کان پنهنجي گهر جي چارديوارُن جي اندرئي وڏڙن ڪوُڙي لاڏ پيار سان پنهنجي ڪوکه مان ڄاول ٻارن سان سنڌي نه ڳالهائي پنهنجن سان پرايو ڪري ڇڏيو. اهو ڪهڙو سماج جو پنهنجو پاڻ جو دشمن آهي. اهو وقت پري نه رهيو آهي اسان پاڻ سنڀالي سنڌي ٻولي کي قائم رکڻ لاءِ لال جا پوڄاري پنهنجي ڌرم کي بچائڻ لاءِ پنهنجي وطن کي قربان ڪرڻ وارن وڏڙن جي تهذيب سنڌيت سنڀالي نه سگهياسين ته سنڌي سنڌي نه رهندو ۽ سنڌي مٽجي ويندو.

يپ ۾ ڪونہ سوچيندا هوندا. يا انهن
ميرن ماڻهن کي، غريبن جي پرواھہ
ہ ڪانہ هوندي. ڪنهن کي ٽائيم
آهي،اُنهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ يا ڪجھہ
سوچڻ جو؟ هر هڪ جو سوچ پنهنجو پنهنجو
هوندو آهي. مان بہ ٻارن کي ڪائيندو ڏسي
اڳتي وڌيس ۽ پنهنجن ئي خيالن ۾
ٻوڙجي ويس.

اڳتي هلي ميدان ۾ ڪجھہ ٻار ڇڏن
جي راند ڪري رهيا هئا ٨ - ١٠ ڇوڪرا هئا.
ڪن کي چڊي پيل هئي قاتل - ڪن کي
ڪنجي. جھوپڙ پٽي جا ٻار هئا. کيسي ۾
ڇڏا پيا هئن. هڪ ٻئي کي ڇڏا ڳٽي پيا
ڏين. وڙهن بہ پيا. وري غصي ۾ زور سان
ڇڏن کي نڪا نوڪي پيا هڻن. ايتري ۾ هڪ
وڏو ڇوڪرو ڊڪندو ڊڪندو آيو، اچي ڪري
بيٺ ۾ وينو، سڀ ڇوڪرا ڇڏا ڇڏي هن جي
چارون طرف مِڙي ويا. هو ڇوڪرو ٻين
ڇوڪرن کان وڏو هو هن کيسي مان سگريٽ
جو پئڪيٽ ڪڍيو، هنن ڇوڪرن کي اڌ اڌ
سگريٽ ڏيئي تيلي ٻاري. پنهنجي لاءِ سڄو
سگريٽ دُکايو. اُنهيءَ هي تيليءَ مان هڪ
ٻئي ڇوڪري جو سگريٽ بہ دُکايو. ٻين
ڇوڪرن بہ اُن ڇوڪري جي اڌ سگريٽ مان
پنهنجو پنهنجو سگريٽ دُکايو. مان پريان
بيهي سڄو تماشو ڏسان پئي. ٿورو ڪار کي
اڳتي ڪٽي آيس جيئن انهن جون ڳالهيون
ٻڌي سگهان. وڏي ڇوڪري چيو ”ارڙي يار
ايڪ شرابي سوٽيڊ بوٽيڊ ايڪ هوٽل سي
نڪلا، سگريٽ جلايا، لائيٽرئي نهين جلا
اسي غصا آيا، غصي سي اُسني سگريٽ کا
پئڪيٽ ئي فينڪ ديا. جب وو اپني ڪار
۾ چلا گيا، مئني آگي جاڪر ديڪا، سگريٽ
ڪا پئڪيٽ ڪالي هئہ ڪيا؟ ڪيون ڪِہ
اُسني غصي ۾ فينڪا ٿا. مگر ديڪا تو
سگريٽ باڪس ۾ پانچ ڇھہ سگريٽ پڙا
هئہ. بس سوچا چلو آج اپني دوستون ڪو
٥٥٥ سگريٽ پلائون. ديسي تو بھُت بار
پيا ، آج ولائتي سگريٽ ڪا مزا لين. سيڌا
ڀاڳا ڀاڳا آيا هون، ڪهين تُم لوڳ نڪل نہ
جائو. “ ايڪ دوست ني ڪها يار،” اِس
سگريٽ پيني سي ڪانسي تو نهين آتي؟“
دوسري لڙڪي ني ڪها ” مزا آئيگا، شُڪر
ڪرو شڪر ڪرو، دوست ني همين ياد
ڪرڪي ٥٥٥ سگريٽ ڪا ٽيسٽ تو
ڪرايا.“

ايتري ۾ هڪ ڇوڪري ڪيسي مان
شيواجيءَ جو اڌُ بنڊل ڪڍيو. سيني هن جي
هٿ ۾ بيڙيءَ جو بنڊل ڏسي نڪُ ۽ منهن
موڙيو، ڇو جو هاڻي هاڻي ٥٥٥ سگريٽ جي
ٽيسٽ ورتي هئائون. هاڻي اُنهن کي
بيڙيءَ مان ڪھڙو مزو ايندو؟ بيڙيءَ واري
ڇوڪري کي ٿورو غصو لڳو، چيائين،”
ناپيئو تو نا پيئو. ٥٥٥ ڪا آڌا سگريٽ
پيڪر سر گھوم گيا هئہ. “ نهين تو آڌا
آڌا جلا بيڙي بہ ايڪ دوسري ڪي هاٿون
سي ڇينتي ٿي.“ اِئين چئي بيڙيءَ جو
بنڊل ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو. پاڻ ۾ چوڻ لڳا،
” ڪيا يهي هئہ هماري زندگي؟ڇِڏي
ڪيلنا، ” ڪسي ڪارخاني ۾ بہ ڪام نهين
مل رها هئہ، جب سي سرڪار ني بچون ڪو
ڪارخاني ۾ ڪام ڪرنا قانوني بندش ڊالي

ڪي پڙهيل ڊيسينٽ ماڻهو هتي ۾ بريفڪيس کڻي ڪم تي وڃي رهيا هئا. هنن جهوپڙين ۾ سنا ماڻهو به رهيل هئا.بمبئي شهر ۾ جڳهين جي تنگيءَ ڪري ڪيترا وچولي درجي جا ماڻهو جهوپڙپٽيءَ ۾ به رهندا آهن. ڇا ڪن؟

ٿورو اڳتي وڌيس ته پاڻيءَ جي نل تي لنبي قطار لڳل هئي. زالون ٻار (مرد ٿورا) پنهنجا پنهنجا مٽڪا گهاگهريون-ٻالٽيون - برتن کڻي بيٺا هئا. هڪ ٻئي کي ڌڪا به ڏين پيا. گاريون گند به ڏين پيا. پاسي ۾ پتر پيل هئا، ڪي زالون ڪپڙا به ڌوئي رهيون هيون. اهو نظارو صبوح ۽ شام جو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ڇو جو ميونسپالٽي جو پاڻي صبوح شام ٻه ڪلاڪ ايندو آهي.

اڃا ٿورو اڳتي وڌيس ته ڪچري جي ڍڳ تي ٨-١٠ ٻار-ڇوڪرا ڇوڪريون ڪِنِ ميڙي رهيا هئا. لڪڙي کڻي ڪچڙو پاسي ڪري گند مان ڪجهه ڳولهي رهيا هئا. پنهنجن ڳوٺين ۽ ٿيلهين ۾ وجهي رهيا هئا. بانس به ڏاڍي هئي. مان ته پريان تماشو ڏسي رهي هئس. اُتي به ڪار وٽ بانس اچي رهي هئي. هو ٻار ڪچڙي جي ڍڳ مٿان -پير اُگهاڙا- اڌ ڦاٽل ڪپڙا پاتل - وار ڇڙيل - نڪ مان اڌ گوبا لٽڪيل - ڪجهه ڳولهي رهيا هئا. پاڻ ۾ ڳالهائي به رهيا هئا.

اينتري ۾ هڪ هوٽل واري جو ماڻهو، هوٽل جو ڪچڙو ڦٽي ڪرڻ آيو. سڀ ٻار، پنهنجا پنهنجا ٿيلها- ڳوٺيون ڦٽيون ڪري اُن ڪچڙي جي چوڌاري مڙي ويا. ٻار به ڪو بڪايل هئا. پنهنجا گندا هٿ، پنهنجن ميرن ڪپڙن سان هٿ اُگهي صاف ڪري، ڪچڙي مان ڪجهه ڳولهي رهيا هئا. ڪنهن کي مٽن جي هڏي،ڪنهن کي مرغيءَ جي ٽنگ ڪن کي تندوري روٽي جا سڙيل ۽ اڌ بچيل ٽڪر مليا، ڪي وري ڪچڙو پاسي ڪري پٽ مان ڇانورن جا ٽڪر پري ڪائين پيا. ٻار پهريون ته ائين ڊڪيا، جيئن جهنگل جا مرون ڊڪندا آهن. جڏهن اڌ ڪائي من ۾ ٿورو آٿت ملين، تڏهن هڪ ٻئي کي پنهنجو پنهنجو ڪاڌو ڏيکاري رهيا هئا. چون پيا، ” ديڪو يي مرغي کي ٽانگ هئه ڪتني اڇي هئه . اي ڊونڊو زرا ڪاڪر ديکو، ٻيو وري مٽن جي هڏي هٿ ۾ کڻي چئي پيو- ” اي مينو ديڪه هڊي ۾ ڪتنا مال هئه ٿورا تون بي ڪا“ ٻي ڇوڪري اڌ ٽڪر تندوري روٽي رُکي ڪائي رهي هئي.اُن مان اڌ ٽڪر ٽوڙي ڊونڊو کي ڇيو”لي مرغي سي روٽي ڪائو.“ جيڪي ٻار، پهرين ڊڪندا ڊڪندا ڪاڌي مٿان ڳجهين وانگر جهپٽيا هئا، سي هڪ ٻئي کي جونو ڪاڌو آڇي رهيا هئا. (بنا پيبد ياءَ جي)

مان اهو سڀ ڏسي حيران ٿي ويس. اسين ماڻهو ڪيئن نه هوٽلن ۾، پارٽين ۾ شادين تي، پري پري پليٽون ڪٽندا آهيون. پوءِ اُهي سڀ ڪائون يا اڌ بچائي جوٺ ۾ ڦٽو ڪندا آهيون. اسان وٽ ڪاڌي جو قدر ڪونهي. اگر اسين ماڻهو پاڻ کان هيٺ ڏسون، ۽ ڪچڙي مان بچيل سڙيل ڪاڌو ٻارن کي هيئن ڪائيندو ڏسون، پوءِ شايد ڪاڌي جو قدر پوين. ڏسندا ته سڀ هوندا، پر اينترو

هٿ جي حڪمت

نانڪرام مولچنداڻي

ايشور منش جو ائين ته هر هڪ انگ ۽ عضوو ڪارائتو بڻايو آهي پر هڪ عضوو اهڙو بخشيو آهي جو سيني عُضِوَن کان وڌيڪ ڪارائتو آهي. ڪائنات جي سيني ساهوارن، جانورن، پشون ۽ پکشيءَ کي ٻيا سڀ انگ ڏنا اٿس پر هي انگ صرف منش کي عطا ڪيو ويو آهي ۽ اُهو ڄمڻ کان مرڻ تائين قدم قدم تي مددگار رهي ٿو. اُهو آهي انسان جو هٿ.

جڏهن ٻار ڄمي ٿو ته پهريائين هٿ ئي چوسيندو آهي. ٿورو وڏو ٿيندو آهي ته اُن کي ماءُ هٿ کان وٺي پنڌ سيکاريندي آهي. اسڪول ۾ راند روند ڪرڻ، لکڻ پڙهڻ، وڙهڻ ۽ بچاءُ ڪرڻ،بنا هٿن ممڪن نه آهي. سڀ شڀ ڪاريه هٿن سان ئي ٿين. پهرئين پيار ۾ پريمي جوڙو پهريائين هٿن جو سهارو وٺي اڳتي وڌندا آهن. مڱڻي وقت منڊي هٿ ۾ ئي پاتي ويندي آهي. شاديءَ ۾ هوَن ، پوڄا پاٺ ڪري، ڇوڪري ڇوڪريءَ جو هٿُ هٿ ۾ ملائي هٿيالو ٻڌو ويندو آهي. وغيره وغيره . مطلب ته ننهن کان چوٽيءَ تائين، جوراب کان ٽوپيءَ تائين، سڀ ڪم هٿ جي حڪمت سان ئي ڪيو ويندو آهي.

ٽول باڪس-هٿ هڪ ٽُول باڪس آهي يعني اوزارن جي پيٽيءَ جو ڪم هٿ ڏئي ٿو. هٿ جو آڱوٺو پيڪڙي چارئي آڱريون مٿان ورائي پيڪڙي ڪٽي هڻ ته هٿوڙي جو ڪم ڏئي. اهڙيءَ طرح هٿ کان پيچڪس ،پانو، پلاس، ڪئنچي، ڪپ، چمٽي ۽ برش جو ڪم به وٺي سگهجي ٿو. مهل تي هٿ ٿالهي،ڪٽوري، گلاس،چمچي ۽ هئنگر جو ڪم به ڪندو آهي. سنهي سئيءَ کان وٺي وشال ڪايه مشينري، انترڪش ۾ راڪيٽ مسائيل به هٿ جي حرڪت سان هلن ٿا.

تقدير جي آرسي-هٿ تقدير جي آرسي آهي. هٿ جي لڪيرن ۾ تقدير لکيل هوندي آهي. هٿ جون ريکائون پڙهي اِنسان جو ماضي مستقبل ۽ حال ٻڌائي



نالو	:	نانڪرام مولچنداڻي.
جنم	:	دولتپور، ضلع- نوابشاهه، ٣٠.١٠.١٩٢٢.
اِنعام	:	راجستان سنڌي اڪادميءَ طرفان.
پيشو	:	رٽائرڊ سرڪاري نوڪري.
پتو	:	مڪان نمبر-٣ ڊي١٩، هائوسنگ بورڊ، شاستري نگر جئپور-٣٠٢٠١٦.

هئه، نهين تو ڪسي نه ڪسي ڪارخاني ۾ ڪام ڪرتي تي.'' غريبي سي اِسڪول ۾ پي جا نهين سڪتي.فِر اسڪول جاني ڪي عادت پي نهين هئه. گهر جائون تو مان بوليگي '' ڪمائو فِر کائو.'' اَپي هم سارا دِن يهان وهان ڀٽڪ رهي هئن.''

مون به سوچيو آخر هنن ٻارن جو ڪهڙو ڏوهه؟ ۽ هنن ويچارن ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ وري ٿورو اڳتي وڌيس، ڪجهه گندو پاڙو هو. سڀ زالون هار سينگار ڪري ويٺيون هيون. ٻيڙي سگريٽ وات ۾ پان، وارن ۾ گجرا لڳل هئن. اُتي ويهڻ ۾ مونکي ٿورو شرم آيو. ٿورو اڳيان وڌيس ته ننڍين ڇوڪرين جو جهنڊ ويٺل ڏٺو، دل ۾ چيو، هل ته هنن جو حال ڏسان . هي ڇوڪريون ڇا پيون ڪن؟ اُنن ڏهن سالن جون ڇوڪريون هيون. ڪن ڪي سنا ڪپڙا پيل هئا ته ڪن ڪي ڦاٽل به ڪپڙا پيل هئا، ڪي وري ڪاجل، لپسٽڪ ۾ هيون ۽ ڪنڪي اُلٽو سلٽو ميڪ اَپ ٿيل هو. هڪ ڇوڪريءَ نمڪو لڳايو ماڌوري ديڪشت وانگر، نچي به ڏيکاريو. ٻي وري رومال گلي ۾ وجهي ڳائي پئي. '' آتي ڪيا کنڊالا'' اَمير خان جي ائڪٽنگ پي ڏيکاري. ماچيس ڪڍي تيلي ٻاري جيڀ تي رکي وسائي. ٻيءَ ڇوڪريءَ وري پنهنجو فراڪ لنڍو ڪري پنهنجون ٽنگون پي ڏيکاريون، اُرميلا وانگر رنگيلا فلم جو راڳ ڳاتائين،'' يائي ڙي يائي ڙي'' ٻي وري ڇوڪري ڪاجول وانگر ڊائلاگ پئي ماريو. سڀ ڇوڪريون پنهنجي پنهنجي اداڪاري ڏيکاري رهيون هيون.ايتري ۾ به ڇوڪريون آيون. اُنهن جي هٿن ۾ به به سڌي پٽر جون نڪريون هيون جيڪي ٽرين ۾ وڄائي پننديون آهن. پنهنجي ڪيسي مان پئسا ڪڍي ڏيکاري رهيون هيون، '' ديڪو مئني بي گانا گايا، يهه نمڪا لگايا، ايڪ آدمي ني مجهي دس ڪا نوٽ پي ديا.'' ڇوڪري نوين ڏهين سالين جي هئي. سنا روش هئس.

مون من ۾ چيو اڄ ڪلهه ٽي. وي. ۽ پڪچر جو اثر ٻارن تي ڪيترو خراب ۽ جلد پوي ٿو، هي ٻار گارگند - سگريٽ پيئڻ - ڇوڪرين جا نمڪا لڳائڻ - پبلڪ ۾ ڪمر جا لٽڪا ۽ جهٽڪا ڏيکاري پنهنجو بچپڻو ڪيئن وڃائي رهيون آهن. اِهو آهي اسان جي ڀارت جي ٻارن جو آئينده؟ اَهڙا ٻار سياڻي جا اَبا ڪيئن ٿيندا؟ جهوپرپٽيءَ ۾ رهندڙ ٻارن جو آئينده صفا ختم ۽ انڌيري ۾ آهي.

هنن جهوپرپٽي ٻارن جو نڪي اسڪول، نڪي سڌار گهر، نڪي ويايام شالا، نڪي ڪي هنري ڪلاس يا ٻارن جو سُڌار گهر. اِنهن پاسي ڪنهن جو به ڌيان ڪونه ويو آهي. اِهي ٻار ڇا ڪندا؟ پنهنجو وقت ڪيئن ڪاٽيندا؟ آخر هنن ٻارن جو اُڌار ڪيئن ٿيندو؟ اُنهن جو خيال ڪنهن ڪونه ڪيو آهي نه سرڪار نه سماج شيوڪن. اَفسوس زماني جا ليڊر، اسان جا وڏا مدبر ڪجهه سوچين، هي ٻار صرف جهوپرپٽي وارا نه آهن پر وچولي درجي جا ٻار به آهن. اُهي سنڌي، گجراتي، مهاراشٽرا هر ذات جا ٻار آهن. هر پرانت جا ٻار آهن.

انهن جو اسان کي خيال ۽ ڌيان ڏيڻ کپي. هي ٻار مهان ڀارت جا ڀويشيه آهن سياڻي جا اَبا آهن.

جو اِشارو ڪري ٿو. آڱوٺو لوڏي اِنڪار
ڪجي ٿو. مطلب تہ اِقرار ۽ اِنڪار آڱوٺي
جي حرڪت سان ڪري سگھجن ٿا.

سينگار -سندرين جو سينگار بہ هٿن تي ڪيو ويندو آهي. هٿن تي من موهڪ مهنديءَ جون ڊزائينون ناهيون ويندون آهن. آڱرين جا وڏا وڏا ننهن رکي تن تي نخريلي نيل پالش ڪئي ويندي آهي. آڱرين ۾ طرح طرح جون منڊيون ۽ هٿن تي زيور پائي سينگار ڪيو ويندو آهي. ٻانهن جون چوڙيون بہ ٻانهون ڇڏي اچي هٿن جي پرسان بيهنديون آهن ۽ هٿن جي سندرتا وڌائينديون آهن. ڪيترن ڪوين هٿ جي سندرتا تي ڪويتائون رچي پنهنجا اُدگار پيش ڪيا آهن.

ڪلا جي ڪيتر ۾ -اُهو ساز آواز ئي نہ ڪڍندو جيسين هٿ اُن تي ناز نہ ڪندو. اُهو گانو ئي ڇا جنهن ۾ هٿن جون ادائون نہ هجن، اُها ڪوالي ئي ڇا جنهن ۾ هٿن جون تاڙيون نہ هجن، اُهو ڊانس ئي ڇا جنهن ۾ هٿن جون مُدرائون نہ هجن. هٿن جي حرڪت کان سواءِ سڀ نيرس لڳنديون. ڪلا جي ڪيتر ۾ بہ هٿ ڪمال ڪيو ڇڏي. سنهي چترڪاري، ميناڪاري، سنگتراشي سڀ هٿ جي حڪمت ڪري ڏيکاري. ڪوبہ من جو ڀاءُ خوشيءَ جو هجي يا خوش خيرافت جو ، مزاڪ جو يا منورنجن جو ، غم جو يا غصي جو ، هٿن جي هيراڦيريءَ کان سواءِ ڦسو ڦيو لڳندو.

جي ٻئي هٿ جوڙي، جنهن جي اڳيان بيهجي تہ :-

پريوءَ لاءِ پڪار ٿئي،
اُپاسنا جو اِظهار ٿئي.
سنتن جو ستڪار ٿئي،
نيتا جي آبرودار ٿئي.
شيطان شرمسار ٿئي،
معاف قصوروار ٿئي.
آفيسر جو اُپڪار ٿئي،
سڀ کي نمسڪار ٿئي.

هٿ جي لکاوٽ تي ڪروڙن جو واپار ٿئي. بئنڪن جا چيڪ، ڊرافٽ ۽ هنڊيون متجي وڃن. هٿ جي صحي سان ڪروڙن جي ملڪيت وڪامي وڃي، خريدي وڃي، وارث مقرر ٿي وڃي تہ ملڪيت تان بيدخل بہ ٿي وڃي.

آڱوٺي جو مهتوَ:- آڱوٺو اٽپڙهہ جو قلم آهي. لکي پڙهي يلي نہ بہ ڄاڻي پر لکاوٽ تي آڱوٺو هڻي تہ سڀ اُن جي لکيت مڃي وڃي. آڱوٺي ۽ هٿ جي سنهين لکيرن سان سهي ماڻهن جي سڃاڻپ ٿئي، وڏا وڏا اپراڌي پڪڙيا وڃن ۽ بيگناهن کي نياءُ ملي. آڱوٺو آڱرين جو راجا آهي، اُن کانسواءِ نہ مُک مضبوط ٿئي، نہ قلم پڪڙي لکي سگھجي ۽ نہ تيرندازي ڪري سگھجي. اِن ڪري مهاڀارت ۾ گرو دروڻاچاريہ، ايڪلوِيہ کان گرو دڪشڻا ۾ آڱوٺو ورتو هو.

سچ پچ منش آهہ ڀاڳيوان
جنهن کي هٿ مليو وردان
ذرا تصور ڪريو مهربان
ڪيترو نہ لاچار لڳي اِنسان
جي هٿ نہ ڏيئي هان ڀڳوان.

سگهجي ٿو. اوڪي سوڪي جي اُپچار لاءِ آڱر ۾ ماڻڪ، موتي نگينو پائي اوليءَ ڪي سوليءَ ۾ بدلي سگهجي ٿو. سٺو جوتشي هٿ ڏسي جيون جي گهٽنائن جي اڳڪٿي ڪندو آهي ۽ ڪيترين صحي ثابت ٿنديون آهن.

ڪي بورڊ-اَڪيوپريشر وديا موجب، هٿ شرير جي سڀني انگن جو ڪي بورڊ آهي، يعنيٰ سڀني عضون جو دٻاءُ بِندوُ هٿن ۾ آهن. شرير جي ڪنهن بہ عضوي ۾ ڪا بيماري ٿئي تہ هٿ جي ريفليڪس پائنٽ دٻاءَ بندوءَ تي دٻاءُ ڏجي تہ بيماري ٺيڪ ٿي وڃي. سور مٿي ۾ هجي يا ٽنگ ۾، پيٽ ۾ هجي يا پنيءَ ۾، ڪنڌ ۾ هجي يا ڪمر ۾، هٿ جي بندوءَ تي دٻاءُ ڏجي تہ سور غائب. اَهڙيءَ طرح، سُجوڪ ۽ ريڪي وديا دوارا علاج بہ هٿن جي ئي مدد سان ٿي سگهي ٿو. وئديہ حڪيم هٿ جي نبض ۽ نهن جو رنگ ڏسي ئي بيماري پرکي وٺندا آهن.

اپاهجن جو آڌار-هٿ اپاهجن جو آڌار آهن. هٿ انڌي جي لٺ، گونگي جي زبان، لنگڙي جي گهوڙي ۽ ٻوڙن لاءِ ٻڌڻ جو ينتر آهن. هٿ جي حڪمت سان انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا بہ وديا حاصل ڪري سگهن ٿا. سورداس ڏسي نہ سگهندا آهن. پر هٿ جي ڇهاءَ سان بريل پرٽاليءَ ذريعي لکي پڙهي سگهندا آهن. رانديون ڪري سگهندا آهن ۽ وڏيون ڊگريون بہ حاصل ڪري سگهندا آهن. ٻوڙا ماڻهو بہ هٿن جي آڱرين جي اِشارن سان ٻڌي سگهندا آهن ۽ ڳالهہ ڪي سمجهي ويندا آهن. ٽي. وي. تي ٻوڙن لاءِ آڱرين جي اِشارن سان خبرون ڏنيون ويندديون آهن. گونگا بہ هٿ جي اِشارن سان پنهنجي ڳالهہ ڳالهائي سگهندا آهن ۽ اِشارن سان سمجهي بہ ويندا آهن. لنگڙا بہ هٿ جي مدد سان، مٽ يا ڪرچز جي سهاري، وِيل چيئر يا ٻئي ڪنهن اَهڙي واهن کي هٿ سان پڪڙي هلائي منزل طيءِ ڪري ويندا آهن.

ُگپت اِشارا-جيڪي ڳالهيون زبان سان نہ چئي سگهبيون آهن، اُهي هٿ يا آڱرين جي اِشارن سان سمجهايون ويندديون آهن. وديارٿي اسڪول ۾ ماستر کان سوُسوُ ڪرڻ جي اِجازت، آڱر جي اِشاري سان وٺندو آهي. ٻار لکي ماءُ کان خرچي بہ آڱر آنگوٺي جو اِشارو ڪري گهرندو آهي. ٻہ واپاري ڪنهن سودي جي اگهہ بہ هٿن کي ڪپڙي سان ڍڪي، آڱرين کي پڪڙي، ماڻهن جي سامهون ماڻهن کان لڪائي طيءِ ڪندا آهن. ٻہ پريمي هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي پيار جو اِظهار ڪندا آهن. ٻہ متر ڪجهہ دوريءَ تي هوندا آهن تہ هٿ جي اِشاري سان هڪ ٻئي جو حال اَحوال پڇندا آهن ۽ ڏيندا آهن. موڪلائيءَ وقت بہ بس ياترين تي هٿ لوڏي ٽاٽا ڪندا آهن. ڪنهن جي آجيان بہ هٿُ هٿ ۾ ملائي ڪئي ويندي آهي. هٿ جي پيڪڙ ۽ هٿ جي لوڏ مان پتو پوندو آهي تہ آجيان گرمجوشيءَ سان ڪئي يا مٿئين من سان.

نشان - هٿ دشا نرديش ڪري، هٿ چناءُ چنهہ ٿئي. هٿ، همت، محنت ۽ سهڪار جو نشان آهي. ڪنهن چناءَ ۾ جيت ٿيندي آهي تہ وجيتا ٻہ آڱريون کولي وي شڪل ناهي، سڦلتا ۽ خوشيءَ جو اِظهار ڪندو آهي. اڄ ڪلهہ آڱوٺو مٿي بہ ڪاميابيءَ

م پوري ٿي وڃي ٿي باقي پينشن ئي هڪ يداپي جو سهارو وڃي بچي ٿي. اِنڪري رٽائر ٿيل ماڻهوءَ کي هِنن ضروري ڳالهين جو ڌيان رکڻ گهرجي :-


١. جيڪا رقم سرڪار مان ګرئچوٽي، پي ايف، ڪميوٽيشن ليوِ اينڪيشمينٽ جي رقم ملي ٿي اُنهيءَ مان ضروري خرچ ڪرڻ کانپوءِ باقي جيڪا رقم بچي اُها پنهنجي ۽ پنهنجي زال جي نالي تي جائنٽ اڪائونٽ ۾ پوسٽ آفيس يا بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ کپي اُها رقم پنهنجي اولاد کي نہ ڏيڻ کپي. پئسو اُهو آهي جيڪو پنهنجي اڪائونٽ ۾ آهي ۽ اُهو هاري بيماريءَ وقت اِنسان کي ڪم اَچيسگهي ٿو.

٢. اِنسان کي رٽائر ٿيڻ کان اڳہ ۾ ئي پنهنجا نيم ۽ ٽائيم ٺاهڻ کپن. ڪير چوي تہ رٽائر ٿي ڪري پوءِ ئي مان سويل اُٿڻ جو نيم ٺاهيندس اِهو ٿي ڪونہ سگهندو. اِنڪري سويل اُٿڻ جو نيم پهرين عادت وجهڻي پوندي.

٣. صبوح جو گهمڻ جي عادت، پنڌ ڪرڻ جي عادت اِهي عادتون انسان کي شروع ۾ ئي وجهڻ کپن تہ جيئن ماڻهو رٽائر ٿئي تيئن پنهنجا نيم ٽائيم جي هُن اڳہ ۾ ئي صحيح ڪري رکيا آهن تہ هن کي ڪابہ تڪليف محسوس ڪانہ ٿيندي.

٤. رٽائر ماڻهوءَ کي جيترو ٿي سگهي اوترو هو گهر ۾ گهٽ وهي ڇاڪاڻ تہ جي رٽائر ماڻهو گهر ۾ وينو تہ پيو کُنڊ کُنڊ ڪندو. اِنهيءَ ڪري ٻِڍي ماڻهوءَ کي پاڻ کي سماج جي ڪم ۾ رُڌل رکڻ کپي.

٥. رٽائر ماڻهو جي گهر ۾ ڪجهہ ٽائيم وهي تڏهن بہ پاڻ کي مشغول رکي جيئن تہ اخبار پڙهڻ، ٽي ويءَ تي سماچار




ٻڌڻ ، جي گهر وارن کي سَندس شيوا جي ضرورت هجي جيئن تہ ڀاڄي وغيره سوئڻ ڪرڻ تہ اُن ۾ سندس کي سهڪار ڪرڻ کپي. ننڍن ٻارن کي اسڪول ۾ ڇڏي اچڻ ۽ وٺي اچڻ . گهر جي ڀاڄي پُٽي وٺي اچڻ، گهر جو اناج پيهائي اچڻ، بجليءَ ۽ پاڻيءَ جا بل جمع ڪرائي اچڻ. ٽيليفون ۽ هائوس ٽئڪس وغيره جمع ڪرائي اچڻ.

٦. رٽائر ماڻهو کي پنهنجي صحت

سيوا نِورتي آپيشاپ نہ پر هڪ وردان آهي

مهاديو ڪلواڻي

هِن سنسار ۾ جهڙيءَ طرح قدرت پنهنجا نيم ٺاهيا آهن تهڙيءَ طرح سرڪار بہ پنهنجا نيم ٺاهيا آهن. سرڪاري نوڪريءَ ۾ چاهي پرائيويٽ نوڪريءَ ۾ هفتي ۾ هڪ ڏينهن موڪل ڪئي وڃي ٿي اِنهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي تہ انسان هفتي جا سانده ڇهہ ڏينهن ڪم ڪرڻ سان هن کي آرام جي ضرورت ٿئي ٿي. اِنهيءَ ڪري هفتي جو ستون ڏينهن موڪل ڪئي وڃي ٿي تہ جيئن اِنسان اُن ڏينهن آرام ڪري ۽ دنياداريءَ جا ڪم ڪاريون بہ ڪري، هفتي ۾ هڪ ڏينهن آرام ڪرڻ سان انسان جي صحت بہ سالم رهندي ۽ سندس ڪم ڪرڻ جي شڪتيِ بہ وڌندي. سرڪار پنهنجي ملازمن واسطي سيوانِورتيءَ جي عمر مقرر ڪري ڇڏي آهي جيڪا ڪِتي اَٺونجاهہ سال آهي تہ ڪِتي سٺ سال آهي. سيوانورتي نهايت ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ انسان ڪجهہ سال ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ سندس ڪم ڪرڻ جي شڪتي ۽ ياداشت گهٽ ٿي وڃن ٿيون. سرڪار اڄ ڪلهہ هر ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ پينشن مقرر ڪئي آهي ۽ رٽائرمينٽ ڪانپوءِ پينشن اِنسان لاءِ هڪ ريگيولر ڪمائيءَ جو وسيلو آهي. ڪٽنب پريوار جي ماڻهن کي خبر آهي تہ اسان جي پيءُ کي هر مهني پينشن ملندي تہ نونهرون ۽ پٽ پنهنجي پيءُ ماءُ جي پوري سنڀال لهندا ۽ اُنجي ڪاڏخوراڪ جو بہ خيال رکندا. رٽائرمينٽ وقت جيڪا رقم سرڪار وٽان ملي ٿي اُها تہ سنساري زميداريون جيئن تہ پٽن ۽ ڌيئرن جي شادي، پٽن جي روزگار ۾ لڳائڻ ، مڪان خريد ڪرڻ وغيره



ٺالو : مهاديو ڪلواڻي.

جنم : حيدراباد سنڌ، ١٩٢٨.١٠.١٥.

پيشو : رٽائرڊ ايل. آئي. سي.

پتو : ٢٠٠/٢٢، ڪجور ڪا باڙا، ڊگهي چونڪ، اجمير.


هڪ شاعر : اِيشور آنچل

هريش ڪمار ” وطني “

شاه عبدل لطيف چيو آهي:-
” دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واسُ“
ايشور نارائڻداس شرما عرف ايشور نچل (جنم ٢-١٠-١٩٢٨ ۽ سرڳواس -٧-١٩٩٨) جي شعر ۾ فصاحت ۽ بلاغت ئي. آنچل نئين ڪويتا جو باني، ترقي سند ويچاردار وارو اِنقلابي شاعر هو. اِيشور نچل سنڌي شاعرن ۾ هڪ خاص جڳهه الاري ٿو. اِيشور آنچل سنڌي ٻوليءَ جو هڙو شاعر آهي جنهن تي سنڌي جاتي کي ز آهي؛ ڇو تہ سندس شعرن جو معيار ڀارت ي ٻين مکيہ ٻولين ۾ لکجندڙ شعرن سان ميچي سگهجي ٿو. هن صاحب جا سٺن ي شعرن جا مجموعا تمام گهڻي ناموس ائي چڪا آهن جيئن تہ پيار ۽ پئسو، منڊ پيو گڙي، خاڪ لپ، پاڇولا- انجهيءَ جا، پنڊ تتل واريءَ تي، آتم جي اش ۽ ڳانڍاڳا (اَنڌيري رات ۾).


ايشور آنچل بيحد حساس دل ۾ گرم هن جو ڏڻي هو. شاعر بہ هڪ سرجڻ هار آهي سندس جڳہ بہ اينترو ئي رهسيہ ميہ آهي جيترو پرپوءَ جو سنسار. ڪويءَ کي اندر مان سڏُ ايندو آهي ۽ اِن کي هو ڪاغذ تي شبدن جو روپ ڏيندو رهندو آهي. اُن ”سڏ“ کي ڪرپا يا ڏات سڏيو اٿن. اِها ڏات کن وڏڀاڳين کي ئي پراپت ٿيندي آهي ۽ اُها ڏات شاعر اِيشور آنچل کي عطا ٿيل هئي. سندس ڪويتا - سرجڻ واري ڪاريہ کي مکيہ طور ٽئن دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

پهريون دؤر:- جيڪو ديش جي ورهاڱي سان شروع ٿيو. ان دؤر ۾ آنچل هڪ اِنقلابي شاعر جي حيثيت ۾ اسان جي سامهون آيو. آزادي سان گڏوگڏ سنڌين جي نصيب ۾ ورهاڱي جو صدمو بہ هو، ڪيترن ئي زر ۽ زمين وڃائي. پنهنجي ماتر ڀومي وڃائڻ جو صدمو تمام گهِرو هو، سنڌي سماج کي همٿ ٻڌائڻ لاءِ سندس ڪويتائون غصب جي صدا سان ڀريل هيون. سندس شاعري ۾ پڪار ۽ للڪار هئي.



نالو	:	هريش ڪمار وطني.
جنم	:	١٩٦٩.٩.٥.
پيشو	:	سرڪاري نوڪري.
پتو	:	اي-٧٥، آئي پاڪيٽ، دلشاد گارڊن، دهلي-١١٠٠٩٥.

جو بہ پورو پورو خيال رکڻ کپي ڇاڪاڻ تہ
قرض ۽ مرض جيترو جلد لهي وڃي اوترو
وڌيڪ سٺو اِنکري هنکي ريگيولر چيڪ اَپ



ڪرائڻ کپي ۽ ڇوٽيءَ بيماريءَ کي
نظرانداز نہ ڪري اُن جو شروع ۾ ئي علاج
ڪرائي تہ جيئن اڳيان وڏي وڻ نہ ٿي پوي
پوءِ ماڻهو گهڻي خرچ ۾ پئجي وڃي. ميڊي
ڪليم اِنشورينس بڍاپي ۾ ضرور هئڻ کپي
ڇو جو بڍاپو بيمارين جو گهر ٿيندو آهي،
اِنکري ميڊيڪليم اِنشورينس هڪ وڏي
مدد آهي.

٧. رٽائر ٿيڻ کانپوءِ ماڻهوءَ کي
پاڻکي مشغول رکڻ کپي، ڇوندا آهن بيڪار
کان بيگار ڀلي، جنهن ۾ ٿوري دماغي ۽ ٿورو
شاريرڪ ڪم ڪرڻ کپي جيئن هڏ هلندا
هلن. جيڪڏهن هڏن کي نہ هلائبو تہ جنڪم

لڳي ويندي ۽ انسان سُسُت ٿي پوندو.

رٽائر ماڻهوءَ کي هميشہ پنهنجي پا
ٿي ظابطو رکڻ کپي. هنکي پنهنجي حد
اندر رهڻ کپي. جيڪڏهن هنکي ڪابہ صلا
پنهنجي پريوار جي ماڻهوءَ کي ڏيڻي ب
آهي تہ هو ڏِئي پر جي پريوار ۾ اُن صلا
ڏيڻ کانپوءِ نہ مڃيو وڃي تہ وري اُها بيو دفعو
بہ صلاح ڏِئي ۽ نہ مڃي وڃي تہ اُن لاءِ غم نہ
ڪري ۽ پوءِ پاڻ شانت ڪري ويهي رهي.
اڄ ڪالهہ جي وقت ۾ گهڻو ڪري نوجوان
طبقي کي گهر جي بزرگن جي صلاح پسند
ڪانہ ايندي آهي ۽ اِئين ڇوندا آهن تہ
توهان اڳين ڳالهين تي پيا هلو. جيڪڏهن
شانتيءَ ۽ صبر سان هلبو تہ وقت سکہ جو
ڪٽجي ويندو ۽ گهر ۾ بہ سکہ شانتي رهندي
پريم ڀاءُ رهندو، همدردي رهندي. اِنسان
جي زبان ئي آهي جيڪا چاهي تہ ڪَٽ
وهاري اِهائي زبان پٽ وهاري. تنهنڪري
مِٺ مُحبت کان ڪم وٺبو تہ زندگيءَ جو
سفر سولو ڪٽجي ويندو ۽ پاڻ بہ خوش رهبو
۽ پريوار وارا بہ خوش رهندا. پوءِ سيوانورتي
آيشاپ نہ پر هڪ وردان ثابت ٿيندي.

’هڪ عجيب ياترا آهي هي ۽ زندگي‘
هن زندگيءَ هلندي ياتري کان وسريو
وڃي ته ڪو هو ياترا پيو ڪري!
۽ هڪ ڏينهن اَچانڪ جڏهن منزل
اچيو سامهون ڪڙي ٿئي ٿي، تڏهن اَواڪ
ياتري منزل جي هن پار وڃيو نڪري!“

چوٿون دؤر :- آخر ۾ چوٿون دؤر شاعر آنچل جو ڪويتا سرجڻ جو دؤر هو، جيڪو سندس پستڪ ”آتم پرڪاش“ ، ”پاڇولا سانجهيءَ جا“ کان شروع ٿيو ۽ آخر ۾ ”ٿانڊاٽا“ (رات جي انڌيري ۾) تائين هليو.

جيئن طوفان پوري ٿيڻ بعد، واتاورڻ ۾ هڪ قسم جي لهر اچي ويندي آهي، گنڀيرتا ڇانئجي ويندي آهي، اَهڙي حالت آنچل جي من جي بڻي. سندس سوچ جي گهرائي جو اَنش وڌي ويو ۽ جيون ڏانهن فيلسوفائي درشٽي جي جهلڪ نظر اچي ٿي. اِهو منظر سندس مجموعي ”پاڇولا“ ۾ ملي ٿو.

سڪ دک هڪ اَحساس فقط آ،
ٻيو ڪجهه ناهي
سفر جي پوئين منزل تي رسي،
محسوس ٿو اِئين ٿئي
ته ڌرتيءَ تي سڪ جي ڪوچ ،
پاڇن جي پنيان ڀٽڪڻ برابر آ!

شاعر اِيشور آنچل ورهاڱي جي درد کي نه وساري سگهيو ۽ ڪهڙي نه غم غين ۽ دل ۾ ٿيس ڏياريندڙ لفظن ۾ اِن دکد گهٽنا جو اِظهار ڪيو آهي.

” اُنجو ڪهڙو
فڪر آ.
اَهل-وطن کي،
ڪيئن رهان ٿو
بيوطن،
پنهنجي وطن ۾!“

” سنجها جو ماڳه موٽي،
اچن ٿا پکي پکڻ
سنڌين لاءِ اَهڙي ڪا
نٿي سنجها مگر اچي.
جهٽ پر ڪري اُڏامي
وڃڻ تي تي دل ٿئين
جنهن دم وٽن تي
سنڌ مان ڪائي خبر اچي!“

اِن ريت هن دؤر ۾ پهچي شاعر آنچل آدي اَنادي سچ لهي، اِن سچ کي پنهنجي شبدن جي اَگنيءَ سان لوڏي-اُجاري، ڪويتائن جي روپ ۾ اسان اڳيان رکندو رهي ٿو. سندس شعرن جو مجموعو ”ٿانڊاٽا“ (اَنڌيري رات ۾) ۽ سندس شعر ٻرندڙ ٿانڊا لڳن ٿا.

اِڇا، ڪرڙيءَ جي،
ڪتيل پڇ وانگر،
ڇڇڻ کان پوءِ به
ڦٽڪندي رهي ٿي.

شاعر اِيشور آنچل نئين راهه جو راهي ٿيو پر سندس شعر ديپ بڻجي سندس شعور جي روشني کي هن جڳهه ۾ ڦهلائي ساري جڳهه کي روشن ڪري رهيو آهي.

” رک کي ڦوڪ ڏيئي ڏسڻ سان،
شايد چڻنگ ڏسڻ اچي.
چڻنگ رک جي جنني آ
چڻنگ ۽ رک جو ناتو
فنا ۽ بقا آهي!“

شاعر اِيشور آنچل سماجي، سياسي،ڌرمي ۽ مفلسيءَ تي ٿاندا ٿي وسندو هو. هيءُ ان دؤر جو شعرلو هو. پنهنجي شعرن ۾ اِنهن مرضوعن جي هو تکن لفظن ۾ عڪاسي ڪندو هو. سندس شاعري ذهن تي دائما اثر ڇڏي ٿي.

سندس پهريون پستڪ ''پيار ۽ پئسو'' (جنهن ۾ سندس ڪويتائن سان گڏ ڇهه اثرائتيون ڪهاڻيون پڻ آهن) جن ۾ آنچل وِشوَ اَمن جو حمايتي بڻيو آهي.

سندس شعرن جو مجموعو '' گمنڊ ٻيو گڙي'' (١٩٦٧) جي عنوان مان صاف ظاهر آهي ته نئون اِنقلاب اچڻ وارو آهي.

آنچل جي اِنهن ڪويتائن جو دؤر ڏهه سال هليو. پوءِ ڏيري ڏيري آزاد ڀارت جي سياسي، سماجڪ ۽ آرٿڪ ڍانچي ۾ بدلاؤ سبب شاعر آنچل جي شخصي جيون توڙي ويچارن ۾ به موڙ آيو ۽ اُن وقت سندس درشٽي ٻاهرئين سنسار سان گڏ منش جي ۽ پنهنجي اندرئين جڳت طرف به ويئي. اِهو سندس ڪويتا سرجڻ جو ٻيون ۽ نرالو دؤر هو.

ٻيون دؤر :- شاعر آنچل هن دؤر ۾ هڪ باغي شاعر مان هڪ رومانٽڪ شاعر بڻجي پيو. آنچل جي لکيل شعرن مان حساس دل جهلڪي ٿي. پيار جون وفائون - جفائون، وصال جي خوشي به، ته وڇوڙي جي پيڙا پڻ، سک جو آنند به ته دک جو درد پڻ!

شاعر آنچل درد پرست نه هو،پر جيوَت جي درد کان به آشنا هو. هو صاحب هميشه پنهنجي شعرن ۾ نئين سوچ ۽ نئون اِظهار جو طريقو پرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. جيئن عمر چڙهندي ويس زندگي جي شام ڪيس مجبور ڪيو ته هو پاڻ کي هن ڪائنات ۾ ڪاوشي. هي سچي زندگي خواهشن جي چيتن ٻيڙي سان سينگاريل آهن.هن سنسار جي اَٿاهه جيون ساگر ۾ خوشي سان دک به سري اچي ٿو، ڇو جو سک (خوشي) پل ٻِر جو هڪ حسين سپنو آهي ۽ دک هڪ ڪوڙي حقيقت آهي.

هن رنج روج جي دنيا ۾
مڪمل نه خوشي ٿي حاصل ٿئي
پرپور خوشين جي وچ ۾ سُري
ڪو غم ڀي اَچي ٿو شامل ٿئي!

ٽيون دؤر :- شاعر اِيشور آنچل جو ٽيون دؤر جيڪو حد درجي جي انتها پسندي سان ڀريل هو. شاعر آنچل جي شعرن جو مجموعو ''خاڪ لپ'' جنهن ۾ هو هڪ نراشاوادي شاعر ڀاسي ٿو، ته آخر ۾ انسان جي ديهه بچي ٿي صرف هڪ خاڪ جي لپ.

اَهڙي طرح اِيشور آنچل زندگيءَ کي تمام ويجهائيءَ تان ڏسڻ لڳو ۽ کيس زندگي تتل واريءَ تي پنڌ مثال لڳي ۽ هڪ ناياب شعرن جو مجموعو '' پنڌ تتل واريءَ تي'' پيش ڪيو ۽ سنڌي ساهتيه جي خوشبودار باغيچي ۾ هڪ نئون گل پنهنجي سڳنڌ پکيڙڻ لڳو. سندس شعرن عام سنڌي جي ذهن ۾ ولول پيدا ڪيو ۽ کين سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو ته زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه فنا آهي. سک دک هڪ احساس آهي پوءِ ڇو اسين اِن ڏُنوي سک پنيان ڊوڙون ٿا. زندگيءَ جو مسئلو ، سک-دک اِچائن جو جنجال موت ذريعي ئي حل ٿيڻ وارا آهن.

زندگيءَ جي سفر جو انت ڪهڙي نه عمدي نموني بيان ڪيل آهي.

ڪار ابسين جا لکيل ناٽڪ سڄي دنيا ۾ ڇلق مچائي رهيا هئا. هن کان پوءِ برٽن جي برنارڊ شا پنهنجي بي مثال ڪلا سان ناٽڪن ۾ مهاڀن جي ڌوم مچائي ڏني. انهيءَ هلچل کان متاثر ٿي ملڪاڻيءَ ناٽڪ نگاريءَ ۾ قدم رکيو ۽ نئين ناٽڪ جي شاخ کي سنڌي ٻوليءَ ۾ جنم ڏنائين. ڊي - جي - سنڌ ڪاليج ڊرامٽڪ سوسائٽيءَ جي سايعي هيٺ پنهنجي لکيل ناٽڪن ۾ ائڪٽر ۽ هدايتڪار جو پارٽ به پاڻ ادا ڪندو هئو.

ڪراچيءَ ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي هال ۾ ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جا پروگرام ٿيا هلندا هئا. هتي پروفيسر ملڪاڻيءَ جو هڪ ليڪچر رکيو ويو هئو. اُنهيءَ جي وشيه هئي ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر.“ سنڌي ساهت جي تاريخ ۾ اِها پهرين ڪوشش هئي جڏهن ڪنهن عالم اديب سنڌيءَ ۾ لکيل سمورين ڪهاڻين جو ساهتڪ جائزو ورتو هئو. اڳتي هلي پروفيسر ملڪاڻيءَ اڪيلي سر ” سنڌي نثر جي تاريخ “ لکڻ جو ڏکيو ۽ مهان ڪاريه پورو ڪري ورتو. نثر جون ڪيترين شاخون آهن، جن سڀني جي بيشمار رچنائن جي ڄاڻ هڪ ماڻهوءَ لاءِ حاصل ڪرڻ مشڪل ڪم آهي. پروفيسر ملڪاڻيءَ اُهو ڪم پورو ڪري ڏيکاريو جنهن لاءِ هڪ سڄي ساري ليکڪن جي گروهه جي ضرورت پوندي آهي. هن ڪتاب کي ساهتيه اڪادمي جو انعام مليو ۽ پروفيسر ملڪاڻيءَ جي پورهئي جي ڪافي قدرشناسي ڪئي ويئي.

(۳)

ڪوي رٻندرناٿ ٽئگور نه رڳو هندستان پر سڄي دنيا جو مشهور ساهتڪار هئو، ۽ هنکي پروفيسر ملڪاڻيءَ پنهنجو آدرش ڪري مڃيو آهي. ٽئگور جي باغبان ڪويتائن جو ڪتاب ملڪاڻيءَ نطماڻي نثر ۾ ” پريت جا گيت“ نالي هيٺ ترجمو ڪيو هئو. انهن ڪويتائن ۾ نوجوان دلين جا اُمنگ ۽ احصاص شرنگار رس يا پريم جي پياس سان ڀريل هئا. اڳتي هلي ٽئگور جون ڪويتائون ڪلا جي اُن اونچائي تي پهتيون جن لاءِ کيس نوبل انعام ڏنو ويو. پروفيسر ملڪاڻيءَ ٽئگور جي اِنهيءَ ” گيتانجلي“ نالي ڪتاب جو ترجمو سنڌي نظم ۾ ڪري هڪ ٻي مثال نشان قائم ڪيو آهي.

گيتانجليءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو منهنجي سفر جو ساٿي آهي. ڪنهن دور دراز شهر ۾ رات جو سمهڻ کان اڳه اِهي ڪويتائون پڙهندو آهيان ته ائين لڳندو اٿم ته ڪويءَ جو انهد جو آواز سنڌيءَ ۾ رويندر سنگيت گنگنائي رهيو آهيان.

(۴)

پروفيسر ملڪاڻيءَ کي ساهت ۾ ڪچايون ڦڪايون مور پسند ڪونه هيون. هلي چليءَ ۾ عام ماڻهو ڪهڙي به موج مزي جي آزمودي کي ”لست“ ڪري ڪوٺيندا آهن. پروفيسر ملڪاڻيءَ کي هن اکر جي واهپي تي اعتراض هئو. هو اڪثر چوندو هئو ”لست اکر ڪم نه آڻيو. اِهو هڪ فاحش لفظ آهي.“

سنڌيءَ جا ٽي ڪامل اُستاد

ڊاڪٽر هنس يوڄراج ڪٽوريا


پنجاهه ورهيه پورا ڪري ڊي -جي- سنڌ ڪاليج ڪراچي، گولڊن جبلي واري سونهري ورسي پنيان چڙهي، ويهين صديءَ جي وچين اڌ ڏانهن وک وڌائي رهيو هئو. اهو عرصو هو جڏهن ۱۹۴۳ سن ۾ مئٽرڪ پاس ڪري مان ڪاليج جي سائنس وڀاڳ جي پهرئين سال ۾ قدم رکيو. مئٽرڪ جو امتحان ننڍي ٿهيءَ وارن لاءِ اڙانگو ڏاڪو هئو ۽ چوٽي هئي ته مئٽرڪ آهي ميٽ ڪٽورو، سوجيڪو هوندو هوشيار، سو مٿو ڏوئي پاس ٿي نڪرندو!

اِها منهنجي وڏي خوش نصيبي هئي جو ٻن سالن جي ننڍي عرصي اندر مونکي سنڌيءَ جي اُنهن اُستادن سان ڀيٽ ٿي، جنجا نالا سنڌي ساهت جي تاريخ ۾ اَمر رهندا. اُهي صاحب هئا منگهارام اُڌارام ملڪاڻي، لالسنگهه اجواڻي ۽ رام پنجواڻي. جنهن صِدق ۽ چاهه سان هن ترمورتي سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت کي شاگردن اڳيان رکيو، اُنجو مثال ورلي ليندو. ٽنهي اُستادن جو سنڌيءَ لاءِ اُتساهه ايترو گهِرو هئو جو اُنمان هڪ چڻنگ منهنجي آئينده کي روشنيءَ جي شماع سان ڀري ڇڏيو. مون پنهنجي مادري ٻوليءَ سان نيهه جو ناتو نباهي اپار آنند ۽ بيحد خوشي ماڻي آهي. اِنهيءَ احسان خاطر مان شڪر گذار آهيان پنهنجن ٽن ڪامل اُستادن جو!

(۲)

شري منگهارام ملڪاڻي، ڊي-جي- سنڌ ڪاليج جي سائنس وڀاڳ ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جو پروفيسر هو. هن جو چٽ ساهتيڪ ڪلا ۽ سونهن تي مستانو هئو، ۽ سڄي عمر سنڌي ۽ انگريزي رچنائون پڙهي نه رڳو پاڙڪي پر پنهنجي شاگردن کي اُنهن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان ورسائيندو رهيو.

پروفيسر ملڪاڻي جڏهن پاڻ شاگرد هئو تڏهن يورپي ديشن ۾ ناٽڪ نگاريءَ جو دؤر زور ۾ هئو. ناروي ديش جي ناٽڪ



نالو	:	هنس يوڄراج ڪٽوريا.
جنم	:	۱۹۲۷.۷.۲۲.
پيشو	:	ميڊيڪل.
پتو	:	۹، گلستان، ۲۱۶، ساين اوپر، ممبئي-۴۰۰۰۲۲.

جاري ڪيو. ممڪن آهي ته اجواڻي صاحب پهريون مهاڳ لاڙلي شاعر هري دلگير جي شعرن جي ڪتاب ”ڪوڏ“ لاءِ لکيو هئو. پوءِ وارو آيو پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ جي ”انارداڻه“ ڪتاب جو جنهن ۾ جدا جدا وشين تي لکيل گوناگون مضمون گڏ ڪيل هئا. انهن شروعاتي مهاڳن پروفيسر اجواڻيءَ سنڌي ساهت ۾ مضمون نگاريءَ جي هڪ نئين ۽ اصلي شاخ جو پايو وڌو. اهڙو ڪو ورلو ميار وارو ڪتاب نه هئو جنهنجو مهاڳ پروفيسر اجواڻيءَ کان نه لکايو ويو هجي.

پروفيسر اجواڻيءَ جي مهاڳ لکڻ جو انداز بنه نرالو هئو. هو هڪ علم جو پنڊار هئو جنهن نه رڳو سنڌي ۽ انگريزي ساهت جو ڳوڙهو ابياس ڪيو هئو پر اُنهنجو صحيح جڳهه تي حوالو ڏيئي اظهار ڪرڻ جي منجهس غير رواجي قابليت پڻ هئي. اجواڻيءَ جي لکيل مهاڳ ۾ وِشوَ ساهت جي مهان ليکڪن جهڙوڪ يونان جي هومر کان وٺي هم عمر آلڊوس هڪسلي مان مثال ملن ٿا.

پروفيسر اجواڻيءَ جو لکيل مهاڳ پڙهڻ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ساهتيڪ آزمودو آهي. هر مهاڳ اصلوڪو آهي ۽ نه ڪنهن ڏُهرايل تي ٻڌل. ڪتاب جي وشيه ۾ ليکڪ جي شخصيت کان وڌيڪ پروفيسر اجواڻيءَ پنهنجا ويچار ۽ ردعمل هر مهاڳ کي پنهنجي اهميت ڏني آهي. پروفيسر پوچراج ناگراڻيءَ جي ڪتاب ” ساميءَ جا سلوڪ “ لاءِ لکيل مهاڳ ۾ ته پروفيسر اجواڻيءَ ڪماليت تي وڃي پهتو آهي. مان ڀانيان ٿو ته اهڙي درجي جي سهڻي سنڌي نه ڪڏهن لکي ويئي آهيءَ نه ڪڏهن لکي ويندي! سنڌي ليکڪن ۾ جنهن کي ڪوه نور چئجي سو آهي پروفيسر اجواڻي!

(٧)

پروفيسر اجواڻي ساهتيه اڪادميءَ لاءِ ڀارتي ٻولين جي ساهت جي شنڪلا لاءِ انگريزيءَ ۾ ”سنڌي ساهت جي تاريخ“ لکي آهي. هن ننڍي ڪتاب ۾ پروفيسر اجواڻيءَ جو انگريزي ٻوليءَ تي قابو ۽ سنڌي ساهت جي اِتهاس جي ڄاڻ عبرت پيدا ٿيون ڪن. مثال ڏيڻ لاءِ شاه صاحب جي ٿوڙن بيتن جو اجواڻيءَ انگريزيءَ ۾ جو ترجمو ڪيو آهي، سو به داد ڏيڻ لائق آهي.

پروفيسر اجواڻيءَ جو ليکه ”هندستان چوامر آهي“ ؟ سندس انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ” اِمارٽل اِنڊيا“ تان ننڍو ڪيل آهي. اِهو ڪتاب پرڌان منتري جواهرلعل نهروءَ اَکه مان ڪڍي پروفيسر اجواڻيءَ جي ساراه ڪئي هئي. هن ڪتاب ۾ اجواڻيءَ ڀارت ديش جا گڻ ڳايا آهن. اڳتي هلي نهروءَ ”ڀارت جي کوج“ ڪتاب ۾ هندستان کي ديشن جي راڻي مڃيو آهي. ديش پريم جي ڪتاب لکڻ ۾ اجواڻيءَ نهروءَ جي اڳواڻي ڪئي هئي.

ڊي-جي- سنڌ ڪاليج جي گولڊن جبلي ورسي ملهائڻ جي موقعي تي پروفيسر اجواڻيءَ هڪ يادگار پستڪ

پروفيسر ملڪاڻي عمر ڀر سنڌي ساهت کي وڌائڻ ۽ سڌارڻ جي اڻٿڪ ڪوشش ڪندو رهيو. ممبئيءَ ۾ رهندڙ پراڻا ۽ نوان سيڪراٽ ليکڪ هر هفتي پروفيسر ملڪاڻيءَ جي مڪان تي گڏجندا هئا. هنجي برپا ڪيل ڪلاس ۾ اچي هو پنهنجيون نيون رچنائون سيني جي سامهون پڙهندا هئا. ٻڌندڙن جي ٽيڪاڪاريءَ سان ليکن جي اوڻاين جي ڇنڊ ڇاڻ ٿيندي هئي ۽ سٺن ليکن کي ساراهيو ويندو هئو. انگلنڊ جي جڳه مشهور آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج يونيورسٽيءَ ۾ هرهڪ شاگرد هفتيوار هڪ مضمون لکي پنهنجي اُستاد ۽ هم ڪلاس شاگردن آڳيان پڙهي ٻڌائيندو آهي. پروفيسر ملڪاڻي اهو عمدو طريقو سنڌي ساهتڪارن جي فن کي اڀتي آڻڻ لاءِ ڪم آندو هئو.

(۵)

منهنجو ٻيو ڪامل اُستاد هئو پروفيسر لالسنگهه اجواڻي. هنکي پروفيسر ملڪاڻيءَ پنهنجي جڳهه تي رکي ڪجھ عرصي لاءِ موڪل ورتي هئي. مون لاءِ اهو ڪارڻ بڻيو جو مونکي هن ڪوه نور هستيءَ جي شاگرد ٿيڻ جو موقعو مليو. اسانجي ڪلاس لاءِ اَنهيءَ سال لاءِ منظور ڪيل ڪتاب جو نالو هئو ''ويچار''. هن ڪتاب جو سمپادڪ ٻيو ڪونه، پر پروفيسر اجواڻي پاڻ هئو. هيءُ لاجواب ڪتاب هڪ گلدستي وانگر، ڊي- جي- سنڌ ڪاليج جي گذريل ۵۰ سالن جي پرچن مان بهترين ليکه چونڊ ڪري تجويز ڪيو ويو هئو. ''ويچار'' ڪتاب ۾ تمام مشهور اديبن ۽ عالمن جون رچنائون موجود هيون، پر سيني کان وڌيڪ عملا مضمون جن منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو، تن جو ليکڪ هئو پروفيسر لالسنگهه اجواڻي. هنن ليکن ۾ هڪ عجيب جادو، نوان ويچار ، پختي عبارت ڀريون دفعو پيش ڪيا ويا هئا ۽ مان اُهي ور ور ڪري پڙهندو رهيو آهيان. نه رڳو اينرو پر ٻين دوستن کي پڙهي ٻڌائيندو هوس ته ڇا سنڌي لکي آهي پروفيسر اجواڻيءَ ! اُنهن مضمونن جا نالا هئا: ''جيوت جو مزو''، ''هڪ عجيب لطف'' ۽ ''جيوت جو ٽنيو''. توهين پاڻ پڙهي امين ٿيو!

ڪجھ ۱۵ سالن بعد جڏهن ڀارت آزاد ٿي چڪو هئو تڏهن پروفيسر اجواڻي ٻيو ڪتاب ''اُمنگ'' نالي سان سمپادن ڪيو. هن ڪتاب ۾ مايه ناز سنڌي پروفيسرن جا ليکه ڪٺا ڪري ڇپايا ويا هئا. ''ويچار'' جيان پروفيسر اجواڻيءَ جا لکيل مضمون '' هندستان ڇو اَمر آهي؟'' ۽ ''سنڌ جي يومي'' هن ڪتاب ۾ شامل آهن. هيءُ ٻه پروفيسر اجواڻي جي قلم مان نڪتل لاثاني رچنائون آهن. ياد ڪونه اٿم ته اِهي مضمون گهڻا دفعا پڙهيا آهن، پر هر ڀيري ليکڪ جي اثرائتي ٻوليءَ ۽ ويچارن جي رنگت منهنجي احساس کي ڇهي منهنجي ذهن کي ترو تازو ڪيو آهي.

(٦)

هن وقت اِهو چوڻ مشڪل آهي ته ڪڏهن ۽ ڪيئن پروفيسر اجواڻي ٻين ليکڪن جي ڪتابن لاءِ مهاڳه لکڻ جو سلسلو

هڪ مُدبر جو ڪم ڪري ڏيکاريو. هن ثابت ڪيو تہ اسانجو ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو ورثو اسين ساڻ ڪڍي آيا آهيون. هن دور دراز جي ديشن ۾ مسافري ڪري، اُتان جي رهندڙ سنڌين کي شاهہ صاحب جي شعرن سان مگن ڪري، هند ۾ آيل سنڌين لاءِ همدردي جاڳائي. سنڌين جي دل جو دک جو اِظهار، مارئيءَ وانگر ورلاپ ڪري جڏهن چوندو هئو،” سنهيءَ سئي سبيو مون مارن سان ساهہ“ تڏهن هر ٻڌندڙ جي دل تڙپي اُٿندي هئي. سنڌ جي نالي تي ڏن جا ڍير مڙي ويندا هئا. اُنهيءَ پئسي مان نوان ڪاليج جڙيا، سکيا جا وسيلا جاري ٿيا ۽ سنڌي وري سُکيا ۽ ستابا ٿيا.

اِنهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ نہ آهي تہ شاهہ لطيف صاحب سنڌ جو عظيم شاعر هئو، پر ڪيس دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لوڪ پريہ بنائڻ ۾ هڪ ماڻهوءَ جو وڏو هٿ هئو، ۽ سو هئو رام پنجواڻي. اڄ شري رام ڪرشڻ پرمهنس جو نالو ديش پرديش ۾ ٿو ڳائجي ڇاڪاڻ تہ ڪيس سوامي وويڪانند جهڙو ششيہ مليو، جنهن پنهنجي گروءَ جون سکيائون جڳت ۾ پرچار ظريعي پهچايون.

(١٠)

پروفيسر پنجواڻيءَ جي نثر ۾ پهرين رچنا هئي،” پدما“ جو هن هال ڪين جي مشهور ناول ” دَ اِٽرنل سِٽي “ تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هئو. هي ڪتاب پهرين روزاني قسط ۾ ” هندو “ اخبار ۾ ڇپيو هئو ۽ تمام پسند ڪيو ويو. ڪتابي صورت ۾ اچڻ بعد ڪاليج ۾ درسي ڪتاب طور مقرر ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ لکڻ ۽ تقرير ۾ رام پنجواڻي پنهنجو مٽ پاڻ هئو.

اڳتي هلي رام پنجواڻيءَ ڪيترين وشين تي عمدا ۽ سنجيده اصلوڪا ناول لکيا جهڙوڪہ ” شل ڏيئر نہ ڇمن“، ” آهي نہ آهي “، ” انوکا آزمودا “، ” وچتر واقعا“، ” ۽ ” گڏجاڻيون “. ڀارت جيون جي ڇپايل ” رام پنجواڻي ناول مالها “ سنڌي ساهت ۾ هڪ تاريخي ورق آهي.

پنجواڻيءَ جو ” شاهہ جون سورميون“ هڪ يادگار ڪتاب آهي. شاهہ جي فطرت عجب ۾ وجهندڙ آهي ڇاڪاڻ جو اڪثر پنهنجي رچنائن ۾ نماڻي نار جي ٻن ٻن ڪردارن ۾ پيو پنهنجي پرينءَ جي سار ڪري. هندي ٻوليءَ ۾ شرنگار رس اڪر ڪم آڻيندا آهن، اِستري ۽ پرش جي ڏُنوي پريم جي نسبت ۾ . شاهہ صاحب جو شعر بہ شرنگار رس سان ٽمٽار آهي، پر انت ۾ جذبات کي اهڙو مروڙ ٿو ڏئي جو موهہ جا زنجير ٽوڙي وڃي اصلي محبوب سان ٿو مشاهدو ماڻي! شاهہ صاحب کي صحيح طرح سمجهڻ لاءِ پنجواڻي نئين واٽ ٿو ڏيکاري.

ٻاهرين ملڪہ مو هر برکہ ۽ ڪامل اُستاد جي باري ۾ سچا سارا ڪتاب يا جيون ڪٿائون لکيون ويندي يون آهن. قياس جي ڳالهہ آهي جو سنڌيءَ ۾ اهي ناپيد آهن. هن ننڍي ليکہ ۾ مون ڪوشش ڪئي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ روپ ريکا ڪڍي پنهنجي ڪامل اُستادن جي ياد کي زنده رکان.

ڇپائي ڪاليج جي تاريخ کي زنده رکيو آهي. ڪيترن ئي پروفيسرن ۽ پرنسپال صاحبن پنهنجي شاگردي جيون جون دلچسپ يادگيريون لکي وقت جي ڪاروان کي پنيان ڦيرائي ماضيءَ جو مزيدار سفر ڪرايو آهي.

(٨)

اهو ضروري آهي ته مان هڪ غلط فهمي دور ڪريان ته جن ٽن ڪامل اُستادن جو مون ذڪر ڪيو آهي تن جو درجو هڪ ٻئي پنيان آهي. اِئين پڻ ٿيءَ ڪونهي. هيءُ ٽيئي اُستاد پنهنجي درجي تي ممتاز آهن ۽ سندن هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪرڻ ناداني آهي.

ٽيون ڪالم اُستاد ، سنڌ جي عظيم شاعرن، شاه، سچل ۽ ساميءَ جي رنگ سان شاگردن کي رنگي ڇڏيو، سو هئو پروفيسر رام پنجواڻي. هنکي ڀٽائي گهوٽ شاه ، درازن جي سچل سرمست ۽ شڪارپور جي نماڻي ساميءَ سان ازحد عشق هئو. شاعريءَ جو شرابي نشو ايترو ته مٿس چڙهيل هئو جو ڪيس سڌ بڌ ئي نه رهندي هئي ته هو سنڌ جي مشهور ڪاليج ۽ پروفيسر جي عهدي جي بجاوري لاءِ لاظم آهي.

پنجواڻيءَ کي شاعرن جي سرتاج شاه صاحب جو ڪيترو ڪلام برزبان ياد هئو، اُن ساڻ گڏ ڪيس ڳائڻ جي ڏات به الله سائينءَ عطا ڪئي هئي. اُنهن مڙيئي ڳالهين گڏجي ڪاليج ۾ عام هلندڙ پاڙهڻ جي رواتين کي ختم ڪري ڇڏيو. اُنهيءَ جي رکه مان جنم ٿيو هڪ نئين قسم جي ڳائيندڙ وڄائيندڙ اُستاد جو.

پروفيسر پنجواڻيءَ جو سنڌي شاعرن سان زبردست نيهه جو ناتو، صدق ۽ پيار هئو جنهنجو مثال ڳولهيو ڪين لڀندو. سندس سنڌي شعر لاءِ اُتساهه تمام وڇرندڙ بيماريءَ وانگر هو جو سندس شاگردن ۾ ڦهلجندو ويو. مان احسانمند آهيان پروفيسر پنجواڻيءَ جو جنهنجي قدمن ۾ هلي پرون پيا ته منهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ شاه صاحب جهڙو ممتاز شاعر پئدا ڪيو آهي. وديشي دوستن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي مان فخر سان چوندو هوس ته توهين شيڪسپيئر ۽ گوئٿي جي ساراه مان ڍاپو ئي ڪونه ٿا، پر اسانجي سنڌ ديش به اُنهنجي مقابلي جو هڪ شاعر پيدا ڪيو آهي.

مونکي شيڪسپيئر جا سمورا ناٽڪ ۽ ڪويتائون پڙهي ايشور جي اسرار جي هڪ ڪِرَڻ ڏسڻ ۾ آئي هئي. ساڳيءَ طرح شاه صاحب جو سڄو رسالو پڙهڻ بعد قادر جي ڪرامت جي هڪ ٻي جهلڪ نظر آئي. ڪئسيرر نالي هن صديءَ جي مهان فلاسافر آهي ته جڏهن ڪنهن مهان ليکڪ جي سموري رچنائن کي پڙهندا تڏهن اُن ٻي انت جو محظ هڪ جزو پسڻ ۾ ايندو!

(٩)

هندستان جي سوتنترتا ۽ ملڪ جو ورهاڱو ساڳئي ڏينهن تي آيا. هڪ طرف خوشيءَ جو موقعو ۽ ٻئي پاسي لڏ پلاڻ جو ڏڏڪو. پنهنجي جنم ڀوميءَ کان وڇڙجي سنڌي هن صدمي ۾ موڳا ٿي پيا. اُنهيءَ وقت پروفيسر پنجواڻيءَ سنڌي جاتيءَ لاءِ

آهي. هيءُ هڪ سندر دل لڀائيندڙ ڳوٺ آهي. ڳوٺ جي آباديءَ جو دارو مدار ياترين تي آهي جن جي لاءِ هن ڳوٺ ۾ سستو پوڇن ۽ رهڻ جو جوڳو پربنڌ ڪيو ويو آهي پر اڄ ڪالهه جي ماڊرن سڀيتا جو برو اثر پوڻ شروع ٿي چڪو آهي. هت نظر ايندو تہ ڪيترا جوان ۽ جوانڙيون وڏن شهرن مان رڳو سئر سپاٽي لاءِ اچن ٿا ۽ نہ ماتا جو درشن ڪرڻ لاءِ. هتي ٽوئرسٽ انفارميشن سينٽر بہ اهي ۽ ڪيترين سرڪاري ۽ خانگي هوٽلون ۽ ڌرمشالائون آهن.

ياترا جي باري ۾ ڪيترين ڏند ڪٿائون مشهور آهن، پر سڀ کان مشهور ڏند- ڪٿا تہ ڀيرءُ نالي هڪ راڪشس ماتا ويشڻو ديويءَ جي پنيان اچي پيو ۽ هن سان شادي ڪرڻ تي چاهيائين. راڪشس کان بچڻ لاءِ ماتا پهاڙن جو رستو پڪڙيو. وات تي ڪيترين جڳهين تي پنهنجون نشانيون ڇڏيندي ويئي. پهرين هوءَ ڪيترو وقت '' آد ڪنواري'' ۾ اچي لڪي. پر راڪشس اُتي بہ پهچي ويو، تڏهن ماتا لڪي ڇپي پهاڙن تي چڙهڻ لڳي. آخر غفا وٽ راڪشس سان لڙي هن کي ماري ڇڏيائين. غفا جي ٻاهران وڏو شاهي پٿر نظر ايندو. چون ٿا تہ اُن ۾ ڀيرءُ راڪشس جو مڙهه آهي.اُن وقت کان وٺي هن غفا کي ماتا جو آستان مڃيو ويندو آهي ۽ شرڌالو ماتا جي آشيرواد وٺڻ لاءِ پهچن ٿا. ڪنڙي کان ٿورو پري ٻال گنگا نالي گهاٽ نظر ايندو. چون ٿا تہ ماتا زمين ۾ تير ماريو تہ پاڻي نڪري آيو. ياتري پويتر جل ۾ سنان ڪري ياترا شروع ڪندا آهن. رستي تي ڏاڪا ٺهيل آهن تہ پڳہ ڊنڊي بہ آهي. جيئن تہ هاڻي رستي تي بجلي لڳائي ويئي آهي، تنهنڪري ياتري رات جو ياترا ڪرڻ پسند ڪندا آهن.

رستي تي ياترين جي گهٽي ڀير نظر ايندي . ڪي مٿي چڙهي رهيا آهن تہ ڪي هيٺ لهي رهيا آهن. جڳهہ جڳهہ تي ''جئہ ماتا دي'' جي بلند نعرن سان آسمان گونجندو آهي. ياتري ماتا جا گيت ڳائيندا، ياترا سماپت ڪندا آهن.

اٽڪل ڇهہ ڪلو ميٽرياترا سماپت ڪرڻ ڪانپوءِ مشهور گهاٽي ''آد- ڪنواري''، يعنيٖ جائي جم کان ڪنواري- وٽ پهچندا. غفا اڃان ١۴ ڪلو ميٽر دور آهي. جيڪي ياتري ٿڪجي پون، اُهي رات هت گذارين. هت رات رهڻ ۽ کاڌي پيتي جي هرڪا سهوليت ميسر آهي. ائين نظر ايندو آهي جڻ ياتري پڪنڪ تي آيا آهن. ''آد - ڪنواري'' ڪانپوءِ چاڙهي وڌيڪ اُڀي ۽ ڏکي آهي. تنهنڪري هن جڳهہ کي چون ''هاٿي-ماٿا''، يعنيٖ هاٿيءَ جو مٿو. هت سچي پچي دلفريب نظارو آهي.هاڻي چڙهائي آسان ٿيندي ويندي. ويجهو ئي ڀيروءُ گهاٽيءَ تي پهچبو. هن جڳهہ تي ڀيروءَ جو مندر ٺهيل آهي. هيءُ


ويشنو ديويءَ جي ياترا

هوندراج هنگوراڻي ”سڪايل“

ويشنو ديوي ڄمون ڪشمير جو مشهور تيرٿ آستان آهي. لڳ ڀڳ سڄي هندستان مان شرڌالو سڄو سال ياترا ڪرڻ ايندا آهن پر نوراترن ۽ دسهري جي موڪلن ۾ لکين ياتري دل ۾ شرڌا رکي ماتا جو درشن ڪندا آهن ۽ پنهنجي منوڪامنا پائي واپس ورندا آهن.

هن پوتر آستان تي وڃڻ لاءِ ڄمون توي پچاڙيءَ جو ريل هيڊ آهي. ڪيترا ياتري بسين رستي پڻ ايندا آهن. اٽڪل ٢٥ سال اڳي ياترا ڪرڻ ۾ ۽ هاڻي ۾ گهڻو فرق آهي. هاڻي ته سرڪار ياترين لاءِ رستي تي ترسڻ، بجلي بتين، ڪاڌي، سلامتي غيره جهڙيون ڪيتريون سهوليتون ميسر ڪيون آهن. اڳي ڇا ڪندا هئا جو ڄمونءَ جي نزديڪ ڪٽڙا نالي ڳوٺ کان پهاڙي پيچرو وٺي ماتا ويشنو ديويءَ جو درشن ڪري ايندا هئاسين. تمام ڏکائيندڙ رستو هئو. پيرن ۾ لڦون ٻه پونديون هيون. ٽنگن مان طاقت موڪلائي ويندي هئي. اڄ اٿين نه آهي گهوڙا، ٽٽون، ڪولي تمام جام آهن، جنهن تي ويهي سفر طئه ڪري سگهجي ٿو. ٽپي ٽپي تي پڪي رستي جي ٻنهي پاسي آرام گهر آهن. پيادل ياترا ڪرڻ وارا ساهه پٽي اڳتي وڌن.

اچو ته هاڻي ويشنو ديويءَ جو اِتهاس ٻُڌون. ويشڻوءَ جو ٻيو نالو آهي ماتا درڳا. پر ويشنو ديويءَ جي نالي تي مندر ڪي سڀ ديش واسي مڃين ٿا ۽ ديويءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ شرڌالوُ دل ۾ آس رکي، هر سال اچن ، بار بار اچن! ڄمون کان سڏ پنڌ تي پهاڙن تي ماتا جي درشن ڪرڻ لاءِ سڄي ديش/پرديش مان ٻار ٻڍا ، مڙد ۽ زالون، اَمير ۽ غريب هر قسم جا شرڌالو نظر ايندا- ڪٽڙي کان ياترا شروع ٿيندي . ڪٽڙي جو ڳوٺ ترڪٽا پهاڙيءَ جي دامن ۾ وسيل



نالو	:	هوُندراج هنگوراڻي.
جنم	:	١٢.٨.١٩٣١.
ڇپايل ڪتاب	:	ٽي.
پيشو	:	رٽائرڊ سرڪاري نوڪري.
پتو	:	١١-ايم/٣٩.٠، لاجپت نگر، نئي دهلي-١١٠٠٢٤.


ڏاجو (ڏهيج) سماج ۽ قانون

ٺهلرام چنچلاڻي ''چنچل''

ڏهيج هڪ جهوني رسم آهي. هڪ پرمپرا آهي. جيسيتائين منهنجو ذهن ڪم ڪري ٿو، جيتري اِتهاس جي ڄاڻ آهي؛هيءَ رسم اوتري ئي پراڻي آهي. ويدن جي زماني آريه ورت- سناتن يگه ۾ منوسمرتي ۾ نياڻيءَ جو ماءُ پيءُ جي ملڪيت ۾ ڪجهه اڌڪار جو پڻ ذڪر اچي ٿو. اِنهي ڪري ڌيءُ يا ڀيڻ کي شادي وقت ڪنيا دان ڪندين هرڪو پنهنجي شڪتي آهر دان ڪندو آهي اُن کي ڏهيج ڪڏهين کان چوڻ ۾ آيو آهي اهڙي ڄاڻ شايد ڪنهن کي هجي پر ڪنيا دان مان صاف ظاهر آهي ڪجهه نياڻيءَ کي شاديءَ وقت ڏنو ويندو هو سو دان جي صورت ۾ هوندو هو.

راجائون هاٿي گهوڙا رٿ سوني چانديءَ جا برتڻ داس داسيون پڻ ڏيندا هئا. زميندار- اَمير - شاهوڪار طبقو پڻ پنهنجي شان شونقت کي خيال ۾ رکي گهڻو ڪجهه ڏيندا هئا. وچولي طبقي ۾ پنهنجي شڪتي آهر.غريب طبقو ڪسان وغيره ڳايون ٻڪريون ۽ رڍون ڏيندا هئا. ورهاڱي کان ٿورو وقت اڳ پڻ مونکي سٺي يادگيري آهي ته پرهاڻين جو رواج هئو- ۳-۵-يا ۷ پرهاڻيون- هر پرهاڻي ۲۵ يا ۵۰ روپين جي هوندي هئي.

ايتري قدر جو غريب برهمڻ به ڪنيا دان ۾ ڪنيا کي پنهنجي غريبت آهر ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڏيندو هو. هن ڪهني رسم ايترو اُگر روپ ڪيئن ۽ ڪڏهن ورتو اُن لاءِ جيترو منهنجو رايو آهي جيئن ڪن خاص طبقن ۾ ڪارو ڌن جمع ٿيڻ لڳو - جيئن سماج جي ورڻن ۾ اسمانتا اچڻ لڳي ، پئسي ڪمائڻ جو هوڏ - ڪن خاص طبقن ۾ تعليم پرائڻ ڪري - سُٺيون نوڪريون ملڻ لڳيون ۽ اُنهن جون ضرورتون وڌنديون ويون- رهڻي ڪهڻيءَ ۾ پڻ زمين آسمان جو فرق اچڻ لڳو. هيءُ دان ڦري حق -



نالو : ٺهلرام ليکراج چنچلاڻي.

جنم : ۱۹۳۰.۴.۲۰.

پيشو : رٽائرڊ ميل ڊرائيور.

پتو : بي-۲۰۶، جئه بابا اپارٽمينٽ، نيو ٽيليفون ايڪسچينج روڊ، سنڌو نگر- ۴۲۱۰۰۱.

هڪ رواجي گول گنبذ وارو مندر آهي. ويندي وقت ياتري مندر طرف اک کڻي به نه نهاريندا آهن، جو اُن کي اپسوڻ ڪري ليکيو ويندو آهي. هت چڙهائي جي اونچائي سمنڊ جي مٿاڇري کان ٦٥٨٣ فوٽ اونچي آهي. هاڻي مندر کان رستو گهڻي گهاٽي جهنگل ۾ هلي پهچبو. هن جڳهه کي چون،'' ماتا ڪا باغ'' ذرا ڏيان سان هلجو چو ته پيچرو هيٺائين تي آهي. دور دور غفا نظر ايندي. اُن رمڻيڪ آستان تي پهچي رهيا آهيون جنهنجي لاءِ شرڌالو سڪندا آهن، دل ۾ باسون باسيندا آهن. ذرا ياترين جي مُکڙن تي خوشي ته ڏسو! هو نچندا ٽپندا نظر ايندا. ماتا جي ساراهه جا گيت ڳائيندا نظر ايندا. چڻ ته نرواڻ پراپت ٿيو اهي. غفا نيڪ ٥٧٥٠ فوٽ سمنڊ جي مٿاڇري کان مٿي آهي. جيئن ته شرڌالن جي پيڙ وڌي ويئي آهي، هاڻي ٽڪيٽ شروع ڪئي ويئي آهي. ويتر اُگروادين جي ڊپ ڪري آرمي ۽ پوليس جو زبردست بندوبست ڪيل آهي. غفا جو درشن ڪرڻ لاءِ ٽوئرسٽ سينٽر مان سِلپ وٺڻي پوندي آهي، جنهن تي نمبر لڳل هوندو آهي. پرسان يوَن ۾ ياترين لاءِ وسرام گهر آهي. ٿوري ڊپازٽ رکڻ سان ڪمبل ۽ غاليچا وني سگهجن ٿا. ياتري پهرين سنان ڪندا پوءِ لائين ۾ اچي بيهندا. اِهو سڄو ڪنٽرول پوليس ۽ فوجين جي هٿ ۾ آهي. بدن جي تلاشي وٺي پوءِ اڳتي وڌڻ ڏيندا. هاڻي ياترين جون ٽوليون غفا جي ڏاکڻ تائين پهچي ڪليل ڪمپائونڊ ۾ پرويش ڪندا. غفا جو منهن ننڍو پر تمام سهڻي نموني پٿر جي ٽائيلس سان سينگاريو ويو آهي. ڪو زمانو هو جو غفا ۾ اونڌهه انڌوڪار لڳو پيو هو، پر هاڻي وقت جي نذاڪت ڏسي بجلي بتين جو پورو پورو پربنڌ ڪيل آهي. هڪ ئي وقت ڏهه پنڌرهن ياترين کي اندر وڃڻ ڏيندا آهن. هنن کي غفا ۾ پاڻيءَ مان لنگهڻو پوندو آهي. اٽڪل ٥٠ فوٽ ڪرونڊڙو ٿي هلڻ ڪانپوءِ غفا جي بئي پاسي ، کُليءَ جڳهه ۾ پهچي وڃبو. هن جڳهه کي پويتر ليکيو ويندو آهي. هتي ماتا جا ٽي روپ ڏيکاريا ويا آهن؛ سرسوتي، لڪشمي ۽ ڪالي جيڪي شرڌالن تي مهر ڪنديون آهن. هن جڳهه تي ڪيترائي پوڄاري وينل نظر ايندا؛ شرڌالو هن کي پئسن، ناريلن ۽ سُڪي ميوي جي پيٽا چاڙهيندا آهن؛ پوڄاري هر هڪ ياتريءَ کي مستڪ تي ٻاڙهو تلڪ لڳائيندا آهن ۽ ڪجهه ننڍا سڪا ڏيندا آهن، جن کي چون ''خزانو'' ماتا جي دربار مان خوشحاليءَ جي سيسا!

'' پريم سي بولو جئه ماتا دي- جئه ماتا دي'' اهڙا منا منا شبد تيرٿ ياترا ۾ ڪنن ۾ گونجندا رهندا آهن ۽ گونجندا رهندا سدائين لاءِ، پوءِ پيلي واپس گهر موٽو ۽ پنهنجي ڪم ڪار ۾ رڌل رهو.

حصن ۾ ورهائجي پئي وڃي. منوسمرتي واري سماج نالي ماتر رهي آهي يا سماج جو ڍڀ صرف ڪنهن ڀوت پريت آتما وانگر ڪنهن ڪنهن جي دل ۾ رهيو آهي.

هڪ سماج جو روپ اِهو آهي جي يورپين سڀيتا جي اثر هيٺ گهر کان وڌيڪ ڪلبن ۾ پارٽين ۾ سوشل ڪلچرل پروگرامن ۾ بلڪل آزاديءَ سان هڪ ٻئي سان ملن ٿا. ننڍي ٿهي پڻ پنڻ ڪاڻڻ جي معاملن ۾ ڪافي آزاد آهي. اُهي ساماجڪ پراڻي سمرت آهن. اُهي اڻ وٽندڙ - اُگر نتيجن کي منهن ڏيئي پنهنجي بگڙ يل حالتن کي لڪائي دٻائي سڌاري سگهن ٿا. وچولي طبقي وارا زياده دُکي ٿين ٿا. ڇو جو غريبي سان هٿ مِلائي نہ ٿا سگهن. شاهوڪارن جون گهرجون پوريون ڪري نٿا سگهن. نتيجو يا ننڍي عمر جون نياڻيون گهر ويٺيون آهن يا شاديءَ بعد جلدي اچي ٿيون در تي پون. ڪجھ سماجون سهڻا مثال آهن، جي ڪن ٿورن ننڍن شهرن ۽ ڳوٺڙن ۾ آهن، جتي ڏنو ورتو حَدُن اندر - ڏيکاءُ بلڪل نہ - ڪوبہ شادي جو ڪاريہ سماجڪ ڪاريہ - ڳوٺ لاءِ پنهنجي نياڻيءَ جو ڪاريہ آهي. ڪيترا شيواڌاري ملندا. خبر نہ پوندي تہ کهڙو نياڻي جو مائٽ کهڙو ڳوٺائي. ڄڃ جي خاطريءَ ۾ ڪابہ ڪمي پيشي ڪانہ - جوتن کي پالش ، سنان پاڻي لاءِ پاڻي صابڻ تيل حاضر. بزرگ ماڻهو سنان پنهنجي هٿن سان ڪرائيندا- جوٺي پليٽ کي ڪير بہ هٿ لاهڻ نہ ڏيندو- ايتري عزت- ايترو قرب- ايترو پيار.

ننڍي شهر يا ننڍڙي ڳوٺ جي هر شيواڌاريءَ لاءِ اِئين پيو لڳندو تہ ڳوٺ جي عزت هر هڪ باشندي لاءِ شخصي سوال ۽ جوابداري آهي. اُن شهر يا ڳوٺ جي پليل نياڻيءَ ۾ کهڙا سنسڪار هوندا سو هر هڪ اَئي پاءُ ڪائيندڙ اندازو لڳائي سگهي ٿو. بزرگن جي رهنمائي هيٺ ننڍي ٿهي ۾ اُتساهه آهي، لگن آهي، پيار آهي. پنهنجي ڪشت کان وڌيڪ شهر ۽ ڳوٺ جي عزت پياري آهي. ڪاش اسين اهڙي سماج هر ڳوٺ هر شهر هر ديش ۾ پئدا ڪري سگهون.

دهيج کي روڪڻ لاءِ - ڪني رسم کي ڪنٽرول ۾ آڻڻ لاءِ ڪي قائدا ضرور پاس ڪيا ويا آهن، اُنهن کي عمل ۾ آڻڻ تہ سماج جي هٿ ۾ آهي.اڄ بہ غريب وچولي يا شاهوڪار گهرن ۾ دهيج جو ذڪر- گُهر يا غلط طريقن سان وڌيڪ پئسي ڪڍڻ لاءِ انيڪ اُپايہ استعمال ڪيا وڃن ٿا.ڪن کي قانون جي ڪابہ خبر ڪانہ ٿي پوي-البت ڪنهن ناگوار نتيجي نڪرڻ تي - جڏهن ڪنهن ڪنيا آپگهات ڪيو، ڪنهن کي جيئري جلايو ويو، ڪنهن جي ڪنيا شادي بعد اچي پيڪن ۾ در تي ويٺي، يا مار ڪُٽ بعد ڪيس پوليس چونڪيءَ پهتو يا ڪورٽ جو ڪنهن در کڙڪايو تہ پتو پوي ٿو. ڏينهون ڏينهن جيئن تڏ تيئن وڌ. جيسيتائين اسان جي ويچارڌارا ۾ فرق نہ آيو آهي، اسان جي سوچڻ جو طريقو نہ بدليو آهي . هر گهر ۾ نياڻيون آهن. دل دماغ کي صحيح طريقي سان سمجهائڻ جي ضرورت آهي. سماج جي ڪشت کي

اڏڪار سمجهه ۾ اچڻ لڳو. هن سندر رسم اُگرو روپ ورتو. ڀيانڪ حالتون پيدا ڪيون ۽ ڏکدايڪ نتيجا نڪتا. آخر شاديءَ يا وواهه ٻن دلين جي ميلاپ جي جڳهه، ٻن ڪٽنبن جي سهڻن جوڙي ويجهو آڻڻ جي بدلي هڪ سودي بازي هڪ واپار تي پيو يا ڪن جي رايي پٽاندر گهوٽ راجا جي نيلامي سڏجڻ ۾ آيو.

ڪٿي ڇوڪري جي ماءُ تہ ڪٿي ڇوڪري جو پيءُ تہ ڪٿي گهوٽ پاڻ جوابدار؛ ڪٿي زياده پڙهيل نياڻيون - شاهوڪار گهرن جون ڇوڪريون پڻ جوابدار آهن. ڪٿي وري مائٽيون ڪرڻ وارا جي ١٠ سيڪرو دلالي وٺي مائٽيون ڪري ڏاجي جي ٻول ڪرائين ٿا. اهڙي طرح بدنام رسم ٿلهي ليکي سڄي سماج کي بيمار ڪري کوکلو ڪري رهي آهي.

اچو تہ سوچيون ،سماج جنهن کي ڪنهن وقت آريہ ورت ۾ آرين شروعاتي روپ ريکا ڏني جنهن ڪري هنن سماج کي چئن ورڻن ۾ ورهايو. جيئن سماج جو ڪاريہ چئن طبقن ۾ ورهايل هجي. هر هڪ کي پنهنجون جوابداريون سنڀالڻ لاءِ ڪم ورهايل هجي. جيئن هرهڪ پنهنجي ڪم کي زياده ڌيان ڏيئي سُچارو ڍنگہ سان پنهنجي ڪاريہ کي سرانجامي ڏيئي سگهي. اُن جي ضرورت لاءِ هر هڪ طبقي جو باشندو پنهنجي جوابدارين کان واقف هجي ۽ اُن کي صحيح طريقي سان ڪرڻ لاءِ اُن کي برابرگيان ڏنو وڃي.
اُن لاءِ سماج کي چئن آشرمن جي ضرورت محسوس ٿي. گرو ڪل کوليا ويا جتي هر هڪ سماجڪ پراڻيءَ کي هر قسم جو گيان ڏيئي پنهنجي شرير ۽ ٻڌيءَ جو صحيح سندر ۽ يوگيہ وڪاس ڪرڻ لاءِ اهڙو ماحول ڏنو ويو. اِنهيءَ ڪري اُن سماج ۾ صحت مند، سياڻا ۽ جوابدار شهرواسي پيدا ٿيا. عام جي ڀلي لاءِ نئين پيڙهيءَ کي سڄاڳہ ڪري اُنهنجي رهنمائي لاءِ ڪجهہ ڪڙا نيم - کي جوڙجڪي ڪاريہ ناهيا ويا. اِنهن نيمن ۽ ڪارين مان ڏنو ويندو هئو تہ بزرگن جي ڪافي عزت هوندي هئي. عورت ذات کي پڻ ايتروئي عزت ۽ مان ملندو هو؛ گهر جي عزت لڇمي سرسوتي سمجهي ويندي هئي. اُنهن کي گڻن ۽ گهر يوگيتا تي پرکيو ويندو هو. اُنهن جي شاريرڪ سڌولتا ۽ صحت مند هئڻ تي ڌيان ڏنو ويندو هئو.

اُها سماج هينئر ڳولهڻ سان بہ نہ ملندي. فلمي دنيا جي اثر هيٺ هينئر اڇي چمڙي- سونهن - سنهڙي پسلي - شاهوڪاري ۽ ڏيکاءُ طرف زياده ڌيان وڃي ٿو. اُن ڪري ٻي جوڙ شاديون - ڏاجي لاءِ گهر يا دهيج جي آڇ شادي بعد اڻ بڻت پنوسنڪنا ۽ طلاق زور وٺندا وڃن ٿا.ايوگيہ نہ ڪمائيندڙ شاهوڪاري ٻار پڻ ڪيترن اڻ وڻندڙ نتيجن لاءِ جوابدار آهن. اهڙيون غلطيون ٻئي ڌريون ڪن ٿيون. ڇوڪرن وارا بہ تہ ڇوڪرين وارا بہ ڪن ٿا. اهڙي طرح سماج هر ڪنهن جي سهوليت سان ڪيترن

ڪوئا مار ۾ قاتل اِنسان

پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي

هندستان ايشيا جي وڏين طاقتن
نجهان هڪ آهي. سندس آدمشماري هڪ
سؤ ڪروڙن تي وڃي پهتي آهي.وڪاس
جي يوجنائن جي سموري پيداش هيءَ
دمشماري ڳيهندي ٿي وڃي .عام ماڻهو
اڻڪي اهڙي جا اهڙا ٿا محسوس ڪن.
دمشماريءَ جي واڌ جي ڪري ئي اڄ
ڏي ۾ وڏو، ڳوڙهو، ڳورو ۽ بيحد وسيع
سئلو آهي بيروزگاري! هيءُ مسئلو ڪيترن
مونن ۾ ماڻهن کي گهيري ويٺو آهي.
وزگار صفا نہ آهي اِئين بہ ڪونهي.
وزگار جا نوان نوان وسيلا ظاهر ٿا ٿين، پر
نهن مان ڪن ٿورن ۾ ايترو اُپراسو يا
يداش ٿي ٿئي جو اِنسان زندگيءَ جا ٻئي
ڇيرا، ڪنڊون، پاڻ ۾ سولائيءَ سان ملائي
سگهي! ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ روزگار
آهي پر اُپت گهٽ آهي جنهن مان وچولي
طبقي وارا وقت انوسار، ماحول مطابق
پنهنجون ضروري گهرجون پوريون ڪري سگهن. بنيادي گهرجون برابر اَنُو،
لٽو ۽ اجهو آهن. پر اُنهن کان وڌيڪ مالي
ڪپت ڪن ٻين ڳالهين تي آهي. جن جا
ٻاهران اڇا ڪپڙا کيسا خالي ۽ سمجهن پاڻ
کي ملڪ جو والي، سي سڀ پهرين تہ ٻارن
جي پڙهائيءَ ڏانهن وڌيڪ تَوَجُ ٿا ڏين.
ڪتابن کان وڌيڪ گائيڊون ۽ نوٽ بوڪ
اسڪولي فيءَ کان وڌيڪ ٽيوشن في،
ڊرائنگہ ۽ ڪرافٽ جو سامان، راندين ۽
پڪنڪ جا خرچ، سڀ تہ بنيادي خرچن کان
وڌيڪ آهن!

عام ماڻهن جو پئسو ٻيو وهڪرو رکي
ٿو. دوائن ۽ بيمارين جي علاج تي. شل نہ
ڪو ڊاڪٽر جي تات پوي! اِهو بہ ٻڌو اٿئون
تہ ڊاڪٽرن جا يار سدائين بيمار! اڄ ڪالهہ
سنهيءَ ٿلهيءَ بيماريءَ تي ڪو بہ ڪونہ ٿو
نيم طبيبن وٽ وڃي. ڊپ آهي تہ نيم
حڪيم خطري جان! دوا اندر دم ٻاهر! علاج
لاءِ اسپيشلسٽ ۽ ڪنسلٽنٽ پسارين وانگر



نالو	:	پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي.
جنم	:	۱۹۳۰.۱۰.٦.
ڇپايل ڪتاب	:	هڪ.
پيشو	:	پروفيسر.
پتو	:	بيرڪ نمبر-۱۲۹۲، روم نمبر-۲۱، او. ٽي. سيڪشن، اُلهاس نگر-۴۲۱۰۰۳.

پنهنجو ڪشٽ ، سماج جي سمسيا کي پنهنجي سمسيا سمجهي ڪري عمل ڪرڻ سان اسين قانون جي عزت ڪري سگهنداسين. اڃا به اهڙي سمجهدار هڏ ڏوکي سماج کي شايد اهڙي قاعدن جي ضرورت ئي محسوس نه ٿئي. اڄ به ڪيترا ڪيس ڪورٽن ۾ آهن، ڪيترين گرفتاريون ٿين ٿيون، ڪيترن کي سزائون ملن ٿيون. غريب طبقي يا وچولي پوش جي ٿورن انسانن کي قانون جو ڀؤ آهي، مگر عام جنتا تي خير ڪو اثر ٿو ڏسجي.

مائٽي ڪندڙ دلالن جو وقت به وقت تعداد وڌي ٿو وڌندو. طلاق ۽ پرڻ پوشڻ جا ڪيس ڪورٽن ۾ پهريائين کان وڌيڪ وڌيل آهن. وڪيلن جي چترائي ڪري ڪيترا ڪيس اينگهجي سالن جا سال ڪورٽن ۾ هلن ٿا. آخر اِنصاف کان نراس ماڻهو چپ ڪري ويهي رهن ٿا يا مان مريادا خلاف غيرت کي ڇيهو پهچائيندڙ سمجهوتو ڪري زهر جي گولي کائي ويهي ٿا رهن.

آخر هن ڪني رسم جو علاج ڪهڙو آهي؟ جيئن هن رسم کي اسان ئي بدنام ڪيو آهي، تيئن اسانجي دل وَ دماغ، اسانجي سوچ سمجهه ۾ ڦيرو اچي اسان جي دکيل رڳ کي ڪنهن ڇهيو نه خبر پوي. اهڙي صحت مند سندر سوچ ويچارواري سماج جو نرماڻ ٿئي. هر هڪ جي دک کي پنهنجو دک سمجهون. هڪ ٻئي سان اهڙو وهنوار ڪيون جو اسين چاهيون ٿا اسان سان ٿئي. نياڻين جي جذبن ارمانن کي سمجهون. اُنهن جي مان مريادا کي عزت ڏيون. جيئن پٽن جي پڙهائيءَ تي خرچ ٿئي ٿو اوترو ئي نياڻين جي پڙهائيءَ تي به ٿئي ٿو. نوڪري ڪندڙ نياڻين کي آفيس ۽ گهر سنڀالڻو پوي ٿو. تنهن ڪانسواءِ ننڍي نهيءَ کي صحيح ڏِڳ لڳائڻ، صحتمند سماج پيدا ڪرڻ جو دارومدار پڻ نياڻين تي آهي. جي پڙهيل ڳڙهيل نه آهن سي به ڪيترا گهروُ هنر ڄاڻن ۽ ڪجهه نه ڪجهه پيدا ڪن ٿيون. ڪي بزرگ، سوشل ورڪر اهڙن هنرن کي همٿائن ۽ گهر ويٺي اُنهن غريب گهرن جي سامان جي خريد فروخت ڪري مدد ڪن. نشڪام شيواڌاري، اهڙا شاديءَ جا بيورا هلائن. دلالن کان پرهيز ڪرڻ سکون. ساموهڪ شادين کي همٿايون درٻارين ۽ آشرمن جي شادين کي همٿايون جيئن اجايو ادمبر ۽ فالتو خرچ ڏيکاءُ وغيره نه ٿئي. پيار جي شادين کي ارينجڊ شاديون ڪري اپنايو وڃي.

ٿي سگهي ته پراڻي رسم پرهاڻيون چالو ڪئي وڃي، شاهوڪار شاهي جن کي ڀڳوان ڌن ڏنو آهي سي ساموهڪ شادين تي واجبي خرچ ڪن ۽ ڌن سجايو ڪن. ننڍي نهي وارن جي دل دماغ، ٻڌيءَ ۽ وويڪ ۾ سجاڳي اچي.

ڪاش هيءَ بدنام رسم ڦِري هڪ خوشنما حقيقت بڻجي پوي.

۽ ڳهندي تي رهي.

زالن جي ڪمائڻ واري نيتي يورپ مان يارت ۾ آئي آهي. ٻنهين جي سڀيتا، سنسڪرتي، ريتيون رسمن جا طور طريقا نرالا آهن. يورپ جون اُهي زالون جن جا ٻار ننڍا آهن سي پارٽ ٽائيم نوڪري ڪنديون آهن. اُتي اُنهن لاءِ اهڙو خاص بندوبست آهي ۽ هتي اسان وٽ پارٽ ٽائيم نوڪري مرد واڌو ڪمائي لاءِ ڪندا آهن. يارت ۾ جيڪي زالون سموري ڏينهن جي نوڪري ڪن ٿيون تن جي ٻارن جا حال برا آهن. ڪين نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ ياڇي وڃڻ ڪان وٺي برتڻ صاف ڪرڻ تائين ڪم ڪرڻو ٿو پوي. يورپ ۾ اڌ رڌل ڪاڌي جو ڏٻو ڪولي ڪير بہ گرم ڪري کائيندو. هرڪو پنهنجو ڪم پاڻ ڪري. ٻارن جي نيپاج لاءِ ڪريچ آهي. يارت ۾ نوڪري ڪندڙن لاءِ سؤرن جون سوين صورتون آهن!

ڪيتريون سنستائون ۽ مهلا منڊل زالن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ نعريبازي ڪندا آهن پر زالن کي حقن عيوض جهوليءَ ۾ فرضن جي ڳنڙي ملي آهي. برابريءَ ۽ آزاديءَ جا ڪاغذن تي عهدناما ۽ اقرار.

مسئلن جي ڪوئامار مان ڇٽڻ لاءِ انسان لڳاتار ڪوشش ڪندو ٿو رهي. پر هن ڪوئامار کي سسي سوڙهي ڳُهٽڻ جي خاصيت بہ آهي. هڪ ذهين ۽ غيرتمند ماڻهو منهن تي هٽراڌو مشڪ ٿڦي ٿو هلي. سندس اندر ۾ آنڌ مانڌ جو طوفان آهي. ويچارو انسان ڏاڍو لاچار آهي. راڄنيتي، سماجڪ، ڌارمڪ ۽ مالي پيچرن ۾ گم ٿيندو ٿو رهي. انسان ۽ سندس مسئلن جو رستو اهڙو آهي جهڙو ننڍ ڦتل شينهن جي چنبي ۾ مُشڪندڙ ڪوئو جيڪو جيئڻ ڏان لاءِ ٻاڏائي ٿو. ڪوئامار ۾ ڦاٿل ڪوئو بہ نڪري سگهي ٿو، پر مسئلن ۾ ڦاٿل انسان نہ. سندس مسئلا انداز ۾ جوڙ ڪونہ ٿا ٿيندا رهن، پر ضرب ٿيندا ٿا رهن. جن کي هرڪو وٽ آهر منهن ڏيئي وينو آهي. اسين سوچ جا طريقا بدلايون تہ شايد ڪم آسان ٿي پوي. پُراڻن طريقن جي دائري مان ٻاهر نڪري نيون راهون ڳاهيون جيڪي عزت ۽ غيرت واريون هجن.

پرارٿنا هڪ طريقو آهي جنهن سان آتما کي خوراڪ ڏيئي شڪتيشالي بڻائجي ٿو. پرارٿنا ڪرڻ، انترمکي ٿي پنهنجي مالڪ سان حال اورڻ تمام ضروري آهي، هو مدد ڪندو . پر جوابدارين کان ڇٽڻ لاءِ ستسنگ ۾ وڃڻ، گرو ڪرڻ ۽ پنٿ بدلائڻ سان مالڪ بہ مدد نہ ڪندو. انسان کي پنهنجو سڄو وقت اڌاوتي ڪم ۾ لڳائڻ گهرجي پوءِ پل ”هٿ هاج ۾ دل يار ڏي هجي“. ڏيکاءُ ڪرڻ لاءِ وقت نہ وڃائجي، ۽ نہ پنهنجا مسئلا وڌائجن. پل ماڻهو ڪجھ بہ چون. وات جو اٽن تہ ضرور ڪجھ نہ ڪجھ تہ چوندا ئي.

غمي، ڇني، منڍ، جٽئي تي بہ ڇيلھ ڇڄي
تي ٿئي. پلا سڀ ٿا خرچ ڪن تہ اسين ڇو
نَڪَ کي مَرُ لايون. جايون، دڪان، زيور
گِروِي رکي بہ خرچ ڪيون. ڪاڏي تہ ڪوھ بہ
ڪٽي ويندا. سوَڙ آهرپير ڊگھيريون، واريون
هدايتون صرف ڳالهائڻ جي سونهن وڌائڻ
لاءِ آهن! ڪير ٿو ٻڌي جنهن کي چئون تہ
”سج بہ پاڇا آهي، اُهو ڪيِ ڪرِ جو مينهن
وسندي ڪم اچي.“ ٻين سان ريس ڪرڻي
آهي، نہ تہ ماڻهو ڇا چوندا! بيروزگاريءَ
جو ڀوت اَجايو بدنام آهي. نَئِنِ ڪوجنائن
سان گڏ روزگار جا نوان وسيلا ڳولهي ٿا
ڪڍن. ڪنهن بہ نئين روزگار لاءِ پهريون
ڏاڪو آزمائش جو ٿيندو آهي ۽ هر
آزمائش ڪنن ٿيندي آهي. نئين پيشي
کي ڏرتي بہ ڇھ مهنا جاءِ نہ ڏيندي
آهي.

جنهن روز، نوڪريءَ ڏنڌي، پيشي
کي هٿ ۾ ڪٽجي، اُن لاءِ دل ۾ پيار ۽ عزت
رکجي، نيٺ اُپراسو وڌندو. شروع ۾ ئي ڪو
ملڪيت ۽ پيسي جو مينهن ڪونہ وسندو پر
محنت ۽ جفاڪشيءَ کان پوءِ ئي آمدنيءَ
جو سيلاب ڇٽندو. ٿوري کان شروع ٿي گهٽي
تي پهچندو. اڄ جڏهن روزگار جون حالتون
۽ نيتيون پيچيديون آهن، خرچ بہ وڌيل
آهن تہ زالون بہ پٺتي ڪونہ پيون آهن.
اٽڪل اڌ صديءَ کان هو بہ گهرن جي مالي
حالت سڌارڻ لاءِ ميدان ماري رهيون آهن.
ڪلارڪي هجي يا آفيسري، ماستري هجي
يا پروفيسري، زالون پنهنجي پيرن تي

بيهڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺيون آهن. وديارٿ
جيون کان وني ئي ڊگريون وٺڻ سان گڏ ٻ
ڪورس ۽ ڊپلوما ٿيون ڪن. اوچ تعليم
سنسٿائن ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن کان وڌيڪ
جفا ڪشي ڪنديون ڏسڻ ۾ اينديون آهن
ڇوڪرا ان ۾ ئي خوش آهن تہ اسين مر
آهيون. دڪان تي وهڻ لاءِ پڙهائي ضرور
نہ آهي. ڇوڪريون ٽيسيٽائين ڪجھ
ڪجھ سکنديون ٿيون رهن جيسيتائين
ڪنهن شيھن ڪُلهي چڙهن يا ڪا سني
نوڪري ملين. سلائي، ڀرت ۽ رڌڻ پچائڻ
سکڻ تہ تمام پراڻي ڳالھ آهي. پوءِ
ڪنواري هوندي ماءُ کي گهر ۾ مد
ڪنديون ۽ شاديءَ کانپوءِ ....ٻنڌ
۾. اڳہ رڳو گهرگرهستيءَ جا ٻنڌن، نوڪري
ڪرڻ کانپوءِ اُهي وڌيڪ ٻنڌن! پوءِ بہ چو
ٿا ”زالن کي برابريءَ جو حق مليو آهي
آزاد ٿيون آهن.“ ڇوڪرين ۽ زالن ج
شخصيت ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿي وڃي
سندس هڪ حصو گهر ٿو سنڀالي تہ ٻيو حص
نوڪريءَ جون جوابداريون. صرف نوڪر
ئي ڇو هي زالون ڏنڌو ڪري ڪارخانا هلائ
بہ ڄاڻن. اِنتظام ۽ بندوبست تہ ڪو هن
کان سکي.

ٻن خيالي حصن ۾ ورهايل ناريو
سچ پڇ تہ ٽٽي ٿيون پون. مردن وان
ڪمائين تہ ٿيون پر گهر جي جوابداري
۾ هنن سان ڪابہ رعايت نٿي ٿئي. پ
تي پارڻ جي شوق ۾ هوءَ ڪم ڪند

رهاط

ناٹک

۽ ڌيان ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

سِوا ڌياءِ معنيٰ پنهنجو ابياس ۽ پنهنجو ابياس ويچار ڪانسواءِ ٿي نٿو سگهي. ان ڪري سِواڌياءِ ويچار جو ئي طريقو آهي. پر ڌيان آهي ويچار رهت، ويچار ڪانسواءِ اهو آهي ويچارن ڏانهن جاڳڻ. سوچڻ ۾ جاڳڻ نه آهي. سوچڻ به هڪ قسم جو سپنو آهي. سجاڳنا ۾ سپنو گُم ٿي ٿو وڃي. سوچ ويچار لاءِ ننڊ ضروري آهي. سوچ ويچار سپنا آهن. سوچ ويچار اکيون کولي سپنو ڏسڻ آهي. سپنا ڇترن جي پاشا ۾ سوچيندا آهن. سوچڻ سپني جو فضيلته پريو روپ آهي. سوچڻ ۾ ڇترن جي جاءِ تي اکر اچي وڃن ٿا. ليڪن ڌيان هڪ الڳه ئي آيام آهي. اهو سپنن کان ڇٽل آهي. اُن ۾ ويچار کان فقط پار وڃٹو آهي. سپنو اچيتن من جو چنتن آهي. ويچار چيتن من جو چنتن آهي. ڌيان آهي من جي غير حاضري. من جو نه هجڻ. چيتن من جڏهن ڪنهن ٻاهرين چيز تي خيال ٿو ڪري ته به ويچار آهي. ۽ جڏهن پاڻ تي ٿو خيال ڪري ته به ويچار آهي.

ڌيان ۾ ڪنهن به وشيه (ٻاهرين چاهي خودپنهنجي) کان مٿي اُٿڻو آهي، ڪابه وشيه نه گهرجي. اُن ۾ ڪو خاص فرق ڪونه ٿو پوي ته وشيه ڪهڙي آهي. ڌن هجي يا ڌرم، پرائو يا پنهنجو. خاص نڪار يا ڪرانتي تڏهين ئي ٿي اچي جڏهن چيتنا وشيه کان ٻاهر آهي. ڇو جو تڏهن پاڻ کي سڃاڻي سگهجي ٿو. جڏهن چيتنا وٽ جاڻڻ لاءِ ڪجهه به نٿو رهي، تڏهن پاڻ کي سڃاڻي ٿي يعنيٰ جڏهن ڪجهه به گيان نه آهي، تڏهن آتم گيان ٿيندو آهي. مطلب ته سِواڌياءِ - پنهنجو ابياس آهي، پنهنجي باري ۾ سوچ ۽ ويچار. پر ڌيان آهي پاڻ کي جاڻڻ. اها پڪ آهي ته جنهنجي باري ۾ ڪجهه جاڻون ئي ڪين ٿا، ان جي باري ۾ سوچ ويچار به ڇا ڪبو؟ پر جنهن کي جاتو ويو آهي، اُن جي باري ۾ سوچ ويچار جو سوال ئي نٿو اُٿي. ان ڪري سِواڌياءِ کان بچڻ ته بهتر. ڇو جو اِهو به ڌيان ۾ وِگهن آهي، ۽ وڏو وِگهن، ڇو جو اهو ڌيان جو ناٽڪ بڻجي پوندو آهي. من ته اُن ۾ ڏاڍو خوش ۽ پرسن هوندو آهي. ليڪن ساڌڪ ڀٽڪجي ٿو وڃي. هو وري وشيه ۾ اُلجهي ٿو وڃي. من آهي وشيه جو مُکه، اُن کي کپي وشيه، پوءِ وشيه ڪائي به هجي. ڪام هجي چاهي رام. هو صرف وشيه سان راضي آهي. ان ڪري ڌيان جي لاءِ ڪام ۽ رام، ٻنهي کان مٿي اُٿڻو آهي. ڌارئي يا پنهنجي، ٻنهي کي سم ڀاؤ سان وِدا ڪرڻو آهي. تڏهن اهو پرگهٽ ٿو ٿئي جو پنهنجو آهي ۽ جو پرائو به آهي. يا جو نه پنهنجو آهي، نه پرائو آهي؛ بس آهي.

فهرست

ناٽڪ

سنڌ تي سڏي ..... هلو ته هلون

مدن جُماڻي

پاتر

١.	:	بابا	:	ڪنور جو پيءُ.
٢.	:	ٽلو	:	ڪنور جو نوڪر.
٣.	:	ڪنور	:	گهر جو مکيا.
٤.	:	سنڌو	:	ڪنور جي ڌيءُ.
٥.	:	ديوي	:	ڪنور جي زال.
٦.	:	اياز	:	ڪنور جو دوست.

(پردو کلڻ سان، شاهوڪار جو گهر سني نموني سجايل نظر اچي ٿو. بلڪل سامهون اَڇي پردي نُمان ديوار آهي ته، ساڄي وچ مان گهر اندر داخل ٿيڻ لاءِ دروازو ته سامهون، گهر اندران ٻين ڪمرن ڏانهن وڃڻ لاءِ دروازو. اَوَل منچ تي مُڪمل اونڌه انڌڪار آهي. سامهون ديوار تي، پروجيڪٽر معرفت ، سنڌ جو شاهي نقشو نظر اچي ٿو-سنڌو جي ڌارا جو ڪل ڪل ڪندڙ سنگيتميه آواز-پکين جا آواز،مندر جو گهنڊ سان پِڙهه قُتي ۽ آهستي آهستي صبوح جي پهرين ڪرڻ ۽ روشنيءَ جو منچ تي پرويش. منچ تي آرام ڪرسيءَ تي پنهنجن خيالن ۾ گُم سُم ڪاڪو عمر ٦٠ - ٦٥ سال ڏسجي ٿو.

نالو : مدن جماڻي.

و : گابا نہ بابا - بابا نہ، فادر گرانڊ فادر.

با : پادر ؟! ڇوڙا صبح صبح جو ڇو ٿو ڳهري پادر ڪائين ؟

لو : هِن پوڙهي مان نہ ڦاٿس ؟

با : پوڙهو ؟ -ڪو پوڙهو ملڻ آيو آهي ڇا ؟

لو : پڇي هڪ پوڙهي سان نٿو سگهان - ٻڍو

با : ٻڍو ! سمجهہ سمجهہ ٻڍو ٻڪاري آيو آهي. ويچارو ٻڪيو هوندو، وڃي کير پيئاريس.

لو : کير پيئارڻ ئي تہ آيو آهيان،ٻڪاريءَ کي نہ توهان کي - توهان کي (چلائيندي) کير - کير !!

ابا : تہ چلائين ڇو ٿو (پاڻ چلائيندي) مون وانگر آهستي نٿو ڳالهائي سگهين، مان ڪو ٻوڙو آهيان ڇا ؟

لو : توهان نا بابا - مان ٻوڙو آهيان، مان ٻوڙو منهنجو خاندان ٻوڙو، اوڙو پاڙو ٻوڙو سڄو احمداباد ٻوڙو - هاڻ تہ خوش -

ابا : (آهستي) ٽلو پٽ - تو مون کي ڪجهہ چيو ڇا ؟

لو : (زور سان) نہ ! پاڻ سان ويٺي ڳالهائيم - وڦلڻ جي بيماري اٿم چريو آهيان نہ !

ابا : بيماري ٿيندي اٿيئي باهہ - پميٽ ٻري. ساري پسم ڪري. اُن کان اڳہ، باهہ ۽ بيماريءَ جو خاتمو ڪرڻ گهرجي - ڪرِ خبر گلاس ۾ ڇا آندو اٿيئي. ڏي ڏسان - کير - چڙٻٽ، هيتري دير کان گرما گرم کير آندو اٿيئي، چوين ٻہ نٿو تہ کير کٽي آيو آهيان - ويسر سني نہ آهي ٽلو پٽ !

ٽلو : (ڪن پڪڙي) غلطي ٿي - کير پيئو کير !

بابا : بيئر تہ رات جو پيبو نہ - صبحءَ جو کير ڏي (گلاس) نہ، نہ پهرين حقو پوءِ کير - وڃي جلدي حقو گرم ڪري اچ.

ٽلو : مري ويس - حقي لاءِ پهرين ڦل ناهيان - ڪوئلا تپايان - ڪوئلن سان گڏو گڏ پاڻ کي ٻہ تپائيان - بابا لنڊن ۾ ٻہ توهان هِن سنڌي حقي جي پچر نٿا ڇڏيو.

بابا : مچر ! مچر ياد آيو ٽلو اُن ڏينهن ٽي وي ۾ ڪنهن نانا رڙيون ڪندي پي چيو تہ ،" ايڪ مچر - ايڪ مچر آدمي ڪو هيجڙا بنا ديتا هئہ " ٽلو پٽ هيءُ هيجڙو ڇا ٿيندو آهي ؟

ٽلو : هيجڙو معنيٰ ڇڪو !

بابا : معنيٰ !

۽ ٻڌجي ٿو - پريان ايندڙ آواز :-
” ادا هل نہ هلون “ - پڙهيون انترو گيت
جو پوءِ فيڊ آئوٽ - (دروازي جي گهنٽي)

ٽلو : (گهر جو نٽ کٽ نوڪر داخل ٿي رام سُمر پرياٽ ميري من (Entry) بابا
پيرين پوندي) ڳُڊ مارننگہ بابا، گرانڊ پا، ٽچنگہ يوئر فيٽ (پيرين پئي) ب
آشيواد نہ تہ، پوندو ئي ڏيو (ويندي پٽپٽائيندي) پوڙهي ٻڍو ئي نہ هوند
(گهنٽي)

آواز : (دروازو ٽلو کولي ٿو کير جي بوتل ۽ هٿ اندر اچي ٿو آواز) پوُٽ !

ٽلو : ٻاتا - دوُڌ چٺہ دوڌ - پوُٽ! (ٻائيندي) جو کير پيئي سو وير ٿئي. (Exit

بابا : شڪر ٿئي منهنجا مالڪہ شڪر ٿئي.
صبح جا سائين، پنهنجي هلنديءَ هلائج، ڪنهنجو محتاج نہ بڻائج.
دم دم جو خئر - پل پل جو خئر - جتي پير اتي خئر - دوست دشمن جو خئ
ديش وديش جو خئر -جتي پير اُتي خئر - جتي پير اُتي خئر.

بابا : (بابا حقو پيئي ٿو ڦوڪ پريندي) حقو ئي ٺري ويو آهي - (سڏ) ٽلو.

ٽلو : (مصيبت ۾ مالڪہ مددگار ٿيندي، ڳائيندي، هٿ ۾ گلاس کير جو داخل ٿي
کير !

بابا : (ڪن کي هٿ ڏيئي) ڇا ؟

ٽلو : (گلاس ڏيکاري) جو کير پئي سو وير ٿئي، ڏند زور وٺن ڏاڍا سهڻا لڳن. ها
هن عمر ۾ بابا جا نقلي ڏند ڇا زور وٺندا ؟

بابا : ٽلو تنهنجا چپ پيا هِليا، تو ڪجهہ مون کي چيو ڇا ؟

ٽلو : (زور سان) بابا !

بابا : گابا ؟!

ٽلو : گابا نہ - بابا، بابا.

بابا : ٻُڌم -ٻُڌم - گڏهہ جيان هينگي ڇو ٿو ؟ - ايترو زور سان رڙيون نہ ڪر ڪٿ
مغز جي نس بس نہ ڦاٽي پوئي - چئہ.

ٽلو : کير پيئو -.

بابا : پيئان ؟! - ٽلو پر حقو ڪيئن پيئان ؟! ماٺون مانجهو حقو ئي ٺڌو ٿي وي
آ ني !

ٽلو : حقو نہ بابا - کير کير بابا.

بابا : گابا - وري گابا، گهر ۾ ڪو گابو گهسي آيو آهي ڇا ؟

پرديس ۾ پنهنجو ملڪ پنهنجا ماڻهون ڏاڍا ياد ايندا آهن نہ.

بابا : مني آهي تنهنجي ماتا، جنم مرڻ جا جنهن سان ناتا
رشتا رت جا ڪيئن ٽوڙيندين، جيجل ڪان ڇا مونهن موڙيندين
ڏينديءَ ماءُ مئيار او ميان-وهندين ڪيئن تون وطن وساري
ڌرتيءَ ڪان تي ڌار او ميان، وهندين ڪيئن تون وطن وساري

آواز : پيپر (بالڪنيءَ مان اخبارن جو بنڊل بم جيان اُڏامندو ٿو اچي) ۽ سڌو ٽلوءَ جي منهن کي لڳي!

ٽلو : الا ! ..... اصل ڪهي وڏءِ ٻيو ڇا ڪيئہ ؟...... ڏنوءِ نہ سائين سنڌي اخبار جو ڌماڪو! هڪ تہ اخبارن ۾ خبرون بمن جون مٿان لڳن بہ اچي بم وانگر.

بابا : (اچانڪ ڏڪي) بم ! ..... بم ! ڪٿي آهي بم! بم !

ٽلو : بم نہ بابا ..... بم نہ ..... بم جون خبرون- خبرن ۾ بم !

بابا : قبرن ۾ بم!...... هاڻ ڇا قبرن ۾ بم رکي مُردن کي وري مارينداا؟

ٽلو : مرندس تہ مان ، توهان سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي. اصل ڪٿي جي موت مرندس- بابا - اخبار..... اخبار.

بابا : سنڌي اخبار آئي آهي؟ اڄ جي اخبار آئي آهي؟

ٽلو : نہ سيان جي اخبار آئي آهي.

بابا : سيان جي اخبار اڄ ڪڏي اٿائون؟ تہ اڄ جي اخبار ڪڏهن ڪڍندا.

ٽلو : چيٽي چنڊ تي ڪڍندا؟ توهان کي ڇا آهي ڪرڻو؟ (وچڻ جو Action).

بابا : ٽلو سنڌي اخبار مان ڪا نِجُ سنڌي گرما گرم چٽپٽي خبر تہ پڙهي ٻڌاءِ!

ٽلو : نندا سيٺ، جلدي مانجهو ڊبل ويمو ڪرايو اڄ بابا کي خبرون پڙهي ٻڌائيندي سيان مان خود خبر بڻي اخبار ۾ ڇپجندس- سيان جي اخبار ۾ اِشتهار هوندو تہ ٽلو پٽ مصري مل ”سنڌي“ سنڌي اخبار جون خبرون پڙهي ٻڌائيندي ٻڌائيندي گونگو تي گذاري ويو ٽلوءَ جون پڳڙيون.

بابا : پڳڙيون؟ ٽلو ڪير مئو؟

ٽلو : اڃا تہ مئو نہ آهي پر تمام جلد مرڻ وارو آهي توهان کي خبرون پڙهي ٻڌائيندي.

بابا : تہ جلدي خبرون پڙهہ نہ !

ٽلو : جيئن جلدي مران- نندا سيٺ منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجو لاش اِنڊيا ضرور موڪلجو.

بابا : ٽلو اخبار.

ٽلو : ڇڪو معني .... ڪدرو.

بابا : ڪدرو ! پر هڪ مڇر ماڻهوءَ کي ڪدرو ڪيئن ٻڌائيندو ؟ مار گولي - حقو!

ٽلو : حقو - ڏيو -هل پٽ ٽلو (ڳائيندي) اي ميري دل ڪهين اوُر چل - غم ڪي دنيا سي دل ڀر گيا، ڍونڊ لي اب ڪوئي گهر نيا (اچانڪ) بابا - آئيڊيا ! ڇو نہ، ڪچن مان گئس جو پائيپ ڪڍي سڌو حقي ۾ لڳائي تيلي ڏجي ؟

بابا : گئس جو حقو !! - واه، اڙي ٽلو اڄايو مان توکي بيوقوف سمجهندو هوس تو ۾ تہ عقل آهي - گئس جي حقي ناهڻ جي گولڊن آئيڊيا جي پُٽ ڪنور کي ڏجي ۽ هي هوُ ننڍڙا ماڊرن گئس جا حقا ناهي. سگريٽ ڪمپنين کي تالو لڳارائي تہ، نوٽ ئي نوٽ ! واه ڙي سنڌي واه !

ٽلو : بابا، ” پئسي ۾ پاور آهي نہ “ اما ۽ مان ننڍي هوندي هر روز ڳائيندا هئاسين - پئسو لڏو پِٽَ مان - پئسي ورتُم ڳاهہ - ڳاهہُ ڏِنُم ڳانءِ کي - ڳانءِ ڏنو کير - کير ڏِنُم بابا کي - تہ بابا ڏنو (بابا پونڊو) پونڊو ! بابا ڏنو پونڊو تہ ياد آيو ڏنڊو کونڊو - ڦودني جي چٽٽي ناهٽي آهي. چٽٽي نہ ناهيم تہ مالڪڻ منهنجي چٽٽي ناهيندي (ويندي) مار دِيا جائي يا ڇوڙ ديا جائي ! (Exit)

ڪنور : (داخل ٿي) بابا (پيرين پوندي) - (سڏ ڪندي) ٽلو -!

ٽلو : (ڳائيندي Entry) تنهنجي ملڪ ۾ آيس قسمت سان ، پر سهٽا ڪين سڄاتو تو !

ڪنور : ٽلو ٽلو - گهڻا دفعا توکي چيو اٿم تہ،” ٽلو هيءُ تنهنجو احمداباد نہ آهي. لنڊن آهي لنڊن، اِئين رستي جي بڪارين وانگر ايندي ويندي ڳانا ڳائڻ بند ڪر !

ٽلو : سائين منهنجو مري بہ ماڻهن جي دلين ۾ جيئرو رهندڙ بابو مصري مل، چوندو هو، ٽلو پُٽ رُئندين تہ اڪيلو رُئندين ۽ کلندين تہ سيني کي ساڻ گڏ کلائيندين.

ڪنور : پڙهين تہ ڏاڍو سياڻو هو.

ٽلو : سياڻو ! نہ سائين منهنجو بابو سياڻن جو شهنشاه هو. خبر اَٿوَ سائين ماڻهون تہ ماڻهون، ڳوٺ جا ڍور ڍڳا، بہ بابي سائين کان صلاح وٺڻ ايندا هئا.

ڪنور : اڇا ! پڙهين ايڏو سياڻو هو تہ پوءِ پلا تون ايترو بيوقوف ڪيئن جائين؟

ٽلو : (تڪڙ ۾ نہ سمجهي) بس اِئين...... (سمجهي) ڇا ؟

ڪنور : ٽلو اڄ بہ انڊيا مان سنڌي اخبار نہ آئي آهي ؟

ٽلو : انڊيا ...... سنڌي اخبار ..... روز اچي تہ اُها سنڌي اخبار ڪيئن ڇپبي ٥-٧ اخبارون گڏ ايندين آهن. اڄ نہ آيون تہ چيتي چنڊ تائين پهچي ويندين !

نوڙهي جي زلفن جو مان .....مان پيڪي هلي ويندو سانءُ، ها

کنور : پيڪي تہ زالون ويندیون آهن، ٽلو.

ٽلو : چو سائين سنڌ اسان سنڌين جو پيڪو گهر نہ آهي. سال ٽيا آهن لندن آئي. سچ سائين پنهنجا ماڻهون پنهنجي مٽي ڏاڍي ياد ٿي اچي (خواب جيان ڏسندي.) اسان بہ اکين سامهون منهنجو ڳوٺ، منهنجو گهر، گهٽيون،مصريءَ کان منا ماروئڙا ڳوناڻان، سادا سچاجها سانگهيڙا- مٽيءَ جي مضمور کندڙ، مساني خوشبو، مٺي اُس، صبح جي ٿڌي هير، گلاب جي گلن جي مٺي خوشبو- موتين جيان آسمان مان ڪرندڙ برساتي ڦرا. اِني ڏکر راند، ساڻ ٻيلي جو چنٽي ڀوڍو - سنڌو درياهہ جو سنگيت ميہ وهڪرو سنڌوءَ ۾ ٽُٻيون، سچ سائين منهنجو تہ جي وس پڄي تہ مان پڪي ٻڌجي اُڏامي پنهنجي ملڪ موٽي وڃان.

کنور : پر ٽلو اچ اوچتو ئي اوچتو توکي جنم ڀومي ياد ڪيئن آئي؟

ٽلو : سائين منهنجي جيجل سنڌڙي مون کان وسري ئي ڪٿي هئي؟

وطن ويو جن هٿان، ناهي تن آرام،

ڪڏهن وسري ڪين ڪي، ڪنهن کان پنهنجو گام

نديون هت بہ جام- پر سنڌوءَ ۾ ڪو ساهہ ٽن.

بابا : سنڌوءَ ۾ ٽن ساهہ، سنڌو ڀانئين ماءُ .

پنهنجا نيٽ پنهنجا ڏارين کهڙو ساءُ

آيو اهڙو واءُ هڪڙا هتي تہ ٻيا هُتي!

پٽ کنور سچ ٻڌائجانءِ - ڇا توکان وسريا آهن

شاهہ ، سچل، سامي - سنت کنور رام، شهيد هيمون ڪالاڻي. ڇا وساري سگهندين تون پنهنجي ءَ سنڌ ءِ سنڌوءَ کي ؟

کنور : وطن لاءِ جان بہ گهوڙي سا بہ ٿوڙي

اللا سنڌين جان نہ گهوڙي، وطن گهوڙي آيا.

سنڌو : (داخل ٿي) گڊ مارننگ گرانڊ پا.

بابا : سنڌو، سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ.

سنڌو : ڇڱو ، گڊ مارننگ، با.....با !

ٽلو : بابا ! (ٺهڪ Baba Baba black sheep, have you any wool

سنڌو : Shut up

کنور : سنڌو! سنڌو!! سي -ساري.

ٽلو : پڙهان ٿو، (تمام ٽڪرو ٽڪرو پڙهي ٿو) ”ڀارت لنڪا کان هاريو،“ امريڪا ۽ ڀارت وچ ۾ قرار، ڦولن ديوي پارليامينٽ ۾ !

بابا : جهل ڇوڙا جهل- ڪو ڇريو ڇتو ڪتو پنيان پيو اٿيئي، يا ڪو رامسي جي هارر فلم وارو ڀوت ڏنو اٿيئي جو فاسٽ ٽرين جيان پيو ڀڄين (اهل ڪندي) آهستي آهستي، ڇٻي ڇٽي، زور سان پڙهه سمجهه ۾ نه اچي!

ٽلو : ڇپن ۾ ٿو پڙهي!

بابا : ٽلو ٻچا اخبار ٿو پڙهين يا ڀڳوان کان ڀلون پيو بخشيائين- ڏاڍيان پڙهه!

ٽلو : (ڏاڍيان) بابا ٻڌو ! بابا، بابا

بابا : ٽلو ڏس، ٻاهر دروازي تي ڪو سڏ ٿو ڪري ڇا، بابا...... بابا .

ٽلو : نندا سيٺ، ڇيو ڇايو معاف ڪجو لڳي ٿو ته مان سيان جو سورج نه ڏسندس! يمراج ڪاري ڍڳي تي سوار ٿي مون کي وٺڻ آيو آهي ۽ سڏ ٿو ڪري.

بابا : ٽلو!

ٽلو : يمراج اچي ويو!

بابا : ٽلو،اخبار!

ٽلو : ڀارت لنڪا کان هارايو!

بابا : ماريو!- وري ڪنهن ڪنهن کي ماريو؟ وري ڪو منستر پڪڙيو ڇا؟

ٽلو : مارايو نه - بابا هارايو- هارايو.

بابا : مان به ڇوان ٿو- مارايو- مارايو- مارايو.

ٽلو : نندا سيٺ، مان هٿ ٿو جوڙيان ۽. مون کي بابا کان بچايو.

ڪنور : مون کي ڏي اخبار- (بلڪل آهستي) بابا ٻڌو.

بابا : ٻڌاءِ پٽ .

ڪنور : ڀارت ۽ امريڪا وچ ۾ سمجهوتو.

بابا : ڀارت ۽ امريڪا وچ ۾ سمجهوتو.

ٽلو : هاڻ ڪيئن ٿا ٻڌو؟ چلائي چلائي مان ڇريو ٿي پيس تڏهن ته نه پي ٻڌڻ آيوءِ؟

بابا : ڪنور پٽ وانگر اول تون ڇپ ڇورڻ نه سڪه، نندي هوندي کان ڪنور جي ڇپن جي ڇُرپُر ڏسي سمجهڻ جي عادت اٿم ٽلو !

ٽلو : اڄ کان پوءِ ته هاڻ کان نندا سيٺ بابا سان صرف توهان ئي ڳالهائيندا ڪيو. هاڻ کان بابا لاءِ ٽلو گونگو، ٻوڙو ۽ انڌو آهي. مهاتما گانڌي جي ٽن باندرن وانگر، نه مان بابا کي ڏسندس نه بابا جو سڏ ٻڌندس ۽ نه ئي بابا سان ڳالهائيندس ۽ جي اُن کان پوءِ به بابا مون کي مجبور ڪيو ته قسم انڌي جو منجا نور،

ديوي : توبهہ منهنجا جهوليلعل ....هيڏانهن!

ڪنور : (ڏڪي)Yes Darling (Her Henpeck Husband) مان ٿو ٻڌايان.... بابا اِنڊيا مان سنڌوءَ جي ساهرن مان فون آيو آهي.

بابا : (ٺهڪ) فون آيو آهي. سمجهم! سمجهم!

ڪنور : هُنن سنڌوءَ جي شادي اِنڊيا ۾ ٺُهري آهي.

بابا : اڙي واه! ..... تہ سالن ڪان پوءِ اِنڊيا هلبو- منهنجي ڳڏيءَ جي شادي ٿيندي، شهانائيون وڄنديون- مناين وراهيبون، لاڏا ڳائبا. (پريان لاڏي جو آواز) لاڏو ڙي لاڏو برات وني آيو(صرف انٽري تي گهر جي ڀاتين جو لاڏي تي نچڻ. ٿلوءَ جي شروعات نوٽ وغيره ڏيڻ).

ٿلو : نندا سيٺ پنهنجي ٻولي پنهنجو سنگيت، پنهنجا ماروئڙا- اسان کي ڪيترا نہ پيارا آهن.

ڪنور : سچ ٿو چئين ٿلو جيئن ٻار کي ماءُ جي گود ۾ آنند ۽ سرڳہ جو سواد ملندو آهي. تيئن ئي هر اِنسان کي پنهنجي ملڪ جي مٽيءَ ۾ ئي موڪش پراپت ٿيندو آهي (ڪانوَ جي ڪان ڪان جو آواز) .

ديوي : ٿلو، ڪانوُ پيو ڪان ڪان ڪري .

ٿلو : مالڪڻ، ويچارو ڪانوُ ڪان ڪان نہ ڪندو تہ ڇا توهان وانگر ”مان مان“ ڪندو ڇا؟

ديوي : بيوقوف ڪانوُ ڪان ڪان اچي ڪري معنيٰ گهر مهمان ضرور اچي.

ٿلو : مان نٿو مڃان سرڳي اما چوندي هئي ڪانوُ ڪان ڪان ڪري معنيٰ ويچارو بکيو آهي. پيٽ ڀريل ڪانوُ ڪڏهن بہ ڪان ڪان نہ ڪندو آهي.

ديوي : ڪندو آهي ڪان ڪان لڳائين ٿو شرط!

ٿلو : شرط! مالڪڻ لڳي. هزار هزار جي شرط- آيو مهمان تہ مالڪڻ هارايو ۽ نہ آيو تہ مون کٽيو (دروازي جي گهنٽي)

(دروازو ٿلو کولڻ- اِياز محمود جو اچڻ) .

اِيازو : (داخل ٿي) ڪيئن آهين ميان ڪنور-ڇو ديوي ڀينڙي تو بہ آءُ کي نہ سڃاتو؟....... بابا.

بابا : (غور سان ڏسندي) ڪير ؟ آيازو آهين نہ - ولي محمود جو پٽ، اسانجي پاڙي ۾ رهندو هئين - ڏاڍو شيطان هئين ڏاڍو شيطان هئين- پٽ ڪنور ڏس تہ ڪير آيو آهي ؟ ..... تنهنجي نند پڻ جو يار ايازو.

ڪنور : ايازو ..... (ڳلي ملي) دلبر سپني ۾ بہ نہ سوچيو هوم تہ سالن ڪان پوءِ اوچتو

سنڌو : ساري ٽلسن ! ...... ٽلسن ويئر اِز ماءِ ٻڪ.

ڪنور : ٽلو- جيسيناٿين سنڌو سنڌيءَ ۾ نہ پڇيئي، اصل نہ ٻڌائجانس.

سنڌو : O.K. ٽلو مل- ويئر اِز ماءِ- ڪتاب؟

ٽلو : ڪتاب نہ ، ڪتاب، ڪتاب.

سنڌو : And - ويئر اِز ماءِ ڪا ..... ڪافي.

ٽلو : ڪافي؟

سنڌو : نوٽ بڪ، ڪافي ڪافي.

ٽلو : ڪافي نہ ......ڪاپي-ڪاپي!

بابا : سنڌو سنڌڻ آهين، سنڌي سِک، سنڌي سِک.

ٽلو : ڪاپي حاضر آهي وٽ (ڪاپي ڏيندي) جلدي ٻڌاءِ ڇا ڪائيندينءَ.
ڏهي ڪوڪي-دال پڪوان يا پٽاٽا ڦلڪو!

سنڌو : But Any thing نو سنڌي نراڻ. Understand. Break fast I mean

ٽلو : Any thing ننڍا سيٺ ، هيءَ Any thing ڪانہ ئين ڊش نڪتي آهي ڇا؟

سنڌو : (سڏ ڪندي) مم ..... ممي.....مما!

ٽلو : ننڍا سيٺ پڇو- مالڪڻ آئي تہ ''اٿو ڪاڏو ڪُٿي مار پيئي گابي تي'' پڇو.

ديوي : (اندران) Coming (شيشي جي سامان پڇڻ جو آواز).

ٽلو : پڇو اڄا بہ وقت اٿوَ. اندر نہ تہ ٻاهر ئي پڇو؟

ديوي : (داخل ٿيندي) ڪير ٿو پڇي؟

ٽلو : مان! پڇڻ ۾ ننڍي هوندي ڪان ئي اُستاد آهيان نہ مالڪڻ، انڪري تہ ٻچپن
۾ ئي سنڌ مان پڇي هت لنڊن توهان وٽ آيس!

ديوي : سنڌو اندر ٽيبل تي بريڪ فاسٽ رکي آهي. وڃ اندر- ٽلو تون ڪٿي ٿو وڃين؟

ٽلو : مان؟ ها ها بريڪ فاسٽ ڪائڻ، نہ ، نہ سنڌوءَ کي ڪارائڻ-(Sindhu- Tilu, Exit)

ديوي : بابا - توهان هتي وينا آهيو؟

بابا : ڇو؟ توکي ڪا تڪليف آهي؟

ديوي : ....بابا، اِنڊيا مان سنڌوءَ جي وُڊ جي فادر جو فون آيو هو!

بابا : خون!

ديوي : خون نہ ..... فون، فون.

بابا : خون، خون. ہہ ، ہہ خون ٿيا آهن ڇا ؟

ديوي : فون، فون.

بابا : مان بہ تہ خون، خون ئي چوان - ڪنوار ڪنن مان مٽي ڪڍاءِ بابا.

اِيازو : ڇو پينڙيءَ جي گهر ڇا هتي خالي ايندس. سالو آهيان تنهنجو ڏس مون توهان لاءِ سنڌ مان هي سونا سڪا سڪ جا ۽ هيءَ هيرن جي منڊي محبت جي آندي آهي.

بابا : او سهڻا سنڌي سوداگر، سون روپي هيرن ۾ ڇا آهي، هجي سرهاڻ جنهن ۾ سنڌ جي تو سنڌو مان اهڙو آندو ڇا آهي ؟

اِيازو : چاڻ اٿم بابا تہ اوهان جي جسم جي خون ۾ اڄ بہ سنڌوءَ جو جل قائم دائم آهي. هٿ سنڌ ۾ سنڌي ٿا وسن تہ هت سنڌين ۾ سنڌ ٿي وسي. اُن ڪري مون توهان لاءِ سنڌ جي موهن جي دڙي جي، پراچين پاڪ مٽي ۽ سنڌو جل آندو آهي- وٺو بابا.

بابا : واه- سنڌو واه! (Action) جنهنجي گهاٽ گهاٽ تي گونجي ويدن جي واڻي مٽي جنهنجي ماڻڪ موتي - امرت جنهنجو پاڻي.

بابا : وٺ پٽ ڪنور- هيءَ انمول مٽي مستڪ لاءِ ۽ سنڌو جل پيءُ جنم سڦلو ڪر.

(ڪنور ۽ بيا Action)

ڪنور : اِيازو يار ڏي خبر پُراڻا دوست ملندا اٿيئي. اسان کي ياد ڪندا آهن يا وساري ويٺا آهن!

اِيازو : وچڙيل بہ ڪڏهن وسرندا آهن؟ سنڌ جا سنڌي ئي نہ پر خود سنڌ بہ هر پل اَوهان کي سڏرا ڪري پڪاريندي آهي .(Song)

”ڏرتيءَ ڪان ٿي ڏار او ميان وهندين ڪيئن تون وطن وساري!“

ٿلو : (گيت بعد) (ديويءَ کي پيرين پوندي) مالڪڻ گهڻا ئي سال پنهنجو ديش ڇڏي پرديس ۾ نوڪري ڪيم، بہ ڏوڪر جمع ڪرڻ لاءِ، انگريزن جي نفرت بہ برداشت ڪيم-هاڻ مان هتي نہ رهندس جلدي مانجهو حساب ڪتاب چڪتو ڪيو تہ مان ملڪ موٽي وڃان.

ديوي : مئا هاڻ اڃا تہ چڱو ڀلو هئين، اينري ۾ کهڙي ڪل ترڪيئہ؟

ٿلو : ننڍا سيٺ، توهان ئي مائي کي سنڌيءَ ۾ سمجهايو نہ تہ مان انگريزيءَ ۾ بنا حساب ڪتاب ئي هليو ويندو سانءُ. مان ڏاڍو خارباز ماڻهو آهيان. چيم ويندس معنيٰ ويندس، خلاص.

ڪنور : پر بہ ٿلو رام، تون ويندين ڪٿي؟

ٿلو : پنهنجي اباڻن ويندس. سنڌ ٿي سڏرا ڪري، هاڻ منهنجو پرديس ۾ من ئي نہ لڳندو. پنهنجو ڳوٺ، پنهنجا ماڻهو ڏاڍا ٿا ياد اچن.

ديوي : پر بہ بنا نوٽن ويندي ڪيئن؟

توسان ملاقات ٿيندي.

ديوي : ايازو ڀائو ! ..... ڀلي آيا، جي آيا، اسانجون اکيون ٺريون. اڳٺو توکي نہ سڃاتم اُن لاءِ شرمشار آهيان.

ٽلو : وري آپ سنڌ سي آئي هئين، واه سائين واه ! بتائو تو ڪئسي هئہ هماري سنڌ ؟

ايازو : افسوس سنڌي ٿو سنڌ لاءِ پڇي، سو بہ هنديءَ ۾؟

ٽلو : (ڪن پڪڙي) غلطي ٿي ڪن ٿو پڪڙيان. چئو تہ نڪ گهيسي بہ ڪيان! قسم جيجل سڀاجهي سنڌڙيءَ جو اڄ کان پوءِ، سنڌين سان، منڙيءَ سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندس.شروعات اوهان سان ئي ٿو ڪيان- سهڻا سائين ڏيو خبرون خير جون، اسانجي امڙ سنڌ ڪيئن آهي؟ چاڪ چڱي ڀلي؟ خوش راضي پرسن، ٻار ٻچا، ننڍا وڏا، مٽ مائٽ، اوڙو پاڙو، ڍور ڍڳا ۽ ڳانيون ميهيون......

اِيازو : بس، بس زوراور بس!

ٽلو : ايتري ۾ سائين جن اچا تہ توهان فلم جا ٽائيٽل ڏٺا، اچا تہ پوري فلم باقي آ ڪين؟

اِيازو : ديوي ڀيڻ، هيءُ مڪڻ ڪير؟

ٽلو : مان، ٽلو شيواڏاري اصل ويٺل موهن جي دڙي واري لاڙڪاڻي جو. منهنجي بابي کي تہ لاڙڪاڻي جا ڍور ڍڳا بہ سڃاڻندا هئا.توهان بہ ضرور سڃاڻندا هوندا پمن پياري کي! (سنڌو داخل ٿئي ٿي).

سنڌو : ممي!

اِيازو : سنڌو مان تنهنجو مامو!

سنڌو : ماما (ٿهڪ) ممي- ممبئي ۾ ماما بيوقوف ڪو بولتي هئن نہ؟

اِيازو : ها، مان سينٽيمينٽل فول ئي تہ آهيان، تڏهن تہ خاص توهان سان ملڻ لاءِ مان سنڌ مان لنڊن آيو آهيان؟

سنڌو : ممي، Who is this Mam ?

اِيازو : سنڌوءَ مون کي نہ سڃاتو اُن جو آءُ کي ڪو افسوس نہ آهي. مگر ان ڳالهہ جو افسوس اٿم تہ، اڄ جيِ سنڌو بہ سنڌي نٿي ڳالهائي. ”لا اِئين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي، تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ واري جي ٻولي.“

ڪنور : اِيازو يار ٽڪل هوندين، تازو توانو ٿي تہ ٻہ گرهہ گڏجي کائون.

اِياز : ضرور- پر دلبر ڀهرين، مون کان پنهنجي امانت تہ وٺ!

ڪنور : امانت؟

خدا ڏانهن خط

چينو لالواڻي

ڪلاڪار :-

١. : ياڳي : موهنداس جي ننهن.
٢. : رامي : موهن داس جي زال.
٣. : وتايو : فقير.
٤. : موهنداس : گهرَ جو مکيا.
٥. : رامنداس : موهن داس جو دوست.

ياڳي : او....آ....آ....امين مونکي الائي ڇا ٿو ٿئي؟ ....او ....آ....الاڙي.....

رامي : ڌيرج رک ڌيءُ. گرو بابا سڀ سٺائي ڪندو.

ياڳي : الاڙي!..... امين ..... امين ......مونکي الائي ڇا ٿو ٿئي؟ .... آ .... مان مري ويندس.

رامي : مرن تنهنجا دشمن .... منهنجي منڙي پهرئين ويم ۾ اِئين ٿيندو آهي....منا منا درد سهندينءَ ته گُلڙي کي جنم ڏيندينءَ...... گُلڙو اوئان اوئان ڪندو ....ماءُ جي گود ۾ ڪيڏيندو.... ماءُ جي لولي ٻڌندو .....

ياڳي : امين .... مونکان درد .... پيڙا هاڻي سني نٿي وڃي. مان ..... مان ..... الا ...

نالو	:	چينو لالواڻي.
جنم	:	ڪنڊيارو، ضلع نوابشاه، ٨-٣-١٩٣٥.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ پندرهن، هنديءَ ۾ ٻه، گجراتيءَ ۾ ڇهه، انواد ڏهه.
انعام	:	گجرات سرڪار طرفان ١٥، سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ طرفان هڪ.
پيشو	:	سيڪريٽري دهلي سنڌي اڪادمي.
پتو	:	ڊي.ڊي.اي. ڪميونٽي سينٽر، صدر ٽاٽا روڊ، پهاڙ گنج، نئي دهلي-١١٠٠٥٥.



ٽلو : مائي غريب ضرور آهيان - پر ڪو سچو سڪٿو تہ نہ آهيان. گهر جي ياڇين پنبين مان پڪائي ڪري بہ ڏوڪر بچائي پنهنجي انتم سنسڪار لاءِ ڪڏ ڪوني لڪائي رکيا اٿم. سي خرچي بہ پنهنجي سنڌ ضرور ويندس. سال ٿي ويا آهن جيجل ڪان وڇڙئي معنيٰ ويندس ۽ جي ڪٽي سنڌ ۾ مري بہ ويس تہ سنڌو جو پوتر جل تہ آهي. مون مسڪين کي پنهنجي وشال گود ۾ سمائڻ لاءِ. ها يا نہ ۾ جواب ڏيو، ڏيو ٿا نوٽ يا معاف ڪيا سانءُ ڇئي وڃان توهان جي ياءُ اِياز سان ، ڪيئن سائين؟

اِيازو : ضرور- توکي مان پنهنجي اکين تي سنڌ جو ديدار ڪرائيندس، توکي تنهنجو ڳوٺ، تنهنجو گهر، تنهنجو جنم اِستان سان گڏ شاهہ يٽائي گهوٽ جي پٽ موهن جي دڙو- مومل جي ماڙي- ماروي ۽ جو ملير ۽ سڄي سنڌ ڏيکاريندس، ها.

بابا : پٽ ڪنور منهنجي بہ آخرين خواهش آهي تہ مرڻ کان اڳہ هڪ دفعو اکين سان سنڌ ڏسان ۽ جي مران تہ سنڌ ۾ ئي مران ۽ جي وري جنم وٺان تہ پنهنجي جيجل سنڌڙيءَ جي گود ۾ ئي جنم وٺان.

سنڌو : مما..... مان بہ سنڌ ڏسندس!

ديوي : امان صدقي مان قربان. هيڏانهن ٻڌو ٿا اسان جي سنڌو سنڌيءَ ۾ ٿي چوي تہ امان مان بہ سنڌ ڏسندس. هاڻ تہ سنڌ ضرور هلنداسين. سنڌوءَ جا ساهرا اِنڊيا ۾ پيا شادي گهرن. اسان لنڊن مان پهرين سنڌ هلنداسين ۽ اُتان اِنڊيا هلنداسين.

اِيازو : هيءَ خبر پڙهي اٿوَ! ڀارت جي پرڌان منتريءَ جي N.R.I. کي ڪوٺ هن خبر مطابق N.R.I. جو هاڻ ڀارت ۾ آئيندهہ روشن آهي.

ڪنور : بابا چو نہ اسان ڀارت هلي سيٽل ٿيون.

بابا : پٽ تو تہ منهنجي دل جي ڳالهہ ڪئي آهي. پرديس ۾ رهي اسان خوب ناڻو ڪمايو آهي. هاڻ اُن ئي ناڻي سان پنهنجي ملڪ پنهنجي سرڪار ۽ پنهنجن سنڌين جي خدمت ڪنداسين، پر ......

ڪنور : پر ڇا بابا.

بابا : اَوَل، پهرين اِياز سان گڏ سنڌ هلنداسين- سنڌ سڏايو آهي. ڪيئن پٽ اِيازو.

اِيازو : ها،بابا. ٻڌو سنڌ توهان کي ٿي سڏي.

گيت:- ادا هل تہ هلون-----

(پردو)

رامي : ڪالهہ امين دائي ٻولي جيڪي ڦڪيون ڏاهي ڏيئي ويئي هئي اُها ڏني مانس تي اُن مان ڪجهہ وقت آرام......ننڊ...... سور ۾ راحت مليس تي ..... پر.

موهنداس : مان ڇاٽان تو. ويم جي پيڙا اڻ سهائيندڙ هوندي آهي. جڏهن اسان کي پٽ ڄائو هو تڏهن تنهنجي بہ اهڙي ئي ......

رامي : پيڙا تہ ٿيندي آهي..... پر هيترا ڏينهن...... ويچاري اڌ مئي تي ويئي آهي.

موهنداس : ڇئہ ڀلا مان ڇا ڪريان؟

رامي : اِها ڳالهہ تہ مونکي بہ سمجهہ ۾ نٿي اچي...... مان بہ ڇا ڪريان ..... گروءَ جو پاڻي بہ پياريو مانس تي ... پڇاڻا بہ ڪيا اٿم .... جهاڙ بہ وجهائي مانس تي....

موهنداس : چوندا آهن جتي دوا اثر نہ ڪندي آهي اُتي دُعا اثر ڪندي آهي.

رامي : توهان جي ڳالهہ برابر آهي...... توهين ڪنهن درويش کان ڪجهہ وٺي اچو..... من اُن مان ڪجهہ فائدو پوي.....

موهنداس : ڳوٺ ۽ ڳوٺ جي آس پاس جا سنت،درويش، ٽڪاڻا، مندر،درگاهون توکان ڳجهون ڪونهن. سيني هنڌان تہ ٿي آيو آهيان..... تو رام بہ ريجهايو آهي ۽ گرو بہ ٻاڏايو آهي......

رامي : (اونهان ساهہ کڻندي) ڪجهہ بہ تہ باقي نہ ڇڏيو آهي. هي ايشور ٻاجهہ ڪر.... اسانجي ڌيئريءَ کي هن دکہ، سور کان ڇوٽڪارو ڏي..... جلدي هن جي گود ۾ پٽڙو وجهہ.....هن جي جهولي ڀر.....

ڀاڳي : (اندران-پريان) الاڙي...... امين ......امين ......مونکي الائي ڇا ٿو ٿئي ..... مان مري ويس ...... امين ...... امين.....مونکي بچايو ..... امين ......

موهنداس : لڳي ٿو هوءَ وري ننڊ مان جاڳي آهي.

رامي : ڦڪيءَ جو اثر لهڻ سان ئي وري اچي ٿا سور پونس .... اڻ سهندڙ ......سرير کي نپوڙيندڙ ....

ڀاڳي : امين ...... امين ......توهان ڪيڏانهن ويا ......امين ......

رامي : اِجهو آيس ...... (موهنداس کي) مان ڏسان ٿي .... (ويندي ويندي) توهين ڪجهہ ڪريو ...... مان بہ هاڻي ....

موهنداس : هي ڀڳوان! اڃا ڪيتري آزمائش وٺندين .... ويچاريءَ تي ديا ڪر.....پيڙا کان مڪتي ڏي.......
(ٻاهران آواز)

اُ .....او .....مري ويس .....اڄا گهٽو وقت لڳندو.
واهگُرو ڇئه ..... ڇئه ايڪونڪار ......ستگرو پرساد .....

رامي : ايڪو ..... نڪار ..... اُ ..... الا ...... او .....

ياڳي : ڇنتا نه ڪر ...... سڀ نيڪ ٿي ويندو.

رامي : او ..... ڀهرئين ويم ۾ ائين ٿيندو آهي ڇا ......؟ امين هاڻي مونڪان سور نٿو سهن ٿئي ...... مري ويس ڙي ...... مون توبهه ڪئي...... مونکي ڪجهه ڏيو .....او ....اما ڙي....

ياڳي : شانت ..... پٽ شانت .....اڄا هاڻي ته ڦڪي ورتي اٿيئي..... ٿورو ڌيرج رکه ڦڪيءَ جو اثر ٿيڻ ڏي.....آرام به ملنديءَ ..... ۽ سور به گهٽجي وينديءَ.....

رامي : امين ..... امين .....آ .....او .....

ياڳي : ڌيءُ ڇيو ماڻ ۽ ڪونه ڦڪيءَ سان آرام ملنديءَ.....ننڊ به اچي وينديءَ .....

رامي : (ننڊ اکڙي) امين ....او .... امين ......

ياڳي : ڌيءُ آرام ڪر ......ڇنتا اصل نه ڪر......(پنهنجو پاڻ سان)هي ايشور ٻاجهه ڪجانءِ..... منهنجي ننهن جي گود ۾ پٽڙو ڏجانءِ...... مان ڪٿاهه پرساد ورهائيندس......ڀهراٽو ڪڍائيندس......جهولي لعل..... پلي وارا سائين مهر ڪجانءِ ..... ڇيو ماڻ ۽ ڪونه ڦڪيءَ سان ننڊ اچي وينديءَ...... ڏس اچي ويئه ني ...... پريو ٻاجهه ڪر......

(سنگيت)

درشيه ٻيون

رامي : ٻڌو ٿا هيڏانهن ته اچو.....

موهنداس : ڇئه ڇا آهي؟

رامي : ياڳيءَ جي حالت خراب ٿيندي پيئي وڃي.

موهنداس : هر قسم جو علاج ته ٿي رهيو آهي....

رامي : ها، علاج ته ٿي رهيو آهي پر ......پر سور ۾ ڪوبه تفاوت نه پيو آهي.

موهنداس : ڳوٺ جا سڀ حڪيم...... دايون..... گهرايون اٿم..... پنيور ڪان به دائي اچي ٿي ويئي......ڪالهه سکر مان به ته دائي ڊولي ٻائي گهرائي......شهر مان وڏو حڪيم گهرائڻ لاءِ به نياپو هلايو اٿم ...... اسان وسان ته ڪين گهٽايو آهي!

رامي : اڄ سڄا سارا پنج ڏينهن گذري ويا آهن...... ڪوبه فرق ڪونهي......نه رات جو آرام ۽ نه ئي وري ڏينهن جو ڇئن......

موهنداس : هاڻي طبيعت ڪيئن اٿس؟

رامنداس : چوندا آهن پير کان ويساهہ پلو..... توهين پنهنجو وشواس نہ وڃايو.

موهنداس : پير، فقير، سنت بہ تہ پيٽيا اٿم. وچن بہ ڪڍايا اٿم. باسيون بہ باسيون اٿم. پر پر .....سڀ.....

رامنداس : هروُ پروُ اِهڙو نااُميد ٿيڻ جي ضرورت نہ آهي. دکہ جا پل ضرور دور ٿيندا ۽ گهر ۾ خوشيون ضرور اينديون.

موهنداس : پر بہ آخر ڪڏهن؟

رامنداس : توهين ڪنهن ڳالهہ جي چنتا نہ ڪريو. مان وتائي کي وني ٿو اچان. هو مڪمل سائين لوڪہ آهي. هن جو چيو خدا بہ نہ موٽائيندو آهي. هو ضرور ڪو نہ ڪو رستو ڪڍندو.

موهنداس : اِهو چريو گهٽ پڙهيل وتايو...... جيڪو سڄو ڏينهن پيو رُلندو آهي، ڪندو ڪجهہ بہ ڪونهي نہ اچيس اُٿڻ نہ وهڻ..... نہ رهڻ جو نڪاڻو نہ رهڻ لاءِ ڪا جڳهہ..... جتي مرضي پويس اُتي پيو سمهي...... سڄو ڏينهن پيو رُلي؟ جنهن کي ٻار پٿر هٽي چريو....چريو....ڪري چيڙائيندا آهن اُهو نہ؟

رامنداس : وتايو تہ اُهوئي آهي پر هو چريو نہ پر مست آهي. المست آهي. هو گهٽ پڙهيل هوندي بہ وڏن وڏن عالمن کي شهہ.....شڪست ڏيئي ويندو آهي.

موهنداس : تون هڪ پاڳل جي طرفداري ڪري رهيو آهين؟

رامنداس : طرفداري نہ پر حقيقت بيان ڪري رهيو آهيان. هو الله لوڪ آهي. هن جي هر هڪ گفتي، ٽوڪي، سخن ۾ چريائپ نہ پر ڏاهپ سمايل هوندي آهي. هو پاڻ پاڳل نہ آهي پر اُنهن کي پاڳل سمجهندو آهي جيڪي پنهنجو ايمان ۽ مان ناڻي خاطر ختم ڪندا آهن. ناڻي تي ايمان وڪڻندا آهن. هن پنهنجي زندگي ۽ ايمان ناڻي خاطر ڪڏهن بہ ڪين وڪي آهي.

موهنداس : وتايو اڪثر رستي ۾ رُلندو نظر ايندو آهي. مونکي تہ هن۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نظر نہ آئي آهي جنهن مان هن جي سمجهہ ، ٻڌيءَ، ساڃهہ....حياءُ ...... شرم جي ڳالهہ محسوس ٿئي. هو تہ ڦاتوڙو ڊُهل آهي.

رامنداس : ها هو رمتو جوڳي آهي. هنجا گفتا گولا ۽ گوليون آهن. مونکي اُن درويش ۾ پورو وشواس آهي ۽ اعتقاد آهي. هن جي مکہ مان نڪتل گفتا سچا سهڻا ۽ نزاڪت سان پرپور هوندا آهن. هن جي سوچ ۽ تيز نگاهہ ۾ ڪافي جلوو سمايل آهي. هو پرينءَ جو پيارو آهي..... هن جي ٻولي خدا جي ٻولي آهي.

موهنداس : ٻيا درويش-فقير، پير، اؤليا تہ پهتل شخص آهن؟

رامنداس : برابر، وتايو پڻ سچن درويشن جيان سچ جي راهہ تي هلندڙ آهي. هو سمورو وقت خدا جي عبادت ۾ گذاريندو آهي. هو پرائي ۽ اجائي پچار کان پري

رامنداس : سيٺ موهنداس، سيٺ موهنداس گهر ۾ آهن؟

موهنداس : رامنداس ٿو لڳي (زور سان) رامنداس ..... توهين اچو ..... اچو..... اندر اچو سائين اچو هتي وهو.

رامنداس : ڏاڍا ڏکل ۽ مايوس پيا لڳو؟ آهي ته سک ...... ڇا ڳالهه آهي؟

موهنداس : (ٿڌو شوڪارو ڀريندي) من ڪجهه مايوس آهي.

رامنداس : طبيت ته نيڪ اٿوَ نه؟

موهنداس : منهنجي ته طبيت نيڪ آهي پر.....ننهن

رامنداس : اُنکي وري ڇا ٿيو آهي؟

موهنداس : ڀريل ڏينهن سان آهي ......پنجن ڏينهن کان سور ٿي پيا اٿس.

رامنداس : (خوش ٿيندي) اِها ته ڇاڻا خوشيءَ جي ڳالهه آهي.... واڌايون هجنوَ......ڇٻو نه ته هڪ نئون مهمان گهر ۾ اچڻو آهي.......

موهنداس : ها، نئون مهمان ته اچڻو آهي پر.......

رامنداس : ڇا توهان کي اِها ڇنتا ورائي ويئي آهي ته ڪٽي ڏيءُ نه ڄمي پوي.......

موهنداس : نه، اهڙي ڳالهه نه آهي ڏيءُ ته لڇميءَ جو روپ ٿيندي آهي. نياڻي نماڻي ايندي ته پنهنجو ڀاڳه پاڻ سان کڻي ايندي. وري هن گهر ۾ ايشور جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي.

رامنداس : پوءِ هيءَ مايوسي..... ڳڻتي ڇا جي؟

موهنداس : ويچاريءَ کي پنجن ڏينهن کان لڳاتار سور اُپريا آهن. دنيا ڀر جا حڪيم، دايون ڪنيون ڪيون اٿم...... مهانگي ۾ مهانگو علاج به ٿي رهيو آهي......شهر مان به وڏو حڪيم گهرائڻ لاءِ نياپو هلايو اٿم پر.....

رامنداس : پوءِ وري ڇنتا ڇاجي آهي؟

موهنداس : هيتريون ڪوششون، خرچ ڪرڻ ۽ حيلا هلائڻ کانپوءِ به ويچاريءَ جو سور گهٽجي نه رهيو اهي. نه ئي وري ويم ٿي رهيو آهي. پيڙا وڇان رڙيون ....دانهون ....سسڪيون پيئي پري.....هن جي دانهن ٻڌي اسانجو هنياءُ ڇڄي رهيو آهي. سڄي گهر جو کاڌو پيتو، ننڊ حرام ٿي ويئي آهي.....هاڻي ته هن جا سور اسان کان به سهن نٿا ٿين...... ايشور الائي ڪهڙي ڪرم جي سزا ڏيئي رهيو آهي. هيڙي شاهوڪاري ڪهڙي ڪم جي جيڪا ڏيءُ جو خصيص سور نٿي لاهي سگهي؟

رامنداس : مان توهانجو دڪ سمجهي سگهان ٿو. پر انسان جو ڪم آهي اُدم ڪرڻ. توهان علاج ۾ به ڪا ڪسر باقي نه ڇڏي آهي. ايشور ڪندو سڀ نيڪ ٿي ويندو.

موهنداس : نيڪ ته ٿيندو پر ڪڏهن؟ منهنجو ته ايشور مان وشواس ئي نڪري ويو آهي.

موهنداس : مست جو اِنتظار ڪندي ڪلاڪ گذري ويو اڃا وتايو نہ آيو آهي؟

رامنداس : هوئن تہ هن مهل تائين اچي ويندو آهي، هن بڙ هيٺان ويهي، منهن مٿي ڪري پنهنجي منهن پيو ڪجهہ ڳائيندو آهي. جٽڪہ خدا سان ڳالهيون ڪندو هجي. اِئين لڳندو آهي اڄ شايد..... توهان گهر ۾ فقير جي مانيءَ ٽڪيءَ لاءِ چئي آيا آهيو نہ.....

موهنداس : ها، پوڙ پلاءُ تيار ڪرايو اٿم.

وتايو : (پريان آواز) سُتا اُٿي جاڳہ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳہ، ننڊ ڪندي نہ ملي

رامنداس : (خوش ٿي) سيٺ موهنداس......هو سامهون ڏسو.....پريان ڪان فقير وتايو اچي رهيو آهي.

موهنداس : (خوشيءَ ۽ غم سان) اچي تہ پيو...... پر هو اسانجي ڳالهہ قبول ڪندو؟

رامنداس : ضرور مڃيندو......نہ مڃيائين تہ ڪيس زبردستيءَ مڃائينداسين.

وتايو : (ويجهو ايندي) ساڌ سڏائڻ آهي سوکو
رام ريجهائڻ آهي اوکو
ساڌن جو سنگہ ظاهر سوکو
رام ريجهائڻ اوکو آ.....

رامنداس : فقير صاحب..... رام رام .....

وتايو : (پنهنجو پاڻ سان) ساڌ سڏائڻ آهي سوکو
رام ريجهائڻ اؤکو آ.....

رامنداس : سائين رام رام .....

وتايو : رام رام پائي رام.....توهان......

رامنداس : سائين هي آهن سيٺ موهنداس.....مان توهان جو داس رامنداس.....اسين رام کي ريجهائڻ لاءِ توهان وٽ آيا آهيون.

وتايو : رام وري توهانتي چو ڪاوڙيو آهي جو هن کي ريجهائڻ لاءِ اوهان کي منهنجي ضرورت پئي آهي.

رامنداس : سائين.....سيٺ موهنداس......هن ڳوٺ جو شاهوڪار......هن جي ننهن پريل ڏينهن سان آهي.

وتايو : هيءُ اُهو ئي شاهوڪار آهي نہ جنهنجي پٽ جي شادي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي هئي؟

رامنداس : ها سائين......

وتايو : پر واري ڳوٺ مان ڪنواريتا مهہ ڪٽي آيا هئا.....

آهي. هو سچ ۽ ڪوڙ، اڇي ۽ ڪاري، چڱائيءَ ۽ برائيءَ کي سڃاڻي، پرکي ڌار ڪري بيهاريندو آهي.....هو خدا جي گهڻو ويجهو آهي. توهين هن سان هڪ دفعو ملي ته ڏسو.

ڀاڳي : (پريان آواز) الا ڙي، مري ويس ڙي......امين.....امين مونکي بچايو.....اُ....او.

موهنداس : ڏيءُ جو اِهي ڪيڪون منهنجي دل ڦاڙي ٿيون ڇڏين....ڪريان ته ڇا ڪريان....

رامنداس : توهين همٿ کان ڪم وٺو.... وشواس ڪريو.... درويش وتايو ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڪندو.

موهنداس : نيڪ آهي مونکي به ڏسڻو آهي ته اِهو موُلائي ڇاڻو ڪري!......اِهو به آزمائي ٿا ڏسون. هن جو نه آهي ڪو ناٺو نڪاٺو.....هو ڪٿي گڏجندو!

رامنداس : وتايو فقير هر روز صبح جو گڏهه تي چڙهي ٻنين طرف ويندو آهي ۽ اُتي هڪ ٻڙ جي هيٺان وهندو آهي. اسين اُتي صبح جو سويل هلنداسين.....هن کي گهر وٺي ايندا سين. هن کي پيٽ ڀري کارائي پيئاري پوءِ مطلب جي ڳالهه ڪنداسين.

موهنداس : پر هو گهر اچڻ لاءِ تيار ٿيندو؟

رامنداس : هن کي ٻوڙ پلاءُ کائڻ جي دعوت ڏينداسين ته هو ڀوڙندو ايندو. ائين ته هو دوستي تڪڙي ۽ روڪڙي به ڪين ڪندو آهي. پر جيڪڏهن اسان هن کي خوب کارائينداسين ته هو اسان کي دوست سمجهندو. ڇاڪاڻ ته جيڪو هنکي پيٽ ڀري کارائيندو آهي اُهو اُن جو دوست آهي.

موهنداس : اگر اِئين ڳالهه آهي ته هن کي ٻوڙ ماني ته ڇا.... هو جيڪي ڪجهه گهرندو.... چاهيندو اُهو هن کي کائڻ لاءِ ڏنو ويندو.

رامنداس : ته توهين سوير صبح جو تيار ٿي ويهجو. مان توهان کي وٺڻ ايندس. ايشور ڪندو سڀ نيڪ ناڪ ٿي ويندو. چڱو مان هلان ٿو.

موهنداس : پر توهان ته اِهو ٻڌايو ئي ڪونه ته توهين ڪهڙي ڪم سانگي آيا هئا؟

رامنداس : تڪڙ ڪونهي....ڪم ڪو ڀڄي ڪونه ٿو وڃي. ڦرين توهان جو ڪم ٿئي پوءِ پنهنجو ڪم ٻڌائيندس.....چڱو رام رام.

موهنداس : رام رام.

(سنگيت)

درشيه ٽيون :-

(ڪُکَڙ جي ٻانگ جو آواز - پکين جي چهڪ)

(سنگيت)

وتايو : ڏسان ٿو هاڻي مونکي اندر وڃڻ کان ڪير ٿو روڪي؟

موهنداس : اڇو اڇو سيٺ صاحب اچو ..... اندر هلو ..... اڙي عطر وارو ڇوڪرو ڪاڏي ويو؟ سائين هيڏاهن ..... ها ..... هتي وهو .....

وتايو : (پنهنجو پاڻ سان) کائو ..... کائو ..... خوب کائو ..... اوهان جي ڪري مونکي بہ کائڻ لاءِ مليو آهي. کائو ..... خوب کائو .....

موهنداس : سيٺ صاحب توهين هي ڇا پيا ڪريو ...... کاڌو کائڻ لاءِ آهي. ڪپڙن تي ڇو پيا هڻو......

وتايو : سيٺ صاحب، توهان مونکي نہ سڃاتو ...... مان وتايو آهيان سيٺ پيٺ ڪونہ آهيان. جڏهن مان ڦاٽل، ميرن ڪپڙن ۾ کائڻ آيس تڏهن توهان در تان ئي هڪالي ڪڍيو.جڏهن هيءُ اُڌارا، اُڇا، قيمتي ڪپڙا پهري آيس تڏهن توهان هٿ جوڙي،هٿن سان مونکي هتي کائڻ لاءِ وهاريو. اِن ڪري مان هنن ڪپڙن کي ڇٽي رهيو آهيان کائو ..... کائو ..... خوب کائو ..... توهان جي ڪري مونکي بہ کائڻ لاءِ مليو ..... سيٺ صاحب مان وتايو آهيان جنهن کي توهان ڌڪاريو .....

(سنگيت)

رامنداس : درويش توهين ڪهڙن خيالن ۾ گم ٿي ويا؟

وتايو : (ظاهري) اڃي پڳہ ۾ پس اندر مڙيوئي اگھڙيون.

رامنداس : توهين سچ ٿا چئو. اڄ عزت ظاهري ڏيکہ ويکہ جي آهي. پوءِ پل اڇن-اُجرن قيمتي ڪپڙن ۾ خون چوسيندڙ چور ۽ دوکيباز ڇونہ لڪل هجن.

وتايو : سچو سکہ سنتوش ۽ سادگيءَ ۾ آهي. ها چئو .... توهان ڪجھہ چيو پئي ....

رامنداس : سائين ڳوٺ جي شاهوڪار سيٺ موهنداس جي ننهن پيٽ سان آهي.

وتايو : (پنهنجي ذن ۾) آپ سوارٿ خود غرضي ويڇو وڌائين ٿا. شاهوڪاري بہ وڏي جوابداري آهي. شاهوڪار اُهو پلو جيڪو پاڻ بہ کائي ۽ بين ضرورت مندن کي بہ کارائي.

موهنداس : سائين اسان توهان کي کارائڻ لاءِ ئي وٺڻ آيا آهيون.

رامنداس : اسان کي خدا جو فرمان ٿيو آهي تہ وتائي کي گهر وٺي وڃو.

وتايو : پهرين منهنجي گڏهہ جي نوڙي ڇڏيو ..... مونکي اڃا ڪافي دور وڃڻو آهي.

موهنداس : توهان کي اسان سان گڏ هلڻو ئي پوندو.

وتايو : آڙي .... اڙي.... مونکي ڇڏيو .... مان ڪاڏي ڪونہ هلندس.

موهنداس : خدا جي حڪم پٽاندڙ توهان کي گهر هلڻو ئي پوندو.

رامنداس : ها سائين ها، توهان بلڪل صحيح فرمايو.

وتايو : ڪنواريتا ڏرم شالا ۾ رهيا هئا...سڄو ڳوٺ سينگاريو ويو هو.....گلن ۽ ڏين جي روشنيءَ سان. سڄي ڳوٺ کي دعوت ڏني ويئي هئي......وڏاوڏا ماڻهو عملدار وڏيرا سڀ آيا هئا......هنن مٿان عطر ڇٽڪيو ويو هو.

موهنداس : (فخر وچان)ها سائين، اُهائي شادي.....اُها......اُها منهنجي پٽ جي شادي هئي.

وتايو : شادي..... شهنايـن جو آواز ......اُهو ڏينهن مونکي چڱي طرح ياد آهي.

(فلئش بئڪ - - - شهنايـن جو آواز - لاڏن جي ڏن)

موهنداس : مهمانن جي اچڻ وقت ٿي ويو آهي. سيٺي جو سواگت چڱيءَ طرح ڪجو سيٺ موهنداس جي پٽ جي شادي آهي. اُن جي شان-شوڪت،عزت مان، ناٺ باٺ ۾ ڪا ڪمي ٿيڻ نه گهرجي ..... ۽ ها .....اِهو به ڀڏي ڇڏيو ....پهرين سڪر، شاهوڪارن ، وڏيرن ۽ عملدارن کي کارائجو ..... ۽ باقي جيڪو بچي اُهو فقيرن کي ڏجو.

اڙي ..... اڙي مورکه تون ڪير آهين؟ ....ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

وتايو : مان وتايو آهيان ..... شاهوڪار موهنداس جي پٽ جي شادي آهي سڄي ڳوٺ کي دعوت مليل آهي. مان دعوت کائڻ آيو آهيان.

موهنداس : مان ئي سيٺ موهنداس آهيان. تون وتايو هجين يا ٻتايو هل هتان ....پهرين سڪر، شاهوڪار - وڏا ماڻهو کائيندا ...... باقي جيڪڏهن ڪجهه بچيو ته اُهو فقيرن کي ڏنو ويندو. هل هتان هل ..... ٻاهر وڃي ويهه ...... اندر وڃڻ جي ڪابه ضرورت ڪونهي.

وتايو : (پنهنجو پاڻ سان) عجيب انسان آهي. دعوت به ڏئي ٿو وري ڌڪاري به ٿو. هل (غمي ۾) هل ڀائي وتايا دعوت ڪائڻي اٿيئي ته ٻاهر انتظار ڪرڻو پونديءَ .....اڙي هي ڇا!؟ قيمتي، اڇن اُجرن ڪپڙن وارن کي سيٺ پاڻ ۽ اُن جا نوڪر جهڪي جهڪي سلام ڪري رهيا آهن. هٿ سان اندر وٺي ٿا وڃن ۽ وهاري ٿا اڇن.....هاڻي سمجهه ۾ آيئه وتايا ..... ڏوهه تنهنجو نه پر هنن ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن جو آهي. هل ڀائي وتايا ..... تون به ڀائي اڇ نوان ڪپڙا پوءِ ڏس زند گيءَ جا رنگه .... پر پر ڪپڙا آڻيان ڪٿان؟ هل ڀائي ڪوشش ته ڪر ..... ڪو يتي ستي ملي ويندو. ٿوري وقت لاءِ ئي ته اُڌار ڪپڙا وٺڻا آهن. ماڻهو پئسا اُڌارا وٺندا آهن مان ته ڪپڙا ٿو گهران.... سو به بلڪل ٿوري وقت لاءِ ..... هل ڀائي هل چوندا آهن اوڌر جي ماءُ ڪونه مئي آهي ...... ڪو ته رحم دل ملندوئي .....

ورتايو.

وتايو : (غصي ۾) مونکي ٿا ڏيو ٻوڙ ماني ۽ گڏهه کي خالي ساريون!

موهنداس : سائين توهين وهو .....مان توهان جو اِشارو سمجهي ويو آهيان. (رڙ ڪندي) بصر لوهه جي تئيءَ ۾ ساريون نه پر ڪٽڪ جو ٿالهه پري گڏهه جي اڳيان رکه.

وتايو : ڪاڻ پٽ ڪاڻ ....خدا اچ اسان ٻنهي جو ڏاڍو خيال ڪيو آهي.

موهنداس : سائين ...... اِهو ڇا ..... ايتري ۾ بس ..... ٿورو اسان جي طرفان.

وتايو : (اوڳرائي ڏيندي) نه ....نه..... هاڻي ڊءُ ٿي ويو.

رامنداس : سائين هان وٺو پاڻي.

وتايو : هاڻي هٿ ڌوئاريو .....

موهنداس : سائين هن سان هٿ اُگهو ..... ۽ ٿورو وقت کٽ تي ليٽي آرام فرمايو.

وتايو : سيٺ صاحب، اِهو ڇا ٿا ڪريو .....؟

موهنداس : سائين زورَ ٿو ڏيان ..... توهين ڪافي ٿڪجي پيا هوندا.

وتايو : مونکي اِها عادت وڃڻي ڪونهي ..... اچ توهين زور ڏيندا سڀاڻي مونکي ڪير ڏيندو.

موهنداس : سائين جيڪا توهان جي مرضي ..... پر سائين منهنجو هڪ عرض آهي. اگر اوهان جو حڪم هجي ته چوان؟

وتايو : چئه بابا.

موهنداس : عرض آهي ته منهنجي ننهن کي ويم جا سور آهن. کيس ڏاڍي تڪليف آهي. پنجن ڏينهن کان سندس ويم کين ٿو ٿئي. سائين ڪا دعا ڪريو ته سولائيءَ سان کيس ٻار ڄمي.

وتايو : بابا ڌڻي تعاليٰ کان دعا وٺ.

رامنداس : سائين ڪو تعويذ لکيڏيون ته ننهن کي پائين.

موهنداس : مان اِجهو ٿو قلم .... مس ۽ پني ٺڪر گهرائي وٺان.

وتايو : اجايو تڪليف نه ڪريو.

موهنداس : (ٻڌو اڙ ٻڌو ڪندي) بصر! اِنان ڪاري مس جي ڪُپڙي، ڪلڪ ۽ پنو ته ڪٽي اچجاءِ.

رامنداس : سائين ! توهين تعويذ لکي ڏيو.

وتايو : توهان قلم، مس ۽ پنو ته ڏنو آهي پر مونکي سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته ڇا لکان؟

موهنداس : سائين توهان کي جيڪي وڻي لکو ..... پر تعويذ ناهي ڏيو.

رامنداس : سائين جيڪي به لکو .... پر لکو ضرور.

وتايو : نيڪ آهي. توهين ضد ڪريو ٿا ء خدا جو حڪم هن بندي لاءِ آهي ته مان هلان
ٿو. پر ڪهڙو ڪم آهي؟ مونکي ڇا ڪرڻو آهي؟ اِهو ته توهان ٻڌايو ڪونه؟
موهنداس : اِهو گهر پهچڻ بعد توهان کي خود به خود ڄاڻ پئجي ويندي.
وتايو : (پاڻ سان) هيءُ اُهوئي شاهوڪار اٿيئي جنهن اڳ ۾ توکي ڌڪا ڏيئي ٻاهر
ڪڍيو هو. اڄ توکي زبردستيءَ پنهنجي گهر وٺي وڃي رهيو آهي. هن جي
ڪا گتي اٿيئي ..... تڏهن ته گڏهه کي به بابو چئي رهيو آهي. هل پائي هل
وتايا ....(ظاهري)
چلوري سنئيان چرچا ويکين، آپ چمن ۾ آيا جي،
چولي اندر ساجن مليا، خوشيان ڪر ڪر سوئي.
(سنگيت)
درشيه چوٿون:-
موهنداس : پهري دار دروازو کول.
(دروازو کلڻ جو آواز)
موهنداس : اڙي سائين، توهان گڏهه تان ڇوٽا هيٺ لهو. دروازو ڪافي وڏو آهي. توهان
سواري سميت اندر هلي سگهو ٿا ...... ها ..... هن پاسي .....ها ......سائين
هاڻي هيٺ لهو ..... هن کٽ تي وهو.
وتايو : کٽ تي وهارڻ لاءِ به خدا چيو اٿوَ ڇا؟
موهنداس : هائو سائين......
رامنداس : سيٺ صاحب ...... درويشن لاءِ ماني ٽڪيءَ جو بندوست ڪري ونو.
موهنداس : اِجهو ٿو اندر نياپو موڪليان ...... توهين تيسين درويشن کي هٿ ڌوئاريو.....
رامنداس : درويش سائين ..... هٿ ڌوئو ..... هان وٺو انگوڇو هن سان هٿ صاف ڪريو.
موهنداس : رسوئي اچي ويئي آهي. سائين! خدا جو حڪم آهي ته اوهان روٽي کائو.
وتايو : منهنجي لاءِ هيڏي ماني! پر منهنجي پٽ لاءِ ڪجهه به نه.
موهنداس : (عجب وچان) توهان جو پٽ ڪٿي آهي؟
وتايو : سامهون ئي ته بيٺو آهي.
رامنداس : اوهه .....گڏهه.....
وتايو : گڏهه نه ..... منهنجو پٽ .....
موهنداس : سائين توهان جي پٽ لاءِ به داڻي پاڻيءَ جو بندوبست ڪريون ٿا.
(زور سان) بصر اِتان لوهه جي ٽئيءَ ۾ ساريون وجهي گڏهه کي داڻو ته ڏي.
پاڻي پري باڻلي به رکيس ......
رامنداس : اڙي ! سائين توهان کٽ تان ٽپ ڏيئي ڇو اُٿيا آهيو؟ توهين وهو اَن جل

وتايو : اسان جون سدائين دعائون توهان سان گڏ آهن. پر جيڪي ڪجهه گهرڻو اٿيئي اُهو هن رب کان گهر ..... اسين ته رب جا بندا آهيون. ڪرڻ ڪرائڻ، هلائڻ وارو اِهو هڪ مالڪ آهي. (ويندي) رام ريجهاءِ بندا ..... رام ريجهاءِ بندا.

موهنداس : پر درويش تعويذ ۾ لکيو ڇا؟

رامنداس : درويش ڇيو ته مون ڪجهه به نه لکيو آهي.

موهنداس : اسان جي سامهون ئي ته هن لکيو.

رامنداس : برابر ......

موهنداس : پوءِ درويش اِئين ڇو ڇيو ته مون ڪجهه به نه لکيو آهي.

رامنداس : ڇيم ته سهين الله لوڪ آهي. مولن جا ڪم پريو پاڻ ڪندو آهي.

موهنداس : هل ته ڏسون هن تعويذ ۾ ڇا لکيو آهي؟

رامنداس : هلو ..... پوتي ڇائي جون واڌايون به قبول ڪريو.

موهنداس : سياڻي اِتان منائي کٽي اچ ته رامنداس جو منهن منو ڪرايون ۽ ننهن جي گلي ۾ جيڪو تعويذ پاتئه اُهو به کٽي اچ.

رامي : منائي ته مان درويش لاءِ کٽي پئي آيس ..... هان ونو تعويذ ..... وري ڇا ڳالهه آهي.

موهنداس : (پڙهندي) لکيل آهي يا خدا اچ تنهنجو وتايو خوش ۽ گڏهه به خوش باقي رهي مائي، سو هاڻ تون ڄاڻ ۽ مائي ڄاڻي.

رامي : هن جو مطلب ڇا آهي!

رامنداس : (سمجهائيندي) فقير جو وڏو مائٽ خدا آهي. سو فقير پنهنجو احوال خدا کي هن خط ذريعي موڪليو، ته سائين اچ تنهنجو وتايو خوش ، وتائي جو گڏهه به خوش. باقي مائي ڄاڻي تون ڄاڻ. اسان توهان جي ننهن جي تڪليف جي ڳالهه وتائي سان ڪئي. اسان جيڪو وتائي کي ٻڌايو فقير اُها ڳالهه چٺيءَ ذريعي خدا کي موڪليائين. درويش جڏن ئي چٺي لکي بس ڪئي ته يڪدم چٺيءَ وارو احوال خدا کي پهچي چڪو هو. ايشور به ڄاڻي ڄاڻٽهار آهي. جڏهن ايشور کي معلوم ٿيو ته توهان هن جي پياري کي خوش ڪيو آهي تڏهن توهان جي دل خوش ڪرڻ ۽ ننهن جا ڪشت دور ڪرڻ لاءِ ايشور يڪدم دکه دور ڪري ڇڏيو.

رامي : تڏهن ته چوندا آهن فقير راضي ته الله راضي!

وتايو : (پريان) رام ريجهاءِ بندا، پريتم کي پرچاءِ بندا.

(سنگيت)

وتايو : منهنجو تہ ڪنهن سان بہ خط لکڻ جو ڪو رستو ئي ڪونهي.
موهنداس : سائين ڪنهن کي بہ لکو. ڪجھ بہ لکو پر لکي ضرور ڏيو.
وتايو : (پاڻ سان) منهنجو مالڪ تہ خدا آهي. کيس ئي ڪٿي ٿو خط لکان. پر اُن کي بہ ڇا لکان؟ سڄي سنسار جو هو ڄاڻي ڄاڻڻ هار آهي ..... سڄي سرشتيءَ کي خود سنڀالي وينو آهي. سو اُن کي ڇا لکانس؟ لکانس ٿو اڇوکو احوال. يا خدا اڄوکو احوال اِهو آهي تہ يا خدا! اڄ تنهنجو وتايو خوش ءُ گڏھ بہ خوش، باقي رهي مائي، سو هاڻ تون ڄاڻ ءُ مائي ڄاڻي.
رامنداس : سائين اِهو پنو سيٺ موهنداس کي ڏجو.
موهنداس : سائين ٻچيءَ ۾ پايونس ڪين ٻانهن ۾ ٻڌونس.
وتايو : جيئن سمجھ ۾ اچيوَ.
موهنداس : سائين توهان جي شڪرگذاري ..... هاڻي پيرين پوان ٿو آشيرواد بہ ڏيو.
وتايو : سدائين سکيا ستابا رهندا.
موهنداس : (خوشيءَ وچان) اڙي او سدوري! هيڏانهن تہ اچجانءِ.
رامي : چئو .... ڇا ڳالھ آهي.
موهنداس : هيءُ تعويذ اڳڙيءَ ۾ وجهي ننهن کي ٻچيءَ ۾ وجهي پاءِ.
رامي : مان هاڻي ئي ٿي وجهي پايانس.
موهنداس : سائين، توهين ٿورو آرام فرمايو
وتايو : نہ مان هاڻي هلندس. منهنجو پٽ وٺي اچو.
موهنداس : بصر ...... سائينءَ جي پٽ کي هيڏانهن وٺي اچ.
رامي : (پريان) ٻڌو ٿا ..... واڌايون هجنوَ ..... پٽ ڄائو آهي ..... تعويذ پائڻ جي دير هئي .....ٻار ترت جنم ورتو ......
موهنداس : (خوش ٿي) سائين اِها ڪرامت توهان جي تعويذ جي آهي. سائين اوهان جي دعا سان اسان کي پوٽو ڄائو آهي.
وتايو : ابا، سڀ جو سائين وينو آهي. اسان کي ڪهڙي طاقت .... مون تہ پنيءَ ۾ ڪجھ بہ نہ لکيو ..... بيشڪ توهين پڙهي ڏسو.
رامنداس : هاڻي تہ آئوَ نہ وشواس منهنجي ڳالھ تي ..... درويش الله لوڪ آهي.
موهنداس : توهين بلڪل نيڪ ٿا چئو. پر ..... اڙي هي ڇا درويش تہ بنا منهن منو ڪري وڃي رهيو آهي. سائين ڪيڏانهن ٿا وڃو؟
وتايو : هلان ٿو پنهنجي ماڳ.
موهنداس : پر منائي تہ ڪائي وڃو ..... ٻچڙي جو منهن ڏسو اُن کي بہ آسيس ڏيو.

ڪشورداس : (مشڪندي) اُها به گرم يا ٿڌي؟

ڪانتا : ٿڌيءَ جي ڳالهه ناهي، پر پنهنجو مُرلي آيو آهي.

ڪشورداس : (حيرت وچان) پنهنجو مُرلي ! ..... پر ڀڳوان پلو ڪريئي مرلي به اَنيڪ آهن، تنهنجو ماسڙ مرلي، منهنجو پيٽويو مرلي، منهنجو ماسات مرلي، تنهنجي وڏي ڀيڻ جو ننڍو ڏير مرلي، آخر تون ڪهڙي مرليءَ جي ڳالهه ڪري رهي آهين؟

ڪانتا : اُنهن مان ڪنهن به مرليءَ جي نه، پر توهان جي سيٺ سيتلداس جي ڳالهه ڪري رهي آهيان نه، جنهن جو پٽ پنهنجي مايا سان مڱيل آهي.

ڪشورداس : ته پوءِ سوَلي سِڌي ڳالهه ڪر نه، (مشڪندي) خسيس ڳالهه کي وٺي ايڏا وڪڙ ڏنا اٿيئي.

ڪانتا : ڪمال آهي ! ..... وَڪڙ مان ڏئي رهي آهيان يا توهين؟

ڪشورداس : ڇڏو بابا، مان ئي وَڪڙ ڏيئي رهيو آهيان، پر تون مطلب جي ڳالهه ڪر .... ها ته ڪڏهن آيو آهي مُرلي؟

ڪانتا : ٽيو ڏينهن آيو آهي.

ڪشورداس : ڪمال آهي ! ..... ٽي ڏينهن آئي ٿيا اٿس ۽ اسان کي منهن به نه ڏيکاريو اٿس.

ڪانتا : توهين به ڪنهن ڪنهن مهل ٻاراٽيون ڳالهيون ڪندا آهيو.

ڪشورداس : (مشڪندي) وري ڇا ٿيو؟

ڪانتا : ٻيو وري ڇا ٿيندو ! ...... اِهو به ڪونه ٿا سوچيو ته پنهنجي ڇوڪريءَ کي مڱئي اڃا ڇَهه مهنا ٿيا آهن ۽ ڪنواري ڪمي، بنا گهرائڻ جي ڇوڪرو گهر ۾ پير ڪيئن رکندو؟

ڪشورداس : نيڪ آهي ، سياڻي گهر رسوئيءَ تي گُهرايونس به ڪٿي، پر لٿل ڪٿي آهي؟

ڪانتا : پُنين گهٽيءَ ۾ رهندڙ سندس دوست ڪشن وٽ لٿل آهي. اُهوئي اچ ڳالهه ڪري ويو.

ڪشورداس : بس نيڪ آهي ...... (اُٿندي) مان هينئر ئي رات جي رسوئيءَ جي دعوت ڏيئي ٿو اچانس.

ڪانتا : ڀِهو ته سهين ...... توهان به بنا پوري ڳالهه سمجهڻ جي يڪدم هلڻ لڳا.

ڪشورداس : (ڀهندي) اڃا به ڪجهه رهجي ويو آهي ڇا؟

ڪانتا : ها، گهڻو ئي رهجي ويو ...... ڀهرين وِهو.

ڪشورداس : (وهندي) ويٺس ...... هاڻ چئه.

ڪانتا : (سامهون ڪرسيءَ تي وهندي) منهنجي هڪ راءِ آهي، جيڪڏهن توهان مڃو

زمانو بدليو آ

چمن شرما

پاتر :-

١.	:	ڪشورداس	: آبرودار واپاري
٢.	:	ڪانتا	: ڪشورداس جي پتني
٣.	:	مايا	: ڪشورداس جي ڌيءَ
٤.	:	مُرلي	: مايا جو مگيتر

ڪانتا : توهين اڄا اخبار پيا پڙهو!

ڪشورداس : ڪو غلط ڪم ڪيم ڇا؟


ڪانتا : ٻيو نه ته وري ڇا؟ميز تي رکيل چانهه ٺري ويئي

ڪشورداس : (اخبار رکندي) چڱو بس، اخبار رکيم .....هاڻ ڏي چانهه.

ڪانتا : (ڏيندي) هان وٺو.

ڪشورداس : (ڍُڪ ڀريندي - ڀيئڻ جو آواز) اوه! جيئي سڙي ويئي! .....هن کي ٺريل چانهه ڇيئه ته گرم ڇا هوندي؟

ڪانتا : چڱو هاڻ ان ڳالهه کي ڇڏي، مطلب جي ڳالهه ڪي وٺو.



نالو	:	چمن شرما.
جنم	:	٩-٥-١٩٢٢.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ ڇهه ناٽڪ.
انعام	:	گجرات سنڌي اڪادميءَ طرفان ٥، راجستان سنڌي اڪادميءَ طرفان ١.
پيشو	:	رٽائرڊ سرڪاري نوڪري.
پتو	:	٢٥٦-بي، سردار نگر، احمداباد-٣٨٢٤٧٥.

کشورداس : برابر ڳالهہ آهي، پر اصولي طور مان اُن قسم جي ڇڙواڳيءَ ۽ هلڪرائپ جي خلاف آهيان . خود تون بہ ڏهہ سال اڳہ ، پنهنجي مٽيل ماسات جي صرف ڳالهائڻ ٻولهائڻ تان ئي ڇَڙون ڪندي هُئينءَ.

ڪانتا : اُهو وقت ٻيو هو، هينئر ”زمانو بدليو آهي“!..... اڄ جيڪڏهن ڇوڪري کُليءَ دل سان، هٿ ۾ هٿ ملائي، آزاد نموني نٿي هلي تہ چوندا تہ ڇوڪري موڳي ۽ وائڙي آهي، ان ڪري پنهنجي شيام کي بہ، شاديءَ کان اڳہ مون بمبئيءَ موڪليو هو تہ جيئن ڇوڪريءَ جي هلت چلت ۽ ويچارن کان واقف ٿي سگهي، هن بدليل زماني ۾ .....

کشورداس : (وچ ۾ ڪٽيندي) ولايت مان ٿي تنهنجو مامو مورند آيو آهي، پر رنگہ توتي چڙهي ويو آهي. پاڻ تہ پنهنجي ڪايا بدلي، مورند مل مان بدلجي، ” مسٽر مور“ ٿي ويو آهي، پر بدليل زماني جي اوٽ ۾ توکي بہ اُبتا ٽپا ڏياري رهيو آهي. تون اِهو بہ وساري ٿي ڇڏين تہ تنهنجو اهو بدليل زمانو ڪڏهن ڪڏهن ڪتا اَنگوُر بہ کارائي سگهي ٿو.

ڪانتا : پنهنجي شيلا جي شاديءَ ۾ ڪهڙا ڪتا انگوُر کاڌا هئُو ؟ .....تنهن ڪانسواءِ شيام جي شادي بہ ائين ئي ٿي هئي.

کشورداس : ڪانتا، تون اِهو ڇو ٿي ڀلجين تہ شيام پنهنجو پٽ آهي ۽ مايا ڌيءُ آهي! ..... ڌيءُ جي ٿوري لاپرواهي، خاندان تي عمر ڀر جو داغ لڳائي سگهي ٿي.

ڪانتا : شيلا جي شاديءَ وقت ڪهڙو توهان جي خاندان کي داغ لڳو؟ ..... اؤلاد خاطر بدليل زماني سان گڏ، اسين بہ ٿورو بدلياسين تہ ڪهڙي اربع خطا ٿي؟

کشورداس : ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي خلاف مان نہ آهيان، پر شاديءَ کان اڳہ، ناني گهر ۾ رهائڻ کان اوَل ، ماءُ پيءُ کي ٻہ دفعا سوچڻ گهرجي.

ڪانتا : صرف ٻہ دفعا نہ، مون ڏهہ دفعا سوچيو آهي ۽ اُن جو انتظام بہ اڳ۾ ئي ڪري ڇڏيو اٿم.

کشورداس : (حيرت وچان) ڇا مطلب ؟

ڪانتا : مطلب اِهو تہ ڪشن ذريعي، سامان سميت مرليءَ کي هينئر کان ئي، اسان وٽ رهڻ لاءِ چوائي موڪليو اٿم. هو بس اڄڻ ۾ ئي هوندو.

کشورداس : جڏهن هرڪو ڪم تون بدليل زماني موجب ڪڻڻ ٿي چاهين، تہ پوءِ ڀُٽ وَرائي نِهارڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟......(ويندي) مان تہ هلان ٿو..... (پريان) تون ڄاڻ تنهنجو ڪم ڄاڻي.

ڪانتا : (پريان) پر رات جو جلدي موٽجو.

کشورداس : (پريان) ها ها ...ڪوشش ڪندس ! ... (پٺئين در کان ٻاهر وڃي ٿو)

تہ ....

ڪشورداس : (وچ ۾ ڪٽي) تنهنجي معنيٰ هڪ نئين مصيبت کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو.

ڪانتا : ان ۾ مصيبت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي .... ناني ماڻهو گانڌيڌام مان مهني لاءِ هتي آيو آهي، تہ ان کي سهوليت ڏيڻ اسان جو فرض ناهي؟

ڪشورداس : ڇا چيئہ، مهني لاءِ هتي آيو آهي ! .... پر پڻس سيتلداس تہ خط ۾ اهڙو ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو آهي.

ڪانتا : نئين نوڪريءَ ڪري، مهني جي ٽرينگہ لاءِ، اُن کان پوءِ سُني ست هزار روپيا پگهار ملندس.

ڪشورداس : اهو تہ سڀ نيڪ آهي ڪانتا، مرلي جيڪڏهن پنهنجي ڪوشش سان ڪنهن لائقيءَ لڳندو تہ اُن ۾ اسان کي ضرور خوشي ٿيندي، پر تون ڪهڙي قسم جي سهوليت کيس ڏيڻ ٿي چاهين، اها ڳالهہ ڪر !

ڪانتا : اسان جي هوندي ناني ماڻهوءَ کي ڌارين جي گهر رهيل ڏسي، سندس مِٽ مائٽ ۽ پاڙي وارا ڇا چوندا؟

ڪشورداس : ان باري ۾ تون ڇا ٿي چوڻ چاهين، اِها سوَلي سڌي ڳالهہ ڪر نہ.

ڪانتا : منهنجو خيال آهي اهو مهنو مرليءَ کي اسين پاڻ وٽ رهايون.

ڪشورداس : (اُٿي بهندي) ڪانتا ! ..... دماغ تہ نيڪ اٿيئي نہ ؟ ڪنواري ڪمي نانيءَ کي گهر ۾ رهائي، سماج ۾ تون منهنجو ڪنڌ هيٺ ڪرڻ ٿي چاهين ؟ ڪجهہ خاندان جي عزت جو بہ تہ خيال ڪر !

ڪانتا : ان ۾ ڪنڌ هيٺ ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. شامن ماءُ جو ناني ڪونہ مُٽي کان پوءِ سڄا سارا ست مهنا وٽن رهيو پيو هو. گذريل مهني سندن شادي بہ ٿي ويئي ! ...... گهوٽ ڪنوار هينئر خوش وينا آهن. ان ۾ بنهي ڌرين جي عزت جي ڪهڙي گهٽتائي آهي؟

ڪشورداس : پنجئي آگريون برابر نہ ٿينديون آهن ڪانتا ! .... هي تہ ڀڳوان جي ديا سان لڄ پت رهجي آئي هئن، نہ تہ ڏيتي ليتيءَ جي چڪر ۾ ڳالهہ ڌري گهٽ ٽٽڻ تي اچي پهتي هئي.

ڪانتا : پر اسان جي مرليءَ جا ماءُ پيءُ اهڙا ڪونهن تہ پوءِ اسين اِها چنتا ڇو ڪريون؟

ڪشورداس : مان مڃان ٿو تہ هو نيڪ شخص آهن، خاص ڪري مرليءَ جو پيءُ سيتلداس تہ منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي، پر ....

ڪانتا : (وچ ۾ ڪٽيندي) پر ان ۾ اعتراض جو هرو ڀرو سبب ڪهڙو آهي، جڏهن ڇهن مهنن کان پوءِ سندن شادي بہ ٿيڻي آهي.

اڙي هي تہ سامهون مُرلي پيو اچي ! (آهستي) هوشيار رهج مايا ! .....
(پريان آواز) اچ اچ مُرلي اچ ...... ڪيئن گهر ڳولهڻ ۾ تڪليف تہ ڪانہ
ٿيئہ ؟

مُرلي : (پيرين پوندي) نہ نہ مَمي، پريان ڪشن گهر ڏيکاري هليو ويو.

ڪانتا : (ٻانهن کان جَهلي اُٿاري، آسيس ڪندي)ڄُٽ ڦِٽ، شل سدائين خوش هجين
(مايا ڏانهن اِشارو ڪندي) چڱو، هِن سان مِل مُرلي، هيءَ ......

مايا : (وچيِر - هٿ وڌائيندي) ” ويري گلئڊ ٽو ميٽ يوُ “ !

مُرلي : (هٿ ملائيندي) مونکي بہ گڏجي خوشي ٿي.

ڪانتا : (مشڪندي) اڙي ! توهان ٻئي هٿُ هٿَ ۾ مِلائي تہ اِئين گڏجي رهيا آهيو،
ڄڻ هڪ ٻئي کي اڳيِ بہ ڏٺو هجيوَ !

مُرلي : (مشڪندي) ٻيو نہ تہ فوٽا تہ ضرور ڏٺا آهن مَميَ ! (ٽنهي جا ٽهڪ)

ڪانتا : (مشڪندي) اِها برابر ڳالهہ آهي ...... چڱو مُرلي، مون توهان جي همڻ جو
اڄو ڪو پروگرام تيار ڪري ڇڏيو آهي .... اڄ تون مايا سان گڏ پڪچر تي
ويندين.

مُرلي : هرو ڀرو اڄ ئي وڃڻو پوندو ؟

ڪانتا : ها، پڪچر تان ئي سِڌو ڪاليج فنڪشن تي بہ گڏ ويندءُ، ۽ ها ....ٻيو ٻڌ مايا......

مايا : (وچيِر) پر مَمي ......

ڪانتا : (وچيِر ڪٽي) پر ٻر ڪجهہ بہ نہ ...... ۽ ها .... مرلي، تون اِهو چمپل لاهي
بوٽ پائي وڃج.

مُرلي : بوُٽ تہ مون وٽ ڪونهي.

ڪانتا : تہ پوءِ مايا ، تون شيام جو بوُٽ ڏينس تہ پائي وڃي.

مايا : پر ممي، شيام جو پير ڊگهو آهي، موهن جو بوٽ نهي ايندس.

ڪانتا : تہ پوءِ نيڪ آهي، اُهو ڏجانس...... ۽ ٻيو ٻڌ مايا، مان هينئر ڪم سان بزار
وڃي رهي آهيان، توهين جلدي پڪچر تي وڃجو ....(پريان ويندي)
اسڪوٽر جون چابيون مشين جي خاني ۾ پيئون اِٿيئي ! ..... او ....ڪي....!
”بيسٽ آف لڪ ٽو بوٽ آف يوُ ....!! “ سي ... يوُ !!!

مايا ۽ مرلي : (پريان ٻئي گڏ) ” ٿئنڪ يوُ ! ..... ٿئنڪ يوُ ممي !! ..... باءِ !!! “

---: درشيہ ٻيون : ---

(اندرئين ڪمري مان مايا جي روئڻ ۽ سِسڪين جو آواز)

مايا : (سِسڪين جي وچيِر) پر ممي ! ..... اِن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ ممي !

مايا : (پريان آواز- اَڱڻين دروازي کان - ڊوڙندي) ممي ! .... ممي!!

ڪانتا : (پريان) اِڇا ! ...... مان هِتي آهيان مايا !!

مايا : (پريان - روسامي واري آواز ۾) اوه مَمي ! .... واٽ اِز دِس مَمي ؟

ڪانتا : (ويجهو آواز) ڇو ڇو ..... توکي وري ڇا ٿيو ؟

مايا : (ويجهو آواز) ڏس نه ممي ريتا جي چوڻ تي پڪچر جون به ٽڪيٽون وٺي آيس ...... (روسامي واري آواز ۾)'' بٽ دَ بِلَڊي گرل هئز ناٽ ٽرنڊ اَپ !''

ڪانتا : وري گهر ۾ انگريزي !

مايا : آوه مَمي ! ..... تون ٿي نه چوندي آهين، هن بدليل زماني ۾ سيني سان انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي !

ڪانتا : اِهو سڀ گهر کان ٻاهر، مائٽن سان نه سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ.

مايا : (ماءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي لٽڪندي)'' آءِ اَئم سو ساري مَمي !'' .....مان به ڇا ڪريان مَمي، عادت پئجي ويئي آهي.

ڪانتا : چڱو نيڪ آهي، ڀلا پڪچر ۾ ڪهڙي شو جو پروگرام ناهيو اَٿوَ؟

مايا : سيڪنڊ شو مَمي. '' آفٽر وَرڊس ووئي وِل اَٽينڊ اَوَر ڪاليج فَنڪشن'' ......(غلطي محسوس ڪندي) '' اوه ! .....آءِ اَئم ساري !! ....منهنجو مطلب آهي، پوءِ اسان کي ڪاليج فنڪشن اَٽينڊ ڪرڻو آهي.

ڪانتا : خير، اڄ پروگرام ۾ ريتا جو توسان ڪئنسل.

مايا : ڇو مَمي ؟

ڪانتا : سوال جواب بند، پهرين منهنجي ڳالهه ٻڌ ......مُرلي مهني جي ٽريننگ لاءِ هتي آيل آهي، ان ڪري ......

مايا : (وچڙ) ڪهڙو مُرلي مَمي؟

ڪانتا : اهوئي جنهن سان تنهنجو مڱڻو ۽ ڇهن مهنن ڪانپوءِ شادي فڪس ٿيل آهي.

مايا : (لاڏ وچان) نو ..... نو...... مَمي ...... پليز !

ڪانتا : پليز ٻليز ڪجهه نه. مان جيڪي چوان اهو ڌيان سان ٻڌ. مهنو اسان وٽ رهندو، بس هينئر اچڻ وارو آهي. تون هٽ ملائي آزاد نموني ساڻس ڳڏجندينءَ ...... ريتا بدران مُرليءَ سان گڏ، پڪچر تان ٿي سِڌو ڪاليج فنڪشن اَٽينڊ ڪندينءَ ......

مايا : (وچڙ - لاڏ سان)اوه ..... مَمي !

ڪانتا : ۽ ٻيو ٻڌ، ڪاليج جو پنڌ پري آهي، فنڪشن تي دير ٿي وڃيوَ نه رات ريتا جي گهر رهي پئجو. فون ڪري اجايو وقت وڃائڻ جي به ضرورت ناهي ...... منهنجون ڳالهيون ...... (اوچتو پريان مُرليءَ کي ايندو ڏسي- آهستي)

رستو ٽوڙي، مرليءَ جو مڱڻو، توهان جي دوست ديوان دولترام جي ڌيءَ دمينتيءَ سان ٿي به ويو آهي.

کشورداس : اِها نه صرف اڻ ٿيڻي پر ناممڪن ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ ته مرليءَ جو پيءُ اُنهن مان نه آهي، جيڪي مائٽي ٽوڙڻ ۽ جوڙڻ جي وڏندڙ مرض کي فئشن سمجهندا هجن. هوُ اسان وانگر پئسي کان وڌيڪ، خاندان جي عزت کي وڌيڪ وزن ڏيندو آهي.

ڪانتا : توهان کي ڪهڙي خبر ؟ زمانو بدليو آهي، اُن سان گڏ ماڻهو به بدلجي ويا آهن ...... مرليءَ پيءُ وٽ هينئر اڳيون پئسو نه رهيو آهي. ڪيس به نياڻيون اجا اُکلائڻيون آهن ۽ ڪمائيندڙ صرف هڪ پٽ آهي ..... اهڙي حالت ۾، پئسي جي لالچ ڪانئس اِهو ڪم نٿي ڪرائي سگهي؟

کشورداس : نه، هرگز نه ! .... مان مرليءَ جي پيءُ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان . شاديءَ جهڙي پوتر بندن کي هوُ ڳُڏي ڳُڏيءَ جي راند نه سمجهندو آهي...(ٿورو ترسي) پر مان سمجهان ٿو اِهي اجايا سجايا مَن گهڙت پوُت ٻچڻ وارو ٻيو ڪير نه پر تنهنجو اِهو، ” ولائتي مور آهي“ !

ڪانتا : پر مان ٿي چوان هن کي ڪوڙ ڳالهائڻ جو ضرور ئي ڪهڙو پيو آهي....سموري حقيقت، گانڌيڌام مان ڪنن سان ٻڌي آيو آهي.

کشورداس : تنهنجي ان ولائتي مور جا پير هن گهر ۾، مونکي شروع کان ئي نه وڻندا آهن. هِن گهر جي مان مريادا ۽ هلت چلت کي هوُ اندران ئي اندران ڪاٽ هڻي رهيو آهي ...... (ٿورو ترسي) خير، ڪجهه به هجي، پر انهن واهيات افواهن کي دوُر ڪرڻ لاءِ، مان اڄ ئي گانڌيڌام وڃي، شاديءَ جي تاريخ پڪي ڪري ايندس.

ڪانتا : (ٿڌو شوڪارو ڀريندي) ڀڳوان ڪري اِهي سڀ ڳالهيون شل ڪوڙيون هجن، نه ته انرٿ ٿي ويندو ! ..... اُهو به ٻٽو انرٿ !!

کشورداس : (پورو نه سمجهندي) ٻٽو انرٿ ! .... ڇا مطلب ؟

ڪانتا : مائٽي ٽٽڻ جي مونکي ايتري پرواه ناهي، جيتري مايا جي بدناميءَ جي.

کشورداس : (سوالي نظر سان) مايا جي بدنامي ! ... آخر تون چوڻ ڇاٽي چاهين ؟

ڪانتا : توهان شايد مايا جي روئڻ جو ڪارڻ نه سمجهيو ..... پنهنجي ڪَئي جو ڪِيتو، پاڻ سان گڏ مائٽن کي به لوڙائي، مُنهن ڪارو ڪري، هينئر اُلٽيون ڪري رهي آهي ...... نِياڳي هينئر ڏِينهنِ سان آهي !!

کشورداس : (فضا ۾ هڪ زوردار گرجنا ڪندي، ميز تي رکيل شيشي جو گلاس ڪڻي، زور سان سامهون پٽ تي اُڇلي ٿو - گلاس جي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ جو زوردار آواز) ڪانتا !

کانتا : (ڇينپيندي) تنهنجو نہ تہ ڇا، منهنجو ڏوهہ آهي ؟ ...... گهمڻ ڦرڻ جي آزادي ، توکي خاندان جي عزت تي ٽکو لڳائڻ لاءِ ڏني هئم ؟ ....(سِسڪيون ڇالو)شرم حياءَ جا ليڪا لتاڙڻ کان اڳہ ۾ ٻُڌي نتي مُئينءَ ؟؟؟

مايا : (روئندي) ان ۾ مان ڇاتي ڪري سگهان ممي ! ..... توئي تہ ڇئي ڇڏيو تہ فنڪشن پوري ٿيڻ کانپوءِ، رات ريتا جي گهر رهي پئجو !!

کانتا : (ڪاوڙ ۾) ڏوڙ پئي آهي تنهنجي منهن ۾! ..... پاڻ سنيالڻ تنهنجو فرض هو ڪين منهنجو ؟ ..... (سِسڪيون) جڏهن ڪاليج فنڪشن بہ سويلئي پورو ٿيو تہ پوءِ رات رهڻ جو ڪهڙو ضرور هو ؟

مايا : مرليءَ ريتا جي زور پرڻ تي ئي مان رهيس ...... (سِسڪيون)

کانتا : (تکي آواز ۾) ڏوڙ پاتئہ پنهنجي منهن ۾ ! ...... ٻُڌي مرڻ گهربو هوءِ ..... بي شرم، منهن ڪارو ڪرڻ کان اَڳہ ، مائٽن جي عزت جو بہ نہ سوچيئہ ؟

مايا : (زور سان سِسڪيون ڀري روئندي) ممي !!!

کشورداس : (وچين ڪمري مان- پريان آواز) ڪانتا ! ......او ڪانتا !! ...... اڙي ڀائي ڳالهہ ڇا آهي ؟ ..... هي مايا ڇو روئي رهي آهي ؟

کانتا : (پريان) ها ها ..... اچان پيئي ! ..... (مايا کي) بس ڪر هاڻ ....(هلندي)ميڪ ميڪ ڪري روئي، هاڻ جڳہ کي ڏيکارڻ ٿي چاهين ؟

کشورداس : (پريان ڪانتا کي ايندو ڏسي) ڪهڙي ڳالهہ آهي ڪانتا ؟

کانتا : ان ڳالهہ تي پوءِ ٿا اچون. پهرين اِهو ٻڌايو تہ توهان جي ڪنن تي ڪو پرلاءُ پيو آهي يا نہ ؟

کشورداس : ڪهڙو پرلاءُ ؟

کانتا : تہ توهان جو سڪيلڏو لالچي سيٺ، وڏيڪہ ڏيتي ليتيءَ جي لالچ ۾ اچي، مُرليءَ جي مائٽي ٽوڙڻ ٿو چاهي.

کشورداس : (چڙڪہ ڀريندي) ڪير ٿو چوي ؟

کانتا : ماڻهو ٿا چون ٻيو وري .....

کشورداس : (وچير) ماڻهن جو ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي ! .... ہہ گهر ناهڻ ٻدران ڊاهڻ ۾ ئي ڪين مزو ايندو آهي ..... تنهن کانسواءِ مرليءَ جي پيءُ جهڙي خانداني مان مريادا ۽ عزت دار شخص ۾ منهنجو پورو وشواس آهي.

کانتا : اُنهيءَ ئي شخص توهان سان وشواس گهات ڪري، ويهہ هزار روڪہ ڏيتي ليتي ورتي، مرليءَ جو مڱڻو ٻئي هنڌ ڪري بہ ڇڏيو آهي.

کشورداس : اها سڀ زناني بڪواس آهي.

کانتا : اِها بڪواس نہ پر حقيقت آهي. مون تہ ايتري قدر بہ ٻڌو آهي تہ اسان سان

وچ ۾ اِهو ولائتي مور، هِن گهر ۾ نه ايندو ..... تيستائين اِها هوا گهر کان ٻاهر نه ڦهلجڻ ....

مايا : (وچِيِ - پريان، اندرئين ڪمري مان ايندي) ممي .... ممي !! هوُ سامهون ڏس ڪير پيو اچي !!!

ڪانتا : (حيرت وچان) اڙي ! .... هي ته مرلي اچي رهيو آهي !!

ڪشورداس : (عجب ۾) مُرلي ! .... (لحظو بدلي - آهستي) خير توهان ٻئي خاموش رهجو ..... مان پاڻيهي ڳالهائيندس ...... هيءُ منجهيل سُٽ هينئر مونکي ئي سُلجهائڻو آهي ...... (ڪيس ڪيڪاريندي - مشڪندي) اَچ مُرلي اَچ.... ڪيئن نيڪ آهين نه ؟ ..... اچڻ جو اطلاع به نه ڏنئه !

ڪانتا : (آسيس ڪندي) جُٽ پُٽ ! ..... شل سدائين خوش هجين !

مُرلي : پر ڊئڊي، لڳي ٿو توهان کي ڪنهن به ڳالهه جي خبر ڪانهي.

ڪشورداس : ڪهڙي ڳالهه ؟

مرلي : ماڻهن بصر يَچي بانس ڱانڌيڊام تائين پهچائي ڇڏي آهي ۽ توهان اڃا تائين اڻڄاڻ آهيو !

ڪانتا : ويهه ته سَهين پُٽ !

ڪشورداس : (مشڪندي) ها ها مرلي، ويهه ...... چانهه پاڻي پيءُ ، پوءِ ويهي ٿا ڳالهيون ڪريون.

مرلي : (ٿڌو شوڪارو ڀريندي) هينئر پيٽ ۾ ساهه پيو آهي. خير چانهه ته پوءِ پيئندس ڊئڊي، (مايا کي) پهرين مايا، ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس ڀري اچ.

مايا : (خوش ٿيندي) پاڻيءَ کان اڳ ۾، پهرين هي پاپڙ ڪاڻٽا پوندوَ !

ڪانتا : (خوش ٿي - مشڪندي) لڳي ٿو مرليءَ جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي مايا، هي پاپڙ پچائي رکيا هئا ..... (سيني جا ڳڏيل ٺهڪ)

ڪشورداس : (ٿورو گنڀير ٿيندي) هِن خوشيءَ سان ڀريل وايو منڊل ۾ ٿوري دير اڳ ، غم جا ڪارا ڪکر ڇانيل هئا مرلي !

مرلي : (حيرت وچان) ته ڇڻبو اِها هوا هتي به هلي چڪي آهي !

ڪشورداس : ها مرلي، اِها بدليل زماني جي هوا، توهان کان وڌيڪ اسان وٽ هلي رهي آهي.

مرلي : پر ڊئڊي، پنهنجي طرفان خاطري ڏيڻ کان اڳ، مان اُنهن افواهن جي باري ۾ توهان کي ڪجهه ٻڌائڻ چاهيندس.

ڪانتا : ها ها، چئه پُٽ.

مرلي : حقيقت ۾ ممي، توهان جي ئي هڪ ويجهي عزيز اسان وٽ، گانڌيڊام ۾

.... ڪانتا !! ..... (ٿورو ترسي) آخر اُهو ئي ٿيو جنهنجو مونکي ڊپ هو !!
..... شاديءَ کان اڳ ڇوڪري ڇوڪريءَ کي پرائي گهر رات رهڻ جي اِجازت
ڏئي ، مَرڪي ٿي مون سان ڳالھ ڪرين تہ ڇوڪري ڏِينهن سان آهي !!!
...... هٿ وني ڌيءُ جي ستياناس ڪري، هاڻ بدناميءَ جا بناوٽي ڳوڙها ڳاڙڻ
ويني آهين !!! ڪائي ڏِنئہ ولائتي سپيتا جا ڪتا اَنگوُر ؟ ..... اجا ڇڏ ڇُرواڳہ
ٻارن کي ! ننڍي نانيءَ کي اجا بہ سڄو سال پاڻ وٽ رهائج ..... اُن ۾ خاندان
جي ناموس ٿيندي ! ..... گهر گهر ۾ تنهنجي چرچا ٿيندي ..... پاڻ سان گڏ
منهنجو بہ منهن ڪارو ڪري ڇڏيئہ !! .... هينئر کڙو منهن کٽي مان
دڪان تي ويندس ؟ ...... اورو پاڙو، گهٽي بازار، جتان بہ لنگهندس، ماڻهن
جا اِشارا مون ڏانهن ئي هوندا ....
ڪانتا : (وچ ۾) توهين پنهنجي ئي ڳالهائيندا رهندا يا ڪجھ منهنجي بہ ٻڌندا؟
ڪشورداس : (ڪروڌ ۾) بڪواس بند ڪر ! ..... تنهنجي ٻڌڻ سان ئي تہ هيءَ نوبت آئي
آهي ...... اُن لاءِ جوابدار تون نہ پر مان آهيان ...... تنهنجي ولائتي مامي
مور جو پير ، هن گهر ۾ پوڻ سان، تون ستين آسمان تائين پهچي وئينءَ ......
ٻاهرين ڏيکہ ويکہ ۽ اجائي اَڊمبر جي اوٽ ۾، تو ٻارن ۾ غلط سنسڪار وڌا
آهن.
ڪانتا : تہ پوءِ هلايو دڪان سان گڏ گهر جو بہ ڪاروبار ! ..... مونکي کڙي لاچاري
پئي آهي ....
ڪشورداس : (وچ ۾) ها ها، هلائيندس .....(زور سان واڪو ڪندي) خبردار ! ..... جيڪڏهن
منهنجي اِجازت کانسواءِ هِن گهر ۾ ڪير بہ آيو ويو آهي تہ مان اُن کي ڏسي
وٺندس ..... ڪَنن مان ڪپہ ڪڍي ٻڌي ڇڏ ..... اَڄ کان پوءِ هِن گهر ۾ تنهنجي
مامي مورند جي هڪ بہ نہ هلندي.
ڪانتا : هُن کي وري ڪنهنجي غرض پيئي آهي ڇا ؟
ڪشورداس : (زور سان) اَسان کي بہ سندس غرض ڪانهي ! ..... انهيءَ تنهنجي بدليل
زماني جي پوُت کي، مان لتون هڻي گهر کان ٻاهر ڪڍندس !! هيل تائين اِ
سڀ مان چپ چاپ ڏسندو رهيس، پر هينئر ....
ڪانتا : (وچ ۾) انهن اَجاين رَڙين ڪرڻ کان، ڌيءُ جي باري ۾ ڪجھ سوچيو.
ڪشورداس : (سهڪندي) مون سڀ سوچي ڇڏيو آهي.
ڪانتا : ڇا سوچيو اَٿوَ ؟
ڪشورداس : اِهو سڀ ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي ...... مان اڄ ئي ڳانڌيدام ويندس ۽ ه
مهني ۾ ئي شاديءَ جو مهورت ڪڍائي، پوءِ واپس ايندس. پر ياد رکج، ا

کشورداس : ڇا ڇيئہ ؟

مايا : (ششدر ٿيندي) منھنجو مطلب آھي انجام ٿي ڪريان ڊڄي.

ڪانتا : ھي سڀ ڇا آھي ؟

ڪشورداس : اڄ ڪانپوءِ ھي سڀ توکي نہ، مونکي ڏسڻو آھي ..... ھا تہ مايا، تون ھينئر ئي اسڪوٽر ڪٽي مھاراج مولچند کي پاڻ سان وٺي اچ ...... (ٿورو ترسي) اڙي ! ..... ھيئن وات ڦاڙي ڇا ٿي ڏسين ؟ ...... جلدي ڪر.

مايا : (ٻاھر ويندي - خوشيءَ وچان - پريان آواز) ھا ھا ڊڄي، ..... بس پنجن منٽن ۾ مھاراج کي وٺي ٿي اچان ! ..... (اسڪوٽر جي چالو ٿيڻ جو آواز - پريان)

ڪشورداس : ڪيئن ٿي ڀانئين ڪانتا ! ..... تنھنجي اُن بدليل زماني جيڪي ڪتا آنگور، توکي ڪارائڻ چاھيا ٿي، اُنھن جو چشڪو وٺڻ ڪان ٻچي وَئينءَ ...... اھڙي ڀل مان سمجھان ٿو، وري نہ ڪندينءَ !!

ڪانتا : منھنجي سِر تان پاڻ بار لٿو، ھاڻ توھين ڄاڻو توھان جا ٻار ڄاڻن.

مرلي : پر ڊڏي، اِھا بدليل زماني جي ڀُل واري ڳالھ منھنجي سمجھ ۾ نہ آئي.

ڪشورداس : (مشڪندي) گھبراءِ نہ پُٽ، شاديءَ ڪانپوءِ اُھا ڀُل تون پاڻيھي سمجھي ويندين ...... پر پھرين پنھنجي مميءَ ڪان، ان خوشيءَ ۾ ھڪ ٺھڪ ڏياري ڏيڪار.

مرلي : (مشڪندي) چڱو ممي، اڄ منھنجي نالي تي ھڪ ٺھڪ تہ ڏيو.
(ڪشورداس جو پريان ڪلڻ)

ڪانتا : توھين ٻئي سَھُرو ناني وينا ٺھڪ ڏيو.

مرلي : نہ نہ ممي ..... ٺھڪ ڏيڻو ئي پوندو.

ڪانتا : (پاڻ ڇڏائيندي) اڙي ڇڏ ڪٽي ! ..... (ڪشورداس جو ڪلڻ)

مرلي : نہ نہ ممي، توھان کي منھنجو قسم ! .....ٺھڪ ڏيڻو ئي پوندو ..... آيو رام!! ھا ..... ھا ...... ھا ..... او ائين !!!
(ڪانتا، مرلي ۽ ڪشورداس جا زور زور سان ٺھڪ ڏيڻ جو آواز)

نوٽ :- ھِن ناٽڪ جي پاترن جا نالا فرضي آھن، ڪنھنجو بہ ڪنھن سان سِڌو يا اَڻسِڌو لاڳاپو ناھي.

اڇي سيٺ صوڀراج سان منهنجي مائٽيءَ جي باري ۾، ويهن هزارن جي ڏيتي ليتيءَ جو سودو ڪري، اڍائي هزار ڀاڻ هڙپ ڪرڻ ٿي چاهيا، هُن ڪين اِهو به نه ٻڌايو ته منهنجو مڱڻو مايا سان اڳ ۾ ئي ٿيل آهي.

ڪانتا : اهڙي ڪميڻي کي ته بندوق جي منهن ۾ ڏيڻ گهرجي.

مرلي : (مشڪندي) نالو ڄاڻڻ ڪانپوءِ ، توهان شايد اِئين نه ڪريو ممي.

ڪشورداس : مان سمجهي ويس اهو شخص ڪير ٿو ٿي سگهي.

مرلي : (مشڪندي) ته پوءِ ڊئڊي، توهين ئي اُن شخص جو نالو ميءَ کي ٻڌايو.

ڪانتا : ها ها ..... اهڙي نيچ شخص جو نالو ٻڌائڻ ۾ هٻڪڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ؟

ڪشورداس : (گنڀيرتا سان) ته پوءِ ڪن کولي ٻڌ. اُهو نيچ شخص ٻيو ڪير نه پر مغربي سڀيتا جي رنگ ۾ رڱيل 'مور'، يعني تنهنجو مامو مورند مل آهي، جو اڍائي هزارن جي لالچ تي پنهنجي ڀيڻ جو گهر برباد ڪرڻ تي ڪمر ڪشي بيٺو آهي.

ڪانتا : (حيرت وچان) هي توهين ڇا چئي رهيا آهيو ؟

مرلي : ڊئڊي سچ چئي رهيا آهن ممي ..... اُهو توهان جو مامو ئي آهي جو ماڻهن کي ڀنيلائي، ڏيتي ليتيءَ جي لالچ ڏيئي، اسان ٻنهي خاندانن جي عزت جو نيلام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

ڪانتا : (ڪاوڙ ۾) مونکي ڏيءُ نانيءَ کان مٽي، اهو مُئو منحوس مامو ڪونهي. اهڙي نالائق کي لت هڻي ٻاهر ڪڍنديس.

ڪشورداس : مامي کي لت هڻي ٻاهر پوءِ ڪڍبو، پهرين منهنجي ڳالهه ٻڌ .... (مرليءَ کي) مرلي، توهان جي شادي جيڪڏهن ٿن ڏينهن اندرتڪڙي ٿي وڃي ته توکي اعتراض آهي ؟

مرلي : مونکي ڪوبه اعتراض ڪونهي ڊئڊي.

ڪشورداس : ٺيڪ آهي، مان هينئر ئي فون ڪري تنهنجي ماءُ پيءُ کي گهرائي ٿو وٺان ...... (مايا کي پريان سڏ ڪندي) مايا !

مايا : (اندرئين ڪمري مان ڊوڙي ايندي) يس ڊئڊي !

ڪشورداس : وري اهائي انگريزي ! .... انجام ڪر ته اڄ ڪانپوءِ مائٽن سان انگريزيءَ بجاءِ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندينءَ !

مايا : پرامز ڊئڊي.

وجيه : منو هيڏانهن اچ ڇا آهي، ٻڌاءِ ڇو پيا وڙهو پاڻ ۾

منو : ....

وجيه : هيءُ گهر آهي ڪين جهنگل (غصي ۾ هڪ هڪ چماٽ ٻنهي کي هڻي ٿو ٻئي ٻار روئن ٿا.)

وجيه : (پاڻ مرادو) هيءُ ...... هيءُ گهر آهي! هيءَ زندگي آهي !؟ آفيس وڃ ته آفيس جو ڪم. جي ترپل دير ٿئي ته صاحب جا دڙڪا ۽ گهر اچ ته هيءَ ڪل ڪل لڳي پيئي آهي. مان -مان ته تنگ اچي ويو آهيان. هن زندگيءَ مان وڃان ته ڪيڏانهن وڃان.

شيلا : (اندران ئي رڙ ڪندي) ڇا آهي؟ آهي ڇا، آخر ٻار روئن ڇو ٿا؟

وجيه : ڇا آهي، شيلا ڇا جون ٿي رڙيون ڪرين؟

شيلا : (داخل ٿيندي غصي ۾) رڙيون مان ٿي ڪريان ڪين توهان ٿا ڪريو ۽ - ۽ هينئن ٻارن کي ماربو آهي؟ گهر ۾ اچڻ سان ئي ٻارن کي مارڻ چالو ڪيو اٿوَ.

وجيه : (تنگ ٿيندي) شيلا، مان به ڇا ڪيان. تون پاڻ سمجهُو آهين. آفيس مان ٿڪجي ٽٽجي گهر اچان مٿان وري هيءَ ٻارن جي ويڙهه. ٻڌاءِ - ٻڌاءِ ته انسان تنگ ٿيندو ڪين نه.

شيلا : پر به ٻار آهن، اُتي ئي وڙهن اُتي ئي نهن. (ترسي) ڇڱو ڇڱو هلو هاڻي هٿ منهن ڌوئي اچو ٽيسٽائين مان رسوئي پائي ٿي اچان.

(پاڻي هارڻ جو آواز، گُرڙي ڪرڻ جو آواز)

وجيه : (پاڻ مرادو) هي ڀڳوان هيءَ به ڪا زندگي آهي. ههڙيءَ زندگيءَ کان ته گهر ڇڏي جهنگل ۾ وڃي سنياسي ٿجي. نه گهر جي کٽ پٽِ، کل ڪلِ ۽ نه آفيس جي مغز ماري. (رڙ ڪندي) شيلا (ترسي) اڙي او شيلا ......

شيلا : (اندران) اچان ٿي اچان، رڙيون ڇوٽا ڪريو (ويجهو ايندي) ها ڇئو، ڇا آهي؟ ڪهڙو ڪم ڦاٿو اٿوَ مون ۾؟

وجيه : ٽوال ...... ٽوال ڪٿي آهي؟

شيلا : هي ڇا آهي ...... سامهون ته ٽنگيو پيو آهي، اجايو ويٺا رڙيون ڪيو. گهٽ ۾ گهٽ ڏسو ته سهين، الائي ڪهڙي ويچارن ۾ ٿا رهو اڄ ڪالهه.

وجيه : ڇڱو، ڇڱو هاڻي هل هتان. جلدي هلي رسوئي پاءِ ته مان اچان ٿو.

(ميوزڪ چالو ...... ميوزڪ بند)

گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جو آواز گهڙيال ۱۲ گهنڊ جا ٺڪاءَ هڻي ٿو، گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ چالو آهي.

وجيه : (پاڻ مرادو) اوهه! ٻارهان ٿي ويا رات ڪافي گذري چڪي آهي. سڀ سمهيا پيا آهن. هڪ هڪ مان ئي جاڳي رهيو آهيان. مان ئي جاڳي رهيو آهيان.

ديوار هٽي ويئي

گرداس آهوجا ”اَجيہ“

پاتر:-

١.	:	وجيہ	:	شيلا جو مڙس
٢.	:	شيلا	:	وجيہ جي زال
٣.	:	پريتم داس	:	شيلا جو پيءُ وجيہ جو سهرو
٤.	:	ٻہ ٻار	:	منو ۽ رميش- شيلا ۽ وجيہ جا ٻچ
٥.	:	ويٽر	:	هوٽل ۾ نوڪري ڪندڙ

(در ڪلڻ جو آواز..... منو ۽ رميش پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن)

منو : هيءُ بال منهنجو آهي.

رميش : هيءُ بال منهنجو آهي. پاپا منهنجي لاءِ آندو آهي.


منو : مميءَ منهنجي لاءِ آندو هو.

رميش : نہ منهنجو آهي.

منو : نہ منهنجو آهي. ...... پاڻ ۾ وڙهن ٿا.

وجيہ : (غصي ۾) ڇا آهي هي سڀ ؟ هان، ڇا آهي هي سڀ ؟ ڇا جو گوڙ آهي ؟ ڇو ٿا پاڻ ۾ وڙهو ؟

(ٻار چپ ٿي ويا بلڪل شانت)



نالو	:	گرداس آهوجا.
جنم	:	راجڪوٽ (گجرات)، ٢-٢-١٩٥٤.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ ڇار.
پيشو	:	واپاري.
پتو	:	پرڪاش ڀون، ٩-گايڪواڙي پلاٽ، راجڪوٽ- ٣٦٠٠٠١ (گجرات).

آهيان. مان شادي ڪندس ته وجيه سان ئي ڪندس.

پريتمداس : تون چپ ڪر شيلا . تون سڪن ۾ پليل آهين، تون دک سهڻ نه ڪري سگهندين ءُ. مان توکي ڪيترو نه لاڏ ڪوڏ سان پاليو آهي، مان توکي دکي نه ڏسي سگهندس. شيلا مان توکي دکي ٿيڻ هرگز هرگز نه ڏيندس.

شيلا : اُهو منهنجي قسمت ۾ جيڪو لکيل هوندو اُهو ئي ٿيندو ڊئڊي. سک لکيل هوندو ته سک جي دک لکيل هوندو ته دک ئي ملندو. مان وجيه سان ئي شادي ڪندس. اِهو جنهن حال ۾ رکندو اُن حال ۾ ئي رهندس. غريب ۽ شاهوڪار کو انسان کونه بڻايا آهن ڊئڊي.

پريتمداس : (غصي ۾) تنهنجو دماغ ته ڪونه ڦري ويو آهي شيلا. (نرم ٿيندي) شيلو پٽ، چڱو هڪ ڳالهه ٻڌ، جي توهين شادي ڪرڻ چاهيو ٿا ته پلي ڪيو پر منهنجو هڪ شرط آهي.

شيلا ۽ وجيه : شرط ! ڪهڙو شرط آهي ڊئڊي ؟

پريتمداس : شرط اِهو آهي ته وجيه کي هت رهڻو پوندو اَسان سان گڏ.

وجيه : توهان جي چوڻ جو مطلب ته مان گهر جمائي ٿي رهان.

پريتمداس : ها، ان ۾ خرابي ئي ڇا آهي. هت تون سک سان رهندين دک نه ڏسندين، موٽرن ۾ گهمندين،مون کي ڏنڌي ۾ ساٿ ڏج.

وجيه : سيٺ پريتمداس بس ڪيو هاڻي پليز، ڪونه گهرجن مون کي توهان جون موٽر ڪارون، توهان جا ڌنڌا. مان گهر جمائي ٿي رهڻ نٿو چاهيان سمجهيوَ

شيلا : ڊئڊي ! توهان وجيه جي بي عزتي ڪئي آهي. توهان هن جي سوُمان کي ڌڪو لڳايو آهي. ڊئڊي مان وڃان ٿي وجيه سان گڏ. اسين سِوِل مئريج ڪنداسين. مان هينئر ننڍي نه آهيان بالغ آهيان، پنهنجو ڀلو برو مان خود سوچي سمجهي سگهان ٿي.

پريتمداس : توهان جو اِهو آخري فيصلو آهي !؟

شيلا وجيه : ها

پريتمداس : ٻڌي ڇڏ شيلا توکي منهنجي ملڪيت مان هڪ پائي به نه ملندي هڪ پائي به نه سمجهئه ؟

شيلا : اسان کي توهان جو ڪجهه به نه گهرجي ڊئڊي.

پريتمداس : (غصي ۾) نڪري وڃو هتان، مان توهان جو منهن به ڏسڻ نٿو چاهيان. تنهنجو ڊئڊي تو لاءِ مري چڪو آهي سمجهئه. (رڙ ڪندي)
(فلئش بئڪ پورو)

شيلا : توهان اجان جاڳي رهيا آهيو، اَڌ رات ٿي ويئي آهي.

شيلا : هيڏانهن - هيڏانهن

منهنجي نيڻن ۾ ننڊ ڪونهي. ويچارن منهنجي دماغ کي گهيري ڇڏيو آهي. (ترسي) اڙي هن پٽ تي ڇا تو هلي ؟ هيءَ تہ .... هيءَ تہ ڪرڙي آهي، هيءَ هاڻي آهستي آهستي هلندي ۽ مڇر کي ڏسندي، ان طرف آهستي آهستي هلندي ۽ جهپٽ هڻي ٻرڪائي ويندي مڇر کي. اها هوءَ مڇر کي جهپٽ هڻي ٻرڪائي ويئي ۽ مڇر ويچارو ڦٿڪندي ڦٿڪندي مري ويو ۽ ان ڪرڙيءَ جي پيٽ ۾ داخل ٿي ويو. اڄ ڪالهہ جي مهانگائي بہ هن ڪرڙيءَ وانگر آهي ۽ اسين مڇر وانگر. ڪرڙيءَ وانگر هيءَ مهانگائي بہ آهستي آهستي هلندي اسان وچولي درجي وارن ۽ غريبن طرف اچي ٿي. پر ..... پر ڪٿي جهپٽ هڻي ٻرڪائي نہ وٺي هيءَ مهانگائي ! جيئن ڪرڙي جهپٽ هڻي مڇر کي ٻرڪائي ويئي. (ترسي) ٻہ ٻار ۽ ٻہ اسين چار ڄڻا. ڪمائي گهٽ ، آدمي وڌيڪ ۽ مٿان هيءَ مهانگائي اُف ! (ماچيس کولڻ جو ۽ تيلي ٻارڻ جو آواز) ڪمائي گهٽ هئڻ جي ڪري قرض بہ چڙهي ويو آهي، ڪٿان پورت ڪندس مان گهر جي ! ڪٿان لاهيندس مان قرض !! ڪوئي مِٽُ مائٽُ ساٿ نہ ڏيندو. ڇو جو مون ۽ شيلا سِوِل مئريج ڪئي آهي نہ انڪري منهنجو سهرو بہ ساٿ نہ ڏيندو. شاهوڪار آهي ضرور پر هو ساٿ نہ ڏيندو. (ياد ۾ ميوزڪ .... فلئش بئڪ)

پريتمداس : تون ..... تون منهنجي ڌيءُ سان شادي ڪندين .....!!؟ تون - تون منهنجي ڌيءُ سان شادي ڪندين !!؟ (کلي ٿو) ها - ها - ها - تون منهنجي ڌيءُ سان شادي ڪندين ؟ (ٽونڪ واري اَنداز ۾) هيشيت ڏٺي اَٿئي پنهنجي ۽ هليو آهين وڏن جي جتيءَ ۾ پير پائڻ. مسٽر وجيہ تو جهڙا تہ مون وٽ نوڪري ڪندا آهن، نوڪري سمجهيہ. ڪٿي تون هڪ مڊل ڪلاس ۽ ڪٿي اسين شاهوڪار بنگلن، موٽرن ڪارن، نوڪرن چاڪرن وارا. تنهنجي شادي شيلا سان ممڪن ڪونهي ۽ ها ڪڍي ڇڏ شيلا جو خيال دماغ مان.تو جهڙي ڪنگال کي مان پنهنجي ڌيءُ ڏيئي مان پنهنجي ڌيءُ کي دکي ڪرڻ نٿو چاهيان سمجهيہءِ.

وجيہ : پر - پر مان شيلا کي سچو پيار ڪيان ٿو، سچي دل سان چاهيان ٿو. شيلا بہ مون کي چاهيندي آهي. مان شيلا کي هر طرح خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندس.

پريتمداس : شيلا نادان آهي، ٻار آهي، هن کي ڪهڙي خبر تہ اميري غريبي ڇا ٿيندي آهي. هن محلن ۾ رهي ڏٺو آهي، موٽرن ۾ گهمي ڏٺو آهي، سو هوءَ تنهنجي جهوپڙيءَ ۾ رهندي !؟ نہ هرگز نہ ٿيندو اِئين. منهنجي ڌيءُ سکن ۾ پليل آهي ۽ مان هن کي دکہ جي تلاءَ ۾ ڏکو نہ ڏيندس سمجهئہ:

شيلا : (رڙ ڪندي غصي ۾) ڊئڊي توهان هيءُ ڇئو ڇا پيا!؟ مان وجيہ کي چاهيندي

وجيه : (عجب ۾) صبوح جو ويئي آهي، اَجا ڪونہ آئي آهي !؟

منوُ : ڊئڊي، هي تہ روز صبوح جو ويندي آهي ۽ هن مهل شام جو گهر ايندي آهي، بس اچڻ ئي گهرجي.

وجيہ : (ويچاريندي) صبوح جو ويندي آهي ! شام جو ايندي آهي !! ڪيڏانهن ويندي هوندي شيلا هر روز ! هيءُ پئسو - ڪٿان ٿو اچي هيءُ پئسو ! بجيٽ ڪيئن ٿو پورو ٿئي گهر جو ! ڪٿي شيلا نوڪري تہ ڪانہ ڪندي آهي. مون کان بنا پڇئي !؟ پر نوڪري ڪري ٿي تہ مون کي خبر نہ پيئي ! پر - پر هوءَ نوڪري نہ ڪندي هوندي، مون هن کي منع ڪئي هئي. ڇا شيلا (ترسي) نہ مان بہ ڪهڙا گندا ويچار من ۾ آڻي رهيو آهيان. شيلا لاءِ نہ .... نہ، شيلا اهڙي نہ آهي،شيلا اهڙي نہ آهي.

شيلا : توهان ! - توهان اَچي ويا ؟ اڄ سويل آيا آهيو.

وجيہ : (غصي ۾) تون - تون - ڪيڏانهن ويئي هئينءَ ؟

شيلا : (مسڪرائيندي) ساهيڙيءَ جي گهر ويئي هئس.

وجيہ : (رڙ ڪندي) ڪوڙ ٿي ڳالهائين !؟

شيلا : (آهستي) ڪوُڙ ! ڇا جو ڪوُڙ ؟ مان ڪوڙ ڪونہ ٿي ڳالهايان سمجهوَ

وجيہ : (غصي ۾) ڪوڙ ڳالهائيندي شرم نٿو اچيئي. صبوح جو ويئي هئينءَ ۽ هينئر موٽي آهين، ايتري دير ڇا ٿي ڪيئہ ساهڙيءَ وٽ ؟ ٻڌاءِ ؟

شيلا : .... (چپ ٿي رهي جواب نٿي ڏئي)

وجيہ : منهنجي سوال جو جواب نہ مليو شيلا .

شيلا : پليز هينئر مون کي ڪجهہ نہ چئو. ڪجهہ بہ نہ. مون کي مٿي ۾ سخت سور آهي.

وجيہ : مون کي منهنجي سوال جو جواب گهرجي ؟ (غصي ۾)

شيلا : پليز شانتي رکو.

وجيہ : نيڪ آ شيلا پر تون جيڪو ڪجهہ ڪري رهي آهين، اِهو نيڪ نہ آهي. پر ياد رکہ تون مون کي گهڻو وقت گمراهہ نہ رکي سگهندينءَ. (ميوزڪ چالو .... ميوزڪ بند)

وجيہ : (پاڻ مرادو) اوهہ ڏهہ ٿي ويا ! (رڙ ڪندي) شيلا - اَڙي او شيلا .

شيلا : (اندران ئي) ڇئو ڪهڙو ڪم اَٿوَ ؟

وجيہ : ڏس مون کي اڄ آفيس ۾ ضروري ڪم آهي. سو مان اڄ شايد دير سان اَچان تہ خيال نہ ڪج. سمجهيئہ نہ.

شيلا : (اندران ئي) ٿي سگهيوَ تہ جلد اَچجو.

(رستي تي وري سائيڪلن جي گهنڊين جو، موٽرن جي هارن جو ۽ ٽايرن جي

وجيهہ : هون (ڇرڪ ڀريندي) !! ؟

شيلا : توهان ڪهڙن ويچارن ۾ گم ٿي ويا آهيو، جو توهان کي ننڊ ئي نٿي اچي. توهان ٿڪجي پيا هوندا، توهان کي آرام ڪرڻ گهرجي.

وجيهہ : (غفي ڏيندي) آرام! هون !! شيلا آرام ڪٿي لکيل آهي منهنجي قسمت ۾. صبح جو ننڊ ٽڪڙ ۾ ڪم لاءِ آفيس ۾ وڃان، اُتي آفيس جي منز ماري ، گهر اچان تہ گهر جي ڪل ڪل مٿان وري مهانگائي. شيلا - شيلا جيڪڏهن هِهڙي ئي حالت رهي نہ تہ مان پاڳل ٿي ويندس. شيلا مان پاڳل ٿي ويندس. ٻہ هزار تہ قرض چڙهي ويو آهي. هر مهني گهر جي خرچ جي بجيٽ وڃي ٿي وڌندي، وڃجي تہ وڃجي ڪيڏانهن.ڪيئن گهر جي پوُرت پوندي، ڪيئن قرض لهندو؟ (ترسي) تون ڪجهہ - تون ڪجهہ اَجا خرچ گهٽائي سگهندينءَ!؟

شيلا : (غصي ۾) توهين هي ڇئي ڇا رهيا آهيو ؟ ڪهڙو خرچ گهٽائي ڪهڙو خرچ گهٽايان ؟

وجيهہ : شيلو پاڻيءَ جو گلاس تہ ڏي.
(گلاس ۾ پاڻيءَ جو آواز)

وجيهہ : ڇڏو شيلا، سمهون هاڻي رات ڪافي گهٽي وڌي ويئي آهي. (ميوزڪ)
(ميوزڪ بند)

وجيهہ : (رستي هلي رهيل سائيڪلن جي گهنڊڙين، موٽرن جي هارن ۽ ٽاير گهسجڻ جو آواز) (پاڻ مرادو) اڄ - اڄ برابر ٻہ مهنا ٿي ويا آهن هينئر گهر ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي نہ رهندي آهي، بجيٽ پوري ٿي ويندي آهي. بچت بہ ٿيندي آهي. آخر ٻن مهنن ۾ اهڙو ٿيو ڇا ؟ مهانگائي تہ هٿئون پاڻ ڏينهون پوءِ ڏينهن وڃي ٿي وڌندي. (ترسي) هونءَ مان بہ ڪهڙو نہ بيوقوف آهيان. منهنجي زال سمجهوُ آهي. ڪيئن نہ ويچاري ڪر ڪسر سان گهر ويني هلائي. شاباس اٿس. اَڄ تہ اوچتو شيلا کي ياڪر پائي هڪ چُمي ڏيندس ۽ کيس شاباسي ڏيندس.
(در تي ٺڪ ٺڪ) (در کلي ٿو)

منوُ : ڊئڊي ! توهان !! اچي ويا. اڄ سويل آيا آهيو.

وجيهہ : منو تنهنجي ممي ڪٿي آهي !؟ رنڌڻي ۾ آهي ڇا ؟

منوُ : ڊئڊي ممي تہ اڃا ڪونہ آئي آهي.

وجيهہ : (عجب ۾) ڇا چيئہ اَجا ڪونہ آئي آهي ! ڪيڏانهن ويئي آهي تنهنجي ممي !؟

منوُ : ممي ..... (ويچاريندي) ممي - تہ الائي ڪيڏانهن ويئي آهي. صبوح جو ويئي آهي اجان ڪونہ آئي آهي.

وجيہ : (غصي ۾) تون اڄ ليٽ ڪانہ آئينءَ ڇا ؟ ايترو سويل آئي آهين تون، تنهنجي ساهيڙيءَ توکي جلد موڪل ڏيئي ڇڏي ڇا؟ ڀلا ٻڌاءِ تہ سهين تنهنجي ساهيڙي مرد آهي ڪين عورت.

شيلا : (غصي ۾) بند ڪيو اِها بڪواس مان ڪجھہ بہ ٻڌڻ نٿي چاهيان. آخر توهان سمجهيو ڇا آهي. مون تي وشواس بہ ايترو رکيوَ نہ .

وجيہ : وشواس! وشواس ڪهڙو رکڻو، روز روز ديرسان گهر اچڻو، ڇا آهي اِهو سڀ؟ اڄ بہ ويئي هئينءَ نہ پنهنجي يار سان ملڻ. نالائق! مان اڄ سڀ ڏٺو آهي پنهنجين اکين سان.

شيلا : (وينتي ڪندي) پليز ڀڳوان جي نالي اِئين نہ چئو. مان - مان نردوش آهيان- مون تي ڪلنڪ نہ لڳايو- مان نردوش آهيان.

وجيہ : (چماٽ هڻندي غصي ۾) نالائق، بيوفا، مڪار، دغاباز ڪوڙي ڪوڙ ٿي ڳالهائين. مان پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي.مون کي بہ ڪوڙو ٿي ٻڻائين. صبوح جو ڪونہ ويئي هئينءَ بس ۾ پنهنجي يار سان ملڻ ٻڌاءِ (ٻي چماٽ).

شيلا : .... (شانت) (رئندي).

وجيہ : (غصي ۾ رڙ ڪندي) بس چپ ٿي وئينءَ نہ ؟ مان هڪ پل بہ نہ رهندس هاڻي هتيهڪ پل بہ نہ .

شيلا : هيڏانهن....... ٻڌو..... ٻڌو تہ سهين..... ڪيڏانهن ٿا وڃو بيهو تہ سهين. مان - مان سڀ توهان کي ٻڌايان ٿي. (روئڻهارڪي آواز ۾) (در زورسان بند ٿيڻ جو آواز...... شيلا سڏڪا ڀري روئي ٿي).

(در تي نڪ نڪ...... در کلڻ جو آواز).

شيلا : ڊئڊي توهان! (عجب ۾).

پريتمداس : ها پٽ، مان آهيان. ڇو توکي منهنجو اچڻ سٺو نہ لڳو ڇا؟

شيلا : نہ ڊئڊي نہ ، اهڙي ڪائي ڳالهہ نہ آهي. توهان آيا، اِهو تہ پاڻ تمام سٺو ٿيو.

پريتمداس : شيلو پٽ، ڇو تنهنجي اکين ۾ آنسون؟ تون روئين ٿي ڇا؟ ڇوٿي روئين تون؟

شيلا : (گهبرائجي) نہ نہ - مان ڪٿي ٿي روئان- مان ڪانہ ٿي روئان، ڊئڊي مان ڪانہ ٿي روئان.

پريتمداس : مون سان ڪوڙ ٿي ڳالهائين، پٽ ٻڌاءِ ڪهڙو ڏکہ اٿئي.

شيلا : ...... روئي ٿي.

پريتمداس : ڇا وجيہ سان جهڳڙو ٿيو اٿئي ڇا؟

شيلا : ...... ڊئڊي..... روئڻ جو آواز.

(در تي نڪ نڪ..... در کلي ٿو).

وجيہ : (غصي مان) ڊئڊي توهان! ڪنهن مهل آيا؟

گھسڻ جو آواز)

وجيہ : (پاڻ مرادو) هون ! ڇوڪري تي تہ جلدي اچڻو، من ۾ تہ خوش هوندي تہ پلي دير سان اچي. هوءَ پلي پاڻ کي سير ڇوائي پر مان بہ سوا سير آهيان، اڄ مان هن جو پول کولي ئي رهندس. هوءَ مون کي بيوقوف بڻائي رهي آهي، آخر سمجھي ڇاتي هوءَ پاڻ کي. اڄ پلي آفيس ۾ دير ٿئي، مان اهڙي هنڌ هلي وهان، جيئن هن کي خبر نہ پوي. ها هوءَ سامھون هوٽل آهي، اندر وڃي وهان ٿو.

(هوٽل ۾ ريڊيو چالو آهي، ڪوپ پليٽن جي ٽڪرجڻ جو آواز)

ويٽر : ڇئو سيٽ ڇا آڻيان، بادشاهي اميري ڪين چالو؟

وجيہ : هڪ بادشاهي ۽ بہ ڪارا بسڪيٽ (ترسي)

ويٽر : هان وٺو سيٽ هي بادشاهي چانھہ ۽ هي بہ ڪارا بسڪيٽ.

(وجيہ چانھہ پيئي ٿو هلڪو ريڊيو جو آواز بہ چالو آهي. چانھہ پيئڻ جو آواز)

وجيہ : (پاڻ مرادو) اَڃا هوءَ ڪونہ آئي آهي. بہ ڪوپ چانھہ جا پيتا اٿم، پندرهان منٽ گذري ڇڪا آهن. ها، هوءَ نڪتي تہ سهين ها، هوءَ شيلا ئي آهي. هوُن، اڄ برابر موقعو مليو آهي. (بس بيهڻ جو آواز)

وجيہ : (پاڻ مرادو) اڙي هوءَ تہ بس ۾ چڙهي ويئي ۽ بس هلي ويئي. بي بس الائي ڪنهن مهل اچي. (رڙ ڪندي) رڪشا (رڪشا جي بيهڻ جو آواز) جلدي هن بس جو پيڇو ڪر (رڪشا جي هلڻ جو آواز) بس بس هتي بيهار. (رڪشا جي بيهڻ جو آواز)

وجيہ : (پاڻ مرادو) شيلا لٿي آهي. هاڻي مان بہ جهٽ هن جي نظر ۾ ڪونہ ايندس. (موٽرن، رڪشائن، سائيڪلن هلڻ جو آواز، ٽايرن گسڻ جو آواز) هوءَ هڪ گ هٽيءَ ۾ داخل ٿي آهي. ها مان هتي بيهي ڏسان تہ ڪٿي ٿي وڃي هوءَ. هوءَ هڪ جڳهہ وٽ بيني آهي. در کڙڪائي رهي آهي، هاڻي (ٽڪڙو هلڻ جو آواز) در تہ بند آهي ها دري ڪليل آهي پر دريءَ کي پڙدو لڳل آهي. هوا جي زور تي پڙدو اُڏيو، مان ڏسان ٿو تہ .... ڏسان ٿو تہ .... ڏسان ٿو تہ شيلا هڪ پرائي پرش طرف جُهڪيل آهي، پرائو مرد پلنگ تي ليٽيو پيو آهي - هيءُ - هيءُ مان ڇا ڏسي رهيو آهيان. هي پڳوان هيءُ هيءُ سڀ ڇا ٿي رهيو آهي. شيلا .... شيلا هھڙي نڪرندي، بيوفا، مڪار، دغاباز، نالائق .... مان هتان هليو وڃان .... ڪٿي هوءَ ڏسي نہ وٺي مون کي. (ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ جو آواز)

(ميوزڪ چالو ..... ميوزڪ بند) (در تي نڪ نڪ ..... در کولڻ جو آواز)

شيلا : توهان اچي ويا؟ سنو ٿيو، جو توهان هينئر آيا.

وجيہ : توهان بہ مون کي بيوقوف بڻائي رهيا آهيو، پر مان بيوقوف ڪونہ بڻجندس.

شيلا : (روئندي) اهو سچ آهي سوامي ! اهو سچ آهي. منهنجو پيءُ جيڪو چئي رهيو آهي اُهو بلڪل سچ آهي.

وجيہ : بڪواس ٿي ڪرين تون ! جيڪڏهن تنهنجو پيءُ هجي ها تہ هُو مسواڙ جي جڳهہ ۾ ڇو رهي ها. تنهنجو پيءُ تہ لکاپتي آهي. موٽر ڪارن وارو نوڪرن چاڪرن وارو بنگلن وارو.

پريتمداس : وجيہ تون پورو ٻڌ ....

وجيہ : (ڪتيندي) هل جي تنهنجو پيءُ هجي بہ تہ تو مون سان ڳالھہ ڇو نہ ڪئي.

پريتمداس : هن کي مون ئي جهليو هو پٽ - مون ئي جهليو هو تہ وجيہ سان ڳالھہ نہ ڪجانءِ.

وجيہ : (عجب ۾) توهان ئي هن کي جهليو هو ! پر آخر ڇو ؟

پريتمداس : ڇو جو مان تنهنجي سامهون اَچڻ نہ پيو چاهيان.

وجيہ : مون توهان جي چوڻ جو مطلب نہ سمجھيو؟

پريتمداس : مون کي ڌنڌي ۾ تمام گهڻو نقصان پهتو هو، منهنجا پٽ مون کان حصو وٺي مون کان ڌار رهڻ لڳا. اَڪيلو هئڻ سبب نوڪرن بہ دوکو ڪيو سڀ ڪجھہ ختم ٿي ويو. مان برباد ٿي ويس. مان توهان کي گهر مان ڪڍيو هو توکي بي عزتو ڪيو هوم اِن ڪري شرم جي ڪري مان تنهنجي سامهون اچڻ نہ پيو چاهيان. مان شيلا کي چٺيون لکيون هيم اِن ۾ لکيو هئو مانس تہ توسان ڳالھہ نہ ڪري. منهنجي طبيعت نيڪ نہ رهڻ لڳي. شيلا کي هن جي ساهيڙيءَ جي گهوٽ جي آفيس ۾ پارٽ ٽائيم نوڪري ملي ويئي. هن مون کي هتي گهرايو ۽ مسواڙ تي روم وٺي ڏنو. هوءَ منهنجي شيوا ڪندي هئي. هوءَ مون سان ئي ملڻ هِتي ايندي هئي، هن کي پگهار سٺي ملندي هئي، جنهن سان هوءَ منهنجي دوا بہ ڪندي هئي مون کي پاليندي هئي ۽ پنهنجي گهر ۾ بہ مددگار ٿيندي هئي.

شيلا : (روئي رهي هئي)

وجيہ : شيلا ..... آءِ ايم سوري .... مون کي معاف ڪر شيلا.

شيلا : معافي تہ مون کي وٺڻ گهرجي سوامي، جو مان توهان سان ڳالھہ نہ ڪئي.

پريتمداس : هڪ ريت مان ئي توهان ٻنهي جو گُنهگار آهيان. مان ئي شيلا کي توسان ڳالھہ ڪرڻ لاءِ منع ڪئي هئي، جنهن ڪري تنهنجي دل ۾ شڪ جي ديوار پيدا ٿي هئي. پر ڀڳوان جا لک شڪرانا جو تنهنجي من مان شڪ جي ديوار هٽي ويئي.

پريتمداس : بس اڌ ڪلاڪ ڪن ٿيو آهي تہ مان آيو آهيان.

وجيہ : سنو ٿيو جو توهان اچي ويا. توهان ..... توهان .....

پريتمداس : (ڪتيندي) ڇئہ وجيہ ڇئہ ڇاٿو چوڻ چاهين- ڇا توکي منهنجو هتي اچڻ
پسند نہ آهي ڇا؟

وجيہ : نہ ڊئڊي نہ اهڙي ڳالهہ تہ نہ آهي..... پر ......

پريتمداس : آخر تون چوڻ ڇاٿو چاهين؟

وجيہ : توهان وڃڻ وقت شيلا کي بہ پاڻ سان گڏ وٺندا وڃجو.

پريتمداس : هي تون.... هي تون ڇا چئي رهيو آهين وجيہ، آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ ڪهڙو
ڏوهہ ڪيو آهي منهنجيءَ ڌيءُ.

وجيہ : پڇيوس ڪونہ ڇا تہ ڪهڙا ڪرتوت ڪيا آهن هن.

پريتمداس : وجيہ، هي سڀ ڇا آهي؟ مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. هينئن گول
گول ڇا پيو ڳالهائين. صاف ٻڌاءِ نہ، تہ آخر ڳالهہ ڇا آهي.

وجيہ : (غصي ۾) ٻڌڻ ئي چاهيو ٿا نہ ، تہ ٻڌو، توهان جي ڌيءَ..... توهان جي ڌيءَ
بيوفا، مڪار، نيچ، نالائق آهي.

پريتمداس : بيوفا، مڪار، نيچ نالائق آهي. مون تنهنجي چوڻ جو مطلب نہ سمجهيو.
(شيلا جو آهستي روئڻ چالو آهي)

وجيہ : (غصي ۾) هيءَ ٻئي پرائي مرد سان نهيل آهي. منهنجي اکين ۾ ڌوڙ وجهي
رهي هئي، آخر هن جي ڇهري تان پڙدو لهي ويو آهي. هيءَ هڪ مرد سان
ملڻ روز ويندي آهي.

پريتمداس : نہ نہ ، اِئين نٿو ٿي سگهي. منهنجي ڌيءُ اهڙي نہ آهي وجيہ.

وجيہ : مان پنهنجي اکين سان هن کي اُتي ويندو ڏٺو آهي.

پريتمداس : اکيون دوکو بہ کائي سگهن ٿيون وجيہ. ٿي سگهي ٿو تہ اُهو هن جو يار نہ، پر
ڀيو ڪو هجي، عزيز هجي جنهن سان هيءَ ملڻ ويندي هجي.

وجيہ : امپوسيبل ! (غصي ۾) هتي اسان جو ڪوبہ مٽ مائٽ ڪونہ رهندو آهي.

پريتمداس : ها - ها - ها - وجيہ مان داوي سان چئي سگهان ٿو تہ شيلا نردوش آهي. هوءَ
نالائق، بيوفا، مڪار، دوکيباز ڪونهي.وجيہ تون مون تي وشواس ڪر هوءَ
پنهنجي يار سان ملڻ نہ وِيندي آهي.

وجيہ : پر ڊئڊي، مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، ڇا اُهو بہ غلط آهي.

پريتمداس : پٽ، تو جنهن پرش کي ڏٺو، اُهو ڀيو ڪونہ پر مان ئي هوس مان، ڀيو ڪير نہ
هوءَ مون وٽ ئي ايندي هئي.

اءُ : ٻڙي، ڪجهه ڇانور ڪٽا ڪپنم گهر ۾ نِن نِن گوپال آهي.

يتنل : ته هتي وري اَنبار آهن ڇا؟ آٽيون ۽ ڇاڙهيون ڏُت ڏِهاڙي.

اءُ : ڇو بصر پيءُ ڪمائيندو ڪونهي ڇا؟

يتنل : ڪمائي ڇونه؟ پر ڪنجوس جو آهي. جڏهن ڪجهه ڪٿي ته وني اڇي. سو به جڏهن ڇئه ڇئه ڪريس.

اءُ : اِئين ڀلا ڇو؟

يتنل : شايد سمجهندو هوندو ته مان سندس پرپٽِ مالپُڙا ناهي ڪائيندي آهيان ۽ اُن طرح سندس انُ ڪپي ويندو آهي.

اءُ : ٻڙي - توبهه - مڙس ٿيو ڪين مڇر. ڀلا ڪو رپيو اڌُ اُڌارو ڏيندين ءِ؟

يتنل : توکي ڇا ٻڌايان مني، هو گهر ۾ آڏيلو به نه ڇڏيندو آهي جو ڪٿي ڪڏهن ڀڳڙا وني ڪان.

اءُ : ٻڙي، اوڏر جي ماءُ مئي ڪانهي. رپيو واپس ڏينديسان ءِ.

يتنل : مني، اهو سوال ئي ڪونهي. هجي ته ڏيانءِ نه.

اءُ : منهنجو ته نصيب ئي ڪوٺو آهي. وتايو الائي ڪٿي پيو وسي! گهر گهاٽ جو خيال ئي ڪونهيس. مان ڪريان ته ڪريان ڇا؟

يتنل : ادي! ڇيو ڪونه اٿن ته جيڪي هوندو ڀاڳه ۾، سو پوندو پاڳه ۾.

اءُ : هائو، لکيو منجهه للاٽ، قلم ڪياڙيءِ نا وهي. اسان جي نصيب ۾ آهن ڀتر ۽ نکر، سو ڪٽان ملندا ڪٽڪه ۽ ڇانور! خئر وڃان ٿي پنڻ مل ڪرياٽي واري وٽ. مُئو آهي ته مرڇوٽ، پر شل ڪا ٻاجهه پويس.

يتنل : تون به اڪن ڪان ٿي آما گهرين. پنڻ ۽ ٻاجهه! توبهه، توبهه، دمڙي وات ۾ وجهي مُڪَ هٽيس، مجال آهي جو دمڙي ٻاهر ڪڍي.

اءُ : سچ ٿي چوين ٻڙي، مُئي جي چمڙي ويندي پر دمڙي ٻاهر نه ڪڍندو. وري به آجمايانس ته وڃي.

يتنل : آجمائي ڪي آجمائي، ڌوڙ منهن ۾ پائي.

اءُ : ڌوڙ نصيب ۾ هوندي ته ڌوڙ ئي پائي ايندس.

يتنل : پر ٻڙي تون ته نيڪه به نٿي لڳين، سو بجار ۾ ڪٿي ڪريِ نه پئين.

اءُ : ڇا ڪريان، رات ڪان وني بخار اٿم، سچ پڇين ته بٺ پيا ٿا ٻرن پر لاچار لاءِ ڪهڙو آچار؟

يتنل : تنهنجي مرجي، پر جي پيٺ منهنجو وس پڄي ته توکي هن حال ۾ جيڪر وڃڻ ئي نه ڏيان.

اءُ : ٻڙي جو خُدا ڪي منجور هوندو، سوئي ٿيندو. بندي جي وس ۾ ڇا آهي؟

هڪ رپئي جو سوال .....

جڳديش شهدادپوري

ناٽڪ جا پاتر:-

(۱)	پنڊ مل	:	ڪرياڻي وارو
(۲)	ڪيمن	:	پنڊ مل جو نوڪر
(۳)	وتايو فقير	:	وتايو
(۴)	وتائي فقير جي ماءُ	:	ماءُ
(۵)	هيتل ٻائي	:	وتائي فقير جي پاڙيسرڻ
(۶)	گلڻ خان	:	زميندار جو ڪمدار

ماءُ : (هيتل جي در وٽ) ائي هيتل، او هيتل- ٻڙي ٻُڌين تي ڪين نه ؟ (ڪو ب
جواب نه، تورو ترسي) ٻڙي جِنديِ آهين ڪين مريِ وئيئن؟

هيتل : مرن منهنجا دشمن، مان ڇو مران؟

ماءُ : نه تون ڇو مرين؟ ڪانوَ جي هڏي جو ڪاڏي اتئي.

هيتل : يلا وتائي ماءُ، هن وقت ڪيئن آئي آهين؟

ماءُ : ٻڙي ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ ۾ ڪم هوندو ته ايندو نه؟منهنجو به تو ۾ آهي ڪم
قاتو.

هيتل : ڇئه، مني اهڙو ڪهڙو ڪم اَتئيِ؟



نالو	:	جڳديش شهدادپوري.
جنم	:	احمداباد ۱۲-۱-۱۹۶۱.
ڇپايل ڪتاب	:	سنڌيءَ ۾ پنج.
انعام	:	گجرات ساهت اڪادمي طرفان ”محڪنڊڙ مڪڙين تي“.
پيشو	:	نوڪري.
پتو	:	ڪلاڪار يون، بلاڪ نمبر-۲/۷۰۰، امباواڙي، سردار نگر، احمداباد-۳۸۲۴۷۵.

پنڻ : پوءِ هن پنهنجي الله جي پٽ وتائي کي موڪلي ڏين ها نہ؟

ماءُ : ادا، توکي تہ خبر آهي تہ وتايو پنهنجي پاڻيءَ ۾ ئي نہ هوندو آهي. صبوح ٿيندو آهي تہ جهنگ منهن ڏيئي الائي ڪيڏانهن هلي ويندو آهي.

پنڻ : چڱو، ٿورو ترس، اتي ئي ڪٿي ويهي رهہ.

ماءُ : ادا پنڻ وهڻ لاءِ ڪا ڪرسي ٻرسي بہ تہ ڏي نہ؟

پنڻ : واه ادي واه! منهنجو دڪان اوطاق تہ ڪانهي جو ڪرسيون ٻرسيون رکان يا تڏا وڇائي ڇڏيان. پوءِ تہ حقو بہ رکڻو پويم جيئن آيو ويو ڦوڪ ڏيئي وڃي.

ماءُ : چڱو ادا، جيئن تنهنجي مرضي، پر جلدي ڪج. ڪٿي تنهنجي دڪان اڳيان نہ سڏي الله وٽ پهچي وڃان.

پنڻ : ادي، اِئين نہ ڪج. پوءِ تہ پوليس جا ڏاند اچي ڳنڍڙ ڪان وٺندا ۽ پنڻ کي پينهي ڇڏيندا. (ڪيمن کي) اي ڪيمن گهيرٽ پيو ڪائين ڇا، جلد ڪر.

ڪيمن : سائين نجومي تا ڏسجو. برابر گهيرٽ پيا اچن.

پنڻ : ڇورا ، ڪم تي آيو آهين يا ننڊون ڪرڻ آيو آهين؟

ڪيمن : سائين ڇا ٻڌايانو رات هئي ڀڳت ڪنور جي ڀڳت. شروع ۾ ئي ڇيائين:

”نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو
نڌر آهيان مان نماڻي، آڌار تنهنجو.“

سچ پچ منهنجو ٻيڙو ئي تري ويو. اکين مان ننڊ ئي رام رام ڪري هلي وئي. سڄي رات وينو رهيس. هوش تڏهن آيم جڏهن ڪنور سائين چيو:

”ڪيئن ريجهايان، توکي ڪيئن ريجهايان؟
سرڙو نمايان يا ڦيرڙيون پايان.“

تڏهن اوهان جي ياد پيم ائون گهر ۾ هٽ منهن ڌوئي سڌو هيڏي هليو آيس.

پنڻ : پوءِ تہ منهنجو ٻيڙو تار ٿي ويو. پاءُ بدران ڏيڍ پاءُ توري ڏيندين.

ڪيمن : سائين جي ائين بہ ٿي ويو تہ ڀڳوان اوهان کي سرڳ ۾ مُجرا ڏيندو.

پنڻ : مُجرا ڏيندو يا مُجرو ڪرائيندو؟ تون ڀڳوان کي سڃاڻين سهين؟

ڪيمن : سڃاڻانس تہ ڪونہ . پر هُن لاءِ ٻڌو گهڻو اٿم.

پنڻ : ڇا ٻڌو اٿئي؟

ڪيمن : تہ ڀڳوان ماڻهن جو حساب ڪتاب برابر رکندو آهي.

ٻگهلو ريس ڪري هنس سان حساب ري،
هو موتي ڪائي مانس، هو مڇيءَ ڪاڻ مري.

پنڻ : ڇورا، الائي ڇا پيو بڪين؟

ڪيمن : (پنهنجي ئي مستيءَ ۾)

سڃا جهان ۾ بکہ ڪان پيا ڪڙيون گهرڙين

(ڏيکه ڇهون)

(پنڻ مل جو دڪان - پنڻ مل کيمن کي چئي ٿو)

پنڻ : اڙي کيمن، ايڏي دير؟ مال ٿو تورين يا مکيون ٿو مارين؟

کيمن : ٻئي ڪم پيو ڪريان.

پنڻ : اهو وري ڪيئن، ڇورا؟

کيمن : ڳڙ واري ڳوڻ وٽ مکين جا ڍير اچي ڪٺا ٿيا آهن. سو في الحال ته ڏاڪو ڪن مکين کي نرڪ موڪلي ڇڏيو اٿم.

پنڻ : ۽ اُهي مئل مکيون؟

کيمن : اُهي ڳڙ جي ڳوٿري ۾ ئي دفن ٿي ويون.

پنڻ : ڇورا، آهستي ڳالهاءِ، پتين کي به ڪن آهن.

کيمن : پر سائين، هتي پتيون ڪٿي آهن؟ هتي ته سڀ ماڻهو آهن.

پنڻ : پوءِ به تون ڏاڍيان وينو بڪين. ڇڱو جلدي ڪر. پائي باشومل بيهي بيهي بند ٻٽجي ويو آهي ۽ اجا سندس تيل توريو ئي ڪونهي.

کيمن : سائين تيل ۾ به ڪجهه مکيون پيون ترن.

پنڻ : (آهستي) پيون ترن، تيل جو وجن گهٽ ٿيندو.

کيمن : سائين ڏاڍا سياڻا آهيو. وسُ پڇيوَ ته سڀ مکيون ماري، اُنهنجو به تيل ڪڍي وڪڻو.

پنڻ : هاڻي ڇڏ اجائي بڪ بڪ، گراهڪ ٿي ويا آهن سُڪ

ماءُ : ادا پنڻ، آهين ته ٺيڪ نه؟

پنڻ : ڇو وتائي ماءُ، توکي مان بيمار ٿو نظر اچن چا؟

ماءُ : نه ادا، بيمار پون تنهنجا ويري، شل ٿي وڃن ڍيري، تون بيمار پوين ته ڳوٺ ئي بڪ مري وڃي.

پنڻ : ڇڱو ڇڏ اِنهيءَ ڳالهه کي، ٻڌاءِ اڄ ڪيئن رستو ڀلجي آئي آهين؟

ماءُ : واه ادا، واه. ڀلا ڪو رستو به ڀلجي پوندو آهي، جڏهن ڪم ڦاسندو آهي تڏهن ماڻهو ماڻهوءَ وٽ ويندو آهي. ڇيو ڪونه اٿن ته :-

يار سڏائي سيکو جاني زباني.

ناهي آساني، ڪم پوي ٿي ڪل پوي.

پنڻ : اهو ته برابر ٿي چوين. ماڻهو آهي مطلبي، نه ليکي ياءُ نه پاپي. سو تنهنجو هن پنڻ ۾ ڪهڙو مطلب ڦاٿو آهي؟

ماءُ : ادا ڪجهه چانور کپن.

پنڻ : نه پوءِ ٿورو ترس، توکان اڳ به چار گراهڪ آهن. اهي پتائي وٺان.

ماءُ : ادا، مون ۾ ترسڻ جي ڪاٽ ڪانهي. بيمار آهيان، الائي ڪيئن آئي آهيان.

اوهان جي ڪهڙي ٻلي ماري؟

پنڻ : ٻلي تہ نہ ماريندي پر ڪوئو جرور ماريندي، ڀلا ٻڌاءِ تہ هن جو پٽ ڪمائي ڪٿي ٿو؟ سو هوءَ رپيو ڪٿان آڻيندي؟ رپيا ڇا ٻنيءَ ۾ ٿا پوکجن جو هوءَ کنهن ٻنيءَ مان ڪٽي ايندي ؟

ڪيمن : سائين وري بہ چوان ٿو هڪ رپئي جو سوال آهي. ڀلو ڪندو تہ اوهان جو ڀلو ٿيندو.

پنڻ : نہ تہ برو ٿيندو. ائين نہ ؟ ٽنگ ڀڄندي يا ٻانهن ڀڄندي؟

ڪيمن : سائين ڪٺر گهرو. ٻانهن ڀڄي اوهان جي دشمن جي. اڃا هڪ بہ ٻار نہ ڄڻيو اٿو، سو ٻانهن کي ٿا هاڻي ئي ڀڃايو.

پنڻ : اڙي مردود! مان اها ٻانهن نٿو چوان. ٻي ڪا ٻانهن ئي نہ ٿيندي آهي ڇا؟(ٿورو ترسي) ڇڱو وتائي ماءُ، پوءِ رپيو ڪڏهن واپس ڪندينءَ؟

ماءُ : ادا، مان ويندي ئي وتائي کي چوندس تہ رپئي جو قرج ڪنيو اٿم. ائون قرج آهي مرج ڪال ڇڏي پر قرجي پڇر ئي نہ ڇڏي.

ڪيمن : سچ ٿي چوين، وتائي ماءُ. ڪال ڇڏي پر قرجي نہ ڇڏي. ائون ٻڌ وتائي ماءُ.
پوءِ ڏائي کان قرج نہ ڪڄجي، توڙي لڪ لٽائي،
ماڻس سندس پينهون ڪٽي، پٽس دمبورو وڄائي.

پنڻ : ڇورا مونکي تو پوءِ ڏائو چئين ڇا؟

ڪيمن : سائين اوهان ائون پوءِ ڏاوا؟ کانداني سيٺ آهيو، سيٺ.

پنڻ : پوءِ اهو ٻاڪرو سُر ڇو آلاپيئہ؟

ڪيمن : سائين ائين ئي نڪري ويو. سيٺ جي موڪل ڏيو تہ هڪ ڳالهہ وتائي ماءُ کي ٻڌائي ڇڏيان هن جي فائدي جي آهي؟

ماءُ : ڪهڙي ڳالهہ؟

ڪيمن : هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي ڪجهہ پئسا لهڻندو هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ اهو ماڻهو مري ويو. قرجي وڃي مساڻ جي در تي وينو. ماڻهن پڇيس تہ ”ادا، ڪبر ڏي، هتي ڇو وينو آهين؟“ جباب ڏنائين تہ ڦلاڻي کي ڪجهہ پئسا لهڻان ۽ اهو گجر ڪري ويو آهي ۽ هاڻي جڏهن هن جي ارٿي هتي ايندي تہ هن کان پئسا وصول ڪندس؟

پنڻ : تنهنجي مرجي ڇا آهي ڇورا؟ مان بہ وڃي قبرستان جي در وٽ ڪٽ وجهي ويهي رهان تہ جڏهن وتائي ماءُ کي ڪفن ۾ ويڙهي اچن تہ اُن کان رپيو وصول ڪريان؟

ڪيمن : سيٺ ڳالهہ نهندي تہ ائين.

پنڻ : لڪ جي لانت هجني ڇورا. جمڻ وقت ماڻهين نڙيءَ تي ننهن نٿي ڏنئہ ؟

ڪيمن : سيٺ، اُن وقت هوءَ کود سورن ۾ هئي، مونکي ڪيئن ننهن ڏئي، سو بہ نڙيءَ

بخيل، هيرا ۽ موتي، ڇڇن ۾ پيا ڇڙين.

پنڻ : ڇورا مونکي تو ٽوڪين ڇا؟

ڪيمن : نه سائين. اوهان کي ڪيئن ٽوڪيندس. نوڪري توروئي وڃائڻي اٿم.

پنڻ : پوءِ هي ڪهڙا ريڊا سُر پيو آلاپين؟

ڪيمن : سائين ڇا ڪريان؟ هٿُ هاج ۾، دل يار ڏانهن.

پنڻ : پوءِ وڃ نه يار وٽ. (وتائي ماءُ کي) وتائي ماءُ، اُتي هيڏانهن اچ.

ماءُ : چئه پٽ پنڻ.

پنڻ : ادي، هڪ ڳالهه ڇواءِ، تنهنجي وتائي هن ڪيمن کي به ته گڏه نه ٻڌائي ڇڏيو آهي؟

ماءُ : هن کي پنهنجو گڏه اڳ ۾ ئي آهي، جنهن تي وتي پيو سواري ڪندو. سو هن ڪيمن کي ڇا ڪندو؟

پنڻ : ڏسين ويٺي نه، نه هيءُ ڪيمن اڄ ڳالهيون ڪهڙيون پيو ڪري؟

ماءُ : مونکي ڪهڙي خبر..... مونکي نه ڪپن چانور.

پنڻ : گهٽن جا؟

ماءُ : رُڳو هڪ رپئي جا.

پنڻ : ائون رپيو آندو اٿئي؟

ماءُ : ادا الله جو وينو آهي.

پنڻ : اُهو نه ستين آسمان تي وينو آهي، اُتان اچي مونکي رپيو ڏيئي ويندو ڇا؟

ماءُ : ادا الله مان تو آسرو لاهين. ڪبر(خبر) ڪانه اٿئي نه پاونا ڏئي پاڙو ، سپ ڪنهن کي پنهنجو. پاونا سني رکه، الله تنهنجو ڪئر ڪندو.

پنڻ : مائي،اِهي آهن آسرپوٽاٽيون ڳالهيون. هن هٿ ۾ ڏي هُن هٿ ۾ وٺ.

ڪيمن : (سُر مان) الا هڪ چانديءَ جو رپيو
رپيو رپيو نا گهري تو، هيءَ گهري تو ناٽو
ائون جي هجئي ناٽو نه گهم لاڙڪاٽو
مانتو ناٽي بنا نر ويڳاٽو، ويڳاٽو، ويڳاٽو.

پنڻ : ڪيمن پٽ پيمن جا! وات کي ڏي تالو. وڃ ۾ تون ڇو تو ڊيڪُ ڏين- سيٺ مان آهيان يا تون؟

ڪيمن : سائين- ٻئي. مانتو مان توريان تو ۽ اوهين ڏوڪڙ تا وٺو. جي مان توريان نه نه اوهان جو گڏهه نه گپ ۾ گپي پوي نه؟

پنڻ : هاٽي چپ به ڪندين، ڪين رينگٽ چالو رکندين؟

ڪيمن : سائين هڪ رپئي جو نه سوال آهي. رڳو هڪ رپيو. الله جي بندي جي ماءُ تي به اوهان جو ڀروسو ڪونهي. اوڌر تي ٻين کي به نه مال ڏيندا آهيو. پوءِ هن اديءَ

او جنهنجا ڏُنڌڙ پريا پير تئي، هوجمالو.

پنڻ : بس بس وڌيڪ هوجمالو نه چئه ڪتي ڪيمن ائون ٻيا ماڻهو منهنجي دڪان وٽ نه ڇيچ هٽڻ ائون منهنجو دڪان ٿي رام رام ست هئه نه تي وڃي.

ماءُ : مئا، ٻولي ته سئي ٻول. تنهنجا وسن ويڙها.

ڪيمن : ائون ڪن جهڳڙا جهيڙا.

پنڻ : وري تو وڇير ڳالهايو.

ڪيمن : سائين مون ڪنن ڪي هٿ ڏنا.

پنڻ : ڇورا ڪنن ڪي نه پر وات ڪي هٿ ڏي.

(ڏيکه ٽيون)

(وتائي فقير جو گهر. وتايو ۽ ماڻس وينا آهن. وتايو وڃڻ لاءِ تيارتي رهيو آهي)

ماءُ : پٽ وتايا، اڄ پنڻ مل ايندو.

وتايو : ڇا پنڻو اٿس؟

ماءُ : ڪيس پنڻو ڪونهي. پر اسانکي هن ڪي رپيو ڏيڻو آهي. ائون مون توسان ڳالهه ته ڪئي آهي ته هن ڪان رپئي جا ڇانور اوڌر تي ونئي آئي آهيان. اوڌر ته ڏيڻي آهي نه؟

وتايو : ضرور ڏيڻي آهي.

ماءُ : ته ڪڍ رپيو.

وتايو : مان رپيو ڪٿان آڻيان؟ امان، توکي ته خبر آهي ته مان ڪوبه ڪم ڪونه ڪيان.

ماءُ : ڇو نه تو ڪم ڪرين؟ گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو؟

وتايو : الله هيلنائين ته گاڏو هلايو پئي آهي. هاڻي به هو ئي هلائيندو. جنهن ساه ڏنو آهي، سو گاه به ڏيندو.

ماءُ : الله ڪيئن گاڏو ڏنو آهي پٽ؟ اِها مان آهيان جو جڏي سڏي هوندي محنت مجوري ڪري ڪجهه نه ڪجهه گهر آڻيان پيئي؟ پر پٽ، هاڻي مان به ڏيئي وني بيني آهيان. هڏ ئي پورا ٿي ويا آهن. بيمار به گجاريان پيئي. سو پئسا ڪٿان ايندا؟

وتايو : ننگ آهي ننگيءَ تي.

ماءُ : تنهنجو ننگي به آهي ڪٿي؟

وتايو : شهه رگ ڪان نيڙو، سمجهه ڪو صحيح ڪري.

ماءُ : رڳو پيو گيان جا گفتا چوين؟ يلا اِنهن گفتن سان به ڪڏهن ڪنهن جو پيٽ پريو آهي.

تي؟

پنڻ : هاڻي ڇڏ بڪ بڪ. تور مائيءَ جا چانور (وتائي ماڻ ڪي) ٻڌ وتائي ماڻ، هفتي ڪان پوءِ مان تو وٽ رپئي لاءِ ايندس. وتائي ڪان رپيو وٺي رکج.

ماڻ : الله تنهنجو ڀلو ڪندو. تون ڀلو ڪج. باقي تنهنجو الله الائي ڪٿي؟ ادا الله مان اُميد ڪڏهن بہ نہ لاهجي. تون هندو آهين تنهنجو ڪرشن ۾ تہ ڀروسو آهي نہ؟

پنڻ : ڪرشن هن ڪلجڳ ۾ ڪٿان آيو وتائي ماڻ.

ماڻ : ڇئي تہ ويو آهي نہ تہ جڏهن ڌرتيءَ تي جلم ٿيندو تڏهن جنم وٺندس.

پنڻ : ائون مون کهڙو جلم ڪيو آهي جو مون لاءِ جنم وٺندو؟

ماڻ : تنهنجو اُڌارو رپيو ڏيڻ ايندو جرور ايندو سڏامي جي ڳالهہ وسري ويئي اٿئي ڇا؟

پنڻ : اهو وري ڪهڙو سڏامو هو وتائي ماڻ؟

ماڻ : مُئا تون بہ مورکہ ٿو ڏسجين سڏامو جو ڪشن جو دوست هو.

ڪيمن : واه واه، وتائي ماڻ. ادي سڏامي ڇا ڪيو هو؟

پنڻ : وري وچ ۾ ٿو پوين؟

ڪيمن : سائين مان وچ ۾ ڪٿي آهيان؟ اوهان جي ڀرسان ئي تہ آهيان. هاڻي ڪشن جي ڳالهہ ٻڌڻ ڏيو.

پنڻ : وتائي ماڻ، هاڻي جلدي ڪشن جي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏينس نہ تہ ڇورو مونکي ڀورو ڪري ڇڏيندو.

ماڻ : ادا، سڏامي ٻڌو هو تہ ڪشن راجا ٻڻيو آهي، سو هو هن ڪان مدد وٺڻ لاءِ دوارڪا ڏانهن ويو ۽ ڳائيندو پئي ويو:

ڪانگا ڏجانءِ ڪشن ڪي پئگام ويندي ويندي
بکہ ۾ مرن ٿيون گايون گهنشام ويندي ويندي

ائون جڏهن ڪشن سڏامي جي حالت ڪراب ڏٺي تڏهن ڍئي ڇڏيائينس.

ڪيمن : مانتو اِهو وري ڪيئن؟

ماڻ : ڇڏهن سڏامو واپس پنهنجي ڳوٺ آيو تہ جال ڪي ئي نہ ڀيو سڃاڻي.

ڪيمن : ڇو جال ٻڍيءَ مان جوان ٿي ويئي هئس ڇا؟

ماڻ : نہ مئا هوءَ جوان تہ اڳ ۾ ئي هئي پر جهوپڙيءَ بدران هڪ محل ۾ پينگهي پئي لڏي ائون ڳائي.

منهنجو ڪٿي آيو خئر سان، هوجمالو
او جنهن ڪي لڪڙي هئي هٿ ۾، هوجمالو،
او جنهنجو يار آهي دوارڪا وارو، هوجمالو

ڀريان ٻار اُنن جا، ڦريان نماڻا،
تنهن کون پڇاڻان، ڪريان ڳالهيون حق هلال جون.

پنڻ : اڙي وتايا، جي اهڙو حق هلالي تون آهين ته رپيو ڪڍ نه؟

وتايو : ادل، جڏهن الله ڏيندو ته توکي اهو رپيو ضرور ڏبو.

پنڻ : جهڙو تون سچو، تهڙو تنهنجو الله!

وتايو : سچو تون سچو سارو، الله آ سخي،
ڇڏ بڪ بڪ ميان، هڻ نه اجائي يخي.
(وتايو گڏهه تي چڙهي وڃي ٿو)

پنڻ : مان سچو آهيان؟ هيءُ ڇاٿو چوين وتايا؟ جي سچو هجان ها ته تنهنجي ماءُ کي رپيوڪيئن اُڌارو ڏيان ها؟ سچو ته تنهنجو الله آهي جو تنهنجي ڳالهه ئي نٿو ٻڌي، هڪ رپيو به تنهنجي اللهه کي ڪونهي جو ڪري تنهنجو قرج لاهي. واه ڙي وتائي جا الله واه!

وتايو : (آسمان ۾ هٿ کڻي) ٻڌين وينو نه منهنجا الله! هيءُ پنڻ مل پٽ منگتومل پٽ بيڪومل ٿو چوي ته تنهنجو الله سچو آهي. هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته تون سچو آهين؟ جي تون برابر هڪ رپيو به نٿو ڏيئي سگهين ته سچ پچ سچو چئبين. ماڻهو مونکي ورائي ويندا ته تنهنجي الله ڏينهن جو ڏيو ٻاريو آهي يعنيٖ مانتو ترڙ سچو آهي. پوءِ ته سچا الله تومان کهڙو آسرو؟ اڙي الله ڪڇين چونه ٿو؟ اي الله، توکي ته دنيا جو والي چوندا آهن، پوءِ به تنهنجا کيسا خالي؟ جي تنهنجا اهڙا حال رهيا ته پوءِ ڪيئن بادشاهي ڪندين؟ ڪيئن ماڻهو تو۾ اعتبار رکندا ته تون مشڪل ڪٺا آهين، تون دکين جا دکه ڪٽيندو آهين، تون گهرج وارن جي گهرج پوري ڪندو آهين؟ ڀلا آسمان ۾ تون ڪرين ڇا وينو؟ ڌرتيءَ تي به نظر ڪر ته تنهنجا بندا ڪيئن آهن؟ ڪيئن پنڻ مل جهڙا تنهنجي مذاق اُڏائي رهيا آهن. واه الله واه! مان ڪيو پيو تماشو ڏسين. اڙي جي رپين جي برسات نه وسائين ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ رپيو ته اُڇلي ڏي ته جيئن پنڻ مل پٽ منگتومل پٽ بيڪومل سمجهي سگهي ته منهنجو الله سچو ڪونهي.
(اتي ڳوٺ جي زميندار جو ڪمدار گلڻ خان اچي ٿو)

گلڻ : اڙي ڀائي، هتي وتايو فقير ڪير آهي؟

وتايو : ادا، اهو بدنصيب الله جو ڀٽيو مان آهيان. چئه، توکي به مون کان ڪو قرض وصول ڪرڻو آهي ڇا؟

گلڻ : نه الله لوڪ نه. مونکي ونڻو نه پر ڪجهه ڏيڻو آهي.

وتايو : ڇا ڏيڻو اٿئي؟ ڇو ڏيڻو اٿئي؟

وتايو : امان پر ڏسين تہ ويني تہ جڳہ هلي پيو. پٽر ۾ بہ ڪِوليءَ کي کاڌو پيو ملي،
رڳو الله ئي آهي جو آدم جي سنڀال ڪري ٿو.

نشان ڪو بہ ناهي زماني ۾ آدم جو
هزار ورهيہ لنگهي ويا جو مري ويو آدم.

پر جي پنڻ سيٺ اچي تہ ڪهڙو جواب ڏيانس؟

ماءُ : اُن کي چئج ، الله جڏهن ڏيندو تہ کيس سندس رپيو گهر ويني پهچائي ڏبو

ووتايو : (اچا گڏهہ تي ويهي هلڻ جي ڪري ٿو تہ پنڻمل اچي نڪري ٿو)
اڙي وتايا، ڪيڏانهن ٿو گڏهہ کي گهلي وڃين؟

پنڻ : ادل ٻئي وڃون ٿا الله جي ڳولها ۾.

وتايو : ڇا الله سنئين آسمان تان لهي هن ڌرتيءَ تي آيو آهي؟

پنڻ : اهو ڌرتيءَ کان مٿي ويو ئي ڪٿي آهي؟ لوچ تہ لهين لال؟

وتايو : مونکي لال ٻال نہ کپي. مونکي کپي رڳو هڪ رپيو، جو تنهنجي ماءُ مونکا

پنڻ : چانور وٺي ويئي آهي.
سو اهو رپيو پنڻ آيو آهين؟

وتايو : پنڻ؟ اڙي وتايا تون آهين ڪٿي؟ مان پنڻ نہ پر پنهنجي اوڌر اُڳاڙڻ آ
آهيان.

پنڻ : تنهنجو نالو ڇا آهي؟

وتايو : پنڻ مل.

پنڻ : تنهنجي پيءُ جو نالو؟

وتايو : منگتومل.

پنڻ : تنهنجي ڏاڏي جو نالو.

وتايو : بيکومل.

پنڻ : پوءِ تہ تون خانداني فقير چئبين. تون پنڻ، پڻهين منگتو ائون ڏاڏنهن ب

وتايو : ائون ڏنڏو پئسا گهري وٺڻ.
اسين سڀ آهيون پينو، الله اَ داتا
ڪر توبهہ زاري يار اڳيان، تي نہ وڃين ڪاٿا.
وري ٻڌو ڪون اٿئي تہ :-
جيئن راجا نند ۾، بيکہ ڪري ڪائي
جيئن ڏانور تار ۾ ، مري پاڻ پڇي.

پنڻ : ڏس وتايا، تون پاڙيءَ کان ٻاهر ٿو وڃين؟

وتايو : واه واه، سيٺ واه واه.
چوري نہ ڄاڻان،مال پرائو نہ ڇڏيان،

ماءُ : ادي هو پنڻ مل پساري آهي نہ؟

هيتل : هائو، سو ڇا ڳجاري ويو ڇا؟

ماءُ : نہ ادي اِئين ڪيئن ڳجاريندو. ڏنڊو مٿو آهي. آيو هو پنهنجو رپيو وشول ڪرڻ. چانور جو هن کان اوڌر تي آندا هئم.

هيتل : سو تو ڪيس رپيو ڏنو يا نہ؟

ماءُ : هائو ڏيئي ڇڏيومانس.

هيتل : ڪٿان آندو، اهو رپيو؟ ڇا وٽايو ڪمائي آيو آهي؟

ماءُ : وٽايو ائون ڪمائيندو؟ سو ڏيهہ ڏسندو.

هيتل : پوءِ تو رپيو آندو ڪٿان؟ گهر ۾ تہ ڪاريءَ وارا ڪکہ اٿس.

ماءُ : ادي وٽائي ٻاڏايو الله کي تہ هڪدم جميندار جو ڪمدار گلڻ خان اچي نڪتو.

هيتل : سو ڇا؟ اهو رپيو ڏئي ويو ڇا؟

ماءُ : ادي ڇا ٻڌايانءِ مانِ تہ ڏينهن ڏٺي جو قرجي ويس.

هيتل : تون وري ڪيئن قرجي وئينءَ؟

ماءُ : ٻڙي، اهو اجهو هيئن. ڪمدار ڳوٿري رپين جي ڀري وٽائي لاءِ ڪٽي آيو هو. جميندار ڪيس موڪلي هئي تہ ڪم آڻ.

هيتل : ڳوٿري رپين جي! واهہ! تون تہ سائوُ تي پئين؟

ماءُ : ادي ٻڌو ڪونہ اٿئي تہ ڳاهي سچي جو سچو. وٽائي هڪ رپيو ڪڍي باقي سڄي ٿيلهي واپس ڪري ڇڏيائين.

هيتل : چريو هو ڇا وٽايو؟

ماءُ : ٻڙي چرين کي ٻيا ڪهڙا سڱہ ٿيندا آهن؟ وٽائي جو چوڻ هو تہ هن الله کان صرف هڪ رپئي جو سوال ڪيو هو. ان ڪري ٻيا رپيا مونکي رکڻ جو حق ڪونهي. وري جڏهن گهرج ٿيندي، تڏهن الله ضرور مدد ڪندو.

هيتل : وڏياڳي آهين وٽائي ماءُ جو توکي اهڙو پٽ مليو آهي جنهنجو ڀڳوان ۾ ڀروسو آهي. هونءَ بہ چيو اٿن:-

ماندي ٿيءُ نہ مارئي، الله جو آهي،
سو ورهين جا ڏکڙا ٿو لحظي ۾ لاهي.
سو جنهن ماڻهوءَ جو من الله ۾ هوندو، سو ڪيئن ڪڏهن ڏکي ڳجاريندو.

ماءُ : ٻڙي، تنهنجي وات ۾ کنڊ!

توڙي وڃي روُم، ناهي نصيبان اڳرو،
ڏوڏي مٿان ٿوُم، لکئي لوح قلم ۾.

(سماپت)

گلڻ : ڳوٺ جي زميندار مونکي رهڻ جي ٿيلهي ڏني آهي ۽ چيو اٿائين ته هيءَ ٿيلهي وٺائي فقير کي ڏج ۽ کيس چئج ته اِها جيئن وڌيس تيئن ڪم آڻي.

ماءُ : ادا، ڏي مونکي اِها ٿيلهي.

وٺايو : نه يار نه. اِها ٿيلهي مون لاءِ آهي. مونکي ئي ڏي. ڀلا ماڻهو، تنهنجو نالو ڇا آهي؟

گلڻ : گلڻ خان- مان زميندار جو ڪمدار آهيان. هان هيءَ ٿيلهي وٺ.
(هو ٿيلهي ڏيئي هلڻ لڳي ٿو ته وٺايو چوي ٿو)

وٺايو : بيهه يار، گلڻ خان،زميندار صاحب کي منهنجو سلام ڏج. جڏهن وقت مليو تڏهن هن سان اچي گڏجندس. (ٿيلهيءَ مان هڪ رپيو ڪڍي ٿو ۽ باقي ٿيلهي واپس گلڻ خان کي ڏئي ٿو.)

وٺايو : مونکي رڳو هڪ رپيو کپي جو هن موذيءَ کي ڏيڻو آهي ۽ مون خدا کان گهريو به هڪ ئي رپيو هو. هان وٺ، سيٺ پنڻ مل پٽ منگتومل پٽ بيکومل پنهنجو رپيو وٺ.
(پنڻ مل رپيو وٺي ٿو)

وٺايو : ٻيو ٻڌ پنڻ مل
ڪري ڪوچ ويا سيئي سنسار مون،
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنت ڪيا،
گياني ڌياني، گرهستي، سامي پنڌ پيا،
سيئي غيبي ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ کي؟
پنڻ مل ٻڌاءِ منهنجو الله سچو آهي يا تون پينو آهين؟ اڙي هو اهڙو آهي جو لحظي ۾ ٿو دکه لاهي.
(پنڻ مل منهن پيلو ڪري وڃي ٿو. گلڻ خان به وڃي ٿو)

ماءُ : اڙي چريا وٺايا، هيءُ ڇا ڪيئه؟ گهر ۾ هيترا پئسا آيا ۽ تو سڀ واپس ڏيئي ڇڏيا؟

وٺايو : امان! اسان کي گهربو ته هڪڙو رپيو هو نه؟ پوءِ ٻيا رپيا ڇا ڪنداسين؟

ماءُ : گهر ڪيئن ٿيندو؟

وٺايو : جيئن ٿيو پئي آهي، تيئن ٿيندو.
چنتا سڀ چڪاءِ ته ٿين خاص خلوتي.
(وٺايو گڏهه تي چڙهي وڃي ٿو ۽ هيتل اچي ٿي)

هيتل : ٻڙي وٺائي ماءُ، هيءُ ڇاجو گوڙ هو؟